# سنڌ جا اسلامي درسگاهه



ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپور

مهراڻ پبليڪيشن

# سنڌ جا اسلامي درسگاهه

محمد جمن تالپر

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب، سنڌ ڪلاسڪس، صوبائي مهراڻ
ڪميٽي ۽ سنڌ ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ
پاران سردار پريس حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو

چاپ‌و : پهریون

تعداد : یک هزار

میاشت و سال : جون ۱۹۸۲ع

قیمت: څلوېښت روپیا

بسم الله الرحمن الرحيم
نحمده و نصلي علی رسوله الکريم

اها ڳالهه اسان سڀني جي علم ۾ آهي ته اسلام جو آغاز انهيءَ وقت ٿيو جڏهن آنحضرت محمد صلي الله عليه و آله و سلم جن تي چاليهن ورهين جي عمر ۾ ڌڻي تعاليٰ طرفان سڀ کان پهريون وحي نازل ٿيو، جنهن ۾ حڪم هو ”اقراءَ“ يعني ”پڙهه“ ۽ قلم جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪئي وئي ته سمورا علم انهيءَ وسيلي آهن:

ربک الاکرم الذي علم بالقلم علم الانسان مالم يعلم

يعني ته تنهنجو رب بزرگي وارو آهي، جنهن قلم جي وسيلي تعليم ڏني ۽ سيکاريو انسان کي، جنهن جي هن کي ڄاڻ نه هئي. علم اسلام جو بنيادي جز آهي ۽ اهو حاصل ڪرڻ هر مرد خواه عورت جو ڄڻ ته بنيادي فرض آهي. اهوئي سبب آهي ته اسلام جتي به پهتو، اتي نه رڳو ماڻهن جي دلين مان ڪفر، شرڪ ۽ بدعملي جي پاڙ پٽي، پر انهن جون دليون علم جي روشني سان منور ڪيون. سنڌ ۾ اسلام ۱۲ هجري ۾ آيو ۽ انهيءَ نسبت سان سنڌ کي ”باب الاسلام“ جو نالو مليو. جو هتان ئي برصغير جي ڪنڊڪڙڇ ۾ اسلام جو نور پکڙيو ۽ عام ٿيو.

سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ عربن سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهيو ۽ هتي جي عام ماحول ۾ ملي جلي هڪ ٿي ويا. نتيجي طور سنڌ جي حدن اندر هڪ نئين ۽ روشن معاشري جي اوسر شروع ٿي. مسجدون ۽ مدرسا قائم ٿيا، مسلمانن پنهنجا نوان شهر آباد ڪيا، ۽ گڏيل سماج ۾، اسلامي اقدار جي ترويج ڪئي ۽ عالم اسلام جا ڪيترائي معتبر ۽ معزز عالم سنڌ ۾ آيا، جن قرآن، فقه، حديث ۽ ٻين علوم جي تعليم ڏيهي ماڻهن کي ڏني ۽ سنڌ جي ماڻهن کي اهو اعزاز رهيو آهي جو هنن انهي علم ۾ ايڏي مهارت حاصل ڪئي، جو هو خود دنيائي اسلام جي برک عالمن ۾ شمار

ٿيا، جن ۾ ابومعشر سنڌي، شيخ الاسلام عبدالله بن عمرو امام اوزاعي، حافظ ابو محمد سالم سنڌي، ابو عبدالملڪ محدث سنڌي، ابو علي سنڌي، ابو اسحاق ابراهيم سنڌي موصلي قابل ذڪر آهن، ۽ اڄ تائين انهن جو نالو اسلامي دنيا ۾ مشهور ۽ عام آهي. اهي سڀ هستيون سنڌ جي اسلامي دور جي ابتدا ۾ سنڌ جي مڪتبن ۽ مدرسن مان تعليم حاصل ڪري ڪنهن نه ڪنهن طرح سان عرب دنيا ۾ پهتا ۽ اتي پنهنجي پنهنجي علم سان اسلام جي خدمت ڪيائون ۽ پنهنجي علم کي عام ڪيائون.

سنڌ ۾ اهو سلسلو نهايت طويل رهيو آهي. تاريخ جي ورقن ۾ ٺٽو پنهنجي عروج واري زماني ۾ علم ۽ فضل جو مرڪز هو. سون جي تعداد ۾ مدرسا ديني تعليم ڏيڻ ۾ مشغول هئا. اهي ئي مدرسا هئا جتان مخدوم ابوالقاسم نقشبندي، مخدوم محمد معين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، خواجه محمد زمان لواري وارو ۽ اهڙا پيا ڪيئي عالم سنڌ جي علم جي افق تي سج بڻجي اڀريا ۽ سندن تصنيفون دنيائي اسلام ۾ اڄ به معتبر ۽ معزز تصور ڪيون وڃن ٿيون ۽ اسلامي دنيا جي مدرسن جي نصاب جو حصو آهن. ان کان سواءِ، انگريزن کان، ٽالپور اميرن جي زماني ۾ سنڌ اندر مقامي تعليمي سلسلو ڪافي وڏي پيماني ۾ جاري هو. سيوهڻ، ڏيرپٽ، کهڙا، مٽياريون، ولهار ۽ چوٽياريون اعليٰ تعليم جا مکيه مرڪز هئا، جتي جي درسگاهن کي ١٩ صدي واري انگلنڊ جي تعليمي نظام جي لحاظ سان ’ڪاليجن‘ واري حيثيت حاصل هئي.

اڄ جي دور ۾ جيڪڏهن اسان تاريخي تواتر سان سنڌ ۾ ديني مدرسن جي تاريخ تي نظر ڪنداسين ته اسان کي ڪيترائي اهڙا مدرسا نظر ايندا جيڪي خالص اسلامي تعليم جي ترويج ۾ مشغول آهن، مثلاً پرچوندي، ٽيڙهي، پير جهنڊي، پير جي ڳوٺ ڪڏي وارا مدرسا اسان جي علمي ۽ ديني تاريخ ۾ ته اهم آهن، پر هتان سنڌ جي اهڙن پين مدرسن جو بنياد پيو، جن سنڌ جي

ماڻهن کي جديد تعليم جي زيور سان سينگاريو ۽ انهن مدرسن مان پاڪستان جي تحريڪ ۽ آزادي جي جدوجهد جا اڳواڻ آيريا. قائد اعظم سنڌ مدرسه الاسلام ۾ پنهنجي ابتدائي تعليم حاصل ڪئي. نوشهري ۽ ٽنڊي باگي جي مدرسن سنڌ جي ذهين ماڻهن جي تربيت ڪئي. سنڌ جي تاريخ جي سمورن شعبن جي فعال شخصيتن کي تعليم ڏني.

ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپور جو زير مطالع ڪتاب انهيءَ تاريخي پس منظر ۾ پڙهڻ ۽ ڏسڻ گهرجي، جيڪو سنڌ پراونشل هجره ڪميٽي طرفان، پندرهين صدي هجري جي افتتاحي جشن جي يادگار طور شايع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ اندر اسلامي تعليم ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ جن مدرسن، معلمن ۽ مصنفن نمايان خدمت انجام ڏني آهي، تن جو سلسليوار جائزو ورتو ويو آهي. جيئن ته سنڌي اشاعت ۾ اها پهرين ڪوشش آهي، تنهنڪري مصنف ۽ ڪميٽي مبارڪباد جا مستحق آهن. ليڪن اهو چوڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي ته هي ڪتاب سنڌ ۾ ٿيل اسلامي خدمتن جو هڪ مختصر جائزو آهي. انهيءَ ڏس ۾ اڃا به وڌيڪ تفصيل سان ڪم ڪري سگهجي ٿو، جيڪو هڪ سجاڳ قوم جي حيثيت سان اسان تي فرض عائد ٿئي ٿو.

هن قسم جي ادبي ۽ تاريخي تحقيق ۽ انهن جي اشاعت ۾ ڪوشش وٺڻ فقط حڪومت جو ڪم ناهي، پر عام ماڻهو، عالم ۽ اديب پنهنجي مختصر امداد ۽ مصروفيت مان ڪجهه وقت هن ڏس ۾ صرف ڪرڻ سان به قومي خدمت ۾ هٿ ونڊائي سگهن ٿا.

آءٌ سنڌ پراونشل هجره ڪميٽي ۽ اداره سنڌ ثقافت کي هن قابل قدر يادگار تصنيف شايع ڪرڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو.

**جسٽس سيد غوث علي شاهه**

ڪراچي ٢٠ مئي ١٩٨٢ع — وزير تعليم ثقافت، رانديون ۽ قانون
حڪومت سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

# تعارف

صدين کان وٺي سنڌ جي هر پهلو تي گهڻو ڪجهه لکيو پئي ويو آهي. انهي سلسلي ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن پاڻ موکيو آهي. هڪ طرف سياحن، مورخن ۽ وقائع نويسن، ته ٻئي پاسي عالمن ۽ اُستادن، شاعرن ۽ اديبن پنهنجي وس آهر علم جي هر شعبي ۾ پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا قلمبند ڪيا، ۽ سنڌ متعلق بي انداز مواد تحرير ڪيو. انهي ڪري سنڌ کي ”علم جو ڀنڊار“ چئو وڃي ته بيجا نه ٿيندو.

مون کي پنهنجي شاگردي توڙي تدريسي دور ۾ سالن کان وٺي پنهنجي قابل قدر اُستادن جي حاضري ۽ صحبت ۾ رهڻ جو موقعو مليو. سندن صحبت جي اثر منهنجي دل ۾ پڻ پنهنجي وطن متعلق تصنيف ۽ تاليف جو جذبو جاڳايو. هي ڪتاب ”سنڌ جا اسلامي درسگاه“ انهي جذبي جي نتيجي ۾ تاليف ٿي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

جيئن ته اڳين عالمن ۽ بزرگن ڪوبه اهڙو موضوع نه ڇڏيو هو، جنهن تي نه لکيو ويو هجي. انهي ڪري منهنجي لاءِ موضوع جو انتخاب نهايت ئي مشڪل مرحلو ثابت ٿيو. چاڪاڻ ته فقط انهي عنوان تي جستجو ڪري سگهبي جيڪو دلپسند هجي، ڪنهن نه ڪنهن واسطي سان اهو لاڳاپيل هجي، يا عقيدت جي وابستگي هجي. سرزمين سنڌ جي نسبت سان روزمره جي لاڳاپن کان وٺي عقيدتمندي تائين، منهنجي ذهن تي فقط حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح ۽ ڪلام جو ايتري قدر قبضو رهيو، جو اُن کان ٻاهر نڪرڻ منهنجي لاءِ تقريباً ناممڪن هو؛ ۽ آءٌ يقين سان چوان ٿو ته شاه لطيف جو اثر هر سنڌي جي ذهن تي انهي حد تائين ڇانيل رهي ٿو، جو منهنجو مثال ته انهن آڏو

ڪا حيثيت نٿو رکي. انهي ڪري قدرتي طور منهنجي اندر ۾ لطيف گهوٽ جي تعليمي فلسفي تي جامع مقالي لکڻ جي سڪ سالن تائين سلامت رهي.

پر جيئن ته منهنجو تعلق جامعه سنڌ جي تدريسي شعبي سان آهي، تنهنڪري جڏهن آءٌ "شاه لطيف جي تعليمي فلسفي" جو موضوع پي. ايچ. ڊي جي لاءِ پنهنجي اُستاد محترم مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ منظور ڪرائڻ لاءِ ڪئي ويس، تڏهن نهن پهه جواب ڏنائين ته "پاڻ کي جيٽري چو ٿو دفنائين، ڪم ڪئن ۾ منزل دور آهي. انهي ڪري سڪ جو سودو سٺو آهي، ٻيو ڪو عنوان کڻ!" مون کين عرض ڪيو ته "منهنجو لاڙو تعليم سان واسطو رکندڙ پهلو ڏانهن آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيترن سالن کان اهو مضمون پڙهائيندو رهيو آهيان." منهنجي ڳالهه ٻڌي مولانا صاحب جن حڪم ڪيو ته: ڀوه "سنڌ جون قديم درسگاهون" جي موضوع تي تحقيق ڪريو! جيڪو مون بسر و چشم قبول ڪيو.

آءٌ مولانا صاحب جن کان موڪلائي سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ آيس ۽ اُستاد محترم جناب ڊاڪٽر قاضي محمد علي صاحب سان مشورو ڪيم. جن فرمايو ته "خيال نيڪ آهي، پر ڪم رولڙي وارو آهي. ڏاڍو سٺو ٿيندو جيڪڏهن انهي مقالي تي تحقيق جاري رکي مڪمل ڪريو."

يونيورسٽي مان داخلا فارم وٺي مولانا قاسمي صاحب جن کي پُر ڪري ڏنم ته فرمايائون ته: سنڌ جي اسلامي درسگاهن جو هر دور جو مواد ملي سگهي ٿو، پر ڪم ڇڙوڇڙ آهي، اوهان کي "چونڊيو" ڪرڻو پوندو.

بسم الله ڪري توڪل جو ترهو ٻڌي تحقيق شروع ڪيم. پنهنجي روزمره جي ڊيوٽي کان سواءِ زماني جي ٻين اڻ ڳر مصروفيتن ۾ ڪمن جي باوجود روزانو ٿورو ڪي گهڻو مواد هٿ ڪندو رهيس. جيتوڻيڪ اول پتڻ به ڏاڍي ڪرڻي تي پئي، جيڪا

قائم ڪيل درسگاهن ۽ مدرسن ۽ انهن ۾ درس تدريس جي طريقن جو اوائلي دور کان وٺي اڄ ڏينهن تائين تفصيل سان بيان ڪيو آهي. پر ڪٿي ڪٿي احوال نه ملڻ جي صورت ۾ مختصر ذڪر ڪيو اٿم.

هي مقالو ڏهن بابن ۾ لکيل آهي. پهريون باب سنڌ جي جاگرافي، سماجي ۽ سياسي صورتحال لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي، ۽ ٻين نون بابن ۾ مختلف دورن جي عالمن ۽ درسگاهن جو ترتيب وار ذڪر ڪيل آهي.

مولانا دين محمد وفائي جي ڪتاب ”تذڪره مشاهير سنڌ“ جو مهاڳ منهنجي نظرن مان گذريو، جنهن ۾ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي جن جي ارشاد موجب ته ”ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو سنڌ جي عالمن جون حياتيون ڪٺيون ڪيون وڃن“، مون صرف عالمن جون سوانح عمريون گڏ نه ڪيون آهن، پر سنڌن درس تدريس جي سلسلي کي پڻ قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خصوصاً اوائلي اسلامي دور جي عالمن ۽ درسگاهن جو احوال وڏي جاکوڙ کان پوءِ جناب مولانا قاسمي صاحب جن اسماء رجال جي مجموعن، عربي تاريخن ۽ تذڪرن مان هٿ ڪري ڏنو ۾ مدد ڪئي.

آخر ۾ آءٌ حڪومت سنڌ جي محڪمه ثقافت جي ڊئريڪٽر جناب عبدالحميد آخوند جو ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجي ڊپارٽمينٽ طرفان هن مقالي کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ منتخب ڪيو.

مون کان جيترو ممڪن ٿي سگهيو آهي، هن تحقيقي مقالي جي هر گوشي تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها ڳي اميد آهي ته، سنڌ جي علمي احوال جا شائق هن مقالي مان چڱو لاڀ پرائيندا.

ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.

حيدرآباد سنڌ — محمد جمن ڏاهپر

# عنوانن جي فهرست

**باب پهريون**

سنڌ ۽ ان جو تاريخي ۽ سياسي پس منظر ١٧

**باب ٻيو**

سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن جو مختصر جائزو ٢٥

**باب ٽيون**

اسلام کان اڳ واري دور ۾ سنڌ جو علم ادب ٣١

**باب چوٿون**

دنيا ۾ اسلام جو ظهور ٤٠

مسجد نبوي- اسلام جو پهريون درسگاه ٤٥

اسلام ۾ تعليم جو رجحان ۽ علوم اسلاميه جي
تبليغ ۽ اشاعت ٤٧

قرآن، تفسير، حديث ۽ فقه ٥٠

قرآن شريف جي ترتيب ۽ تربيت ٥١

قرآن مجيد جي تاريخي حيثيت ٥٢

قرآن شريف جو ادبي مقام ٥٢

اميه دور ۾ اسلامي علوم جو دنيا ۾ ڦهلجڻ ٥٣

حديث ۽ فقه (حديث نبوي ۽ قانون

شريعت جو مرتب ٿيڻ ٦١

عباسي دور ۾ اسلامي علمن جي نشونما ٦٥

چٽسالي ٧٦

عباسي دور ۾ خوشخطي جو فن ٧٧

موسيقي ٧٩

**باب پنجون**

(الف) سنڌ ۾ عربي حڪومت جو قيام ٨٢

قديم تعلقات ٨٢
سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جو بنياد ٨٣
(ب) عربي دور حڪومت ۾ اسلامي علوم جي
اشاعت ۽ سنڌ ۾ عربي ٻولي جو اثر ٨٧
(ج) سنڌ متعلق قديم عرب سياحن جا بيان ٩٢
(د) عربي دور حڪومت ۾ اسلامي درسگاه ٩٥
ديبل
ابو جعفر محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبلي ٩٩
ابراهيم بن محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبلي ١٠٠
ابوالقاسم شعيب بن محمد ديبلي ١٠٠
خلف بن محمد موازيني ديبلي ١٠٠
ابو العباس محمد بن محمد بن عبدالله وراق ديبلي ١٠١
ابو العباس احمد بن عبدالله بن سعيد ديبلي ١٠١
علي بن موسيٰ ديبلي ١٠٢
اروڙ ١٠٢
اروڙ واري درياءُ جي سير وارا پٿر ١٠٣
شيخ محمود قطب ١٠٥
چنو امرائي ١٠٥
قاضي ستابو ١٠٦
المنصوره ١٠٦
ابو محمد عبدالله بن جعفر بن سرت منصوري المقري ١٠٨
قاضي محمد بن ابي شوراب جو مدرسو ١٠٩
ابو العباس احمد بن محمد بن صالح بن تميمي ١٠٩
قاضي ابو محمد جو مدرسو ١١٠
احمد بن محمد قاضي منصوري ١١٠
ملتان ١١٠
هارون بن عبدالله ملتاني ١١٣
جعفر، لقب المؤيد من السماء ١١٣

الشيخ الڪبير بهاءالحق والدين شيخ بهاءالدين زڪريا ۱۱۳
شيخ رڪن‌الدين جي درسگاه ۱۱۸
شيخ صدرالدين ثاني ۱۱۸
شيخ عمادالدين جو مدرسو ۱۱۸
فضلي ۱۱۹
مخدوم حسام‌الدين جو مدرسو ۱۱۹
سعيد قريشي ۱۱۹
احمد بن زين ملتاني جو مدرسو ۱۱۹
شيخ اصلاح‌الدين ملتاني ۱۲۰
شيخ فضل بن محمد ملتاني ۱۲۰
آچ ۱۲۰
شيخ صفي‌الدين ڪبير گاذروني ۱۲۱


## باب ڇھون


سومرن جي صاحبي ۾ اسلامي درسگاه ۱۲۲
بکر ۱۲۸
قاضي صدرالدين (قاضي ابوحنيفه بکري) ۱۳۲
مولانا برھان‌الدين بکري ۱۳۳
سيد احمد بخاري بکري جي درسگاه ۱۳۳
مولانا صدرالدين بکري جي درسگاه ۱۳۳
محمد خطيب صدرالدين بن محمد مڪي جو
علي واھڻ وارو مدرسو ۱۳۴
سيد علي بن محمد بکري ۱۳۴
مولانا ظهيرالدين بکري ۱۳۵
شيخ نوح بکري جو مدرسو ۱۳۶
ابو اسحاق ابراهيم سنڌي موصلي ۱۳۶
قاضي فصيح‌الدين لاھري ۱۳۸
سيوستان ۱۳۸

اگهم ڪوٽ ۱۴۱
مخدوم نورالله جو مدرسو ۱۴۲
سيف‌الدين گزنوري جو عربي مدرسو ۱۴۲
مخدوم عبدالله جو مدرسو ۱۴۲
مخدوم فاضل شاه جو مدرسو ۱۴۳


## باب ستون


سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ اسلامي درسگاه ۱۴۴
بوبڪ ۱۴۹
حڪيم محمد عثمان بوبڪائي ۱۵۳
ڪاهان (ڪاهو) ۱۵۴
ٺٽي جي درسگاه ۽ مخدوم بلال ۱۵۵
پاٽ ۱۵۷
شيخ شهاب‌الدين سهروردي پاٽائي ۱۵۷
شيخ طيب سنڌي پاٽائي ۱۵۸
شيخ قاسم سنڌي پاٽائي ۱۵۹
شيخ مبارڪ پاٽائي ۱۵۹
محدث طاهر بن يوسف پاٽائي ۱٦۱
مخدوم شهاب‌الدين واصل سنڌي ۱٦۱
بيبي جمال خاتون سيوستاني ۱٦۲
هالڪنڊي (هالا) ۱٦۲
مخدوم عربي ڏيائي جي درسگاه ۱٦۳
مخدوم نوح رحه ۱٦۴
مخدوم عبدالله پٽي ۱٦۵
پٽي جامع مسجد جو مدرسو ۱٦۵
ساموئي (مڪلي جي پرسان) ۱٦۷
شيخ حماد جي درسگاه ۱٦۷
مڪلي ٽڪري ۱٦۹
ٺٽو ۱۷۰

قاضي محمد جي درسگاه ۱۷۱
ڳوٺ مراد اوٺي جي درسگاه ۱۷۱
جامع مسجد جي درسگاه ۱۷۲
سيد يعقوب شاه ۽ سيد اسحاق جي درسگاه ۱۷۲
سيد احمد ۽ سيد محمد جي درسگاه ۱۷۳
سيد علي ثاني جي درسگاه ۽ خانقاه ۱۷۳
مخدوم حامد جي درسگاه ۱۷۴
قاضي قادن ۱۷۴
مولانا جلال الدين ٺٽوي جي درسگاه ۱۷۵
مفتي محمد يونس جي درسگاه ۽ خانقاه ۱۷۵
شيخ طيب جي درسگاه ۱۷۶
ميرڪ شيخ محمود جي درسگاه ۱۷۶
شيخ صدرالدين جي درسگاه ۱۷۸
مخدوم متنو جي درسگاه ۽ خانقاه ۱۷۸
مخدوم فضل الله جي درسگاه ۱۷۹
علامه يونس سمرقندي جي درسگاه ۱۸۰
قاضين جي درسگاه ۱۸۰
ميان وجيه سنڌي جي درسگاه ۱۸۱
علامه محمد ٺٽوي ۱۸۲
قاضي محمود جي درسگاه ۱۸۳
سيوهڻ ۱۸۴
مخدوم شرف الدين جي درسگاه ۱۸۸
ٻرلوه جي درسگاه ۱۸۵
قاضي ابوسعيد جي درسگاه ۱۸۵
مير عبدالله جي درسگاه ۱۸۶
بکر جي درسگاه ۱۸۶
مولانا ضياءالدين جي درسگاه ۱۸۶
روهڙي ۾ مير عبدالباقي جي درسگاه ۱۸۷

ريل جي درسگاهه ١٨٧
ملا اسحاق بکري ١٨٨
شاهه حسين جي درسگاهه ١٨٨
شاهه قطب الدين جي درسگاهه ١٨٨
شاهه جهانگير جي درسگاهه ١٨٩
شاهه خيرالدين جي خانقاهه ۽ درسگاهه ١٨٩
مولانا مصلح الدين جو مدرسو ١٩٠
حافظ رشيد خوشنويس ١٩٠
سيد حسن خوشنويس ١٩٠
مخدوم الياس خوشنويس ١٩١
سيد رحمت الله ١٩١
سيد علي ١٩١
ميان شيخ محمد ١٩١
شيخ محمد پناهه ١٩١
ملا عبدالرشيد ١٩١
محمد مقيم ١٩١
ملا محمد صوفي ١٩٢
مير طاهر محمد نسياني ١٩٢
شجاع ٺٽوي ١٩٢
نصرپور ١٩٣
قاضي مسعود جي درسگاهه ١٩٧
مخدوم ميتيدني جو مدرسو ١٩٧
دربيلو ١٩٧
قاضي عثمان جي درسگاهه ١٩٨
شيخ متقي جو مدرسو ١٩٨


## باب اٺون


ڪلهوڙن جو دور ٢٠١
نواب سعدالله خان بکري جي مسجد وارو مدرسو ٢٠٦

| | |
|---|---|
| نواب سيد دينڊار خان جو مدرسو | ٢٠٦ |
| شاهجهاني مسجد وارو مدرسو | ٢٠٦ |
| شيخ عمر جو مدرسو | ٢٠٩ |
| ملا احمد ؒ سنديس درسگاه | ٢٠٩ |
| مخدوم ابوالقاسم درس جي درسگاه | ٢١٤ |
| ابوالحسن ڪبير سنڌي ؒ سندس مدرسة الشفا | ٢١٦ |
| مخدوم محمد معين ٺٽوي | ٢٢٠ |
| شيخ محمد حيات سنڌي ثم مدني | ٢٢٣ |
| شاه عبداللطيف ڀٽائي جو روحاني مدرسو | ٢٢٦ |
| مير علي شير قانع ٺٽوي | ٢٢٨ |
| مخدوم محمد زمان لنواري وارو | ٢٢٩ |
| مخدوم ضياء الدين ٺٽوي جي درسگاه | ٢٣٠ |
| مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | ٢٣١ |
| مدرسه هاشميه ٺٽو | ٢٣٨ |
| ابوالحسن ڏاهري جو مدرسو سن ساوڙي | ٢٣٩ |
| مولوي عبدالخالق ٺٽوي | ٢٤٠ |
| ابوالحسن صغير | ٢٤١ |
| ملا احمد ٺٽوي | ٢٤١ |
| محمد فاضل سنڌي | ٢٤١ |
| مخدوم ابوبڪر هالائي | ٢٤٢ |
| ملا اسحاق بکري | ٢٤٢ |
| مير ابوالمڪارم شهود ٺٽوي | ٢٤٣ |
| مير ابوالبقا امير خان ٺٽوي | ٢٤٣ |
| ابوالفتح ٺٽوي | ٢٤٤ |
| مير اسدالله بکري | ٢٤٤ |
| مير امين الدين خان حسين ٺٽوي | ٢٤٥ |
| ميان ابوالبقا ٺٽوي | ٢٤٥ |
| سيد ابوالقاسم شڪرالاهي ٺٽوي | ٢٤٥ |

حاجي قائم شڪارپوري ٢٤٦
مخدوم روح‌الله بکري ٢٤٦
مخدوم احمد ڪتابي ٺٽوي جو مدرسو ٢٤٧
سونڊا جون علمي، ادبي ۽ روحاني درسگاهون ٢٤٧
ملا بايزيد جي درسگاه ٢٤٨
ڪڪراله ٢٤٩
مخدوم جلال محمد جي درسگاه ٢٤٩
قاضي قطب‌الدين ٢٤٩
حاجي قائم‌الدين ٢٥٠
شيخ رحمت‌الله ٢٥٠
ملا آجب ٢٥٠
مخدوم فضل‌الله جي درسگاه ٢٥١
صابر سومرو ٢٥١
مخدوم صدرالدين راهوٽي جو مدرسو ٢٥١
مولانا ضياءالدين راهوٽي جو مدرسو ٢٥١
شيخ عبداللطيف جي درسگاهه ٢٥٢
مخدوم حسن هرپره جو دائري ۾ مدرسو ٢٥٢
حيدرآباد ٢٥٢
شڪارپور ۾ فقيرالله علوي جي درسگاه ٢٥٢
فقيرالله علوي جا استاد ٢٦٣
مٽياري ٢٦٧


## باب ناڻون


ٽالپرن جو دور ٢٧٣
مير ڪرم‌علي خان ”ڪرم“ ٢٨٢
مير مراد علي خان ”علي“ ٢٨٣
مير صوبدار خان ”مير“ ٢٨٤
مير حسين‌علي خان ٢٨٥

| | |
|---|---|
| نواب ولي محمد خان "ولي" | ٢٨٦ |
| نواب علي محمد خان "علي" | ٢٨٧ |
| سيوهڻ | ٢٨٨ |
| مخدوم عبدالواحد (قاضي محمد احسان) جي درسگاه | ٢٨٨ |
| سيوهڻ جي صديقي درسگاه | ٢٩١ |
| ثابت علي شاه | ٢٩٢ |
| شيخ محمد حسين سوهائي | ٢٩٤ |
| مخدوم محمد عارف سوهائي جي درسگاه | ٢٩٥ |
| شيخ محمد عابد انصاري | ٢٩٦ |
| مخدوم محمد عارف جو مدرسو | ٣٠١ |
| مخدوم محمد مراد علي سيوهائي | ٣٠٢ |
| خوش نويس ۽ خطاط | ٣٠٢ |
| محمد شفيع سيوهائي | ٣٠٢ |
| غلام حسين سيوهائي | ٣٠٣ |
| شرف الدين خطاط | ٣٠٣ |
| فيض محمد خطاط | ٣٠٣ |
| محمد وارث سيوهائي | ٣٠٣ |
| سيد لطف علي شاه خطاط | ٣٠٣ |
| دائري جي درسگاه | ٣٠٤ |
| دائري جي تاريخي اهميت | ٣٠٦ |
| سيد علي محمد شاه جي تعليم ۽ استاد | ٣٠٩ |
| درسگاه جي خدمت | ٣١٥ |
| سيد علي محمد شاه جون تصنيفون | ٣١٥ |
| کهڙن جي درسگاه | ٣١٦ |
| مخدوم احمدي | ٣١٩ |
| مخدوم محمد عاقل | ٣٢٠ |
| مخدوم ميان ضياءالدين | ٣٢١ |
| مخدوم عبدالخالق | ٣٢٢ |

مخدوم محمد عاقل ثاني ٣٢٣
گهوڙڪي ۾ جيلاني سادات جي درسگاه ٣٢٥
سيد عبدالخالق جيلاني ٣٢٥
سيد محمد عابد جيلاني ٣٢٦
سيد محمد مبارڪ جيلاني ٣٢٦
سيد فيض‌الله شاه جيلاني ٣٢٧
سيد محمد صالح شاه جيلاني ٣٢٧
سيد ڪرم‌الله شاه جيلاني ٣٢٨
سيد محمد مبارڪ ثاني ٣٢٨
سيد موسيٰ شاه جيلاني ٣٢٩
سيد محمد صالح اصغر جيلاني ٣٢٩
سيد مبارڪ شاه اصغر جيلاني ٣٢٩
ڪتبارن جي درسگاه ٣٣٠
ميان محمد حيات ڪتباري ٣٣٣
ميان محمد حسن ڪتباري ٣٣٤
ميان محمد اڪرم ڪتباري ٣٣٥
پير ڳوٺ جي روحاني درسگاه ٣٣٥
پير محمد راشد روضي ڌڻي ٣٣٥
پير سيد صبغةالله شاه ٣٣٧
پير علي‌گوهر شاه ”اصغر“ ٣٤١
خواجه گل محمد لواري واري جي درسگاه ٣٤٢
خواجه محمد زمان ثاني ٣٤٤
قاضي محمد شڪارپوري جي درسگاه ٣٤٧
ملا صاحبڏنو شڪارپوري ٣٤٨
ملا اويس شڪارپوري ٣٤٩
مخدوم محمد صالح لڪوي ٣٤٩
محمد عارف شڪارپوري ٣٥٠
سيد فخرالدين علوي ٣٥١

خواجه نظام‌الدين مجددي ٣٥١
آخوند محمد بچل ”انور“ متياريون ٣٥٤
مخدوم محمد عارف سنائي جو سن ۾ مدرسو ٣٥٤
مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي جي هاشميه درسگاه ٣٥٥
مولانا عبدالڪريم گنجه جو قلجي ۾ مدرسو ٣٦٠
قاضي احمد علي سنڌي جي مٺڻ ڪوٽ واري درسگاه ٣٦٠
قاضي محمد عاقل سنڌي ٣٦١
خواجه قاضي احمد دمائي ٣٦١
حافظ محمد حيات ٣٦٣
سيد رستم علي بکري رامپوري ٣٦٣
حافظ عبدالوهاب فاروقي عرف سچل سرمست ٣٦٥
شاه عبدالرحمان سنڌي لکنوي ٣٦٧
ڪنڀارن جي درسگاه ٣٧٠
مولانا عبدالغني ڪڏهري ٣٧١
مولانا قاضي محمد ابراهيم ميرپوري جي درسگاه ٣٧١
مولانا محمد علي سنڌي جو مڪڏ جو مدرسو ٣٧٢
مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جي ڪنڊي واري درسگاه ٣٧٣
مولانا عبدالرؤف جي مراد گوٺ واري درسگاه ٣٧٤
خليفي محمود جي ڪڙيي واري درسگاه ٣٧٥
مخدوم عبدالڪريم ٺٽوي ٣٧٦
مفتي محمد صاحب پيرائي جي پير گوٺ ۾ درسگاه ٣٧٧
خليفي محمد يعقوب همايوني جي درسگاه ٣٨٠
پير محمد ياسين راشدي جهنڊي وارو ٣٨١
مخدوم محمد يوسف کنياري واري جي درسگاه ٣٨٣
قاضي محمد عثمان لاڙڪاڻي وارو ٣٨٣


## باب ڏهون


انگريزي دور جون اسلامي درسگاهون ٣٨٥
مدرسه مظهرالعلوم العربيه ولهيت ٣٩٢

پرمي ڳوٺ (شهدادڪوٽ) واري درسگاه ٣٩٥
چوٽيارين جي درسگاه ٣٩٦
شهداد ڪوٽ ٣٩٨
مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ٤٠١
مولوي محمد علي ”طالب“ ٤٠٢
قاضي سيف الله جي ٽنڊي قيصر واري درسگاه ٤٠٢
قاضي ميان محمد خانواهڻ واري جي درسگاه ٤٠٣
قاضي ميان عبدالرحمان جي ڪوٽڙي ۾ درسگاه ٤٠٤
نورنگ واه ٤٠٥
همايون ٤٠٩
پاٽ ۾ مخدوم فضل الله پاٽائي جي درسگاه ٤١١
مخدوم حسن الله پاٽائي صديقي ٤١٤
مولانا محمد شفيع صديقي پاٽائي ٤١٦
محمود صديقي پاٽائي جي درسگاه محموديه ٤١٧
مولوي محمد عثمان جي ڪاهي راهو واري درسگاه ٤١٩
مدرسو دارالفيوض سونو جتوئي ٤٢٠
حڪيم تاج محمد ”مشتاق“ ٤٢١
مائي فاطمه لاکير جي درسگاه ٤٢٢
مهيسرن جو مدرسو ٤٢٣
قاضين جي درسگاه ٤٢٣
پيرزادن جي درسگاه ٤٢٣
قلپوٽن جو مدرسو ٤٢٤
مدرسو عربي اسڪول، شڪارپور ٤٢٤
مدرسو مظهرالعلوم کڏه ڪراچي ٤٢٥
درسگاه دارالفيض ڪور سليمان ٤٢٧
علي خان (قنبر) جو ارشاد العلوم ٤٣٠
درسگاه ميرپور پٺو تعلقو رتوديرو ٤٣٢
مخدوم عبدالله ولهاري جي ڪنڀري واري درسگاه ٤٣٤

پير سيد حزب‌الله شاه راشدي ٤٣٥
مولانا محمد حسن قريشي جو مسجد مائي خيري
حيدرآباد وارو مدرسو ٤٣٦
سيد ميران محمد شاه اول جو ٽکڙ ۾ مدرسو ٤٣٨
حافظ اسدالله شاه ٽکڙائي ٤٣٩
مولوي عبدالرحمان سکر واري جي درسگاه ٤٤٠
مفتي صاحبداد: جامعه راشديه پير جو ڳوٺ ٤٤١
ٺلاه شريف جي درسگاه ٤٤٢
مولانا عبدالوهاب بوبڪائي جو مدرسو ٤٤٣
سيتا شهر ۾ صديقي درسگاه ٤٤٤
حافظ محمد يوسف جو ٽکڙ وارو مدرسو ٤٤٤
مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي جي درسگاه ”نورمحمديه“ ٤٤٥
مولانا محمد آگري جي ڳوٺ واري درسگاه ٤٤٦
مولوي عبدالله ٽيٽائي جي درسگاه ٤٤٧
درسگاه فيروز شاه ٤٤٧
ڳوٺ سومرائي وارو مدرسو ڪنزالعلوم ٤٤٩
مدرسه مدينة العلوم، پيڙيو ٤٤٩
مدرسو مولوي جهان خان پٺاڻ، شڪارپور ٤٥١
پير هدايت‌الله راشدي ٺلاهي جو مدرسو ٤٥١
مدرسہ عاليہ دارالرشاد پير جهنڊو ٤٥٢
مدرسہ قاسم العلوم، گهوٽڪي ٤٥٥
مولانا حاجي محمد هالائي جو مدرسو محمديہ ٤٥٥
مدرسہ محمديہ، هالا پراڻا ٤٥٧
مولانا محمد اسماعيل سومري فيروزشاهي جي درسگاه ٤٥٨
مولوي ميان پير محمد جو ٺٽي قيصر وارو مدرسو ٤٥٩
مولانا حاجي الاهي بخش جي صفر لاکير واري درسگاه ٤٥٩
مدرسہ احرار الاسلام، ڪراچي ٤٦٠
مدرسہ شمس العلوم دليل پور، جيڪب‌آباد ٤٦٠

مدرسه دارالفيوض هاشميه، سجاول ٤٦١
مولانا محمد ملوڪ جو مدرسو ٤٦٣
مدرسه نورالهديٰ، ڳوٺ باگڙجي، ضلعو سکر ٤٦٣
مدرسه قاسم العلوم، ٽريچاڻي، سکر ٤٦٤
مولانا عبدالرحمان سيمڻ جي درسگاه، شڪارپور ٤٦٤
مدرسه دارالفيوض، لاڙڪاڻو ٤٦٥
مدرسه دارالسلام، ڳوٺ مولوي سراج الدين، جيڪب آباد ٤٦٦
درسگاه دارالقران عربيه، ميهڙ ٤٦٦
مولانا قاضي نظرمحمد ديهاتي جي درسگاه ٤٦٦
مولانا عبدالرحمان فيروزشاهي جو فيروزشاه ۾ مدرسو ٤٦٧
ڳڙهي ياسين جي درسگاه ٤٦٨
مولانا محمد پنوي، دارالفيوض هاشميه، سجاول ٤٧٠
جامعه دارالهديٰ، حبيب آباد (نيڙهي) ٤٧١
قاضي فتح محمد نظاماڻي ۾ موري منگر جو مدرسو ٤٧٣
شڪارپور جي علوي درسگاه ٤٧٥
مخدوم الهه بخش کهڙوي ٤٧٥
مولوي محمد صالح آڪرو ٤٧٦
پير شهاب الدين لڪياري ٤٧٧
مولوي محمد علي ٽالپر ٤٧٨
مدرسو ملڪاڻي شريف، دادو ٤٧٩
مولانا تاج محمد امروٽي ۾ امروٽ شريف وارو مدرسو ٤٨٠
مدرسو دارالفيوض، شڪارپور ٤٨٢
درسگاه بنگلديرو ٤٨٣
مولوي حاجي احمد ٤٨٤
پير ابراهيم شاه جو مدرسو ٤٨٦
پير صالح شاه جو مدرسو ٤٨٦
مخدوم غلام احمد ملڪاڻي ٤٨٦

مولانا الھہ رکيو عرف ڪريمداد چانڊيو ۽ مدرسو
ڳوٺ سومر چانڊيو ٤٨٧

مولوي بھاءالدين ڀائي جي ڳوٺ نصير ڪوٽي
واري درسگاھ ٤٨٩

مدرسہ احياءالعلوم حماديہ، ڪنڊڪوٽ ٤٩٣

درگاھ شريف جو مدرسو ٤٩٣

مدرسہ اشرف العلوم، شڪارپور ٤٩٤

مدرسہ انوارالقرآن، نوشھرو فيروز ٤٩٥

مولوي غلام رسول ٽونيہ ٤٩٥

مولوي محمد اسماعيل ميمڻ ٤٩٦

علامہ ميرمحمد نورنگي ٤٩٧

مولانا خليفو يارمحمد شڪارپوري ٤٩٧

مدرسو جامع هاشميہ، ڳوٺ نورمحمد شجراھ، شڪارپور ٤٩٨

مدرسو دارالرشاد، ڳوٺ مريد خان تنگواڻي، جيڪب آباد ٤٩٩

مدرسو انوارالرحمان، دريا خان مري، نواب شاھ ٤٩٩

قاضي عبدالرؤف موراڻي ٤٩٩

مدرسہ شمس العلوم، ڪرڙاھ ٥٠٠

مدرسہ دارالعلوم خيرپور ناٿن شاھ ٥٠١

مولانا حاجي شفيع محمد مسجدي ٥٠٢

مولانا عبيدالله سنڌي ٥٠٣

مدرسہ تعليم القرآن، جيڪب آباد ٥٠٦

مدرسہ ڪنزالعلوم، پيري، ضلعو دادو ٥٠٧

مدرسہ اسلاميہ مجدديہ، ڪنري ٥٠٧

مولانا محمد سليمان واعظ جي جھتيالن واري درسگاھ ٥٠٧

مدرسہ اسلاميہ عربيہ، جامع مسجد ٺٽو ٥٠٨

مدرسہ دارالسلام، جامع مسجد غربا اھل حديث، ڪراچي ٥٠٨

مدرسہ حفظ القرآن، خيرپورميرس ٥٠٨

مدرسہ مفتاح العلوم، منگين جو ٽڙ، ضلعو حيدرآباد ٥٠٩

مدرسه حليميه عربيه، ٽنڊوڄام ٥٠٩
مولانا علي محمد مهيري جو ٻجاري وارو مدرسو ٥٠٩
مدرسه باب مدينةالعلوم، جنهان سومرو ٥١٠
مدرسه دارالعلوم امجديه، ڪراچي ٥١٢
مولانا عبدالرحمان ڏامراهي جي درسگاه ٥١٢
دارالعلوم اسلاميه اشرف آباد، ٽنڊوالهيار ٥١٣
مدرسة البنات، ڪڏه ڪراچي ٥١٣
بنات المسلمين، ڪراچي ٥١٤
دارالعلوم القرآن الرحمانيه، حيدرآباد ٥١٤
درسگاه دينيات، حيدرآباد ٥١٤
مدرسه دارالعلوم، ڪراچي ٥١٤
مدرسه دارالعلوم مخزن عربيه بحرالعلوم، ڪراچي ٥١٥
مدرسه دارالعلوم احمديه، ٽنڊو جيڪب آباد ٥١٥
مدرسه احسن البرڪات، حيدرآباد ٥١٦
مدرسه خيرالعلوم، خيرپور ناٿن شاه ٥١٦
مدرسه مفتاح العلوم، حيدرآباد ٥١٦
مولانا عبدالڪريم ڏمرو ٥١٧
مدرسه تفهيم القرآن، نواب شاه ٥١٨
مدرسه محمديه، ميهڙ ٥١٨
دارالعلوم قوت الاسلام، حيدرآباد ٥١٩
مدرسه جامع العلوم سعوديه، ڪراچي ٥١٩
مدرسه عربيه دارالقران، ميهڙ ٥١٩
دارالعلوم قاسميه، نصرپور ٥٢٠
مدرسه گل محمد ٽونيه، ڏوڪري ٥٢٠
مولوي دين محمد وفائي ٥٢١
سيد الحاج امير محمد شاه حسيني ٥٢٣
دارالعلوم جامعه حسينيه رضويه، ڏوڪري ٥٢٥
مدرسه انوارالعلوم، نوراني مسجد، دادو ٥٢٦

مدرسه شمس‌العلوم بٺ محلو، دادو ٥٢٦
مدرسه عربيه حماديه، شڪارپور ٥٢٧
مدرسه عربيه دارالقرآن، شڪارپور ٥٢٧
مولانا حاجي عمرالدين چنو ٥٢٨
بافرائي مدرسو، ڏوڪري ٥٢٨
مولانا محمد هاشم انصاري ٥٣٧
مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو ٥٣٩
مدرسه عربيه مصطفائيه تعليم‌القرآن، شڪارپور ٥٤٢
مولانا عبدالڪريم چشتي جو ”چشتيه مدرسو“ شڪارپور ٥٤٢
مدرسه نورالاسلام، ڪنڊيارو ٥٤٦
مدرسه احياء العلوم قادريه، شڪارپور ٥٤٦
مولانا فيض محمد ”واعظ“ ڏوڪري وارو ٥٤٦
مولانا دين محمد ”اديب“ فيروزشاهي ٥٤٧
مدرسو تعليم‌القرآن، حيدرآباد ٥٥٠
ڪتب درس نظامي ٥٥١

# سنڌ جا اسلامي درسگاه

# باب پهريون

## سنڌ ۽ ان جو تاريخي ۽ سياسي پس منظر

”سنڌ“ جي ابتدائي تاريخ تي زماني جي انقلابن ۽ حادثن ڪري ڪافي رهُ ۽ لٽ چڙهيل آهي. هن وقت تائين ’سنڌ‘ جي نالي ۽ ان جي احوال بابت جيڪا معلومات ملي آهي، اها مختلف قومن جي مذهبي ۽ ڌرمي ڪتابن مان حاصل ڪيل آهي. اڳتي هلي ان مواد کي ئي بنياد بڻايو ويو آهي. دراصل قديم سنڌ هڪ وڏو ملڪ هو، جيڪو قديم زماني کان وٺي تهذيب جو مرڪز پڻ رهيو آهي. جيئن واديءَ نيل کي پنهنجي قديم تهذيب تي فخر ۽ ناز آهي، تيئن واديءَ مهراڻ کي پڻ پنهنجي قديم تمدن ۽ ثقافت تي فخر آهي. قدامت جي لحاظ کان سنڌ جو ملڪ جهڙو پاڻ قديم آهي، تهڙو ئي سندس نالو پڻ قديم آهي.

تحفة الڪرام جي تحقيق موجب سنڌ ملڪ جو قديم نالو حضرت آدم عليہ السلام جي پٽ حضرت ”شيث“ عليہ السلام جي نالي ڏانهن منسوب آهي. حضرت ”شيث“ عليہ السلام کي توريت ۾ ”سيت“ ۽ رگ ويد ۾ ”ورڻ“ جي نالي سان سڏيو ويو آهي(۱).

---

(۱) ”ورڻ“ هن لفظ جو ڌاتو ”ور“ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”وري وڃڻ“ يا ”ڍڪڻ“. زمين مٿان آسمان ڍڪ جي صورت ۾ آهي. انهي لحاظ سان آسمان ”ورڻ“ آهي. آسمان ۽ سمنڊ افق وٽ پاڻ ۾ گڏيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ سڀ درياهه ۽ نديون سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون، انهيءَ سبب ڪري ”ورڻ“ سمنڊ ۽ ندين جو به ديوتا آهي. رگ ويد ۾ ”ورڻ“ جو جيڪو لفظ آيو آهي، تنهن جي معنيٰ آهي ”پاڻي“ جنهن ۾ سمنڊ ۽ درياهه اچي وڃن ٿا.

Sind anciently meant the Valley of the Sindhu, Sind Gazetteer 1907, Vol: 1.

"انڊيا" مشهور ٿيو (١). ژنداويستا ۾ پڻ "هندو" لفظ مليو ٿو، جو قديم مخروطي حرفن وارن ڪتبن ۾ "هندس" تحرير ٿيل آهي. ان مان گمان غالب آهي ته "هندو" لفظ "ژند" ٻولي جو آهي.

آرين جي ڪتاب رگ ويد ۾ "سپت سندو" جو ذڪر اچي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي ست درياءَ، پر ژنداويستا ۾ "هپت هندو" جو لفظ اچي ٿو، جيڪو "اند" ۽ "هند" لفظ جي يوناني صورت آهي. انگريزن ان مان هن ملڪ کي "انڊيا" سڏيو. مسلمان مورخن وري هن ملڪ کي هندن جي اڪثريت سبب "هندوستان" ڪري ڪوٺيو (٢).

رگ ويد واري زماني ۾ آڳاٽا آريه لوڪ سندوندي ۽ ان جي پرتي ڪنڌ شاخن جا ڪنارا ڏيئي اچي ويٺا، تنهنڪري آڳاٽن ايرانين هند جي انهن سڀني رهاڪن کي گڏي "سندو" سڏيو (٣).

پروفيسر مئڪس ملر جي خيال ۾ سنڌ ملڪ تي اهو نالو "سندوندي" جي ڪري پيو، آرين جي اچڻ وقت ڪڇ جي رڻ جو وڏو حصو سمنڊ هيٺ هو. ان وقت "سندو" جو نالو "مهراڻ" هو ۽ اها ڪڇ وٽ ڪوريءَ جي نار ۾ چوڙ ڪندي هئي (٤).

آريا جڏهن پنجاب مان لنگهي سنڌ اندر داخل ٿيا، تڏهن هنن وادي سنڌ تي "سپتا سنڌ آوه" جو نالو رکيو. زرخيز علائقي

(١) سيد سليمان ندوي، "عرب و هند کے تعلقات" (اردو)، هندستاني اڪيڊمي يو. پي، ١٩٣٠ع، ص ١١ ۽ ١٢.

(2) Imperial Gazetteer of India, Vol. VI, P-2.

(٣) رگ ويد موجب سندوندي ۽ سندس پنج شاخون جي سائس گڏجن ٿيون سي آهن ڪڀا (ڪابل)، سواستو (سوات)، ڪرومو (ڪرم) ۽ گومتي (گومل) وغيره.

Cambridge History of India, Vol. I. P-324.

(4) Professor Max Muller's: India, "What can it teach us?" P-171.

جي هٿ ڪري آرين سرسوتي ۽ سنڌونديءَ جي ڪنارن واري ملڪ کي ”برهم ورت“ جو نالو ڏنو. آرين کان پوءِ سٿين، يوچي ۽ ٻين غيرقومن مغربي هندستان تي ڪاهون ڪيون ۽ هنن سنڌوندي تي ”منو مهراڻ“ جو نالو رکيو (۱).

سنسڪرت ۾ ”سنڌو“ لفظ جي معنيٰ آهي سمنڊ يا وڏو درياءُ. اڳئين زماني ۾ ڪابل ۽ گومتي ندين سنڌ ۾ اچي ڇوڙ ڪنديون هيون. سنڌوندي عام ندين کان تمام گهڻو وڏي هئي، انهي سبب ڪري مٿس آرين اهو نالو رکيو. هندستان جي امپيريل گزيٽيئر، بينفي صاحب ۽ پروفيسر آپٽي صاحب جن پنهنجن سنسڪرت ڊڪشنرين ۾ سنڌو جو ڌاتو سنسڪرت جي لفظ ”سينڊ“ (Synad) مان اخذ ڪيو آهي(۲). ان لفظ جي معنيٰ آهي ”وهڻ“، جنهن جو مفهوم آهي ته اهو درياءُ جو سدائين وهندڙ هجي.

آرين هن ملڪ ۾ اچي سڀ کان پهريائين اٽڪ درياءَ جي پر واري حصي تي قبضو ڪيو، ۽ انهي نسبت سان اٽڪ درياءَ کي آرين جو درياءُ ڪري سڏيائون. سندن عقيدي موجب ”سنڌو“ درياءُ سندن ”ديوتا“ هو (۳). ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ آريا ساري ملڪ ۾ ڦهلجي ويا ۽ اٽڪ درياءُ وٽ پنج ندين ۽ سرسوتي (۴) گڏ نظر آيون، تڏهن هو هن ملڪ کي ”سنڌ“ سڏڻ

(1) Sind Gazetteer Vol. 1, P-1, 1907.

(2) "Imperial Gazetteer of India", Vol. VI, P-2
"Sindhu from the root SYAND-to flow"
Professor Manik Pithawala - "Marvels of tne Earth"
P. P. 56, 57.

(3) R. L. Mitra: Indo-Aryans- Vol: 11, P - 300

(4) Heurith C. F: "The Ruling Races of Pre Historical Times"
Vol: I. P - 137. West Minster.

سرسوتي ندي آن وقت سنڌ مان وهندي هئي ۽ ٻين ندين کان نڍي هئي. هن وقت سندس ڪو به نشان باقي نه آهي. ابن بطوطه پنهنجي سفرنامي ۾ (هلندڙ)

لڳا. ان دور ۾ سنڌ ۾ هاڪڙو درياءَ به وهندو هو (١). اٽڪل پندرهن سؤ سال قبل مسيح آرين ايرندي طرف وڌڻ شروع ڪيو ۽ جيئن ويا ملڪ ۾ آباد ٿيندا، تيئن سنڌ ملڪ ويو وسيع ٿيندو. اهڙي طرح پنجاب، بلوچستان ۽ اتر هندستان جو وڏو حصو سنڌ ۾ شامل ٿي ويو. سنڌ جي هندو راجائن جي وقت ۾ سنڌ جون حدون هڪ طرف ڪشمير کان قنوج تائين ته ٻئي طرف سليمان جبل، قندار، سيستان، مڪران ۽ ديبل تائين هيون. راجا ڏاهر جي زماني ۾ سنڌ جون حدون هيٺين ريت هيون: اتر ۾ جهلم ندي تائين جنهن ۾ ڪشمير جا هيٺاهان ضلعا اچي وڃن ٿا ۽ هندوڪش جبل، اتر اولهه ۽ هيلمند ندي تائين. ڏکڻ اولهه ۾ ايران تائين، جنهن ۾ مڪران به اچي وڃي ٿو. ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ. ڏکڻ اوڀر ۾ ڪڇ جو رڻ ۾ اوڀر ۾ راجپوتانا ۽ جيسلمير جي سرحد تائين (٢).

زماني جي انقلابن ۽ سياسي تبديلين سببان سنڌ جون سرحدون سميٽبيون رهيون. تان جو آخر ۾ سنڌ جو موجوده پرڳڻو هن وقت پاڪستان جو هڪ سرسبز ۽ شاداب علائقو آهي.

سرسوتي نالي شهر جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو دهلي ۽ اجوڌن جي وچ ۾ هو ۽ شهر تي اهو نالو سرسوتي ندي جي ڀرسان پيل آهي.
"سفرنامه ابن بطوطه"، مترجم مولوي محمد حسين دهلوي، ص ص ٣٩-٤٠.

(١) هاڪڙو سنڌو درياءَ جي هڪ شاخ هئي، جا پنج لد وٽان سنڌو نديءَ مان نڪرندي هئي ۽ اڀرندي سنڌ جي ٿر واري حصي کي آباد ڪندي عمرڪوٽ ڀريان ننگرپارڪر وٽ ڪڇ جي نار ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. اڄ تائين رياست بهاولپور ۽ جيلسمير طرف ان جا ڪافي نشان نظر اچن ٿا. هاڪڙي درياءَ جو نالو سمن جي دور جي 'ماموئي' وارن بيتن ۾ ملي ٿو. موجوده ڍورونارو، اڀرندو نارو، جمڙائو واه ۽ پراڻ جو ڍورو، هاڪڙي جا وهڪرا آهن.

(٢) مولانا سيد ابوظفر ندوي، "تاريخ سنڌ" (اردو)، سنه ١٩٢٧ع، ص ٢.

سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ بابت موئن ۽ ڪاهو جي دڙن ۽ ٻين ڪيترن ئي قديم آثارن جا کنڊرات آڳاٽا ۽ واضح مثال آهن (١). انهن کي ڏسي قديم آثارن جي ماهر مسٽر آر. جي ٻينرجي جو چوڻ آهي ته تاريخ جي دور کان گهڻو اڳي هن ملڪ جي گود ۾ انساني تهذيب ۽ تمدن جنم ورتو هو. قديم آثارن کان سواءِ دنيا جي مذهبي ۽ الهامي ڪتابن توريت، ويدن ۽ ژنداويستا ۾ پڻ سنڌ جي تاريخ جو ذڪر ملي ٿو.

هيروڊوٽس، استرابو، پليني، ايرين ۽ بطليموس جي نامور ڪتابن ۾ سنڌ ملڪ جي طبعي حالتن ۽ هتي جي رهاڪن جي تهذيب ۽ تمدن جو تفصيل سان احوال ملي ٿو.

هندو دور جي تاريخ گهڻي ڀاڱي مذهبي رنگ ۾ ڏند ڪٿائن جي صورت ۾ آهي. مهاڀارت ۽ رامائڻ انهي دور جا ڌرمي ڪتاب آهن، جن مان پڻ سنڌ جي جهوني تاريخ جا اهڃاڻ ملن ٿا. مهاڀارت، رامائڻ ۽ منوشاستر مان قبائلي حڪومت بدران شخصي ۽ موروثي حڪومتن جو پتو پوي ٿو. مهاڀارت واري زماني ۾ سنڌ ساگر دوآبي کان وٺي قلات تائين آرين جو راڄ هو. آرين جي ٻي شاخ جي حڪومت پشاور کان قندار تائين هئي. سندن راڄڌاني جو هنڌ ’گنڌارا‘ يا ’پروشاپورا‘ (پشاور) هو (٢). سنڌ ملڪ جو واپار سنڌو درياءَ جي وسيلي ڏورانهن ملڪن سان هلندو هو. انهيءَ واپاري اچ وڃ سببان سنڌ جي سرمايه ۽ شهري تمدن جي هاڪ پرانهن ڏيهن ۾ مشهور هئي. اٽڪل پنج هزار سال ق.م مصر دنيا ۾ تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز هو، ليڪن سنڌ جي شاهوڪاري ۽ وڻج واپار تي موهجي مصرين، ڪلدانين، بابل

---

(1) V. A. Smith-"Early History of India", Oxford, I914, P-97.

(2) J.F. Hewith: "The Ruling Races of Pre-historic Times" Vol. I, P- I63.

۽ اشور وارن ايرانين ڪاهون ڪيون. انهن قومن جا ڪافي نشان اڄ به هن ملڪ ۾ ملن ٿا. اهڙي پرآشوب زماني ۾ سنہ ٥٦٣ ق.م نيپال جي ڪپل وستو رياست جي ساڪيا راجا سڌودن جي پٽ سڌارٿ، جو پوءِ "گوتم ٻڌ" جي نالي سان مشهور ٿيو، نئون ڌرم جاري ڪيو. سندس مرڻ کان پوءِ سنہ ٤٨٣ ق.م تائين سندس مذهب هند، سيلون، سيام، چين، ٿبيٽ، وچ ايشيا، سنڌ ۽ بلوچستان تائين پکڙجي ويو. سنڌ جا راءِ گهراڻي جا حاڪم پڻ ٻڌ مت جا پوئلڳ هئا (١).

انهي ساڳئي زماني ۾ بهار جي راجا سڌارٿ جي پٽ ورڌمان مهاوير، جيڪو گوتم ٻڌ جو همعصر هو، تنهن وري جين ڌرم جو بنياد وڌو. "اچارنگا هوترا" سندس مذهبي پستڪ آهي. جين مت پڻ بنگال، وچ هندستان، دکن، سوراشٽر ۽ سنڌ تائين پکڙيل هو(٢). سنڌ اندر پاري نگر ۾ جين ڌرم وارن جو مندر هو.

سنہ ٣٢٥ ق.م ۾ سڪندر مقدوني ڪابل ۽ سوات جي رستي کان پنجاب ۾ پهتو ۽ اتي جي راجا پورس کي شڪست ڏنائين. ان کان پوءِ سنڌوندي جي رستي ملتان ۾ آيو ۽ اتي جي راجا کي پڻ شڪست ڏنائين ۽ اُچ جو شهر تعمير ڪرايائين. اُن بعد سڪندر سنڌ ۾ پهتو ۽ پٽالا (نيرن ڪوٽ) هٿ ڪيائين. ان وقت سنڌ تي 'پٿيان' نالي ايراني گورنر هو. اهڙي ريت يونانين کان پوءِ سنڌ ۾ موريا، گپتا خاندان، سٿين لوڪن ۽ هرش وارن جون حڪومتون قائم رهيون.

ايوڌيا جي سورج ونسي ڪُل جي راجائن مان رامچندر جي اولاد مان راجا بليڪا جي پٽن ٻارهن سؤ ورهيه ق.م الور

(1) D. D. P. Sanjana: "The Pahlevi Vendidad", P-9 Bombay, 1895.

(2) "The Cambridge History of India", Vol. I, Chapt: IV, P-150

تي حڪومت ڪئي(۱). يادو خاندان جو سنڌ ۾ حڪومت جو پايو "سمايا" وڏو هو، جو دوارڪا جي راجا ڪرشن جي ستين راڻي جامبوتي جو وڏو پٽ هو. هن حڪومت جون حدون زابلستان کان پريان هيلمند تائين هيون. "سنڌ سمه" سڏبي هئي ۽ سندس گادي جو هنڌ 'مينا ننگر' يا 'سما نگر' هو. راءِ گهراڻي جي پنجن حاڪمن الور ۽ سنڌ تي (۳۵۰ع کان ۶۳۲ع تائين) حڪومت ڪئي. هن سلطنت اندر اُچ، ماٿيلو، سيوراءِ ماڙو، سيوستان، نيرن ڪوٽ، الور، برهمڻ آباد ۽ ديبل مشهور قلعا هئا (۲). راءِ گهراڻي کان پوءِ برهمڻ گهراڻي اٽڪل اسي ورهيه سنڌ تي (۶۳۱ع کان ۷۱۲ع تائين) راڄ ڪيو. برهمڻ گهراڻي جي آخرين راجا ڏاهر جي دور (سنه ۷۰۰ع کان ۷۱۲ع) ۾ عربن سنڌ ملڪ فتح ڪيو. ان کان پوءِ سنڌ اندر اسلامي حڪومت قائم ٿي.

(1) J. Tod: "The Annals and Antiquities of Rajasthan" Vol: I, P-61.

(2) Kalich Beg Furedun Beg-"The Chachnama", Chapt: I Karachi, 1900.

# باب ٻيون

## سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن جو مختصر جائزو

قديم زماني کان وٺي سنڌ عظيم تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو هو، جنهن کان آسپاس جي اڪثر همعصر قومن روشني ورتي. مثلاً سوسا، افير، آر، بابل ۽ نينوا جون قومون، جن جا قديم آثار اڄ به انهي ڳالهه جو واضح ثبوت آهن. حالانڪ ٻين قديم قومن جي ڌرمي دفترن ۾ پڻ اهڙي قسم جي دعوي ڪيل آهي. قرآن پاڪ ۾ پڻ اهڙين ڪيترين ئي قومن جو ذڪر مليو ٿو.

اڄڪلهه پنجاهه ورهيه کن اڳ ۾ هي خيال هو ته سڀ کان جهوني تهذيب ۽ پراڻي تمدن جو مرڪز مصر جي سرزمين آهي. ليڪن بعد ۾ ٿيل تحقيقات جي روشني مان معلوم ٿيو ته بابل وارن جي تهذيب مصر کان گهڻو آڳاٽي آهي. پر اڃا به انهيءَ ڏس ۾ ڪن عالمن جو وري هي نظريو آهي ته سميري تهذيب پنهنجي قدامت جي لحاظ کان وڌيڪ پراڻي آهي ۽ دنيا جا اڪثر محقق انهي پوئين نظريي جا قائل نظر اچن ٿا(۱).

موئن جي دڙي جي کوٽائي مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ جي عظمت سميري تهذيب جي عظمت سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيٺي آهي، ۽ آرين جي رگ‌ويد واري دور کان گهڻو اڳ جي آهي. پارسين جو مذهبي ڪتاب ”اويستا“ آرين جي دور کان اڳ جو لکيل آهي، جنهن مان پڻ اڻ سڌي طرح سنڌ جي قدامت جو

---

(۱) ”طبقات الاطباء“، جلد اول، ص ۱۹۳؛ ۽ ڊاڪٽر گستاولي بان، ”تمدن عرب“، (اردو ترجمو) حيدرآباد دکن.

احوال ملي ٿو (١).

سُميرجي جهونن شهرن مان 'اُر' جو شهر وڏيڪ اهميت رکي ٿو. ان شهر جي باري ۾ سر ليو نارڊ جو چوڻ آهي تہ "اهو ئي قديم شهر آهي جيڪو سڀ کان اول طوفان نوح کان متاثر ٿيو هو (٢)." ۽ ان ئي شهر ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ولادت ٿي هئي. انهي ساڳي سميري تهذيب جي زماني جا جيڪي آڳاٽا شهر معلوم ٿيا آهن، تن مان 'دلمون' ۽ 'ماڳان' جا پراڻا شهر آهن. اڪثر عالمن 'دلمون' کي 'موئن جو دڙو' ٺهرايو آهي (٣). سميري تهذيب دجلہ ۽ فرات جي لڳ فارس جي اترئين طرف واقع هئي ۽ تاريخي لحاظ کان قديم زماني ۾ خليج فارس، سنڌ جي ڏاکڻي سرحدي ڪناري سان دنگئي هو (٤).

'دلمون' جو نالو پڻ تحقيق طلب هو ۽ سندس جاء وقوع جي بہ پوري معلومات نہ هئي. انهي ڏس ۾ موجوده دور جي عالم ڊاڪٽر نوح. ايس. ڪريمر پنجويهن سالن جي لاڳيتي ڪوشش کان پوء اهو نظريو قائم ڪيو تہ 'دلمون' اصل ۾ سنڌ جي قديم ۽ عظيم شهر 'موئن جي دڙي' جو آڳاٽو نالو آهي (٥). انهي نظريي تي بيا بہ مشهور محقق ۽ عالم جهڙوڪ: داس، سوزمدار، بئنرجي، آئينگر ۽ سر جان مارشل وغيره پڻ متفق آهن. ڊاڪٽر

---

(1) Carden Childe. V: "The Most Ancient East", P - 173, London, 1929.

(٢) نياز همايوني، "قديم سنڌ جي عظيم تهذيب"، رسالو سماهي "الرحيم"، ٻرچو چوٿون، شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، ١٩٦٦ع، ص ٦٥.

(٣) ايضاً.

(4) Kennedy. J. "The Early Commerce of Babylon with India". 700 - 3000 B. C. J. R. A. S, 1898, PP. 88 - 241.

(5) Welber. A. "The History of Indian Literature", London, 1882, P - 28.
Oldenberg, H: "Religion DES Veda," Berlin, 1894, P. 193.

نوح. ايس. ڪريمر جي لکڻ موجب قديم زماني ۾ بابل جي هڪ مندر ۾ هڪ راهب بيروسس، سميرين جي مذهبي عقيدي ۽ روايتن جي باري ۾ ڪي ڳالهيون لکيون هيون، جن ۾ چاڙايل هو ته اونيس ديوتا پنهنجي اصلي وطن دلمون مان خليج فارس پار ڪري سميرين ۾ پهتو، جنهن سميرين کي علم ۽ فن، لکڻ ۽ پڙهڻ ۽ ٻين ڪيترن هنرن جي سکيا ڏني هئي (١).

مسٽر وهيلر ۽ چائلڊ جهڙن ماهرن جو رايو آهي ته سنڌ جي قديم تهذيب جي باري ۾ هن وقت تائين جيڪي ڪوتايون ٿيون آهن، سي سطحي آهن. مسٽر ايچ. جي. ويلس جو چوڻ آهي ته خليج فارس جي ڪناري تي صرف 'سوڦيم' ۽ 'سنڌ' جا ٻه ملڪ هئا، جيڪي جهاز راني جي فن ۾ مهارت رکندا هئا ۽ هنن اهو فن دلمون وارن کان حاصل ڪيو هو (٢).

سنڌ جو واپار جهاز راني رستي ڏيساورن سان هلندو هو، جنهن ۾ سون، چاندي، عاج، سائي پٿر جا ٿانو، زيور، قيمتي پٿر، ريشمي ڪپڙو، مور، سرمو ۽ سوٽي ڪپڙو مکيه شيون هيون. سون جي پيداوار متعلق ڊاڪٽر ڪريمر جو رايو آهي ته هتي اعليٰ قسم جو سون پيدا ٿيندو هو. ماڻهو وڏن پڪن گهرن ۾ رهندا هئا ۽ شهر جو نظام نهايت ئي سڌريل هو. هو پنهنجي همعصر عراقين ۽ مصرين کان وڌيڪ سڌريل ۽ متمدن هئا (٣).

(١) نياز همايوني، "قديم سنڌ جي عظيم تهذيب"، رسالو سماهي "الرحيم"، شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، ٻرچو چوٿون، سال ١٩٦٦ع ص ص ٦٥-٦٦.

Bunbury E. H. "A History of Ancient Geography", Vol II London, 1879, P - 351.

(٢) سراج الحق ميمڻ، "سنڌي ٻولي"، عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ. ١٩٦٤ع ص ١٤.

(3) Sir John Marshall, "A marvellous culture, supassing in many respects, the splendour of Egypt and Mesopotamia". Sind observer Karachi, Wednesday the 27th October, 1973. P.7

سنه ١٩٣٧ع ۾ ريورنڊ فادر ايچ. هيرس، مدراس يونيورسٽي ۾ تقرير ڪندي ظاهر ڪيو هو ته موئن جي دڙي مان مليل مهرن تي اُڪريل سورج منڊل جي ”راسين“ ۽ ”نڪشترن“ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جا آڳاٽا رهاڪو جوتش وديا جي فن مان عيسوي سنه کان ٥٦١٠ ورهيه اڳ ۾ به چاڻ رکندڙ هئا (١).

تحرير جي فن جو بنياد به سڀ کان اول هن ملڪ ۾ پيو. تور ماپ جي علم مان به واقف هئا، جيڪو هنن بابل وارن کان حاصل ڪيو هو. واپار جي ڪري سامي اثر سنڌي تمدن تي ڪافي پيو جو مصرين، چينائين ۽ بابل وارن وٽ هڪ هزار ورهيه ق. م رائج هو. موئن جي دڙي مان لڌل شين مان ظاهر ٿئي ٿو ته قديم سنڌي پين ملڪن، جهڙوڪ مدراس، راجپوتانا، ڪشمير، ايران ۽ ڏکڻ هندستان سان ڪافي لهه وچڙ ۾ هئا ۽ ڪين ڻامي جي هنر جي گهٽي چاڻ هئي. طب جي علم ۾ به هي ملڪ پين کان گهٽو سڌريل هو (٢). موئن جي دڙي مان مليل لاشن مان پتو پوي ٿو ته هتي جدا جدا قومون رهنديون هيون يعني عراقي قومن وانگر گڏيل قومن جو مجموعو هئا. اهي پٿر جا اوزار ڪم آڻيندا هئا. هو رڍن، ٻڪرين، ڳئن ۽ گهوڙن جا ڌڻ پاليندا هئا. اهڙا ڪيترا ئي نالا سڪن ۽ مهرن تي اُڪريل آهن، جي گهڻي قدر دراوڙي نالن سان مشابهت رکن ٿا. سندن ڌرم پڻ ساڳيو هو، جيڪو ان زماني ۾ مروج هو. تاريخ جي دور کان اڳ ’ڌرتي ماتا‘ جي پوڄا ڪندا هئا، جنهن کي آرين ’پرٿوي‘ سڏيو (٣).

سنڌ جا قديم رهاڪو آرين کان وڌيڪ سگهارا ۽ قداور

---

(1) Cuningham: "Journal of the Asiatic Society", Calcutta, 1881, P. 163.

(2) Kohli. Sita Ram, "The Indus Civilization", 1934, P - 35.

(3) Ibid.

هئا. انهن جي بهادري جي مد نظر اشوري شهنشاهه حمورابي بابل جي مهم سر ڪرڻ لاءِ هتان جا سپاهي گهرايا هئا(١). ايراني بادشاهه سائرس کي نيزي جو نشان بنائيندڙ هتان جو هڪ سنڌي بهادر هو. ايران جي بادشاهه زرڪش پڻ هتان جي بهادر سپاهين جي مدد سان يونان تي حملو ڪيو هو(٢). چندرگپت (٣٠٠ ورهيه ق. م) به هتان جو ئي حاڪم هو، جنهن سموري ڀارت کي قبضي ۾ آڻي، ڏاڪو ڄمايو هو.

زراعت جي لحاظ کان سنڌ جي سرزمين زرخيز هئي. قديم سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڻڪ کي "ڪيڪيه" چيو ويندو هو. ان باري ۾ هڪ روسي عالم ويلسيوف جو چوڻ آهي ته دنيا ۾ ڪڻڪ جي پوک جي شروعات به هن خطي مان ئي ٿي هئي. نباتات جي ماهر مسٽر انگرڪي جو خيال آهي ته سنڌ ۾ پيدا ٿيل ڪڻڪ جي تاريخ پڻ تمام قديم آهي، جنهن جا اهڃاڻ موئن جي دڙي مان مِلن ٿا.

سنڌو درياءَ جي مست موجن ۽ سندس ڦيرن گهيرن جي ڪري هر دور ۾ ڪيترا ئي سُڃا پاسا ساوا ۽ ساوا سڃا پٽ ٿيا آهن ۽ ڪيترا ئي آڳاٽا شهر لُٽ ۾ لُڙهي مٽيءَ جا ڍير بڻجي ويا (٣).

سنڌ ۾ اسلام جي آمد (سن ٧١٢ع) کان اڳ سنڌي ٻولي نه صرف ڳالهائي ويندي هئي پر لکڻ پڙهڻ ۾ به مروج هئي. آرين جي زماني ۾ قديم سنڌي ٻولي سان ٽڪرجڻ ڪري سنسڪرت فقط پنڊتن تائين محدود رهجي وئي، جنهنڪري قديم سنڌي ٻولي نئين آريائي ٻولي تي اثرانداز ٿي ۽ سنڌي ٻولي جا لفظ سنسڪرت

(1) Debells Goll, "History of Ancient Sanskrit Literature. P 506

(2) Max Muller: India, "what can it teach us," Lecture V, PP 64-68.

سان گڏجي ويا(١). ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي ته ”سنڌي هڪ قديم هند - آريائي ٻولي آهي، جنهن جو بڻ بنياد، سنڌوماتر جي سنسڪرت کان اڳ واري دور جي ڪا هند - ايراني ٻولي آهي. لهندا ۽ ڪشميري هن جون پيڙهون آهن. سنڌي ٻولي خاص ڪري موئن جي دڙي واري تهذيب جي قديم ٻولي - جا سميرين ۽ بابل جي ٻولين سان نسبت رکي ٿي - کان ڏي اثر قبول ڪيا هوندا“(٢). اهڙيءَ طرح سان سنڌ ۾ قديم دور کان وٺي سنڌي رائج هئي ۽ ان جي لکڻ پڙهڻ جو رواج هو. برهمڻي دور ۾ سنڌ ملڪ آسودو ۽ خوشحال هو ۽ حڪومت جا خزانا پريا پيا هوندا هئا. جيڪڏهن مصر ۽ بابل جون بستيون تهذيب ۽ تمدن جون روشن قنديلون هيون ته، سنڌ جي وادي به پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جو هندورو هئي.

(1) Crierson, J. R. A. S. 1904 - P. 435 Hackerngel. J. Altindische, Grammatik - Vol. I. P. XVIII Professor Max Muller'e India "What it can teach us," Oxford. 1914, PP - 170 - 171.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ”جامع سنڌي لغات“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ص ١٩.

# باب ٻيون

## اسلام کان اڳ واري دور ۾ سنڌ جو علم ادب

سنڌ جا آڳاٽا رهاڪو دنيا جي ٻين مهذب قومن وانگر علم، حڪمت، هنر، تهذيب، اخلاق ۽ سياست ۾ وڏي فضيلت جا مالڪ هئا. آن وقت جڏهن دنيا اڃا علم کان ايترو روشناس نه هئي، تڏهن به سنڌ جي سرزمين علمي معلومات کان سرشار هئي. قديم هندو دور جي تاريخ تي تاريڪي جو پردو ڇانئيل نظر اچي ٿو. مورخن هندو دور جو احوال گهڻي قدر قياس آرائين ۽ روايتن جي بنياد تي بيان ڪيو آهي(١). تنهن هوندي به ان دور جي منتشر علمي ۽ ادبي ڪارنامن جو ذڪر ڪجي ٿو.

ويد، جن جو زمانو ١٢٠٠ ورهيه ق.م کان ١٠٠٠ ورهيه ق.م جو آهي - مهراڻ جي ڪناري تي قلمبند ڪيا ويا. اهو دراصل آهو زمانو آهي جڏهن آريا سنڌو جي ميدان کان نڪري ڀارت ورش تائين ڦهلجي ويا ۽ اتي پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيائون(٢). سنڌ جي اصل رهاڪن جو ڪوبه تصديق سان احوال ڪونه ٿو ملي ته سنڌن ڀارت ورش جي آرين سان ڪهڙو سنبنڌ هو. انهي ڏس ۾ جيڪو احوال ملي ٿو، سو اڪثر شاعرانه مبالغي ۽ مذهبي رنگ ڍنگ ۾ ملي ٿو. قديم هندو دور ۾ هندن جي ٻن مذهبي ڪتابن جو احوال ملي ٿو، جن مان 'سرتي' ۽ 'سمرتي' مشهور آهن. سرتي ان قسم جي ڪتابن جو مجموعو آهن، جن کي

(1) Kohli Sita Ram, " The Indus civilization ", 1934, P - 35

(2) Elliot. H. (Dowson) "History of India," Vol. 1, Halakandi, London, 1867, P - 93.

رشين الهامن جي ذريعي تحرير ڪيو هو. جهڙوڪ رگ ويد، يجرويد، اٿرويد، برهم گرنٿ ۽ اُپنشد وغيره. سمرتي ڪتابن جو مواد ڪهاڻين جي صورت ۾ آهي. مثلاً مهاڀارت، راماڻ، منوشاستر ۽ ڀاڳوت گيتا وغيره (١).

رگ ويد سڀني کان آڳاٽو ڪتاب آهي، هن ۾ اندر ۽ اگني ديوتائن جو ذڪر بيان ڪيل آهي ۽ انهن ۾ منترن جا قاعدا ۽ قانون درج ٿيل آهن (٢). رگ ويد ۾ خاص ديوتائن جي احوال کان سواءِ "سپت سندو" يعني ستن دريائن واري ملڪ جي مختصر تاريخ، علائقائي حالتن ۽ نئين آيل قوم جي تهذيب ۽ تمدن جي خبر پوي ٿي.

آريائي ادب جو ٻيو حصو ويدن کي سمجهڻ لاءِ برهم گرنٿ آهي ۽ هرهڪ ويد کي سمجهڻ لاءِ جدا جدا برهم گرنٿ آهن. اُپنشد ويدن جي تشريح لاءِ ٨٠٠ ورهيه ق.م کان ٦٥٠ ورهيه ق.م ڌاري تصنيف ٿيا (٣). يجرويد ۾ هندن جي منترن ۽ يگيه جي باري ۾ قاعدا ۽ قانون آهن. يجرويد جي زماني ۾ آرين جي مقدس ندي سرسوتي غائب ٿي ويئي. سام ويد ۾ ڀڄن ڳائڻ جا طور طريقا ۽ منترن پڙهڻ جا اشارا آهن، پڻ علم موسيقي تي به مواد موجود آهي. اٿرويد ۾ هرڪنهن دنيوي تڪليف کي دور ڪرڻ جا منتر ڏنل آهن.

سوتر آريائي ادب جو ٽيون حصو آهي. مئڪس مولر (سوترن جو زمانو ٦٠٠ ورهيه ق.م کان ٢٠٠ ورهيه ق.م) ڏيکاري ٿو ته شروع ۾ لکڻ پڙهڻ جو رواج ڪونه هو ۽ اهو

(1) Deblls Gall, "History of Ancient Sanskrit Literature." P. P. - 506 - 541.
(2) Max Muller, F, India: "What can it teach us?" Veda and Vedanta, P. P. - 207–209.
(3) Marshman, J. C, "A birdgement of the History of India", CH 1, London, 1873.

صرف زباني صورت ۾ ٿيندو هو. بعد ۾ جڏهن لکڻ جو رواج پيو، تڏهن پهرئين سوتر قلمبند ڪيا ويا، جن جو تعداد ٿي آهي. ان کان اڳ منو مهراج (٩٠٠ ورهيه ق.م) آرين جو وڏو ودوان ۽ قانوندان ٿي گذريو، جنهن هندن جي قاعدي قانون جو ڪتاب تصنيف ڪيو هو (١).

آريائي قومن سندونديءَ جي ميدان مان اڳتي وڌي، ڏولن جي صورت ۾ گنگا ۽ جمنا جي ميدانن، هماليه جي ترائيءَ، بهار، بنگال ۽ اوڙيسا تائين پکڙجي ويون ۽ الڳ الڳ حڪومتون قائم ڪيون. هن دور ۾ آريائي ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي هن ئي دور ۾ مهاڀارت ۽ رامائڻ جا تاريخي واقعا رونما ٿيا (٢).

ساڪيامنيءَ جي ڌرم سنڌين جي جيڪا روحاني، سياسي ۽ سماجي تنظيم ڪئي، تنهن جو شيرازو جلد ئي منتشر ٿيڻ لڳو. ان کان سواءِ ويدڪ فلسفي جيڪا بت پرستيءَ جي دعوت ڏني، ان ۾ واڌارو ٿيو. برهما، وشنو، شيو ۽ سندس ٻين اوتارن رامچندر ۽ ڪرشن کان پوءِ وڪرمي دور ۾ درگا ديوي ۽ گڻيش جي پوڄا ٿيڻ لڳي.

ويدڪ يگيه بدران سمرتين پوڄا جون آسان ترڪيبون ۽ ارڙهن پراڻن جي نئين سر ترتيب ڪئي ويئي. اسڪندر اعظم، آسوڪا، نوشيروان قومن کي سياسي اقتدار ۽ تهذيب جي بلندين تائين رسايو. مهاوير، گوتم ٻڌ ۽ مسيح جي مذهبي دعوتن، قومن

---

(1) Max Muller, F. "India: what can it teach us?" Veda & Vedanta, PP- 207-209.

رگ ويد ۾ ١٠٢٨ بيت، ١٠٥٨٠ چوڻيون ١٥٣٨٣٦ لفظ ۽ ٣٠٠٠٠ منتون آهن، جيڪي برهمڻ برزبان ياد ڪندا هئا.

(٢) آرين جي راڄ اندر برهمڻن اهڙو زور ورتو هو، جو سندن ذات پات ۽ ڇوت ڇات جي زيادتين ۽ مذهبي پيچيدگين ڪري عوام ۾ سندن خلاف جذبو پيدا ٿيو. اهڙي پرآشوب زماني ۾ سنه ٥٦٣ ق.م ڪپل وستو (هلندڙ)

جو مسئلو موجود نظر اچي ٿو. انهي ڪري ان دور جي ناٽڪن ۾ پڻ تقدير جي مسئلي جو مذهبي پهلو گهڻو سمايل نظر اچي ٿو. موريا گهراڻي جي دور ۾ وساڪا داتا جو ناٽڪ مدر رڪشا گهڻو مشهور آهي، جيڪو سياسي نوعيت وارو ناٽڪ آهي (١). چندر گپتا جي وزير حڪيم چاڻڪيه جو مشهور ناٽڪ ارٿ شاستر آهي، جيڪو مغربي نقادن جي فيصلي موجب سنسڪرت جو بهترين شاهڪار آهي (٢).

قديم ڪتابن مان حڪيم بيدپاء جو مشهور ڪتاب 'پنچ تنتر' آهي. ان جو پهريون مصنف وشنو سرين هو، جنهن پنهنجي ڪتاب تي "هتو اپديش" نالو رکيو هو. مغربي عالمن جي راء موجب سنسڪرت جو اهو ئي سڀ کان پهريون ڪلاسيڪي ادبي ڪتاب آهي. ڪسريٰ نوشيروان (٥٣١ع-٥٧٨ع) جي زماني ۾ سنه ٥٧٠ع ڌاري سندس وزير بزرجمهر اهو ڪتاب پهلوي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ مٿس نالو 'ڪليله ودمنه' رکيو، جنهن تان سرياني ۽ عربي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو. عباسي خليفي منصور جي زماني ۾ سندس دربار جي مشهور ڪاتب عبدالله بن مقفع (المتوفي ٧٦٠ع) عربي ترجمو ڪيو. غزنوي دور ۾ ان ساڳئي ڪتاب جو ترجمو بهرام شاه جي حڪم سان ابوالمعاني نصرالله بن عبدالحميد پارسي ترجمو ڪيو هو (٣). امير نصر بن احمد ساماني (٣٠١ هه-٣٣١ هه) جي حڪم سان حڪيم ابو عبدالله رودڪي ڪليله ودمنه کي پارسي نظم جو ويس پهرايو. ان کان پوء نصرالله

---

(١) هي ڪتاب هيليبرانڊٽ بروسيلن مان (A: Hellebrandt) شايع ڪيو.

(2) Weber, A: "The History of India Literature" London, 1882, P-273:

"ارٿ شاستر" سنه ١٩٠٩ع ۾ ميسور مان شايع ٿيو هو.

(٣) نورالدين محمد عوفي، "لباب الألباب"، ج اول، ص ٩٢، ليڊن، سنه ١٩٠٠ع

مستوفي ڪليله ودمنه کي دوباره پارسي نثر ۾ آندو (١). انهي پارسي نسخي تان مولانا حسين واعظ، سلطان حسين مرزا بايقرا جي سپه سالار، امير نظام الدين احمد سهيلي (المتوفي ٩٠٧ع) جي فرمائش سان ڪتاب لکي سندس نالي ڏانهن منسوب ڪري، ان جو ”انوار سهيلي“ نالو رکيو. پوء ان تان مغرب ۽ مشرق وارن ٻين زبانن ۾ ترجما ڪيا آهن (٢).

(1) Weber. A: "The History of Indian Literature", 1882, P-259 اهو ڪتاب هن وقت اڻ لڀ آهي، صرف حڪيم اسدي طوسي پنهنجي لغت ۾ شاهدي طور ٻه چار شعر ڏنا آهن. رودڪي، مثنوي مولانا رومي جي بحر ۾ لکيو هو.

(٢) انوار سهيلي جو ترڪي زبان ۾ ترجمو عبدالواسع علي بن چلبي انگوره جي رهاڪو ڪيو هو ۽ مٿس ”همايون نامه“ نالو رکيو. ان جو وري فرينچ زبان ۾ ترجمو سن ١٧٤٢ع ۾ شايع ٿيو. اردو ترجمو ابراهيم علي بيجاپوري سن ١٨٢٤ع ۾ مدراس مان شايع ڪرايو. آوڌ جي نواب واجد علي شاه، پنهنجي دور ۾ ان جو اردو ترجمو فقير محمد ”گويا“ لکنوي کان ڪرايو هو ۽ ”بستان حڪمت“ نالو رکيائين. انگريزي ترجمو اسٽوڪ صاحب هرٽ فورڊ مان سنه ١٨٥٤ع ڌاري شايع ڪرايو. واسٽن پڻ ان جو انگريزي ترجمو ١٨٧٨ع ۾ لنڊن مان ڇپايو هو. نصرالله جو ترجمو ذڪيو هو. علامه ابوالفضل ١٥٥٧ع ۾ ان کي سادي ۽ پرڪشش عبارت ۾ ”عيار دانش“ جي نالي سان آندو، جنهن کي نول ڪشور پريس وارن ”نگار دانش“ جي نالي سان ڇپايو. هندوستان جي گورنر جنرل مارڪس ويلزلي جي زماني ۾ جان گلڪرسٽ جي فرمائش سان مولوي حفيظ الدين اردو ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان جو نالو ”خرد افروز“ رکيو. هن ساڳئي ڪتاب جو ترجمو سنڌي ۾ پڻ ٿي چڪو آهي. انوار سهيلي جو ترجمو سنڌ جي مشهور عالم اديب ۽ شاعر محمد بخش واصف ڪيو هو.

وڪرماجيت جي درٻار ۾ سنسڪرت جا شاعر، عالم ۽ جوتشي رهندا هئا. ڪاليداس هن دور جو وڏو عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. شڪنتلا، ميگهدوت، ڪمار سنڀور ۽ رگهو سنبس ناٽڪ علمي دنيا جي زينت آهن. يورپ وارن انهن ڪتابن جي لکڻ ٿي ڪاليداس کي هند جو شيڪسپيئر ڪري سڏيو آهي (١). پنڊت ڌنوتري علم طب جو وڏو ماهر ٿي گذريو آهي. ٻراهمير ۽ آريا ڀٽ مشهور جوتشي ٿي گذريا آهن (٢).

قنوج جو راجا هرش ٻڌرم جو وڏو مربي، عالم ۽ قدردان ٿي گذريو آهي. سندس ڪتابن مان ناگانندا، رتناولي، پريه درشڪ هن وقت به گهڻو مشهور ناٽڪ آهن. راجا هرش جي درٻاري شاعر ٻاڻ جا ڪتاب هرش چيرت ۽ ڪادمبري پڻ گهڻو مشهور آهن. علم موسيقي ۽ راڳن جي ترڪيب ۽ اصولن تي بيافر جو ڪتاب چڱي شهرت جو مالڪ آهي (٣).

شطرنج هندن جي فڪر ۽ عقل سليم جو نتيجو ۽ عجيب و غريب صنعت آهي. سر وليم جونس جي تحقيق موجب اها راند هندستان جي هڪڙي راجا ديوشرمن جي درٻاري طبيب جي ايجاد آهي (٤)، جيڪا راجا تحفي طور ڪسريٰ نوشيروان ڏانهن موڪلي هئي. شطرنج جو اصل سنسڪرت نالو 'چتر آنگ' آهي، جنهن جو مطلب آهي چار عضوا (٥).

هندو دور ۾ جوتش تي سڀ کان اڳڀرو ڪنڪه نالي نالي مشهور نجومي ٿي گذريو آهي. هي وڏو طبيب پڻ هو.

---

(1) Weber, A: "The History of Indian Literature", London 1882, P 273.

(٢) ايضاً، ص ٢٥٩.

(٣) عيون الانباقي طبقات الاطباءِ، ص ٣٠٨، جلد اول، مصر ١٣٠٠هه.

(3) Journal of Royal Asiatic Society Research, Vol. II. P 159, 1898.

(٤) ايضاً، ص ٢٧٣.

ابن ابي اصيبعه سندس طب ۽ هيئت جو ڪافي بيان ڏنو آهي(۱). جوتش وديا تي سڀ کان مشهور ڪتاب 'سڌانت' آهي، جيڪو برهم گپتا، سري چاپا گهرائي جي راجا وياگهر موکا کي پيش ڪيو هو. ڪتاب جو اصلي نالو اسپني سڌانت آهي (۲). "کنڊ کاڌيڪا" هڪ ننڍڙو زيچ، آهي جو برهم گپتا سڌانت کان پوءِ تصنيف ڪيو هو.

سنڌ جا قديم رهاڪو دوائن، جڙين ٻوٽين ۽ زهر جي علم کان چڱيءَ طرح واقف هئا. امام بخاري (المتوفي سنه ۲۵۶ﻫ) لکي ٿو ته هڪ دفعي ام المومنين حضرت عائشه بيمار ٿي، سندس سندس ڀائٽين علاج لاءِ هڪ سنڌي طبيب گهرايو هو (۳). يحيٰ بن خالد برمڪي جي ڪوشش سان سنڌ جا ويد، حڪيم ۽ پنڊت بغداد ۾ گهرايا ويا هئا ۽ اتي انهن کان مختلف علمن تي ڪم ورتو ويو هو. جاحظ (المتوفي ۲۵۵ﻫ) جو قول آهي ته هندو جوتش، حساب ڪتاب، طب ۽ بت تراشي جي فن ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. مشهور سياح يعقوبي جو بيان آهي ته جوتش وديا مان ايرانين ۽ عربن استفادو ڪيو هو (۴). جاحظ انهن مان ڪيترن پنڊتن ۽ ويدن جا نالا ڏنا آهن.

پنڊت منڪه کي هارون الرشيد سنڌ مان گهرائي بغداد ۾ سنسڪرت جي ڪتابن جو مترجم ڪري رکيو هو. ڪتاب

(۵) طبقات الاطباء جلد دوم، ص ۲۹.

(۱) هيئت دانن ۾ سڌانت کي گهڻي مقبوليت هئي. اسپين جي هڪ عالم مسلمه بن احمد مجريطي سنه ۳۹۸ﻫ ۾ لکيو هو. اسپين جي هڪ ٻئي عالم ابوالقاسم اصبغ (المتوفي ۴۳۹ﻫ) سڌانت جي اصولن تي زيچ تيار ڪيو هو. (طبقات الامم، ابن صاعد اندلسي، ص ۵۰)

(۲) امام بخاري، "ادب المفرد، باب بيع المخاد"، ص ۳۵، مصر.

(۳) البيروني، "ڪتاب الهند".

ارقام هنديہ“ هندن جي حساب جو ڪتاب اصل ۾ چندرگپت جي درٻاري حڪيم پنڊت چاڻڪيہ جو لکيل هو، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. ان ڪتاب کي پوءِ مامون الرشيد عباسي جي درٻاري محمد مڪي الخوارزمي سنہ ٨٤٠ع ۾ درست ڪيو هو (١). ابن نديم ان ڪتاب جو هندي مان عربي ۾ ترجمو ڪيو. سنسڪرت جي مشهور ڪتاب ”ڪندڪاديڪا“ جو عربي ۾ ترجمو ابراهيم فزاري ۽ يعقوب الڪندي ڪيو هو.

ٻين علمن کان سواءِ موسيقي جي فن ۾ بہ هن ملڪ جا رهاڪو واقف هئا. چاڪاڻ تہ هندو پنهنجن مندرن ۾ ديوتائن جي بتن اڳيان ناچ ۽ راڳ ڪندا هئا. پنڊت نافر جو تصنيف ڪيل فن موسيقي تي مشهور ڪتاب اسپين تائين پهتو (٢). پنڊت ودياگهر جو ڪتاب ”ادب الملڪ“ جو حڪومتن جي طريقن ۽ هٿيارن متعلق آهي، ان جو ابو صالح بن شعيب عربي ۾ ترجمو ڪيو هو.

(٤) محمد الخوارزمي ”مفاتيح العلوم“ ص ٢٠٣، ليڊن. الخوارزمي جيڪو زيچ تيار ڪيو هو سو ٻين کان وڌيڪ بهتر هو. هن هندستان جو نقشو زيچ مطابق ناهيو هو. هي ڪتاب ١٨٣١ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيو هو.

(١) جاحظ ”ڪتاب البيان والتبين“ جلد اول، ص ٤٠، مصري ڇاپو.

# باب چوٿون

## دنيا ۾ اسلام جو ظهور

حضور پاڪ محمد مصطفيٰ ﷺ جن ڪان اڳ سموري دنيا تي شرڪ ۽ ڪفر جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. سڄي دنيا فتني فساد جو گهر بڻجي چڪي هئي. بت پرستي عروج تي پهتل هئي. عين انهي دور ۾ رب پاڪ پنهنجو پيغمبر، انسان ذات جي اصلاح ۽ هدايت لاءِ عرب جي سرزمين تي قريشي قبيلي جي هاشمي خاندان مان پيدا ڪري موڪليو.

٢٠- اپريل ٥٧١ع (وڪرمي سنبت چيٽ، ٦٢٨) ۾ پيغمبر آخرالزمان رحمت اللعالمين حضرت محمد بن عبدالله عليه صلواة والسلام مڪي معظم ۾ هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيا. سندن پيارو نالو ”محمد“ رکيو ويو. سندن ولادت وقت ڪسريٰ جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪري پيا ۽ دنيا جا سڀ آتشڪدا سرد ٿي ويا. دنيا ۾ ان معجزي ڪري اها خبر عام ٿي وئي ته پيغمبر آخرالزمان، شهنشاه عرب و عجم پيدا ٿيا آهن (١)

مڪي جا سڀئي قبيلا سندن سچائي ۽ ايمانداري ڪري کين ”الامين“ چوندا هئا. قرآن پاڪ ۾ سندن نالو ڪيترين جاين تي محمدﷺ آيو آهي. هڪ هنڌ (سوره الصف آية ٦، سيپاره ٢٨) ۾ ”احمد“ بہ آيو آهي ليڪن پاڻ دنيا ۾ ”محمد“ جي نالي مبارڪ سان مشهور آهن. دنيا ۾ جيڪي بہ پيغمبر آيا، تن مان حضور پاڪ جن جي واحد ذات گرامي آهي، جن جو پورو احوال تاريخ جي روشني ۾ ملي ٿو. سندن سيرت پاڪ تي سڀ

(١) شبلي نعماني، ”سيرتا نبي“ جلد اول، ص ١٦٠.

کان قديم تاريخ ابن اسحاق (۱۵۰ھ/۷۶۷ع) جي ملي ٿي. سندس تصنيف ڪيل سيرت نبويءَ کي ابن هشام نئين سر ترتيب ڏنو. ابن هشام ۲۱۸ھ/۸۳۳ع ۾ مصر ۾ وفات ڪئي.

مڪي جي قديم رواج موجب پاڻ سڳورا بني سعد قبيلي جي نيڪ خصلت خاتون حضرت حليمہ وٽ نپنا. ڇهن سالن جي عرصي کان پوءِ پاڻ موٽي پنهنجي والده وٽ آيا. پاڻ سڳورا ڇهن سالن جا ٿيا تہ والده جي شفقت جو مبارڪ سايو سندن سر مبارڪ تان کڄي ويو ۽ ڏاڏي جي سنڀال هيٺ رهڻ لڳا. ٻن سالن کان پوءِ سندن ڏاڏو حضرت عبدالمطلب بہ عالم بقا ڏانهن راهي ٿيو تہ سندن پرورش جو بار سندن چاچي ابوطالب جي مٿان آيو.

حضور پُرنور صلعم جڏهن ويهن ورهين جي ڄمار جا ٿيا، تڏهن قريش ۽ قيس قبيلن جي وچ ۾ جنگ لڳي. آخر ۾ حلف الفضول جو عهدنامو ٿيو، ان ۾ پاڻ شريڪ هئا. انهي زماني ۾ ڪعبۃ الله شريف جي عمارت زبون ٿي چڪي هئي. ان جي نئين سر تعمير لاءِ قريش قوم ۾ حجر آسود جي نصب ڪرڻ تان تڪرار ٿيو، ليڪن پاڻ سڳورن جي دانشمندي سان اهو جهيڙو ٽري ويو.

پاڻ ڪريم جن ۲۵ سالن جي عمر ۾ مڪي پاڪ جي هڪ عالي نسب ۽ مالدار بيوه خاتون حضرت خديجۃالڪبريٰ سان شادي ڪئي. شادي ڪرڻ کان پوءِ سندن ڪاروبار ۾ ڪافي اضافو ٿيو. پاڻ سڳورا اگرچ دنيوي تعلقات کان بلڪل آزاد نہ هئا، تاهم سندن طبيعت رفتي رفتي خلوت نشيني ڏانهن مائل ٿيڻ لڳي، جنهنڪري مڪي کان ٻاهر هڪ پهاڙ ۾ غار حرا ۾ وڃي خدا تعاليٰ جي عبادت ڪندا هئا.

غار حرا ۾ ئي ڪين هڪ فرشتي مخاطب ٿي فرمايو تہ ”اقراءَ باسم ربڪ الذي خلق“. اها قرآن ڪريم جي پهرين آيت هئي جا مٿن نازل ٿي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پيهر وحي جو نزول

ڏيو، ان بعد کين باقاعدي الله پاڪ جي طرفان انساني هدايت لاءِ پيغام پهچندا رهيا ۽ وحي جو سلسلو جاري رهيو.

پاڻ ڪريم جن پهريائين پنهنجي قبيلي اندر الاهي پيغام جو پرچار شروع ڪيو ۽ ڪن خاص ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏنائون. سندن ان دعوت تي عورتن ۾ سڀ کان اول سندن پاڪ بيبي حضرت خديجه، مردن ۾ حضرت ابوبڪر رضه، ٻارن ۾ حضرت علي رضه ۽ ٻانهن ۾ زيد بن حارث اسلام آندو (۱). ٽن سالن جي عرصي تائين پاڻ سڳورا اسلام جي تبليغ مخفي طرح سان ڪندا رهيا. سندن انهي تبليغ ۽ حضرت ابوبڪر رضه جي ترغيب ڪري حضرت عثمان، زبير بن عوام، عبدالرحمان بن عوف، سعد بن ابي وقاص ۽ صالح بن زبير، سندن چاچو حضرت عباس ۽ حضرت عمر بن خطاب اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿي ويا. مڪي جا قريش جيڪي بت پرست هئا، تن سندن مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. ليڪن حضرت عمر ۽ حضرت عباس رضه جي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ حضور پاڪ جن ڪليو ڪلايو اسلام جي تبليغ شروع ڪري ڏني.

مڪي جا قريش حضور پاڪ جي واتان پنهنجن بتن جي مخالفت ٻڌندي ڪاوڙ ۾ اچي ويا. اهي هڪ طرف نبي سڳوري جي مخالفت ڪرڻ لڳا ته ٻئي پاسي نؤ مسلم ٻانهن ۽ ٻانهين تي طرح طرح جا ظلم ڪرڻ لڳا. جڏهن سندن ڏاڍايون حد کان لنگهي ويون، تڏهن ڪن مظلوم مسلمانن مجبور ٿي مڪي کي سنه ۶۱۵ع ۾ الوداع ڪيو ۽ حبش ڏانهن هجرت ڪيائون، جن ۾ حضرت عثمان بن عفان پڻ هو. نبوت جي چوڏهين سال يعني هجرت نبوي کان اٽڪل ٽي سال اڳ حضرت ابوطالب وفات ڪئي ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ حضرت بيبي خديجه به گذاري ويئي. حضور جن

(۱) سيرت ابن هشام، ص ص ۱۲۱-۱۲۳.

کي انهن ۽ رفيقن جي جدائي جو ڏاڍو صدمو رسيو. انهي هجرت واري زماني کان اڳ "اسريٰ" جو واقعو به رونما ٿيو يعني پاڻ ڪريم جن مڪي کان بيت‌المقدس ۽ آسمانن جو سير ڪيو، جنهن کي "معراج نبوي" چيو وڃي ٿو.

ڪيترا عرب قبيلا هر سال حج ڪرڻ جي ارادي سان مڪي شريف ۾ ايندا هئا. هڪ ڀيري عقبہ جي مقام وٽ يثرب جي خزرج قبيلي جا چند ماڻهو حضور جن سان ملاقاتي ٿيا. حضور جن کين اسلام جي دعوت ڏني جا هنن خوشي سان قبولي ۽ ان اقرار کي "بيعت عقبہ" ڪري سڏيائون. جڏهن حضور جن کي يثرب جي رهاڪن جي وفا ۽ سچائي جو چڱي طرح سان يقين ٿي ويو، تڏهن مسلمانن کي مڪي کان مديني هجرت ڪرڻ لاءِ چيائون، جنهن ڪري مڪي کان ڪافي قبيلا هجرت ڪري مديني پهتا. صرف پاڻ سڳورا، حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت علي رضہ ۽ چند ٻيا اصحاب رهجي ويا.

مڪي جي مشرڪن اسلام کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيتريون سازشون ڪيون. آخر ۾ اها سازش ڪيائون تہ ڪنهن نموني حضور جن کي شهيد ڪيو وڃي. کين جڏهن مشرڪن جي سازش جو پتو پيو، تڏهن رات جو حضرت علي رضہ کي پنهنجي بستري تي سمهاري، ماڻهن جون امانتون سندس حوالي ڪري، پاڻ پنهنجي رفيق حضرت ابوبڪر رضہ سان گڏجي مڪي کان ٻاهر جبل ثور جي غار ۾ اچي منزل انداز ٿيا، جتان ٽن ڏينهن کان پوءِ يثرب جي طرف روانا ٿيا. حضور جن ۲۲ سيپٽمبر ۶۲۲ع تي مديني ڏانهن هجرت ڪئي. ان کي "هجرت نبوي" ڪري چئبو آهي ۽ انهي واقعي کان وٺي اسلام ۾ هجري سنہ شمار ڪيو ويندو آهي (۱).

(۱) مسعودي، جلد ۹، ص ۵۳.

هجرت جي نقطہ انقلاب واري اثر هيٺ سنه ٦٢٤ع ۾ بدر جي مقام وٽ جنگ لڳي جنهن ۾ مسلمانن جي سوڀ ٿي. اسلام جي سڀ کان پهرين اها سوڀ هئي، جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ پڻ آيو آهي (١). مڪي جي مشرڪن بدر جي لڙائي جو بدلو وٺڻ لاءِ ابوسفيان جي سپہ سالاري هيٺ ٦٢٥ع ۾ "احد" جي ميدان تي جنگ ڪئي، جنهن ۾ پڻ آخرڪار فتح مسلمانن جي ٿي. ان کان پوءِ وري ٦٢٧ع ۾ جنگ احزاب لڳي(٢).

انهي مدني دور ۾ اسلام تي قوميت جو نمايان رنگ چڙهيو. حضرت محمد صلعم جن يهودين ۽ عيسائين سان بلڪل قطع تعلقات ڪيو. ڇنڇر جي بجاءِ جمعي کي مسلمانن لاءِ عبادت جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو. گهنڊن گهڙيالن جي جاءِ تي اذان جو آواز مقرر ٿيو. ماهہ رمضان ۾ روزن رکڻ، پنج وقت نماز پڙهڻ ۽ ڪعبي ڏانهن قبلي رخ تبديل ڪرڻ جو حڪم مليو. سنه ٦٢٨ع ۾ آنحضرت جن چوڏهن سئو مومنن سان گڏجي مڪي ۾ ويا ۽ اتي صلح حديبہ جو مشهور عهدنامو ڪيو ويو (٣). صلح حديبہ کان ٻہ سال پوءِ جنوري ٦٣٠ع/سنه ٨ هجري ۾ مڪو فتح ٿيو. حضور پاڪ جن خانہ ڪعبہ ۾ داخل ٿي پاڻ پنهنجن هٿن سان بت ڀڳا. بتن کي ٽوڙڻ وقت سندن زبان مبارڪ تي هي الفاظ هئا "جاءَ الحق و زهق الباطل". يعني حق آيو ۽ باطل نابود ٿي ويو. پاڻ سڄورن مڪي وارن تي رحم ۽ ڪرم جو ورتاءُ ڪيو (٤). تاريخن ۾ اهڙي فاتحانہ انداز ۾ داخل ٿيڻ جو ٻيو ڪوبہ مثال ڪونہ ٿو ملي.

(١) سوره آل عمران ١٢٣، انفعال : ٤٢.
(٢) سوره احزاب ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ ان واقعي جو ذڪر ڪرڻ فرمايو آهي.
(٣) بلاذري ص ٣٥، ترجمو حيتيي سنه ٦١.
(٤) طبقات ابن سعد، جلد دوم، ص ٩٩.

هجرت جي ڏهين سال حضرت پاڪ جن حاجين جي وڏي قافلي کي ساڻ ڪري حج جي ارادي سان وڏي شان شوڪت سان مڪي شريف ۾ آيا. اهو سندن آخري حج هو، جنهن کي ”حجة الوداع“ به چوندا آهن. حج جي موقعي تي هڪ وڏو خطبو ڏنائون جيڪو اسلام ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. مڪي شريف کان موٽي اچڻ بعد ٽن مهينن کان پوءِ سندن طبيعت ناساز ٿي پيئي ۽ سر مبارڪ ۾ درد جي تڪليف محسوس ڪيائون. آخرڪار ٨- جون ٦٣٢ع تي هن جهان مان پرلاڏاءُ ڪيائون.

## (الف) مسجد نبوي - اسلام جو پهريون درسگاهه

مسجد متعلق حضور جن جي حديث آهي: ”جعلت لي الارض مسجدا“ يعني الله تعاليٰ منهنجي لاءِ سڄي زمين مسجد ٺاهي آهي. اسلام کان اڳ وارن نبين لاءِ ڪنهن نه ڪنهن مقرر جاءِ ۾ وڃي عبادت ڪرڻ ۽ عبوديت جي اظهار واري فرض کي پورو ڪرڻ لازمي هو پر اسلام ان حالت کي بلڪل بدلائي ڇڏيو. تاريخ جي ورق گرداني مان چڱي طرح سان معلوم ٿئي ٿو ته مصر، يونان ۽ ٻڌ ڌرم جي تهذيبن ۾ جيڪي عبادتخانا تعمير ڪيا ويندا هئا، اهي ڪنهن نه ڪنهن ”معبود“ جي نالي سان منسوب ڪيا ويندا هئا ۽ ٻئي ڪنهن به هنڌ عبادت ڪرڻ کان منع هئي(۱).

رسول الله جن مڪي شريف ۾ ڪنهن به کليل هنڌ تي نماز نه پڙهي هئي. بلڪ مڪي جي اصحابن جي گهرن ۾ نماز ادا ڪندا هئا. حضرت عمر رضه جي اسلام اختيار ڪرڻ کان پوءِ اسلام جي قوت ۽ دٻدٻي ۾ ڪافي اضافو ٿيو ۽ ان کان پوءِ ڏي نماز جماعت سان گڏ ڪعبة الله جي ويجهو پڙهڻ شروع ڪئي ويئي.

(۱) ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي، ”مسجد نبوي“ (سنڌي ترجمو)، نئين زندگي، سيرت النبي نمبر، آگسٽ ۱۹۶۳ع، ص ص ۸۶-۸۸.

حضور پاڪ جن مڪي کان هجرت ڪري جڏهن مديني ڏانهن روانا ٿيا، تڏهن مديني کان ٻاهر قبا نالي هڪ جاءِ تي قيام ڪيائون. سومر کان خميس جي ڏينهن تائين اتي بنو عمرو بن عوف (قبيلي) وارن وٽ رهيا ۽ اتي اسلام جي پهرين مسجد جو بنياد وڌائون. حضور پاڪ جن انهي مسجد جو بنياد پنهنجن مبارڪ هٿن سان رکيو ۽ قبلي جو رخ بيت المقدس طرف ڪيائون. جمعي جي ڏينهن منجهند کان اڳ مديني طرف وڃڻ شروع ڪيائون ۽ عين سج لٿي واري نماز مهل زانوبه جي ماٿري ۾ پهتا، جتي بني سالم بن عوف جي مسجد ۾ جمعي جي نماز ادا ڪيائون. اسلام جي تاريخ ۾ اها جمعي جي پهرين نماز هئي.

مديني منوره ۾ پهچڻ کان پوءِ حضور جن سڀ کان اول مسجد نبوي جي اڏاوت جو ڪم هٿ ۾ کنيو. مسجد جي تعمير ٿيڻ کان پوءِ نماز باجماعت ادا ٿيڻ لڳي. پاڻ سڳورن ان مسجد شريف جي پرسان پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي رهائش واسطي حجرا تعمير ڪرايا. انهي مسجد شريف کي ٽن طرفن کان ٽي دروازا هئا. انهي مسجد جو قبلو به بيت المقدس طرف هو، جيڪو پوءِ هجرت جي سورهين مهيني ۾ پندرهين شعبان تي الاهي امر مطابق بدلايو ويو هو(١).

اسلام جي اوائلي دور ۾ مسجد شريف نه صرف نماز ۽ عبادت الاهي لاءِ مخصوص هئي، بلڪ ان ۾ ديني علمن جي تعليم ۽ سياسي اهم فيصلن جو نبيرو به ڪيو ويندو هو. خلفاءِ راشدين جي دور ۾ پڻ ديني خواه دنيوي معاملن ۾ مسجد شريف وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. مسجد ۾ ڪلئي عام تعليم ڏني ويندي هئي. اوائلي دور ۾ نه وڏا جيّد اصحابي به مسجد شريف ۾ رهندا هئا ۽ قرآن

(١) ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي، مسجد نبوي، (سنڌي ترجمو)، نئين زندگي، آگسٽ ١٩٦٣ع، ص ص ٨٦-٨٨

۽ ان جو تفسير بيان ڪندا هئا. حضور پاڪ جن پڻ قرآني علم جو درس مسجد شريف ۾ ويهي ڏيندا هئا ۽ سندن چوگرد اصحابن جو وڏو اجتماع رهندو هو. عبدالله بن عباس جي باري ۾ ڪتابن ۾ اچي ٿو ته پاڻ ڪعبةالله جي صحن ۾ ويهي قرآن شريف جي تشريح ڪندا هئا. ربيعةالرائي نالي هڪ شخص مديني جي مسجد نبوي ۾ عام مسلمانن کي قرآن شريف سمجهائيندو هو.

حضور جن جي زماني ۾ مديني شريف ۾ اٽڪل نَوَ مسجدون هيون ۽ انهن مسجدن ۾ قرآن پاڪ جو درس ڏنو ويندو هو. مديني ۽ ان جي آسپاس رهندڙ مسلمان پنهنجا ٻار مسجد نبوي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليندا هئا(١). خلفاء راشدين جي زماني ۾ پڻ درس تدريس جو ڪم مسجد ۾ ٿيندو هو. حضرت عمر رضه پنهنجي خلافت جي زماني ۾ اسلامي تبليغ ۽ ديني تعليم لاءِ ڪوفي، بصره ۽ دمشق جي مسجدن اندر بندوبست ڪيو هو، جتي وڏا وڏا عالم ۽ اصحابي درس ڏيندا هئا.

## (ب) اسلام ۾ تعليم جو رجحان ۽ علوم اسلاميه جي تبليغ ۽ اشاعت

حضرت آدم عليہالسلام جي تخليق کان پوءِ کيس سڀ کان اول علم جي نعمت سان نوازيو ويو. جيئن الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي ته ”علّمَ آدم الاسماء ڪلها“. حضرت آدم کي علم جي عطا ٿيل اها ئي خصوصيت هئي جنهن جي بدولت انسان کي دنيا جي ٻي سموري مخلوق تي فوقيت حاصل رهي. انهيءَ ڪري اسلام جي وجود ۾ علم جي روشني کي بنياد بڻايو ويو، جنهن جي شعاعن پوءِ سڄي دنيا کي منور ڪري ڇڏيو.

(١) ڪي. علي: ايم. اي، ”مسلم تهذيب جي مختصر تاريخ“ (انگريزي)، ڍاڪا، ١٩٦٥ع، ص ١٧

حضور ڪريم جن تي جڏهن غار حرا ۾ پهريون وحي نازل ٿيو ته ڪين ان وقت به علم پڙهڻ جو پيغام پهچايو ويو. اها ڳالهه علم جي اهميت ۽ افاديت کي واضح ڪري ٿي. نبي ڪريم صلعم جن تي پڙهڻ بابت هي آيتون نازل ٿيون:

| | |
|---|---|
| اقرأ باسم ربک الذي خلق○ خلق الانسان من علق○ اقرا و ربک الاکرم○ الذي علم بالقلم○ علم الانسان مالم يعلم (١). | پڙهه! پنهنجي رب پالڻهار جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو. انسان کي خون مان پيدا ڪيو آهي. پڙهه! پنهنجو رب وڏو ڪريم آهي جنهن انسان کي انهن شين جو علم عطا ڪيو جن کي نه ڄاڻندو هو. |

هن مان پڌرو ٿيو ته قرآن حڪيم جو پهريون پيغام پڙهڻ ۽ علم پرائڻ جو هو ۽ تعليم کي ان لحاظ سان ضروري ٺهرايو ويو. خود رسول ڪريم صلعم جن جا ڪئين ارشاد ملن ٿا، جن ۾ علم ۽ عالمن جي فضيلت بيان ڪئي ويئي آهي. سنن ابن ماجه ۾ حضرت عثمان رضه کان روايت آهي ته نبي ﷺ جن فرمايو ته قيامت جي ڏينهن ٽي (گروهه) شفاعت ڪندا: انبياء، پوءِ علماء، پوءِ شهداء. ٻي حديث ۾ اچي ٿو ته عالم کي عابد (عبادت ڪندڙ) تي اها فضيلت آهي جيئن مون کي اوهان مان هڪ گهٽ ۾ گهٽ اصحابي تي آهي. هڪ حديث ۾ ته چٽائي سان فرمايو ويو آهي ته ”علم جي طلب هر مسلمان تي فرض آهي“(٢).

عهد رسالت ۾ بدر جي جنگي قيدين جي رهائي لاءِ اهو شرط هو ته هو مديني جي ماڻهن کي تعليم ڏين. حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت عثمان، حضرت علي، حضرت صالح، حضرت

(١) پاره عم، سوره العلق، آيات ١-٥

(٢) مخدوم محمد جعفر بوبڪاني سنڌي، ”المتانة في مرمة الخزانه“ سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ص ٢.

ابوعبيده، حضرت سعد بن ابي وقاص، حضرت عمرو بن العاص ۽ ٻيا، درسگاهه نبوي جا وڏا معلم ٿي گذريا آهن (١).

اسلام ۾ تعليم جي فلسفي جو ڪوبه شعبو جدا نه آهي. بلڪ نظريه ڪائنات، مقصد زندگي ۽ مقصد تعليم هڪ ٿي آهن. يورپ جي هڪ ماهر تعليم Keating جو قول آهي ته ”تعليم جو مقصد معين ڪرڻ بيسود آهي، ڇاڪاڻ ته هر شخص ان مان جدا فائدو وٺي سگهي ٿو.“

اسلام دنيا جو واحد مذهب آهي، جنهن سموري انسان ذات لاءِ تعليم کي ضروري ۽ بنيادي جز قرار ڏنو آهي. يوناني ۽ چيني پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جي لحاظ کان وڏيڪ ترقي يافته تصور ڪيا وڃن ٿا، ليڪن اهي به سموري انسان ذات جي تعليم جا قائل نه هئا ۽ انهن وٽ تعليم معاشري جي ڪن خاص طبقن لاءِ مخصوص هئي. افلاطون جهڙو ماهر تعليم پڻ انهي خيال جو هو ته تعليم هڪ خاص طبقي کي ڏيڻ گهرجي، ليڪن اسلام ان ڳالهه جو قائل نه آهي. اسلام ته ”طلب‌العلم فريضة علي ڪل مسلم و مسلمه“ جي تلقين ڪري ٿو.

رسول ڪريم صلعم جن اصحابن کي عربي ٻولي کان سواءِ ٻين غير عرب ٻولين سکڻ جي نه صرف هدايت ڪئي پر انهي سلسلي ۾ ڪيترن ئي اصحابن کي عرب جي ٻين حصن ڏانهن روانو ڪيو. ڇاڪاڻ جو انهن ڪرڻ سان اسلامي تعليم ۽ تبليغ جو ڪم گهڻو آسان ٿي سگهيو ٿي. ان سلسلي ۾ زيد بن ضبط جو نالو اچي ٿو. هن يهودين ۽ اشورين جون ٻوليون سکيون هيون (٢). رسول‌الله صلعم جن پاڻ خود معلم يا استاد هئا ۽ سندن

(1) Professor K. Ali. "History of Muslim Culture", Dacca 1, 1965, P-6.

(2) K. Ali, M. A. "History of Muslim Culture", Education under the Prophet: Part II, CH II P. II

اصحابي سڳورا شاگردن جي حيثيت ۾ سندن مڪتب جا طالب العلم هئا. انهن جليل القدر اصحابن مان گهڻا اصحابي علوم اسلاميه جا جيّد عالم ۽ فاضل ٿي گذريا آهن.

حضرت عمر جي فرزند حضرت عبدالله جي دل علم جي روشني سان منوّر هئي ۽ اسلام جي اوائلي دور جي تاريخ جو وڏو معتبر عالم تصوّر ڪيو ويندو هو (١). حضرت عبدالله ابن عباس حضور صلعم جن جو سوٽ هو. هو فقه ۽ قرآن مجيد جي تشريح ڪرڻ ۾ وڏو ماهر هو. هن پنهنجي سموري حياتي علم پرائڻ جي سلسلي ۾ صرف ڪئي. مديني منوره ۾ هن حضور جن جي حديثن جمع ڪرڻ ۾ وڏي محنت ڪان ڪم ورتو هو. حضرت علي بن ابوطالب رضه حضور جن جو سوٽ ۽ نياڻو هو. حضرت علي رضه وڏين خوبين جو مالڪ هو. اسلامي علوم جو جامع ۽ قرآن پاڪ جو وڏو مفسر هو. حضرت رسول ڪريم صلعم جن کيس مديني جو فقيه مقرر ڪيو هو. حضرت علي رضه، حضرت عبدالله بن عباس رضه جو استاد هو. حضرت ابوبڪر رضه پنهنجي خلافت جي زماني ۾ معاذ ابن جبل کي شام ڏانهن موڪليو هو ته هو اتي وڃي ماڻهن کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏئي. اهڙي طرح سان حضور جن جي زماني ۾ خواه خلافت راشده جي دور ۾ ڪيترا ئي اصحابي ٻين ڏورانهن ملڪن ۾ ويا ۽ اتي جي ماڻهن کي تعليم ڏنائون. سندن اهو قدم اڳتي هلي اسلامي تعليم جي راهه ۾ مؤثر ثابت ٿيو ۽ ڪيترا ئي درسگاهه قائم ٿيا، جن ۾ اسلامي علمن جو درس ڏنو ويندو هو (٢).

## (ٿ) قرآن، تفسير، حديث ۽ فقه.

قرآن مجيد الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان موڪليل آخرين آسماني ڪتاب آهي. جنهن ۾ نه رڳو مسلمانن لاءِ پر سموري

(1) Ibid - p. 12.
(2) Opcit P - 14.

انسان ذات لاءِ دستور حيات بيان ٿيل آهي. اسلامي فقه جا سمورا قاعدا ۽ قانون هن ئي الهامي ڪتاب مان اخذ ڪيا ويا آهن.

قرآن جو لفظ "قراء" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "هن گڏ ڪيو". ان جي ٻي معنيٰ اها بہ آهي تہ "هن پڙهيو". قرآن شريف موقعي جي مناسبت سان رفتہ رفتہ آيتن جي صورت ۾ نازل ٿيو ۽ مسلسل ٽيويهن سالن جي عرصي ۾ (٦٠٩ع کان ٦٣٢ع) مڪمل ٿيو. جيئن جيئن قرآن پاڪ نازل ٿيندو ويو، تيئن تيئن ان جون آيتون ۽ سورتون. زيد بن ثابت، حضور جن جي حڪم موجب ڪجين جي ڦڙهن، چمڙي ۽ ٻڪرين جي کلن ۽ دفترين تي لکائي محفوظ ڪيا. قرآن پاڪ ۾ ڪل ١١٤ سورتون آهن. انهن مڙني سورتن مان سوره بقر قرآن شريف جو ٻارهون حصو والاري ٿي. هرهڪ سورت وري آيتن ۾ ورهايل آهي. وڏي سوره بقر ۾ ٢٨٦ آيتون آهن ۽ ننڍي سورة ۾ فقط ٽي آيتون آهن.

## قرآن شريف جي ترتيب ۽ تربيت

قرآن شريف، رسول اڪرم صلعم جن تي آيتن جي صورت ۾ مختلف موقعن ۽ وقت جي حالتن موجب نازل ٿيو. نبي ڪريم صلعم جن جي وفات کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي حضرت عمر رضہ صلاح ڏني تہ قرآن پاڪ جا حافظ رفتي رفتي وفات ڪندا پيا وڃن، ان حالت ۾ بهتر آهي تہ قرآن پاڪ کي جمع ڪيو وڃي (١). اهو ڪم پيغمبر صلعم جن جي سابق وحي ڪاتب حضرت زيد بن ثابت جي حوالي ڪيو ويو. هن ڪجين جي ڦڙهن ۽ سفيد پٿرن تي لکيل، توڙي ماڻهن جي سينن ۾ محفوظ سورتن کي يڪجاءِ ڪري قرآن پاڪ جو متن تيار ڪيو.

(1) Professor K. Ali, M. A. "History of Muslim Culture", Compilation of the Holy Quran.

حضرت عثمان رضہ جي خلافت (۶۴۴ع-۶۵۶ع) ۾ عربي ٻولي جي مختلف لهجن ڪري قرائت جي باري ۾ اختلاف پيدا ٿيو. تنهنڪري حضرت عثمان رضہ ان کي قريش جي فصيح لغت ۽ لهجي ۾ نقل ڪرايو، جنهن جو بنياد حضرت ابوبڪر وارو نسخو هو جو ان وقت ام‌المومنين حضرت حفصہ بنت عمر رضہ وٽ هو. ان نئين نسخي جا ٽي نسخا تيار ڪرايا ويا، جيڪي دمشق، بصره ۽ ڪوفي جي اسلامي مرڪزن ڏانهن موڪليا ويا. ان بعد حضرت عثمان رضہ وري ڪي نشانيون (اعرابون) مقرر ڪرايون ته جيئن قرآن شريف پڙهڻ ۾ ڪا غلطي يا سهو نہ ٿئي.

## قرآن مجيد جي تاريخي حيثيت

قرآن شريف دائمي دستور حيات آهي ۽ هر وقت ۽ هر زماني جي حالتن ۽ تقاضائن جو پورائو ڪندڙ آهي. ويهين صدي ۾ پڻ ان جي وڏي اهميت آهي. قرآن شريف ۾ نہ فقط رسول‌الله جن جي ڪاميابين جو رڪارڊ آهي، پر ان ۾ ظهور اسلام کان اڳ واري دور جي تاريخ پڻ سمايل آهي؛ جنهن ۾ قومن جي تهذيب ۽ تمدن، عروج ۽ زوال، تاريخي واقعن جو احوال پڻ آيل آهي. دراصل قرآن پاڪ گذريل دور جي واقعن جي ڀرپور تاريخ آهي. سياسي پهلوئن لاءِ پڻ قرآن شريف هڪ سڌي راهہ ڏسي ٿو. هن ۾ حاڪم، سلطنت، رعايا بابت جيڪي بہ حق حقوق ٻڌايا ويا آهن، تن ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي ڪابہ گنجائش باقي نہ آهي.

## قرآن شريف جو ادبي مقام

عربي علم ادب ۾ قرآن شريف هڪ اعليٰ مقام رکي ٿو. قرآن شريف جي نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪوبہ سلسلي وارو ادب ڪونہ هو. نظم عربن ۾ مروج هو، جن ۾ صرف شراب، عورت،

حسن، گهوڙي ۽ تلوار جي ساراهه هئي. اهو قرآن شريف ئي آهي جنهن عربي ادب کي صحت مند عنوان ڏنا، جن جو اثر پوري دنيا تي ڇانئجي ويو. F. Arbuthnot جو چوڻ آهي ته "قرآن شريف نج عربي ادب جو مشاهدو آهي، جيڪو اڌ نظم ۽ اڌ نثر ۾ لکيل آهي." گرامر جي ڪن ماهرن پنهنجو اهو رايو به ڏنو آهي ته قرآن پاڪ ۾ ڪيترائي اهڙا محاورا ۽ ترڪيبون استعمال ۾ آيل آهن، جن جي پيٽ ۾ ڪوشش جي باوجود اهڙي مثالي تحرير وجود ۾ نه اچي سگهي آهي. بيشڪ قرآن شريف اعليٰ خيالن جي اظهار، عبارت جي بلندي، ٻولي جي سيٽاءَ، سلاست ۽ بلاغت جي لحاظ کان دنيا جي ادبي ٻولين ۾ بي نظير آهي. ڊي. لا. وينسٽ لکي ٿو ته قرآن ڪريم مسلمانن جي عقيدي موجب دنيا ۾ انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهبودي لاءِ مطلب ۽ مقصد رکي ٿو ۽ آخرت ۾ سندن ڇوٽڪاري جي ضمانت ڏئي ٿو. هڪ فرينچ عالم جو چوڻ آهي ته "قرآن شريف کي سائنسدانن لاءِ سائنسي تحقيق جو ادارو سڏيو وڃي ته بجا ٿيندو. هي ساهوارن جي علم ۾ عمرانيات، اشتقاق جي ماهرن لاءِ لغت، صرف نحو وارن لاءِ قاعدي قانون جو ڪتاب، شاعرن لاءِ علم عروض ۽ ماڪي دستور جو وڏو دستاويزي ڪتاب آهي."

## اميه دور ۾ اسلامي علوم جو دنيا ۾ ڦهلجڻ
## (۲۱ هه — ۱۳۲ هه)

بنواميه جي دور ۾ اسلامي حڪومت جو نظام خلافت کان تبديل ٿي ملوڪيت ۾ آيو ۽ جمهوريت جو بلڪل خاتمو ٿي ويو. رسول الله صلعم جن جي آخرين جاءِ نشين حضرت علي رضه جي شهادت کان پوءِ خلافت حضرت معاويه بن ابوسفيان کي ملي.

حضرت عمر رضه جن جي دور خلافت ۾ مسلمانن ۽ ايرانين جي وچ ۾ لڙايون لڳيون، تڏهن سنڌ جي "ٻڌ" حڪومت جون

فوجون پڻ ايرانين جي حمايت ۾ مسلمانن جي خلاف ميدان ۾ آيون. ايران ۾ ساساني حڪومت جي خاتمي بعد ايراني سردارن سنڌ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي ۽ اهي مسلمانن جي خلاف سازشون ڪندا رهيا. ان کان سواءِ ڪي عرب سردار به حڪومت سان بغاوت ڪري اچي سنڌ ۾ مقيم ٿيا.

وليد اول بن عبدالملڪ (٨٦هه-٩٦هه) کي محمد بن قاسم، قتيبه بن مسلم، موسيٰ بن نصير، طارق ۽ مسلم بن عبدالملڪ جهڙا اسلامي تاريخ جا عظيم سپه سالار مليا، جن يورپ ۽ ايشيا جي ميدانن کي لتاڙي فتوحات حاصل ڪيون، جن ۾ محمد بن قاسم ثقفي جي اڳواڻي هيٺ سنڌ جي فتح جو عظيم ڪارنامو تاريخي يادگار آهي.

بنواميه دور ۾ اسلامي تعليم ۽ تهذيب جو ڦهلاءُ دنيا جي ڪافي حصن تائين پکڙجي ويو (١) ۽ عربن تاريخ، جاگرافي، علم هيئت، قرآن، حديث، قانون سازي، فلسفي ۽ فقه جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. قرآن شريف ۽ حديث جي تعليم تي خاص ڌيان ڏنو ويو. عام ماڻهن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي کُلي اجازت هئي (٢). ڪيترن مڪتبن، مدرسن ۽ درسگاهن کي وقف ڪري مسجدن سان منسلڪ ڪيو ويو. "پڙهائڻ جو طريقو آزاد خطبن ۽ وعظن تي مبني هو. قابل اُستادن ۽ عالمن جي گرد سوين شاگرد ويهي تعليم حاصل ڪندا هئا" (٣).

ابن خلڪان جي تحرير مطابق اسلام جي اوائلي دور ۾ اصحابن، قريشن ۽ عربن مان چاڙو ماڻهن تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. بعد ۾ انهي پيشي کي روزگار جو ذريعو بڻايو ويو. جيئن ته ملڪي ۽ سياسي استحڪام لاءِ تعليم، انتظاميه ۽ عدليه ۾ عربي

(١) تاريخ ملت عربي، ص ٣٧٩.

(٢) ايضاً، ص ٣٧٨.

(3) A. M. A. Shustery, "Outlines of Islamic Culture".

ٻوليءَ کي مقرر ڪيو ويو، تنهنڪري شام ۾ يوناني ۽ سرياني ٻولين، مصر ۾ قبطي ٻولي، ايران ۽ عراق ۾ آرامي ٻوليءَ جي جاءِ تي عربي ٻوليءَ کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن دور ۾ ثقافت ۽ علم ادب جو پرچار ٿيو. مدرسا ۽ شفاخانا ملڪ جي مختلف حصن ۾ کوليا ويا. اميه بادشاهن شاعرن ۽ قصي خوانن کي پنهنجي دربار ۾ رکيو، جن فصاحت ۽ بلاغت، پهاڪن، محاورن، اصطلاحن ۽ فلسفي کي ٻوليءَ ۾ ڪم آڻي ادبي ذوق کي اوج تي پهچايو.

امير معاويه، عيسائين جي ايڊيسا جي زلزلي ۾ ڊٺل ديول کي وري ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو. هن پنهنجي دربار ۾ عيسائي طبيب ابن عادل کي گهرائي طب جا ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪرايا ۽ ڪيس دمشق روانو ڪري، يمن جي حڪمرانن جي تاريخ لکڻ لاءِ پڻ چيو. خالد بن يزيد بن معاويه سٺو شاعر ۽ بهترين مقرر هو. هي پهريون شخص هو جنهن علم هيئت ۽ ڪيميا جا ڪتاب ترجمو ڪيا. هن اسٽيفن ۽ ميرين کي ڪتابن کي عربي ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو(١).

عمر بن عبدالعزيز سنڌ جي غير مسلم بادشاهن کي اسلام ۾ اچڻ ۽ ان جي تعليم تي عمل ڪرڻ لاءِ دعوت ناما موڪليا، تنهنڪري راجا ڏاهر جو پٽ ۽ ٻيا ڪي هندو مسلمان ٿيا.

هن يوناني فلسفي جي معلم ابن ابجر کي ڪيميا جي شعبي جو سربراه مقرر ڪيو. هن جي ڪري ئي يوناني فلسفو مصر کان انطاڪيه ۽ حران ڏانهن منتقل ٿيو.

هشام بن عبدالملڪ بن مروان (١٠٥-١٢٥ هه) پڻ ٻين قومن جي علم ۽ ادب ۾ دلچسپي ڏيکاري، فارسي جا ڪيترا ئي مضمون عربي ۾ ترجمو ڪرايا. هشام جي ڏينهن ۾ اسلامي فتوحات جو دائرو وسيع ٿيندو ويو. عرب فوج سنڌس حڪم تي

(1) Al-Jahidh, al-Bayan wa al-Tabyin.

سنڌ ۾ رهڻ لڳي ۽ ﭜ شهر 'محفوظه' ۽ 'منصوره' آباد ٿيا.

اموي خلافت جي دور ۾ مڪو ۽ مدينو اسلامي تعليم ۽ ثقافت جا مرڪز هئا. عام ماڻهو ﭜ پري پري کان ڪهي اچي معتبر مبلغن ۽ عالمن کان فيضياب ٿيندا هئا. مديني جي درسگاهن ۾ ڪيترا ئي عالم ۽ فاضل تاريخ، تفسير، حديث ۽ قانون جي تعليم اچي حاصل ڪندا هئا. عبدالعزيز ابن مروان مديني ۾ تعليم حاصل ڪئي (١). محمد ابن اسحاق ۽ الواقدي، حضور جن جي سوانح ۽ مسلمانن جي لڙاين بابت تاريخون لکيون. هنن ﭔنهي جي پرورش مديني ۾ ٿي هئي.

مڪي جي فتح کان پوء عوام جي تعليم جو ڪم حضرت معاذ بن جبل رضه جي سپرد هو. ان جي وفات کان پوء حضرت عبدالله بن عباس رضه سندس جاء والاري، جنهن ﭔنهنجي معلمي واري پيشي جي شروعات ئي بصره ۽ مديني مان ڪئي هئي. هو ڪعبي جي صحن ۾ ويهي حديث، تفسير، فقه ۽ قانون جي تعليم ڏيندو هو. مڪي جي مڪتب مان ئي مجاهد ابن جبر، عطاء ابن ابي رباح ۽ طاؤس ابن ڪيسان جهڙا عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا. مجاهد ابن جبر قرآن شريف جي تفسير لکڻ ڪري مشهور ٿيو. عطاء ابن ابي رباح حج جي مسئلن جو ڄاڻو هو. طاؤس ابن ڪيسان فارسي هو ۽ ابن عباس جو پيارو ۽ وڏي ڄاڻ وارو شاگرد هو. ڪيس مڪي جي منصفن جو اڳواڻ ڪري ليکيو وڃي ٿو.

عراق جا مکيه شهر بصره ۽ ڪوفو تعليم و تربيت جا اهم مرڪز هئا. عربي گرامر جو ابو عبدالاسود DU'ALI بصره ۾ پيدا ٿيو هو جنهن عربي لغت "ڪتاب العين" ﭘڻ تصنيف ڪيو (٢).

(I) Ibn al-Athir.

(٢) ابن خلڪان، ج ٢، ص ٢٢٣ ۽ ابو اعداء، ج اول، ص ٢١٥

ابو موسيٰ يمن جو وينل هو، جنهن مڪي ۾ اچي اسلام قبوليو. سندس شمار رسول صلي الله عليه وسلم جن جي چالو اصحابن ۾ ٿيندو هو. بعد ۾ بصري ۾ رهي قرآن جي تعليم ڏنائين. انس ابن مالڪ مدني هو ۽ رسول صلي الله عليه وسلم جن جي ڏهه سال خدمت ڪيائين. انهي کان پوء بصري ۾ آيو، جتي ٩٢ هجري ۾ وفات ڪيائين. انس محدث جي حيثيت سان مشهور آهي.

بنو اميه جي دؤر ۾ حسن البصري ۽ محمد ابن سيرين، بصري جا مشهور محدث ۽ عالم ٿي گذريا آهن (١). حضور صلي الله عليه وسلم جن جا ساٿي، جيڪي ڪوفي ۾ مقيم ٿيا، تن مان حضرت علي ابن ابو طالب ۽ حضرت عبدالله ابن مسعود جا نالا سر فهرست آهن.

ابن مسعود جيد عالم، محدث ۽ مفتي هو. کيس ٨٤٨ حديثون بر زبان ياد هيون ۽ انهن جي مرتب ڪرڻ ۾ وڏو مددگار ثابت ٿيو (٢). القمه الاسود، Masrnq، عبيده الحارث، ابن حارث، ۽ عمرو بن شربيل سندس شاگردن مان هئا. ابن سعد کان پوء انهن ٻي عالمن سندس ڪم کي پايہ تڪميل تي پهچايو ۽ ڪوفي ۾ ثقافتي تحريڪ جاري رکي (٣). اشور جا شهر انطاڪيہ، بيروت، دمشق ۽ حمص ثقافت ۽ سکيا جا اهم مرڪز هئا. اشور پيغمبرن ۽ نبين جي پيدائش جي سرزمين هئي ۽ قديم تهذيب اتي ئي جنم ورتو ۽ انهن ئي ڪلدانين، مصرين، عبرانين، يونانين ۽ رومين جي سڃاڻپ ڪئي. اشورين الف ب لکڻ جو طريقو انهن قومن کان سکيو. عبرانين کان دينيات جا اصول، يونانين کان فلسفو ۽ رومين کان فوجداري ۽ ديواني قاعدا ۽ قانون سکيا.

(١) ابن خلڪان، ج اول، ص ٢٢٨.
(٢) لال نوري، تهذيب الاسما ۽ گونن جن، ص ٣٧٠.
(٣) طبقات ابن سعد، ج ٣، ص ١١٠.

اشوري، آرامي ۽ يوناني ٻوليون عربي سان مسلسل رابطي ۾ رهيون. متاڪ، عبيده ۽ ابو برده اشور ۾ اسلامي تعليم جا اوائلي معلم هئا، جن کي حضرت عمر رضه قرآن شريف، حديث ۽ فقه سيکارڻ لاءِ اتي مقرر ڪيو هو. متاڪ پنهنجا آخري ڏينهن معلم جي حيثيت ۾ اشور ۾ گذاريا. عبيده ابن الصامت مديني جو رهاڪو هو، جنهن قرآن کي گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ابو برده حضور جن جي اصحابن مان هو. هن دمشق جي قاضي جي حيثيت ۾ اتي وفات ڪئي. ابو ادريس الخولاني، مخول الدمشقي، عمر ابن عبدالعزيز، راجہ ابن حيوان، عبدالرحمان الاوزاعي ۽ ابو حنيف جهڙا عالم اشور جي درسگاهن مان پڙهي اسلام جي تبليغ ۾ مشغول رهيا(۱).

مصر ۾ جن عالمن قرآن ۽ حديث جي تعليم ڏني، ان ۾ عبدالله بن عمرو العاص هو. هي پنهنجي وقت جو عالم ۽ محدث ٿي گذريو آهي. انهي ڪان سواءِ هو اشوري ٻولي جو ڄاڻو ۽ توريت کان پورو واقف هو. عبدالله ابن لهاعه ۽ ليث ابن سعد، يزيد جي قابل ۽ چيده شاگردن مان هئا ۽ سندن علميت جي لحاظ کان هرهنڌ شهرت هئي. عابد ابن شاريہ، واهب ابن منبه ۽ ڪعب الاهبر يمني يهودي وڏا تاريخدان هئا. عابد ”ڪتاب المُلڪ و اڪبر المدينہ“ لکي شهرت حاصل ڪئي. معاويہ، عابد ابن شاريہ کي يمن مان گهرائي عربن جي تاريخ لکڻ لاءِ چيو. اهڙي طرح عربي تاريخ نويسي جو ڪم پهريون ڀيرو عمل ۾ آيو(۲).

خالد بن يزيد بن معاويہ، علم ڪيميا ۽ علم منطق جي ڪيترن ئي ڪتابن کي عربي ۾ ترجمي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ابن قلبي هشام ۽ شارق بن قتمي، عرب قومن جي شجري جي فهرست تيار ڪئي (۳). ابن اسحاق ۽ ابن عقب، سرور ڪائنات

(۱) علامہ سمعاني، الانساب، ليڊن، ۱۹۱۲ع، ص ۳۲۴.
(۲) ابن النديم، الفهرست، ص ۸۱، ۱۸۲۲ع.
(۳) ابن خلڪان، ج ۲، ص ۳۶۵.

جن جي زندگي مبارڪ (سنہ ٧٢٧ع ۾) قلمبند ڪئي. ابن مقنف وري پهرئين خليفي کان وٺي سنہ ٧٤٣ع تائين جيڪي خاص واقعا رونما ٿيا، سي مرتب ڪيا. اميہ دؤر ۾ ابن ابو رابع، جميل، جرير، فرزدق، ۽ اخطل جهڙا گوهر شاعر پيدا ٿيا. جن مان جرير، فرزدق ۽ اخطل آيئي عراقي شاعر هئا، جيڪي هجو ٺوڙي تعريفي شعر جا پيرُ هئا. فرزدق، خليفي عبدالملڪ ۽ سندس ٽن پٽن وليد، سليمان ۽ يزيد جو درباري شاعر هو.

بنو اميہ دؤر ۾ عربستان طب ۽ حڪمت ۾ گهڻي ترقي ڪئي. هجري پهرين صدي ۾ الحارث بن قلاده وڏو جراح ٿي گذريو آهي. سندس قابليت جي ڪري کيس ”عربستان جو حڪيم“ جي خطاب سان نوازيو ويو. حارث جي وفات کان پوءِ سندس پٽ النذر جاءِنشين ٿيو. عمر بن عبدالعزيز اسڪندريہ جي حڪيمن کي انطاڪيہ ۽ خاران ڏانهن موڪليو، جن ڪيترائي يوناني طب جا ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪيا. هئي خليفي جي پٽ حڪمت ۽ ڪيميا ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي. هن طب، تاريخ ۽ ڪيميا جا يوناني ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪيا.

اسلام جي اوائلي دؤر ۾ عربن تعمير جي فن بابت مفتوح ملڪن ۾ ڪوبہ نمونو پيش نہ ڪيو. انهي دؤر ۾ آدمشماريءَ جو نوي سيڪڙو خانہ بدوش هئا، جن لاءِ اڏاوت جو اعليٰ فن فقط آٽ جي ميلس مان ظاهر ٿيندو هو(١).

مسلمانن ۾ تعميرات جو فن مسجد جي اڏاوت سان شروع ٿيو. پهرين مسجد حضور جن مديني کان ٽي ميل پري قبا جي جاءِ تي تعمير ڪئي، جنهن کي ڪوبہ جارو، منارو، منبر، محراب ۽ گنبذ نہ هو، صرف هڪ چورس سادي عمارت، ڇت ڪچي جي ٽڙن سان ڍڪيل هئي. ٻي مسجد سنہ ٦٣٩ع ۾ عراق جي ڪوفي

(1) K. A. C. Creswell, Early Muslim Architecture.

شهر ۾ ٺهرائي ويئي، جنهن جي ڇت جون سنگمرمر جون سرون حيره کان آنديون ويون هيون. سنه ٦٤٢ع ۾ عمرو بن العاص، فسطاط (قاهره) ۾ هڪ ننڍڙي مسجد جو بنياد وڌو، جنهن جو منارو اوچو هو. منارن جو رواج ستين عيسوي صدي جي آخر ۾ پيو ۽ محراب جو رواج ان کان ڪجهه پوءِ پيو.

عتبه بن غازن جي بصري واري مسجد، عمرو بن العاص جي فسطاط واري مسجد ۽ عقبه بن نافع جي قيروان واري مسجد مسلمانن جي فن تعمير جي شروعات بابت گهڻو ڪجهه پيش ڪن ٿيون. معاويه، مسلمه کي اذان لاءِ مناري ٺاهڻ جو حڪم ڏنو. بيت المقدس ۾ قبة الصخرىٰ سنه ٦٩١ع ۾ عبدالملڪ ٺهرايو(١). اها پهرين مسجد هئي جنهن ۾ گنبذ ٺاهيو ويو. اهو گنبذ مسلمانن طرفان متبرڪ سمجهيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته رسول صلي الله عليه وسلم جن جي معراج واري رات سان نسبت رکي ٿو، ۽ حضور جن اتان ئي معراج تي آسمان ويا هئا (٢). انهي گنبذ ۾ بازنطيني، جي اڏاوت جا اهڃاڻ موجود آهن. شام جي فن تعمير تي عيسائي، شامي بازنطيني فن اثرانداز هو. عراق ۽ ايران جي اڏاوت جو نمونو نسطوري ۽ ساساني فن کان متاثر هو، ۽ مصري اڏاوت وري قبطي فن کان اثرانداز هئي (٣).

پهريائين خليفي عبدالملڪ مسجد اقصىٰ ٺهرائي، ان کان پوءِ خليفي المنصور دوباره مسجد اقصىٰ ٺهرائي، ڇاڪاڻ ته اها مسجد سنه ٧٦٩ع واري زلزلي ۾ شهيد ٿي ويئي هئي. شام ۾ دمشق واري مسجد، وليد بن عبدالملڪ اٺڪل روءِ اٺين عيسوي صدي جي شروعات ۾ ٺهرائي هئي. انهي مسجد جو نمونو شامي بازنطيني فن تعمير جو نمونو آهي. اموي خليفي سليمان شهر رمله جو بنياد

(1) Ibn Khuldun, Divawari.
(2) The Quran, 17: I
(3) Hitti, History of the Arabs.

رکيو ۽ ان ۾ مسلمانن لاءِ مسجد ٺهرايائين، جيڪا مقدسي جي چوڻ مطابق عاليشان عمارت هئي، جنهن جا ٿنڀا ۽ فرش سنگمرمر جا هئا. هن حلب ۾ پڻ هڪ عاليشان مسجد تعمير ڪرائي(١). قصرالحمرا جو قلعو خليفي وليد پهرين ٺهرايو.

## حديث ۽ فقه (حديث نبوي ۽ قانون شريعت جو مرتب ٿيڻ)

قرآن شريف کان پوءِ ٻئي نمبر تي حديث اسلام جي سکيا جو ذريعو آهي. قرآن ۽ حديث مذهب اسلام جو اهو سرمايو آهي جنهن جي هڪ پهلو کي علم الالهيات ۽ ٻئي کي فقه ۽ قانون چون ٿا. سنت جا وري ٽي قسم آهن: (١) قول (٢) فعل (٣) تقير.

حضور صلعم جن جي اياڻڪاري ۾ سندن اقوال جو استعمال هڪ شخص کان ٻئي شخص ڏانهن ٿيندو رهيو. جڏهن ربيعة قبيلي وارا حضور جن جي خدمت ۾ مديني جي اوائلي دور ۾ رهيا ته پاڻ کين هدايت ڪئي ته ”اهو ياد رکو ۽ انهن کي ٻڌايو جن کي توهان پوئتي ڇڏي آيا آهيو“(٢).

حجةالوداع جي موقعي تي مسلمانن جي ذميوارين ۽ فرض بابت پاڻ خطبي ۾ فرمايائون ته ”جيڪي اوهان مان هتي موجود آهن سي ٻين لاءِ جيڪي غيرحاضر آهن تن کي هي پيغام پهچائين“(٣). هتي ائين چوڻ مناسب ٿيندو ته سنت جي ضرورت حضور جن جي زندگي ۾ پڻ محسوس ڪئي وئي. مسلمانن حضور جن جي قولن کي رهنمائي جو ذريعو وٺي حديث کي حفظ ڪري قلمبند ڪيو. انهي ڏس ۾ عبدالله بن عمرو چوي ٿو ته ”مون اهو ڪجهه لکيو جيڪو حضور جن کان ٻڌي ياد ڪيو“. مڪمل

---

(١) الطبري.

(2) H. M. I: I-I.

(3) B. 3.: 37.

حديث رسول‌الله صلعم جن جي ايامڪاري ۾ نه لکي ويئي هئي. حضور جن بعد وقت حديث لکڻ تي اعتراض به ڪندا هئا ته متان انهن لفظن کي قرآن مجيد جي آيتن سان ملائي نه ڇڏين ته جيئن قرآن مجيد جي لکت ۾ فرق نه اچي وڃي. ابو هريره رضه، بيبي عائشه رضه، عبدالله بن عمر ۽ عبدالله بن عباس جا نالا حديث جي علم جي تاريخ ۾ پهرين صف ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا.

حضور جن کان پوءِ اسلامي سلطنت جي پکڙجڻ ۽ آسرڻ جي ڪري ڪيترا ئي سياسي، سماجي، انتظاميه ۽ قانون سازيءَ جا مسئلا پيدا ٿيا. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مسلمانن قرآن ۽ حديث جي هدايتن تي عمل ڪرڻ چاهيو. پر جيئن ته قرآن شريف ۾ صرف بنيادي اصولن جو ذڪر ڪيل آهي، انهي ڪري مسلمانن کي بين ڪيترن ئي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ حوالا گهربل هئا، تنهنڪري هنن حضور جن جي نقش قدم تي هلي انهن ڳالهين کي حديث موجب نبيريو.

حديث جي علم جي سکيا لاءِ ڪيترا ئي مرڪز هئا، ليڪن مڪو، مدينو، ڪوفو ۽ بصره خاص شهرت ۽ اهميت جا حامل هئا. حديث جي مڪي واري مڪتب جو بنياد ابن عباس، عبدالله ابن زبير ۽ سندن پوئلڳن رکيو. عبدالله ابن زبير وٽان حديث جو گهڻو مواد مليو.

مدينه منور اسلامي تعليم جو پهريون مرڪز ٿيو. مڪي واري مڪتب جا اڳواڻ بيبي عائشه رضه، عبدالله بن عمر رضه، ابوهريره جا پوئلڳ هئا. ڪوفي کي حديث جي سکيا ۽ تربيت بابت خاص اهميت حاصل هئي. انهي مڪتب جو بنياد عبدالله بن مسعود رضه ۽ سندس شاگردن رکيو. بصره واري مدرسي جا باني حسن‌البصري ۽ امام زهري هئا. امام بصري روايتي محدث هو ۽ امام زهري حديثون گڏ ڪيون. مڪي ۽ مديني وارن مڪتبن کي حجازي، ڪوفي ۽ بصره وارن کي عراقي مڪتبه

فڪر جي نالي سان مختص ڪيو ويو.

حديثن کي جمع ڪرڻ جو اوائلي ڪم عراق ۽ شام ۾ پهرين هجري صدي جي پڇاڙي ۾ بنو اميه دور ۾ شروع ٿيو. امام زهري جنهن کي 'ابن شهاب' جي ڪنيت سان سڃاتو وڃي ٿو، تنهن حديثن جو مجموعو پنهنجي ڪان اڳي لکي پورو ڪيو، پر اهو ڪن سببن ڪري غائب ٿي ويو. عمر بن عبدالعزيز پهرين صدي هجري جي خاتمي تي حديثن جو مجموعو ابوبڪر ابن حزم جي سپرد ڪيو.

حديث جو مستند مجموعو "مؤطا" آهي جيڪو امام مالڪ بن انس جو ترتيب ڏنل آهي. امام مالڪ مديني ۾ رهندو هو ۽ ۽ اتي مالڪي فقه جي مدرسي جو بنياد وڌائين، ۽ حديث پڙهائڻ لاءِ پنهنجا سڄا سارا ٽيهه سال وقف ڪيائين. امام مالڪ هڪ جماعت "محدث" نالي ٺاهي، جنهن جو ڪم هو روايتون جمع ڪرڻ. وٽس پري پري جا ڪيترا ئي شاگرد حصول حديث لاءِ ايندا هئا. قرطبه ۽ ڪاشغر مان آيل پڻ شاگردن، محمد ابن يحيٰ ڪان "المؤطا" جي نالي سان ڪتاب لکارايو، جنهن ۾ امام مالڪ ڪان مليل روايتون قلمبند ڪيون ويون. ان بعد ئي حديث جي تعليم به مسلمانن جي توجه جو مرڪز بنجي وئي، ۽ عالم پنهنجو زياده وقت ان جي پڙهائي تي صرف ڪرڻ لڳا. ايتري قدر جو حديث جو علم پوري اسلامي دنيا ۾ پکڙجي ويو. امام شافعي ۽ امام احمد بن حنبل جا ترتيب ڏنل حديثن جا مجموعا ٻئي نمبر تي اهميت جا حامل آهن.

محمد ابن اسماعيل بخاري حديثن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ جمع ڪرڻ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هو بخارا ۾ سنه ٨٠٣ع ۾ ڄائو ۽ ٻارهن سالن جي عمر ۾ حديث پڙهڻ شروع ڪيائين. ڇهن سالن جي عرصي ۾ حديث جي علم ۾ وڏي مهارت حاصل ڪيائين. حج پڙهڻ ڪان پوءِ هن مڪي ۾ ڇهه سال گذاريا. تنهن

بعد حديثن کي سهيڙڻ لاءِ مسلم ملڪن جا چاليهن سالن تائين دورا ڪري معلومات حاصل ڪندو رهيو. سنه ٨٦٩ع ۾ وفات ڪيائين. پنهنجي مشهور تصنيف، ”الجامع الصحيح“ پنهنجي استاد اسحاق بن راهويه جي رهبري هيٺ لکي تيار ڪيائين. سندس گڏ ڪيل ڇهن لکن (٦٠٠,٠٠٠) حديثن مان صرف نو هزار (٩٠٠٠) حديثون چونڊي ”صحيح بخاري“ ۾ شامل ڪيون ويون. حديث جو ٻيو مجموعو ”صحاح سته“ آهي.

مسلم نيشاپوري جو ترتيب ڏنل ”صحيح مسلم“ جي نالي سان حديثن جو مجموعو ٻئي نمبر تي شمار ڪيو وڃي ٿو. مسلم نيشاپوري ٨١٧ع ۾ خراسان ۾ پيدا ٿيو. ڪيس پنهنجي پيءُ حجاج القرشي محدث کان حديث جي اوائلي تعليم حاصل ٿي ۽ حديث جي وڌيڪ تحصيل لاءِ عراق، حجاز، شام، مصر ۽ بغداد جو سفر ڪيائين. سنه ٨٧٤ع ۾ نيشاپور ۾ وفات ڪيائين. امام مسلم، بخاري جو همعصر ۽ شاگرد هو. سندس تاليف ۽ تصنيف صحيح بخاري سان ٻيٽيل آهي. هن ٽن لکن (٣٠٠٠٠٠) حديثن مان صرف نو هزار ٻن سون حديثن جو انتخاب ڪيو.

محدث ابو دائود سنه ٢٠٣هه ۾ شهر سجستان (خراسان) ۾ ڄائو. ڳوٺ ۾ ابتدائي تعليم کان پوءِ حديث جي مطالعي لاءِ اهم مرڪزن جو رخ ڪيائين. هن حديث ۽ فقه تي ڪيترائي ڪتاب لکيا. ابو دائود جو مشهور ڪارنامو ”سنن ابي دائود“ آهي، جنهن کي حديث ۾ ٽئين درجي تي اعتبار جوڳو تسليم ڪيو ويو آهي. پنجن لکن (٥٠٠٠٠٠) روايتن مان هن صرف چار هزار اٺ سؤ (٤٨٠٠) حديثون منتخب ڪيون، جي سندس مجموعي جو شاهڪار آهن.

ابو عيسيٰ الترمذي حديث جي جمع ڪندڙن جي تاريخ ۾ پنجين ڏاڪي تي شمار ڪيو وڃي ٿو. هو سنه ٨٣١ع ۾ ترمذ شهر ۾ ڄائو. هن حديث جي حصول لاءِ پاڻ کي وقف ڪري

ڇڏيو. پنجن لکن (٥٠٠٠٠٠) حديثن جي مجموعي مان صرف هڪ هزار ڇهه سئو (١٦٠٠) جو انتخاب ڪري "سنن ترمذي" ۾ شامل ڪيائين. هي واحد شخص هو جنهن محدثن جا نالا لغت، حسب نسب ۽ ذات جي سڃاڻپ سان ترتيبوار ڪري لکيا. هن حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سوانح حيات تي "ڪتاب الشمايل" پڻ لکيو. بلخ شهر ۾ ستر ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين.

ابو عبدالرحمان النسائي خراسان جي نساء شهر ۾ سنه ٢١٤ هجري ۾ ڄائو. حديث جي اهم مرڪزن مان فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ حديثن جو وڏو تعداد جمع ڪري پنهنجي "سنن" ۾ شامل ڪيائين. سندس تاليف ۾ ٤٤٨٢ حديثون شامل آهن، جيڪي پندرهن عنوانن ۾ ورهايل آهن ۽ انهن کي وري تقسيم ڪري ١٧٤٤ بابن ۾ ڦانڊيو ويو آهي. نسائي سنه ٣٠٣ هجري ڌاري مڪي ۾ وفات ڪئي.

ابو عبدالله محمد بن يزيد الماجه سنه ٢٠٩ هجري مطابق ٨٢٤ع ۾ قزوين ايران ۾ پيدا ٿيو. حديث جي حصول لاءِ عراق، بصري، ڪوفي، شام، مصر ۽ حجاز جا سفر اختيار ڪيائين. هن حديثن جو وڏو تعداد ڪٺو ڪري "سنن" ۾ درج ڪيو. ابن ماجه قرآن شريف جي تفسير ۽ تاريخ تي پڻ ڪتاب لکيا. سنه ٨٨٦ع ۾ وفات ڪيائين.

## عباسي دور ۾ اسلامي علمن جي نشو و نما

سنڌ تي عباسي خلفاء جو تسلط ابوالعباس بن عبدالله بن محمد السفاح (١٣٢-١٣٦هه) جي دؤر ۾ ٿيو. عباسي دؤر عالم اسلام ۾ علم و ادب جو سونهري دور ليکيو وڃي ٿو. انهي ساڳئي وقت ۾ سنڌ به اسلامي علوم ۽ تهذيب کي مڪمل طور پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو هو.

ياقوت لکي ٿو ته "عباسي دور ۾ ابتدائي اسڪول گهرن

۾ قائم ڪيل هئا ۽ انهن ۾ لکڻ، پڙهڻ، صرف نحو، حديثون، رياضي، جا اصول ۽ مذهبي اشعار شاگردن کي بر زبان ياد ڪرايا ويندا هئا (١). وڏن شاگردن کي قرآن شريف جو تفسير، حديث ۽ سنت، فقه جي رسمي ڄاڻ، دينيات، لغت، فصاحت ۽ بلاغت پڙهائيندا هئا. وڏا عالم پاڻ کي هيئت، رياضي، جاگرافي، تاريخ، جاميٽري، فلسفي، موسيقي، حڪمت ۽ طب جي وڏيڪ کوجنا ۾ مشغول رکندا هئا.

عماره نالي هڪ ڄاڻو، پرهيزگار ۽ بهادر عورت پنهنجي گهر ۾ مدرسو قائم ڪيو هو ۽ اتي ٻارن کي قرآن شريف ۽ حديث جا اصول حفظ ڪرائيندي هئي (٢). عباسي دور ۾ ابتدائي اسڪولن ۾ مخلوط تعليم جو طريقو رائج هو. علم حاصل ڪرڻ عوام جي سڀني طبقن جو بنيادي حق هو. شاهوڪار پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ خانگي استاد مقرر ڪندا هئا.

عباسي دور ۾ قرآن شريف، فقه ۽ دينيات پڙهائيندڙن کي معلم ڪري ڇوندا هئا. امير طبقي جي اولاد ۽ شهزادن کي منطق، رياضي، هيئت، فصاحت ۽ قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ ضروري هئي. ٻولي ۽ ادب جي استادن کي فقر تي گذران ڪرڻو پوندو هو. وڏيڪ ذريعي معاش لاءِ استاد شعر و شاعري سان گڏ تعريفي نظم لکي داد حاصل ڪندا هئا (٣).

ابن بطوطه پنهنجي سفرنامي ۾ لکي ٿو ته ”قرآن شريف پڙهائڻ وارن کي پگهار ملندو هو. استادن کي پوري وقت لاءِ پندرهن دينار ڏينهن ۾ ملندا هئا. استادن توڙي غريب شاگردن جي پرورش وقف ٿيل ملڪيت مان ڪئي ويندي هئي (وقف ملڪيتون جيڪي مسجدن، درسگاهن ۽ اسپتالن لاءِ مخصوص

(1) Shustry, "Out lines of Islamic Culture".
(2) Ibn Khall.
(3) Khuda Bux: Islamic Civilization.

هيون). ڪن حالتن ۾ اعليٰ خاندانن کان چندو ڪري استادن ۽ شاگردن جي مدد ڪئي ويندي هئي. انهن مان ڪن کي شاهي خزاني مان وظيفا پڻ ملندا هئا(١).

پندرهن سالن جي عمر تائين نوجوان پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪندا هئا يا ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن اعليٰ مرڪز ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ويندا هئا. پنهنجي تعليم کي وڌيڪ مؤثر ڪرڻ لاءِ عالمن جون تقريرون، وعظ ۽ خطبا ٻڌندا هئا.

تعليم جو ڪوبه باقاعدي مقرر ڪيل نصاب ڪونه هو. معلم گهڻو ڪري پنهنجا تصنيف ڪيل ڪتاب پڙهائيندا هئا يا اعليٰ اختياري وارن جو منتخب ڪيل نصاب پڙهايو ويندو هو(٢). استادن کي درسي ڪتاب بر زبان ياد هوندا هئا. استادن ۽ شاگردن جي وچ ۾ سبق دوران مناظرا ۽ بحث مباحثا ٿيندا هئا(٣). درسگاهن ۾ هر مضمون جي مشق ڪرائي ويندي هئي. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ شاگردن کي سندون عطا ٿينديون هيون.

خليفي المامون دارالخلافت ۾ بيت الحڪمه قائم ڪري ان ۾ ترجمي جو محڪمو قائم ڪيو. پروفيسر هٽي لکي ٿو ته ”بيت الحڪمه ۾ اعليٰ تعليم جو مرڪز هو، جنهن ۾ عوامي ڪتبخانو ۽ تجربيگاه پڻ هو(٤). ابن النديم جي چوڻ مطابق جامعه مدرسه جي مهتمم کي لاطيني علم کي ڇاڻڻ ۽ عربي ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ يورپي ملڪن ۾ سفير ڪري موڪليو ويندو هو.

خليل طوطع لکي ٿو ته ”بيت الحڪمه کي نئين دنيا ۾ پهرين يونيورسٽي هئڻ جو شرف حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته انهي

(1) A. M: A. Shustry, Out lines of Islamic Culture.
(2) Khuda Bux, Islamic Civilization.
(3) Ibid.
(4) P. K. Hitti, "History of Arabs".

اداري بولونا، پيرس، پراگ، آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين کان گهڻو اڳي تعليم کي سربلند ڪيو"(١). بيت الحڪمه جي ڪتب خاني جو اڳواڻ الخوارزمي هو. ڪيترا ئي عالم ۽ فاضل ابو نواس، الطبري، يعقوبي ۽ مسعودي جهڙا اچي بغداد جي درسگاهن ۾ درس ڏيڻ لڳا. انهي وقت بغداد ۾ ڪتابن جا دڪان هڪ سؤ کان به وڌيڪ هئا.

عباسي خلافت جي پاران موسيٰ بن ڪعب سنڌ جو والي مقرر ٿيو. ان بعد سندس پٽ عيني والي ٿيو، تنهن کي عمر بن حفص سنه ١٤١هه ۾ شڪست ڏني. ابو جعفر عبدالله المنصور، عمر بن حفص کي سنڌ جو والي مقرر ڪيو. ان ٻه ١٥١هجري تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. خليفي منصور، هشام کي سنڌ جي حالتن کي قابو ۾ آڻڻ لاءِ مقرر ڪيو. نفس ذڪيه جي پٽ عبدالله سنڌ ۾ گڙٻڙ پيدا ڪئي، تنهن کي هشام شڪست ڏيئي قتل ڪري ڇڏيو (٢).

والين جي انهن تڪڙين ڦيرين گهيرين هوندي به سنڌ ۾ اسلامي علم ادب جي ترقي ٿيندي رهي (٣). بغداد جي علمي ادبي سرگرمين سنڌ کي به منوّر ڪري ڇڏيو، جنهنڪري هيتي مسجدن ۾ ديني تعليم جو سلسلو ديبل کان وٺي ملتان تائين جاري رهيو(٤).

خليفي المامون الرشيد جي ڏينهن ۾ فضل بن ماهان، سندان ۾ عظيم الشان جامع مسجد تعمير ڪرائي، جنهن ۾ درس تدريس جو شغل جاري هو. وضو لاءِ پاڻي جا حوض ۽ پاسن کان مسافرن

(1) Prof: K. Ali. "Education under the Abbasids", P-53.
(2) Syed M. Saeed, "History of Abbasids", 1974, P-33.
(3) Ibid. P-227.

(٤) ملتان ۾ محمد بن قاسم واري جوڙايل مسجد جلم بن شيبان قرمطي (اسماعيلي) اموي يادگار سمجهي بند ڪرائي ڇڏي هئي. البيروني، ڪتاب الهند، لنڊن، ص ٥٠١.

جي رهڻ لاءِ جايون ۽ حمامن جو پڻ انتظام هو (١). اهڙين مسجدن ۽ درسگاهن جو سلسلو پڻ سنڌ توڙي هند جي ٻين شهرن تائين پکڙيل هو، جيئن ته قنوج، ويهند ۽ گجرات وغيره (٢).

درسگاه نظاميه، جيڪو ٻين اعليٰ درسگاهن لاءِ مثال بنيو، تنهن جو بنياد نظام الملڪ سنه ١٠٦٥ع ۾ وڌو. نظام الملڪ اٽڪل ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاري ايران جي سلجوقي سلطانن الپ ارسلان ۽ ملڪ شاهه جو وزير هو. ابن جبير جي چوڻ مطابق ته نظاميه ۾ عوام جي آڏو خطبا ۽ ليڪچر ڏنا ويندا هئا. خليفي نظام الملڪ تعليم جو سرشتو مرتب ڪيو ۽ ڪيترائي درسگاه ۽ دارالعلوم قائم ڪيائين. تعليمي ادارن کي حڪومت جي طرفان وقف ملڪيتون ۽ عطيه ڏنا ويندا هئا. غزالي چئن سالن لاءِ (١٠٩١ع-١٠٩٥ع) نظاميه ۾ استاد سان گڏ سربراهه به ٿي رهيو.

بهاءُ الدين ۽ اميرالحرمين ابوالمعالي جويني، نظاميه جا مشهور معروف عالم ۽ استاد ٿي گذريا آهن. نظام الملڪ ٻيا به درسگاهه اصفهان، مرو، سمرقند، بلخ، حلب، دمشق، غزني ۽ لاهور ۾ قائم ڪيا. نظاميه هلاڪو خان جي حملي سنه ١٢٥٨ع تائين قائم رهيو. تيمورلنگ جي بغداد تي قبضي کان پوءِ ان کي مستنصريه سان ملايو ويو. المستنصريه، خليفي المستنصر باالله سنه ١٢٣٤ع ۾ قائم ڪيو. مستنصريه ۾ چئني فرقن لاءِ قانون جا الڳ الڳ ادارا قائم هئا. جنهن لاءِ هرهڪ جو سربراه سند يافته عالم هوندو هو (٣). ابن قيراط لکي ٿو ته "مستنصريه ۾ مختلف اڻ لڀ ۽ ناياب ڪتابن جو شاهي ڪتبخانو موجود هو." خوش قسمتي سان هي مدرسو منگولن جي حملن ۽ تباه ڪارين کان بچي ويو.

(١) ڊاڪٽر گستاولي بان: تمدن عرب، مترجم سيد علي بلگرامي، ص٢١٧، حيدرآباد دکن.

(٢) بلاذري ; فتوح البلدان، ص ٤٤٥.

(3) K. Ali. History of Muslim Culture, P-55.

سلجوقي وزير تاج الدوله، نيشاپور ۽ ٻين شهرن ۾ مدرسا قائم ڪيا. هن پنهنجي نالي سان اعليٰ تعليم لاءِ "تاجيه" مدرسو پڻ قائم ڪيو.

عباسي خليفي المامون وانگر، فاطمي خليفي الحڪيم سنه ١٠٠٥ه، ڌاري هڪ اعليٰ درسگاه دارالحڪمه جو قاهره ۾ بنياد وڌو. مقريزي جي چوڻ مطابق "هن اداري جي نصاب ۾ هيئت، طب، گرامر، لغت ۽ فلسفي جا مضمون پڙهايا ويندا هئا." هي ادارو صلاح الدين جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ختم ٿي ويو.

اسلامي مملڪت جي وسيع ٿيڻ سان مسلمانن ڌارين ملڪن جي تهذيب به پاڻ سان آندي. ايراني ۽ لاطيني تهذيب مسلمانن تي وڏو اثر ڪيو، جنهن ڪري مسلمانن دنيا ۾ ذهني ڪردار ادا ڪيو ۽ فهم و فراست جي ڪري آسمان تي پهچي ويا. هنن ۾ سڄاڳي هند، ايراني ۽ شامي، ليڪن گهڻي قدر يورپي اثرات جي ڪري پيدا ٿي، جنهن لاءِ اهو اهڃاڻ ڪافي آهي ته فارسي، سنسڪرت، شامي ۽ يوناني ٻولين جا ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪيا ويا (١).

ترجمي جي شروعات ۾ نسطوري عيسائين لاطيني ۽ اسلامي ملڪن جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو ڪم ڪيو. پهريائين شامي نسطوري عيسائين يوناني زبان مان شامي زبان ۾ ترجما ڪيا ۽ پوءِ شامي زبان مان عربي ٻولي ۾ ترجمو ڪيائون. هندستانين عرب دنيا تي به وڏا احسان ڪيا؛ هڪڙو هيئت جو علم ۽ ٻيو ڏهائيءَ جو طريقو. هندستاني علم هيئت جو نسخو سڌانت سڏبو هو، جيڪو محمد ابن الفرضي، المنصوري جي مدد سان عربي ۾ ترجمو ڪيو(٢). هن جي حڪومت جي دور ۾ ارسطو جون ڪيتريون ئي تصنيفون، بطليموس جو المجسطي اقليدس ۽ ٻيا يوناني ڪتاب،

(1) P. K. Hitti, History of the Arbas.
(2) Ibid.

ٽوڙي بزنطيني، فارسي ۽ شامي ڪتاب عربي ٻولي ۾ ترجمو ڪيا ويا. مسعودي جي قول مطابق ته انهن ڪتابن جي ترجمي جو مطالعو وڏي شوق سان ٿيڻ لڳو.

سنہ ١٣٨ھ ۾ خليفو سخت بيمار ٿي پيو ۽ درباري حڪيمن سندس بچڻ جي اميد لاهي ڇڏي. ليڪن خليفي، مشهور حڪيم ۽ جنديءَ-شاپور جي منتظم جارج کي گهرايو، جنهن جي علاج سان خليفو صحتياب ٿي ويو. انهي کان پوءِ حڪيم جارج کي خليفي جي دربار ۾ دائمي اچڻ جو شرف حاصل رهيو(١). مسلمانن سان لاطيني عيسائي شاگرد پڻ بغداد ۾ پڙهندا هئا. ماشاالله ۽ احمد بن محمد النهاوندي هيئت دان ۽ عبدالله بن مقنع، ابراهيم فزاري، جرجيس، خالد برمڪي ۽ ابو ايوب موريانی جهڙا صاحب ڪمال شاعر ۽ اديب، خليفي منصور جي دور ۾ ٿي گذريا. ماشاالله تاريخ جا قيمتي ڪتاب، چنڊ ۽ تارن جي اوچائي معلوم ڪرڻ جي اندازي مطابق ڪتاب لکيا. فوجي انتظام جي باري ۾ مڪمل ۽ آسماني گرهڻ ۽ ستارن جي گردش ۽ خاصيتن بابت پڻ لکيائين. احمد بن محمّد النهاوندي پنهنجي مشاهدي جي بنياد تي علم هيئت جي ”المستعمل“ نالي فهرست تيار ڪئي. خليفي مهدي جي حڪومت ڪجهه به نه ڪيو، انهيءَ ڪري منصور جو چوٿو هارون کي مليو.

خليفي هارون الرشيد ڪيترا ئي تعليمي ادارا قائم ڪيا. جن ۾ ڪتبخانن ۽ رهائش جو بندوبست پڻ ڪيو ويو. خليفي، شاعرن، عالمن، فيلسوفن ۽ قاضين جو قدر ڪري کين دربار ۾ رکيو. اسمائي عربي گرامر جو مصنف شفيع، عبدالله بن ادريس، عيسيٰ بن يونس، ابراهيم موصلي موسيقار ۽ جبريل حاذق حڪيم سندس دور حڪومت ۾ پيدا ٿيا. يحيٰ جي وزارت ڏان اهڙ کان پوءِ فضل حڪومت جا اهم معاملا سنڀاليا. هن بغداد ۾ ڪاغذ

(1) Prof: K. Ali, History of Muslim Culture, P- 59.

جو ڪارخانو قائم ڪيو. ڪانئس اڳ ڪاغذ مصر ۽ چين مان گهرايو ويندو هو (١). خليفي هارون جي حڪومت ۾ فقه حنفي تي مدار رکندڙ مسلڪ قاضي ابو يوسف جي رهبري ۾ قائم ٿيو. خليفو مامون وڏو فيلسوف ۽ عالم هو. عوام جي ڀلائي لاءِ پنهنجي سڄي ڄمار وقف ڪري ڇڏيائين. سندس دور ۾ فلسفي، رياضي، حڪمت، سائنس، هيئت ۽ تاريخ جي فن تيزي سان ترقي ڪئي. سندس ڪارنامن کي مسلمانن جي تهذيب جو حقيقي سونهري دور چئي سگهجي ٿو، ۽ ان کي روم جي آغسطس واري دور سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي (٢).

مامون يوناني تهذيب کان متاثر ٿي بارنطيني شهنشاه کان چوند قديم قلمي نسخا گهرايا. سندس علم پروري جي ڪري جالينوس جي حڪمت، اقليدس ۽ بطليموس جو يوناني رياضي علم، ارسطو ۽ افلاطون جو يوناني فلسفو وغيره عربي ٻولي ۾ قلمبند ڪيا ويا.

يحيٰ بن البطرق سنه ٢٠٠هه مطابق سنه ٨١٥ع مامون کان اڳئين دور جو هو ۽ طمرس جو ترجمو ڪيائين. انهي کان سواءِ هن بطليموس جي تصنيفات، جالينوس ۽ بقراط جا ڪيترا ئي ڪتاب ترجمو ڪيا. حاران جي درسگاهه جي باني الحجاج بن مطر کي اقليدس جي ”ٻن اصولن جي ڪتاب“ کي ترجمي ڪرڻ جو شرف حاصل آهي، جن مان هڪڙو خليفي هارون الرشيد لاءِ ۽ ٻيو سندس پٽ مامون لاءِ ترجمو ڪيائين.

يوناني ڪتابن جو مشهور معروف مترجم حنين بن اسحاق ٨٠٩ع کان ٨٧٣ع تائين زنده هو. هي عيسائي عرب حڪيم هو ۽ بغداد ۾ يحيٰ بن مساويہ کان علم حڪمت حاصل ڪيائين. تنهن کان پوءِ بنو موسيٰ هن کي يوناني ڪتاب عربي ۾ ترجمي

(1) S. M. Saeed, History of Abbasids''. P- 76.
(2) Al-Nadim, Fihrist.

ڪرڻ جو ڪم سونپيو. ڪيس ٽيهن ڪتابن لکڻ جو شرف حاصل آهي. جالينوس جي ترجمي کان سواءِ هن افلاطون، ارسطو ۽ بطليموس جي ڪتابن جا ترجما پنهنجي پٽ اسحاق ۽ ڀائٽي حبيش جي مدد سان ڪيا. هن عيسيٰ بن يحيٰ ۽ موسيٰ بن خالد سان گڏجي علمي ڪارناما سرانجام ڏنا. ثابت بن قره بنو موسيٰ جو رکوالو هو. هن کي پڻ يوناني ٻولي مان رياضي ۽ هيئت جي ڪتابن ترجمو ڪرڻ جو شرف حاصل آهي.

قسطا ابن لقا (٣١٠ھ/٩٢٣ع) رياضي ۽ فلسفي جو مترجم هو. انهي کان سواءِ هن پنهنجا ڪتاب به تصنيف ڪيا. يحيٰ بن عدي سنه ٨٩٣ع ۾ تقريظ ۾ چاڙهو هو. هن ارسطو جي ڪتابن تي حاشيا پڻ لکيا.

خليفي مامون جي حڪم مطابق موسيٰ الخوارزمي، سڌانت يا هندستاني زائچن جو نئين سر ترجمو ڪيو. منڪه ۽ دوبن برهمڻ هندستاني رياضي ۽ علم هيئت جي ڪتابن جو ترجمو عربي ۾ ڪيو ۽ انهي سان گڏ هندستاني علم ادب جو دروازو عربن لاءِ هميشه لاءِ کلي ويو.

يحيٰ بن هارون کي خليفي مامون فارسي مان عربيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. يوناني ٻولي جي ماهر الڪندي مختلف مضمونن تي ٻه سئو ڪتاب لکيا ۽ انهن مان اٿينس ۽ اسڪندريه جي مڪتبن لاءِ ڪافي مواد تيار ٿي ويو.

خليفي جي دور ۾ ابو معشر هيئت دان، آسماني برجن ۽ ستارن جو مطالعو ڪيو ۽ زيچ، ابو معشر جي نالي سان ڪتاب لکيائين، جيڪو هميشه لاءِ علم هيئت جو اهم ذريعو بنجي ويو. بنو موسيٰ نظام شمسي جي تحقيقات ڪري ڦهريوڻ پيرو چنڊ جي ننڍ وڏائي بابت معلومات حاصل ڪئي. انهي کان سواءِ هن ڏينهن رات جو ٿيڻ ۽ انهن جي برابري جو پڻ پورو مشاهدو ڪيو، جنهن جو يونانين کي اڳي ڪوبه پتو نه هو(١).

(1) Sayed Amir Ali, "The Spirit of Islam".

ابوالحسن هڪ نالي ۽ مان دوربيني ايجاد ڪئي. انهي ايجاد کان پوءِ اهي ناليون مراغه ۽ قاهره جي تجربي گاهن ۾ استعمال ٿيڻ لڳيون. شمسيه ۽ تدمور جي ڪايل ميدان تي علم هيئت ۽ جاميٽري جي معلومات لاءِ هڪ رصدگاه قائم ڪيو ويو. البطاني علم هيئت جي چاڙهن ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو ۽ کيس بطليموس سان نسبت ڏيئي سگهجي ٿي (١). ابوالحسن جون جدولون لاطيني ٻولي ۾ ترجمو ڪري علم رياضي جي تاريخ ۽ علم هيئت جي حساب موجب زه جي بدران sine ۽ Co - sine کي رائج ڪيائين (٢). ڏهين صدي جي آخر تائين جيڪي هيئت دان پيدا ٿيا، تن مان علي ابن آمجر ۽ ابوالحسن علي بن آمجر تعريف جي قابل هئا.

المستعصم کان وٺي الواثق بالله جي حڪومت تائين ڏارين ڪتابن کي ترجمي ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويو. ابن مسعودي جي چوڻ مطابق يوحنا ۽ ابن مساويه کي ٽي لک درهم ڏيئي مقرر ڪيو ويو هو. المتوڪل بالله ڌارين علمن جي سرپرستي ڪري ترجمن کي ترجيح ڏني.

مسلمانن قديم دنيا جي تهذيب ۽ تمدن کي يوناني، فارسي، هندي ۽ سنسڪرت ٻولين مان عربي ۾ ترجمو ڪري ارسطو، جالينوس، بطليموس، افلاطون وغيره جون تحقيقات محفوظ ڪيون، انهي ڪري مسلمان عالم نائين عيسوي صدي جي تهذيب جا وارث بڻجي ويا. انهن مان الڪندي (نائين صدي عيسوي جي وچ ڌاري)، بنو موسيٰ (نائين عيسوي صدي)، الخوارزمي (نائين عيسوي صدي) ۽ الفرغاني پنهنجو ذهني عڪس دنيا تي ڇڏيو. الفرغاني جا علم هيئت تي لاطيني ۽ عبراني ٻولين جا ترجما پندرهين عيسوي صدي ۽ تائين مقبول هئا. هن ڌرتي ۽ ٻين گرهن جا قطر ڳولي لڌا.

(1) K. Ali, History of Muslim Culture, P-66
(2) Ibid

ابو معشر (وفات سنه ۸۸۵ع) ويرن تي چنڊ جي ضابطي جو منطقي اصول پيش ڪيو. الخوارزمي (وفات سنه ۸۸۵ع) تفريق توڙي جاميٽري سان، چورس جي برابرين جو باقاعدي اڀياس ڪيو. البطاني (وفات ۹۲۹ع) رقم ۾ سندس مشاهدي ۾ آيل تارن جي ياد داشت تيار ڪئي. آلجبرا جو ماهر ابو ڪامل شجاع ابن اسلم ۽ جاميٽري جو ماهر ابراهيم بن سعيد (وفات ۱۰۶۶ع)، ٻيئي پنهنجي وقت جا وڏا رياضيدان ٿي گذريا آهن. ابوبڪر الرازي (وفات ۹۵۲ع) وچين دور جو حاذق حڪيم، طبعيات ۽ ڪيميا جي علمي تجربن جو ماهر هو. هن آرڙي ۽ ننڍي ماڻا تي قابل قبول تحقيق ڪري هڪ جامع رسالو لکيو. سندس مختلف ڌاتن جي بناوت ۽ خاصيتن بابت رايا ۽ ڪيميائي جزن جي ڇاڻ، ليوازير کان اڳ جا باقاعدي نسخا عمل ۾ ايندا هئا. پاڻيات جي خاصيتن کي جاچڻ واري ترازو ۽ ڪشش ثقل لهڻ جا اصول سندس عظيم کوجنائون آهن. المقريزي چنڊ ۽ ستارن جي گولائي ۽ سندن اوچائي معلوم ڪرڻ جي اندازي بابت عربي ٻولي ۾ تحقيقي مقالو لکي داد حاصل ڪيو.

عبدالرحمان صوفي، ابن يونس، ابن الهيثم (وفات ۱۰۳۹ع)، البيروني (وفات ۱۰۴۸ع)، ابن سينا (وفات ۱۰۳۷ع)، عمر الخيام (وفات ۱۱۲۳ع) ۽ ابن رشد (وفات ۱۱۹۹ع) جي هر دور ۾ آجيان ڪئي وئي. عبدالرحمان صوفي جو ڪتاب ”صُوَرالڪواڪب“ علم هيئت جو شاهي ڪارنامو آهي. ابن يونس شماريه جون جدولون قاهره ۾ تيار ڪيون. ابن الهيثم حاذق حڪيم سان گڏ ماهر چشم پڻ هو، هن اکين جي مختلف بيمارين بابت ڪيترين ئي تجويزون ڏنيون.

البيروني جون ايجادون ۽ لکيئون سندس ڪتاب ”قانون مسعودي“ ۾ قلمبند ٿيل آهن، جيڪي کيس علم هيئت جي ڇاڻ ۾ اعليٰ مرتبو ڏيارين ٿيون. ابن سينا جو ڪتاب ”قانون في الطب“ صدين کان طب جو مقدس ڪتاب رهندو آيو آهي. عمر الخيام،

رياضيءَ ۽ ترقيءَ جي طريقي ۽ جلالي ڪيلينڊر جو موجد آهي،
پر شعر و شاعري سندس شهرت کي ڪاپاري تائين هنيو. ابن رشد،
فارابي وانگر نه صرف ارسطو جي فلسفي جو شائق هو، پر هن
اک جي ماڻڪي ۽ شفاف پردي کي ديد طور واقف ڪرايو؛ تنهن
کان سواءِ علم حياتيات لاءِ سج جي ترورن جي اهميت بابت
انڪشاف ڪيائين (١).

مسلمانن نه فقط سياست، سياحت، اقتصاديات ۽ معاشرتي
علوم کي روشناس ڪرايو، پر علم نباتات، علم حيوانات ۽
علم الارض ۾ ترقي ڪري يونانين کي پڻ گهڻو پٺتي ڇڏي ويا.
بغداد، قرطبه ۽ قاهره ۾ شاگردن کي تعليم ڏيڻ لاءِ به هزار مختلف
بوٽا هٿ ڪري باقاعدي باغن ۾ تجربن لاءِ پوکيا ويا. جهاز راني،
زراعت، آبپاشي، غير متحرڪ شين، تاريخ ۽ جاگرافي وغيره تي
پڻ تحقيقاتي ڪتاب لکيا ويا.

خليفي المامون جي دور ۾ ابوالقاسم نالي سائنسدان جهاز
ايجاد ڪيو، پر اهو اڏامندي پڇي پيو ۽ پاڻ حادثي ۾ مري
ويو (٢). بيشڪ مسلمان وچين دور جي ثقافت جا مهندار هئا،
جن پوري دنيا کي نين ايجادن کان روشناس ڪرايو. هاڻوڪو
يورپ سائنسي ترقي ۽ تحقيق لاءِ مسلمانن جو ٿورائتو آهي،
چاڪاڻ ته اها سڄاڳي اسلامي تهذيب ۽ علم ادب جي ڪري
نصيب ٿيس.

## چٽسالي

چٽسالي جي فن جي اسلام ۾ حوصله شڪني ڪئي ويئي
آهي، تنهن هوندي به بنو اميه ۽ بنو عباس پنهنجي محلاتن کي
گلڪاري ۽ ماڻهن جي شڪلين سان خوب سينگاريو هو. عباسي
خاندان جي ٻئي خليفي جي محلات تي هڪڙي شهسوار جي

(1) K. Ali, Education under the Abbasids. P- 70.
(2) Ibid, P-71.

جي ڪوشش سان اٽڪل هڪ درجن عربي خط ايجاد ٿيا، جهڙوڪ (١) قلم الحرم (٢) قلم المدامرات (٣) قلم العهود (٤) قلم القصص (٥) قلم المزماج (٦) قلم المفتح (٧) قلم النبور (٨) قلم الجايل (٩) قلم السجلات (١٠) قلم الديباج (١١) قلم اسطور مارالڪبير (١٢) قلم المثلاثين(١).

عباسي خاندان جي آخري دور ۾ ڪتابن ۽ قرآن شريف جي قلمي نسخن کي سينگارڻ ۽ انهن جي نمائش جو رواج پئجي ويو ۽ سلجوقين جي دور ۾ ڪماليت جو درجو حاصل ڪيائين.

خوشنويس ميان خليل الله شاه "نؤرس" (Nue-Ras) ڪتاب جو قلمي نسخو لکي دکن جي حاڪم ابراهيم عادل شاه کي سوکڙي طور ڏنو. شاه ايترو ته خوش ٿيو جو کيس "قلم جو بادشاه" جي لقب سان نوازيو ۽ عزت وچان پاڻ سان گڏ تخت تي وهاريائينس.

الريحاني خليفي المامون رشيد جي دور حڪومت ۾ عباسي دربار کي پنهنجي فن سان چمڪائي ڇڏيو. ريحاني کان پوء عباسين جي وزير ابن مقله (متوفي ٣٢٨ هه) "خط ڪوفي" مان "خط نسخي" ايجاد ڪيو. خليفي الرازي، ابن مقله جو ساڄو هٿ وڍائي ڇڏيو، تنهن هوندي به هو پنهنجي کابي هٿ سان سٺي نموني لکي سگهيو ٿي(٢). محقق طريقي جو موجد ابن البويه (Ibn Al-Buwwah)، خوشخطي جي تاريخ ۾ خاص اهميت جو حامل آهي. ياقوت المستعصمي کي عباسي دور جو آخري درباري ناسخ ليکيو وڃي ٿو. المامون الرشيد جي ڏينهن ۾ قلم المرصع، قلم النساخ ۽ قلم الرياسي اختراع ڪيا ويا. بعد ۾ قلم الرقاع ۽ ۽ قلم غبار الحليله ايجاد ڪيا ويا. عباسي دور ۾ ڪوفي خط اٽڪل ويهن نمونن ۾ مستعمل هو(٣).

---

(١) رحيمداد خان شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد، ١٩٥٩ع، ص ١٨٨

(2) Arnold, Legacy of Islam.

(٣) حافظ چلپي: ڪشف الظنون، ج اول، ص ٤٦٦

سنڌ ۾ عربي حڪومت جي زماني ۾ قلم الرقاع ۽ قلم غبار الحليه رائج ٿيا. منجهانئن ڪوفي خط ۾ قرآن مجيد ۽ ٻيا مذهبي ڪتاب قلمبند ڪيا ويندا هئا ۽ خط نسخ سرڪاري دفترن ۾ استعمال ٿيندو هو(١).

ابتدا ۾ نومسلم سنڌين کي قرآن شريف ۾ نقطن نه هئڻ ڪري پڙهڻ ۾ دقت پيش ايندي هئي، جنهن کي مٽائڻ لاءِ نصر بن عاصم ڪان ڪلام پاڪ ۾ نقطا ڏياريا ويا (٢).

## موسيقي

مسلمانن ۾ موسيقي بنو اميه جي دور کان شروع ٿي ۽ عباسين جي دور ۾ عروج کي وڃي پهتي، عباسين جي دربار ۾ ڳائڻن ۽ گوين کي انعامن اڪرامن سان نوازيو ويندو هو. راڳ کي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. امام غزالي رحه پنهنجي تصنيف "احياءُ العلوم" ۾ شعوري ۽ غير شعوري راڳ جو ذڪر ڪيو آهي. سندس چوڻ موجب ته "راڳ جي چاڻ جسم لاءِ طاقت ۽ دماغ جي غذا آهي". عربي ٻولي ۾ موسيقي جي فن کي ابوالفرج اصفهاني ايڪيهن حصن ۾ تصنيف ڪيو ۽ انهي فن ۾ هڪ سؤ چونڊ سُر سمجهايا آهن(٣).

بغداد شهر ۾ موسيقي جا اسڪول هر هنڌ موجود هئا. عباسين جي دور ۾ موسيقي جا ڪيترا ئي ڪتاب يوناني ٻولي مان عربي ۾ ترجمو ڪيا ويا. خليفي المهدي سياط کي مڪي کان گهرائي پنهنجي دربار ۾ گويو مقرر ڪيو. سياط جو شاگرد ابراهيم الموصلي پڪي راڳ جو ماهر هو. ابراهيم ايران جي اعليٰ

---

(١) هجري ستين صدي ۾ فقط ڇهن قسمن جو خط رائج هو: ثلث، نسخ، تعليقي، ريحاني، محقق ۽ رقاع.

(٢) ابن خلڪان: جلد اول، ص ١٣٥

(3) Hitti, "History of the Arbas".

خاندان جو فرد هو. هارون الرشيد کيس ملازمت ۾ رکيو ۽ ڏيڍ لک درهم عطا ڪيائين. موسيقي جي فن ۾ ابراهيم جو همعصر ابن جامي پنهنجي سريلي آواز ڪري وڏيڪ مقبول هو.

هارون الرشيد جي دربار ۾ خوشي جي خاص موقعن تي هڪ ئي وقت ٻه هزار ڳائڻا حصو وٺندا هئا، ايتري قدر جو الامين پنهنجي دربار ۾ راتين جون راتيون محفلون لڳائيندو هو. هارون جي دربار ۾ ابن ابي حفص جهڙو قادرالڪلام شاعر موجود هو(١). المامون ۽ المتوڪل جي دربار ۾ اسحاق بن ابراهيم الموصلي موسيقارن جو مهندار هر وقت موجود رهندو هو، ان کان سواءِ سندس شاگرد مخرق به ساڻس گڏ ڳائيندو هو(٢).

الواثق پهريون موسيقار خليفو هو، جنهن سارنگيءَ تي هڪ سؤ سُر آلاپيا. المستنصر ۽ المستند شعرگوئي ۽ موسيقي جي فن ۾ الواثق کان ٻئي نمبر تي هئا. المستند حقيقي معنيٰ ۾ موسيقار خليفو هو، جنهن جي راڳ جي ساک ابن خردازبه جي رسمي تحرير مان ظاهر ٿئي ٿي. يونس الڪاتب موسيقي جي قاعدن بابت پهريون پهرو قلم آزمائي ڪري شرحون لکيون. کانئس پوءِ خليل علم عروض تي ڪتاب لکيا ۽ هي پهريون عربي زبان جو لغت نويس هو، جنهن جو ”ياداشت جو ڪتاب“ ۽ ”بحر وزن جو ڪتاب“ موسيقي جي اصولن ۾ مشهور هئا. ابن فرنس پهريون شخص هو جنهن موسيقي جو فن اسپين ۾ سيکاريو. آنين ۽ ڏهين صدي جي وچ ڌاري يوناني علم موسيقي ۽ آواز جي علم جا رسالا عربي زبان ۾ ترجمو ڪيا ويا.

حنين ابن اسحاق، يوحنا ابن البطريق يوناني تصنيفون عربي ۾ ترجمو ڪيون. ارسطو جون ٻه تصنيفون ”ڪتاب المسائل“ ۽ ”ڪتاب في النفس“ جي عنوانن سان عربي ۽ نسطوري حڪيم

(1) S. M. Saeed, "History of Abbasids", 1974, P-86.
(2) Ibn - Nadeem, Fihrist.

ترجمو ڪيا (١). حنين ابن اسحاق، جالينوس جو ڪتاب (Devoce) عربي ۾ "ڪتاب الصوت" جي عنوان سان ترجمو ڪيو. اقليدس جا عربي ۾ ترجمو ڪيل ڪتاب "ڪتاب النغم"، "ڪتاب العقا" ۽ "ڪتاب القانون" موسيقي جي فن بابت مشهور هئا. ارسطو جي پٽ Nicomachus پڻ موسيقي جي فن ۽ علم رياضي تي ڪتاب لکيا، جن جو ثابت بن قره عربي ۾ ترجمو ڪيو(٢). الڪنديءَ جي تصنيفات ۾ يوناني موسيقي جا اهڃاڻ ملن ٿا. ثابت ابن قره، محمد ابن الرازي ۽ قسطا ابن لقا همعصر شاعر هئا. سندن پيرو الفارابي وچين دور جو وڏي ۾ وڏو موسيقي جي فن جو مصنف هو. انهي ڪان سواءِ هن اقليدس جي يوناني موسيقي جي فن جي تصنيفات تي تفصيل سان تنقيد لکي داد حاصل ڪيو. "الموسيقي الڪبير" ۽ "اختصار احسان العلوم" سندس مشهور ڪتاب آهن.

فارابي ڪان پوءِ البزجاني وزن ۽ بحر جي فن تي مختصر طور لکيو. ساڳئي وقت ۾ اخوان الصفا، الف ب وار موسيقي جي فن تي تفصيل سان بيان ڪيو. محمد الخوارزمي پنهنجي ڪتاب "مفتاح العلوم" ۾ پڻ موسيقي جي فن جو ذڪر ڪيو آهي. ابن سينا موسيقي جي فن ۽ قاعدن تي خاص تصنيفون لکيون جيڪي شفا ۽ نجات ۾ لين ٿيون. سندس شاگرد ابن ضلع موسيقي جو ڇاڙو تي گذريو آهي. ابن رُشد آرسطو جي Deanima ڪتاب تي عاليشان شرح لکي. بغداد جي زوال (١٢٥٨ع) ڪان پوءِ وڏن ۽ ناميارن موسيقارن جو نالو نشان ميٽجي ويو(٣).

(1) Prof. K. Ali, "History of Muslim Culture", Part II, Ch: III, P-82

(2) Nicomachus, a Neo-Pythagorean philosopher and mathematician, born at Cersa in Arabia, Petroea flourished about 100 A. D. Two treaties by him are extant. (i) The Introduction arithmetica (ii) The Enchiridion Harmonices. Encyclopaedia Britannica, Vol. XVI, P-429, 1950, London.

(3) Prof: K. Ali, "Education under the Abbasids" Part II, P-84.

# باب پنجون

## (الف) سنڌ ۾ عربي حڪومت جو قيام

### قديم تعلقات

عرب ۽ برصغير پاڪ و هند جا تعلقات قديم زماني کان وٺي رهيا آهن. قديم دور ۾ ٻنهي ملڪن جا پاڻ ۾ تجارتي ناتا گهڻا گهاٽا هئا. ڪتابن ۾ اچي ٿو ته تاريخ جي دور کان گهڻو اڳ جڏهن حضرت آدم عليه السلام کي جنت مان ڪڍيو ويو ته کيس لنڪا يعني سرانديپ جبل تي لاٿو ويو ۽ ڏاڏي حوا کي عرب ملڪ اندر لاٿو ويو. آخر ۾ ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات جده ۾ ٿي. عرب ۽ پاڪ و هند جي انسانن جي وچ ۾ اها سڀ کان پهرين ملاقات هئي (۱). سبحة المرجان جي مصنف مولانا آزاد بلگرامي ان متعلق ڪافي روايتون جمع ڪيون آهن (۲). مولانا ابوالڪلام آزاد لکي ٿو ته حضرت آدم جڏهن جنت مان ٽڙجي نڪتو ته هن پاڻ سان حجر اسود به آندو هو ۽ اهو ئي پٿر پوءِ لنڪا ۽ هندستان جي علائقن مان ٿيندو مسلمانن جي مقدس خانه ڪعبه ۾ نصب ٿيو (۳). عرب مصنف اهو پڻ لکن ٿا ته جنوبي هندستان مان ويندڙ خوشبودار مصالحا پڻ حضرت آدم جا يادگار آهن، جي هُن پاڻ سان جنت مان آندا هئا. اهڙي طرح سان حضرت رسول ڪريم صلعم جن جي هڪ حديث پڻ بيان ڪئي وڃي ٿي ته "مون کي سنڌ جي سرزمين مان رباني خوشبوءِ اچي ٿي" (۴). اگرچ هن حديث جي باري ۾ ڪيترا ئي

(۱) ڊاڪٽر شيخ محمد اڪرم، آب ڪوثر، ۱۹.
(۲) مولانا سيد سليمان ندوي، عرب و هند کي تعلقات، ص ۳.
(۳) ڊاڪٽر شيخ محمد اڪرم، آب ڪوثر، ص ۱۹.
(۴) مولانا سيد سليمان ندوي، عرب و هند کي تعلقات، ص ۳.

اختلاف آهن. تاهم ان ۾ برصغير پاڪ و هند جي عظمت ڏانهن مبهم اشارو آهي.

قديم زماني ۾ عرب واپاري هندستاني بندرگاهن تان مال جا وڏا غوراب ڀرائي، خشڪي رستي شام طرف روانو ڪندا هئا، جتان وري يورپ جي واپاري منڊين ۾ پهچايو ويندو هو. جڏهن عرب جي سرزمين اسلام جي نور سان روشن ٿي تڏهن ڪجهه وقت لاءِ عرب ۽ هند جي تعلقات تي اثر پيو. اسلامي دور ۾ مسلمان عرب ملاحن ۽ واپارين پنهنجي اڳ وارن عرب واپارين جي روايتن کي برقرار رکندي هندستان سان پنهنجو واپاري سلسلو قائم رکيو ۽ جلد ئي واپاري تعلقات سان گڏوگڏ سياسي رابطو استوار ٿي ويو.

خلافت راشده جي زماني ۾ (سنه ١١هه/٦٣٢ع کان ٤٠هه/ ٦٦١ع) اسلامي حڪومت جون حدون سنڌ سان مايل هيون. حضرت عمر رضہ جي خلافت جي زماني ۾ حڪم بن عمرو تغلبي جي اڳواڻي هيٺ اسلامي فوج جو ايراني فوج سان مقابلو ٿيو. سنڌ جي راجا ان جنگ ۾ ايرانين جي مدد ڪئي پر کين شڪست ملي. ان زماني ۾ بحرين جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي، حضرت عمر رضہ جي اجازت کان سواءِ عمان جي رستي هند جي ساحل تي حملو ڪيو، ليڪن حضرت عمر رضہ کيس ان جي سختي سان منع ڪئي. ان کان پوءِ به تاريخن ۾ ڪيترن حملن جو ذڪر ملي ٿو. حضرت عمر رضہ هندستان تي حملي ڪرڻ جي فائدي ۾ نه هو.

## سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جو بنياد

سنه ٦٤هه/٦٨٣ع ڌاري خلافت آل رسول صلعم ختم ٿي ۽ بنو اميه جي حڪومت شروع ٿي. هن خاندان ١٣٢هه/٧٤٩ع تائين حڪومت ڪئي. سندن دارالخلافت دمشق هو. سنه ٦٥هه/٦٨٤ع

۾ عبدالملڪ بن مروان خلافت جي گادي تي ويٺو. ان زماني ۾ خليفي جي پاران حجاج بن يوسف ثقفي عراق جو حاڪم هو. حجاج بن يوسف عرب جي تاريخ ۾ پنهنجي بهادري، انتظامي قابليت ۽ سختگيري جي ڪري گهڻو مشهور هو. سندس ظلمن کان تنگ ٿي گهڻن عرب قبيلن پاڪ و هند جي ڪيترن حصن ۾ اچي پنهنجون بيٺڪون قائم ڪيون. حجاج بن يوسف، بني هاشم جو بدترين دشمن هو. هن بني هاشم جي طرفداري ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪيترائي ماڻهو مارائي ڇڏيا (١). علاوه سنڌ ۾ نواعط، ڪوڪن، ملبار، معبر ۽ ڪارو منڊل ۾ رهڻ لڳا ۽ هنن سنڌ جي ماڻهن مان شاديون ڪيون (٢). عربن جڏهن ايران تي حملو ڪيو ته ان وقت ڪسريٰ يزدگرد کي سنڌي راجائن لشڪر ۽ هٿيارن جي مدد ڪئي ۽ ساڳئي وقت سنڌ جي راجائن علاوه کي سنڌ ۾ پناهه ڏني جيڪي عربن جي خلاف سازشون ڪندا رهيا (٣).

سنڌ جي برهمڻ راجائن هتي جي ٻڌ ڌرم وارن سان سٺا پير نه ڪنيا هئا ۽ هنن واسطي سخت قانون ٺهيل هئا. انهي ڪري تنگ ٿي نيرون ڪوٽ جي ٻوڌين پنهنجو هڪڙو وفد عراق جي گورنر حجاج بن يوسف ڏانهن موڪليو. سنه ٨٦هه/٥٠٧ع ۾ وليد بن عبدالملڪ دمشق جي مسند خلافت تي ويٺو. سندس دور خلافت ۾ ڪي عرب واپاري سرانديپ (سيلون) ۾ وفات ڪري ويا. اتي جي راجائن عرب واپارين جي زالن ۽ ٻارن کي خليفي ڏانهن بصره روانو ڪيو. جڏهن اهو قافلو سنڌ جي ديبل بندر وٽ پهتو، تڏهن سنڌي سامونڊي ڦورن کين لٽي قيد ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ راجا ڏاهر برهمڻ گهراڻي جو حڪمران هو. ڏاهر اڳ ۾ ئي عربن

---

(١) ڊاڪٽر شيخ محمد اڪرم، چشمه ڪوثر، ص ٣٥.

(٢) مولائي شيدائي، تمدن سنڌ، ص ١٥.

(٣) ايران جي مجوسين شڪست کائڻ کان پوءِ سنڌ ۾ قيام ڪيو هو ۽ راجائن کي عربن جي خلاف ڀڙڪائڻ لڳا.

کي پناهه ڏني هئي، جن مڪران جي گورنر سعيد بن اسلم کي قتل ڪيو هو ۽ اهائي مکيه ۽ اهم ڳالهه هئي جنهن راجا ڏاهر ۽ عربن جي وچ ۾ مخالفت پيدا ڪئي (١). پهريائين عبدالله ۽ بُذيل جي ڪمان هيٺ فوج موڪلي ويئي، ليڪن ٻئي سنڌ ۾ جنگ ڪندي مارجي ويا، سنڌ جي راجا جي پٽ جئه سنگهه ٻنهي کي شڪست ڏني (٢).

حجاج بن يوسف، خليفي وليد کان اجازت وٺي پنهنجي نوجوان ناتي محمد بن قاسم ثقفي کي بحري ۽ بري لشڪر ساڻ ڏيئي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. محمد بن قاسم ڇهه هزار سوار ساڻ ڪري خشڪي رستي سنه ٧١١ع ۾ ديبل پهتو ۽ ديبل جي فتح کان پوءِ سيوهڻ ۽ برهمڻ آباد فتح ڪيائين. ان کان پوءِ سنه ٧١٢ع ۾ الور ۾ راجا ڏاهر کي شڪست ڏيئي سنڌ ملڪ فتح ڪيائين. سنه ٧١٢ع ۾ ملتان کي فتح ڪيائين. اهڙي طرح ساڍن ٻن سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۽ ملتان جي سموري علائقي ۾ باقاعدي عربي حڪومت قائم ٿي (٣).

١٢- ربيع الاول ١٣٢ھ/٢٥ ڊسمبر ٧٤٩ع ۾ ابو مسلم خراساني جي ڪوششن سان ابوالعباس سفاح راءِ عام سان خليفو ٿيو. بني اميه جي گورنرن سنڌ مٿان اتڪل چاليهه ورهيه راڄ ڪيو، پوءِ عباسي خلافت شروع ٿي. بنو عباس جي دور ۾ بغداد سنڌن گادي جو هنڌ هو. سنڌ تي عباسي گورنر مقرر ٿي ايندا هئا. سنه ٢٤٠ھ/٨٥٤ع ۾ سنڌي عربي خاندان هباري منصوره تي قبضو ڪيو (٤).

سنڌ جي فتح کان پوءِ سٺ ستر سال لاڳيتو عربن جو

(١) شيخ محمد اڪرام، آب ڪوثر، ص ٢٢

(٢) ايضاً، ص ٢٤

(٣) رحيمداد خان مولائي شيدائي، تاريخ تمدن سنڌ، ص ص ١٥٠-١٥١

(٤) هبارين جي حڪومت صرف منصوره عربي رياست جي مٿان هئي.

سموري سنڌ تي اقتدار رهيو، ليڪن بعد ۾ سنڌن وچ ۾ باهمي تڪرار شروع ٿي ويا (١). يمني ۽ حجازي عربن جو پاڻ ۾ جهيڙو شروع ٿيو، جنهن عربن جي حڪومت جي بنيادن کي ڪمزور ڪري وڌو. سنه ٢٩٠هه/٨٠٩ع سنڌي عربن مان بنو سام وارن ملتان تي قبضو ڪيو. سنڌ، منصوره ۽ ملتان ٻن عربي رياستن ۾ ورهائجي ويئي. عربن جي باهمي جهگڙن جو فائدو وٺي مقامي راجائن وري ڪنڌ کنيو. آخر سنڌ ۾ جاٽن ۽ ڏکڻ ۾ ميدن بغاوتون ڪيون. بغداد جي خليفن جي حڪومت به صرف نالي ماتر وڃي رهي هئي، تنهنڪري سنه ٨٥٤ع ۾ سنڌ اندر هباري حڪومت قائم ٿي.

ڪجهه عرصي کان پوءِ امام العزيز بالله فاطمي (المتوفي ٣١٦هه/٩٩٦ع) ڏاري جلم بن شيبان کي لشڪر ڏيئي سنڌ ڏانهن موڪليو، جنهن بنو سام قريشن کان ٣٦٧هه/٩٧٧ع ۾ ملتان کسي ورتو. ملتان ۽ منصوره ۾ اسماعيلي شيعن جو مذهبي اقتدار هئڻ ڪري سلطان محمود غزنوي سنه ٤٠١هه/١٠١٠ع ۾ ملتان تي قبضو ڪيو ۽ سنه ٤١٦هه/١٠٢٥ع ۾ سومنات کان موٽندي منصوره تي قبضو ڪيو. اهڙي طرح سنڌ، غزنوي سلطنت جي ماتحت ٿي ويئي. ان زماني ۾ اسماعيلي عقيدي جا ماڻهو جن کي قرمطي چوندا هئا، مصر ۽ شام تي قابض هئا ۽ انهي عقيدي وارا مصر جا فاطمي خليفا هئا. قرمطي داعي ۽ مبلغ، عباسي خلافت ۾ اندروني طرح پنهنجي عقيدي جي اپٽار ڪندا هئا. سي کان دور دراز علائقو سنڌ سنڌن تحريڪ جو اهم مرڪز هو. سنه ٢٧٠هه/٨٨٣ع ۾ اسماعيل پهريون داعي سنڌ ۾ آيو(٢).

عباسي دور ۾ جڏهن بغداد تخت گاهه بڻيو، تڏهن هندستان سان عربن جي علمي، مذهبي، ادبي ۽ سياسي رابطو هيڪاري

(١) ايضاً، ص ص ٢٤-٢٥

(٢) مولانا سيد ابو ظفر ندوي، تاريخ سنڌ، ص ٢

وڏيڪ مضبوط ٿيو. عرب ان دور ۾ ساري دنيا جي قومن ۾ سربلند هئا. چين جي سرحد کان وٺي اسپين تائين سندن جهنڊو لهرائي رهيو هو. سنڌي اگرچه سندن محڪوم رعيت هئي، پر هنن علم جي راه ۾ انهن کان به سبق حاصل ڪرڻ ۾ ڪين گهٻرايو (١).

## (ب) عربي دور حڪومت ۾ اسلامي علوم جي اشاعت ۽ سنڌ ۾ عربي ٻوليءَ جو اثر

عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هنن سنڌ جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ڪيون ۽ ان ڏس ۾ سڀ کان پهريون ڪم اهو ڪيائون جو سنڌ کي پنهنجو مادر وطن تصور ڪيائون، ۽ پوءِ هتي جي تهذيب ۽ تمدن کان واقف ٿي هتي جي ئي دستور ۽ زبان کي قائم رکيائون. دراصل عربن جي اها سياسي پاليسي هئي ۽ ان ڪري هو مفتوح ملڪ ۾ پنهنجو قانون، اثر رسوخ ۽ زبان جو ڦهلاءُ سولائي سان ڪري سگهيا ٿي. جيتوڻيڪ شروع ۾ قديم سنڌي زبان کي ئي قائم رکيائون، ليڪن آهستي آهستي پنهنجي طاقت کي سنڌ اندر مستحڪم ڪرڻ کان پوءِ عربي زبان کي ئي سنڌ ۾ سرڪاري زبان قرار ڏنو ويو. ان بعد اٽڪل پنج سئو ورهين تائين عربي ٻولي

(١) سيد ابوظفر ندوي (تاريخ سنڌ، ص ٢٢٣) جي بيان موجب تنهن دور ۾ سنڌ ۾ ڇهه رياستون هيون:

| نمبر | رياست | پايه تخت | حاڪم |
|---|---|---|---|
| ١ | ملتان | جندور | خاندان سام بن لوي قريشي |
| ٢ | سنڌ | منصوره | هبار بن اسود قريشي خاندان |
| ٣ | مڪران | ڪيز (ڪيچ) | ڪيسر ابن معدان |
| ٤ | مشڪي | شڪه | مطهر بن رجا |
| ٥ | ٻڌيه | قفدابيل | دراجه |
| ٦ | طوران | ڪيزڪانان | معير بن احمد |

سنڌ ۾ رائج رهي ۽ باقاعدي ڳالهائي به وينديهئي. ان متعلق اسان جي آڏو ان دور جي عرب سياحن مان ابن حوقل، مسعودي ۽ بشاري مقدسي جا بيان آهن ته "سنڌ ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهايون ۽ سمجهيون وڃن ٿيون".

سنڌ جي فتح کيل شهرن ۾ عربن فوجي ڇاوڻيون قائم ڪيون هيون ۽ انهن شهرن ۾ عام مسلمانن ۽ سپاهين جي عبادت لاءِ مسجدون تعمير ڪرايون ويون هيون ۽ انهن مسجدن جو سلسلو ديبل کان وٺي ملتان تائين پکڙيل هو(١). خلافت جي مسند تي وقت بوقت جيڪي خليفا ويٺا، تن اسلام جي اشاعت لاءِ پنهنجي سر ڪافي ڪوششون ڪيون.

عمر بن عبدالعزيز پنهنجي خلافت جي زماني ۾ سنڌ جي راجائن کي دعوت ناما موڪليا، جنهنڪري سنڌ جي ڪيترن ئي راجائن اسلام قبول ڪيو(٢). ان متعلق بلاذري لکي ٿو ته "خليفي، بادشاهن کي هن شرط سان اسلام جي دعوت ڏني ته سندن بادشاهي ۾ ڪوبه خلل نه پوندو ۽ جيڪي حق مسلمانن کي ڏنل آهن، سي سڀ کين ملندا، جيڪي ذميواريون مسلمانن تي عائد آهن، سي ساڳيون مٿن عائد رهنديون. سنڌ جا راجائون خليفي جي حسن اخلاق کان اڳ ۾ ئي ڪافي متاثر هئا، تنهنڪري سنڌ جي راجا ڄُسيه (ڄشيين) ۽ ٻين ڪيترن خوشي سان اسلام آندو ۽ ڪيترن ته پاڻ تي عربي نالا به رکايا"(٣).

انهن تعمير ڪرايل مسجدن ۽ مدرسن، پيش امامن، فقيهن

(١) ڊاڪٽر گستاولي بان، تمدن عرب، اردو ترجمو سيد علي بلگرامي، حيدرآباد دکن، ص ٢١٧

(٢) بلاذري، فتوح البلدان، ص ٤٤٦ ۽ يعقوبي، ج ٢، ص ٦٢

(٣) بلاذري، فتوح البلدان، ص ٣٤٩. فاتح سنڌ جي نيڪي، انصاف ۽ رواداري کي ڏسي قديم رهاڪو سمنيه خوشي سان مسلمان ٿيو. علامه سيوطي، تاريخ خلفاء، ڪلڪتو، ص ٢٢٦

۽ شاگردن لاءِ بيت‌المال مان وظيفا مقرر ڪيل هوندا هئا(١).
ٻيءَ صدي هجري جي پوئين ڏهاڪي ۾ بنواميہ جي خلافت جي خاتمي ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ بنوعباس جو اقتدار قائم ٿيو. ان دور ۾ به گهڻائي اهل علم سنڌ مان بغداد پهتا، جن جو احوال تاريخن مان ڪافي ملي ٿو. البيروني جي احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته سنہ ١٥٧هہ ۾ هڪڙو علمي وفد سنڌ مان بغداد جي خليفي منصور عباسي جي دربار ۾ پهتو ۽ انهن ۾ ڪي هندو اهل علم به هئا.
ان زماني ۾ سنڌ جو مشهور محدث ابومعشرنجيح بن عبدالرحمان(٢) ٻيو حضرت ربيع بن صبيح هو. هو تبع تابعين مان هو ۽ عمر جي آخرين وقت ۾ اچي سنڌ ۾ رهيو هو ۽ وفات پڻ هتي ڪيائين. سنڌس وفات سنہ ١٦٠هہ ڌاري ٿي. هو سنڌ جي ابتدائي عربي لکندڙن مان هو(٣).

عربن ۽ سنڌين جي پاڻ ۾ باهمي ميل جول سبب عربي علوم ۽ فنون جي هر شعبي ۾ ڪافي واڌارو ٿيو. علامہ سمعاني سنڌ جي ڪيترن اهڙن وڏن عالمن جا نالا پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنا آهن، جن مان صاف ظاهر آهي ته نه صرف عرب جي عالمن عربي ۾ تصنيف و تاليف جو ڪم ڪيو، بلڪ سنڌ جي باشندن پڻ ان

(١) سيرت عبدالعزيز، ص ٤٧

(٢) ابومعشر سنڌي جو اصل نالو نجيح هو ۽ ڪنيت ابومعشر هيس. اصل ۾ سنڌ جو رهاڪو هو پوءِ مديني وڃي رهيو، ان ڪري کيس مدني ڪري سڏيو ويندو آهي. روايت آهي ته بنواسد مديني ۾ کيس خريد ڪري نجيح نالو رکيو. هن حضور جن جي هڪ صحابي ابوامامه اسعد بن سهل بن حنيف رض. کي ڏٺو هو ان ڪري کيس تابعين ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. وڏو عالم ۽ فاضل هو ۽ خاص طور معاني ۾ وڏو درڪ حاصل هوس. سنہ ١٧٠هہ ۾ بغداد ۾ وفات ڪيائين (عربي ادب ۾ سنڌ جو ڀاڱو، رسالو الرحيم (سنڌي)، شاهه ولي‌الله اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ، ص ٨٠)

(٣) ايضاً، ص ٨٠

۾ نمايان حصو ورتو، ايتري قدر جو خود عرب جي عالمن کان به هو اڳتي نڪري ويا. سنڌ جي عالمن جي عربي تصنيفات جو خود عرب جي عالمن پڻ قدر ڪيو ۽ انهن جي ادبي شهه پارن جي ساراهه جا ڏيک ڏيکاريائون. ابومعشر محدث ۽ ابو عطا افلح مشهور عالم سنڌي آهن جن عربي ۾ شعر چيو آهي. اهڙي طرح سان علامه سمعاني "ڪتاب الانساب" ۾ منصوره، ديبل، لاهوري ۽ سنڌ جي ٻين ڪيترن سنڌي عالمن جو ذڪر ڪيو آهي. ابن النديم شاعر ابو ضلع جو پڻ احوال ڏنو آهي(۱). هي وڏو محب وطن سنڌي هو ۽ هن شعر ۾ پنهنجي مادر وطن سنڌ جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي آهي. ابن النديم سنڌي بن علي هڪ ڪاتب جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جنهن اسحاق موصلي جي ڪتاب "الاغاني" جا ڏهه باب پنهنجي هٿن سان لکيا هئا(۲). عربن سنڌ ۾ جيڪي نوان شهر تعمير ڪرايا، مثلاً منصوره، محفوظ ۽ بيضاء وغيره - دراصل اهي اسلامي اشاعت ۽ تبليغ جا مکيه ادارا هئا. عمر بن عبدالعزيز جو زمانو سنه ۹۹ه/۷۱۷ع کان ۱۰۱ه/۷۲۰ع تائين اتڪل اڍائي ورهيه مس رهيو، مگر ان ٿوري عرصي ۾ سنڌ ۾ اسلامي اشاعت ۽ تبليغ ۾ ڏاڍو اضافو ٿيو. هن اسلام جي اشاعت واسطي سلطنت جي صوبن ڏانهن واعظ ۽ مفتي روانا ڪيا، جن اتي جي رهاڪن کي فقه ۽ حديث جي تعليم ڏيڻ ۽ حرام حلال جي مسئلن کان واقف ڪيو(۳).

عربي دور حڪومت ۾ هتان جا جيڪي ماڻهو قيدي بڻجي عراق ۽ عرب ويا تن اتي ٿورائي واري قوم جي حيثيت ۾ علم ۽ سياست ۾ چڱو ڀرو ورتو ۽ ان ۾ اعليٰ مرتبو حاصل ڪيائون. ازانسواءِ ٻين سنڌين به عربن جي صاحبي ۾ مختلف علمن ۽ فنن

(۱) مولائي شيدائي، جنت السنڌ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ص ۱۲۵
(2) T. W. Arnold, 'The Preaching of Islam' P-283, Aligarh, 1913.
(۳) حسن المحاضره، علامه سيوطي، ج اول، مصري ڇاپو، ص ۱۲

۾ وڏو ڪمال حاصل ڪيو، جو وڏن جيد عالمن پڻ ڪانئن علم پرايو(١). سنڌ جا اهي عالم عرب دنيا ۾ اڪثر ”السندي“ جي لقب سان سڏبا هئا. شيخ ابوبڪر سرائيفيني جي ڏاڏي جو لقب ”السندي“ هو. ابن عبدويہ رازيءَ جو اولاد پڻ السندي سڏبو هو. جامع ترمذي، حافظ ابن حجر جي ڪتاب ”تهذيب التهذيب“، ۽ علامہ ذهبي جي ”تذڪرة الحفاظ“ ۾ ڪيترن سنڌي استادن ۽ شيخن جا نالا آهن(٢). شيخ الاسلام عبدالرحمان بن عمر امام اوزاعي فقه جو وڏو امام شمار ٿئي ٿو. امام صاحب سنہ ٨٨ هہ ڄائو هو ۽ سنہ ١٥٦ هہ ۾ وفات ڪري ويو. علامہ ذهبي ۽ حافظ ابن حجرعسقلاني هن بزرگ کي سنڌي شمار ڪن ٿا(٣). امام اوزاعي امام اعظم جو همعصر هو(٤). حافظ ابو محمد خلف بن سالم السندي (المتوفي ٢٣١هہ) آل مهلب جو غلام هو. ابو نصر بن فتح بن عبدالله السندي فقيہ ۽ متڪلم جي لقب سان شهرت حاصل ڪئي.

ستين صدي جي شروعات ۾ عربي ٻولي جي هڪڙي قديم تاريخ جي آسان فارسي ترجمي (چچ نامہ) جو پتو پوي ٿو. هي ڪتاب منهاج المسالڪ آهي ۽ هن جو مصنف علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي اموي آهي. هي عربي قبيلہ ثقيف مان هو. سنہ ٦١٣هہ ۾ زندهہ هو. غالباً هي اهو ئي ڪتاب آهي، جنهن جو نالو ”ڪشف الظنون“ ۾ ”تاريخ السند“ جي نالي سان لکيو ويو آهي.

عباسين جي دور ۾ عربي جا ڪئين وڏا جيد عالم ۽ صاحب تصنيف بزرگ سنڌ اندر ٿي گذريا. مثلاً حافظ محمود سنڌي، ابوالنصر سنڌي، ابان بغدادي، ابوعبدالملڪ محمد بن ابي معشر

(١) مولائي شيدائي، جنت السند، ص ١٧
(٢) ايضاً ۽ شبلي نعماني، سيرت النبي، ج اول، ص ٢٢
(٣) مولانا سعيد انصاري سيد، اصحاب، ص ص ٣١-٣٢
(٤) ايضاً.

سنڌي، ابوجعفر بن محمد ابراهيم بن عبدالله ديبلي مکي وغيره.
ابراهيم بن عبدالله ديبلي مکي مکتوبات نبويه جو هڪڙو مجموعو تيار ڪيو هو، جيڪو ابن طولون جي ڪتاب اعلام السائلين عن ڪتب سيدالمرسلين جي آخر ۾ شامل ٿي ويو آهي.

عباسي حڪومت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ سمن ۽ سومرن جون حڪومتون هڪٻئي پٺيان اٽڪل ڇهن سون سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو قائم رهيون. انهي دور ۾ سنڌ ۾ جيڪي عالم پيدا ٿيا، تن جو مختصر احوال اسان ايندڙ بابن ۾ ڪنداسون. نائين صدي هجري ڌاري سنڌ ۾ سمن ۽ سومرن جي حڪومتن جو خاتمو ٿي ويو ليڪن عربي ٻولي جو اثر برابر سنڌ ۾ قائم رهيو. جيتوڻيڪ ان دور جو ادبي ذخيرو زماني جي انقلابن سبب عدم پيدا آهي، ليڪن ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ستن صدين ۾ اسلامي علوم ۽ فنون گهڻي ترقي ڪئي. عربي ٻولي جا ڪيترا ئي عالم ۽ اديب، شاعر ۽ مصنف پيدا ٿيا، جن جا ادبي ڪارناما سنڌ جي علميت جي ساک پرين ٿا.

## (ج) سنڌ متعلق قديم عرب سياحن جا بيان

عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ۾ وقت به وقت جيڪي عرب مسلمان سيّاح آيا، تن سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن تي گهڻو ڪجهه لکيو آهي. انهن ۾ نائين صدي عيسوي جي عرب عالمن مان جاحظ (سنه ٢٥٥هه) وڌيڪ اهميت رکي ٿو. هن سنڌ ۽ هندستان جي تاريخ تي ڪافي ڪجهه لکيو آهي. سندس بيان ڪيل احوال ڪنهن حد تائين وڌيڪ دلچسپ آهن ڇاڪاڻ جو اهو دور اموي خلافت جي علمي ۽ فني سرگرمين جي آغاز ۽ فڪري هيجان وارو هو. هن دور ۾ قديم قومن سان ميل ميلاپ قائم رکڻ ڪري نوان نوان فڪر ۽ رجحان پيدا ٿيا. مطيع بن اياس پنهنجي هڪ عربي قصيدي ۾ سنڌ جي باري ۾

تفصيل سان بيان ڪيو آهي (۱). سندس ٻيو هڪ دوست هشام بن عمرو تغلبي عباسي خليفي منصور (المتوفي ۱۸۵ع) پاران سنڌ جو امير مقرر ڪيل هو. مطيع پنهنجي امير دوست جي دعوت تي سنڌ ۾ آيو ۽ ڪيترا ورهيه سنڌ ۾ رهي پيو. جاحظ جو بذات خود جن سنڌين سان واسطو رهيو، تن مان ابراهيم ۽ ان جي والد سان ڪافي تعلقات قائم هئا. عباسين جي زماني ۾ ابراهيم جو سنڌي والد نهايت ئي اهم عهدن تي فائز هو. هو خليفي منصور عباسي (المتوفي ۱۵۸ھ) جو آزاد ڪيل غلام هو. مهدي (المتوفي ۱۶۹ھ) ۽ هادي (المتوفي ۱۷۰ھ) جي عهد ۾ وزير مواصلات هو. هارون جي زماني ۾ (المتوفي ۱۹۳ھ) ضربخاني جو نگران هو. سنڌيءَ جو وڏو پٽ عالم، خطيب، فقيه، محدث ۽ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. جاحظ عربي زبان ۾ هڪ ديسي تصنيف جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته سنه ۱۵۴–۱۵۵ھ ڌاري سنڌ مان هڪ علمي جماعت بغداد پهتي، جنهن مان هڪ عالم "علم هيئت" تي تصنيف ڪيل ڪتاب "برهمپت سڌانت" تحفي طور خليفي کي پيش ڪيو هو.

سنه ۲۹۰ھ ۾ هڪ عرب سياح ابن رسته سنڌ ۾ سياحت جي خيال سان آيو. هن سنڌ جي باري ۾ ڪافي احوال ڏنا آهن(۲). ان کان پوءِ ٻيو عرب سياح مسعودي ۳۰۳ هجري ڌاري سنڌ ۾ آيو. هن پنهنجي ڪتاب "مروج الذهب" ۾ سنڌ بابت تفصيل سان احوال بيان ڪيو آهي. مسعودي سنڌ جو نقشو پڻ ڏاهيو هو. مسعودي کان اٽڪل ٽيهه سال پوءِ سنه ۳۳۱ ھ ۾ ابو دلف مسعر بن مهلهل نيبوعي سنڌ ۾ آيو. هن ملتان بابت لکيو آهي ته "اهو هڪ وڏو شهر آهي ۽

(۱) مطيع بن اياس ٻي صدي جو مشهور شخص هو ۽ بغداد جي خليفي جو مقرب هو، هن پنهنجي عربي نظم ۾ سنڌ جو تعريفي بيان ڪيو آهي.
(۲) "سنڌ متعلق قديم عرب سياحن جا بيان"، ارمغان (اردو)، ڪل پاڪستان تعليمات ڪانفرنس، ۱۹۶۳ع، ص ۵۰

شهر کي قلعو به آهي. هتي هندو به رهن ٿا ۽ اهي هن شهر ۾ زيارت لاءِ ايندا آهن. هتي اسلامي سلطنت آهي ۽ غيرمسلم انهن جي ماتحت آهن. عام طور ماڻهو شريعت جا تابع آهن ۽ ديني امور تي گهڻو عمل ڪن ٿا." اهو ساڳيو عرب لکي ٿو ته "زيرين سنڌ جو مشهور شهر خير و برڪت وارو آهي. اهو ملڪ جو پايه تخت آهي. حاڪم هتي قيام ڪن ٿا. هتي هڪ ندي آهي جا سنڌو درياءَ کان الڳ ٿي شهر جي چوگرد ڦري اچي ٿي، جنهن جي شڪل اپيٽ جهڙي آهي، ليڪن هتي گرمي تمام گهڻي ٿئي ٿي. هتي ليمن ۽ صوفن جو ميوو سٺو ٿئي ٿو".

سنه ٣٢٠ هه ۾ ابو اسحاق اصطخري سنڌ ۾ سير سياحت لاءِ آيو. هو منصوره بابت لکي ٿو ته "منصوره هڪ گرم شهر آهي ۽ منجهس کجيءَ جا وڻ گهڻا آهن، ليڪن انگورن، صوفن، شفتالن جا ميوا نٿا ٿين. البت ڪمند جام ٿئي ٿو. ليمن جا وڻ گهڻا آهن. هي وڏو شاداب شهر آهي." اهڙي طرح سان هن سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، پوشاڪ ۽ تهذيب جي سلسلي ۾ ڪن قديم شهرن جو ذڪر ڪيو آهي.

سنه ٣٦٠ هه ڌاري ابن حوقل بغدادي پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ ۽ ان جي پسگردائي وارن شهرن جو وضاحت سان بيان ڪيو آهي. هن سنڌ جي قديم شهرن مان ديبل ۽ ملتان بابت ڪافي ڪجهه لکيو آهي. ابن حوقل سنڌ جي ٻولي بابت چوي ٿو ته "منصوره ۽ ملتان وارن جي ٻولي عربي ۽ سنڌي آهي".

سنه ٣٧٥ هه ۾ مقدسي هڪ مشهور سياح سنڌ ۾ آيو. هُن سنڌ ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن کي هڪ اقليم قرار ڏيئي سنڌ تي نالو ئي "اقليم سنڌ" رکيو. هن نه فقط منصوره جو احوال ڏنو آهي، پر سنڌ جي ٻين قديم شهرن سان گڏ ان دور جي عام حالتن جو ذڪر پڻ ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح سان البيروني، ابن بطوطه، بلاذري، ابن نديم بغدادي وغيره جا بيان سنڌ متعلق

ڪافي معلومات ڏين ٿا (١).

## (د) عربي دور حڪومت ۾ اسلامي درسگاهه

سنڌ ۾ اسلام پهرين صدي هجري جي آخر ۾ پهتو. ان دور ۾ مسلمانن وٽ قرآن مجيد کان سواءِ ٻيو ڪوبہ علم وجود ۾ نہ آيو هو. نبي ﷺ جن جي سنت ۽ حديث بہ فني حيثيت حاصل ڪانہ ڪئي هئي. تڏهن اُئين ٿو معلوم ٿئي تہ ان اوائلي دور ۾ اسلام جي پهچڻ سان گڏ ڪي عبادتگاهہ ديبل ۽ ٻين شهرن ۾ ٺهيا هوندا ۽ اهي ان دور ۾ درسگاهن جو ڪم بہ ڏيندا هئا، جتي شروع شروع ۾ قرآن حڪيم جي تعليم ڏني ويندي هئي. ان دور جي عالمن مان برصغير جو پهريون عالم مولانا اسلامي آهي، جنهن کي محمد بن قاسم راجا ڏاهر ڏانهن ترجمان ۽ قاصد جي حيثيت ۾ موڪليو هو.

مولانا اسلامي جي تعليم لاءِ تاريخ ۾ ڪابہ وضاحت ڪانہ آئي آهي. ٻيا علوم تہ هو اسلام کان اڳ سنڌ جي قديم درسگاهن ۾ پڙهيو هوندو، جي گهڻو ڪري عبادتگاهن، مندرن ۽ ٺڪاڻن ۾ هوندا هئا، باقي قرآن مجيد جي تعليم هن مسلمانن جي فوج ۾ آيل ڪنهن عالم کان پرائي هوندي. اسلامي لشڪر ۾ آيل عالمن مان اسان کي تاريخ ۾ هڪ عالم موسيٰ بن يعقوب ثقفي جو واضع احوال ملي ٿو، ان جو حسب نسب هن طرح آهي: موسيٰ بن يعقوب بن محمد بن شيبان بن عثمان ثقفي، فقيهہ. محمد بن قاسم کيس اروڙ جو قاضي ۽ خطيب بنايو، اهو هجري سال ٩٣ هو.

هن اروڙ ۾ تبليغ ۽ قضا جو ڪم شروع ڪيو ۽ سندس اولاد بہ صدين تائين اتي رهندو آيو. انهن مان هر هڪ جا هي

(١) سيد سليمان ندوي، عرب و هند کے تعلقات، ص ٢٣-٤٣ ۽ ارمغان (اردو)، ڪل پاڪستان تعليمات اسلامي ڪانفرنس ١٩٦٣ع، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ص ٥٠.

هي القاب هوندا هئا: صدرع امام، وڏو، بدرالملة والدين سيف السنة ۽ نجم الشريعة (١). هن مان منطقي طور اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته اتر سنڌ ۾ اروڙ جو اهو پهريون درسگاهه هو جيڪو اتي جي جامع مسجد ۾ قائم ڪيو ويو، جنهن جو پهريون مدرس ۽ استاد عالم قاضي موسيٰ بن يعقوب ثقفي هو. اروڙ جي عالمن ۽ درسگاهن جو احوال اڳتي ايندو.

هن اوائلي عربي دور ۾ سنڌ جي اڪثر وڏن ۽ اهم مرڪزي شهرن اندر ڪيترا ئي درسگاهه ۽ مدرسا هئا. هتي جي مدرسن ۾ ڏورانهن ڏيهن کان طالب العلم علمي تحصيل لاءِ ايندا هئا. عربي دور حڪومت سنڌ لاءِ علم ۽ فضل جو دور هو، جنهن ۾ سنڌ جي سرزمين مان وڏا جيد عالم، محدث، مفسر ۽ فقيه پيدا ٿيا، جن جي عظمت جي ساک خود عرب عالمن پري آهي. ديبل، اروڙ، منصوره، ملتان ۽ اُچ جا قديم شهر عرب ۽ ايران جي نزديڪي ڪري اسلامي علمن، عربي ۽ پارسي ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي ۽ ان دور جو ادب نهايت ئي معياري ۽ بلند هو. شروع ۾ سنڌ جي انهن قديم مدرسن ۽ درسگاهن ۾ عراق ۽ عرب کان مشهور عالم مدرس مقرر ٿي ايندا هئا.

## ديبل

ديبل سنڌ جو قديم مشهور واپاري بندرگاهه هو. ديبل کي چوگرد قلعو هو. فتحنامي مان هن شهر جي قدامت جو ڪافي احوال ملي ٿو. ڇهين صدي عيسوي کان وٺي تقريباً تيرهين عيسوي صدي جي اڌ تائين ديبل بندر بهتر يا زبون حالت ۾ سنڌ جي نقشي تي قائم هو. ڏهين صديءَ ۾ جيئن سنڌ اندر عربي دور اقتدار جو زور آهستي آهستي ختم ٿي ويو، تيئن سندن طاقت ۽ واپار جي مرڪز ديبل جي اهميت پڻ گهٽجي ويئي. سنڌو درياءَ

(١) ڏسو نزهت الخواطر، ج ١، ص ٣٥، ڇاپو حيدرآباد دکن.

جي موج ۾ مستين ڪري هڪ ٻئي نئين بندرگاهه جنم ورتو جيڪو "لوهاراني" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن نئين بندرگاهه جي اسرڻ ڪري پڻ قديم بندر ديبل جو اوج گهٽ ٿي ويو. سنه ١٣٣٤ع ۾ جڏهن ابن بطوطه سنڌ ۾ آيو ته هن "لاهري" بندر کي وڏي اوج تي ڏٺو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ديبل بندر اٽڪل ڇهه سؤ ورهيه سنڌ جو مکيه بندر ٿي رهيو ۽ ان سان سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي تاريخ جو لاڳاپو هو.

جيتوڻيڪ ديبل تباهه ۽ برباد ٿي ويو مگر سنڌ وارن نئين بندرگاهه کي به ديبل ٿي سڏيو، ڇاڪاڻ ته گذريل ڇهه سؤ ورهين جي عرصي ۾ "بندر" ۽ "ديبل" جا الفاظ لازم ملزوم بڻجي ويا هئا. پوئين زماني جي تاريخ هن عام رواج جي تصديق ڪري ٿي. سورهين عيسوي صديءَ ۾ پورچوگيزن هن ساڳئي لاهري بندر کي لاهري بندر، دربل، ديوٽل ۽ ديوٽلسند ڪري لکيو آهي. ابوالفضل آئين اڪبري ۾ ٺٽي کي ديبل سڏيو آهي. مير معصوم لاهري بندر خواهه ٺٽي کي "ديبل بندر" ڪري لکيو آهي (١). انهن احوالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اصل ۾ ديبل، جنهن کي محمد بن قاسم فتح ڪيو هو، اهو زماني جي انقلابن سبب تباهه و برباد ٿي ويو، تڏهن به ان جو اهو نالو هلندو رهيو ۽ بعد ۾ لوهاراني يا لاهري بندر خواه ٺٽي کي ديبل بندر سڏڻ لڳا.

سنڌ جو مشهور تذڪره نگار مير علي شير قانع تحفة الڪرام ۾ لاهري بندر کي پراڻو ديبل سڏي ٿو. ساڳيءَ طرح بگهاڙ شاخ تي هڪ بندرگاهه کي به ديبل ڪري سڏيو ويو آهي. اتي دفن ٿيل شيخ حسين عرف پير پٺي کي ديبلي ڪري سڏيو آهي (٢). محقق بيروني جو چوڻ آهي ته ديبل هڪ ساحلي بندر هو ۽

(١) مخدوم امير احمد، "تاريخ معصومي" (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، دفعو اول، ١٩٥٣ع، ص ٩

(٢) مير علي شير قانع ٺٽوي، "تحفة الڪرام"، ج ٣، ص ٥٤

لوهاراني کان ايرندي ڏانهن سنڌونديءَ جي شاخ جو هڪ بندر هو(١).
ان ڪري پاٽنجر ۽ ڪننگهام لاهري بندر کي اصلي ديبل سمجهن
ٿا. رچرڊ برٽن، ڪئپٽن مئڪمرڊو، ڊلاروشي، رينيل ڊبليو، هئملٽن
۽ هينري ڪزنس وري ٺٽي کي قديم ديبل ڪري لکن ٿا، جو
سراسر غلط ۽ بي بنياد آهي. ايليٽ صاحب ڪراچيءَ کي ديبل
ٺهرايو آهي؛ حالانڪ ڪراچي جو ان وقت اڃا وجود ئي ڪونه
هو. ڪراچي بندر طور سن ١٧٢٩ع ڌاري استعمال ٿيڻ ۾ آيو.
موجوده ڍاڀيجي اسٽيشن کان اٽڪل ٥ ميلن جي مفاصلي
تي ڏکڻ اوڀر طرف ٺٽي کان ڪراچي ويندڙ رستي کان ٻن ميلن
جي مفاصلي تي ڏکڻ ۾ ”گهارو“ نالي هڪ سامونڊي ڪاريءَ جي
ڪپ تي قديم شهر ڀنڀور جي کوٽائي مان قديم آثار وارن کي
ڪي شيون ۽ نشانيون لڌيون، جن جي بناء تي هن شهر کي
سنڌ جو قديم بندر ديبل ٺهرايو ويو(٢). سنڌ جي هن قديم بستي
متعلق مورخن ۾ ڪافي اختلاف پئي رهيا آهن ۽ مختلف دورن
۾ هن بستي کي جدا جدا هنڌن تي ڏيکاريو ويو آهي. ديبل جي
ان غير يقيني محل وقوع بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ عرب
تاريخ نويسن جي احوالن جي آڌار تي لکي ٿو ته ”سنه ٣٧-٦٣٦ع
۾ حضرت عمر رضه جي خلافت جي زماني ۾ (سنه ٥ هجري) عمان
جي گورنر عثمان بن ابي العاص الثقفي، مغيره ۽ حڪم جي هٿ
هيٺ سمنڊ ذريعي هڪ مهم موڪلي هئي، جنهن هندوستان جي

(١) البيروني، ڪتاب الهند، ص ١٠٢
(٢) هي شهر زمين جي زلزلي ڪري تباهه ٿي ويو. لاهري کي اڳ ۾
ديبل بندر به چوندا هئا، جنهن جو قديم سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر اچي ٿو.
پوءِ اهو به ڦٽي ويو جنهن ڪري اتان جا ماڻهو ڌاراجا بندر ۾ رهڻ لڳا.
اتي نگامرن جي قوم رهندي هئي ۽ راڻو عبيد سردار هو. اهو راڻو
سنه ٠٠٠١هه ۾ اتي راڄ ڪندو هو ان وقت ۾ ڪراڙ جو حاڪم
جام جرار هوندو هو.

ٽن بندرگاهن ديبل، پروچ ۽ ٿاڻي تي حملا ڪيا هئا؛ ۽ ان کان پوءِ عبدالله بن نبهان ۽ بُذيل بن طهفةالجبلي سنه ١١٧هه ۾ ديبل تي حملو ڪيو ۽ بعد ۾ محمد بن قاسم سنه ٧١٣ع ۾ ديبل فتح ڪيو (١).

ان دور ۾ سنڌ ۾ ديبل وڏو بندر ۽ وڏو شهر هو، جيڪو عربن جي اچڻ کان پوءِ علمي شهر بنجي ويو. هن شهر ۾ عربي مدرسي جو بنياد پيو. عراق ۽ عرب کان ڪيترا ئي عالم هن شهر ۾ اچڻ لڳا ۽ خود هن ئي شهر ۾ وڏا جيد عالم، محدث، مفسر ۽ فقيه پيدا ٿيا. عرب تاريخ نويسن ڪيترن اهڙن عالمن کي ان شهر جي نسبت سان "ديبلي" ڪري لکيو آهي. علامه سمعاني پنهنجي ڪتاب "ڪتاب الانساب" ۾ اهڙن ڪيترن ئي عالمن جو ذڪر ڪيو آهي(٢)، جن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

## ١. ابو جعفر محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبلي

هيءُ وڏو بلند پايه عالم هو. ديبل مان هجرت ڪري مڪي شريف ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئائين. ابن عيينه ڪتاب التفسير ۾ ابو عبدالله سعيد بن عبدالرحمان مخزومي کان روايت ڪري ٿو ڪري ته پاڻ ابو عبدالله حسين بن حسن مروزي کان تعليم حاصل ڪئي هئائين. ساڳيءَ طرح عبدالحميد بن صبيح کان به روايت ثابت ٿئي ٿي. سندس شاگردن مان هيٺيان مشهور بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا:

(١) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقدمه "فتح نامه سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد، ١٩٦٦ع ص - ١٥

(٢) قاضي ابو سعيد سمعاني حديث جي علم حاصل ڪرڻ لاءِ هن دنيا جي چئن ڏسن جو سفر ڪيو. ماوراءالنهر، خراسان جي سڀني ملڪن ڏانهن ڪيترا ئي پيرا سفر ڪيائين. عراق، حجاز، موصل، جزيره، شام ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ ويو. اٽڪل چئن هزار استادن کان استفادو ڪيائين. سندس مشهور ڪتاب "ڪتاب الانساب" وڏي شهرت جو مالڪ آهي.

ابوالحسن احمد بن فراس مڪي، ابوبڪر محمد بن ابراهيم بن علي ابن مقري وغيره. علامه ياقوت حموي پڻ مختصر نموني ۾ ابوجعفر جو ذڪر ڪيو آهي.

## ٢. ابراهيم بن محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبلي(١)

هي بزرگ ديبل جو وڏو محدث عالم ٿي گذريو آهي. مٿئين ابو جعفر محمد جو فرزند هو. علامه سمعاني هن بابت سندس والد جي تذڪري ۾ لکي ٿو ته ابو جعفر بن ابراهيم بن محمد بن علي ڪبير کان هِن ڪيترن عالمن حديث جي روايت ڪئي آهي. علامه ياقوت حموي به ساڳي روايت ڪري ٿو.

## ٣. ابوالقاسم شعيب بن محمد ديبلي(٢)

سندس ڪنيت ابوالقاسم آهي. سندس نالو شعيب بن محمد بن احمد بن شعيب بن بزيع بن سوار ديبلي آهي. علامه سمعاني لکي ٿو ته ڪيس ابن قحطان ديبلي به ڪري چوندا آهن. مصر ۾ آيو ۽ اتي حديث جي روايت ڪيائين. ديبل ۾ سندس مدرسو هو جنهن ۾ حديث جو درس ڏيندو هو. ابو سعيد بن يونس فرمايو ته مون ڪانئس حديث پڙهي هئي ۽ ان کي قلمبند ڪيو.

## ٤. خلف بن محمد موازيني ديبلي(٣)

هي وڏو جيد عالم ۽ سرزمين سنڌ جو وڏو بزرگ ٿي گذريو. بغداد ۾ رهي علي بن موسيٰ ديبلي کان روايتون پڙهائين، جيڪي ڪانئس وري ابوالحسن احمد بن محمد بن عمران جندي بيان ڪيون. هو سندس شاگردن مان هو.

(١) علامه سيد عبدالحي حسني، نزهت الخواطر ( اردو ترجمو )، ج اول، ص ١٢٥

(٢) ايضاً، ص ١٢٩

(٣) ايضاً، ١٢٧

## ٥. ابوالعباس محمد بن محمد بن عبدالله وراق ديبلي(١)

هي وڏو صالح ۽ نيڪ انسان هو. ابو خليفه، فضل بن حباب حمصي جعفر بن محمد بن حسن قريابي، عبدان بن احمد بن موسى عسڪري، محمد بن عثمان بن ابي سويد بصري کان حديث جي روايت ٻڌي ۽ ان ۾ سندس سند حاصل ڪيائين. مشهور محدث امام حاڪم ابو عبدالله الحافظ به هن سنڌي عالم جو شاگرد آهي. هن کان ڪيس سماع جو شوق ٿيو. ماهه رمضان ٣٤٥ هجري ۾ وفات ڪيائين. ابو عمرو بن نجيد سندس جنازي جي نماز پڙهائي.

## ٦. ابو العباس احمد بن عبدالله بن سعيد ديبلي (٢)

هي بزرگ وڏو جيد عالم، عابد ۽ زاهد هو. علم جي طلب ۾ ڪافي ملڪ ڦريو هو. ابوبڪر محمد بن اسحاق بن خزيمة جي دور ۾ نيشاپور ۾ اچي رهيو. نيشاپور ۾ حسن بن يعقوب حدادي جي خانقاه ۾ رهيو هو. آنّ جي گرم پوشاڪ پهريندو هو ۽ پير اگهاڙا ڪري گهمندو هو. هن بصري ۾ وقت جي وڏن عالمن جهڙوڪ ابو خليفه قاضي کان، بغداد ۾ جعفر بن محمد فريابي کان، مڪي ۾ مفضل بن محمد جندي ۽ محمد بن ابراهيم ديبلي کان، مصر ۾ ابن عبدالرحمان ۽ محمد بن ابراهيم کان حديثون ٻڌيون. نيشاپور ۾ ماهه رجب سنه ٣٤٣ﻫ/٩٥٤ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين ۽ حيره جي تاريخي قبرستان ۾ آرامي آهي (٣).

(١) علامه عبدالحي حسني، نزهت الخواطر، ج اول، ص ١٣٣.
(٢) ايضاً، ص ١٧٣.
(٣) چون ٿا ته هن بزرگ دمشق ۾ ابوالحسن احمد بن عمير بن جوصا کان، بيروت ۾ ابو عبدالرحمان معكول کان، حران ۾ ابن عروبه حسين بن ابي معشر کان، تستر ۾ احمد بن زهير تستري ۽ عسڪر بن خزيمة ۽ ان دور جي ٻين همعصرن کان حديث جي علم ۾ تحصيل ڪئي هئي (علامه سيد عبدالحي حسني، نزهت الخراطر، ج اول، ص ١٢٦).

### ٠٧ علي بن موسي ديبلي (١)

هي بزرگ سرزمين سنڌ جو هڪ وڏو محدث هو. خلف بن محمد موازيني ديبلي هن کان روايت ڪئي آهي ۽ هو سندس شاگرد هو.

مٿي بيان ڪيل ديبل جي سنڌي عالمن جو مختصر احوال "ڪتاب الانساب" مان ورتل آهي. انهن سنڌي عالمن جا ان عربي دور ۾ سنڌ جي قديم تاريخي شهر ديبل ۾ ضرور مدرسا هوندا، جيڪي ان زماني جي رواج موجب مسجد شريف ۾ ئي هوندا. سرزمين سنڌ ۾ ديبل ئي سڀ کان پهريون شهر هو، جنهن ۾ عربن مسجد شريف جو بنياد رکيو (٢).

## اروڙ

اروڙ هڪ پراڻو شهر راءِ گهراڻي جي گاديءَ جو هنڌ هو. مهراڻ جي ڪناري تي آباد هو ۽ منجهس قسمين قسمين باغ هئا، جنهن ڪري سڄي سنڌ ۾ ممتاز هو. پر پوءِ سنڌو درياءَ جي رخ مٽائڻ سبب شهر ويران ٿي ويو. ان کان پوءِ اتي جا رهاڪو بکر ۽ ٻين جاين ڏانهن لڏي ويا (٣).

جڏهن محمد بن قاسم سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن دستور موجب "احنف بن قيس بن رواح" اسدي کي اروڙ جو گورنر مقرر ڪيائين. ٻن سالن کان پوءِ هندستان جا ماڻهو باغي ٿي ويا. باقي

(١) علامه سيد عبدالحي حسني، نزهة الخواطر، ج اول، ص ١٣٩.
(٢) "ڪتاب الانساب"، تاليف عبدالڪريم بن محمد سمعاني، ورق ٢٢٦، طبع ليڊن، ١٩١٣ع.
(٣) مير علي شير قانع ٺٽوي، "تحفة الڪرام" (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ٣٣٠.

ديپالپور جي سرحد کان وٺي سمنڊ تائين اسلامي گورنرن جي هٿ هيٺ رهيو (١).

عرب سياح ۽ تاريخ نويس جهڙوڪ ابن خردازبه، اصطخري، مقدسي ۽ مسعودي سيئي اروڙ بابت هن ريت متفق آهن: ”پوءِ جڏهن اهي سڀ درياءَ جن جو بيان ڪيوسون (يعني پنجاب جا پنج درياءَ) ملتان جي حد ٽپي اڳتي وڌن ٿا، تڏهن ملتان ۽ منصوره کان بعد دوشاب نالي هڪ جاءِ تي پاڻ ۾ گڏجن ٿا. پوءِ جڏهن اهي سڀ ’رور‘ (اروڙ) جي شهر وٽ جو منصوره جي ضلعن مان هڪ ضلعو آهي، ان جي الهندي طرف کان پهچن ٿا ته اتي ڪين ”مهراڻ“ جي نالي سان سڏبو وڃي ٿو، جو پوءِ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو ۽ هن وڏي درياءَ — جو ”سنڌ جي مهراڻ“ جي نالي سان مشهور آهي — جا ٻئي حصا منصوره جي هڪ ضلعي شاڪره (ساڪره) وٽ هندي سمنڊ (عربي سمنڊ) ۾ ڇوڙ ڪن ٿا ۽ اهو ديبل جي شهر کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي“(٢).

## اروڙ واري درياءَ جي سير وارا پٿر

ايسٽوڪ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مير معصوم جي هڪ ٻئي يادگار جو ذڪر ڪيو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته ”اروڙ

(١) ايضاً ص ٩٠.

(٢) اصل عبارت هن ريت آهي: ” فاذا اجتاز جميع ماذا كرنا من النهار (أي النهار الخمسة بلاد فنجاب) ببلاد فرج بيت الذهب والمولتان، اجتمعة بعد المولتان والمنصوره في الموضع المعروف بدوشاب. فاذا انتهي جمع ذالک الي مدينة الرورمن غربهافي من اعمال المنصوره، سمي هناک مهران ثم ينقسم قسمين و يصب کلا القسمين من هذا الماء العظيم المعروف بمهران السند في مدينة شاکره من اعمال منصوره في البحر الهندي و ذالک علي مقدار يومين من مدينة الديبل“. ابن خردازبه، ”کتاب المسالک و الممالک“، ص ٩٢؛ اصطخري، ”کتاب المسالک و الممالک“، ص ١٧٥؛ مقدسي، احسن التقاسيم، ص ٤٧٩؛ مسعودي، ”مروج الذهب“، ج اول، ص ٣٧٨.

۾ مون قابل توجه فقط ٻه پهلو ڏٺا، جن تي ڪتبا اُڪريل هئا. ڪتبن تي لکيل عبارت جو مطلب هي هو ته اهي پٿر مير معصوم جا هٿايل هئا. انهي لاء ته انهن جي وسيلي درياء جي اڳئين سير جو پتو پوي." انهن پٿرن جي ذريعي مير معصوم اروڙ واري درياء جي پوزيشن نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر افسوس جو اهي پٿر اڄ عدم پيدا آهن (۱).

سلطان محمود غزنوي جي وزير عبدالرزاق سنه ۴۱۷ هجري ۾ بکر جي فتح کان فارغ ٿي، سيوستان ۽ ٺٽي پهچي، انهي ملڪ ۾ بنو اميه ۽ بنو عباس جي ماڻهن مان ڪوبه ڪونه ڇڏيو، صرف اهي چند ماڻهو جيڪي فضيلت ۽ چڱي حالت جا مالڪ هئا شرعي عهدن ۽ وظيفن تي رهيا. نسب جي چاڻن اهڙا ارڙهن قبيلا ثابت ڪيا آهن، جن مان "ثقفي" بکر ۽ اروڙ جي قاضين جو قبيلو آهي.

قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسي بن طائي بن محمد بن شيبان بن عثمان، ثقفي خاندان مان آهي، جنهن کي محمد بن قاسم انهي شهر جو قاضي ۽ خطيب مقرر ڪيو هو.

(۱) عزيز محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جن ڏينهن ۾ مسلم يونيورسٽي عليگڙهه مان Ph. D جي ڊگري وٺڻ لاء "Sind under the Arabs" مضمون تيار ڪري رهيو هو، تڏهن تحقيقات ڪندي، هن اروڙ جي ڪوٽ کان اٽڪل ڏيڍ ميل پري شاهه شڪرگنج جي درگاهه جي پرسان هڪ پٿر ڏٺو هو، جنهن کي جيتوڻيڪ ڏنارن ڏک هڻي مٽي ڪي لکيل اکر ڊاهي ڇڏيا هئا، تاهم ٿوري غور سان ڏٺو ويو ته انهي پٿر تي هيٺيان لفظ لکيل هئا:

"برادر قدم چو رهه نوردان    درباد به پائي نه چون مردان
بفرموده صيادت پناه    امير محمد معصوم
مرقوم شد سنه ۱۰۰۸

"تاريخ معصومي" (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۲ع، ص ۳۷

۽ ڀانڀيرا جي بربادي ڪري اتان لڏي اچي سيوستان ۾ رهيو ۽ اتي ئي دفن ٿيو. اڄ ڏائين خدا وارن جو زيارتگاهه آهي(١).

**قاضي سڌابو:** اڳئين زماني جي نامور عالمن مان وڏي بزرگيءَ واري زندگي سان موصوف هو. اروڙ جي قضا ۽ بکر جو احتساب سندس حوالي هوندو هو(٢).

# المنصوره

سنڌ ۾ عربي حڪومت جي قيام کان پوءِ عربن خاص فوجي ڇانوڻيون تعمير ڪرايون، جي آهستي آهستي وڏي شهرن جي صورت ۾ تبديل ٿي ويون. اهڙن شهرن مان المنصوره سڀني کان وڌيڪ اهم حيثيت رکي ٿو. محمد بن قاسم جي سنڌ مان واپس وڃڻ کان پوءِ سنڌ مٿان عرب گورنر مقرر ٿي ايندا هئا، جن جي سياسي مصلحتن ۽ جلد جلد ڦيرين گهيرين ڪري سموري ملڪ ۾ بد انتظامي پيدا ٿي چڪي هئي. ڪيترن ئي ڏيهي سردارن ان ڪمزوري جو فائدو وٺي خود مختاري جو علم کڙو ڪيو. ان کان سواءِ يمانين ۽ نزارين جي باهمي خانہ جنگي ڪري به عربن جي طاقت سنڌ اندر ڪمزور ٿي چڪي هئي.

انهن مڙني ڳالهين جي سڌاري لاءِ عراق جي والي خالد قسري جي سفارش سان حڪم بن عوام ڪلبي سنڌ جو گورنر مقرر ٿي آيو. هي هڪ جبرو حاڪم ۽ سٺو منتظم هو. حڪم بن عوام سنڌ ۾ پاڻ سان عمرو بن محمد بن قاسم ساڻ وٺي آيو، جيڪو پنهنجي پيءُ وانگر فن سپهگريءَ ۾ ماهر هو. عمرو، حڪم بن عوام جي حڪم سان سنڌ جو سمورو اندروني انتظام

(١) مير علي شير قانع ٺٽوي، "تحفة الڪرام" (سنڌي ترجمو)، ص ص ١١٢-١١٦

(٢) ايضاً، ص ص ٢٣٠ ، ٢٣١

درست ڪيو. جيڪي علائقا خود مختار ٿي ويا هئا، تن کي ٻيهر فتح ڪيو. انهي فتوحات جي خوشيءَ ۾ عمرو بن محمد بن قاسم مهراڻ جي الهندي ڪناري تي موجوده برهمڻ آباد کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي هڪ شهر اڏيو جنهن جو نالو ”المنصوره“ يعني ”فتح جي جاءِ“ رکيو ويو. المنصوره جو بنياد سنه ١٠٥هه/٧٢٣ع ۽ سنه ١٢٠هه/٧٣٨ع جي وچ ڌاري پيو، جيڪو پوءِ آهستي آهستي ترقي ڪندي سنڌ جو گاديءَ جو هنڌ بڻيو(١).

سنڌ جي مرڪزي شهر هئڻ ڪري منصوره جا ٻين اسلامي عرب ملڪن سان تمام گهڻا ۽ گهاٽا تعلقات هئا. عرب سياحن، مؤرخن ۽ جغرافيه نويسن جي بيان مطابق منصوره جي قلعي کي چار دروازا هئا (٢). منصوره غالباً غياث الدين بلبن جي عهد حڪومت (٦٤٢هه) تائين قائم هو، جيڪو پوءِ مهراڻ جي اٿل پٿل سبب يا وري زمين جي زلزلي سبب زمين دوز ٿي ويو.

المنصوره جيئن ته اسلامي حڪومت جو تختگاهه هو، وڏا وڏا جيد عالم هن شهر ۾ رهندا هئا ۽ کي ته وري علمي پياس پوري ڪرڻ لاءِ ٻاهران ڪهي هن شهر ۾ ايندا هئا. هن شهر ۾ عربي ماحول ۽ عالمن جي موجود هجڻ جي ڪري وڏا وڏا مدرسا ۽ درسگاهه به هئا. عرب ۽ عراق کان وڏا وڏا عالم، مفتي، قاضي ۽ مدرس تي هن شهر ۾ ايندا هئا. عرب سياحن ۽ مورخن جي تذڪرن مان اهو صاف طرح واضح ٿئي ٿو ته انهي زماني ۾ منصوره ۾ ڪيترائي بلند پايه عالم، فاضل، اديب ۽ شاعر رهندا هئا. منصوره جي علمي ۽ مذهبي حالت جي باري ۾ بشاري مقدسي هن طرح سان ساراهه جا ڏڪ پري ٿو:

(١) منصوره جي متعلق سنڌ خواهه هند جي ڪيترن عالمن ڪافي ڪجهه لکيو آهي. تازو انگريزيءَ ۾ ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ جو ڪتاب ”المنصوره جي عرب رياست“ شايع ٿيو آهي.

(٢) تاريخ يعقوبي، ص ٤٠٧

”هتي جا رهاڪو لائق ۽ بامروت آهن، اسلام جي وڻن تازگي آهي. اهل علم هتي گهڻا رهن ٿا. ماڻهن ۾ ذهانت ۽ ذڪاوت آهي. هو نيڪي ۽ خيرات ڪن ٿا. گهڻو ڪري سڀ اهل حديث آهن. وڏن شهرن ۾ حنفي فقه به رائج آهي، ليڪن مالڪي ۽ حنبلي ڪين آهن ۽ نه معتزلي آهن. ماڻهو سڌي ۽ صحيح مسلڪ تي آهن. نيڪ ۽ پاڪدامن آهن (۱).“

بزرگ بن شهريار جو چوڻ آهي:

”منصوره ۾ سنڌي ٻولي عام طرح ڳالهائي وڃي ٿي ۽ حاڪم طبقو ان جي چاڻ ۽ پوري اهليت رکي ٿو(۲).“

مسعودي لکي ٿو ته:

”منصوره جا باشندا لائق ۽ با مروت آهن. وڻن اسلام کي تازگي حاصل آهي ۽ اهل علم آهن ۽ منجهن ذهانت ۽ ذڪاوت آهي، هو نيڪ ۽ سخي آهن. خير خيراتون ڪن ٿا (۳).“

انهن مٿي بيان ڪيل احوالن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته منصوره ۾ ڪافي عالم دين ۽ اهل علم موجود هئا. اهي بزرگ گهڻو ڪري اهل حديث هئا. هتان جي جن عالمن جي مدرسن ۽ درسگاهن جا احوال ميسر ٿي سگهيا آهن، سي هيٺ بيان ڪجن ٿا.

## ابومحمد عبدالله بن جعفر بن مرت منصوري المقري:

رنگ جو ڪارو هو ۽ پاڻ حسن بن مڪرم ۽ ان جي همعصرن کان روايت ڪئي آهي. الحاڪم جهڙو محدث به سندس شاگرد هو. ابوجعفر عبدالله بن اسماعيل بن ابراهيم عيسيٰ بن ابي جعفرمعروف

(۱) بشاري مقدسي، احسن التقاسيم، ص ۴۷۹

(۲) بزرگ بن شهريار، ڪتاب الهند، ص ۸۲، ليڊن

(۳) مسعودي، مروج الذهب، ج اول، ص ۳۷۹

بن ابن بويه منصوره شهر جي جامع مسجد جو امام ۽ روايت ۾ معتبر هو. هن احمد عتاردي، اسماعيل بن اسحاق قاضي، سواده بن عيسي احمسي، ابن الدنيا ۽ ٻين کان روايت ڪئي آهي. ابوالحسن محمد بن درس ۽ احمد الباء ۽ هڪ ٻي جماعت هن سنڌي عالم کان روايت ڪئي آهي. سندس وفات ١٥٠ هجري ۾ ٿي (١).

**قاضي محمد بن ابي شوراب جو مدرسو:** قاضي محمد بن ابي شوراب جماديالاول سال ٢٨٣ هجري ۾ منصوره جو قاضي مقرر ٿي آيو. قاضي صاحب وڏو اهل علم ۽ لائق انسان هو. سائس حياتي وفا نه ڪئي ۽ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ هن فاني جهان مان وفات ڪري ويو (٢). عراق ۽ خاص ڪري بغداد ۾ ماڻهو سندس وڏي عزت ڪندا هئا. منصوره ۾ قضا جي ڪم سان گڏوگڏ درس و تدريس جو به شغل جاري رکيائين. ڪانئس پوءِ سندس پٽ علي بن محمد ابي الشوراب منصوره جو قاضي بڻيو. سندس اولاد چوٿين صدي هجري جي شروعات تائين منصوره ۾ رهيو.

**ابوالعباس احمد بن محمد بن صالح بن تميمي المنصوري:** هي هڪ وڏو عالم ۽ بزرگ منصوره جو رهاڪو هو. هن منصوره ۾ علم و ادب جو عام فيض ڏنو. هن پنهنجو آخري وقت شهر بغداد ۾ گذاريو ۽ عراق ۾ ئي سڪونت اختيار ڪيائين. ڪتاب الانساب جو مصنف السمعاني لکي ٿو ته ”مون جيڪي به دنيا ۾ عالم ڏٺا انهن سڀني کان اهو سنڌي منصوري عالم وڏو ظريف هو“(٣). ايران ۾ هن ابوالعباس بن اثرم کان حديث ٻڌي ۽ بصره ۾ ابارڏوف همداني کان به روايت ڪئي اٿس. دائود اصفهاني جي مذهب جو امام هو. حديث ۾ وڏو عالم هو.

(١) سمعاني، ڪتاب الانساب، ورق ٥٤٣

(٢) ابن اثير، الڪامل، ج ٧، ص ٣٣٤، ليڊن.

(٣) السمعاني، ڪتاب الانساب، ورق ٥٤٣.

ڪانئس الحاڪم ابو عبدالله الحافظ صاحب مستدرڪ حديث روايت ڪئي آهي. وڏين تصنيفن جو مالڪ پڻ هو. سندس انهن ڪتابن مان المصاع ڪبير، ڪتاب احادي ۽ ڪتاب النير (١) گهڻو مشهور آهن.

**قاضي ابو محمد جو مدرسو:** منصوره ۾ قاضي ابو محمد جو مدرسو ان وقت جي علمي لحاظ کان تمام گهڻو مشهور هو. ابو محمد پاڻ دائودي مذهب جو امام هو. هن ڪيترا ئي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان خاص ابطال التقليد، ابطال القياس، الخصوص والعموم، المفسر والمجمل گهڻو مشهور آهن (٢).

**احمد بن محمد قاضي منصوري:** هن عراق ۽ ايران ۾ وڃي علم حاصل ڪيو ۽ اتي به علم جي اشاعت ڪندو رهيو. پاڻ دائود اصفهاني جي مذهب جو امام هو. اثرم ۽ ان جي طبقي جي محدثن کان هن روايت ڪئي آهي(٣).

# ملتان

## (علميت جي لحاظ کان سنڌ جو بغداد)

گهڻو ڪري مورخن ۽ جاگرافيدانن انهي ڳالهه جي وضاحت ڪئي آهي ته سنڌ ۽ ملتان هڪ وسيع علائقي جو نالو آهي. اڄڪلهه جنهن شهر کي ملتان سڏيو وڃي ٿو انهيءَ جو قديم نالو "پراڻ" مطابق ڪيشپ پور هو، جو غالباً ان وقت جي راجا هرنيه ڪيشپو جي نالي تان پيل ٿو ڏسجي. راجا جي مارجي وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ پڳت پرهلاد سلطنت جو مالڪ ٿيو ته ان

(١) ايضاً، ص ٣٤٣.

(٢) تاريخ التشيريع الاسلامي للخضري، ص ٧٤، مصري ڇاپو.

(٣) السمعاني، "ڪتاب الانساب"، ورق ٥٤٣.

جو نالو پرهلاد پور رکيو ويو. بعض مؤرخن ان جو قديم نالو "پاڳلپور" به لکيو آهي ۽ ان کان پوءِ سامبپور به ٿيو. "پراڻ" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته مهاراج ڪرشن جو ڇوڪرو سامب جو ڄامونتي مان پيدا ٿيو هو، سو پنج هزار ق م ۾ هتي آيو هو ۽ انهي شهر جو بنياد رکيو. پر انهيءَ کان اڳي اهو شهر آباد هو جنهن کي "مترون" چوندا هئا(١). پر سامب کان پوءِ ان جو نالو سامبپور ٿي ويو. انهن نالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته بحيثيت شهر جي ان جو نالو ملتان يا مولتان هو. البت مول‌استان قابل غور آهي.

"حدود العالم" (چوٿين صدي هجري) جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته مول‌استان ڪنهن شهر جو نالو نه هو پر هڪ پوري سر زمين جو نالو هو، جنهن جي حدن ۾ هڪ لک ويهه هزار ڳوٺ شامل هئا. انهن جي سرحد ايتري ته وسيع هئي جو هڪ طرف مغرب ۾ ڪشمور ته ٻئي طرف اوڀر ۾ لاهور کان اڳيان جلندر تائين حدون ملتان ۾ شامل هيون. ڏکڻ طرف بيڪانير وغيره به شامل هو(٢).

علامه ياقوت حموي، معجم البلدان ۾ ٻن جاين تي هن شهر جو بيان آندو آهي. هڪ مختصر مذڪور "ملتان" هيٺ ۽ ٻيو "مولتان" تي تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. اهو سمورو تفصيل اصطخري جي حوالي سان بيان ڪيو ويو آهي. ان ۾ مولتان جي نالي جي اصلي ڪارڻ بابت به لکيو ويو آهي. ان دور ۾ اتي جو حاڪم سامه بن لؤي جي نسل مان قريش هو، جنهن منصوره جي حاڪم کان الڳ ٿي حڪومت قائم ڪئي ۽ خطبو خليفي جي نالي تي پڙهيو ويندو هو(٣).

(١) عبدالحميد فڪري، العتيق العتيق، جلد اول، ١٩٧١ع، ص‌ص ٣٨-٤٠.

(٢) سيد سليمان ندوي، عرب و هند کے تعلقات، ٢٠٥-٢٠٦

(٣) علامه ياقوت حموي، معجم البلدان، ج ٥، ڇاپو بيروت، ص ٢٢٧.

ملتان جي ماڻهن جي رهڻي ۽ ڪهڻي، ثقافت، تمدني زندگي ۽ قديم مذهبي عقيدن جي ڪري نمايان طور تي اها ڳالهه آڏو اچي ٿي ته ٻئي علائقا پنهنجي روايتن جي لحاظ کان هم آهنگي رکندا هئا. قديم آثار به انهي ڳالهه جي شهادت ڏين ٿا ته هڙاپا، سنڌ ۽ ملتان ۾ هڪ خاص مرڪزي رابطو هو، جو انهن علائقن جا ماڻهو ڪنهن وقت تائين ملتان ۾ ”ياترا“ لاءِ ويندا هئا. سنڌ ۽ ملتان جي قديم تعلقات جون ثابتيون ۱۵۰۰ ق م تائين مان ٿيون (۱).

محمد بن قاسم ثقفي جي اچڻ کان اڳ هتي خودمختار بادشاهه رهندا هئا، جن جو تعلق سنڌ جي راجائن سان هوندو هو. محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ کان ٿورو وقت پوءِ اسلام جي تعليم ۽ تبليغ جو سلسلو ديبل کان وٺي ملتان تائين جاري رهيو. هر هنڌ مسجدون تعمير ڪرايون ويون ۽ انهن مسجدن ۾ اسلامي علوم جو درس ڏيڻ شروع ڪيو ويو.

اسلامي فتوحات کي ٿورو وقت ئي گذريو ته هي شهر قرمطين جي ور چڙهيو، جن کان سلطان محمود غزنوي قبضو ڇڏايو. ان بعد سلطان معزالدين محمد سام غوري کي هٿ آيو. تنهن کان پوءِ سنه ۸۴۷ هجري تائين دهلي جي بادشاهن جي قبضي ۾ رهيو. مغلن جي حملن ڪري جڏهن ملتان حاڪم کان خالي رهيو، تڏهن شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني جي مريدن درگاهه جي سنڀاليندڙ شيخ يوسف قريشي کي بادشاهه بڻائي، اُچ ۽ ٻين هنڌن تي سندس نالي خطبو پڙهيو. ٻن سالن گذرڻ کان پوءِ لانگاهن جي سردار راءِ سيهره، شيخ يوسف قريشي جي مريد کي شهيد ڪري، قطب الدين جي لقب سان سورهن سال حڪومت ڪئي. تنهن کان پوءِ سلطان حسين قطب الدين لانگاهه ۳۴ سال، ان بعد سلطان محمود بن فيروز خان لانگاهه ۲۷ سال، ۽ آخر ۾ سلطان حسين بن

(۱) عبدالحميد فڪري، العتيق العتيق، ج اول، ۱۹۷۱ع، ص ۳۹.

سلطان محمود حڪومت ڪئي. ٿورن سالن کان پوءِ مرزا شاهه حسن ارغون ملتان فتح ڪري بابر بادشاهه کي نذراني طور پيش ڪيو. ان بعد سنڌس پٽ مرزا ڪامران راڄ ڪيو. ملتان نادر شاهه ۽ احمد شاهه دراني (ابدالي) جي ماتحتي ۾ پڻ رهيو.

ملتان کي علم ادب، ثقافت، اسلامي درسگاهن ۽ مدرسن جي گهڻائي، تعليم ۽ تبليغ جي عروج ڪري سنڌ جو بغداد سڏيو وڃي ٿو. اسلام جي آمد کان پوءِ جن عالمن، مدرسن ۽ درسگاهن جو احوال دستياب ٿي سگهيو آهي، تن جو احوال هيٺ شامل ڪيو ويو آهي.

**هارون بن عبدالله ملتاني:** عربي دور ۾ ملتان ۾ هارون بن عبدالله پنهنجي زماني جو وڏو شاعر، عالم ۽ محدث هو، پاڻ نبي زادن جي موالي مان هو. سندس شعر ڪيترين عربي تاريخن ۾ اچي ٿو. مشهور عرب سياح ابو دلف پنهنجي سفرنامي ۾ ان جو ڪافي ذڪر ڪيو آهي. ملتان ۾ پنهنجي قائم ڪيل مدرسي ۾ ئي درس تدريس جو ڪم ڪندو هو(۱).

**جعفر، لقب المؤيد من السماء:** جعفر ولد محمد بن عبدالله بن محمد بن عمر بن علي هو. هن ملتان جي سر زمين تي سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ اهل علم ۽ ڪرامت جو صاحب هو. هن پنهنجي خانقاهه ۾ درسگاهه قائم ڪري، درس تدريس جو شغل جاري رکيو. ڪيس پنجاهه پٽ هئا جيڪي اسلام جي تبليغ ۽ تعليم لاءِ هندستان، ڪرمان ۽ ايران ڏانهن ٽڙي پکڙي ويا، جن مان عبدالحميد اُچ تي حڪومت ڪئي.

**الشيخ الڪبير بهاءُ الحق والدين شيخ بهاءُالدين زڪريا:** بن شيخ بهاءُ الدين زڪريا بن شيخ ابومحمد بن شيخ ابراهيم بن شيخ عبدالله بن شيخ شهاب الدين بن شيخ زڪريا بن شيخ

(۱) ابن مهلهل، بحوالہ سيرالبلاد و اقليم، احسن التقاسيم، ليڊن، ص ۴۸۱.

نورالدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ وجدالدين بن شيخ مسعود بن شيخ رضي الدين بن القاسم بن الجعفر بن ابي بڪر رضه.

ڪن تاريخ نويسن شيخ جو نسب هن طرح لکيو آهي:
شيخ بهاءالدين زڪريا بن محمد غوث بن ابي بڪر بن سلطان جلال الدين بن سلطان علي قاضي بن سلطان محمد بن سلطان حسين بن سلطان عبدالله بن سلطان طرفه بن سلطان جذيمه بن عبدالله بن امير عاصم بن عبدالرحيم بن عبدالرحمان بن عياض بن اسد بن عبدالعزي بن قصي بن ڪلاب (۱).

شيخ بهاءالحق زڪريا ملتاني جي نسب جو سلسلو مخدوم معين بخش قريشي رحه پنهنجي ڪتاب "انوار غوثيه" ۾ هن ريت لکيو آهي (۲): غوث بهاءالحق والدين ابو محمد زڪريا بن شيخ وجيه الدين محمد غوث بن ڪمال الدين ابوبڪر بن جلال الدين بن علي قاضي بن شمس الدين بن حسين بن عبدالله بن حسين بن مصرف بن حذيمه بن حاذم بن تاج الدين المطرف بن عبدالرحيم بن عبدالرحمان بن هبار بن اسد بن هاشم بن عبدالمناف.

ابن بطوطه پنهنجي سفرنامي ۾ ملتان جو سفر بيان ڪندي لکي ٿو ته هن جي حضرت غوث زڪريا ملتاني جي پوٽي حضرت شاه رڪن عالم سان ملاقات ٿي ۽ پاڻ فرمايائون ته اسان جا وڏا عرب ڪان سنڌ ۾ آيا ۽ منصوره سنڌ ۾ گهڻو وقت رهيا. ان ڪان پوء هن پاسي ڪروڙ ملتان ۾ آيا.

مخدوم شيخ محمد غوث بن سيد شاهه مير بن سيد علي بن سيد مسعود بن سيد احمد بن سيد صفي الدين بن سيد سيف الدين عبدالوهاب بن سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سره معقول خواه منقول علمن جو جامع، فروغ ۽ اصول جو ماهر هو. هن ملتان جي لانگاهه زميندارن

(۱) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفةالڪرام (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ع، ص ص ۸۹--۲۹۰.
(۲) مخدوم حسين بخش قريشي، انوار غوثيه، ملتان.

مان شادي ڪئي. سندس علمي ادبي ڪارگذارين ۽ اسلام جي تبليغ سان گهرو رابطو قائم رهندو هو. ڪيترائي اسلام جا پروانا ڪانئس ديني تعليم حاصل ڪري فيض پرائي ويا.

شيخ عبدالقادر ولد شيخ محمد غوث بن سيد شاه مير بن سيد علي بن سيد مسعود بن سيد احمد بن صفي الدين. دارا شڪوه "سفينه الاولياء" ۾ شيخ عبدالحق قادري دهلوي کان نقل ڪيو آهي ته شيخ "اخبار الاخيار" ۾ چيو آهي ته "شيخ عبدالقادر ثاني ولايت ۾ غوث الثقلين جو حقيقي وارث آهي". سندس اولاد مان ڪي وچي ملتان ۾ رهيا، جن اسلام جي اشاعت جي جوت جڳائي تعليم سان گڏ تبليغ جاري رکي.

سيد جلال بخاري، شيخ بهاءالدين ملتاني جو مريد ۽ طالب هو. سيد جلال ڪامل ولي سان گڏ ڪامل عالم به هو. کيس جهانيان به ڪري سڏيندا هئا. جلال شاه جهانيان ظاهري توڙي باطني تربيت ۽ تعليم پنهنجي والد کان پرائي. مڪي معظم ۾ رهي واري عرصي ۾ امام عبدالله يافعيؒ کان وڏيڪ علم حاصل ڪيائين ۽ وڏ ورتائين. مخدوم جهانيان پنهنجي ملفوظات "خزانهٔ جلالي" ۾ امام عبدالله يافعي جو ذڪر ڪيو آهي. "تاريخ محمدي" ۾ ذڪر آيو آهي ته هن نبوي حرم جي محدث شيخ عفيف الدين عبدالله العطري کان سند حاصل ڪري به سال سندن صحبت ۾ رهي ڪتاب عوارف ۽ ٻيا سلوڪ جا ڪتاب سندن خدمت ۾ پڙهيا. مخدوم جهانيان سلطان محمد تغلق جي ڏينهن ۾ سيوستان ۽ ان جي آسپاس لاءِ شيخ السلامي جي عهدي ۽ خانقاه محمد جي سند سان سرفراز ٿيو. سلطان فيروز شاه جي ڏينهن ۾ سنه ٧٨٥ هه ۾ وفات ڪيائين.

شيخ برهان الدين قطب العالم مخدوم جهانيان جو پٽ ۽ جانشين هو. پاڻ عالم ۽ وقت جو ولي هو. هن سنه ٨٥٦ هه ۾ وفات ڪئي. سيد باقر بن سيد عثمان رسالي "باقر الانوار" جو مصنف آهي. سيد راجو قتال بن احمد ڪبير بن سيد جلال وڏو

بخاري باڪمال عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. هن وٽان ڪيترا ئي طالب فيض پرائي ويا.

شيخ جمن بن سيد زين‌العابدين بن سيد راجو قتال، پنهنجي وقت جو وڏو فاضل ۽ عالم ٿي گذريو آهي. قاضي نورالله شوشتري جي سائس خط و ڪتابت هوندي هئي. قاضي جا ڪجهه سوال سيد جي جوابن سميت قاضي جي ڪتاب ”مجالس المومنين“ ۾ لکيل آهن. شيخ اسماعيل، قاضي ابوالخير ۽ قاضي عبدالرحمان، اچ جا عالم ۽ بزرگ مرزا شاهه حسن جي دور ۾ ٿي گذريا.

ميان سجڻ صديقي پرهيزگار، متقي، عالم ۽ عارفن جي جماعت ۾ داخل آهي. سندس فرزند مخدوم بهاءالدين فضيلت ۾ مشهور ۽ علمن جي جامع هجڻ ۾ پنهنجي وقت ۾ معروف هو. محمد علي بن شيخ عبدالواسع پاڻ صوفي ۽ صاحب علم هو. اچ جي بخاري سيدن جو شجرو سندس نظم ڪيل آهي.

شيخ شهاب‌الدين سهروردي جو هڪ اڪمل مريد وڏي ۾ وڏو خليفو عالم هو. شيخ جي رخصت سان اچي ملتان ۾ رهيو. اتي جو شيخ الاسلام ٿي گذاريائين. سنڌ جا اڪثر ماڻهو انهي دروازي جا مريد ۽ شاگرد آهن. هي پهريون شخص هو جنهن سنڌ ۾ ارشاد جي سلسلي سان گڏ پنهنجي ڪيترين ۽ خانقاهه ۾ اسلامي تعليم ۽ تبليغ جي شغل جو سلسلو جاري رکيو. هو سنه ٦٣٠هه ۾ گذاري ويو، ۽ ملتان جي قديمي قلعي ۾ آرامي آهي. شيخ فخرالدين عراقي ۽ ڪتاب ڪنزالرموز، زدالمسافرين ۽ نزهت‌الارواح جو مصنف امير حسيني، سندس ڪامل مريد شاگردن مان هئا (١).

شيخ صدرالدين محمد سندس پيءُ جي وفات کان پوءِ ارڙهن سال مريدن ۽ شاگردن جي تڪميل ۾ مشغول رهيو. پيءُ وانگر سندس ڪيئي ڪارناما مشهور آهن.

(١) مولانا سيد عبدالحي بريلوي لکنوي، نزهه الخواطر، ج اول، ص ٢٣٢

## شيخ رڪن الدين جي درسگاهہ

شيخ رڪن الدين جو نالو شيخ صدرالدين آهي. ٥٢ سال پيءُ ۽ ڏاڏي جي مصلي تي ويهي پنهنجن طالبن کي درس ڏيندو رهيو. انهي کان پوءِ سندس فرزند رشيد شيخ اسماعيل شهيد قائم مقام بڻجي علم خواه سلوڪ جي طالبن جي رهنمائي ۾ گذاريو ۽ شيخ الاسلام جي موروثي عهدي سان ممتاز ٿيو. هن ب ساڳئي مدرسي ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيو ۽ اسلام جي تبليغ سان گڏ اسلامي اشاعت تي گهڻو ڌيان ڏنو. سندس مدرسي مان ڪيترا ئي شاگرد فارغ التحصيل ٿي نڪتا ۽ هن ملڪ جي جدا جدا هنڌن تي اسلام جي تبليغ ڪئي ۽ ان سان گڏ مسجدن ۾ قائم ٿيل مدرسن ۾ ديني علوم جي نشونما ڪئي(۱).

## شيخ صدرالدين ثاني

تنهن کان پوءِ شيخ صدرالدين ثاني ولد شيخ اسماعيل شهيد، پيءُ ڏاڏي جي دستور موجب قائم مقام سجاده نشين، وڏن جي مزارن جو متولي ۽ ملتان جو شيخ الاسلام ٿي رهيو. سندس طالبن ملڪ جي مختلف هنڌن تي اسلام جي تعليم کي زور شور سان جاري رکيو. شيخ رڪن الدين ثاني بن شيخ صدرالدين ثاني، پنهنجي وڏن وانگيان بلند مقام جو صاحب هو(۲).

## شيخ عمادالدين جو مدرسو

شيخ عماد الدين اسماعيل ولد شيخ صدرالدين بن شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني، هڪ ڪامل ولي ۽ پرهيزگار عالم ٿي گذريو آهي. هن علم ۽ فيض جا دروازا عام لاءِ کولي ڇڏيا ۽ انهي مشغلي ۾ سڄي حياتي صرف ڪيائين. وٽانئس ڪيترا ئي شاگرد فارغ التحصيل ٿي نڪتا.

(۱) سيد عبدالحي بريلوي، نزهت الخواطر، ج اول، ص ۲۳۳

(۲) ايضاً، ص ۱۸۹

**فضلي:** وقت جي وڏن عالمن مان هو. ناصرالدين قباچه جي خدمت ۾ رهندو هو. ڪماليت جي فن جو جامع هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن شعرگوئي به ڪندو هو.

## مخدوم حسام الدين جو مدرسو

مخدوم حسام الدين وقت جي وڏن عالمن ۽ ڪاملن بزرگن مان هو. شريعت جي بجا آوري جو ڏاڍو اهتمام ڪندو هو. مير عبدالقادر ”حديقة الاولياء“ ۾ لکيو آهي ته شيخ سفر ۾ جنهن ڳوٺ وٽان لنگهندو هو ته پاهران اتي جي رهاڪن کي شريعت جي پابندي جي هدايت ڪندو هو. سندس وقت گهڻو ڪري عبادت، طالبن کي پڙهائڻ ۽ فيض ڏيڻ ۾ گذرندو هو. هن پنهنجو مدرسو خانقاه ۾ قائم ڪيو.

**سعيد قريشي:** شهزادي مراد بخش بن عالمگير بادشاهه جو ملازم هو. شاعري ۾ وڏي مهارت حاصل هئس.

## احمد بن زين ملتاني جو مدرسو

الشريف احمد بن زين بن عمر بن عبداللطيف الحسيني ملتاني — اسماعيل بن جعفر بن محمد بن محمد علوي جي نسل مان آهي. سرزمين هند ۾ پيدا ٿيو. تحصيل علم لاءِ بغداد جو سفر ڪيائين. اتان ماهر استادن ۽ عالمن کان علم حاصل ڪري وطن واپس آيو ۽ درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. شيخ شهاب الدين عمر بن محمد سهروردي جي همعصرن کان علم حاصل ڪيائين. بغداد کان موٽندي شيخ مودود الچشتي سان ملاقات ڪيائين. هي صاحب ڪشف ۽ ڪرامت جو مالڪ هو. سندس قائم ڪيل مدرسي مان ڪيترا ئي صاحب علم ٿي فيض پرائي ويا. هن ٧٧٥ هجري ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ملتان ۾ آهي(١).

(١) نزهت الخواطر، ص ٧٦

**شيخ صلاح الدين ملتاني:** شيخ الصالح صلاح الدين ملتاني هو. هي هڪ نامور عالم هو. سندس شمار وقت جي وڏن عالمن ۾ ٿيندو هو. شيخ صدرالدين محمد عارف ملتاني جو پيروڪار ۽ شاگرد هو. ملتان کي ڇڏي دهلي هليو ويو ۽ اتي ئي رهڻ لڳو. هن ۰۲۲هه ۾ وفات ڪئي(۱).

## شيخ علاء الدين ملتاني جو مدرسو

شيخ علاء الدين ملتان جو رهاڪو هو. هي معرفت الاهيه جي مشهور عالمن مان هو. هن شيخ صدرالدين محمد عارف ملتاني کان تعليم حاصل ڪئي ۽ گهڻو وقت سندس صحبت ۾ رهيو. ملتان ۾ پنهنجي قائم ڪيل مدرسي ۾ درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. سندس مدرسي مان ڪيترا ئي شاگرد پڙهي نڪتا جن ملڪ جي مختلف حصن ۾ ساڳيو شغل جاري رکيو(۲).

**شيخ فضل بن محمد ملتاني:** الشيخ الفقيه الزاهد فضل بن زڪريا احمدي قريشي هو. هن شيخ صدرالدين محمد العارف، عالم ۽ معرفت جي مالڪ ۽ سالڪ کان تعليم حاصل ڪئي. هن تاديب ۽ تربيت شيخ شمس الدين مصري محدث کان پرائي(۳).

# اُچ

آچ جي سرزمين قديم زماني کان سنڌ ۽ ملتان جي حدن ۾ شامل هئي. آچ انهن ستن شهرن مان آهي، جن جي قلعن کي راءِ سهاسي بن سيهرس رعيت کي ڏيل جي بدران مٽي ۽ سان پرڻ جو حڪم ڏنو هو. جنهن ڪري اهي جايون (جن کي حويليون به سڏيندا هئا) اوچيون ٿي پيون. گهڻي وقت گذرڻ ڪري انهن

(۱) نزهت الخواطر، ج ۲، ص ٦۴
(۲) ايضاً، ص ۸۴
(۳) ايضاً، ص ۱۰۹

# باب ڇھون

## سومرن جي صاحبي ۾ اسلامي درسگاهه

عربن جي پوئين زماني ۾ جيتوڻيڪ مرڪزي حڪومت جو شيرازو منتشر ٿي چڪو هو، تہ بہ سنڌ اندر الڳ الڳ گورنرن جو اقتدار قائم رهيو. عربن جي حڪومت جي پڇاڙي کان پوءِ سنڌ ۾ نج سنڌي قوم سومرن جو راڄ شروع ٿيو. سلطان محمود غزنوي سنہ ۴۰۱هه/ ۱۰۱۰ع ڌاري ملتان، ۽ ۴۱۶هه/۱۰۲۵ع ڌاري منصوره فتح ڪيا، جنهنڪري سنڌ غزنوي سلطنت جو صوبو بڻجي ويو. ستاويهن سالن کان پوءِ سلطان عبدالرشيد بن سلطان محمود غزنوي جي ڏينهن ۾ جڏهن سندس سلطنت عياشي ۽ آرام طلبي ڪري ڪمزور ٿي، تڏهن راجا انند پال ابن سومره هڪڙي نو مسلم سنڌي اسماعيلي امير ڪي ٿري؏ جي شهر ۾ تخت تي ويهارڻ کان پوءِ منصوره ۽ ملتان تي قبضو ڪيو. تنهن کان سواءِ سنڌ ۾ بعض هندو رياستون بہ هيون، جهڙوڪ: (۱) پنيور (۲) برهمڻ آباد (۳) سيوهڻ (۴) الور (۵) دربيلو (۶) روپاهہ (۷) ماڻڪ تاره (۸) همہ ڪوٽ ۽ (۹) پاڳناڙي، جن جا حاڪم "راڻا" ڪوٺبا هئا (۱). اهي راجائون نومسلم سومرن وانگر راجپوت هئا (۲). سومرن، سمن جي مدد سان سنڌ

(۱) سيوهڻ ۽ پاڳناڙي جا حاڪم چنا هئا. منجهائن چنن، محمد بن قاسم جي دعوت تي اسلام قبوليو هو. عربن تن المرزوق يعني نصيب واري قوم نالو رکيو هو.

(۲) سومرا پرمار راجپوت هئا، جن جون حڪومتون ستلج کان وٺي نربدا تائين هيون. منجهائن امره سومري اسلام اختيار ڪيو هو (وقائع راجستان، لکنو).

The Cambridge History of India, Vol 11, "Sind" Cambridge 1928.

تي قبضو ڪيو، پر پوءِ سمن کي ڪڇ ڏانهن ڀڄائي ڪڍيائون، جن اتي جي چاوڙا راجا وٽ پناهه ورتي، جيڪي سما سنڌ ۾ رهجي ويا، تن اسلام قبول ڪيو.

سومرا قوم جي ڪن ماڻهن جو غلبو سنڌ جي لاڙ ۽ ٿر جي حصن تي سلطان شهاب الدين غوري جي قابض ٿيڻ کان اڳي هو. بني عباس جي آخري سنڌ جي گورنر ال تميم کان پوءِ سومرن جو زور سڄي سنڌ ۾ وڌندو رهيو. سومرن جي رڳو سنڌ ۾ حڪومت ڪانه هئي، پر جهالاوان ۽ ڪڇي به سندن ماتحت هئي. سنڌ دهلي جي تابع هئي، اهڙو سلسلو خلجين ۽ تغلق سلطانن جي دور ڏينهن جاري رهيو(١). سومرن جي صاحبي ۾ اتڪل ويهن حاڪمن ٧٥٢ هه/١٣٥١ع تائين سنڌ مٿان راڄ ڪيو.

جيئن ته وادي مهراڻ حسن ۽ محبت جي ڪري رومانوي داستانن کان مشهور آهي ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي تعمير ۾ انهن رومانوي داستانن جو گهڻو هٿ آهي. اهي رومانوي ڪهاڻيون ئي هيون جن نه رڳو عربي زبان پر سنڌي ٻولي کي به وسعت بخشي. سنڌ جي انهي دور جي مدرسن جي عالمن جي مسند درس تان ڪيترن عالمن فيض حاصل ڪيو. خصوصاً منصوره علمي حيثيت کان اهم مرڪزي شهر ليکيو ويندو هو، ليڪن محمود غزنوي جي حملن ان شهر کي هميشه لاءِ ويران ڪري ڇڏيو.

سومرن جي ڏينهن ۾ ملتان به اسلام جي تبليغ ۽ علم جو اهم مرڪز رهيو. ناصرالدين قباچه (وفات ٢٢ جمادي الاخر ٦٢٥هه)، مولانا قطب الدين ڪاشاني لاءِ ملتان ۾ هڪ عاليشان مدرسو تعمير ڪرايو. اهو مدرسو شاهه حسين لانگاهه جي زماني تائين اوچ

(1) The Cambridge History of India, Vol 11, "Sind" Cambridge, 1928.

R. Hugbes - Buller: Imperial Gazetteer of India, Vol Baluchistan, P P 156-171

عجائب الاسفار، جلد پهريون، باب پهريون، ص ١٤٠

تي هو(۱).

سومرن جي دور جو تعليمي ۽ تهذيبي چرچو عراق ۽ عجم، مصر ۽ موراڪو تائين هلندڙ هو. اسلامي دنيا جا علماءَ سومرن جي عجيب و غريب علمي ادبي رسمن رواجن کان پڻ واقف هئا. علامه ابن سعيد غربي، جنهن موراڪو ۽ مصر ۾ ۵۸۵ هجري ڌاري، علامه البيروني جي ”قانون مسعودي“ جي نموني تـي پنهنجي فلڪي جاگرافي تيار ڪئي هئي، سو لکي ٿو ته ”هندي سمنڊ جي لاڙ جي ڪناري تي هڪڙي قوم رهي ٿي، جا بت پرستي ڪرڻ سان گڏوگڏ مسلمانن سان به واسطو رکي ٿي(۲).“

ابن بطوطه جڏهن مصر جي بندر اسڪندريه تي شيخ برهان الدين اعراج سان ملاقات ڪئي هئي، تڏهن شيخ موصوف ابن بطوطه کي اڳوات چئي ڏنو هو ته سنڌ ۾ توکي هڪڙي سامره (سومرا) قوم گڏبي، جا نـه ڪنهن سان گڏ کائي ٿي ۽ نـه وري ان جا ماڻهو پنهنجي قوم کان سواءِ ٻيءَ قوم سان شادي ڪن ٿا(۳).

سومرن جي صاحبيءَ ۾ فنون لطيف جي تخليق ۽ تربيت جي لحاظ سان ”جنت السند“ جي خاڪ عراق ۽ عجم کان ممتاز هئي. اسلام سنڌين جي ان خاص جوهر کي وڌيڪ چمڪايو. ايتري قدر جو اسلامي دنيا جو علم ادب ۽ شاعري هڪڙي طرف ۽ سنڌ جو علم ادب ۽ شاعري ٻئي طرف ٻيٽ لاءِ پيش ڪري سگهجن ٿا.

سومرن جي دور جي زماني ۾ ٽن صدين اندر جيڪي به قصا ٿي گذريا جهڙوڪ: سسئي پنهون، عمر مارئي، مومل ميندرو، ليلا چنيسر، تن سڀني کي فارسي ۾ منظوم ڪيو ويو. عربي زبان

(۱) منهاج سراج، طبقات ناصري، جلد اول، ص ۷۴۵

(۲) ابوالفداء، تقويم البلدان، ۱۸۴۰ع پئرس، ص ۳۵۹

(۳) عجائب لاسفار، جلد ۲، ذکر شهر جناني

فقط مذهبي ٻولي هئي. عمر ماروئ جي قصي کي مورخ سيد
محمد طاهر نسياني فارسي ۾ منظوم ڪري مثنوي "ناز و نياز" نالو
رکيو. مومل ۽ ميندري جي قصي کي ملا مقيم فارسي قالب ۾
آڻي مثنوي "ترنم عشق" نالو رکيو. اهڙي طرح "ليلا چنيسر" به
فارسي جامو پهريو (١).

جيتوڻيڪ فارسي، حڪومت ۽ اعليٰ سوسائٽي جي زبان
هئي، مگر سنڌي ٻولي به زنده زبان هئي. سومرن جي صاحبي
واري زماني جي رومان آفرين آکاڻين سنڌي زبان لاءِ بيش بها
سرمايو پيدا ڪيو ۽ اهي قصا سنڌ جي درو ديوار، صحرا ۽ مرغزارن
۾ گونجڻ لڳا.

سومرن جي دور ۾ ڪيترا ئي سنڌي عالم، بزرگ، شاعر،
صوفيا ڪرام ٿي گذريا، جن علمي ادبي سماع ۽ سرور جون
محفلون برپا ڪيون. سهروردي، چشتي، بخاري، قادري (جلالي)
طريقن جي فقيري عام پکڙيل هئي. ملتان ۽ اُچ کان وٺي ڪڇ
جي رڻ ۽ گجرات تائين درويشن روحانيت جي تبليغ ڪئي. شيخ
حامد السندي بخاري، سيد جلال الدين جهان گشت، امير سيد
قطب الدين مدني الجيلاني ۽ حضرت قلندر لعل شهباز جي سنڌ
۾ اچڻ ڪري سنڌين فيض حاصل ڪيو. غوث پوٽن، رهاڻ پوٽن،
نورنگ زادن ۽ صوفي درويشن جون درگاهون ان زماني ۾ قائم
ٿيون. انهن صوفين توڙي بعد جي شاعرن مٿين قصن کي تمثيلي
معنائون ڏيئي، انهن معرفت حقيقي عشق جي اپٽار ڪئي.

سلطان محمود جي ڪاهه ڪري سنڌ جو علمي مرڪز
منصوره هميشه لاءِ ويران ٿي ويو. ديبل، جنهن جي خاڪ مان
سوين علما ۽ محدث پيدا ٿيا هئا، سو ابن بطوطه جي وقت ١٣٣٤ع
۾ ويران ٿي چڪو هو. الور، برهمڻ آباد ۽ محفوظه جهڙي واپار
۽ دولت ڪري مشهور هئا، سي ترڪ سلاطين جي دور ۾

(1) Journal of Sind Historical Society, Vol III, December, 1936
"The Legends of Old Sind", Karachi, P P 29-36

صفحهٔ هستي تان متجي ويا، مگر هيءَ وادي بي فيض نہ هئي. منجهس حسن ۽ محبت ڪري رومانوي محفلون قائم رهيون. سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي تعمير ۾ ڪن اهڙين دلربا هستين جو هٿ هو جن پنهنجون قيمتي جانيون راهہ محبت ۾ قربان ڪري هن ملڪ جي تهذيب، تمدن ۽ علم ادب کي فروغ ڏيئي حيات جاودان بخشي ڇڏي. جيڪڏهن حسن و محبت جا چرچا هن وادي ۾ نہ هجن ها تہ جيڪر هيءَ وادي خشڪ ۽ بي فيض هجي ها. انهن رومانوي ۽ محبت انگيز افسانن ڪري نہ رڳو سنڌ جي تاريخ رنگين آهي، پر سنڌ جي ويران شهرن جي خاڪ جي ذرن ۽ ريگستان جي ٿرن ۽ برن ۾ نہ رڳو حسن ضوفشان نظر اچي ٿو بلڪ اهي هستيون، جن کي اسان جا شعراء ڪرام پنهنجي جذباتي بيتن ۾ وحدت جو جامو پهرائي ڳائيندا رهيا آهن، حقيقت ۾ اسان جي سنڌي ادب جا درخشان ستارا آهن، جن جي لافاني وجود ڪري سنڌي ادب ترقي ڪري رهيو آهي ۽ اهو سلسلو هر دور ۾ سرسبز ۽ شاداب رهيو آهي (١).

سومرن جي تعمير ڪيل شهرن جناني ۽ محمد طور ۾ سهروردي، بخاري ۽ جيلاني بزرگ رهندا هئا، جن جي دهليزن تي درسگاهون جاري هيون. بزرگن جي درسگاهن کان سواءِ صوفيا ڪرام جون خانقاهون پڻ قائم هيون.

هندستان (ڀارت) ۾ جيلاني، بخاري، قادري، رضوي، صابري، ۽ شطاري جيڪي بہ سلسلا موجود آهن، تن جي ابتدا باب الاسلام (سنڌ) کان ٿي (٢). سومرن جي صاحبيءَ ۾ جن سادات ڪرام ۽ صوفيا عظام، سنڌ کان نڪري هندستان جي شهرن ۾ قيام فرمايو، تن اتي اسلامي تبليغ لاءِ درسگاهون کوليون. سنڌ روحاني

(١) شمس العلماء علامہ دائود پوٽو، فتحنامہ سنڌ المعروف بہ چچنامہ، مطبع لطيفي دهلي، ١٩٣٩ع، ص ٢٥٢

(٢) سنڌ جا اوائلي مدرسا، "سروري مخزن" هالا، ٥٢-١٩٥١ع، ص ٢٠

فيض گجرات، دکن ۽ بنگال تائين پهتو. غرض ته سنڌ باب الاسلام برصغير هند جو پهريون صوبو هو، جتي علمي شمع روشن ٿي هئي (١).

سلاطين دهلي جي زماني ۾ سومرن جي صاحبي جي شروعات ۾ شهرن جي مسجدن لاءِ فقيه امامت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا، جيئن فقه حنفي کان مسلمان واقف رهن. اهڙن علمائن لاءِ ”صدرالصدور“ (وڏو قاضي) سفارش ڪندو هو ۽ شهرن جا قاضي علمي ادارن جي صدارت ڪندا هئا. علماءَ کي هر طرح ديني آزادي مايل هئي. فقط سياست ۾ حصي وٺڻ جي ڪين اجازت ڪانه هئي. مفلس شاگردن جي رهائش، کاڌي پيتي ۽ ڪپڙي لٽي جا بار حڪومت برداشت ڪندي هئي (٢).

اسلامي تعليم ۽ تمدن جو برصغير سنڌ ۽ هند تي گهري اثر پوڻ سان گڏوگڏ فن عمارت سازي به خاصي مقبوليت حاصل ڪئي. عربن يا ٻين فاتح مسلمانن اچڻ شرط جيڪي عمارتون تعمير ڪرايون، تن ۾ مسجدون به شامل هيون، جن ۾ محراب ڪعبة لله جي رخ ڏيکارڻ لاءِ ۽ خطبي لاءِ منبر آهن. اهي مسجدون تعليم لاءِ درسگاهون پڻ هيون. مسجدن کان پوءِ اوليائن ۽ صوفياءِ ڪرام جا مقبرا ۽ خانقاهون آهن. مسلمانن جي تعميرات جي ٽي نشاني قلعا ۽ عالم پناهون آهن.

اسلامي تعميرات جي ابتدا سنڌ مان ٿي. عربن کان پوءِ سنڌ تي غزنين ۽ غورين حڪومت ڪئي. اهي طوفان وانگر آيا ۽ هليا ويا، تنهنڪري انهن سنڌ ۾ ڪا عمارت تعمير ڪانه ڪئي. تنهن کان پوءِ سومرن، غلامن، خلجين ۽ تغلق سلاطين هن ملڪ تي حڪومت ڪئي. انهن شهر تعمير ڪرايا، نهرون کوٽايون، قلعا، ڪوٽ، سرائون، مينار، مدرسا، مسجدون، خانقاهون، مقبرا،

(١) طبقات ناصري، ص ١٦٦

(٢) فرشته، جلد پهريون (اردو ترجمه)، نولڪشور لکنو، ص ١٠٨

شاگردن لاءِ رهائشگاهه ۽ حوض تعمير ڪرايا. غزني جي بربادي کان پوءِ ڪاشيءَ جو هنر ۱۱۵۰ع ۾ بلڪ ان کان به اڳ سنڌ ۾ پهتو.

سومرن جي ڏينهن ۾ جناني، محمد طور يا مهاتم طور، ٿري، وگهيه ڪوٽ يا وجيه ڪوٽ ۽ دمريلا جا شهر تعمير ٿيا. محمد طور يا مهاتم طور ۾ اڄ به قلعي ۽ محلاتن جا نشان بيٺل آهن. هتي گهڻا ئي علماء رهندا هئا (۱).

۱۰۱۱ع ۾ خواجه خضر جي آستان واري مسجد بکر ۽ روهڙيءَ جي وچ ۾ بيٽاريءَ تي نواب سعيد خان جي تعمير ڪرايل آهي جيڪا اڃا موجود آهي. نواب سعيد خان ۱۰۰۷ع کان ۱۰۱۱ع تائين بکر جو نواب هو.

# بکر

هي شهر سنڌ جي قديم شهرن مان هڪ آهي. جيئن ته هينري پاٽنجر، ڪئپٽن هيملٽن جي حوالي سان لکي ٿو ته "سڪندر اعظم جن شهرن ۾ قلعا تعمير ڪرايا هئا، تن ۾ بکر جو نالو پڻ اچي ٿو. انهيءَ وقت بکر کي "سوگدي" (۲) چيو ويندو هو." نصرپور جي رضوي ساداتن جي شجري ۾ بکر کي "هرسنه" (۳) جي نالي سان لکيو ويو آهي. مير محمد طاهر نسياني لکي ٿو ته "جڏهن الور (اروڙ)، راجا دلو راءِ جي دور ۾ درياهه جي رخ ڦيرائڻ ڪري برباد ٿيو ۽ درياءَ بکر کان وهڻ لڳو تڏهن هي شهر وجود ۾ آيو".

بکر جو شهر سومرن جي صاحبي ۾ علم جو وڏو مرڪز

(1) Haig M. R. The Indus Delta Country, P 76

(۲) هينري پاٽنجر، بلوچستان جو سفر (سنڌي ترجمو)، ص ۴۵

(۳) شجره سادات رضويه نصرپور، ص ص ۱۷-۲۱ (اڻ ڇپيل)

هو. وڏا وڏا جيد عالم ۽ فقيه هن شهر ۾ رهندا هئا. هن شهر ۾ وڏن عالمن ۽ درويشن جي سڪونت ڪري ضرور ڪي خانقاهون ۽ درسگاهون هونديون، پر انهن مان ڪيترين جو احوال گمنامي جي ڪُن ۾ غرق آهي. تاريخ نويسن ۽ مورخن بکر جي نالي جا ڪيترائي سبب ٻڌايا آهن، پر مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو تہ "جڏهن سيد محمد مڪي انهيءَ جاءِ تي بڪره (باک ڦٽڻ) جي وقت داخل ٿيو تڏهن چيائين:

"جعل‌الله بکر تي في البقعه المبارکه (١)" (الله تعاليٰ منهنجو صبح مبارڪ جاءِ ۾ ڪرايو آهي).

تنهن کان پوءِ ماڻهن جي زبان تي انهيءَ جڳهہ جو نالو "بکره" چڙهي ويو، جو آهستي آهستي بدلجي "بکر" ٿي پيو. ٻي روايت اها بہ آهي تہ سيد محمد مڪي کان سندس نوڪرن پڇيو تہ "منزل ڪٿي ويندي"، فرمايائين تہ "جتي باک ڦٽڻ وقت بقر (ڍڳي) جي رنڀ ٻڌڻ ۾ ايندي". وقت گذرڻ تي لهجي بدلجڻ ڪري انهي (بقر) مان "بکر" ٿي پيو.

بکر جي قلعي جو ڪڏهن بنياد پيو، ان باري ۾ "لب تاريخ" جو بيان آهي تہ سنہ ٣٣٢ هجري ۾ عباسي خليفن جي ڏينهن ۾ مهراڻ جي ٻن شاخن جي وچ ۾ تعمير ٿيو(٢). اروڙ جي ويرانيءَ کان پوءِ اتي جا رهاڪو لڏيندا بکر ۽ ان جي پسگردائي ۾ وڃي رهڻ لڳا. ابوالفضل بکر کي منصوره ڪري سمجهيو آهي جيڪو صحيح ناهي. بکر تي اهو نالو ستين صدي هجريءَ ۾ پيو. هجري اٺين صديءَ ڌاري ابن بطوطہ لکي ٿو تہ "شهر جي وچ ۾ هڪ خانقاهہ ۽ مدرسو آهي، جتي غريب شاگردن ۽ نادار ماڻهن کي کاڌو ملي ٿو؛ شاگرد مدرسي ۾ پڙهڻ وڃن ٿا ۽ خانقاهہ ۾ رهائش پذير آهن." هت سندس ملاقات قاضي ابو حنيفہ، شمس‌الدين

(١) اصل ۾ "في بقعتہ المبارکه" آهي، جو گرامر جي لحاظ کان غلط آهي.
(٢) لب تاريخ سنڌ (فارسي نسخو) ١٩٠١ع، ص ٢٧

محمد شيرازي ۽ شيخ شمس الدين سان ٿي، جن مان پوئين بزرگ جي عمر هڪ سئو ويهه ورهيه هئي (١).

بکر کي بغداد ۾ وري ”فرسته“ يا ”فرشته“ جي نالي سان سڏيندا هئا. هي مبارڪ سرزمين يقين وارن جي ملجا ۽ عارفن جو سرچشمو آهي. سڄي سنڌ ۾ بکر جهڙي مردم خيز زمين پيدا ڪانه ٿي. اتي جا ماڻهو گهڻو ڪري سير ۽ صفائي جا ڪوڏيا، علم پرور ۽ لياقت جي ڳولا ۾ مشهور هئا. گرميءَ جي ڏينهن ۾ پاڻي جي چڙهڻ ۽ ميون پچڻ جي موسم ۾ ننڍا وڏا، سردار خواه نوڪر، مرد ۽ زالون، باغن ۾ خلوتن ۽ محفلن ۾ ڏينهن گذاريندا هئا. هن سرزمين ۾ خاص ڳالهه هيءَ هئي ته هتي جا گل سنگهڻ جي لائق هئا. هن سرزمين ۾ گهڻن ئي بزرگن، عالمن ۽ ولين جون مزارون آهن.

حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي کان جڏهن حضرت شيخ بهاءالدين زڪريا اجازت وٺي وطن واپس ٿيو، تڏهن هن ڪيس نوح بکريءَ متعلق فرمايو ته:

”مريدي است رشيد از مريدان ما در فرسته سند
اورا البته خواهي دريافت“

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته ”بکر وارو قلعو پهريائين شيخ ابو تراب عرب ٺهرايو، ۽ هن جي قبر ڳڙهي (تعلقي ميرپور ساڪري) ۾ آهي (٢)“ سندس قبر تي سنه وفات ١٧١ هجري لکيل آهي. تنهن جي معنيٰ ته هي شهر دلوراه جي دور کان اڳ به موجود هو، ڇو جو اروڙ جي تباهي، سيد علي مڪي لڪعلوي جي هٿان ٿي جو سامره کان سنڌ ۾ چوٿين صدي هجري ۾ آيو ۽ سيف الملوڪ ۽ دلوراءِ وارو واقعو ٿورو اڳ ٿيو. سيد محمد مڪي بکر ۾

(١) سفرنامه ابن بطوطه جلد پهريون ص ص ١٩-٢٠

(٢) مرزا قليچ بيگ، قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٦ع، ص ١٠

سنه ٥٤٦ هجري ۾ پنهنجي پٽ محمد خطيب صدرالدين ۽ ٻين عزيزن قريبن ۽ احبابن، جملي پنجيتاليهه ماڻهن جي جماعت سان بکر پهتو. اهو زمانو خفيف سومري جو هو ۽ اسلامي تعليمات جو ڏيو بلڪل اُجهامڻ وارو هو، جو سيد موصوف بکر ۾ پهچي مدرسو قائم ڪيو ۽ بکر کي اسلام جي دنيا ۾ روشناس ڪرايو. سيد محمد مڪي جي وفات ٥٥٥ هجري ۾ ٿي، تنهن کان پوءِ سندس پٽ محمد خطيب صدرالدين، سيد علي مڪي لڪعلوي جي چوٿين نمبر پٽ سيد چڱي جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي، تنهن بکر جي مدرسي کي سٺي نموني هلايو. تنهن کان پوءِ سندس پٽ سيد بدرالدين، جنهن جي ڏينهن ۾ سيد جلال سرخ بخاري به ملتان کان هجرت ڪري پنهنجن ين پٽن، سيد جعفر ۽ سيد علي سان اچي بکر ۾ رونق افروز ٿيو، ۽ رشد و هدايت جو سلسلو جاري رکيائون. سيد جلال‌الدين بخاري، سيد بدرالدين جي نياڻي زهره سان شادي ڪئي. هن بيبي صاحبه جي وفات کان پوءِ سيد بدرالدين جي ٻي نياڻي سيده بيبي فاطمه سان شادي ڪئي، جنهن جي پشت مان مخدوم جهانيان جهان گشت آهن. انهن بزرگ هستين جي ڪري بکر علم جو مرڪز بڻيو ۽ علم جي شمع ٻين به ڪيترن ئي پروانن کي ڪشش ڪري اتي آندو.

سيد محمد مڪي جن جو والد بزرگوار سيد شجاع مشهد ۾ رهندو هو. حرمين شريف جي زيارت ڪرڻ جي ارادي سان ڦريائين بغداد پهتو. شيخ الشيوخ شهاب‌الدين سهروردي کين دامادي جو شرف بخشيو. شيخ جي معصوم نياڻيءَ مان سيد محمد مڪي، مڪي معظم ۾ پيدا ٿيو. سندس شجره نسب هن ريت آهي:

سيد محمد مڪي بن شجاع نورالله بن سيد ابراهيم بن سيد قاسم بن سيد حمزه بن سيد هارون بن سيد عقيل بن سيد اسماعيل بن اميرالمومنين سيد جعفر ثاني بن امام نقي بن امام محمد تقي بن امام موسيٰ رضا بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر الصادق بن امام باقر بن امام زين‌العابدين بن امام حسين رضه

بن حضرت علي بن ابي طالب عليه والسلام (١).

بکر جا درسگاهہ ڀھريون پيرو سيد محمد مکي جي ڪري وجود ۾ آيا. آنحضرت ﷺ جن جي بشارت تي سيد محمد مکي پنهنجي خاندان جي علمائن ۽ بزرگن، جن ۾ سندن وڏو فرزند سيد محمد خطيب صدرالدين پڻ شامل هو، شوال ٥٤٦ هجريءَ ۾ هرسنهہ نالي بيٽ تي قدم رکيو. اهو زمانو خفيف سومري (وفات ٥٤٨) جو هو.

سومرن جي دور ۾ اسلامي عقيدن ۾ بدعت ۽ شرڪ شامل ٿي ويو هو. انهي ڪري اسلامي تعليمات کي ڪافي نقصان پهتو. تنهن تي سيد محمد مکي اچي هتي رهيو ۽ مشرڪانہ حرڪتن ۽ بدعتن کي ختم ڪري، بکر ۾ مدرسو قائم ڪري ديني تعليم کي زور شور سان جاري رکيو، جنهن مان مختصر عرصي ۾ سندس ڪيترا ئي طالب ۽ عقيدتمند فيض پرائي ويا. سيد محمد مکي جي وفات جو سال شجره سادات رضوي نصرپور ۾ ٥٥٥ هجري ڏنو ويو آهي (١). هندستان جي رضوي ساداتن جو جد اعليٰ پڻ سيد محمد مکي آهي. سندس مزار سکر ۾ ڪليڪٽري جي هيٺان آهي (٢).

## قاضي صدرالدين (قاضي ابوحنيفہ بکري)

سنڌ ۾ حنفي مذهب جو قاضي، وڏو عالم، زماني جو شيخ ۽ انهي دور جي مشاهيرن مان هو. سومرن جي آخري دور ۾ سلطان محمد تغلق جي پاران بکر جو قاضي هو. ابن بطوطہ پڻ بکر ۾ (٧٣٤ هہ) ساڻس ملاقات ڪئي، جنهن جو ذڪر پنهنجي

(١) شجره رضوي سادات نصرپور (اڻ ڇپيل) ۽ پير حسام الدين راشدي، مقدمہ حديقةالاولياء، ص ٤٥.

(٢) شجره رضوي سادات نصرپور، (اڻ ڇپيل) ص ص ١٧-١٩.

(٣) تصحيح پير حسام الدين راشدي، مقدمة حديقة الاولياء، ص ٤١ ۽ نزهہ الخواطر، جلد ٻيون.

۾ قائم ڪيل درسگاهہ ۾ اسلامي علومن جو وڏي چاهہ سان درس ڏيندو هو. وٽانئس ڪيترا ئي شاگرد فيض پرائي ويا. سال ۷۳۴ ھ ۾ سائس محمد ابن بطوطہ جي ملاقات ٿي، جنهن جو ذڪر پنهنجي سفرنامي ۾ ڪيو اٿس (۱).

## محمد خطيب صدرالدين بن محمد مڪي جو علي واهڻ وارو مدرسو

سيد صدرالدين جو نالو سيد امام‌الدين، ڪنيت علاءُالدين ۽ صدرالدين سندس لقب هو. رجب ۶۰۰ ھ ۾ ڄائو ۽ سٺ سال ڏهہ مهينا زندگي گذاري ۲۱ محرم ۶۶۹ ھ ۾ وفات ڪيائين.

شجري رضويہ نصرپور ۾ لکيل آهي تہ سيد صدرالدين محمد خطيب پنهنجي والد بزرگوار محمد مڪي سان گڏ ۶۴۶ ھ ۾ بکر پهتو. سيد صدرالدين محمد خطيب، سيد علي لڪلعوي جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي هئي ۽ انهي رشتي سبب پاڻ سيوهڻ جي قلعي جي قريب رسول پور نالي ڳوٺ ٻڌو، جيڪو پوءِ موضع رفعان جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ درس تدريس جو سلسلو جاري رکيو.

سيد صدرالدين پنهنجي والد جي آخري عمر ۾ سندس حڪم تي موٽي بکر جي ويجهو عالي واهڻ جو ڳوٺ ٻڌائي اتي تعليمي مدرسو قائم ڪيو (۲)، پر پيءُ جي وفات کان پوءِ بکر ۾ والد جي مسند تي ويهي سندس قائم ڪيل مدرسي کي زور وٺايائين (۳).

## سيد علي بن محمد بکري

سيد علي بن محمد بدرالدين بن محمد (۴). صدرالدين

(۱) نزهة الخواطر، جلد ڇهون.

(۲) پير حسام‌الدين راشدي، مقدمہ حديقةالاولياء، ص ص ۳۸-۴۰.

(۳) شجره رضويہ نصرپور (غيرمطبوعہ)، ص ۲۱.

(۴) سندس مقبرو پراڻي سکر جي لڳ ڪليڪٽري هيٺان سيد محمد مڪي جي نالي سان مشهور آهي.

بن محمد بن شجاع بن ابراهيم حسيني بکري، سنه ۶۳۰ هه ۾ ڄائو ۽ اتي ئي مذهبي علم حاصل ڪيائين. ٽيهن سالن جي ڄمار ۾ ملتان جي سيد شمس الدين حسيني عريفي ۽ شيخ ابوالفتح رڪن الدين ملتاني کان تصوف حاصل ڪيائين. وڌيڪ تحصيل لاءِ شيخ منهاج الدين بهاري جي صحبت ۾ ٻارهن سال رهي ڪماليت حاصل ڪيائين. هي اسلام جي تبليغ لاءِ الهآباد، شيخپوره، جهانسي ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي ويو. هن ۷۰۶ هه ۾ جهانسي ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي دفنايل آهي (۱).

## مولانا ظهيرالدين بکري

شيخ فاضل علامه ظهيرالدين بکري سنڌي، هڪ عالم، بزرگ ۽ وقت جي عالمن ۾ شريعت جي علم ۾ اعتماد جهڙو هو ۽ پنهنجي دور ۾ نحو، فقه ۽ اصول فقه جو ڪانئس وڌيڪ ٻيو ڪوبه ڄاڻو ڪونه هو. بکر ڇڏي دهلي ۾ درسگاهه قائم ڪيائين، جتي ڪانئس تمام گهڻي خلق نفعو حاصل ڪيو. وڏن شاگردن مان مشهور صوفي ۽ علامه شمس الدين يحيٰ اودي (وفات ۷۴۷ هه) هو (۲). شيخ شمس الدين جو پاءُ علامه صدرالدين به سندس شاگردن مان هو. نظام الدين اولياء (وفات ۷۲۵ هه) جي خليفن مان سندس جانشين خواجه محمود چراغ دهلوي (وفات ۷۵۷ هه) سندس شاگردن مان هو.

"خزينة الاصفياء" مان معلوم ٿئي ٿو ته مولانا ظهيرالدين، سلطان غياث الدين تغلق جو خاص درباري ۽ محرم راز هو (۳). مولانا جي وفات جي تاريخ نامعلوم آهي پر نزهت الخواطر (جلد ۲) ستين هجري جي آخر جو عالم لکي ٿو.

(۱) ڪتاب منبع الانساب، از مير معين جهانسپوري، ۽ پير حسام الدين، مقدمه حديقة الاولياء ص ص ۳۶-۴۵.

(۲) خزينه الاصفياء، ص ۳۴۹، ۽ نزهت الخواطر، جلد اول، ص ۶۴، ص ۳۵۳.

(۳) خزينةالاصفياء، جلد اول، ص ۳۵۲ ۽ گلزار ابرار، ص ۱۱۵.

## شيخ نوح بکري جو مدرسو

حضرت نوح بکري، سنڌ جو هڪ وڏو عالم ۽ ڪامل ولي ٿي گذريو آهي. هو فرشته يعني پراڻي بکر ۾ رهندو هو. نقل آهي تہ جڏهن غوث العالم شيخ بهاءالدين زڪريا ملتاني، شيخ شهاب الدين سهروردي کان ملتان ڏانهن وڃڻ جي موڪل ورتي، تڏهن شيخ کيس فرمايو تہ اسان جي مريدن مان هڪ هدايت وارو مريد فرشته (بکر) شهر ۾ آهي، ان کي ڏسڻ ۽ ان بابت دريافت ڪرڻ ضروري آهي. پر اتفاق اهڙو ٿيو جو شيخ بهاءالدين زڪريا جي فرشته پهچڻ کان اڳ شيخ نوح بکري رحہ وفات ڪري ويو.

شجره رضويہ نصرپور ۾ اچي ٿو تہ بکر جي مدرسي جا سنڀاليندڙ سيد محمد مڪي ۽ شيخ نوح بکري جي اولاد مان هئا ۽ انهن گڏجي درس تدريس جي سلسلي کي اڳتي وڌايو (١).

## ابو اسحاق ابراهيم سنڌي موصلي

ابراهيم ابو اسحاق بن نصر بن عسڪر شافعي مذهب جو سلامه شهر (علاقہ موصل) جو قاضي هو. هو بنيادي طرح سنڌي هو. سندس وڏا سنڌ مان عباسي دور ۾ بغداد پهتا، جيڪي عربن جا موالي يعني دوست يا آزاد ٿيل ٻانها هئا. هن بغداد جي نظاميہ ڪاليج ۾ تعليم ورتي ۽ ان کان پوءِ سرڪاري طرح سلامہ جو قاضي مقرر ٿيو. هو هڪ وڏو شاعر، عالم بزرگ هو. ٣ ربيع الاخر ٦١٠ هجري ۾ وفات ڪيائين (٢).

(١) شجره رضويہ نصرپور (غير مطبوعہ) ص ٣٢.

(٢) وفيات الاعيان لبن خلڪان، مطبوع قاهره (١٣١٠ هـ) واري نسخي جي صفحي ٤ تي سوانح لکيل آهي. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو النهضه قاهره جو (١٩٤٨ع) آهي، جنهن جي (١: ١٧) تي اهو ساڳيو مضمون آهي. ٻنهي ڪتابن جي ترتيب مختلف آهي.

امام مسعود بن شيبه بن الحسين السندي، لقب عمادالدين حنفي، ستين صدي هجري جو هي سنڌي بزرگ علم ۽ فضل ۾ عالمي شهرت جو مالڪ هو. هن امام الحرمين جُويني ۽ امام غزالي رحہ جي ”مقدمةالتعليم“ جو رد لکيو. جويني حنفي مذهب تي حملا ڪيا هئا ۽ ”الغيث“ نالي رسالو لکي چئلينج ڪيو هو. امام مسعود سنڌس چڱي خبر ورتي آهي ۽ دنيا جو اهو پهريون عالم آهي جنهن جويني ۽ غزالي تي اهو رد لکيو. سنڌس سوانح تفصيل سان ڪنهن به ڪتاب ۾ نہ ملي سگهي آهي، ڇو تہ هو تاتارين جي دور جو هو ۽ تاتارين جيڪي مسلمانن جي ڪتبخانن سان ڪلور ڪيا، اهي ڪنهن کان به ڳجها ڪين آهن.

حافظ ابن حجر عسقلاني جيتوڻيڪ دنيا جو وڏو عالم آهي پر شافعي مذهب هجڻ ڪري پنهنجي ڪتاب ”لسان الميزان“ ۾ امام مسعود سنڌي کي غير معروف لکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ امام مسعود شافعي مذهب جي ٻن وڏن امامن ابن جويني ۽ غزالي کي رد ڪيو آهي. اها ابن حجر جي زيادتي آهي ڇو تہ حافظ عبدالقادر عرشي پنهنجي ڪتاب ”طبقات الحنيفہ“ ۾ ابن دقاق معرف، تقي مقريزي، علامہ بدرالدين عيني، شمس بن طولون ۽ ٻين، هن سنڌي عالم جو احوال لکيو آهي.

امام مسعود جي ڪتاب ”مقدمہ التعليم“ جي قلمي نسخن بابت مولانا زاهد ڪوثر جيڪو ترڪيءَ جو شيخ الاسلام بہ ٿي گذريو آهي، تنهن لکيو آهي تہ هن ڪتاب جو هڪ نسخو الجزائر ۾ ٻيو مدينہ منوره جي شيخ الاسلام جي ڪتبخاني ۾، ٽيو استنبول جي لالللي ڪتبخاني ۾، ۽ چوٿون مصر جي پروفيسر احمد خيري جي ڪتبخاني ۾ آهي (١).

(١) مهاڳ ”مقدمہ التعليم“، مرتب مولانا عبدالرشيد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٥ع، ص ص ٧٥-٨٠

سنڌي ادبي بورڊ طرفان هن ڪتاب کي مولانا عبدالرشيد نعماني (هلنڊڙ)

## قاضي فصيح الدين لاهري

هي بزرگ اصل هرات جو هو. سلطان محمد تغلق جي زماني ۾ امير علاء الملڪ جي لقب سان لاهري بندر (١) ۽ سندس لڳولڳ پرڳڻي تي محصول جي وصولي لاءِ مقرر ڪيو ويو. ابن بطوطہ سنڌ جي سفر دوران ساڻس ملاقات ڪان پوءِ لکي ٿو تہ: ”حنفي مذهب جو وڏو فقيه هو ۽ پهريائين هرات جو قاضي بہ رهيو ان ڪان پوءِ هندستان آيو“(٢).

قاضي فصيح الدين، ابن بطوطہ کي ٻڌايو تہ بندر جي ساليانہ پيدائش ٦٠ لک رپيا آهي، جنهن مان امير کي سموري اپت جي ويهين پتي پگهار طور ملندي رهندي آهي. نزهةالخواطر (٣) ۾ سندس ذڪر ستين صدي هجري جي آخر علمائن ۾ ڏنل آهي.

# سيوستان

سيوستان سنڌونديءَ جي الهندي ڪپ تي مشهور قلعو ۽ ڪيترين حڪومتن جو صدر شهر هو. هن کي سيوهڻ ۽ سهوڻ بہ سڏيندا آهن، جيڪو نالو سنڌ جي هڪ قديم قبيلي جي اولاد سهوارن تان پيو. هي قلعو سنڌ جي قديم ترين قلعن مان هڪ آهي. جڏهن سڪندر اعظم هن شهر تي حملو ڪيو تڏهن اتي جي راجا جو نالو سمبا هو، جنهن کي يونانين شمبوس لکيو آهي.

جي تحقيق سان ڇپايو ويو آهي، پر افسوس جو ان جو بنياد انهن مٿين نسخن مان ڪنهن بہ نسخي تي ناهي، ۽ برلن جي هڪ نسخي تي مدار رکيو ويو آهي، جنهن تان شيخ زاهد ڪوثري جو عڪس وارو نسخو ۽ ان تان مجلس علمي بہ نقل ڪرايو هو.

(١) هن وقت شاهہ بندر سڏيو ويندو آهي.

(٢) ابن بطوطہ ۱ محرم ٧٣٢ هجري تي لاهري بندر ۾ هئو.

(٣) نزهةالخواطر، ص ١٠٧

سمبا راجا يونانين جو اهڙو ته زوردار مقابلو ڪيو جو سڪندر ڏمرجي پيو ۽ قلعي جي پاڙ ۾ بارود وجهرائي ان جون پڻيون ڪيرائي ڇڏيون. جرنل آف پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي جي تحقيقات ميگزن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سيوهڻ ۾ راجا پرتري اچي رهيو هو جو چندرگپت ٻئي جو ڀاءُ هو. ڪيس ملڪ بدر ڪيو ويو هو ان ڪري هو فقيري ويس ۾ سيوهڻ آيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

سيوهڻ تي راجا ڏاهر جي ڀاران هڪ ٻڌ شمني حڪومت ڪندو هو جنهن عربن سان صلح ڪري قلعو سنڌن حوالي ڪيو. جنهنڪري محمد بن قاسم هتي جي پنڊتن سان مروت سان مليو ۽ ڪين عهدا موٽائي ڏنائين(١). ان بعد سيوهڻ تي جدا جدا وقتن ۾ جدا جدا گورنر مقرر ٿيندا آيا. هت چنا قوم رهندي هئي، جنهن کي عربن سنڌن دولت موجب ”المرزوق“ جي لقب سان سڏيو.

سيوهڻ قديم دور کان علم ۽ ادب جو مرڪز ٿي رهيو آهي. جڏهن سامانين جو سنڌ جي الهندي حصي تي قبضو ٿيو تڏهن هنن سيوهڻ جو نالو سيوستان رکيو جو سوي قوم جي پٺيان سڏيو ويو (٢). ايران جي بادشاهه نوشيروان جي زماني ۾ سنڌس خاص درباري حڪيم برزويه سيوستان ۾ آيو، جتان هو پاڻ سان ڪي ڪتاب به کڻائي ويو. انهن ڪتابن ۾ پنج تنتر مشهور آهي، جنهن جو نوشيروان فارسي ۾ ترجمو ڪرايو. اهو ترجمو ايران جي گنڊشاپور شهر جي قديم اڪيڊمي ۾ ٿيو هو، جنهن جي پهلوي نسخي تان اهو ڪتاب عباسي دور ۾، عبدالله بن مقفع، بغداد جي بيت الحڪمه ۾ عربي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان جو نالو ”ڪليله و دمنه“ رکيو (٣). اهڙي طرح شطرنج جي راند به انهيءَ ساڳئي حڪيم سنڌ مان کڻي وڃي ايران ۾

(١) بلاذري، فتوح البلدان، ص ٤٣٧

(٢) عجائب الاسفار، جلد ٻيو، ذڪر سيوستان

(٣) البيروني، ڪتاب الهند، جلد پهريون، ص ١٥١

رائج ڪئي. راڻو گهراڻي جي دور ۾ سيوهڻ، سنڌ جي پنجن ولايتن مان هڪ ولايت جي گاديءَ جو هنڌ هو. عربن جي اچڻ کان پوءِ به سيوهڻ ساڳيءَ طرح علم ۽ ادب جو مرڪز ٿي رهيو. شروعات ۾ تعليم ۽ بحث مباحثي جو هنڌ سيوهڻ جي جامع مسجد هئي، پر پوءِ انهي مسجد سان لاڳو مڪتب ۽ دارالعلوم به وجود ۾ آيا.

سومرن جي صاحبيءَ ۾ سيوهڻ جو قديم شهر علم ۽ عرفان جو مرڪز ۽ اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو هو. سيوهڻ جو مدرسو اسلامي دنيا ۾ "فقهاء الاسلام" جي لقب سان مشهور هو. هتي اسڪندريه (مصر) جا شاگرد به تعليم وٺڻ ايندا هئا. ابن بطوطه سيوهڻ ۾ هن مدرسي جي ڇت تي اچي رهيو هو ١). سيوهڻ اسلامي تبليغ جو پڻ اهم مرڪز ٿي رهيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ وڏي ۾ وڏو مبلغ شيخ عثمان مروندي هو، جنهن کي لعل شهباز قلندر جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، سو سلطان محمد بن غياث الدين بلبن جي ڏينهن ۾ ملتان پهتو. شيخ الشيوخ بهاءالدين زڪريا ملتاني رحه جو مريد ٿيو. شهزادو سلطان محمد سنڌ جو حاڪم ۽ علم پرور هو. سندس دور حڪومت "تاج المآثر"، "فخر مدبر"، "سلسله الانساب"، "آداب الحرب"، ۽ "آداب السلاطين" جهڙا ڪتاب لکيا ويا ۽ انهن جو عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو(٢). هن لعل شهباز قلندر لاءِ ملتان ۾ خانقاه جوڙائڻ جو ارادو ڪيو، پر لعل شهباز سيوستان (سيوهڻ) وڃڻ جو ارادو ڪيو (٣). قلندر شهباز نه رڳو صوفي طريقي جي سهروردي شاخ سان وابسته هو، پر جلالي طريقي جي لعل شهبازيه شاخ جو باني هو. علم ۽ تصوف ۾ سندن اعليٰ مقام هو. سندس ڄمار ١١٢ ورهيه هئي ۽ ٦٥٠ هجري ۾ وفات ڪيائين.

(١) عجائب الاسفار، جلد ٻيو، ذڪر سيوستان

(٢) بحواله شعرالعجم، جلد ٻيو، ذڪر امير خسرو.

(٣) عجائب الاسفار، جلد ٻيو، ذڪر سيوستان.

ابن بطوطه جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن پاڻ سيوهڻ به ويو هو، جتي هن ڪئين مڪتب ۽ خانقاهون ڏٺيون. سندس چوڻ مطابق ته هو سيوهڻ ۾ هڪ شخص محمد بغدادي سان به مليو هو، جنهن جي عمر ان وقت ١٤٠ سال هئي، جيڪو سليقه شعار گفتار مان اهل علم ۽ دانشور ٿي معلوم ٿيو. ڪيس اسلامي علومن جي گهڻي ڄاڻ هئي. ابن بطوطه وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته هن شهر جو خطيب شيباني آهي. هن مون کي خليفي عمر بن عبدالعزيز جو لکيل پروانو ڏيکاريو، جيڪو سندس ڏاڏي کي خطيب ٿيڻ تي مليو هو. اهو پروانو سندس خاندان کي ورثي ۾ مليل هو، جنهن تي هي عبارت لکيل هئي: ”هذا امربه عبدالله اميرالمومنين عمر بن عبدالعزيز بفلان“. اها تحرير ٩٩ هجري جي آهي. انهي تحرير جي پڇاڙي ۾ الحمدلله وحده، پڻ لکيل آهي. خطيب جو چوڻ هو ته اهي لفظ خليفي جا هٿ اکر آهن(١). سيوهڻ ۾ مشهور مدرس قاضي ڏتو رهندو هو جنهن جي مدرسي ۾ مير معصوم بکري تاريخ معصومي جو مصنف پاڻ پڙهيو هو.

## اگهم ڪوٽ

سنڌ جو هي قديم علمي ۽ تاريخي شهر نيرون ڪوٽ کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ اوڀر طرف ٽنڊو غلامعلي روڊ تي آهي. هن کي اگهيماڻي به ڪري سڏيندا آهن. سومرن جي زماني ۾ هن شهر ۾ وڏو علمي مدرسو هو، جنهن ۾ اٽڪل پنج سؤ کن شاگرد قرآن شريف ۽ ٻين ديني علمن جو درس وٺندا هئا. هن مدرسي جي شاگردن جي رهائش، کاڌ خوراڪ ۽ ڪپڙي لٽي جو بار سومرا درويش ميان دائود، ميان حمل ۽ ميان اسماعيل برداشت ڪندا هئا (٢).

(١) ابن بطوطه، نفيس اڪيڊمي، ١٩٦١ع، ص ص ٤٨٦-٤٨٧

(٢) مولوي سيد ابوالحسن، اڻيئه اڻوتي، مطبوع نامي ڪانپور، ص ٨٠

H. M. Blliot (Downson) Hist: of India, Vol, P. P. 379

## مخدوم نوراللہ جو مدرسو

سومرن جي صاحبي ۾ مخدوم نورالله عرف مخدوم نورنگ ذات جو سومرو وڏو عالم، درويش ۽ متقي بزرگ ٿي گذريو آهي. ملتان وارن بزرگن جو لاڙ ۾ خليفو مقرر هو. سندس مقبرو ٽنڊي غلام حيدر (تعلقي گوني) ۾ آهي. هن جو اولاد پاڻ کي "نورنگ زاده" سڏائيندو آهي. هن درويش جو مدرسو به هو، جنهن ۾ حديث، تفسير ۽ فقه جو درس ڏيندو هو.

## سيف الدين گزنوري جو عربي مدرسو

سيف الدين گزنوري اُچ شريف جو وڏو عالم هو. سترهن سالن جي عمر ۾ سيوهڻ ۾ آيو، ۽ هميشه لاءِ هتي جو ٿي رهيو. سنه ٦٩٠ هه / ١٢٩١ع ۾ ٩٥ سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سيوهڻ شريف ۾ سندس ناليءَ ٿي وڏو عربي مدرسو هو، جنهن ۾ هزارين شاگرد تعليم حاصل ڪندا هئا. مقامي شاگردن کان سواءِ ٻين پاسن جا به طالب تعليم پرائيندا هئا.

## مخدوم عبداللہ جو مدرسو

مخدوم عبدالله پڻي جيسلمير جي هندو راجا جو نوجوان پٽ هو. سندس اصل نالو راجڪمار ارجن پٽ وريو هو. ڪنهن مسلمان درويش جي صحبت ۾ رهي مسلمان ٿيو. کيس روحاني فيض حضرت بهاءالدين زڪريا ملتاني کان حاصل ٿيو. هالن پراڻن (هالا ڪنڊي) ۾ سندس ديني مدرسو هو، جنهن ۾ نه صرف ظاهري علم جو درس ڏيندو هو، پر باطني علم سان به نوازيندو هو. هالن پراڻن وارا مخدوم هن بزرگ جو اولاد آهن ۽ منجهن ڪيترا ئي وڏا عالم مدرس ۽ فاضل ۽ فقيه پيدا ٿيا. هن بزرگ ستين صدي هجري جي آخر ۾ هالن پراڻن ۾ وفات ڪئي.

## مخدوم فاضل شاهه جو مدرسو

مخدوم فاضل شاهه، مخدوم عماد الدين جي اولاد مان هو، جيڪو محمد تغلق جي پاران وڙهندي ڪشلو خان جي هٿان قتل ٿيو هو ۽ شيخ رڪن الدين "رڪن عالم" جو سڳو ڀاءُ هو. مخدوم فاضل شاهه جڏهن ملتان مان نڪتو ته ڦيريائين ڪشمور پهتو، جتان پوءِ لاڙ واري شهر بڪيرن ۾ اچي رهيو. اتي مخدوم صاحب ديني مدرسو کوليو، جيڪو ڪيتري مدت تائين جاري رهيو. مخدوم فاضل شاهه سومرن جي آخري دور اٺين صدي هجري جي شروع ۾ ٿي گذريو.

# باب ستون

## سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ اسلامي درسگاه

(الف) سما سلاطين جن ۷۵۲ھ/۱۳۵۱ع کان ۹۲۳ھ/۱۵۱۹ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي، جي ڪڏهن دهلي جي ماتحت هئا ته ڪڏهن خودمختار رهيا، سي چندرونشي راجپوت هئا. دوارڪا جي راجا ڪرشن جي ستين راڻي جامبوتي جي وڏي پٽ سامبا، سنڌوندي جي ڀنهي ڪپن تي زابلستان تائين حڪومت جو پايو وڌو، جنهن جو تختگاهه "سمبانگر" يا "مينانگر" ساموئي وٽ هو. اها حڪومت "سنڌ سمه" سڏبي هئي. ابتدا ۾ سمن جي مدد سان سومرن سنڌ تي قبضو ڪيو، پر جيسين سمن سان سندن نباهه رهيو، تيسين سومرن جي صاحبي قائم رهي (۱)، وري جڏهن سومرن جي حڪومت مضبوط ٿي تڏهن سمن سان آرهه زورائي ڪرڻ لڳا. جيڪي سما ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا، تن آتي پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي. سومرن جي پوئين حاڪم همير (ارميل) کي سمن سندس گهر ۾ قتل ڪري تخت تي قبضو ڪري ورتو. ڄام انڙ سمن جو پهريون حاڪم هو. سما اڳ ۾ ملتان جي مشائخن جا مريد هئا.

سمن جو اوائلي تختگاهه "سمانگر" هو. ڪيترا ئي ڀيرا ويران ٿي وري جُڙيو، جنهن جا آثار مڪلي کان اتر اولهه طرف ڏڙن جي صورت ۾ اڃا به بيٺل آهن (۲). ڄام ننڍي جي

(۱) انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا (ڇاهو يارهون)، جلد ۲۵، ص ۱۴۳ ۽ انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام، مضمون "سمه".

(۲) بلاذري، فتوح البلدان، ص ۴۴۵، ليڊن، بلاذري سمن کي "سمه" بنو ڪنده جا آزاد ڪيل غلام لکي ٿو.

ڏينهن ۾ هاڻوڪي ٺٽي جي بنياد پوڻ ڪري، ساموئي ۽ ڪلان ڪوٽ افسانا بنجي ويا ۽ هينئر مڪلي وانگر شهر خموشان آهن.

سمن جي ڏينهن ۾ بکر، سيوهڻ ۾ ڪاهان (ڳاهو) تعليم جا مرڪز هئا. سمن جي ابتدائي زماني ۾ بکر ۽ سيوهڻ تي دهلي جي سلاطين پاران نواب مقرر ٿي ايندا هئا. سيوهڻ جي پسگردائي وارن شهرن ڪاهان، بوبڪ ۽ تلٽي ۾ عالم، قاضي ۽ درويش رهندا هئا. ڪاهان ۾ شيراز ۽ هرات جا علماء جيئن ته مخدوم عبدالعزيز ابهري، مولانا اثيرالدين ابهري ۽ سندس پٽ مولانا محمد رهندا هئا. اهي سنه ٩٢٨هه/١٥٢١ع ۾ ڪاهان پهتا هئا.

سمن جي صاحبي ۾ سرزمين سنڌ جا جهونا شهر عرب جي علمي مرڪزن، جهڙوڪ بغداد، دمشق ۽ ڪوفي جي هم پلئه هئا. انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ سيوهڻ، بکر، ٺٽو، دربيلو، ٿاٽي (بوبڪ به)، ڳاهو (ڪاهان)، ٻيرلوه (چهار باغ)، هالا ڪنڊي، نصرپور، اگهاماڻو (اگهم ڪوٽ) ۽ ٻيا شهر اسلامي مدرسن ۽ درسگاهن سان ڀرپور هئا. انهن مرڪزن ۾ اسلامي علوم ۽ فنون، جهڙوڪ حديث، فقه تفسير، قرائت، صرف نحو ۽ علم معاني وغيره جو درس ڏنو ويندو هو. سنڌ جي سمن حاڪمن جي علم پروري ڪري ڪيترا ئي عرب ڪهي اچي سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا. عربي عالمن کان سواءِ خالص سنڌين به عربي زبان ۽ ادب ۾ وڏو عبور حاصل ڪيو. انهي زماني جي عالمن جو معيار علمي لحاظ کان ڏاڍو بلند هو.

بادشاهه محمد تغلق پڻ پنهنجي حڪومت ۾ سنڌ جي شهرن بکر ۽ سيوهڻ ۾ مسجدون، مدرسا ۽ خانقاهون ٺهرايون، جن ۾ خراسان ۽ هرات جا شاگرد تعليم وٺندا هئا (١).

انهي زماني ۾ سنڌ ۾ اسلامي مدرسن ۽ درسگاهن ۾ قرات، تفسير، حديث، ۽ فقه جا مضمون شامل هئا. ازانسواءِ ٻي اسلامي دنيا سان رابطي رکڻ لاءِ ٻيون ٻوليون پڻ سيکاريون وينديون

(١) مولائي شيدائي، جنت السنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٨ع، ص ٣٠٢.

هيون. ازانسواءِ منطق، رياضي، هيئت، اقليدس ۽ خطاطي پڻ نصاب ۾ شامل هئا (١).

مشهور سمو سلطان ڄام نظام‌الدين وڏو علم دوست ۽ عالمن جو سرپرست هو ۽ وٽس چڱو ڪتبخانو موجود هو. سندس پاءُ ڄام پايزيد، سندس ڀيرخي ڪري ملتان جي لانگاه حسين شاهه بن قطب‌الدين جي دربار ۾ پهتو، جنهن کيس شور ڪوٽ جاگير طور ڏنو. ڄام بايزيد پاڻ عالم هو ۽ سندس دربار ۾ عالم ۽ فاضل رهندا هئا. شيخ جمال‌الدين قريشي، جيڪو شيخ عالم قريشي جي اولاد مان هو ۽ مختلف علوم و فنون جو ماهر هو، تنهن کي بايزيد پنهنجو وزير مقرر ڪيو (٢). ڄام بايزيد ۽ مخدوم نوح رحه جي خليفي بهاءالدين گودڙيه وٽ وڏا ڪتبخانه هئا (٣).

ڄام فيروز هڪ صاح پسند، دينڌار ۽ علم پرور حاڪم هو. هن پنهنجي حڪومت جي چاليهن سالن جي عرصي ۾ ڪيترين ئي مسجدون ۽ مدرسا ٺهرايا. قاضي عبدالله نالي هڪ خدا پرست بزرگ، جنهن جي تربت مڪلي ٽڪري تي شيخ حماد جمالي جي قبي پٺيان آهي، تنهن جي جنازي نماز به ڄام فيروز پڙهائي هئي. ڄام فيروز ١٥٠٨ع ۾ وفات ڪئي.

(١) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفةالڪرام، جلد ٽيون، ص ١٤٣.
(٢) ايضاً.

ڄام بايزيد جي علم پروري جي هاڪ ٻڌي خراسان ۽ هند جا ڪيترا ئي عالم اچي وٽس گڏ ٿيا. هن شيخ جمال الدين قريشي، مولانا فتح الله، مولانا عزيز لله، مير عماد گرديزي، مرزا شهيد، مرزا شيخ بهاءالدين قريشي، مولانا بهلول ۽ قاضي محمد وغيره جي مدد سان ملتان ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو. ان ۾ مولانا ابراهيم جامعي سٺ ورهين تائين فقه جي تعليم ڏيندو رهيو. مولانا سعيدالدين لاهوري به هن ئي مدرسي ۾ استاد ٿي رهيو.

(٣) ابو ظفر ندوي، مختصر تاريخ هند، ص ص ٩٩-١٠١.

شيخ بهاء الدين گودڙيه جي ڪتبخاني کي ٺٽي جي مغل نواب ساڙائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ جو شهزادو خرم (شاهجهان) وٽس دعا گهرڻ آيو هو (سفينة النوح، قلمي).

## ارغون (١٥٢١ع کان ١٥٥٥ع تائين)

سمن کان پوءِ سنڌ ۾ ارغونن جو راڄ قائم ٿيو، جيڪي چنگيز خان جو اولاد هئا. ارغون خان بن اباقا خان ولد هلاڪو خان بن تولي بن چنگيز خان. ارغون خان پنهنجي پيءُ اباقا خان جي ڏينهن ۾ خراسان جو بادشاهه هو.

شاهه بيگ ولد مير حسن مصري ارغون ٺٽي تي قبضو ڪري، ڄام فيروز کي قيد ڪري، تخت تي ويٺو (١). شاهه بيگ ارغون ٩٢٨ هه/١٥٢١ع ۾ اگهم ڪوٽ ۾ وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ پٽس مرزا شاهه حسن نه رڳو سموري سنڌ تي قبضو ڪيو، پر هن ملتان ۽ گجرات تائين ڪاهون ڪيون.

مرزا شاهه بيگ وڏو عالم، فاضل ۽ نيڪ بخت حاڪم هو. قنڌار واري زماني ۾ علمائن جي صحبت ۾ گذاريائين. علم نحو جي ڪتاب "ڪافيه" جي شرح، "عقائد نفسي" جي شرح، "مطالع منطق" جي شرح ۽ ٻيا ڪيترا ئي رسالا عربي ۾ تصنيف ڪيائين. مهدي جونپوريءَ سان علمائن جي روبرو قنڌار ۾ بحث ڪيو هئائين (٢).

ڄام صلاح الدين جي سؤٽ سان مظفر شاهه حليم بن محمود شاهه گجرات جي حاڪم جي ڌيءَ شادي ڪئي هئي. مظفر شاهه، علامه محمد بن محمد يحيٰ جو شاگرد هو ۽ حديث علامه جمال الدين محمد بن عمر بحرق کان پڙهيو هو. مرزا شاهه حسن ارغون سنه ٩٦٧ هه/١٥٦٠ع ۾ لا ولد وفات ڪئي. سندس جنازو مڪي شريف ڏانهن موڪليو ويو. هو پڻ پيءُ وانگر وڏو عالم ۽ سخن فهم شاعر ٿي گذريو.

## ترخان (١٥٥٥ع کان ١٥٩٢ع تائين)

٩٦٧هه ۾ مرزا شاهه حسن لا ولد وفات ڪري ويو. سندس

---

(١) مير علي شير قانع، تحفة الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ١٤٣؛
(٢) مولوي نجم الغني رامپوري، مذاهب اسلام، ذڪر ميران مهدي جونپوري.

وفات کان پوءِ سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. بکر کان سيوهڻ
تائين سلطان محمود ڪوڪلتاش حڪومت ڪرڻ لڳو ۽ سيوهڻ
کان لاهري بندر تائين مرزا عيسيٰ خان ترخان حڪومت سنڀالي.
ٻئي شاه بيگ ارغون جا سپه سالار هئا. مرزا عيسيٰ خان بکر فتح
ڪرڻ جي ارادي سان ٺٽي مان لشڪر وٺي نڪتو. سنڌس غيرحاضري
۾ ۱۵۵۵ع ۾ پورچوگيزن ٺٽي کي ڦري لٽي شهر کي باهه ڏني (۱).

ڪانئس پوءِ مرزا محمد باقي ٺٽي جو حاڪم ٿيو جنهن
رعيت تي ظلم ڪيا. سلطان محمود کي فقط هڪڙي نياڻي هئي،
جنهن سان شهنشاهه اڪبر شادي ڪئي.

۹۸۲ هه ۾ سلطان محمود جي وفات کان پوءِ بکر تي
دهلي دربار پاران مغل نواب حڪومت ڪرڻ لڳا. ۹۹۳ هه ۾
مرزا محمد باقي جي خودڪشي کان پوءِ جاني بيگ ٺٽي جو حاڪم
ٿيو، جنهن کي ۱۰۰۱هه/۱۵۹۲ع ۾ اڪبري سپه سالار عبدالرحيم
خان خانان شڪست ڏني، لاڙ واري حصي کي به مغليه سلطنت
سان گڏي ڇڏيو.

مرزا غازي بيگ پوئون ترخاني هو جنهن کي جهانگير
ٺٽو، ملتان ۽ قندار جاگير ۾ ڏنا هئا. مگر ۱۰۲۱هه ۾ سندس
هڪڙي غلام کيس زهر ڏيئي ماري ڇڏيو، جنهن کان پوءِ ۱۰۲۲هه
۾ دهلي پاران مغليه نواب ٺٽي تي حڪومت ڪرڻ لڳا.

ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ سنڌ جا ٻه تختگاهه ٺٽو
۽ بکر علمي لحاظ سان ”ارض-معموره“ سڏجڻ لڳا (۲). ٻنهي
گهراڻن جا ترڪستان ۽ ايران سان تعلقات هئا، تنهنڪري گهڻن ئي
بزرگن، اهل قلم ۽ عالمن سندن فياضي ۽ علم پروري جي ڪري
سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ارغونن مان شاهه بيگ، شاهه حسن
۽ ترخانن مان جاني بيگ، غازي بيگ توڙي محمود ڪوڪلتاش

(1) M. R. Haig: The Indus delta country London, 1894.

(۲) رحيمداد خان مولائي شيدائي، جنت السنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۸ع
ص ۳۲۷.

شاعرانه مذاق رکندڙ هئا (١). حڪومت جي زبان فارسي هئي، تنهنڪري ان زبان زور ورتو. علماء، مورخ ۽ شعرا سڀ فارسي ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳا. بکر، سيوهڻ، نصرپور، ٺٽو ۽ سکر علوم ۽ فنون جا مرڪز بڻجي ويا. ان دور جي جن مدرسن ۽ عالمن جو احوال دستياب ٿي سگهيو آهي سو هيٺ ڏجي ٿو:

## ٻوبڪ

سنڌ ۾ جيڪي علمي مرڪز ۽ درسگاهه رهيا آهن، انهن مان ٻوبڪ کي وڏي مرڪزي حيثيت رهي آهي. اهو شهر دادو ضلعي ۾ سيوهڻ کان اوله پاسي اٺ ميل کن پري آهي. شهر تي اهو نالو ڪيئن پيو تنهن بابت مختلف روايتون آهن. هڪڙي روايت موجب ٻوبڪ گاهه آهي، جيڪو سواءِ انهيءَ جاءِ جي ٻئي هنڌ نٿو ٿئي (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي). پر اصل تحقيق اها آهي جيڪا مخدوم محمد جعفر ٻوبڪائي پنهنجي ڪتاب ”المتانه“ جي حاشيه تي لکي آهي ته جنهن اهو شهر آباد ڪيو تنهن جو نالو ابوبڪر هو جو بگڙجي ٻوبڪ ٿي پيو (٢).

ٻوبڪ جي شهر ۾ ڪيترين صدين کان آنحضرت ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس رضه جو اولاد رهندڙ آهي، جن کي مخدومي جو لقب مليل آهي. اهو لقب مٿن علمي مشهوري ڪري پيو. هن خاندان مان ڪيترائي مدبر عالم پيدا ٿيا، جن مان مخدوم عبدالڪريم ميران (وفات ٩۴٩ هه) ۽ ان جو صاحبزادو مخدوم محمد جعفر رحه گهڻو مشهور آهن. دنيا جي اسلامي ملڪن ۾ علمي مرڪزن ۾ به سندن ڏاڪ ويٺل آهي.

مخدوم عبدالڪريم ميران جي ٻوبڪ ۾ وڏي درسگاهه هئي، جنهن مان نه رڳو سنڌ پر اڳ ۽ پوري برصغير فيض پرايو.

(١) ايضاً، ص ٣٧٢.
(٢) مولانا قاسمي صاحب، (مقدمة المتانه)، ١٩٦٢ع، ص ٣.

شيخ يوسف پاتائي سنڌي جو پٽ علامہ طاهر محدث سنڌي، علامہ حڪيم محمد عثمان بوبڪائي، بوبڪ جي انهي درسگاهہ مان فيض حاصل ڪيو ۽ مخدوم عبدالڪريم ميران ابن علامہ يعقوب بوبڪائي جا شاگرد هئا. اهي ٻئي سنڌي عالم برهانپور پهتا ۽ اتي هڪ وڏي درسگاهہ قائم ڪيائون، جنهن مان هندستان جي ڪيترن طالب علمن فيض پرايو ۽ ان دور ۾ هندستان ۾ هنن سنڌي عالمن حديث جي وڏي اشاعت ڪئي. مرزا حسن بيگ ارغون پڻ مخدوم عبدالڪريم ميران بوبڪائي جو شاگرد هو. مخدوم ميران صاحب جي تاريخ وفات "علامۂ وارث الانبياء" مان ورتي ويئي، جا ۹۶۹ هجري آهي ۽ سندس قبر ڪوهہ مڪلي تي آهي.

تذڪره غوثي وارو لکي ٿو تہ علامہ حڪيم عثمان پٽ شيخ عيسيٰ پٽ شيخ ابراهيم صديقي بوبڪائي وٽ، تذڪره غوثي جو مؤلف (شيخ محمد غوثي)، قاضي نصيرالدين پٽ شيخ سراج محمد بناني، شيخ صالح سنڌي، قاضي عبدالسلام سنڌي (جنهن فقه جي مشغول متن الوقايہ جي شرح لکي) ۽ شيخ سڪہ (جيڪو شيخ يوسف بنگالي جو چاڙو هو) ۽ ٻي وڏي مخلوق فيض پرايو.

علامہ حڪيم عثمان نہ رڳو هڪ استاد هو، پر هن تصنيف ۽ تاليف ۾ بہ وڏا علمي ڪارناما پويان ڇڏيا، مثلاً صحيح بخاري جي شرح، تفسير بيضاوي تي لکيل هڪ حاشيہ، ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي ڪتاب لکيا اٿس. هو وڏو پرهيزگار زاهد انسان هو. شبهي واري ڪاٺي کان هميشہ پاسو ڪندو هو. چاليهہ سال برابر هن ٻئي ڪنهن ماڻهو جو ڪاڌو نہ کاڌو. ماه شعبان ۱۰۰۸ هجري ۾ پنهنجي عيال سميت ڪنهن پاسي وڃي رهيو هو تہ چورن هٿان پنهنجي سترهن ياتين سميت شهيد ٿي ويو.

علامہ مخدوم محمد جعفر پنهنجي والد مخدوم عبدالڪريم ميران جي ننڍي وڄڻ کان پوءِ بوبڪ جي درسگاهہ کي سنڀالي لڳو. هن بزرگ پنهنجي والد وٽ فيض پرايو ۽ علم حديث جي سند ان دور جي وڏي محدث محمد بن محمد بن محمد البڪري الشافعي

کان مڪي مڪرم ۾ حاصل ڪيائين. مخدوم محمد جعفر بوبڪائي نه رڳو حديث ۽ فقه جو ماهر هو پر حڪمت، نجوم، جفر ۽ رمل ۾ به وڏي مهارت رکندڙ هو. پر پنهنجي عمر جي پوئين دور ۾ انهن سڀني شغلن کي ڇڏي رڳو حديث ۽ تصوف جي مطالعي ۾ مشغول رهيو.

فقه ۾ سندس خصوصيت اها آهي جو تصوف سان شغف هوندي به هو شيخ الاسلام ابن تيميه جي خيالن جو پوئلڳ هو ۽ هن جي تحقيقات کي وڏي عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. مير معصوم بکري، مخدوم محمد جعفر جو معاصر آهي پر تڏهن به هن بزرگ جو احوال رڳو هڪ ٻن سٽن ۾ ڏنو اٿس ته "هو هڪ وڏو سنڌي عالم هو جنهن مرزا عيسيٰ ترخان کان نقل ڪيو ته انهي لِٽ ۾ باغن جي نارن تان هزار اَٽ بوبڪن ۽ ان جي آسپاس کان لٽي ويو، جيڪي رات جو هرڻ ۾ ٻڌل هئا."

تذڪره غوثيه (گلزار ابرار)، تحفة الڪرام، مقالات الشعرا وغيره ۾ به مخدوم محمد جعفر لاءِ مختصر احوال آيل آهي. سندس وفات جي تاريخ جي ڪابه پوري خبر نه پئجي سگهي، اندازو اهو آهي ته پاڻ ڏهين صدي هجري جي آخر ۾ وفات ڪيائين. هن بزرگ بوبڪ جي درسگاهه ۾ جيڪو فيض ڏنو، ان سڄي سنڌ کي سيراب ڪري ڇڏيو. سندس اولاد مان مخدوم نجم الدين وٽس پڙهيو ۽ ان کان مخدوم حامد ۽ مخدوم عبدالغني فيض پرايو. اهڙي طرح انهي درسگاهه جو فيض ٺٽي ۾ به پهتو. مخدوم بايزيد ٺٽوي پڻ مخدوم جعفر جي اولاد کان فيض پرايو ۽ ساڳي ريت هالا جو مخدوم پير محمد پڻ انهي درسگاهه جو شاگرد آهي، جنهن مخدوم جعفر رحه جي شاگردن جي شاگردن کان فيض پرايو.

مخدوم محمد جعفر اهو پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن ڏهين صدي هجري ۾ درس تدريس سان گڏ تصنيف و تاليف جو شغل به جاري رکيو. سندس تصنيفات مان سڀ کان وڏي اهميت جو ڪتاب "المتانة في مرمت الخزانة" آهي جيڪو فقه حنفي متعلق

۶۵۲ صفحن تي لکيل آهي ۽ سنڌي عالمن هن کي پنهنجي فتوائن جو ماُخذ قرار ڏنو، جو سنڌ ۾ فقهي فتوائن جي خيال کان اهو پهريون ڪتاب شمار ڪيو وڃي ٿو جنهن کي نه رڳو سنڌ وارن، پر ٻاهرين اسلامي ملڪن ۾ حنفي فقه جا جيڪي محدث مخدوم محمد جعفر کان پوءِ ٿي گذريا، تن به پنهنجي تصنيفن ۾ هن ڪتاب جا حوالا آندا آهن. هن ڪتاب جا قلمي نسخا نه رڳو سنڌ ۾ پر مدينه منوره ۾ مڪي مڪرمه جي ڪتبخانن ۾ اڄ به موجود آهن(۱). ٻيو ڪتاب "الصادق المنصف المحق بدلائل التي هي النقديم احري واحق" عام حديث تي لکيل آهي ۽ ان ۾ روايتن جي صحت ۽ ضعف بابت بحث ٿيل آهي(۲). انهي رسالي جي ڪن عبارتن تان مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي ڪتاب "ذب دبابات الدراسات" ۾ دليل ورتو آهي. ٽيون ڪتاب "حاصل النهج" فارسي ٻولي ۾ لکيل رسالو آهي، جيڪو پنهنجي موضوع تي منفرد آهي. ترتيب ۽ تعليم جي فلسفي تي بحث ٿيل آهي، ۽ ان ۾ جيڪي تعليم جا اصول بيان ڪيا ويا آهن سي اڄين پيا لڳن، ڇو ته اڄوڪي دور لاءِ لکيا ويا آهن. مصنف هن ڪتاب جي شروع ۾ حمد ۽ صلواة کان پوءِ لکي ٿو ته تعليم پراڻي جي طريقي تي مون اڳ ڪتاب "نهج التعلم" لکيو هو، پوءِ ان جو خلاصو ڪري ان جو نالو "حاصل النهج" رکيم ته جيئن سيکو شاگرد هن مختصر رسالي کان واقف ٿئي ۽ پڙهڻ ۾ ان کي پوري بصيرت حاصل ٿئي. جنهن کي وڌيڪ اپٽار کپي ته اهو پهرئين ڪتاب کي ڏسي(۳).

(۱) اهڙن ٽن قلمي نسخن تان، جن مان هڪڙو ۱۱۲۸ھ جو لکيل آهي، مولانا قاسمي صاحب جي تحقيق سان صحيح نسخو تيار ٿيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو آهي.
(۲) اهو رسالو ۱۲۱۹ھ جو نقل ٿيل، سنڌ يونيورسٽي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.
(۳) نهج التعلم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ مقدمي سان سنڌ يونيورسٽي سنه ۱۹۶۹ع ۾ شايع ڪرايو آهي.

عجائبت الطالبين فن حديث ۾ رسالو آهي، جنهن ۾ ڪن موضوع حديثن جي نشاندهي ڪيل آهي. اهو رسالو مولانا قاسمي صاحب جن جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. 'رساله فتح الدين' ۾ فقر ۽ فاقي کي دور ڪرڻ جا علاج ٻڌايا ويا آهن، جيڪي نبي سائين ۽ ٻين مشائخن کان روايت ڪيل آهن. انهي رسالي جا نسخا پير حسام الدين راشدي، ميان عبدالحق ڪنياروي ۽ خود مصنف جي اولاد وٽ موجود آهن. 'حل العقود في طلاق السنود'، اهو فقه جو رسالو آهي جو ڪٿي به نٿو ملي. البت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي هڪ رسالي "تمام العنايت" ۾ طلاق تي بحث ڪندي انهي ڪتاب مان هڪ عبارت نقل ڪئي آهي.

## حڪيم عثمان بوبڪائي

حڪيم عثمان پٽ شيخ عيسيٰ بن شيخ ابراهيم صديقي، بوبڪن ۾ ڄائو ۽ سنڌ جي جدا جدا استادن وٽ تعليم حاصل ڪيائين. گهڻو وقت مخدوم عباس محدث پاتائي جي خدمت ۾ معقول ۽ منقول جي تحصيل ڪيائين. ان کان پوءِ شيخ وجيه الدين علوي احمد آبادي وٽان ڪيترا ئي علم حاصل ڪيائين ۽ قاضي محمود موزمي ۽ شيخ حسين بغداديءَ کان به علمي فائدا ورتائين. ان بعد سالن جا سال برهانپور جي محلي سنڌي پوره ۾ درس ڏيندو رهيو. شيخ عيسيٰ برهانپوري سنڌي، علامه قاضي عبدالسلام سنڌي ("مختصر وقايه" تي شرح جو مصنف)، شيخ نصيرالدين پٽ شيخ سراج محمد بيناڻي، مولانا صالح سنڌي، شيخ يوسف بنگالي جو ناني شيخ سکهعجي، سيد محمد غوثي (مصنف "تذڪره گلزار ابرار")، اهي سمورا حڪيم صاحب جا شاگرد آهن.

حڪيم صاحب سنڌ مان ٩٨٣ هجري ۾ گجرات پهتو ۽ اتان برهانپور ويو، جتي کيس قضا ۽ فتويٰ جو عهدو سپرد ڪيو ويو. ٢٧ سال فتويٰ سان گڏ مختلف علومن جو درس به ڏيندو

رهيو. سندس تصنيفات مان "تفسير بيضاوي جو حاشيو" ۽ "صحيح بخاري جي شرح" نهايت مشهور ۽ مشڪل مسئلن جو حل پيش ڪندڙ آهن (١).

# ڪاهان (ڳاهو)

سيوهڻ کان اتر الهندي طرف اٽڪل ڏهن ڪوهن پنڌ تي ڪاهان (ڳاهو) نالي هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو سنڌ جي هاڪاري سرويچ دريا خان جي جاگير ۾ هو. سنه ١٥٢١ع ۾ ازبڪن جي هرات تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ مخدوم عبدالعزيز محدث ابهري، تبحر ۽ تحقيق جي مصر جو عزيز، علم ۽ تدقيق جي ملڪ جو شهنشاهه هو. هو ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ شاهه اسماعيل صفويءَ جي بغاوت ڪري، پنهنجي ٻنهي عالي گوهر ۽ سراسر فضل ۽ سرتاپا هنر فرزندن، هرهڪ مولانا اثيرالدين جنهن جي فضيلت ۽ ڪماليت جو آواز آسمان جي اثير کان لنگهي ويو هو، ۽ مولانا يار محمد جو علمن جي جامعيت ۾ يگانو هو، سان گڏ، هرات کان ڳاهن جي ڳوٺ ۾ تشريف فرما ٿي مواليد ثلثه وانگيان، انهي سرزمين کي علم جي اشاعت سان روح ۽ سرور جو سرچشمو بنائي ڇڏيائون. اهي هميشه لاءِ اتي رهي پيا ۽ اني ٿي حياتيءَ جي ڪتاب جي مطالعي کان اک بند ڪيائون.

مشڪواة شريف جي شرح ۽ اڪثر مروج ڪتابن جي حاشين وغيره جهڙيون عجيب و غريب تصنيفون يادگار ڇڏي ويا. ڪاهان ۾ سندن ديني مدرسو هو، جنهن ۾ درس تدريس جو ڪم ڪندا هئا(٢). ارغونن جي دور ۾ ڪاهان ۾ مخدوم محمد فرخ پوٽي جو قديم مدرسو هو، جنهن ۾ هو اسلاميات پڙهائڻ جو ڪم ڪندو هو. قاضي عبدالله درپيلوي به وٽس پڙهيو هو.

(١) تذڪره گلزار ابرار، ص ٤٤٥

(٢) مير علي شير قانع ٺٽوي، "تحفة الڪرام" سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧، ص ٣٦٠.

باقي مولانا غوثي بن حسن بن موسيٰ شطاري دکني ”گلزار ابرار“ ۾ سندس باري ۾ هدايت سنڌي برهانپوري جي روايت سان لکيو آهي ته ”هن کي خواجه خضر کان روحاني فيض حاصل ٿيو.“ ٺٽي جي ٻي جنگ ۾ مخدوم بلال اهم ڪردار ادا ڪيو. مخدوم صاحب ڪڏهن ڪڏهن موزون شعر به چوندو هو (١).

مخدوم صاحب جا ڪيترائي مشهور معاصر ۽ رشيد شاگرد هن طرح هئا: مخدوم عربي ڏيپڙو (وفات ٩٨٠ هه)، مخدوم اسحاق (وفات ٩٣٢ هه)، ۽ سندس پٽ مخدوم احمد (وفات ٩٥٩هه)، ۽ ٻيو مخدوم احمد (وفات ٩٦٣ هه) هالا پراڻا، شيخ پريو ڪاتيار (ڏهين صدي هجري جي وچ ڌاري)، مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد جو معاصر)، مخدوم عبدالرشيد هالا پراڻا (وفات ٩٣٦هه)، مخدوم جعفر بوبڪائي (وفات ڏهين صدي هجري جي آخر ڌاري)، درويش جرڪس ڳوٺ ونگي چاچڪان (وفات ڏهين صدي هجري جي آخر)، مخدوم صدو لانگاهه (وفات ٩٤٧ هه)، قاضي قاضن بن قاضي ابو سعيد سيوستاني ثم بکري (وفات ٩٥٨ هه)، قاضي عبدالله (وفات ١٠٠٩ هه) بن قاضي ابراهيم درٻيلوي (باغبان ۽ راڻوٽي ۾ رهڻ کان پوءِ مديني منوره ويو جتي ٩٧٨ هه ۾ وفات ڪيائين)، شيخ عبدالله متقي بن مولانا سعيد درٻيلوي (وفات ٩٨٤ هه) جو به قاضي عبدالله جو مديني شريف ۾ وڃي رفيق ٿيو. مولانا يونس سمرقندي استاد شاهه حسن ارغون، مير سيد صفائي بن سيد مرتضيٰ الحسيني، الترمذي بکري (وفات ٩٩١ هه)، غياث الدين بکري (وفات ٩٢٨هه)، مير ابو سعيد پوراني بکري (وفات ٨٩٥ هه) ۽ سندس پٽ مير بايزيد (وفات ٩٣٠ هه)، ميرڪ مخدوم محمود (وفات ٩٥٣هه)، مخدوم محمود فخرپوٽو ڪاهاني (وفات ٩٥٧ هه)، مخدوم عبدالعزيز محدث ڪاهاني (مخدوم محمود جو معاصر) ۽ سندس پٽ مولانا اثيرالدين ۽ مولانا يار محمد، شيخ قاسم ۽ سندس پٽ شيخ عيسيٰ

(1) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام سنڌي ادبي بورڊ، ص ٣٢٠.

جنداللہ پاٽائي، شيخ طاهر محدث پاٽائي (وفات ٩٩١ ھ)، مولانا يونس لاکو سنڌي ۽ مولانا شيخ مبارک پاٽائي (وفات ٩٨٨ ھ).

مخدوم بلال رحہ جي شاگردن جي انهيءَ لسٽ آهي پر انهن سڀني جو سرڪردو قاضي ڏتو بن قاضي شرف‌الدين عرف راهو سيوهاڻي هو. هن تفسير ۽ حديث جي تڪميل مخدوم بلال جي مدرسي ۾ ڪئي. قاضي ڏتو حافظ قرآن، ترڪي زبان جو ڄاڻو، علم نجوم، علم جفر ۽ ڪشف جو به ماهر هو. سيد حيدرشاهہ سنائي، سنڌ ۾ بلالي فرقي کي فائق ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيو. مخدوم ساهڙ لنجار جو ذڪر به مخدوم بلال جي شاگردن ۾ اچي ٿو، جيڪو وقت جو وڏو آزاد، صالح ۽ ڄاڻو شخص هو. سدائين عبادت ۾ مشغول رهندو هو. مخدوم رڪن‌الدين عرف مخدوم متو صديقي وڏو عبادتگذار ۽ متقي هو. حديث جي علم ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو. شرح اربعين، شرح ڪيداني ۽ ٻيا رسالا سندس قلمي ۽ علمي آثار آهن. سندس وفات همايون جي دربدري واري زماني يعني ٩٤٩ ھ/١٥٤٢ع ڌاري ٿي ۽ مڪلي جي مٽيءَ ۾ مدفون آهي (١).

## شيخ شهاب‌الدين سهروردي پاٽائي

هي بزرگ سيوهڻ، پاٽ ۽ برهانپور جي صديقي خاندان جو وڏو ڏاڏو هو. هن پهريائين پاٽ جو شهر آباد ڪرايو جنهن کي "قبۃ الاسلام" ڪري سڏيندا هئا، مگر هن وقت اهو شهر ڊٺي ويران ٿي ويو آهي ۽ ٻيو نئون شهر آباد ڪرايو ويو. پوئين پاٽ جو بنياد مفتي عبداللہ ڪبير جي زماني ۾ رکيو ويو.

(١) الرحيم، شاه ولي‌الله اڪيڊمي، حيدرآباد، نومبر ١٩٦٧ع، ص ص ٩-١٠ ارغونن جي دور ۾ مخدوم دين محمد پاٽ ۾ مشهور عالم هو، جنهن شهر جي مسجد ۾ وڏو ديني مدرسو کوليو. هن مدرسي ۾ وقت جي ڪيترن عالمن علمي فراغت حاصل ڪئي هئي. اڄ به انهيءَ مدرسي ۽ مسجد جا پراڻا کنڊرات پاٽ جي تباه ٿيل ويراني ۾ ملن ٿا.

شيخ شهاب‌الدين بن فتح محمد محدث، علم ۽ فضل جي لحاظ کان علماء عصر ۾ ممتاز درجو رکندڙ هو. سندس ولادت ۱۰۳۰هه ۾ ٿي. ننڍي عمر ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيائين، ۽ اعليٰ درجي جو قاري هو. کيس شيخ برهان الدين سندس خانقاه سان متصل مسجد جو پيش امام مقرر ڪيو (۱).

شيخ شهاب‌الدين، حديث، فقه ۽ تفسير جو علم پنهنجي والد کان حاصل ڪيو. سندس والد جي مدينه منوره ڏانهن هجرت کان پوءِ شيخ برهان الدين کان علم جي تڪميل ڪيائين ۽ ڪانئس تصوف جو ورد وٺي مسند ارشاد ۽ هدايت تي ويٺو. سندس تصنيف مان رسالو ”تحفه الاوراد“ مقبول تاليف آهي، جنهن ۾ نماز جا مسئلا ۽ احڪام شرعيه تفصيل سان بيان ٿيل آهن. سندس معاصر صوفياء ڪرام ۽ مشائخ وڏي عزت ڪندا هئا. سنه ۱۰۹۴هه ۾ وفات ڪيائين. پنهنجي قائم ڪيل خانقاه ۾ ئي مدفون آهي. سندس اولاد سموري هندستان ۾ علم ۽ فضل جي زيور سان آراسته آهي (۲).

## شيخ طيب پاڏائي سنڌي

طيب بن يوسف پاڏائي صديقي سنڌي علم حديث ۽ تصوف جو وڏو عالم، پنهنجي پيءُ ۽ پاءُ شيخ طاهر محدث (۳). سان پات مان نڪرڻ کان پوءِ شهاب الدين واصل وٽ تصوف جا ڪتاب، جيئن ته امام غزالي جي ”منهاج العابدين“ (۴) وغيره پڙهيائين. ان کان پوءِ اهي بزرگ سفر ڪندي برهانپور ۾ اچي رهيا. شيخ طيب جو مفصل احوال ڪونه ٿو ملي مگر ”تذڪره

(۱) سيد محمد مطيع الله راشدي برهانپوري، برهان پور ڪي سنڌهي اولياء، ۱۹۵۷، ص ۱۶۹.
(۲) قلمي مسودات ميان حبيب‌الله سيوستاني.
(۳) تذڪره گلزار ابرار، ص ۳۲۶.
(۴) منهاج العابدين الي الجنة (تصوف)، مطبوع ۱۲۸۸هه.

گلزار ابرار" مان معلوم ٿئي ٿو ته هو شيخ طاهر جو وڏو ڀاءُ هو ۽ گجرات ۾ ابرار جي سفر ۾ ساڻ هو. هن بزرگ سنه ٩٥٠هه ۾ سنڌ کان ٻاهر وفات ڪئي (١).

## شيخ قاسم سنڌي پاٽائي

قاسم بن شيخ يوسف محدث پاٽائي سنڌي، شيخ طاهر محدث جو ننڍو ڀاءُ ۽ وقت جي وڏي عالم ۽ صوفي مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ برهانپوري جو والد هو. تعليم پنهنجي والد ۽ شيخ شهاب الدين سنڌي وٽ حاصل ڪيائين. ميان جمال محمد گجراتي، جيڪو خود هڪ وڏو صوفي ۽ مفسر هو، تنهن جي چوڻ مطابق "شيخ قاسم علم ۾ يڪتاءِ زمانه آهي". پاڻ تبليغ، درس و تدريس جي شغل کي پڻ جاري رکندو آيو (٢).

سندس وفات جي تاريخ معلوم ناهي، مگر مسيح الاولياء فرمايو ته "مان اڃا پورو هوش ڌي نه سنڀاليو هو جو منهنجو والد وفات ڪري ويو." ان لحاظ سان هن ڏهين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ وفات ڪئي هوندي. جيئن ته مسيح الاولياء جي ولادت سنه ٩٦٢ هه ۾ ٿي، تنهنڪري اندازاً ٩٦٨ هه يا ٿورو گهٽ وڌ هن بزرگ وفات ڪئي هوندي. سندس مقبرو برهانپور ۾ آهي.

## شيخ مبارڪ پاٽائي

پاٽ شهر کي آباد ڪندڙ شيخ مبارڪ جو ڏاڏو ۽ شيخ عيسيٰ پاٽائي برهانپوري جو وڏو هو. شيخ مبارڪ، مخدوم عباس ابن جلال محدث جو شاگرد هو، جنهن وٽ سمورا ظاهري علم ختم ڪري احمدآباد (گجرات) ۾ پهتو. اتي جي ناصرالملڪ جي مشهور مسجد ۾ صدر مدرس مقرر ٿيو ۽ ڪيترا سال درس

(١) گلزار ابرار، ص ٤٢٦.
(٢) تذڪره گلزار، ص ٣٩٧.

ڏيندو رهيو. ان کان پوء برهانپور ۾ اچي مقيم ٿيو. وقت جي حاڪم کيس قصبي جو پره جو قاضي مقرر ڪيو.

برهانپور ۾ لڌو (لاڊ جيو) سنڌي (وفات ١٠٠٧ ھ) رهندو هو، جو ڏاڍي ميٺي سُر سان سنڌي ڪافيون ڳائيندو هو (١). قاضي مبارڪ ان کان ڪافيون ٻڌندو هو. آخر قضا جو عهدو ڇڏي محدث طاهر بن يوسف سنڌي جي صحبت حاصل ڪرڻ لاء برهانپور ۾ اچي رهيو، جتي وٽس شيخ عيسيٰ جندالله ڪجهه ڪتاب پڙهيا ۽ پاڻ وري دنيا کي ترڪ ڪري شيخ لشڪر محمد عارف (٢) جي بيعت ڪري سندس صحبت ۾ رهيو ۽ رسالہ "قيصريہ" (٣) وٽس پڙهي توحيد جي مسئلي کي سمجهيائين. سنہ ٩٧٨ ھ ۾ هن دارالفاني مان لاڏاڻو ڪيائين. شيخ ابراهيم بن عمر سنڌي جي گنبذ ۾ دفنايل آهي (٤).

## محدث طاهر بن يوسف پاٽائي

طاهر بن يوسف بن رڪن‌الدين بن معروف بن شهاب‌الدين بن شيخ يوسف صديقي پاٽائي کي ٽي فرزند هئا: طيب، طاهر ۽ قاسم. انهن مان هرهڪ وڏو عالم محدث ۽ فرد ڪامل هو. شيخ طاهر هجري ڏهين صدي جي پهرئين ڏهي ۾ پاٽ ۾ تولد ٿيو. رسمي علم ڪجهه پنهنجي والد وٽ پڙهيائين ۽ ڪجهه مخدوم ميران ۽ مخدوم جعفر بوبڪائي وٽ حاصل ڪيائين. شهاب‌الدين

(١) گلزار ابرار، ص ٣٤٣.

(٢) هي بزرگ برهانپور جو رهاڪو هڪ وڏو ولي ۽ توڪل جو صاحب هو. شيخ عيسيٰ جندالله ۽ ٻيا سوين ماڻهو سندس صحبتي ۽ مريد هئا، ٩٩٣ ھ ۾ وفات ڪيائين. ماده سال وفات سندس لالي (لشڪر محمد عارف) ٩٩٣ ھ مان نڪري ٿو. گلزار ابرار، ص ص ٣٩١-٣٩٢.

(٣) شرح قيصري جو مقدمو، گلزار ابرار، ص ٢١٦.

(٤) ايضاً، ص ص ٣١٥-٣١٦.

وٽ رهي ”قطبي شرح شمسيه“ منطق پڙهڻ جو عرض ڪيائين
پر شيخ شهاب الدين کيس امام غزالي جي ڪتاب ”منهاج العابدين“
پڙهڻ جو ارشاد ڪيو.

سنه ٩٥٠هه ۾ سنڌ مان گجرات ڏانهن روانو ٿيو ۽ ابرجپور
۾ پهچي شيخ محمد غوث گواليار جي صحبت مان گهڻو ڪجهه
پرايائين. ابرجپور (ايلچ پور) ۾ شيخ طاهر تمام گهڻو وقت ماڻهن
کي درس ڏيندو رهيو ۽ تصوف جي تلقين به ڪندو هو. وقت
جي حاڪم علي عادل شاهه (١) سندس درس لاءِ خانقاهه تيار
ڪرائي، جتي ماڻهن کي فيض پهچائڻ ۾ سرگرم رهيو. هن
هيٺيان ڪتاب تصنيف ڪيا:

(١) تفسير مجمع البحار طاهري، جيڪو امام قشيري جي ڪتاب اللطائف جي طرز تي لکيل آهي.
(٢) مختصر قوت القلوب.
(٣) انتخاب مواهب لدينه.
(٤) ملتقط جمع الجوامع سيوطي.
(٥) صحيح بخاري جي شرح قسطلاني جو اختصار، جيڪو ٻارهن جلدن ۾ پورو ٿيو.
(٦) تفسير مدارڪ جو اختصار.
(٧) اسماء رجال صحيح بخاري.
(٨) رياض الصالحين (هن ڪتاب ۾ ٣ باب آهن).

هن بزرگ جي وفات سنه ١٠٠٤هه ۾ ٿي.

## مخدوم شهاب الدين واصل سنڌي

علم وارو عالم ۽ حضور دل وارو ڪامل هو. سندس ڳوٺ
کي شهاب الدين جو ڳوٺ ڪري سڏيندا هئا. هن بزرگ وٽ

(١) تذڪره گلزار ابرار، ص ص ٤٢٦-٤٢٣ ۽ برهانپور کي سنڌهي اولياء، ص ص ١-١٤.

شيخ طيب، طاهر ۽ سندس والد مخدوم يوسف پاتائي پڙهيا. نه فقط "منهاج العابدين" وٽس پڙهيائون پر تصوف جو علم پڻ وٽانئس ئي حاصل ڪيو هئائون.

مخدوم شهاب الدين جي وفات ڏهين صدي هجري ۾ ٿي ۽ سندس اولاد ۽ خانقاه ٻارهين صدي تائين "تذڪره گلزار ابرار" جي لکندڙ جي زماني تائين موجود هو، مگر موجوده وقت ۾ ان جو يا سندس خاندان جو ڪوبه پتو ڪونه ٿو پوي.

## بيبي جمال خاتون سيوستاني

هيءَ بيبي عالم اسلام جي مشهور ۽ عارف ميان مير سنڌي لاهوري جي ڀيڻ هئي. نهايت ئي عارفه ۽ زاهده هئي. علم، ترڪ ۽ توڪل ۾ بيبي رابعه بصري جي برابر هئي. هن تعليم، تصوف ۽ تجريد جي راه رسم پنهنجي والده سڳوري ۽ سڳي ڀاءُ کان حاصل ڪئي.

بيبي صاحبه درس ۽ تدريس جو ڪم پنهنجي گهر ۾ ڪندي هئي. سنه ١٠٤٩هه ۾ وفات ڪيائين (١).

# هالڪندي (هالا)

هالڪندي يا هاله ڪندي (هالا پراڻا) مدت کان سنڌ جو هڪ پرڳڻو شمار پئي رهيو آهي. هن وقت به تاريخي لحاظ کان خاصي شهرت رکي ٿو. هالا پراڻا ۽ هالا نوان هڪٻئي کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهن. هاڻوڪو هالا نوان اول مرتضيٰ آباد سڏجڻ لڳو پر بعد ۾ ان کي به هالا چيو ويو.

مرزا غازي بيگ جي وقت ۾ چار هالي جي ذڪر ۾ اچي ٿو ته هالا قوم جي وڏي چام هالار جو هاله ڪندي شهر ٻڌايل آهي(٢).

(١) منهاج العابدين الي الجنة (فارسي)، ص ٢١٥؛ سڪينة الاولياء اردو، ص ١٥٣؛ ۽ فارسي ص ١٨٢ (طهران)

(٢) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ، ص ٢٠٥.

ڄام فيروز، مرزا شاهہ حسن ڪان شڪست کائي گجرات ڀڄي ويو. مرزا شاهہ حسن ٺـٽن ڏينهن ڪان پوءِ اچي ٺٽي شهر ۾ لٽوڙي ۽ تغلق آباد ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ڇهن مهينن ڪان پوءِ هالہ ڪندي (هالا) جي رستي ٩٣٠هہ ۾ سيوستان ويو (١).

هن وقت هالا (هالہ ڪندي) حيدرآباد ضلعي جو هڪ تاريخي شهر آهي، جنهن پنهنجي هنج ۾ ڪيترن ئي بـرگزيده عالمن ۽ متبرڪ هستين کي جنم ڏنو. هتي ڪيترا ئي عالم ۽ فاضل عارف ۽ زاهد، بزرگ ۽ اولياء الله ٿي گذريا. هي شهر نہ فقط علم ادب، ديني تعليم و تربيت، اسلامي درسگاهن جو ڳڙهہ ٿي رهيو آهي پر خدا وارن جو آرامگاه پـڻ آهي. هتي جي عالمن، فاضلن ۽ بزرگن ۽ سندن قـائم ڪيل درسگاهن جو جيڪو احوال معلوم ٿيو آهي، ان جو هتي ذڪر ڪجي ٿو.

## مخدوم عربي ڏياڏي جو درسگاهہ

مخدوم عربي ڏياڻو پير آسات جو پاڻ، وڏو عارف عالم ۽ ڪمال جو صاحب هـو. سندس عبادتون ۽ رياضتون بيان ڪرڻ ڪان ٻاهر آهن. چون ٿا تہ هڪ هنڌ ويهي ڪلام پاڪ جا ١٤٠ ختما ڪيـا هئائين. سندس خانقاهہ ۾ قائم ڪيل درسگاهہ مان ڪيترا ئي طالب علم ظاهـري ۽ بـاطني علم سان فيضياب ٿيا. مخدوم نوح رحہ بہ ڪانئس ئي علم پرايو. هن سنہ ٩٨٠ هہ ۾ وفات ڪئي ۽ هالن ۾ مدفون آهي.

مخدوم عربي ڏيـاڏي جو پٽ مخدوم بـايزيد بـہ وٽس ئي ديني علم پڙهيو. هي بہ پيءُ وانگر ظاهري توڙي باطني علوم جو صاحب هو. پنهنجي پيءُ ڪان پوءِ انهي مدرسي ۾ حق ۽ هدايت جي رستي تي مستقيم رهي، طالبن کي فيض ڏيندو رهيو.

(٢) ايضاً، ص ١٩٨.

## مخدوم نوح رحہ

مخدوم نوح رحہ بن نعمت الله صديقي، اسلام جي ڏهين صدي هجري جو تمام وڏو بزرگ عالم ٿي گذريو آهي. سندس نسب هن ريت آهي: مخدوم نوح بن نعمت الله بن اسحاق بن شهاب الدين بن مخدوم سروري بن شيخ فخرالدين صغير بن عزالدين بن شيخ ابوبڪر ڪتابي (ڪوٽ ڪروڙ جو رهندڙ) بن شيخ اسماعيل بن شيخ عبدالله بن شيخ نصيرالدين بن شيخ سراج الدين بن ابو نجيب ضياءالدين عبدالقادر سهروردي رحہ (جو سهروردي سلسلي جو مُنڍ آهي).

مخدوم نوح رحہ پاڻ عالم، عارف، حافظ قرآن ۽ برگزيده هستي ٿي گذريو آهي. عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين تي دسترس حاصل هيس. قرآن شريف جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيائين، جيڪو برصغير پاڪ و هند ۾ پهريون فارسي ترجمو آهي. قرآن شريف جي تعليم ۽ تلاوت مولانا مخدوم عربي ڏيائي هالائي کان حاصل ڪيائين.

مخدوم نوح رحہ کي قرآن شريف جي حقيقت ۽ اسرارن تي وڏو درڪ حاصل هو. قرآن شريف سان گڏ ٻين علمن جو درس پڻ ڏيندو هو. بهاءالدين دلقپوش سندس خاص دوستن ۽ مريدن مان هو. ان جي دستخط قرآن پاڪ جو فارسي ٻولي ۾ ترجمو هن وقت هالن ۾ موجود آهي.

مخدوم نوح رحہ، مرزا محمد باقي ترخان کان وٺي وڃندي اڪبر اعظم جي سنڌ تي قبضي ٿيڻ تائين حيات هو. مغليہ گورنرن مان سيد بايزيد ٺٽي جو حاڪم، مخدوم صاحب جو طالب ۽ وڏو معتقد هو. مخدوم نوح رحہ وڏو عالم، فاضل، زاهد ۽ پرهيزگار درويش هو. سندس نظر فيض مان ڪيترا ئي مريد ۽ طالب فيض حاصل ڪري ويا. مخدوم صاحب اويسي طريقي جو به بزرگ هو.

درويش قطب، مخدوم نوح رحہ جو طالب ۽ مريد هو. ڪانئس ظاهري توڙي باطني فيض پرايائين. هڪ رات ٻوڪن ۾

به ويو جتي مخدوم جعفر سان سندس شاگردن ملاقات ڪرائي هئي. شاه خيرالله عرف شاه خيرالدين سکر وارو به مخدوم نوح رحه جو شاگرد ۽ معاصر هو. مخدوم نجيم ربل وارو پڻ مخدوم صاحب جو همعصر هو.

مخدوم نوح رحه رسول الله ﷺ جن جي سنت ۽ اتقاء واري زندگي جو مڪمل آئينو هو. ٨٢ ورهين جي ڄمار ۾ ٩٨٢هه ۾ وفات ڪيائين ۽ هالن ۾ مدفون آهي.

## مخدوم عبدالله پٽي

مخدوم عبدالله پٽي جو اصل نالو ارجن بن وريه هو، جنهن کي حضرت مخدوم بهاءالدين زڪريا ملتاني مشرف به اسلام ڪيو. هي بزرگ مسلمان ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي ڀريائين ڳاهوٽ جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ اچي رهيو. پر پوءِ ڳوٺ ماڙي محمد خان لڳ پراڻي سعيدآباد جي ويجهو اچي رهيو. هي هڪ نيڪ سيرت بزرگ هو. وٽس ڪيترا ئي طالب ۽ مريد ايندا هئا، جن وٽانئس فيض پرايو. سندس آخري آرامگاهه سعيد آباد جي ويجهو آهي، جتي مهني جي هر ڀرين خميس تي سندس معتقدن جو هجوم رهندو آهي.

مخدوم اسحاق بن عبدالله پٽي ٩٠٠ هجري ڌاري اسلامپور (هالا ڪندي) ۾ اچي رهيو، جيڪو ١٧٧٩ع ۾ درياءَ برد ٿيو. پوءِ بزرگن جا نعش (خاڪ) اتان ڪڍي هاڻوڪن هالن پراڻن ۾ آندا ويا. انهي وقت حضرت مخدوم نوح رحه قريشي صديقي جي نعش مبارڪ کي پڻ اسلام پور مان هاڻوڪن هالن نون ۾ آندو ويو.

## پٽين جي جامع مسجد جو مدرسو

مخدوم اسحاق، شيخ بهاءالدين زڪريا خاندان جو مريد هو، فضيلت ۽ ڪماليت ۾ بي نظير هو. پنهنجي محلي جي پٽين جي جامع مسجد ۾ مدرسو قائم ڪيائين. جتي قرآن، حديث ۽ فقه جي علم تعليم ڏيندو هو. مخدوم صاحب کان سندس پٽ

صاحبزادا مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد پڻ انهي ساڳئي مدرسي ۾ پڙهيا.

مخدوم محمد بن مخدوم اسحاق پٽي، ظاهري علمن جي تحصيل پنهنجي والد بزرگ کان پرائي ۽ پنهنجي پيءُ وانگر انهي ساڳئي مدرسي ۾ درس تدريس جو شغل قائم رکيو. مخدوم محمد باطني علمن جي صفائي ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ظاهري شرع جي مخالفت سهي ڪين سگهندو هو.

مخدوم احمد بن مخدوم اسحاق پٽي، وڏو ولي ۽ بزرگ عالم هميشه گوشه گمنامي ۾ گذاريندو هو. الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ محو رهندو هو. سندس انهي مجاهدي ڪري وقت جو حاڪم چام نظام الدين به سندس عقيدتمند ٿي رهيو.

مخدوم احمد هميشه پنهنجي ڀاءُ مخدوم محمد کي انهي ساڳئي مدرسي ۾ قرآن، حديث ۽ فقه جي پڙهائڻ ۾ مدد ڪندو هو. اهو سلسلو سندن پوين تائين قائم رهيو. سندن بزرگن جي اولاد مان وڏا وڏا عالم ۽ عارف، عامل، فاضل، اديب، شاعر، خدا جا نيڪ ٻانها ۽ ڪرامت جا صاحب ٿي گذريا آهن. هن خاندان جو پيشو دين اسلام جي تبليغ ڪرڻ هو، جنهن ڪري هزارين مرده دليون اسلام جي روشني سان منور ٿيون.

مخدوم ساهڙ لنجار چام انڙ جي آباد ڪيل ڳوٺ انڙپور جو هڪ وڏو آزاد انسان ۽ وقت جي صالح بزرگن مان هو. پوري تعليم ۽ تربيت مخدوم نوح رحه کان حاصل ڪئي هئائين. هو سدائين عبادت الاهي ۾ مشغول رهندو هو. رات يا ڏينهن جي ڪابه گهڙي پاڪ پروردگار جي ذڪر کان واندو نه رهندو هو. سندس صحبت مان پڻ ڪيترا ئي عقيدتمند ۽ طالب فيض پرائي ويا. اتي ئي دفن ٿيل آهي.

مخدوم عبدالرؤف بن عمر، پنهنجي وقت جو عارف، عالم ۽ ڪامل بزرگ هو ۽ پنهنجي زماني جي مشائخن ۾ ممتاز هو. هميشه پنهنجن طالبن کي پڙهائڻ، عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول

رهندو هو. ميان نور محمد وٽانئس علم جو اکر اکر سکيو ۽ ان جي تابعداري ۽ پيروي واسطي دل جان سان تيار رهندو هو. هالن جي قاضي زادي شيخ ابراهيم سندس وفات جو سنه ١١٦٦ هه بيان ڪيو آهي.

مخدوم صدرالدين راهوئي هالا پرڳڻي جي پسگردائي ۾ جائيه ڳوٺ ۾ رهندو هو. پنهنجي مڪتب ۽ مسجد ۾ شاگردن کي ديني تعليم سان گڏ وعظ فرمائيندو هو، جنهن ۾ ڏاڍو اثر هوندو هو. سچن جي جماعت ۾ سندس ڪمالات جي يگانگي معروف آهي.

مخدوم مراد پٽ صدرالدين راهوئي هڪ وڏو عالم ۽ پرهيزگار شخص هوندو هو. پوري تعليم پنهنجي پيءُ کان پرايائين. پاڻ به پنهنجي پيءُ وانگر پڙهائڻ ۽ وعظ جي شغل ۾ رڌل رهندو هو. حسن مقري درويش سندس همعصر هو.

## ساموئي (مڪليءَ جي ڀرسان)

ساموئي سنه ٧٧٥ هجري ۾ اڏيل شهر هو. محمد طور جي بربادي کان پوءِ (جيڪو درڪ پرڳڻي ۾ سلطان علاءالدين جي لشڪر جي آمد ۽ سومرن سردارن جي جنگ ڪري ويران ٿي ويو) سمن ڄامن اهو شهر ۽ پراڻو قلعو (جو ڪلا راجا جي نالي پٺيان ڪلاڪوٽ سڏبو هو ۽ پهرين وري بڻي اڏائيندڙ ڄام تغلق جي نالي پويان تغلق‌آباد سڏجڻ لڳو) وري بڻايو، پر اتفاقاً بڻي اڌورا رهيا. شهر ٿورا ڏينهن تختگاهه رهي وري ٺٽي ڏانهن منتقل ٿي ويو ۽ قلعو اڄ ڏينهن پنهنجي پراڻي نالي ڪلاڪوٽ سان مشهور آهي.

### شيخ حماد جو درسگاهه

شيخ حماد بن شيخ رشيدالدين جمالي اُچ جي مشهور درويش قدوة الواصلين شيخ جمال جو ڏوهٽو هو ۽ ساموئي جي

دامن ۾ جتي هاڻي دفن ٿيل آهي، اتي ٿي خانقاهه هيس. سدائين منهن تي برقعو وجهي حجري ۾ طالبن جي جماعت کي گفتگو ۽ ڪشف جي ذريعي ظاهري خواه باطني تعليم ڏيندو هو. ڄام جوڻي جي ڏينهن ۾ ڄام تماچي ۽ ڄام صلاح‌الدين، ٻنهي ڀيڻ پٽن کي شيخ جي خدمت ۾ ڏاڍو قرب حاصل هو (١). ڄام جوڻي کي اچي ڌپ لڳو ته شايد شيخ هنن کي دعا ڪري ملڪ جو والي بڻائي ڇڏيندو. انهي ڪري ڪجهي نموني ۾ ٻنهي کي قيد ڪري دهلي موڪلي ڇڏيائين. ڄام تماچي جي پوڙهي ماءُ شيخ جي خدمت ۾ پيش ٿي رُئندي عرض ڪيو ته سندن آزاديءَ لاءِ دعا ڪري. شيخ صاحب جي عجيب حالت ٿي ويئي ۽ هڪدم سنڌي ٻولي ۾ بيت چئي سندن حق ۾ دعا گهريائين، جا الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ قبول پئجي ويئي ۽ هو خيرخوبي سان دهليءَ مان آزاد ٿي وطن واپس وريا.

ڄام جوڻو، شيخ جي دعا وارو بيت ٻڌي ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ شيخ جي خدمت ۾ پهچي عرض ڪيائين ته فقيرن کي حڪومت جي ڪمن سان ڪهڙو واسطو؟ انهيءَ تي شيخ کيس پاراتو ڏنو. پوءِ ڄام جوڻي ۽ ڄام تماچي جي لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڄام جوڻي کي آخرڪار ناڪامياب ۽ ذليل ٿي پٺتو پيو. ۽ حڪومت ڄام تماچي جي حوالي ٿي.

ڄام تماچي شيخ صاحب کي هڪ وڏي رقم نذراني طور پيش ڪئي، جنهن مان هن هڪ خانقاهه ۽ ان جي پرسان مسجد تعمير ڪرايا، جيڪي پوءِ طالبن ۽ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت جو مرڪز بڻجي ويا (٢).

شيخ عيسيٰ سنڌي عرف شيخ لنگوٽي، ساموئي ٽڪريءَ جي دامن ۾ جتي دفن ٿيل آهي، اتي قلندرانه نموني ۾ لنگوٽي

(١) تحفةالڪرام، جلد ٽيون، ص ص ٤٥٨-٤٥٩.

(٢) تحفةالڪرام، جلد ٽيون، ص ٤٥٩.

پڙهيو ويٺو هوندو هو. هن ۽ شيخ حماد جي وچ ۾ گهڻو ڪري محققانہ گفتگو ٿيندي هئي. سندس وفات سنہ ٨٣١ هه. ۾ ٿي.

ملا عبدالرحمان عباسي، هڪ وڏو شيخ ۽ ولي اڪمل ٿي گذريو آهي. سما ڄام سندس نهايت معتقد هئا ۽ وقت جا بزرگ ۽ عالم پڻ سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. ملا پنهنجي حالت کي لڪائڻ لاءِ ظرافت آميز ڳالهيون ڪندو ه.و. هن وقت ساموئي جي دامن ۾ مدفون آهي.

# مڪليءَ جي ٽڪري

هيءَ ٽڪري ڪيرٿر ۽ پب جبل جي ڳنڍيل سلسلي جي هڪ شاخ آهي، جيڪا بظاهر تہ ننڍڙي پهاڙي آهي، پر منجهس مدفون هزارها بزرگن جي ڪري نهايت ئي متبرڪ تصور ڪئي وڃي ٿي ۽ زماني جي عجائبات مان آهي. قديم زماني ۾ سنڌو درياءَ سندس پرسان وهندو هو، ٽڪريءَ تي عاليشان محلات ٺهيل هوندا هئا، جن جو هن وقت نالو نشان بہ نہ رهيو آهي. شيخ حماد جي اشاري تي ئي سمن جي دور کان وٺي بادشاهن ۽ اميرن پنهنجا مقبرا مڪلي تي ٺهرايا، جنهن کان پوءِ عام ماڻهن بہ مڪلي کي پنهنجو ابدي آرامگاه بنايو. واين، بزرگن ۽ عالمن جي چوڻ موجب مڪلي تي سوا لک درويش آرامي آهن.

انهي ٽڪريءَ تي مڪلي نالي هڪ پاڪدامن ۽ الله واري عورت جامع مسجد جي محراب پويان دفن ٿيل آهي. هي نالو شيخ حماد جي اشاري سان پهريائين مسجد تي پيو ۽ پوءِ سڄي ٽڪري انهي نالي سان سڏجڻ ۾ آئي (١).

(١) مير علي شير قانع ٺٽوي جي چوڻ موجب، الله وارن مان هڪ بزرگ حرمين شريف جو ارادو رکي اچي لٿو ۽ وجد ۾ اچي سماع شروع ڪري ڏنائين ۽ وجد جي حالت ۾ چوڻ لڳو تہ "هاذه مڪة لي". اهي لفظ بار بار دهرائڻ ڪري عام ماڻهو هن ٽڪريءَ جو نالو ئي "مڪلي" (مڪة لي) سڏڻ لڳا.

# ٺٽو

ٺٽو معرفت وارن جي جاء، علم جي فضيلت ۽ ڪمال جي کاڻ آهي. اتي جي مٽي طبعاً حال ۽ قال جي صاحبن جي پيدا ٿيڻ جو هنڌ آهي. جڏهن محمد طور جو شهر سومرن سردارن سميت ويران ٿي ويو ۽ حڪومت سمن ڄامن جي هٿ آئي، تڏهن مڪلي ٽڪريءَ جي دامن هيٺان، اتر طرف وارن باغن جي پرسان ساموئي بڌائون. زماني جي انقلابي حادثن کان ڀنڀور، ديبل، بڪار ۽ ٺرڙيءَ جهڙا شهر جي ساڪري جي سرزمين ۾ واقع هئا، ويران ٿيڻ لڳا، تڏهن اتي جا اڪثر باشندا ٺٽي شهر ڏانهن لڏي ويا.

حڪيم مير عبدالرزاق اصفهاني، تخلص "مشرب"، جيڪو سيني علمن خصوصاً جفر، حڪمت ۽ نجوم ۾ وڏي مهارت رکندو هو ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڏاڏي دائود خان وٽ ڪيترو عرصو رهي سنه ١١٢٧هه ۾ گذاري ويو، تنهن کان ڪيترن روايت ڪئي آهي ته ٺٽي جي سرزمين دراصل يونان جي زمين وانگر مردم‌خيز آهي، اهو ئي سبب آهي جو ڪماليت جا صاحب گهڻو ڪري هن زمين تي پيدا ٿيا (١).

ٺٽي شهر جو بنياد ڄام نظام‌الدين سمي سنه ٩٠٠ هه ۾ وڌو. خراسان ايران ۽ عراق جي عالمن ۽ فاضلن پڻ سند جي عالمن سان گڏ هن شهر کي علمي ۽ روحاني رونق بخشي. هن شهر علم، فن، حرفت ۽ صنعت ۾ ايتري ته ترقي ڪئي جو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس هاڪ هلي وئي.

ڄام بايزيد، ڄام نظام‌الدين جي ڀاءُ جي قدرداني ڪري، خراسان ۽ هندستان جي مشهور عالمن شيخ جلال‌الدين قريشي، مولانا فتح‌الله مولانا عزيزالله، مير عماد گرديزي، مرزا شهيد ۽

(١) تحفة الڪرام.

مرزا شهداء انهن ڏينهن ۾ ملتان ۾ مقيم ٿي ٿي سان رابطو قائم رکيو. انهن ڏينهن ۾ احمدآباد، ملتان ۽ ٺٽو علمي ادارن ۽ مدرسن جي ڪري سڄي اسلامي دنيا ۾ برک هئا. ان جو مکيه سبب هي هو جو سنڌ، گجرات ۽ ملتان جي سمن، مظفريه ۽ لانگاهه سلطانن علم ۽ فن جي قدرداني ڪرڻ ۽ علماء ڪرام جي حوصله افزائي ڪرڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪئي.

اڳ سنڌ ۾ مسجدن ۾ ئي مدرسا هلندا هئا، پر سمن جي دور ۾ مدرسن ۽ درسگاهن لاءِ جدا عمارتون تعمير ٿيون. ٺٽي جي مدرسن ۽ درسگاهن جو تعداد جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو، تان جو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ چئن هزارن کي وڃي پهتو (١).

سمن سلطانن جا تعلقات اسلامي دنيا سان دوستانه هئا، تنهنڪري سندن ڏينهن ۾ سنڌ جي تعليم جي شهرت دنيا جي پهن حصن تائين پکڙجي ويئي. شيخ مبارڪ ناگوري سنڌ جي علم جي ساک ٻڌي پهن کي ڇڏي هتي سڪونت اختيار ڪئي. امير تيمور سان گڏ به گهڻا ئي عالم ۽ سادات هرات کان سنڌ ۾ وارد ٿيا. اٿين چوڻ بجا ٿيندو ته بخارا، سمرقند ۽ هرات جي علمي مجلسن جي پڄاڻي کان پوءِ، سنڌ جي دارالخلافه ٺٽي، اسلامي دنيا اندر دارالعلوم جي حيثيت اختيار ڪئي.

## قاضي محمد جي درسگاهه

قاضي محمد، ڄام بايزيد جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ برک عالم ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. ڪيس ٺٽي ۾ وڏو ديني مدرسو هو، جنهن ۾ ديني توڙي دنيوي تعليم ڏيندو هو.

## ڳوٺ مراد اوٺي جي درسگاهه

سيد محمد ۽ احمد، پيءُ ۽ پٽ، ديني علوم ۽ بزرگيءَ جي سيني خوبين جا جامع ۽ ڪمال جا صاحب هئا، جيڪي

(1) Alexander Bnrns, "Voyage to Bukhara" P.P. 34-42

٨٧٦ هه ۾ ڄام صلاح‌الدين بن تماچي جي ڏينهن ۾ مراد اوٺي جي ڳوٺ ۾ اچي رهيا ۽ اتي ديني مدرسو کوليائون. اتان پوءِ ڪجهه وقت بعد ٺٽي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائون، هتي به هڪ وڏو اسلامي درسگاهه قائم ڪيائون. شيخ عيسيٰ ۽ قاضي نعمةالله عباسي وقت جا عالم به اتي وٽن پڙهيا. سيد احمد سنه ٨٤٥ هه ۾ وفات ڪئي.

## جامع مسجد جي درسگاهه

سيد محمد حسين ولد احمد بن سيد محمد عرف ميران محمد جي جمڻ جي خبر شيخ عيسيٰ لڱوٽي ڏني. سندس ولادت سنه ٨٣١ هه ۾ ٿي. هو ڄام فتح خان بن ڄام سڪندر خان سمي جي ڏينهن ۾ ڄائو هو. هن ديني توڙي دنيوي علوم ۽ فنون شيخ عيسيٰ کان حاصل ڪيا ۽ سندس مريد ٿيو. ڪيترا ئي مشائخ سيد محمد حسين جي شاگردي ۽ مريدي جي لاڳاپي تي فخر ڪندا هئا. گهڻو ڪري ظاهري شريعت جي پابندي بابت شاگردن ۽ طالبن کي وعظ ڪرڻ ۾ وقت گذاريندو هو. شيخ بهاءالدين ملتاني جو پوٽو شيخ صدرالدين ٺٽي ۾ سندس زيارت لاءِ آيو ته کيس جامع مسجد (جيڪا هاڻي مسجد ولي نعمت جي نالي سان مشهور آهي ۽ اصل ۾ سمن بادشاهن جي ٺهرايل آهي)، ۾ پنهنجن طالبن ۽ مريدن کي درس تدريس ۾ مشغول ڏٺائين. سندس تصنيف "مساجد مخاص" جي تاريخ آهي. هن ٨٩٣ هه ۾ وفات ڪئي ۽ مڪلي تي سندس مزار آهي.

## سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق جي درسگاهه

سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق ٻئي بزرگ ڀائر، ڄام نظام‌الدين جي ڏينهن ۾ سنه ٩٠١ هه ۾ مشهد کان ٺٽي اچي ساموئي (ٺٽي) ۾ رهائش پذير ٿيا. هنن ٻنهي ڀائرن پنهنجي حياتي اسلام جي تبليغ ۾ وقف ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ ڪري ڪيترن طالبن وٽن ديني تعليم جو درس حاصل ڪيو. سيد يعقوب ٩٢٢ هه ۾ وفات

ڪئي، سندس مزار ساموئي مڪلي ۾ آهي. سندس پوين مان ڪي اڄا تائين ساڪري تعلقي جي داري ديهه ۾ رهن ٿا، جن جا اڄ تائين لاڙ ۾ گهڻا طالب ۽ مريد آهن.

## سيد ملوڪ شاهه جو مدرسو

سيد ملوڪ شاهه، حال ۽ قال جو صاحب ٺٽي ۾ پنهنجي وقت ۾ هڪ وڏو ڪمال ڌڻي ۽ عالم ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي خانقاهه ۾ پنهنجي مريدن ۽ طالبن کي وس آهر ديني علوم پڙهائيندو هو. هو قاضي سدوءَ جو مريد هو. هن سنه ٩٢٤ هه ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪئي. سندس قبر قاضي سدوءَ جي مزار پرسان مشهور آهي.

## سيد احمد ۽ سيد محمد جي درسگاهه

سيد محمد عابد مشهدي جا فرزند سيد احمد ۽ سيد محمد، ايران ۾ شيعا مذهب جي غلبي ۽ غلو جي سببان پيدا ٿيل تفرقي ۽ لڏپلاڻ جي نتيجي ۾، سنه ٩٠٦ هه ۾ ايران کي ڇڏي حرمين جي ارادي سان سير ڪندي سنه ٩١٠ هه ۾ ساموئيءَ ۾ اچي منزل انداز ٿيا. سيد محمد جيڪو ظاهري ۽ باطني علم جي ڪماليت سان سينگاريل هو، تنهن ٺٽي ۾ اچي پنهنجي علم جي ڌاڪ ڄمائي. ايتري قدر جو اوسي پاسي جا عالم به سندس زيارت لاءِ اچڻ لڳا ۽ ڪانئس فيض پرائڻ شروع ڪيو. تنهنڪري ٻنهي ڀائرن ٺٽي ۾ مدرسو قائم ڪري اتي ئي رهي پيا. سيد محمد سگهوئي ٩١٨ هه ڌاري وفات ڪري ويو. ان بعد سيد احمد پنهنجو مدرسو ٻين عالمن ۽ بزرگن جي مدد سان هلائيندو رهيو. پر اتفاق اهڙو ٿيو جو ڀاءُ جي غم ۾ هي به وڌيڪ وقت زنده رهي نه سگهيو ۽ سنت ئي وفات ڪري ويو.

## سيد علي ثاني جي درسگاهه ۽ خانقاهه

سيد علي ثاني بن سيد رشيد، سير سلوڪ ۽ ديني علمن جو پندار، پنهنجي وڏن کان به وڌيڪ توفيق وارو ۽ نهايت متقي

هو. ڪيترا ئي حج ڪيائين. هن درويش آجر کان فيض پرايو ۽ مخدوم نوح رحه کان ديني توڙي روحاني فيض پرائي سندس مريد ٿيو. پنهنجي وڏن جي درس تدريس واري روايت کي قائم رکيائين ۽ ڪانئس ڪيترن ئي شاگردن علم پرائي اسلام جي شمع کي روشن ڪيو. رسالو "آداب المريدين" سندس نامور تصنيف، دين جي بزرگن جو دستورالعمل آهي. هو سنه ۹۸۱ هه ۾ گذاري ويو. سندس مقبرو مڪلي تي آهي.

## مخدوم حامد جي درسگاهه

مخدوم حامد، ٺٽي جي مشهور معروف معزز مخدوم خاندان مان هو ۽ بزرگيءَ وارين خوبين جو مالڪ ۽ وقت جو جيد عالم ٿي گذريو آهي. گرهڙين جو قاضي هوندو هو. انهي عهدي سان گڏ پنهنجي خانقاهه ۾ قائم ڪيل مدرسي ۾ قرآن شريف، حديث ۽ فقه جي تعليم ڏيندو هو. علم جي فضيلت ڪري سندس ڪيترا ئي طالب ۽ مريد ٿيا. طويل علالت بعد سنه ۹۶۹ هه ۾ ٺٽي ۾ گذاري ويو.

## قاضي قادن

قاضي قادن بن قاضي ابو سعيد بن زين الدين بکري جا وڏا سيوهڻ ۽ ٺٽي ۾ رهندا هئا. قاضي صاحب قرآن مجيد جو حافظ، حديث، تفسير، تصوف ۽ علم آلات (ڪلن ڌاهن جي هنر) جو ماهر هو. انشاء پردازي ۾ سندس جوڙ جيس ڪونه هو. جوانيءَ ۾ سيد محمد مهدي جونپوري جي مريدن جي لڙهه ۾ شامل ٿيو، جنهن ڪري شريعت جا عالم کيس ڌوڪيندا هئا. سلوڪ جي وادي ۾ گهڻيون ئي رياضتون ڪيائين. سير سفر به ڏاڍا ڪيائين.

شاهه بيگ جڏهن ٺٽي ۾ تباهي مچائي، تڏهن قاضي قادن حافظ محمد شريف جي هٿان سندس خدمت ۾ هڪڙو خط روانو ڪيو، جنهن جي پڙهڻ سان ٺٽي وارن کي ظلم کان نجات ملي.

شاهه بيگ مڪاني ڳالهين بابت قاضي قادن کان صلاح مصلحت وٺندو هو. هو شاهه بيگ ترخان سندس پٽ شاهه حسين جي ڏينهن ۾ بکر جو قاضي هو. حياتي جو وڏو حصو انهي عهدي تي فائز رهيو. پڇاڙي جو عرصو مدينه منوره ۾ گذاريائين، جتي سنڌ جا ٻه مشهور عالم قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم راهوٽي ۽ شيخ عبدالله متقي ابن مولانا سعد دربيلوي سندس صحبتي هئا. قاضي قادن ٩٥٨ هه/١٥٥١ع ۾ وفات ڪئي. پنهنجي پويان ڪيترائي عالم ۽ صالح شاگرد ڇڏيائين، جن سندس نالي کي قائم رکيو.

## مولانا جلال الدين ٺٽوي جي درسگاهه

مولانا جلال الدين اصل ٺٽي جو رهاڪو، گهڻي علم ۽ عقل جو مالڪ هو، شروع ۾ ٺٽي ۾ علمي فيض جي ٻالوٽ ڪندو رهيو، پر پوءِ همايون بادشاهه جي دربار ۾ پهتو ۽ همايون وٽس ڪجهه پڙهيو، بادشاهه سندس علمي چاڻ ۽ دانشمندي تي موهت ٿي کيس قاضي القضاة مقرر ڪيو. همايون جو ٻيو استاد مولانا محمد فرغلي نوراني نقشبندي پڻ هو. هي ٻئي صاحب وقت جا استاد ۽ علامه هئا. ”تذڪره گلزار ابرار“ جو مصنف لکي ٿو ته جڏهن شير شاهه سوري همايون کي آگري مان تڙي ڪڍيو، تڏهن ڀاڄ ۾ مولانا جلال الدين، همايون کان جدا ٿي ويو. ان کان پوءِ سندس ڪو پتو ڪونه پيو. اهو واقعو سنه ٩٤٧هه ۾ ٿي گذريو.

## مفتي محمد يونس سنڌي جي درسگاهه ۽ خانقاهه

مفتي محمد يونس سنڌي ولد مير جادم، مبارڪ شاه کان فيض پرايو هو. هو سيد محمد مهدي جونپوري جي هڪ وڏي مريد شيخ دانيال جي نظر جو تربيت يافته هو. پنهنجن بکر ۾ رهندڙ ڀائرن ۽ سوٽن کان جدائي اختيار ڪري اچي ٺٽي ۾ رهيو. گهڻو ڪري مڪليءَ تي، انهيءَ جاءِ تي عبادت ۾ گذاريندو هو، جتي سيد ميران محمد مهدي اچي منزل انداز ٿيو هو. اتي سراين جي

شادماني جي جاءِ آهي ۽ سلطان سامتيو آرامي آهي. نتي ۾ پنهنجي خانقاهه ۾ حديث، فقه، فتويٰ ۽ تفسير جي تعليم سان گڏ پنهنجي مريدن ۽ طالبن کي وعظ ۽ نصيحت جي پڻ تربيت ڏيندو هو. ڏهين صدي هجري جي وچ ڌاري نتي ۾ وفات ڪيائين. سندس عبادت ۽ ڪرامتن جا ڪرتب بيان کان ٻاهر آهن. سندس زيارت سچي عقيدي وارن طالبن ۽ خادمن لاءِ عزت جو باعث آهي.

## شيخ طيب جو دارالعلوم ۽ درسگاهه

شيخ طيب بن هارون نتوي، ظاهري علم پنهنجي استاد مفتي محمد يونس سنڌي کان حاصل ڪيو. حافظ، قاري، عالم، بي نفس، شڪسته دل ۽ نمناڪ چشم هو. شيخ طاهر جو پياٽيو مسيح الاولياءَ عيسيٰ سنڌي برهانپوري به هن بزرگ وٽ اصول فقه ۽ علم ڪلام پڙهيو. شيخ نه رڳو سٺو مدرس ۽ عالم هو پر ان سان گڏ سٺو ليکڪ پڻ هو. هن ”رسالي غوثيه“ تي هڪ عمدو شرح لکيو ۽ ”مشڪواة شريف“ تي به سندس عمدا حاشيه آهن. هن ڏهين صدي هجري جي پوئين ڏهي ۾ وفات ڪئي ۽ شيخ ابراهيم سنڌي جي قبرستان برهانپور ۾ دفن ٿيو (١).

قاضي سيد شڪرالله بن وجيهه الدين بن سيد نعمت الله بن سيد عرب شاهه بن امير نسيم الدين محمد عرف ميرڪ شاهه بن امير عطا الله جمال الدين محدث بن فضل الله بن مير عبدالرحمان بن عبداللطيف حسيني دشتڪي ـ سندس احوال روضة الصفا، هفت تعليم، تاريخ طاهري ۽ ٻين معتبر ڪتابن ۾ آيل آهي ته سنه ٩٠٦ هه ۾ شاهه بيگ جي ڏينهن ۾ خطيب ۽ قضا جي عهدن تي سرفراز ٿيو. آخرڪار مرزا شاهه حسن جي دور ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار سيد عبدالله شاهه جي مقبري ڀرسان مڪلي تي آهي.

## ميرڪ شيخ محمود جي درسگاهه

ميرڪ شيخ محمود بن ميرڪ ابو سعيد بن امير علي شاهه

(١) تذڪره گلزار ابرار، ص ٣٧٧.

عرب شاهي: ميرڪ ابو سعيد شيخ جلال الدين بايزيد پوراني جو ڏوهٽو آهي. هو سبزوار مان لڏي اچي قندار ۾ ويٺو. ميرڪ بايزيد، شاهه بيگ ارغون جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ ميرڪ محمود اچي ٺٽي ۾ رهيو. هو نهايت فضيلت، سخا، زهد، علم ۽ تقويٰ ۾ ممتاز رهي، سالن جا سال شيخ الاسلام جي اعليٰ عهدي تي سرفراز رهندي به ڪيترن طالب علمن کي ڪامل فيض عطا ڪندو رهيو. خط نستعليق ۾ ڏاڍو ماهر هو. سندس اولاد جي محلي ۾ هڪ عاليشان مسجد، مدرسو ۽ مقام جي مشهور رائنڪ سندس تعمير ڪرايل آهي. هن سنه ٩٦٢ هجري ۾ وفات ڪئي.

ميرڪ شيخ مير محمد بن ميرڪ شيخ محمود، هڪ اعليٰ درجي جي خوبين سان موصوف ۽ انساني فضيلتن سان مخصوص ميرڪ هو. جامع فتاويٰ پوراني سندس يادگار آهي. هن سال ٩٧٠هه ۾ وفات ڪئي. ”جامع فتاويٰ پوراني“ ڪتاب جو عڪس سنڌ جي مشهور مورخ ۽ اديب پير حسام الدين راشدي يورپ مان گهرايو آهي.

ميرڪ شيخ عبدالباقي بن ميرڪ شيخ محمود، پنهنجي پيءُ کان پوءِ شيخ الاسلام جي عهدي تي فائز ٿيو. سڀني علمن، خصوصاً هيئت ۽ حڪمت ۾ ڪامل هو. مولانا عبدالحق جيلاني، جيڪو مولانا مرزا جان ۽ شاهه فتح الله جو همعصر هو، تنهن پڻ کي باريڪ علمي نڪتا وتانئس حل ڪيا. اقليدس (جاميٽري) ۾ ايتري ته دسترس هيس جو ڪيترين پنهنجون شڪليون ايجاد ڪيائين.

شيخ عبدالوهاب ولد شيخ بايزيد ابو سعيد پوراني، شيخ ميرڪ محمود جو ڀائيٽو هو. سندس پيءُ بکر ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ پاڻ اچي ٺٽي ۾ مقيم ٿيو ۽ نهايت بزرگي سان وڏن جي طريقي کي زنده رکڻ ۾ مشغول ٿي ويو. ايتري قدر جو ميرڪ مير محمد وانگر هن به فتاويٰ تي پنهنجي قلم آزمائي ڪئي، جو سندس زندگيءَ جو هڪ نمايان ڪارنامو هو. هن سنه ٩٧١ هجري ۾ وفات ڪئي.

مير ابوالمڪارم، تخلص ”شهود“ بن نواب امير خان، پيءُ جي نوابي هوندي بہ فقيري جو رستو اختيار ڪري، ڪاملن جو درجو حاصل ڪيائين. حضرت سليمان عليہ السلام ۽ بلقيس جي قصي بابت سندس هڪ ڪارآمد مثنوي ”پريخان سليمان“ مشهور يادگار آهي. ظاهري علمن جو پڻ جامع هو. سندس پٽن مان مير امين الدين خان حسين ٺٽي جي حڪومت تي سرفراز ٿي اچي هميشہ لاءِ رهيو. هو باڪمال، حال ۽ قال جي صاحبن ۾ برگزيده هو.

## شيخ صدرالدين جي درسگاهہ

شيخ صدرالدين وڏو عالم ۽ پرهيزگار، ڄام نظام الدين جو معاصر هو. پنهنجي علمي ڪماليت جو جامع هو. سندس وڏو دارالعلوم ۽ درسگاهہ هو، جنهن مان هزارين شاگرد فارغ التحصيل ٿي نڪتا. پهريائين سيد ميران محمد مهدي جونپوري جو مخالف هو، پر سندس زيارت ڪان پوءِ پڪو مريد ۽ شاگرد ٿي پيو. سندس اصل نسل جي پوري خبر نہ آهي.

## مخدوم متو جي درسگاهہ ۽ خانقاهہ

مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو، ٺٽي واري مخدوم بلال جي خليفن مان هو. هميشہ عبادت ۾ مشغول هوندو هو. زهد ۽ تقويٰ جي راه جا شائق، هدايت ۽ ارشاد جي طريقي جا طالب، سندس مريد ۽ معتقد هوندا هئا. باطني فيض سان گڏ ظاهري علم جي پالوت پڻ ڪندو هو. حديث جي علم ۾ تمام ماهر هو. سندس تصنيفات مان شرح اربعين، شرح جيلاني ۽ ڪي ٻيا رسالا مشهور آهن. سندس مدرسي ۾ سوين طالب علم حديث جو درس وٺندا هئا. همايون بادشاهہ جي آوارگي جي ڏينهن ۾ ٩٤٩ هجري ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪيائين ۽ مڪلي تي دفنايل آهي.

مخدوم عبدالڪريم بن مولانا يعقوب، مرزا شاهہ حسن جو استاد، علوم معقول توڙي منقول جو جامع هو. علم جي نور مان

ڪيترا ئي طالب سندس مدرسي مان منور ٿي نڪتا. هو سنه ٩٤٩ هجري ۾ گذاري ويو. "علامہ وارث الانبياء" سندس وفات جي تاريخ آهي. سندس مزار مڪلي تي آهي.

## مخدوم فضل الله جي درسگاهه

مخدوم فضل الله پنهنجي وقت جو وڏو عالم، قدسي فضيلتن جو جامع ۽ علم الانساب جو ماهر، پرهيزگاري ۽ تقويٰ جي زيور سان سينگاريل هو. ٺٽي ۾ سندس قائم ڪيل مدرسي مان ڪيترا ئي شاگرد فيض پرائي ويا. مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقي جو همعصر هو. ڏهين صدي هجري جي آخري ڏهي ۾ وفات ڪيائين. سندس اولاد مان مخدوم ابوالخير پنهنجي وقت جو يگانو عالم ٿيو، تنهن به سندس قائم ڪيل مدرسي ۾ ساڳيو شغل جاري رکيو. ڪجهه وقت بعد ڪيس دهلي گهرايو ويو ۽ فتاويٰ عالمگيري جي ترتيب ۾ شريڪ رهيو. سندس پٽ ملا اسحاق ڪمالات جو جامع هو، تنهن جو پٽ ڪمال الدين نالي لاولد گذاري ويو. مخدوم فيروز، پنهنجي وقت جو ڪامل ۾ ڪامل عالم هو. بزرگي ۽ علمي ڪمال سندس اولاد ۾ مورثي هلندا اچن ٿا.

مخدوم عثمان بن مخدوم بهاءالدين بن ميان صديقي اصل ۾ ساڪن اُچ جو، مرزا جاني بيگ جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ اچي، ملا محمد علي ديوان جو نياڻو بنجي، خزاني جي وصولي جي نوڪري ڪيائين. مرزا جي گرفتاري کان پوءِ ساڻس اڪبر بادشاهه جي دربار ۾ موٽي اچڻ کان پوءِ جلدي گذاري ويو.

ملا احمد، شاهه فتح الله شيرازي جو شاگرد، ابوالفضل ۽ فيضي جو همسبق ۽ اڪبر بادشاهه جي دور جو عالم ۽ بزرگ هو. ڪجهه وقت اتي جو قاضي پڻ رهيو. مڪلي واري مشهور رائنڪ سندس يادگار آهي. ارغونن جي سنڌ ۾ آمد کان پوءِ سيد ميران ڪربلائي سنڌ جي آڳاٽي شهر سيوهڻ ۾ اچي رهيو. سنه ١٢٩٨ع ۾ امير تيمور جي حملي ڪري عيسوي پندرهين صدي ۾ وچ ايشيا

تي مختلف ڌارين جي حملن ڪري تيموري شهزادن جو وچ ايشيا ۽ خراسان مان تڏو ويڙهجي ويو(١). انهن سياسي انقلابن ڪري ڪيترا ئي بزرگ ۽ عالم سنڌ ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا. سنڌ جو مشهور تذڪره نگار ۽ فارسي زبان جو شاعر مير علي شير قانع ٺٽوي به هن خاندان جو چشم و چراغ هو.

## علامہ يونس سمرقندي جي ٺٽي ۾ درسگاهہ

مولانا يونس سمرقندي، شاهہ حسين ارغون جي ڏينهن ۾ ترڪستان کان سنڌ ۾ آيو ۽ ٺٽي ۾ مڪتب کولايائين. سنڌ جو حاڪم شاهہ حسين سندس درسگاهہ ۾ شرح موافق پڙهيو هو. سيد تاج الدين بکري صوري ۽ معنوي سعادت ڪري وٽس امتياز وارو هو (٢).

شيخ قالو قريشي، شيخ بهاءالدين زڪريا جي اولاد مان، وقت جو عالم بزرگ زماني جو عاليشان مناقبن جو صاحب، ترخانن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ آيو. سنڌ جي ڪيترن حصن مان سندس مريد ۽ طالب فيض پرائي ويا. سندس وفات کان پوءِ پٽس شاهہ عبدالله جاءِ نشين ٿيو.

## قاضين جي درسگاهہ

قاضي نعمةالله انهن قديمي قاضين مان هو، جن جو نسب حضرت عباس جي اولاد سان ملي ٿو ۽ جيڪي عباسي گورنرن جي وچ کان پوءِ پوئتي رهجي ويلن مان آهن. ڄام صلاح الدين بن ڄام تماچي جي ڏينهن ۾ عالمن جو پيشوا ۽ پرهيزگارن جو اڳوان هو. سندس وفات نائين صدي هجري جي آخر ڌاري ٿي. سندس پٽ قاضي سائين ڏنو وڏو عالم ۽ پرهيزگار بزرگ هو. قاضي نعمةالله ثاني) بن قاضي سائين ڏنو، وقت جو علامہ ۽ زماني جو

(١) تاريخ تمدن سنڌ، ص ٣٩٣

(٢) ايضاً، ص ٤١٠

زبردست عالم هو. هو پنهنجي وقت جي عالمن ۽ عارفن جي معرفت جو سرچشمو هو. مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقي سندس همعصر هئا. سندس وفات ٩٨١ هجري ڌاري ٿي.

قاضي حماد، عباسي گورنرن جي دور پوري ٿيڻ کان پوء باقي رهيل قاضين مان هو. هو فضيلت، علميت ۽ ڪمال ۾ نهايت ڪامل، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ نهايت سگهورو هو.

قاضي صدو بن قاضي حماد، وڏي ۾ وڏو پرهيزگار، خاص ۽ عام جي ارادتمندي جو مرڪز هو. علمي خواه عملي ڪماليت ڪري برگزيده هو. ڪيترن الله وارن جي صحبت مان فيض پرايائين. هن ڏهين صدي هجري ۾ وفات ڪئي.

## ميان وجيه سنڌي ۽ ان جي خانقاهه ۽ درسگاهه

هن بزرگ جو احوال "تذڪره گلزار ابرار" ۾ آيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ٺٽي جي لڳ هڪ ڳوٺ ۾ ڇانئو ۽ اتي ئي ياد خدا ۾ رهندو هو. علم جي ڪمال ۾ ڇاڻ ڪري سندس خانقاهه ۾ قائم ڪيل درسگاهه ۾ ڪيترا ئي مريد ۽ طالب علمي فراغت پائي ويا. ڏهين صدي هجري جي آخر ۾ جڏهن عبدالرحيم خان خانان سنڌ جي فتح لاء پهتو، تڏهن هو پنهنجي عادت موجب هر هنڌ حڪم ڪندو آيو ٿي ته "ڪٿي به ڪنهن فقير يا درويش جي ڳوٺ يا خانقاهه کي ڪو به نقصان نه پهچايو وڃي". پر ميان وجيه جي ڳوٺ جي ٻاهران جڏهن تنبو اچي ڪتا، تڏهن معاملو ئي ٻيو ٿي ويو، جنهن جو ذڪر خان خانان، شيخ عيسيٰ برهانپوري سان هن ريت ڪيو:

"سنڌ جي فتح کان پوء ١٠٠٧هه ۾ برهانپور ۾ موٽي آيو تڏهن پنهنجي تنبوء ۾ لهڻ کان اڳ ۾ سدو سنئون پنهنجي سموري عملي سميت مون سان مسجد ۾ ملڻ آيو. سڀ کان پهريائين هي ڳالهه ڪيائين ته سنڌ مان ميان وجيه جي ڳوٺ وٽ جڏهن منهنجي فوج منزل ڪئي ته ٽڪ جي ڪري مون کي ننڊ اچي

وڏيءَ فوج گڏوڻ ڌُري ڇڏيو. مون سڄاڳ ٿيڻ تي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ سڌو توهان وٽ آيو آهيان ته ڪجهه دل تان بار هلڪو ٿئي. خان خانان ميان وجيه جو بيان ڪندي ٻڌايو ته: هو هڪ عالم ۽ ديندار ماڻهو هو، جنهن جي دل هميشه درد سان ڀريل هئي ۽ زبان ياد حق ۾ مشغول هئي (١)".

ميان وجيه سنڌي جي وفات يارهين صدي ۾ معلوم ٿئي ٿي.

## علامه محمد ٺٽوي

علامه محمد بن ملا يوسف ٺٽوي، جهانگير جي اوائل حڪومت ۾ نورجهان بيگم جي دربار ۾ پهتو ۽ نورجهان جو ڀاءُ نواب اعتماد الدوله آصف جاه (٢) سندس شاگرد هو. شيخ فريد بکري لکي ٿو ته:

"علامي محمد ٺٽوي سڀني علمن ۾ ڪامل ماهر هو. هو علم جفر ۽ تڪشير ۽ اعداد ۾ وڏي پهچ وارو هو. ست سال مصطفيٰ علامي برهانپوري سان علمي بحث مباحثو هلندو رهيو ۽ چيائين ته: هو سمورن علمن ۾ هن وقت جو سردار آهي ۽ هندستان ۾ هن جو ڪو به مٽ نه آهي، مگر علم فقه جو برزبان ياد نه اٿس، ان ۾ ڪتابن جي ڏسڻ جي ضرورت پويس ٿي" (٣).

نواب آصف خان جي مهرباني ۽ وسيلي سان ٺٽي جو قاضي، مير عدل، مفتي ۽ محتسب هو. افسوس جو اهڙي وڏي عالم کي نورجهان ۽ مهابت خان واري جهڳڙي ۾، مهابت خان

(١) تذڪره گلزار ابرار، ص ٣٨٦.
(٢) مرزا ابوالحسن آصف جاه چوٿون، وفات ١٧ شعبان ١٠٥١ هه، شجره لاءِ ڏسو مظهر شاه جهاني.
(٣) ذخيرة الخوانين جلد پيو، ص ٢٨٦. وڌيڪ ڏسو ذخيرة الخوانين، جلد پهريون، ص ٢٣٦، مقالات الشعرا، ص ص ٨٣٤-٨٣٥ ۽ تحفة الڪرام، ص ص ٢١٢ ۽ ٣٩١.

قتل ڪرائي ڇڏيو. سندس شهيد ٿيڻ کان پوء وصيت موجب سندس لاش ٺٽي ۾ پهچايو ويو.

مخدوم عمادالدين، علميت جي ڪمال ۽ زماني ۾ مشهور معروف متبحر عالم بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس مدرسي ۾ ڏينهن رات ديني علوم و فنون جو چرچو رهندو هو. پاڻ سڄو ڏينهن درس تدريس ۾ مشغول رهندو هو، طالبن جي گهڻائي ڪري هوشيار ۽ وڏن شاگردن کي ننڍن شاگردن کي پڙهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاء چوندو هو. مير عدلي جي عهدي تي سرفراز رهيو. ٻه پٽ محمد يوسف ۽ ابوالفضل ڇڏيائين.

مولانا داؤد مفتي وڏي ۾ وڏو عالم هو. سندس فرزند ابوالقاسم علم جو طالب ۽ مدرسي جو مالڪ پيدا ٿيو. ڪيترن طالب علمن کي فيض رسايائين. عالمگير بادشاه کيس پنهنجي پاران شرعي وڪيل ۽ مفتي مقرر ڪيو. سندس وفات جو سنه ١١١٣ﻫ آهي.

مخدوم علي محمد قاري صاحب فضيلت ۽ قرات جي علم ۾ وڏو ماهر هو. مرزا جاني بيگ جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي قرآن شريف جي قرائت جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. پويان ٻه پٽ عبدالحي ۽ عبدالرؤف ڇڏيائين.

## ٺٽي ۾ قاضي محمود جي درسگاه

علامه قاضي محمود ٺٽوي عباسي خليفن مان هو، ۽ مرزا عيسيٰ ۽ مرزا محمد باقي سندس معاصر هئا. پنهنجي علمي چاڻ ۽ ديني خدمت ڪري هرهنڌ مشهور هو. سندس هڪ درسگاه مان ڪيترا ئي شاگرد ۽ طالب ديني علم پرائي ويا. زندگيءَ جي آخري وقت تائين درس تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. ”تذڪره اولياء“ سندس شاهڪار آهي ۽ ٻين ڪيترن درسي ڪتابن تي حاشيه لکيائين. ان کان سواء قاضي وجيه الدين ”يگانه“، قاضي عتيق الله ۽ قاضي شيخ محمد، ارغونن ۽ ترخانن جي صاحبي ۾ وڏا مدرس، اهل علم ۽ اهل قلم ٿي گذريا آهن.

# سيوهڻ

## قاضي شرف الدين جي درسگاهه

مخدوم محمود جي اولاد مان قاضي شرف الدين، مخدوم بلال کان علم حديث تحصيل ڪيو هو. مرزا شاهه حسن هن کي سيوهڻ مٿان قاضي مقرر ڪيو. انهيءَ عهدي کان سواءِ هن سيوهڻ ۾ پنهنجي قائم ڪيل درسگاهه ۾ قرآن شريف، حديث ۽ فقه جي جي تعليم ڏني، جنهن مان سندس ڪيترن طالبن فيض پرايو. وٽس پري پري جا شاگرد علم جي تحصيل لاءِ ايندا هئا. شريعت جي پيچيده مسئلن جو حل جلدي ڪري ويندو هو. انهيءَ ڪري ديني چاڻ ۽ اسلامي علوم جي هاڪ ڪري گهڻو مشهور رهيو.

قاضي جلال الدين بکر جو برک عالم واپاري هو. آگري پهچڻ کان پوءِ سندس علميت جي ڪمال ۽ حق پرستي جو چرچو دربار اڪبري تائين پهتو. آگري جي قاضي يعقوب جي معزولي کان پوءِ اتي جو قاضي ۽ مدرس مقرر ٿيو. سندس مدرسي ۾ سوين شاگرد هڪ ئي وقت علم پرائيندا هئا. آگري کان پوءِ دکن ويو. اتان حج جي ارادي سان حجاز پهتو ۽ اتي وفات ڪيائين.

سيد ابراهيم بکري تصوف جي تلاش ۾ سنڌ ڇڏي شيخ جلال متو برهانپوري جي خدمت ۾ رهي دين ۽ تصوف جو علم حاصل ڪيو. پنهنجي استاد مرشد ڪامل جي صحبت ۽ مهرباني ڪري هميشه وٽس رهي پيو ۽ ان جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ نشين ٿيو. سيد ابراهيم بکري سنڌي وٽان ڪيترائي مريد ۽ شاگرد فيض هدايت حاصل ڪري ويا. برهانپور ۽ خانديش جا حاڪم ۽ امير، سيد صاحب جا ڏاڍا معتقد ۽ نيازمند هئا. سندس وفات ٩٩٨ هجري ۾ ٿي (١).

(١) گلزار ابرار، ص ص ٣٩١-٣٩٣.

## ٻبرلوءِ جي عظيم درسگاهه

جوهر آفتاب جي "تاريخ الواقعات" ۾ ٻبرلوءِ کي "ٻبهرالو" لکي ٿو. ارغونن جي دور ۾ ٻبرلوءِ، سنڌ جو هڪ قديم علمي مرڪز هو. مرزا عيسيٰ ترخان جو بيان آهي ته ارغونن جي ڪاهه ۾ فقط ڪاهان (ڳاهو) ۽ باغبان مان هڪ رات اندر مرزا شاهه بيگ کي هڪ هزار آٺ هرلن تان هٿ لڳا، جي باغن کي پاڻي پهچائي رهيا هئا. ١٥٤١ع ۾ معزول شهنشاهه همايون سنڌونديءَ جي اپرندي ڪپ تي روهڙي جي پر واري ڳوٺ ٻبرلوءِ جي "چار باغ" کي پسند ڪري، اتي بن لکن فوجن سان ڇانوڻي هڻي ويٺو. باغ، ڪجي ۽ انبن جي وڻن جو هو(١)، جنهن جي وسعت ارڙهن هزار وڻ هئي.

ڏهين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ ۾ ٻبرلوءِ ۾ هڪ وڏي درسگاهه هئي. هي مدرسو مرزائي درسگاهه ڪري سڏبو هو. مدرسي جي عمارت وڏي شاندار هئي.

همايون بادشاهه جڏهن جلاوطن ٿي سنڌ ۾ آيو هو، تڏهن ٻبرلوءِ ۾ اچي انهي مدرسي جي عمارت ۾ قيام ڪيو هئائين. همايون ٢٨ رمضان ٩٤٧هه جمعي جي ڏينهن جي نماز مدرسي جي پرسان مسجد ۾ ادا ڪئي هئي. هن مدرسي کي بکر جي حاڪم سلطان محمد سنه ٩٦٦ هجري ۾ برباد ڪري ڇڏيو(٢).

تاريخ الواقعات ۾ جوهر آفتاب جي سنه ٩٩٨ هجري ۾ لکي ٿو ته ٻبرلوءِ سنڌ جي بهترين نزهتگاهه ۽ تمدني مرڪز هو. هتي عاليشان مدرسو ۽ ڪتبخانو هو. مرزا يادگار ناصر ڪتبخانو ڏسي مدرسي ۾ رهڻ لڳو(٣).

## قاضي ابوسعيد جي درسگاهه

قاضي ابوسعيد بن زين‌الدين بکري پنهنجي دور جو وڏو

(١) الوحيد، سنڌ ازاد نمبر ڪراچي، ١٩٢٩ع، ص ٩

(٢) برهانپور ڪي سنڌهي اولياء، ص ص ٣٩-٤٩

(٣) تاريخ تمدن سنڌ، ص ٣١٣

عالم ٿي گذريو آهي. سيوهڻ ۾ سندس مدرسو هو، جنهن ۾ پاڻ درس تدريس جو ڪم ڪندو هو. سنڌ جي ڪيترن نامور عالمن سندس درس مان فيض پرايو هو (١). هن سنه ٩٥٨ هجري ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪئي.

## مير عبدالله جي درسگاهه

مير عبدالله سلطان، سيوهڻ جي مشهور عالمن ۽ شاعرن مان ٿي گذريو آهي. سندس تخلص "خان عريضي" هو. بکر جي مشهور مدبر عالم سيد ابوالمڪارم جو پٽ هو. سيوهڻ ۾ سندس مدرسو هو، جنهن ۾ اسلامي علمن جو درس ڏيندو هو (٢). هي قاضي ابو سعيد جو معاصر هو. هن ڏهين صدي هجري جي وچ ڌاري وفات ڪئي.

## بکر جي عظيم درسگاهه

شيخ شمس‌الدين، امام عبدالله حنفي ۽ قاضي ابو حنيفه بکر جا مشهور عالم ٿي گذريا آهن. سندن علميت ۽ بزرگي ڪري بکر علم ادب جو مرڪز هو. مشهور سياح ابن بطوطه به ساڻن ملاقات ڪئي هئي. بکر ۾ سندن مدرسو هو جنهن ۾ پاڻ شاگردن کي ديني علومن جو درس ڏيندا هئا (٣).

## مولانا ضياءالدين جي درسگاهه

مولانا ضياءالدين، مخدوم صدرالدين راهوٽي شرعي علمن جو جامع هو. وڏو عالم، فقيه ۽ ماهر استاد ٿي گذريو. اوائل ۾ درس تدريس جو ڪم ڪندو هو، پر آخري ايامن ۾ گوشه‌نشين ٿي عبادت الاهي ۾ عمر پوري ڪيائين. سنه ٩٦٨ هجري ڌاري وفات ڪيائين (٤).

(١) تحفة‌الڪرام، ص ٣٥٢
(٢) ايضاً، ص ٣٥٦
(٣) ايضاً، ص ٣٦٠
(٤) ايضاً، ص ٣٦٤

سيد ابو الغيث بکري وڏي رتبي جو بزرگ عالم ٿي گذريو آهي. بکر ۾ قائم ڪيل مدرسن ۾ اسلام جي تبليغ سان گڏ ديني علوم به پڙهائيندو رهيو. امير تيمور گورگاني جي پوٽي مرزا پير محمد ڪيس علمي چاڻ ۽ لياقت جي ڪري الور جو پرڳڻو جاگير طور عطا ڪيو.

## مخدوم عبدالباقي جي روهڙي ۾ درسگاهه

مخدوم عبدالباقي سکر جي ميرڪي سيدن جو مورث اعليٰ پنهنجي والد ميرڪ بايزيد، مرزا شاهه بيگ ارغون سان گڏ قنڌار مان سنڌ ۾ آيو. ڪيس پوراني ڪري سڏيندا هئا. هن ٩٥٢ هجري ۾ استنبول کان وار مبارڪ روهڙي ۾ آندو هو. حيدر شاهه حقاني ۽ مخدوم عبدالملڪ سندس معاصر هئا، جن به وار مبارڪ جي زيارت ڪئي هئي. بکر ۽ سکر مٿان شيخ الاسلام ٿي رهيو. هي هڪ جيد عالم، فاضل ۽ سنت جماعت جو بزرگ هو. سيد ميرڪ بايزيد جي اولاد دارالخلافه ٺٽي تائين علم، تحقيق ۽ درس تدريس ۾ ناموري حاصل ڪئي. روهڙيءَ ۾ هن بزرگ جو مدرسو هو، جنهن ۾ قرآن پاڪ جي تفسير جو درس طالبن کي ڏيندو هو. مير عبدالباقي جو مقبرو سيد محمد مکي جي تربت لڳ آهي. سندس وفات ١٠١٩ هجري ۾ ٿي (١).

## ريل جي درسگاهه

مولانا عالم بکري، ظاهري ۽ باطني علمن وارو بزرگ هو. سندس فرزند درويش يحيٰ ريل پرڳڻي ۾ وڃي رهيو. سندس مدرسو ان زماني ۾ گهڻو مشهور هو. وقت جي ڪيترن عالمن وٽس علمي فراغت حاصل ڪئي. سندس سنه وفات معلوم نه ٿي سگهيو آهي، تاهم اندازو ڪجي سگهجي ٿو ته هن ڏهين صدي هجري جي آخر ڌاري وفات ڪئي.

(١) سيد محمد ضامن ڪنتوري، عبرت ڪده سنڌ، حيدرآباد دکن، مطبع شمسي، ١٩٠٣ع ص ص ٣٥-٣٦

## سيوهڻ ۾ مخدوم شرف الدين جي درسگاهه

شيخ مخدوم شرف الدين، مخدوم محمود جي اولاد مان هو، ۽ مخدوم بلال کان علم حديث ۾ تحصيل ڪئي هئائين. مرزا شاهه حسن ارغون کيس سيوهڻ جو قاضي مقرر ڪيو هو. سيوهڻ ۾ قضا جي عهدي سان گڏ درس تدريس جو ڪم به ڪندو هو(۱).

## شاهي استاد ملا اسحاق بکري

ملا اسحاق بکري پهريائين سلطان محمود جي امرائن ۾ داخل ٿيو، ۽ پوءِ پنهنجي علمي چاڻ ۽ قابليت ڪري مرزا غازي جو معلم (شاهي استاد) مقرر ٿيو.

## شاهه حسين جي درسگاهه

شاهه حسين، تڪدري امرائن مان هو، ۽ شاهه حسن ارغون پاران عملدار هو. جدت طبع، ذهن، علمي چاڻ ۽ اخلاق ۾ بي نظير هو. فن تاريخ ۾ محقق هو. درس تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم پڻ ڪندو هو. "تاريخ روضة السلاطين" سندس مشهور تصنيفن مان آهي.

## شاهه قطب الدين جي درسگاهه

شاهه قطب الدين بن محمد شاهه طيب، خراسان جو بزرگ هو. شيبانين جي ڪاهه ڪري خراسان ڇڏي، بکر ۾ اچي رهيو، جتي هر جمعي تي مخلوق خدا کي وعظ ڪندو هو. وقت جو برک عالم هو. وعظ واري مسجد ۾ قرآن شريف، حديث ۽ فقه جي سکيا ڏيندو هو. سندس شاگردن جو دائرو وسيع هو. مرزا شاهه حسن جي ڏينهن ۾ بکر جو شيخ الاسلام مقرر ٿيو. سنه ۹٦٧ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

مير ابوالمڪارم بن مير غياث الدين پهريائين مرزا شاهه حسن بيگ جو نديم هو. پوءِ سلطان محمود پاران شاهه اسماعيل

(۱) جنت السند، ص ۴۲۴

صفوي جي دربار ۾ سفير ٿيو. وڏو عالم، فاضل ۽ بليغ شاعر هو. سندس تخلص "شهود" هو. مثنوي پرڪار (سليمان ۽ بلقيس) سندس علمي شاهڪار آهي.

## بکر ۾ شاهه جهانگير جي درسگاهه

شاهه جهانگير هاشمي، شاهه طيب جي اولاد مان هو. بکر جو برک عالم فاضل ۽ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. بکر ۾ ڪيتري عرصي تائين درس تدريس جي شغل کي جاري رکيائين. ان کان سواءِ هن "تحفة الاحرار" جي جواب ۾ "مظهر آلاثار" تصنيف ڪيو. سنه ٩٨١ هجري ۾ حج ڏانهن ويندي ڪيچ مڪران وٽ دشمنن جي هٿان حملي ۾ شهيد ٿي ويو.

## سکر ۾ شاهه خيرالدين جي خانقاهه ۽ درسگاهه

بکر ۽ سکر جو برک عالم شاهه خيرالدين بن سيد احمد بغدادي سنه ٩١١ هجري ۾ بغداد ۾ ڄائو هو. سندس نسب پنجن واسطن سان سيد عبدالقادر جيلاني سان ملي ٿو. اوائل عمر ۾ بغداد کان مڪي آيو ۽ برابر چوڏهن ورهيه حرمين ۾ رهي علم پڙهندو رهيو. علم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ سير و سياحت جي ارادي سان سنڌ ڏانهن نڪري آيو ۽ اچي مخدوم نوح رحه جي صحبت ۾ رهيو، جتان گهڻو ئي فيض پرايائين. پوءِ سکر ۾ هڪ ٽڪري تي عبادت الاهي ۾ مشغول رهيو، جتي ڪيترن شاگردن ۽ مريدن کي دين اسلام جي تعليم ڏيندو رهيو. مير محمد معصوم جو پوٽو مير زڪريا پڻ سندس معتقد ۽ مريد طالب هو. ڪتاب "دليل الذاڪرين" ۽ پير روضي ڌڻي سيد محمد راشد جي ملفوظات ۾ سندس ڪجهه مناقب مذڪور آهن.

شاهه خيرالدين پوين ڏينهن ۾ ٽڪريءَ تان لهي اچي پراڻي سکر ۾ انهي هنڌ رهيو هو، جتي سندس مقبرو آهي. اتي ترخان خاندان جي مغلن جا گهر هئا، جي هنن شاهه صاحب کي نذراني طور ڏيئي ڇڏيا. سکر ۾ سڌو ۽ فقير جمال الدين سندس

خدمت ڪندا هئا ۽ ڪانئس فيض حاصل ڪيائون. هن ۲۷ رمضان المبارڪ سنه ۱۰۲۷ هجري ۾ وفات ڪئي (۱).

## مولانا مصلح الدين جو مدرسو

مولانا مصلح الدين لاري نتوي، باسعادت عربي ۽ فارسي علمن جو وڏو ماهر هو. سندس مدرسي ۾ نتي جا عالم ۽ فاضل ڏکيون ۽ وڏيون عربي فارسي شرحون پڙهندا ۽ سکندا هئا. عربي علم جي فيض لاءِ سندس درسگاهه جو دروازو چارئي پهر عام ۽ خاص لاءِ کليل هوندو هو. سندس مڪتب ۾ مرزا شاهه حسين ارغون پڙهيو، انهي ڪري وقت جي حاڪمن وٽ سندس ڏاڍي عزت هوندي هئي. ايتري قدر جو شرعي قانون جا ڏکيا مسئلا ڪانئس پڇيا ويندا هئا. پاڻ علم جي هوڏ ۽ ڪوڏ ۾ وقت جي نزاڪت کان پنهنجو مٽ پاڻ هو. تعليم سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو شغل جاري رکيائين. شرح شمائل نبوي جا حاشيه، تفسير بيضاوي ۽ شرح فارسي، منطق ۽ ٻيا ڪيترا رسالا سندس علميت جي ساک پرين ٿا. هن ۹۷۸ھ ۾ نتي ۾ وفات ڪئي (۲).

سنڌ جي درسگاهن ۾ نه رڳو علومن جي تعليم ڏني ويندي هئي، پر خوش نويسي ۽ خطاطي به سيکاري ويندي هئي. چو ته ان دور ۾ ڇاپخانا نه هئا. علمي ڪتابن جي نقل لاءِ ڪاتبن جي به ضرورت هوندي هئي. ان ڪري ڪن خوشنويسن جو مختصر احوال هت ڏجي ٿو:

**حافظ رشيد خوشنويس:** ڄام نظام الدين ۽ ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ خوشنويسيءَ جي مهارت جو علمبردار هو ۽ مشهور ماڻهن ۾ شمار ٿيندو هو.

**سيد حسن خوشنويس:** ترخاني دور ۾ خوش نويسيءَ جي فن ۾ ماهر هو. سندس پٽ سيد محمد طاهر پڻ مشهور ستن

(۱) ماخوذ از هفته وار آزاد ڪراچي، ۲۰ اپريل ۱۹۵۳ع
(۲) تاريخ تمدن سنڌ، ص ۴۱۶.

قلمن جو جامع ۽ عوام ۾ مشهور ٿي گذريو. پڻس ۽ پٽ خوشنويسي جي فن ۾ ”هفت قلم“ جي لقب سان مشهور ٿي گذريا آهن.

**مخدوم الياس خوشنويس:** مخدوم محمد يوسف جو فرزند نستعليق ۽ نسخ جي خط ۾ وقت جو مشهور استاد هو. سيد علي جهڙا رشيد شاگرد وٽانئس بهرو پرائي فن جي ڪماليت کي پهتا.

**سيد رحمت الله:** سيد ابوالقاسم بيگلار جو فرزند خط نستعليق ۾ پنهنجي وقت اندر مشهور معروف ٿي گذريو.

**سيد علي:** هڪ ناليرو استاد، ڪامل مهارت جو مالڪ ۽ خوش نويسي جي فن ۾ جامع هو. سندس اڪثر شاگرد ڪمال کي رسيا آهن. سيد مهدي مرحوم جيڪو سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ آيو، سو بہ پنهنجي استاد وانگر خوشنويسي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.

**ميان شيخ محمد:** سيد علي جي ممتاز شاگردن مان هڪ هو. ستن ئي قلمن ۾ مشهور معروف هو. سندس پٽن مان شيخ ابوالفضل خوشنويسي ۾ مشهور ٿي گذريو.

**شيخ محمد پناهہ،** پڻ خوشنويسي جي ڪمالات جو جامع ۽ اڪثر خوشنويسن تي فوقيت رکندڙ هو.

**ملا عبدالرشيد:** اصل لاهري بندر جو رهاڪو هو. پنهنجي وقت اندر فقه، خطاطي ۽ شاعري ۾ ناليرو هو. مرزا غازي بيگ سندس صحبت ۽ شعر پسند ڪري، پنهنجي دربار ۾ رکيو، ۽ هن سندس دربار ۾ خطاطي توڙي شاعري جا خوب جوهر ڏيکاريا. انهيءَ ڪري کيس ”خاني“ جي خطاب سان سرفراز ڪيو.

**محمد مقيم:** ترخان دور ۾ خوش نويسي ۽ سخن جي ميدان ۾ مهارت جو جهنڊو بلند رکندو آيو، ۽ مرزا جاني بيگ

سان گڏ اڪبر بادشاهہ جي درٻار ۾ پهتو. مومل ۽ مينڌري جي عشق جو قصو ”ترنم عشق“ جي نالي سان لکي بادشاهہ کي پيش ڪيائين، جنهن ڪري ڪيس انعامن اڪرامن سان نوازيو ويو.

**ملا محمد صوفي:** مرزا غازي ”وقاري“ جي وقت جو عالم ۽ عربي خوش نويسي جي فن ۾ ماهر هو. گهڻو ڪري مشاعرن ۾ ٻهرو وٺندو هو. مرزا غازي جو وڏي ۾ وڏو عزت وارو نديم هو.

**مير طاهر محمد نسياني** بن سيد حسين قنڌاري شاعر، مورخ ۽ خوشنويس هو. سنہ ۱۰۳۰ھ/۱۶۲۱ع ۾ ”تاريخ طاهري“ ٺٽي ۾ تصنيف ڪيائين. منجهس مرزا غازي بيگ جي زماني تائين بيان ڏنل آهي. هن عمر ۽ مارئي جي قصي کي فارسي ۾ منظوم ڪيو، جنهن تي ”ناز و نياز“ نالو رکيائين. سيد جمال بن مير جلال الدين حسيني ”ترخان نامه“ تصنيف ڪيو، جنهن جو سال تصنيف ۵۵-۱۶۵۴ع آهي. مورخ ”تاريخ السند و الهند“ ۽ ”تاريخ طاهري“ تان روشني ورتي آهي.

**شجاع ٺٽوي** جو اصل وطن شيراز هو. خط نسخ ۽ ثلث ۾ ڪيس ڪمال حاصل هو. سنہ ۹۹۹ ھ ۾ ٺٽي ۾ عبدالرحيم خان خانان جي حاضري ۾ پيش ٿيو. خان خانان احمدآباد ۾ وڏو ڪتبخانو (دارالحڪمت) کوليو هو، جنهن جي انتظام لاءِ اهل فن مقرر ٿيل هئا. مثلاً ملا محمد امين جدول ساز، ملا عبدالرحيم عنبرين قلم، ملا مومن محمد، محمد حسين ڪامي، غني همداني وغيره. شجاع ٺٽوي ترقي ڪري ڪتبخاني مٿان اعليٰ عملدار مقرر ٿيو.

سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ سنڌ ۾ جيڪي به علمي ادارا هئا، تن جي نصاب ۾ قرائت، تفسير، حديث ۽ فقه شامل هئا. ازانسواءِ ٻاهرين اسلامي دنيا سان تعلقات استوار ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪتاب خراسان ۽ عجم ۾ لکجي چڪا هئا، تن کان سنڌي عالمن کي واقفيت هئي.

وقت جي تبديلي سان گڏ مدرسن جي نصاب خواهه تدريسي نظام ۾ ڦيرو ايندو ويو. تهذيب ۽ اخلاق جو سبق پڻ شاگردن جي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. ٻاهرين عالمن جي اچڻ ڪري ٻين علمن، جهڙوڪ اقليدس، منطق ۽ خوشنويسي جو رواج پيو. مير عبدالباقي تصوف جو ڄاڻو هو ۽ ساڳئي وقت علم فصوص جو به ماهر هو. ميرڪ عبدالرحمان علم هيئت ۽ حڪمت جو استاد هو (١). مخدوم فضل الله علمي زيور سان سينگاريل هو. سندس مدرسي ۾ علم دينيات جو درس جاري هو.

هن دور ۾ سنڌ جي ماڻهن علم القرآن، تفسير، حديث، فقه، منطق، خطاطي، رياضي، هيئت ۽ اقليدس جهڙن مروج علمن کان ڪافي واقفيت حاصل ڪرڻ سان گڏ چڱي دسترس پڻ حاصل ڪئي ۽ سنڌ ثقافتي تعلقات ٻاهرين اسلامي دنيا سان سڌا هئا.

# نصرپور

نصرپور جو شهر سمن جي اوائلي دور ۾ آباد ٿيو. سمن جي عروج واري وقت ۾ دهلي جو بادشاهه سلطان محمد تغلق سندس هڪ باغي سردار جي پويان گجرات مان ڪاهي سنڌ ۾ آيو ۽ ٺٽي جي آسپاس ٧٥٢ هه ۾ گذاري ويو. سندس وفات کان پوءِ فيروز شاهه تخت تي ويٺو، جيڪو پهرين صفر ٧٥٢ هه تي ٺٽي مان منزل ڪٺي دهلي پهتو. انهي سفر دوران ”ماڳري جي ڍنڍ“ تي منزل انداز ٿيو. خوشگوار ۽ سرسبز علائقو ڏسي انهي

(١) مولانا عبدالخالق جيلاني، جيڪو ملا مرزا جاني ۽ مير فتح الله شيرازي آزادالدوله جو قريبي عزيز هو، تنهن علم هيئت ۾ ميرڪ عبدالرحمان وٽ عبور حاصل ڪيو هو. ميرڪ عبدالرحمان عيدالفطر جي ڏينهن شهادت جو پيالو پيتو هو.

ڍنڍ جي ڪناري تي امير نصر جي مدد سان هڪ قلعو ٺهرايائين ۽ ڪيس هڪ هزار سوارن سان مقرر ڪيائين(۱). انهي امير نصر تان شهر تي "نصرپور" نالو پيو. آتي اڃا تائين هڪ قديم مسجد موجود آهي جيڪا "نصر واري مسجد" جي نالي سان مشهور آهي. نصرپور وٽان وهندڙ درياء جو نالو "ساگرو" هو.

ڄام سڪندر جي ڏينهن ۾ نصرپور جي حيثيت هڪ "قصبه" جي هئي ۽ ڄام سڪندر خود نصرپور (۲) آيو. سمن جي خاتمي بعد جڏهن شاه بيگ ارغون سنه ۹۲۸ هجري ۾ وفات ڪئي، ته سندس پٽ مرزا شاه حسن نصرپور ۾ ئي گاديءَ تي ويٺو. سنه ۹۴۲ هجري ۾ مرزا شاه حسن نصرپور مان ئي پوري فوجي تياري ڪري همايون بادشاه جي مدد لاءِ گجرات طرف روانو ٿيو. ان بعد پڻ بکر ۽ ٺٽي جي وچ ۾ نصرپور جي وڏي فوجي اهميت هئي، انهي ڪري جڏهن بکر جي حاڪم سلطان محمود خان، مرزا محمد باقي خلاف چڙهائي ڪئي ته سدو اچي "نصرپور جي قلعي" کي گهيرو ڪيائين. مرزا عيسيٰ ڪان پوءِ سندس پٽن مرزا محمد باقي ۽ مرزا جان بابا جو گاديءَ تان تڪرار ٿيو ۽ نصرپور جو علائقو مرزا جان بابا جي تصرف هيٺ رهيو.

ڏهين صدي هجري جي آخر ۾ مرزا جاني بيگ ترخان جي عهد ۾ شاه قاسم خان بيگلار عرف "خان زمان" نصرپور جو گورنر رهيو. ۱۰۰۱ هجري ۾ اڪبر بادشاه طرفان عبدالرحيم خان خانان، مرزا جاني بيگ سان نصرپور واري قلعي تي وڙهيو ۽ نصرپور اڪبر بادشاه جي هٿ هيٺ آئي.

۱۰۷۹ هجري ۾ درياء جو پاڻي شهر جي تباهي جو مکيه سبب بنيو ۽ درياء شاه پنهنجو رخ نصرپور وٽان ۱۱۷۲ هجري ۾ ڦيرايو. شاه محمود جي درگاه جي مسجد ۾ هڪ ڪتبو لڳل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اها شيخ عبدالرحيم ۱۰۹۵

(۱) تاريخ معصومي، ص ص ۴۹-۵۰
(۲) ايضاً، ص ۷۱

هجري ۾ ٺهرائي. ڪنهباٽين جي پاڙي ۾ ميان موسيٰ جي مسجد آهي، جنهن جو بنياد ١١٦٦ هجري ۾ رکيو ويو. شاه واهه جي الهندي طرف "مائي خيري واري مسجد" سڏجي ٿي. ٽالپرن جي دور جي "پاڻن واري مسجد" آهي.

مولانا مخدوم قاضي محمد اڪرم نصرپوري ٻارهين صدي هجري جو وڏو متشرع عالم، عابد ۽ بزرگ شخص هو. سندس تحريرون ڪن ڪتابن ۾ نقل ٿيل ملن ٿيون. قاضي محمد اڪرم جي تصنيفن مان "صحيح بخاري جي شرح" جو قلمي نسخو ولهيٽ جي مدرسي ۾ هو، جنهن کي اڌوهي کائي ڇڏيو. ان جو ٻيو ڪو به نسخو نظر نٿو اچي. باقي مخدوم محمد عثمان مٽيارن واري انهي شرح تان تلخيص ڪري مشڪواة شريف جي متن حاشيہ چاڙهيا آهن. اها تلخيص متن سميت وڏن ٻن جلدن ۾ لکيل آهي، جن مان هڪ جلد سنڌ يونيورسٽي جي مکيہ لئبرري ۾، ۽ ٻيو جلد مولانا محمد معروف صاحب مٽيارين واري وٽ موجود آهي. قاضي صاحب جو ٻيو ڪتاب "إمكان النظر" آهي، جيڪو اصول حديث ۾ آهي ۽ حافظ ابن حجر عسقلاني جي مشهور ڪتاب "شرح نخبة" جي شرح آهي.

قاضي محمد اڪرم کان اڳ ملا علي قاري به ساڳئي ڪتاب جي شرح لکي آهي، جا گهڻو اڳ ترڪيء ۾ شايع ٿي چڪي. پر قاضي محمد اڪرم جي شرح ان کان وڌيڪ محققانہ ۽ مفصل آهي ۽ گهڻين جاين تي ملا علي قاري جي شرح کي رد ڏنل آهن. هن ڪتاب جا دنيا ۾ ٽي قلمي نسخا مشهور آهن: هڪ جامع الازهر ۾، ٻيو پير جهنڊو لئبرري ۾، ۽ ٽيو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن وٽ موجود آهي. پير جهنڊي وارن جو نسخو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مطالعي هيٺ رهيو آهي ۽ هڪ جاء تي مخدوم صاحب جو حاشيہ سندس هٿ اکر لکيل موجود آهي. مولانا قاسمي صاحب جن وارو قلمي نسخو ١١١٨ هجري جو لکيل آهي ۽ ان جو ڪاتب مدينہ منوره جو آهي. مدينہ مان حاجي فقيرالله علوي

شڪارپوري انهي ڪتاب کي خريد ڪيو هو. ڪتاب جي منڍ ۾ حاجي صاحب جو اهڙو نوٽ سندس مهر سان موجود آهي ۽ هاڻي اهو ڪتاب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي زيرنگراني ڇپجي رهيو آهي. ٽيون ڪتاب "الحق المبين" جو ذڪر علامه محمد اڪرم پنهنجي ڪتاب "امڪان النظر" ۾ ڪيو آهي. اهو رسالو اسان کي هن وقت سنڌ جي ڪنهن به ڪتبخاني ۾ نظر نه آيو آهي.

شاه محمود معروف، سيد عبدالقادر جيلاني جو پوٽو هو. سندس مزار درياءَ جي ٻرين پر هئي، پر درياءَ جي پاڻ ڪري سندس نعش (خاڪ) اتان ڪڍي اورين پر ڪٺي آيا، جتي هينئر سندس درگاهه آهي. هن درگاهه جا متولي رضوي سادات آهن. مير علي شير قانع ٺٽوي جي ڏينهن ۾ مير محمد زمان رضوي درگاهه جو متولي ۽ گادي نشين هو. محمود شاهه جون ڪرامتون قديم الايام کان عيان آهن. شيخ ميرمحمد، شيخ صالح، شيخ الهڏنو، شيخ ابوطالب، شيخ سائين ڏنو ۽ شيخ طيب هن درگاه جا طالب ۽ مجاور هئا.

مولانا محمد عابد سنڌي پنهنجي ڪتاب "طوالع الانوار" ۾ پاڻ کي نصرپوري ڪري ڄاڻايو آهي. مولانا محمد عابد قاضين جي خاندان مان هو (١). انهي خاندان مان هڪ ٻيو وڏو عالم قاضي روح الله هو، جيڪو ساڳئي وقت هڪ درويش پڻ هو. مولوي محمد عالم (عالمائين جو ڏاڏو) هڪ برک عالم هو. هن گهراڻي مان مولانا عبدالحق عالماڻي مشهور هو، جنهن کي دهلي ۾ پڻ گهرايو ويو هو.

ترخانن جي دور ۾ شاهه قاسم خان عرف "خان زمان" (بيگلار نامي جو هيرو) ۽ ان بعد سندس پٽ ابوالقاسم سلطان، نصرپور جا گورنر ۽ وڏا علم دوست ٿي گذريا آهن. خاص طرح ابوالقاسم سلطان خود عالم، شاعر ۽ شاعرن جو وڏو قدردان هو.

(١) روزنامه مهراڻ، ٢٢ نومبر ١٩٥٩ع (سالگره نمبر)، "سنڌ جو مشهور جهونو شهر نصرپور".

ادراڪي بيگلاري ان وقت جو نالي‌رو فارسي شاعر هو، جنهن شاهه قاسم خان جي يادگار ۾ تاريخي ڪتاب "بيگلارنامو" لکيو ۽ ابوالقاسم سلطان لاءِ فارسي ۾ "چنيسر نامو" لکي ڏانهس منسوب ڪيائين.

## قاضي مسعود جي درسگاهه

قاضي مسعود قريشي عثماني، ظاهري توڙي باطني علم جو صاحب ۽ پنهنجي وقت جو وڏي ۾ وڏو عالم ۽ ولي ٿي گذريو آهي. نصرپور ۾ سندس قائم ڪيل مدرسي مان ڪيترا ئي طالب ۽ مريد فيض پرائي نڪتا. سندس پٽ حافظ حبيب‌الله ۽ پوٽو ميان عزت‌الله به علم ۽ ڪمال جا صاحب ٿي گذريا آهن.

قاضي مخدوم عبدالرحمان، هڪ وڏو عالم ۽ فاضل هو. شاهجهان جي ڏينهن کان وٺي عالمگير جي بادشاهي جي سموري عرصي تائين حرمين شريفين جي نذرن جو متولي هو. وقت جي حاڪم کان سندس خدمت جي شرط تي عمدي جاگير مليل هيس.

## مخدوم ميٺيدني جو مدرسو

مخدوم ميان ميٺيدني ٻارهين صدي هجري ۾ وڏو ڪامل ۽ فقه جي فن جو جامع، تيز ۽ متبحر عالم ٿي گذريو آهي. فقه جي علم ۾ گهڻن عالمن کان وڌيڪ ماهر هوندو هو. ڪيترا ئي ڏکيا شرعي مسئلا بنا ڪنهن هٻڪ ۽ رنڊڪ جي حل ڪري ڇڏيندو هو. سندس مدرسي مان ڪيترا ئي علم جا شائق پروانا پڙهي نڪتا. علمي لياقتن سان گڏ سيني ڪمالتن ۾ خلق الله ۾ مشهور سالڪ ٿي گذريو آهي.

# درٻيلو

درٻيلو، تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوابشاهه ۾ واقع آهي. درٻيلو انهي ڪري ٿو سڏجي جو شهر جي پرسان ڪيترا ئي ٻيلا آهن، جن مان پٺون، ڪمال ديرو ۽ مٽيٽ مشهور آهن. درٻيلي کي "ڏيرو" به سڏيو ويندو آهي.

درٻيلو، ٺٽي، بکر، سيوستان ۽ سنڌ جي ٻين شهرن وانگر علمي ۽ ادبي مرڪز هو. درٻيلي جي عالمن جو ڏاڪو نه فقط سنڌ تائين محدود هو، پر انهن کان گجرات ۽ دکن جا ماڻهو پڻ واقف هئا. اتي جا ماڻهو ڏورانهين پنڌ تان ڪهي درٻيلي جي درسگاهن مان علمي فيض پرائي ويا.

## قاضي عثمان جي درسگاهه

مخدوم قاضي شيخ عثمان درٻيلي جي هڪ متبرڪ هستي ديني توڙي دنيوي علمن کان واقف هو. ماڻهن جي ظاهري توڙي باطني رهبري ڪندو هو. پنهنجي وقت جو جيد عالم، متقي، بزرگ ۽ مجدد ٿي گذريو. سندس وڏا عرب جي قريشي قبيلي مان هئا. مخدوم صاحب علم تفسير، فقه ۽ حديث جو صاحب هو. سندس مسجد جي پرسان حجري ۾ ديني مدرسو هو. پاڻ ان ۾ درس تدريس جو ڪم ڪندو هو. سندس مدرسي ۾ هر وقت فاضلن ۽ طالبن جي وڏي جماعت رهندي هئي. مخدوم صاحب ۱۰۰۲ هجري ۾ وفات ڪئي، سندس مزار درٻيلي ۾ آهي(۱).

## شيخ متقي جو مدرسو

شيخ عبدالله متقي بن مولانا سعد درٻيلوي وڏو جيد عالم هو. علم تفسير ۽ علم حديث ۾ يگانه عصر هو. سندس علميت جو پڙاڏو پري پري تائين ٻڌڻ ۾ آيو (۲). شيخ صاحب سنڌ جي علمي ڪاڻ جو چمڪندڙ هيرو هو. ڪيس پنهنجو مدرسو هو، جنهن ۾ بعض اوقات مباحثا ۽ مناظرا به ٿيندا هئا. هن ارغونن جي هٿان سنڌ فتح ڪرڻ سبب سنه ۹۴۷هه/ ۱۵۴۱ع ۾ گجرات ڏانهن هجرت ڪئي. اوائل ۾ احمد آباد ۾ درس جاري ڪري چڱو نالو ڪڍيو. سندس علمي درس مان شيخ بهاول دهلوي محدث، حديث جي فن ۾ تحصيل

(۱) تاريخ معصومي، ص ۲۴۰؛ تحفة الڪرام، ج ۳، ص ۲۴۷؛ ۽ ذخيرة الخوانين، ج اول، ص ۲۰۸

(۲) قريشي حامد علي خاناڻي، سماهي مهراڻ، جلد چوٿون، ۱۹۷۰ع، ص ۱۳۲

ڪئي. گجرات واري زماني ۾ قاضي عبدالله جي صحبت ۾ به رهيو. بعد ۾ قاضي قاضن سان مديني منوره ۾ ملاقات ڪئي هئائين ۽ وفات به اتي ئي ڪيائين.

قاضي ابراهيم دربيلوي هڪ وڏو عالم، پرهيزگار، سلوڪ ۽ رضا جي رستي جو سالڪ ٿي گذريو آهي. هن دربيلوي ۾ مخدومن جي قائم ڪيل درسگاهن ۽ مدرسن ۾ ديني تعليم زور شور سان ڏني، جتان ڪيترا ئي سندس طالب تعليم جو فيض پرائي ويا. ازانسواءِ سندس سپوٽ پٽ قاضي عبدالله به وٽس تعليم حاصل ڪئي هئي.

قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم به علم جي ڪري هنڌين ماڳين مشهور هو. پنهنجي والد قاضي ابراهيم ۽ مخدوم عبدالعزيز ابهري جو شاگرد هو (١). شاهه بيگ ارغون جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد باغبان ۽ روات ۾ وڃي رهيو. ٩٣٤ هجري ۾ لڏي گجرات هليو ويو، جتي به درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. آخري عمر ۾ مڪي شريف ۾ وڃي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين (٢). سندس شاگردن مان شيخ صالح، شيخ رحمت‌الله ۽ شيخ حميد مشهور عالم ٿي گذريا آهن.

شيخ رحمت‌الله بن قاضي عبدالله دربيلوي ڪي پنهنجي پيءُ وانگر ساڳيو درسگاهه هوندو هو، جتي ڪيئون دين جا پروانا ۽ متوالا، قرآن، حديث، فقه ۽ تفسير جي حصول لاءِ ايندا هئا. هو پنهنجي دور جو وڏو جيد عالم هو. ”مناسڪ الحج“ تي سندس ٻه رسالا يادگار آهن، جي اڻ لڀ ڪتابن ۾ شمار ڪيا وڃن ٿا. مديني پاڪ ۾ قاضي قاضن سان سندس صحبت ڪئي هئي. ”المنسڪ المتوسط“ نالي سندس عربي ۾ هڪ رسالو آهي، جنهن جي شرح ملا علي

(١) ڪتاب النور السافر في اخبار القرن العاشر، ص ٣٥٧

(٢) مرزا قليچ بيگ، تاريخ قديم سنڌ، ص ٣٤٤؛ تاريخ معصومي، ص ص ٢٠٢-٢٠٤؛ ۽ اخبار الاخيار، ص ٢٨٠

قاري لکي آهي (١). ١٢ محرم ٩٩٣ هجري ۾ مکي پاڪ ۾ وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفنايل آهي.

شيخ حميد، شيخ رحمت الله جو پاءُ ۽ قاضي عبدالله جو پٽ هو. ديني علوم پنهنجي پاءُ ۽ پيءُ کان پرايائين. فن حديث ۽ تفسير ۾ وڏي دسترس جو مالڪ هو. دربيلي ۾ سندس ديني مدرسو هو، پر پوءِ اهو ڇڏي گجرات هليو ويو ۽ اتي به مدرسو قائم ڪيائين. خان اعظم ڪوڪه سان گڏجي مڪي شريف ويو ۽ اتي علم حديث جو درس جاري رکيائين. "خلاصة الاثر في اعيان القرن الحادي عشر" ۾ به سندس ذڪر آيل آهي. کيس عربي شاعري تي به عبور حاصل هو. سنه ١٠٠٩ هجري ۾ ذوي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. کيس پاءُ جي پرسان دفنايو ويو (٢).

مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي تصنيف مقالات الشعراء ۾ دربيلي جي ڪيترن ئي مشهور اديبن ۽ شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان محمد فاروق "آرزو"، فقير محمد "سائل"، محمد عاقل "نادان" ۽ "سالار" قابل ذڪر آهن.

(١) النور السافر في اخبار القرن العاشر، ص ٣٤٠؛ تحفة الڪرام، ج ٽيون، ص ٣٦٠؛ ۽ شيخ محمد اڪرم، رود ڪوثر، ص ص ٣٠٩-٣٠٧
(٢) النور السافر في اخبار القرن العاشر، ص ص ٣٤٠-٣٤١

# ٻاب اڏون

## (ڪلهوڙن جو دور سنه ١٥٩٢ع کان ١٧٨٣ع)

### سنڌ ۾ مذهبي تعليم جي عروج جو زمانو

ترخانن جي خاتمي کان پوءِ سنڌ تي مغل بادشاهن جي ٻاران گورنر مقرر ٿي ايندا هئا. ان وقت سنڌ ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. هڪ ٻکر سرڪار ۽ ٻيو ٺٽو سرڪار، ۽ ٻنهي حصن تي جدا جدا نواب مقرر هئا ٺٽي جا نواب گهڻي قدر علم پرور، نڪته دان ۽ قدردان هئا، جنهن ڪري عالمن، استادن، اديبن ۽ شاعرن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. ان دور ۾ به هن شهر ۾ گهڻيئي کان ٻاهر علمي ادارا هئا، جن ۾ جدا جدا علمن ۽ فنن جي تعليم ڏني ويندي هئي.

ڪلهوڙن جو دور علميت ڪري تمام گهڻو مشهور آهي. نه فقط سنڌ جي خوشحالي جو دور هو، پر علم ۽ فضل جي لحاظ کان ٻن درخشان زمانو هو. ڪلهوڙا خاندان جا ٻيروني ۽ ٻين اسلامي ملڪن سان سڌا لاڳاپا هئا. دنيا جي عالمن جي اچ وڃ تمام گهڻي هئي. کنڀات ۽ سورت جا بندر مقدس مقامات ڏانهن وڏيڪ ويجها هئا ۽ آمدرفت جي لحاظ کان سهوليت وارا هئا. مڪي شريف ۽ مديني منور جون درسگاهون سنڌ جي عالمن لاءِ هميشه کليل هيون. فقه، تفسير، حديث، منطق، شاعري، حڪمت، تاريخ، مصوري، هيئت ۽ ٻين ڪافي ترقي ڪئي. ايران جي چوٽي جي شاعرن، سنڌ جي نوابن جي سخن سنجي جي واڪاڻ ٻڌي سنڌ ۾ ديرو ڄمايو. شيخ جزين، سرمد سرمست ۽ طالب آملي به ڀهريائين

سنڌ ۾ پهتا، پوءِ گجرات ۽ دکن ڏانهن ويا. ان دور ۾ جونپور، احمد آباد، دهلي، لاهور، سيالڪوٽ، ملتان ۽ ٺٽو ديني علوم جي اشاعت جا اهم ۽ مکيه مرڪز هئا(۱).

سمرقند ۽ ايران جي ڪن عالمن جي اچڻ ڪري علم منطق ۽ فلسفي جو رواج عام ٿيو. مير فتح الله شيرازي، جنهن کي اڪبر بادشاهه عضدالدوله جي خطاب سان نوازيو هو، تنهن جلال الدين دواني، مير صدرالدين، مير غياث الدين منصور ۽ مرزا جان مير جا ڪتاب برصغير پاڪ و هند ۾ رائج ڪرايا ۽ سنڌ جي مدرسن ۾ پڻ اهوئي نصاب رائج ٿيو (۲).

ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جا شاگرد علمي تحصيل ڪرڻ لاءِ پنهنجي قابل ۽ ڪامل استادن سان گڏ مڪي ۽ مديني پاڪ وڃڻ لڳا. نوابن جي سرپرستي هيٺ سنسڪرت، عربي، ترڪي ۽ يوناني ٻولين جي ادبي شاهڪارن جو فارسي ۾ ترجمو ٿيو. فن طبابت کي مدرسن جي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو.

سيد عبدالرزاق، نواب اميرخاني جي دور ۾ جملي علمن جو جامع ٿي گذريو آهي. نواب اميرالدين خان بن سيد ابوالمڪارم ۱۲۱۲ هجري ۾ ٺٽي جو نواب مقرر ٿي آيو. بلند پايه جو مصنف ۽ عالمن جو قدردان هو. رشحات الفنون، معلومة الافاق جي نالي معياري ڪتاب تصنيف ڪيائين. سڄي سنڌ ۾ عوام جي فلاح ۽ بهبود لاءِ مسجدون، حوض ۽ درسگاهه تعمير ٿيا.

شيخ عمر ٺٽوي وقت جو وڏو عالم هو، جنهن وٽ شيخ ڪبير ناگوري باطني علم پڙهيو. شيخ عمر ٻن ڏينهن ۾ گجرات ۾ وڃي رهيو. خواجه عبيدالله احرار، خطيب ابوالفضل گازروني ۽ مولانا جلال الدين دواني سندس همعمر هئا. (۱)

ڪلهوڙا پنهنجو نسب حضرت عباس رض، کان ڇڪين ٿا.

(۱) مولانا شيدائي، جنت السند، ص ۵۲۱

(۲) مير غلام علي آزاد، خزانه عامره، ص ص ۱۲۲-۱۶۵

(۳) مولوي ذڪاءَ الله، تاريخ هند، ص ۵۷

هن گهراڻي جو هڪ وڏو بزرگ ميان ''اوڍاڻي'' نالي ڪيچ مڪران ۾ پير طريقت هو، ۽ گهڻا ماڻهو سندس معتقد هئا. پوءِ سندس اولاد سنڌ ۾ رهيو. ان بعد گهڻي عرصي تائين سندس اولاد مان ڪو به ناليرو ماڻهو پيدا نه ٿيو. آخر ڏائين پيڙهي کان پوءِ آدم شاهه بن ميان ڪچن بن صاحب بن ميان خان بن طاهر بن ميان راڏو بن ميان شاهه محمد عرف شاهم بن ميان ابراهيم بن ميان محمد بن ڄام چنيه، شيخ الياس لنگراچ ۽ شيخ ابوبڪر جتوئي جي واسطي سان، حقيقت جو ڪامل مظهر، دائمي معرفت جو بنياد رکندڙ، سيد محمد عرف ميران مهدي جونپوري، ارشاد جي گادي روشن ڪري، سري جي سير ڪرڻ کان پوءِ تعلقي چانڊڪي جي هٽڙي ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو. نواب عبدالرحيم خان خانان، ميان آدم شاهه وٽ دعا گهرڻ آيو ۽ نذرانو پيش ڪيائين (١).

ميان اوڍاڻي جي پوٽي چنيه (جونيا) پنهنجي مريدن سميت مڪران کان نڪري، ڪنيات ۾ سڪونت ڪئي. پوءِ روهڙي تعلقي جي ڳوٺ پرياله وٽ چنيه پيلي ۾ ڪجهه وقت رهيو هو. سنه ١٢٢٠ع ۾ ڪنيات جي سانڪره ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين(٢).

ميان آدم شاهه پنهنجي وقت جو سنڌ ۾ وڏو درويش عالم ۽ مدرس هو. ملتان جي سهروردي مشائخن سان سندس دوستانه رستو هو. ملتان جو ڪوتوال آقا شاهه محمد سندس مريد هو.

(١) رچرڊ برٽن لکي ٿو ته ''ڪلهوڙا اصل لومسلم چنا قوم مان هئا، جي پوءِ زور وٺي پاڻ کي عباسي سڏائڻ لڳا. وٽن شجرو ڪونه هو ۽ نه وري وقت جا علماءَ سندن شجرو ٺاهي سگهيا. سنڌ ۾ هڪڙو عباسي بزرگ مهرا خطيب نالي رهندو هو، جنهن وٽ پٽل جي تختي تي سندس شجرو لکيل هو. ڪلهوڙن سندس ڳوٺ ساڙائي ۽ سندس مريدن کي مارائي، تختي هٿ ڪئي ۽ ان موجب پنهنجو شجرو ٺاهي پاڻ کي عباسي سڏائڻ شروع ڪيو. انگريزي دور ۾ هندستان جي آدمشماري جي رپورٽ ۾ ڪلهوڙن کي چاسوٽ شمار ڪيو ويندو هو.

(٢) تحفة الڪرام، جلد ٣، ص ص ١٠٢-١٠٣

سندس مرڻ ڪان وصيت موجب سندس جنازي کي ٺٽي جي لڳ الهندي ٽڪر تي دفنايو. اها ٽڪري اڄ تائين آدم شاهه جي نالي سان سڏجي ٿي ۽ عام زيارتگاهه آهي (١).

ميان آدم شاهه کان پوءِ سندس پٽ ميان دائود پيءُ جي گادي وسائي. هن ڪو خاص ڪارنامو انجام نه ڏنو پر سندس پٽ ميان الياس طالبن ۽ مريدن ۾ گهڻو مقبول هو. سندس مقبرو ڏوڪري تعلقي ۾ انڙ آباد جي ويجهو آهي.

ميان يار محمد ڪلهوڙو ١١١٢ھ/١٧٠٠ع – ١١٣١ھ/١٧١٨ع تائين خدا يار خان جي لقب سان تخت تي ويٺو. دادو کان ستن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ طرف خدا آباد شهر ٻڌائين، جيڪو ١٧٠١ع کان ١٧٦٨ع تائين ڪلهوڙن جو تختگاهه ٿي رهيو. هن شهر جا قديم نشان ڏيڍ سؤ ايڪڙن ۾ آهن. ميان يار محمد جي يادگارن مان آتي هڪڙي مسجد سالم بيٺل آهي، ٻيو سندس مقبرو خدا آباد کان هڪ ميل جي فاصلي تي آهي. اهي ٻئي يادگار ميان يار محمد پنهنجي جيئري ٺهرايا. ڪلهوڙن سنڌ تي ١١٩٦ھ/١٧٨٣ع تائين حڪومت ڪئي.

ڪلهوڙن جو دور مذهبي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ هڪ سونهري دور شمار ڪيو وڃي ٿو. عربي ۽ فارسي جو تمام گهڻو عروج هو. تصنيف ۽ تاليف، درس ۽ تدريس جو سمورو ڪم عربي ۽ فارسي ۾ ٿيندو هو. سمن جي صاحبي کان پوءِ فارسي سنڌ جي سرڪاري زبان هئي، ليڪن سنڌي ٻوليءَ ۾ درس تدريس جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي، تنهنڪري ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم ابوالحسن سنڌي ٻولي جو رسم الخط ايجاد ڪيو ۽ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ جي باقاعدي شروعات ٿي (٢).

(١) رحيمداد شيدائي، جنت السنڌ، ص ٢٤٩

(٢) محمد صديق ميمڻ، سنڌي ادبي تاريخ، جلد اول، ١٩٣٧ع، ص ١١٣ مخدوم ابوالحسن ١٧٠٠ع ۾ سنڌي رسم الخط ۾ مقدمة الصلواة ڏکي نظم جي صورت ۾ ڪتاب لکيو.

سيڪنهن مدرسي کي پنهنجو عاليشان ڪتبخانو هو. اڳ ۾ مدرسا مسجدن جي حجرن ۾ هوندا هئا، پر ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ مدرسن جون الڳ جايون ٺهرايون ويون. پڙهائيءَ جو طريقو اهو ساڳيو ئي رهيو، پر استادن جي تعداد ۾ ڪافي اضافو ڪيو ويو.

ٺٽو وڏو شهر هو ۽ صدين کان تمدن، تهذيب، صنعت و حرفت، تجارت ۽ تعليم جو مرڪز ٿي رهيو آهي. هيملٽن جي زماني ۾ ٺٽي ۾ چار سٺو درسگاهه هئا، پر انهي مان اهو تاثر وٺڻ نه گهرجي ته سنڌ جا باقي حصا درسگاهن کان خالي هئا. بکر، سکر، روهڙي، الور، سيوي، کهڙا، سيوستان، دشت باران، پڪا ڪاتيار، بوبڪان، هالا ڪندي، خانوٽ، جهيجا، انڙ پور، ڪپرو، نصرپور، اگهم ڪوٽ، ولهار، بلڙي، ڪڪراله، مٽياري، اميرون ڪوٽ، سونڊا، لاهري، ٺٽو، شڪارپور، پريالوءِ، ڪاهان، سن وغيره جا شهر علم ۽ فضل جي درسگاهن سان ٽمٽار هئا (١).

مغلن جي ڏينهن ۾ سنڌي ماڻهو جلد سازي، جدول سازي، نقاشي ۽ فن مصوري کان وڌيڪ واقف ٿيا. ٺٽي ۾ شيراز جا بعض علماءَ رهندا هئا، جيڪي خط نسخ ۽ خط نستعليق کان واقف هئا. مدرسن ۽ درسگاهن کي وڏا وڏا ڪتبخانا هئا، انهن سان گڏ مصوري ۽ ڪتابن تي طلاڪاري جو رواج پيو. امير ۽ شاهوڪار ماڻهو خوشنويسن کان ڪتاب لکائيندا هئا.

جيئن ته مغلن جي دور ۾ فن عمارت سازي پڻ ترقي ڪئي، تنهنڪري سنڌ ۾ به عمارتن، مسجدن، خانقاهن ۽ درسگاهن جي تعمير سهڻي نموني سان ۽ ايراني طرز تي ٿيڻ لڳي. انگريزي دور ۾ انهن مان بعض عمارتون محڪمه آثار قديم جي نگراني هيٺ رهيون (٢).

(١) غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا عهد) حصو پهريون، ص ٩٨٠

(٢) سنه ١٨٧٠ع ۾ برٽش حڪومت هندستان ۾ آثار قديم جو کاتو کوليو، سنه ١٨٧٨ع ۾ لارڊ لٽن گورنر جنرل پوڻا چار لک روپيا انهي (هلنڊڙ)

## نواب سعدالله خان بکري جي مسجد وارو مدرسو

بکر جي قلعي جي اتر ۾ خواجه خضر واري خانقاه نواب کشلو خان تعمير ڪرائي هئي. سندس اولاهين ڪنڊ تي هڪ شڪسته حالت ۾ مسجد آهي، جيڪا نواب سعدالله خان بکر واري ۱۰۱۱ هه ۾ جوڙائي، جنهن ۾ مدرسو پڻ قائم هو. انهي مدرسي ۾ قرآن شريف، حديث ۽ فقه سان گڏ ٻيو دنيوي علم پڻ پڙهايو ويندو هو.

روهڙي، سنڌ جو قديم برڪت ڀريو، عالمن، بزرگن ۽ درويشن جو شهر سنه ۱۲۹۷ع ۾ جڙيل آهي. هتي جي جامع مسجد، جيڪا وار مبارڪ پرسان پرفضا هنڌ تي آهي، سا اڪبر بادشاهه جي نواب فتح خان سنه ۹۹۲ هه ۾ تعمير ڪرائي هئي. اتي به پري پري جا طالبو تعليم سان مخمور ٿيا.

## نواب سيد ديندار خان جو مدرسو

سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جو مقبرو پهرياڻين سلطان فيروز شاه تعمير ڪرايو، جنهن کي پوءِ مرزا جاني بيگ وڌايو. ان بعد امير تيمور جي زماني ۾ نواب ديندار خان مسجدون تعمير ڪرايون، جن ۾ قرآن شريف جي درس تدريس ۽ ورد جاري هو. ساڳئي نواب سنه ۱۰۴۲ هه ۾ شيخ ڇٽي امرائي جي مقبري تي گنبذ تعمير ڪرايو.

## ٺٽي جي شاهجهاني مسجد جو مدرسو

ساري سنڌ اندر آثار قديم جي نظرن ۾ ٺٽي کي جيڪا اهميت آهي سا ٻئي ڪنهن به شهر کي حاصل نه آهي. هتي جي

ڪاتي جي خرچ لاءِ منظور ڪيا. لارڊ ڪرزن تاريخي عمارتن جي حفاظت لاءِ "Ancrient Nonumonts Proscrvation Act" سان گڏ هن ڪاتي مٿان هڪ Director General مقرر ڪيو.

The Indian Year Book 1941-42 Vol: XXVIII, CHP. Archeology Bombay.

جامع مسجد شاهجهاني مغلين جو نمونو آهي. مسجد جي ڇت ۾ ڪل ايڪانوي وڏا گنبذ آهن. ”لب تاريخ“ جي مصنف جو چوڻ آهي ته هن مسجد جو ڪم مير ابوالبقا امير خان ولد نواب ابوالقاسم بکري شاهجهان جي حڪم سان ١٠٥٤ھ ۾ شروع ڪرايو ۽ مسجد جي تڪميل ١٠٦٨ھ ۾ ٿي. انهي مسجد ۾ حڪومت طرفان جامع درسگاهه قائم هو، جتي ولايتن جا شاگرد پڙهندا هئا. اسلامي دنيا جا مڃيل جيد عالم پڙهائيندا هئا.

ٺٽي جي بازار جي مهڙ ۾ مسجد ظفر خان، جيڪا مسجد خضر حيات سڏجي ٿي. دراصل سنه ١٠٢٢ھ ۾ جهانگير جي زماني ۾ مير عبدالرزاق حسيني المعموري تعمير ڪرائي، جنهن ۾ مرزا رستم صفوي ٺٽي جي نواب پاران هڪ وڏو مدرسو قائم هو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ تعليم جي نظام کي ٽن گروپن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (١) هڪڙا اهي بزرگ، جيڪي نيڪ ۽ روحانيت جا صاحب هئا. اهي پنهنجن طالبن، مريدن ۽ عقيدتمندن کي خانقاهن اندر اسلام جي تبليغ وسيلي روحانيت جو سبق ڏيندا هئا. (٢) ٻيا اهي عالم جيڪي وقت جا قاضي هئا. اهي پنهنجن گهرن ۾ تعليم ڏيڻ جو ڪم ڪندا هئا. (٣) ٽئين قسم جا اهي فاضل ۽ عالم، جيڪي باقاعدي مدرسن ۾ مختلف علمن جو درس ڏيندا هئا. مدرسن جو نصاب پڻ علمي سلسلن جي نمائندگي ڪندو هو: (الف) سمرقندي ڪورس (ب) سيالڪوٽي ڪورس (ث) درس نظامي.

سنه ١١٨٢ع ۾ جڏهن محمد غوري سنڌ تي حملو ڪيو ۽ لاڙ واري ڀاڱي تي قبضو ڪيو هئائين، ان زماني ۾ سنڌ اندر جيڪي اسلامي درسگاهه هئا، تن ۾ نصاب سمرقندي رائج ڪيو ويو. هن نصاب ۾ حنفي فقه تي گهڻو زور ڏنو ويندو هو. حديث، علم منطق ۽ فلسفي ڏانهن ايترو ڌيان نه ڏنو ويندو هو. مغلن جي زماني ۾ پنجاب جي مشهور شهر سيالڪوٽ ۾ هڪ وڏو عالم ۽ بزرگ مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي پيدا ٿيو، جنهن

سمرقندي نصاب ۾ ڪجهه ڦيرو آندو هو. منطق ۽ فلسفي تي زياده زور ڏنو ويو. ان ساڳئي دور ۾ علامه نظام الدين سيهالوي پوءِ پي ۾ آيو. هن بزرگ پڻ نصاب سمرقندي ۾ ڦيرو آڻي درس نظامي رائج ڪيو (۱).

(۱) درس نظامي، نظام الملڪ ملا نصيرالدين طوسي جو وضع ڪيل آهي، جيڪو بغداد جي مدرسه نظاميه لاءِ تيار ڪيو هو. بغداد جو مدرسو نظاميه ۱۰ ذوالقعد ۴۵۷ ﻫ/۱۰۶۴ع ۾ قائم ٿيو. طوسي هن دارالحڪومت لاءِ پڻ لک دينارن جي رقم بطور امداد طور ڏني. دارالعلوم ۾ هڪ ئي وقت ڇهه هزار شاگرد تعليم حاصل ڪندا هئا. علامه ابو اسحاق شيرازي مدرسي جو صدر اعظم هو. شاگردن لاءِ نقد وظيفا ۽ استادن لاءِ معقول رقم مقرر ٿيل هئي (مولانا شبلي، اسلامي مدارس، ص ص ۴۴۹-۴۵۰). طوسي جي وضع ڪيل نصاب ۾ سڀ کان وڏيڪ اضافو سڪندر لوڌي جي دور ۾ شيخ عزيزالله ۽ شيخ عبدالله ڪيو. هنن ٻنهي عالمن قاضي عبدالملڪ جون تصانيف، مطالع، مواقف ۽ سڪاڪي جي مفتاح العلوم کي نصاب ۾ داخل ڪيو. علامه بدايوني جي قول مطابق ته علم منطق کي هند و پاڪ ۾ انهن ماڻهن جي وجود سان فروغ حاصل ٿيو. ان کان پوءِ مير سيد شريف جرجاني رحه جي شاگرد علامه تفتازاني جي شاگردن پنهنجي استادن جي شرح کي نصاب ۾ داخل ڪيو (هندستان جا قديم درسگاهه، ص ص ۹۳-۹۵). اڪبري زماني ۾ عضدالملڪ مولانا فتح الله شيرازي نصاب ۾ وڏيڪ اضافو ڪيو، ۽ عالمن ان کي خوشي سان قبول ڪيو. عالمگيري دور ۾ شاهه ولي الله (المتوفي ۱۱۷۳ ﻫ/۱۷۶۰ع) ان ۾ ڪافي ترميمون آنديون ۽ انهن کي الجزءاللطيف ۾ لکيو آهي. ملا نظام الدين سيهالوي (المتوفي ۱۱۶۱ ﻫ/۱۷۴۷ع) جي مرتب ڪيل نصاب کي مدرسه نظاميه فرنگي محلي لکنوي ۽ هند و پاڪ جي سڀني ديني مدرسن ۾ قبول ڪيو ويو. هن ۾ سڀ کان اول مولانا محمد قطب الدين عبد الوي فرنگي محلي ۾ ڪافي اصلاح آندي. اهو ساڳيو درس نظامي معمولي تبديلي کان دارالعلوم ديوبند توڙي هند و پاڪ جي سڀني عربي مدرسن ۾ رائج ٿيو.

آن زماني ۾ عربي مدرسا ٻن نمونن ۾ ورهايل هئا: پهريون قسم انهن مدرسن جو هو جيڪي سومرن، سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ به ڪجهه بدليل هئا ۽ اهي ئي مدرسا ڪلهوڙن جي صاحبي توڙي ٽالپرن جي دور ۾ به قائم رهيا. مدرسا ڪن خاص نالن جي بدران فقط "عربي مدرسا" ڪري سڏيا ويندا هئا. الڳ الڳ نالن جو رواج برطانيہ جي دور جي پيداوار آهي، جن جو ذڪر ايندڙ باب ۾ ڪنداسون. تنهنڪري هتي مدرسن ۽ درسگاهن جو ذڪر عالمن جي نالن سان ئي ڪجي ٿو.

## شيخ عمر جو مدرسو

شيخ عمر ٺٽوي پنهنجي وقت جو وڏو عالم ٿي گذريو آهي. شيخ مبارڪ ناگوري ڪانئس علم باطني ۽ ظاهري پڙهيو هو، ۽ سندس ئي چوڻ تي دنيا جي سياحت ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪيو هئائين. شيخ عمر پنهنجي زندگيءَ جو اوائلي دور ٺٽي ۾ درس ۽ تدريس ۾ گذاريو (١). ان بعد پويان ڏينهن گجرات ۾ وڃي رهيو، جتي خواجہ عبدالله احرار، خطيب الفضل گازروني ۽ مولانا جلال‌الدين دواني سندس همعصر هئا (٢). مرزا عبدالرحيم خان خانان جي علم پروري ۽ شعراء نوازي گهڻن ئي بزرگن کي گجرات ڏانهن ڇڪي ورتي ورتي، مولانا عمر به انهن مان هڪ هو. سندس وفات ڏهين صدي هجري جي آخر ۾ ٿي.

## ملا احمد شاهي استاد ۽ سندس درسگاهہ

ملا احمد بن نصرالله ٺٽوي السندي اصل شيرازي ملن مان هو ۽ حڪيم فتح‌الله شيرازي جي سفارش سان فتح‌پور (سڪري) واري اڪبري علمي مجلس ۽ علمائن جي زمري ۾

(١) مولوي ذڪاءالله، تاريخ هند، جلد پنجون

(٢) مولوي حڪيم عبدالحي، يادِ ايام، ذڪر گجرات جا علماء

شامل ٿيو. ملا احمد شهنشاهه جي حڪم سان ٻن مهينن اندر ياقوت حموي جي ”معجم البلدان“ جي ٻن سون جلدن مان ٻارهن جلدن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. ان بعد شهنشاهه اڪبر جي حڪم سان اسلام جي هزار ورهين جي ”تاريخ الفي“ تصنيف ڪئي، جنهن جا بعض جلد رامپور جي شاهي ڪتبخاني ۾ موجود آهن. هن ڪتاب جو ديباچو شيخ ابوالفضل جو لکيل آهي.

ملا احمد، شاهي محل ۾ شهزادن ۽ اميرزادن کي به ديني تعليم سان گڏ دنيوي ۽ اخلاقي تربيت ڏني، انهي ڪري اڪبري دربار ۾ کيس شاهي استاد جي لقب سان سڏيندا هئا ۽ سندس وڏي عزت ڪندا هئا. هندستان جي تاريخ جو مصنف، حڪيم محمدقاسم بن مولانا غلام علي استرآبادي، جنهن جي ”تاريخ فرشته“ هن وقت مورخن لاءِ سند آهي، سو ملا احمد جو شاگرد هو (۱).

”تاريخ الفي“ کان سواءِ ملا احمد، ايران جي شاعر خيام جي ٻن رسالن ”لوازم المنڪنة“ ۽ ”ميزان الحڪيم“ جو محققانه انداز ۾ تفسير ۽ تبصرو ڪيو. عيسوي ۱۹ صدي جي آخر ۽ ويهين صدي جي شروعات ۾ يورپ جا مستشرق جيڪي عمر خيام جي شخصيت جي ڳولا ڪرڻ نڪتا، تن مان روسي مستشرق والنتائين زڪووسڪي، فرينچ محقق هوتسمان، ايڊورڊ براڻون ۽ ڊاڪٽر ڊينسيسن راس جهڙن اديبن کي به ”تاريخ الفي“ جي ڳولا ڪرڻي پيئي. سنه ۱۹۰۶ع ۾ پروفيسر براڻون تاريخ ”ادبيات ايران“ تصنيف ڪرڻ وقت ”تاريخ الفي“ تان مدد ورتي. ملا احمد رافضي عقيدي جو هو، تنهن ڪري اڪبري دربار جا بعض علماءَ ساڻس اندروني دشمني رکندا هئا. آخرڪار ٻارهين صدي هجري جي پهرئين ڏهي ۾، هڪ رات مرزا فولاد برلاس هٿان سنڌ جو هيءُ درخشان ستارو هميشه لاءِ غروب ٿي ويو. مرزا فولاد به مٿئين ڏوهه ۾ اڪبر بادشاهه جي حڪم سان مارجي ويو.

(۱) مولانا حڪيم محمدقاسم، تاريخ فرشته، جلد ۲ (اردو ترجمو)، ص ۳۷۹

شيخ مبارڪ ناگوري سنڌي عربي نسل مان هو. سندس عربي خاندان جو جد اعليٰ شيخ موسيٰ سياحت جي ارادي سان پنهنجي وطن يمن کان گهمندو ڦرندو سنڌ جي ريل پرڳڻي ۾ پهتو، جتي هن شادي ڪئي، جنهن مان سنه ٩١١هه ۾ شيخ مبارڪ ڄائو. شيخ مبارڪ سنڌ مان نڪرڻ کان پوءِ ڀريائين ناگور پهتو، پوءِ ڪجهه وقت گجرات ۾ رهڻ کان پوءِ آگري پهتو، جتي جمنا جي ڪناري تي خواجه حسين مروي جو پاڙيسري ٿي رهيو.

خواجه حسين، شيخ علاءالدوله سمناني جي [خاندان مان اهل ڪمال ٿي گذريو. شيخ مبارڪ ظاهري مهدوي فرقي جو قائل هو، ان ڪري وقت جي علمائن اڪبري دربار ۾ سندس شڪايت ڪئي. انهي مخالفت جي ڪري شيخ صاحب ڪجهه وقت خاموش رهيو. آخر سنه ٩٧٤ هجري ۾، سندس وڏي پٽ فيضي کي شهنشاهه اڪبر جي دربار ۾ رتبو مليو ۽ شيخ جي قسمت پلٽو کاڌو. اڪبر اعظم فن حديث ۾ سندس شاگرد هو.

شيخ مبارڪ هڪ بلند پايه شخص هو. ظاهري توڙي باطني علمن ۾ ڪمال رکندڙ هو. تفسير ڪبير جي انداز تي چئن جلدن ۾ تفسير "منبع العيون" لکيائين. سنه ١٠٠٠ هجري ۾ وفات ڪيائين ۽ آگري جي چهار باغ ۾ دفنايو ويو (١). ابوالفيض فيضي شيخ مبارڪ جو وڏو پٽ هو، سنه ٩٥٤ هجري ۾ آگري ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪرڻ بعد خواجه حسين مروي کان تربيت وٺڻ لڳو. جلوس اڪبري جي ٢٤ سال شهزادي دانيال جو اتاليق مقرر ٿيو. پوءِ دربار اڪبري ۾ "ملڪ الشعرا" جي رتبي کي پهتو.

حقيقت آهي ته هندستان اندر ڇهن سون سالن جي وڏي عرصي اندر فقط ٻه شاعر پيدا ٿيا، جن شاعري ۾ وڏي ڪمائيت جو درجو حاصل ڪيو. هڪڙو امير خسرو "طوطي هند" ٻيو

(١) مولانا محمد حسين آزاد، دربار اڪبري، ذڪر شيخ مبارڪ ناگوري

علامه فيضي السندي (١).

علم ۽ فن جي خدمت ڪرڻ، درس و تدريس ڏيڻ فيضي جو خاص مذاق هو. سندس قيمتي ڪتبخاني ۾ ٤٠٠٦ مصنفن جي هٿ اکرن سان لکيل نسخا موجود هئا، جن ۾ طب، نجوم، موسيقي، حڪمت، تصوف، تفسير، فقه ۽ حديث جا ڪتاب هئا. شيخ محدث دهلوي سان سندس دوستي هئي. اٽڪل هڪ سؤ ڪتاب تصنيف ڪيائين، جن مان "خمسه" يعني نظامي گنجوي جي پنجن مثنوين جو جواب ١٠٠٣ هجري ۾ لکي پورو ڪيائين. "موارد الڪلم" جيڪو قرآن پاڪ جو غير منقوط تفسير آهي ۽ ڪلڪتي مان شايع ٿي چڪو آهي، سنه ٩٨٥ هجري ۾ لکي ختم ڪيو هئائين. "سواطع الهام" به غير منقوط تفسير سنه ١٠٠٢هه ۾ تصنيف ڪيائين، جنهن تي مصنف کي ناز هو. "انشاءفيضي" علامه فيضي جي خطن جو مجموعو آهي، جن کي سندس ڀائٽيجي نورالدين محمد بن حڪيم عين الملڪ نقل ڪري "لطيف فيضي" نالو رکيو. هي ڪتاب انشا پردازي تي بهترين شاهڪار آهي. جيتوڻيڪ "طبا شير الصبح" سندس هڪ ديوان جو نالو آهي، پر سندس پوري ڪلام جو تعداد ٥٩ هزار آهي. سنه ٩٩٠ هجري ۾ "مهاڀارت" کي فارسي ۾ منظوم ڪري، مٿس "رزمگاه" نالو رکيائين. هن ڪم ۾ ملا عبدالقادر بدايوني ۽ ملا شيري سندس مددگار هئا.

سنه ٩٨٣ هجري ۾ فيضي ابراهيم سرهندي جي مدد سان "اٿرويد" جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو، ساڳئي وقت رياضي جي مشهور ڪتاب "ليلاوتي" کي به فارسي جو جامو پهرايائين. سنه ١٠٠٤ هجري ۾ اڪبر دربار جو هي مايه ناز سنڌي رتن وفات ڪري ويو.

علامه ابوالفضل شيخ مبارڪ جو ٻيو نمبر فرزند هو. هو

(١) علامه فيضي ڪان اڳ غزالي ايراني اڪبري دربار جو ملڪ الشعراء هو. شبلي، شعر العجم، جلد ٽيون، ص ٢٨

سنه ٩٥٨ هجري ۾ آگري ۾ ڄائو. سنه ٩٩٣ هجري ۾ اڪبري دربار ۾ ڀهريائين هڪ هزاري منصب تي فائز ٿيو. پوءِ ١٠٠٠هه ۾ ٻن هزارن جي منصب سان گڏ دربار اڪبري جو "مير منشي، ممالڪ ڪل هندستان" به مقرر ٿيو. ابوالفضل صاحب سيف و قلم هو. الله آباد ۾ شهزادي سليم جي بغاوت ڪڙي ڪرڻ تي اڪبر بادشاهه ڪيس معاملي کي سڌارڻ لاءِ روانو ڪيو، پر گواليار وٽان لنگهندي آجين جي راجا هٿان شهيد ٿي ويو (١). سندس تربت گواليار کان پنج ميل پري انتڙي جي ڳوٺ وٽ آهي. شيخ ابوالفضل جي تصنيفات مان مشهور ڪتاب آهن: آئين اڪبري جيڪو هن ١٠٠٦ هجري ۾ لکيو؛ "اڪبر نامه" (ٻن جلدن ۾)؛ ۽ "رقعات ابوالفضل" جنهن مان سندس طبعي حالات، دلي خيالات ۽ علمي لياقت جو پتو پوي ٿو. تيموري دور ۾ "علامه" جو خطاب پهريائين ابوالفضل کي حاصل ٿيو (٢).

ميون مخدوم ابوالحسن ٺٽوي (ولادت ١٠٨٥هه/١٦٦١ع)، ڪلهوڙن جي دور ۾ ٺٽي جو وڏو جيد عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس زندگي جو ڪو به مفصل احوال ڪٿان ڪونه ٿو ملي، صرف ايترو تاريخن ۾ اچي ٿو ته هن بزرگ پنهنجي حياتي جو وڏو حصو درس تدريس، تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريو. سنڌي ٻولي جي الف-بي مقرر ڪرڻ ۽ ان ۾ تصنيفات ڪرڻ هن بزرگ جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي.

مقدمه الصلواة نالي سندس پهريون ڪتاب انهي رسم الخط ۾ سنه ١٧٠٠ع ڌاري لکيائين، جيڪو خود پنهنجي مدرسي ۾ ١٧١٥ع تائين پاڙهيندو رهيو. مخدوم صاحب جي مدرسي مان وقت جي ڪيترن ئي وڏن عالمن فيض حاصل ڪيو ۽ علمي تحصيل ڪيائون (٣).

(1) Bornier' s Travels, Vol. I, P. 154

(٢) مولانا سيد عبدالحي، ياد ايام، ص ص ٣٤-٤٢

(٣) خانبهادر محمد صديق ميمڻ، تاريخ ادب سنڌ، ج اول، ص ٥٩٠

"مقدمه الصلواة" جي اهميت جو اندازو هن مان ڪري سگهجي ٿو جو وقت جي وڏن عالمن جو ڪتاب ۾ آيل مسئلن بابت تحريري مناظرو ٿيو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، هن ڪتاب جي ڪن مسئلن تي تنقيد ڪئي ۽ ٻه چار اصلاحي بيت ان سان ملايا، جنهن تي ٺٽي جي هڪ ٻئي عالم مخدوم محمد قائم سنڌي مقدمه الصلواة جو عربي ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان ۾ مخدوم محمدهاشم ٺٽوي جي تنقيد جو محققانه جواب ڏنو. اتفاق اهڙو ٿيو جو مخدوم محمد قائم وفات ڪري ويو ۽ ان جي رسالي تي مخدوم محمدهاشم رد لکيو. اهي سڀ رسالا قاسمي صاحب جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

## مخدوم ابوالقاسم درس ٺٽوي جي روحاني درسگاه

مخدوم ابو القاسم نورالحق ٺٽوي ولد ابراهيم نزيل ٺٽو (١) شروع ۾ قرآن شريف ياد ڪري، ظاهري علمن کان فارغ ٿي ٺٽي جي مشهور عارف ڪامل عالم مخدوم آدم جي صحبت ۾ تصوف جون منزلون طي ڪرڻ لڳو. مخدوم آدم (وفات ١٠٦٦ ھ) سندس قابليت ۽ استعداد ڏسي کيس حڪم ڪيو ته باقي منزلون وڃي شاهه سيف‌الدين (متوفي ١٠٩٨ھ) ولد عروة‌الوثقي خواجه محمد معصوم ولد شيخ احمد امام رباني سرهندي جي خدمت ۾ پوريون ڪري.

ابو القاسم سنڌ مان ڪهي سرهند ۾ پهتو. شاهه سيف‌الدين جي مٿس گهڻي مهرباني ٿي ۽ ظاهري و باطني علمن جي مٿس پالوت ٿي. اتان فيض پرائي ٺٽي ۾ واپس آيو، ۽ اتي پنهنجو وڏو روحاني فيضگاهه کوليائين. پنهنجي عامل ۽ ڪامل استاد شاهه سيف‌الدين جي چوڻ تي سنڌ ۾ نقشبندي طريقي کي زور وٺايائين. وقت جا وڏا وڏا علماء به سندس معتقد ۽ مريد اچي ٿيا. مخدوم

(١) شجرو ابو القاسم ۽ احول تڪمله مقالات الشعرا
(٢) ايضاً، ص ١٨٠

محمد هاشم ٺٽوي جهڙا بلند پايه عالم به سندس بيحد معتقد هئا. سندس فيض جو آواز ٺٽي مان نڪري ساري هندستان ۾ پهتو. دهلي، سورت ۽ احمدآباد ۾ به سندس طالب، مريد ۽ خليفا هئا. دهلي جي هڪ وڏي امير محمد صديق نالي سندس خدمت ۾ رهي ٺٽي ۾ ئي پنهنجا پساهه پورا ڪيا. ان زماني ۾ جيڪي ماڻهو سرهند شريف ڏانهن سلوڪ لاءِ ويندا هئا، تن کي هڪ ئي جواب ملندو هو ته ابوالقاسم ٺٽوي ڏانهن رجوع ڪريو.

مخدوم ابوالقاسم جون ڪرامتون ۽ خوارق عادات هزارن جي تعداد ۾ مشهور آهن، جن کي علامه معين ٺٽوي، جدا هڪ رسالي جي صورت ۾ جمع ڪيو آهي. هند ۽ سنڌ توڙي عربستان جي جن عالمن ۽ بزرگن ڪانئس فيض پرايو يا بيعت ورتي، تن جا نالا هي آهن: (١) مخدوم محمد معين ٺٽوي (٢) محمد مقيم ولد سعدالله ساڪن قريه جهيجا (٣) ميان يعقوب سمون ساڪن قريه ڪبر (٤) شيخ يحيٰ عرب مدينه منور (٥) سيد محمد ناصر ولد سيد نعمت‌الله شڪر الاهي شيرازي رحه (٦) ميان حبيب ميت پوٽي سان مشهور آهي (٧) ميان عبدالولي برادر عبدالباقي واعظ اگهمي (٨) حاجي ڪمال اديجو (٩) مخدوم ضياءالدين دانشمند معروف ٺٽوي (هيءُ بزرگ مخدوم محمدهاشم جو استاد آهي). (١٠) ميان نورمحمد سهار (١١) سيد عبدالله ولد سيد نعمت‌الله شڪر الاهي شيرازي رحه (١٢) مخدوم عنايت الله بصير واعظ ٺٽوي (١٣) مير مرتضيٰ ولد مير ڪمال‌الدين خان رضوي (١٤) سيد سلطان شاهه هندي * (١٥) سيد رحمت‌الله عرف سيد مٺو شڪر الاهي

* سيد سلطان شاهه هندي، خواجه خليل جو پاڻيجو هو، جنهن مرزا باقي کي پڌڻ ڪان بچائڻ ۾ مدد ڪئي. ان خدمت جي بدلي ۾ وڏي عهدي تي سرفراز ٿي مهردار ٿيو: سندس رانڪ مڪلي تي مشهور آهي. سندس وصيت موجب ڪيس پاهر اڱڻ ۾ هڪ علحده گنبذ ۾ دفنايو ويو. ١١٢٨ هجري ۾ مير لطف علي خان جي موقوف ٿيڻ ڪان پوءِ اٽڪل چار ورهيه ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو.

شيرازي رحه (١٦) ميان عبدالباقي واعظ ساڪن اگهم و متعلوي قدس سره (١٧) ميان عبدالرحيم سومرو (١٨) مخدوم ميدنه رحه نصرپوري، جنهن کان سندس پٽ مخدوم عبدالله فيض ورتو (١٩) درس بلال، ساڪن پراڻ، جنهن کان سندس پٽ درس شرف الدين فيض پرايو (٢٠) ميان محمد نبيره مخدوم آدم نقشبندي کان ميان محمد زمان ساڪن موضع لنواري و سيد عزت‌الله شيرازي شڪرالاهي والد مير قانع صاحب.

مخدوم ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي اهڙي وڏي روحاني علم ۽ عمل جو مالڪ ۽ سالڪ عالم بزرگ ٧ شعبان ١١٣٨ هجري ۾ محمد شاه جي ڏينهن ۾ وفات ڪري ويو(١).

## علامہ ابوالحسن ڪبير سنڌي ۽ سندس مدرسو "مدرسة الشفا"

مخدوم ابوالحسن جو اصل نالو محمد، ڪنيت ابوالحسن ۽ لقب نورالدين آهي. سندس نسب جو سلسلو هن طرح آهي: محمد بن عبدالهادي السندي التتوي ثم المدني الحنفي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو، اتي ئي تعليم حاصل ڪيائين. حديث جي تعليم کان سواءِ جملي علوم و فنون جي تحصيل پنهنجي وطن ۾ ئي ڪيائين. سندس استادن مان ڪنهن به عالم جو نالو معلوم نه ٿي سگهيو آهي. البت مرادي جي لفظن "و اخذ بها عن جماعة من الشيوخ" مان معلوم ٿئي ٿو ته هن استادن جي هڪ جماعت کان تعليم حاصل ڪئي. ملا عابد سنڌي به اهو ئي لکي ٿو ته "اخذ عن جماعة من العلماء الاعلام، في بلده و الحرمين وغيرهما"(٢). حرم جا علماء اعلام هي هئا:

(١) برهان الدين ابراهيم بن حسن الڪردي الڪوراني المتوفي ١١٠٢ هجري (شاه ولي‌الله صاحب رحه، "انسان العين في مشائخ الحرمين"، مطبع احمدي دهلي، ص ص ٧-٨)

(١) مولانا سيد عبدالحي، ياد ايام، ص ص ٣٤-٣٧

(٢) مولوي عبدالوهاب ملتاني، "حاشيه صحيح مسلم"، ص ٩٠

(٢) شيخ محمد بن عبدالرسول برزنجي، هي ملا ڪوراني جو خاص شاگرد هو (١).

(٣) شيخ عبدالله بن سالم بصري.

انهن سڀني اُستادن مان علامہ ابوالحسن جي ذهن ۽ فڪر تي شيخ ابراهيم ڪوراني جو سڀ کان زياده اثر ٿيو. مولانا ڪوراني جي درسگاه مان سنڌ ۽ هند جا ٻہ متبحر عالم مولانا ابوالحسن ڪبير سنڌي ۽ شاهہ ولي‌الله رحمہ دهلوي پڙهي نڪتا.

علامہ ابوالحسن جڏهن حديث جي تحصيل لاءِ حرمين شريفين جو سفر ڪيو تہ اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائين، ۽ ڏهن سالن تائين مدينہ طيبہ ۾ تفسير بيضاوي، صحاح ستہ، موطا امام مالڪ، مسند امام احمد بن حنبل ۽ فقہ ۾ هدايہ جو درس ڏيندو رهيو. علامہ ابوالحسن اتي ”مدرسة الشفا“ نالي هڪ مدرسو قائم ڪيو، جيڪو اڄ بہ موجود آهي ۽ ترڪي جي اوقاف ۾ شامل آهي(٢). انهي مدرسي کي ”مدرسة الشفا“ جو سڏيو ويو؟ ان لاءِ بہ روايتون آهن: هڪ هي آهي تہ هن مدرسي ۾ قاضي عياض جي مشهور ڪتاب ”الشفا في تعريف حقوق المصطفيٰ“ جو درس لازمي طور تي ڏنو ويندو هو. ٻي روايت موجب فوج جو هڪ بيمار سالار زندگي جي آخري ڪشمڪش ۾ مبتلا، علامہ ابوالحسن ڏانهن رجوع ٿيو، جيڪو انهي وقت مسجد نبوي ۾ درس ۾ مشغول هو. علامہ ابوالحسن سندس صحت لاءِ دعا گهري، جيڪا خدا تعاليٰ وٽ مستجاب ٿي ۽ سالار کي تندرستي عطا ٿي، جنهن ورڻي علامہ ابوالحسن لاءِ هڪ مدرسو تعمير ڪرايو، جنهن جو نالو ”مدرسہ الشفا“ مشهور ٿي ويو.

مدرسي کي پنهنجو چڱو خاصو ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ مخطوطات جو هڪ وڏو ذخيرو جمع آهي. جون تا تہ اهي سڀ

(١) شاه ولي‌الله، ”انسان العين مشائخ الحرمين“، مطبع احمدي دهلي، ص ٧

(٢) مخدوم امير احمد، الرحيم، جولاءِ ١٩٦٣ع، ص ٧٢

ڪتاب گهڻو ڪري علامه ابوالحسن جي شاگردن جا لکيل آهن. مسند امام احمد بن حنبل جي هڪ نسخي جي آخر ۾ ڪنهن شاگرد لکيو آهي ته ”هن اهو ڪتاب شيخ ابوالحسن سنڌي جي خدمت ۾ مسجد نبوي ۾ فلاڻي وقت پڙهي پورو ڪيو ۽ حلقه درس ۾ هيترا شاگرد شامل هئا.“ سندس شاگردن جو تعداد بيشمار آهي، پر انهن مان نمايان محدث محمد حيات سنڌي مدني آهي. علامه محمد حيات کان پوءِ مسند درس کي جنهن بزرگ سنڀاليو سو سندس شاگرد رشيد شيخ ابوالحسن صغير محدث سنڌي ثم المدني هو. اهڙي طرح مسجد نبوي ۾ درس حديث جو جيڪو سلسلو علامه ابوالحسن ڪبير جاري ڪيو تنهن کي سندس شاگردن تاحيات قائم رکيو.

علامه ابوالحسن کي تفسير، حديث، فقه، اصول، نحو، معاني ۽ منطق جي ڄاڻ ۾ وڏو درجو حاصل هو. صحاح سته، سنن نسائي ۽ سنن ابن ماجه تي حاشين سان گڏ شرحون لکيائين، ايتري قدر جو حافظ سيوطي کي به شهه ڏيئي ويو. برصغير هند و پاڪ جو هي واحد عالم آهي، جنهن کي صحاح سته جي سيني ڪتابن تي شرح لکڻ جو فخر حاصل آهي.

شيخ اسماعيل بن محمد سعيد، علامه ابوالحسن بابت لکي ٿو ته: ”كان احد الحفاظ المحققين و الجهابذه المدققين“(۱).

(۱-۶۰) علامه ابوالحسن جا ”حواشي علي الصحاح الستة“ حديث تي جدا جدا ڇهه حاشيه لکيل آهن. البت جامع ترمذي تي سندس حاشيه مڪمل ٿي نه سگهيو. سنن ابن ماجه جو حاشيه سڀ کان وڌيڪ اهميت وارو ۽ مشهور آهي.

صحيح بخاري ۽ سنن ابن ماجه مڪرر طبع ٿي ويا آهن. سنن نسائي جو حاشيه هند و پاڪ ۽ مصر ۾ شايع ٿي چڪو آهي. صحيح مسلم جو حاشيه، جيڪو بلڪل مختصر آهي ملتان مان

(۱) فهرس الفهارس، جلد اول، ص ۱۰۲

شايع ٿيو آهي. سنن ابي دائود جو حاشيه جنهن جو نالو فتح الودود آهي، جيتوڻيڪ جدا شايع نہ ٿيو آهي، پر سنن ابي دائود جي تمام شرح، حواشي ۾ موقع بموقع منقول آهي ۽ انهي جو قلمي نسخو پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي(١).

٧- حاشيہ مسند الامام احمد جو ربع اول صاحب فهرس الفهارس وٽ موجود آهي، جنهن جو تعارف هن انهن لفظن ۾ ڪيو آهي "لا يستغني عنها مطالعہ او قارئہ".

٨- حاشيہ تفسير البيضاوي، جنهن جو هيو نسخو مولانا قاسمي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. ملا حيات سنڌي هن بابت لکي ٿو تہ: "و ڪتب عليها حاشية لطيفة".

٩- حاشيہ فتح القدير شرح هدايہ، اهو ڪتاب النڪاح تائين تہ فتح القدير جو حاشيہ آهي ۽ وري انهي جو متن هدايہ جو آهي. علامہ حيات سنڌي ان کي "حاشيہ ذات تحقيق" لکي ٿو. انهي حاشيہ جو نالو البدر المنير آهي، جنهن جو قلمي نسخو مدينہ منوره جي ڪتبخاني محموديہ ۽ پشاور جي اسلاميہ ڪاليج جي لائبرري ۾ موجود آهي(٢).

١٠- حاشيہ ڪتاب الاذڪار، امام نووي.

١١- حاشيہ علي الزهراوين، ملا علي قاري.

١٢- تفسير لطيف.

١٣- حاشيہ الجلالين.

١٤- حاشيہ شرح جمع الجوامع، لا بن قاسم انهي جو نالو الايات البينات آهي.

١٥- الغيوضات النبويہ في حل المغازي البرڪويہ، جنهن جو نسخو بنگال ايشياٽڪ سوسائٽي ۾ موجود آهي.

(١) مولانا محمد عبدالرشيد نعماني، الولي رسالو، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، آڪٽوبر ۽ نومبر ١٩٧٦ع، ص ٧٢.

(٢) ايضاً.

١٦- حاشيه شرح النخبة، جنهن جو ذڪر صاحب فهرس الفهارس ڪيو آهي.

علامه ابوالحسن ڪبير سنڌي جي سنه وفات ۾ عجيب و غريب اختلاف آهي. ملا عابد سنڌي سنه ١١٤١هه لکيو آهي (درج الدرر)، علامه محمد حيات سنڌي ١١٣٩هه ٻڌائي ٿو (درج الدرر). مرادي سنه ١١٣٨ هجري ۽ جبرتي ١١٣٦ هه. فهرس الفهارس ۽ اليانع الجني ۾ ١١٣٩ هجري مرقوم آهي. ليڪن مولانا قاسمي صاحب جي تحقيق موجب صحيح سنه ١١٣٨هه آهي. حرم نبوي ۾ سندس جنازي نماز ادا ڪيائون ۽ مدينه منوره ۾ جنت البقيع ۾ دفنايو ويو (١).

## مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ سندس درسگاهه

علامه مخدوم محمد معين ٺٽوي، جنهن کي مخدوم ٺارو به سڏيندا هئا. تنهن جو ذڪر مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي ڪتاب "شاه ولي الله ڪي سياسي تحريڪ" ۾ ڪيو آهي(٢).

مخدوم محمد معين بن محمد امين ذات دل، جي ملن جي خاندان مان هو. مخدوم محمد معين جو خاندان علم ۾ ڏن پيڙهين کان ممتاز هو. سندس جد امجد مخدوم طالب الله موضع والي تعلقي روپاهه و پٽ باران جو رهاڪو هو. مخدوم محمد معين جي والد محمد امين لڏي اچي ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جيڪو پڻ هڪ وڏو عالم ۽ درويش صفت هو، جنهن جي شادي ٺٽي جي مشهور شاعر ۽ مير منشي فاضل خان جي نياڻي سان ٿي. فاضل خان ١٠٩٦ هجري ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪئي.

مخدوم محمد معين، مخدوم محمد هاشم ٺٽي جو همعصر هو. مخدوم محمد هاشم وٽس ڪجهه سبق پڙهيا هئا، ان ڪري هو ديني مسئلن ۾ اختلاف هوندي به سندس وڏو احترام ڪندو هو.

(١) فهرس الفهارس، جلد اول، ص ١٠٢

(٢) مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ١٩٧٤ع، ص ١٥٨

مخدوم محمد معين، مخدوم عنايت الله کان تعليم پرائي، منقول ۽ معقول ۽ وقت جو عالم ٿي گذريو. وري ميان ابو لقاسم نقشبندي سان ارادت جو رشتو استوار ڪيائين ۽ کانئس تصوف ۾ بيعت ورتائين. شاه عبداللطيف ڀٽائي سان گهري دوستي ٿي ويس. انهي ڪري جڏهن به راڳ ٻڌندو هو ته مٿس ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ ڏاڍا عمدا شعر به چوندو هو. سنڌي شعر ۾ سندس تخلص "بيراڳي" هو.

مخدوم معين شروع ڄمار ۾ ٺٽي ۾ رهي تحصيل ڪئي. جيتوڻيڪ شاه ولي الله رحه کان عمر ۾ ويهه سال وڏو هو، تڏهن به ان کان حديث جي علم ۾ روبرو سند ورتائين. ان بعد به شاه ولي الله سان سندس خط و ڪتابت هوندي هئي. شاهه ولي الله جي ڪتاب "تفهيمات الاهيه" ۾ مخدوم محمد معين ڏانهن شاهه صاحب جا به خط لکيل آهن، جن ۾ ان کي وڏن لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. ٺٽي ۾ سيد علي رضا جيلاني کان شيخ محي الدين ابن العربي جو مشهور ڪتاب "فصوص الحڪم" سبق سبق ڪري پڙهيائين (١).

مخدوم محمد معين ٺٽي ۾ درس تدريس ۽ تصنيف و تاليف جو شغل جاري رکندو آيو. وٽانئس گهڻا ماڻهو علم پرائي فيض ۽ فتوي جا صاحب ٿيا. سندس باڪمال شاگردن مان سيد نجم الدين عزلت رضوي بکري (وفات ١١٦٠ هه) به هو جيڪو سندس پاڙيچو ۽ سندس علمن ۾ اعتقاد جو داعي هو (٢). مخدوم محمد حيات مدني پڻ هن مدرسي مان فيض پرائي پوءِ مديني منوره ويو. مخدوم محمد هاشم جيڪي سندس رد ڏنا آهن، تن ۾ به نهايت ادب سان سندس نالو ورتو اٿس. مخدوم عبداللطيف بن مخدوم

(١) ايضاً، ص ١٥٩

(٢) سندس ديوان جو قلمي نسخو (تحرير ٧ شوال ١٢٧٦ هه) پنجاب يونيورسٽي جي ڪتبخاني ۾ آهي.

محمد هاشم، مخدوم محمد معين جي مشهور ڪتاب "دراسات اللبيب" (١) جو هڪ وڏو مبسوط جواب لکيو. آخر ۾ مخدوم محمد ابراهيم مدني واري بزرگ ۽ مخدوم عبداللطيف، سندس سموري تصنيفات کي آڏو رکي "قسطاس المستقيم" نالي هڪ گهري جلد ۾ رد لکيو (٢).

مخدوم محمد معين جي تصنيفات جو تفصيل هن ريت آهي:

(١) دراسات اللبيب حديث تي عمل ڪرڻ بابت آهي ۽ ان سان گڏ حنفي مذهب جي به تائيد ڪيل آهي. هندستان جي اهل حديث جماعت ١٨٦٦ع ۾ پهريون دفعو اهو ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو.

(٢) حجة الجليله: حضرت علي رض جي فضيلت ۾، جنهن تي شيخ محمد حيات سنڌي مدني ۽ مخدوم محمد هاشم رد لکيا.

(٣) نورالعين، جنهن تي به مٿين ٻنهي بزرگن جا رد لکيل آهن.

(٤) انورالمجد في مع الوجد (تصوف).

(٥) مواهب سيد البشر (اهل بيت جا فضائل).

(٦) الجود الشمس (دنيا جي پيدائش ۽ ان جي فنا ٿيڻ تي فلسفيانه بحث).

(٧) الخواطف التصوف.

(٨) مطارحات التحقيق في برهان التطبيق (فلسفه).

(٩) رساله الاعتدالات الاربه (منطق، فلسفه).

(١٠) رفع الغين.

(١١) رفع الاشڪال والزحمة (شيخ محي الدين ابن العربي جي بعض قولن جي شرح).

(٣) هي ڪتاب توڙي ان جو جواب "ذب ذبابات الدراسات" سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهن.

(٤) مولوي دين محمد وفائي، "تذڪره مشاهير سنڌ"، ١٩٤٧ع، ص ١٦١. هي قلمي نسخو مدرسه مظهرالعلوم کڏه ڪراچي ۾ موجود آهي.

(١٢) ايقاظ الوسنان.
(١٣) الابداح في محاكمه بين النووي و ابن الصلاح (اصول حديث).
(١٥) الحق الصريح (سماع تي فلسفيانه بحث).
(١٦) رسالة الكلي الطبعي (منطق).
(١٧) المدارالمديمية علي حاشيه القديمه (علم الڪلام).
(١٨) شرح ديوان حافظ.
(١٩) حاشيه شرح زوراء (ڪبري منطق).

پيا به سندس ڪيترا ئي رسالا ۽ تحريرون آهن جي هن وقت ناياب ٿي چڪا آهن، پر مجموعه رسالن مان ١٧ مخدوم صاحب جي آثارن ۾، ۽ ١٥ رسائل مرحوم خواجه حسن جان سرهندي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن (١).

سنڌ جي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ مخدوم معين جي شاگردن جي هڪ وڏي فهرست نظر اچي ٿي. ڪيس عربي زبان ۾ جيڪا ڪماليت حاصل هئي، سا سندس بين معاصرين ۾ گهٽ نظر اچي ٿي. فارسي ۾ سندس تخلص "تسليم" ۽ سنڌي ۾ "بيراڳي" هو (٢). هن سنه ١١٦١ هجري ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو مڪلي تي پنهنجي مرشد مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جي پيراندي ۾ آهي.

## شيخ محمد حيات سنڌي ٺٽوي، مدرسة الشفا مدينه منوره

شيخ محمد حيات بن ابراهيم ملا قليارو، ذات جو چاچڙ، ڳوٺ عادل پور، گهوٽڪي ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار وڏن عالمن، فاضلن ۽ محدثن ۾ ٿئي ٿو. سندس تعليم ۽ تربيت سنڌ ۾ ٿي. ان کان پوءِ حجاز مقدس ويو، جتي شيخ ابوالحسن ڪبير، شيخ عبدالله بن سالم البصري، شيخ ابوطاهر ڪوراني ۽ شيخ حسين عجمي

(١) مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ١٩٧٢، ص ١٩٧
(٢) مقالات الشعراء، ص ١٢٦

جهڙن عالمن کان استفاده ڪيائين. شيخ ابوالحسن ڪبير جي وفات کان پوءِ مسجد نبوي ۾ مدرسة الشفاء ۾ مسلسل ٣٤ سالن تائين درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين (١). سندس شاگردن مان ڪن جا نالا هن طرح آهن:

سيد عبدالقادر بن احمد ڪوڪباني، سيد غلام علي آزاد بلگرامي، شيخ احمد بن عبدالرحمان شامي، شيخ محمد صغير، شيخ محمد بن عبدالوهاب نجدي، شيخ محمد فاخر الهٰ آبادي، شيخ عبدالقادر خليل ڪدڪ، شيخ ابوالحسن صغير سنڌي، مولانا خيرالدين محمد زاهد سورتي وغيره. سيد غلام علي آزاد بلگرامي جي تصنيفات مان "سبحة المرجان في آثار هندستان" ۽ "خزانه عامره" (جو ١٨٧١ع ۾ لکنو مان ڇپيو) مشهور آهن (٢). مولانا خيرالدين سورتي جو تصوف ۽ سلوڪ متعلق ڪتاب "شواهد التجديد" مشهور آهي. مولانا سورتي ١٢٠٦هه ۾ وفات ڪئي (٣).

شيخ محمد حيات جي تصنيفات مان ڪن مشهور ڪتابن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

منذري جي ڪتاب ترغيب و ترهيب جي شرح ٻن جلدن ۾؛ نووي جي ڪتاب اربعين جي شرح؛ الايقاف علي سبب الاختلاف - تحفة الانام في العمل بحديث النبي صلي الله عليه والصلواة والسلام؛ رساله رد بدعت تعزية (جنهن ۾ سندس استاد مخدوم معين ٺٽوي جو رد آهي)؛ النهي عن عشق المردان النسوان، هن رسالي جو گهڻو حصو نواب سيد محمد صديق حسن خان "هداية السائل" ۾ نقل ڪيو آهي (٤).

---

(١) ارمغان (اردو) ڪل پاڪستان اسلامي ڪانفرنس ١٩٦٣ع، سنڌ يونيورسٽي، ص ٢٣.

(٢) سيد سليمان ندوي، عرب و هند ڪي تعلقات، باب اول.

(٣) سيد عبدالحي، ياد ايام، ص ص ٦٢-٦٣.

(٤) مخدوم امير احمد، سرزمين سنڌ ۾ علم حديث، الرحيم، جولاءِ ١٩٦٦ع ص ٤٢.

چاليهين حديثن جي شرح جا ڪيترائي مجموعا ڏٺا ويا آهن، پر امام نووي جي چاليهين حديثن تي مخدوم محمدحيات سنڌي جي تاليف شرح الاحاديث الاربعين النوويۃ سڀني کان مشهور آهي. هن ۾ خط نسخ ۾ ۳۲ ورق (٦٤ صفحا)، ۽ هرهڪ صفحي تي ۱۹ سٽون آهن: ڪتابت جو سال ۱۱۴۴ھ آهي، پر ڪاتب جو نالو نظر نٿو اچي. ممڪن آهي ته ڪتاب خود مصنف جو دستخط هجي (۱).

شيخ محمد حيات سنڌي تاريخ ۲٦- صفر ۱۱٦۳ هجري، اربعا جي ڏينهن وفات ڪئي ۽ جنت البقيع ۾ دفنايل آهي (۲).

## شاهه عبداللطيف رحہ ۽ وائي وارو روحاني مدرسو

شاهه عبداللطيف رحہ، سيد حبيب الله جو پٽ، سيد عبدالقدوس شاهه جو پوٽو هو (۳). شاهه صاحب جا وڏا متعلوي سيد سڏجن ٿا. شاهه صاحب سنڌ جو سدا جيئرو شاعر ۽ عارف ڪامل ٿي گذريو آهي. شاهه عبداللطيف رحہ جي ولادت بسعادت بعد شاهه حبيب، هالا حويليءَ مان لڏي اچي ڪوٽڙي ۾ مقيم ٿيو، جيڪا ڀٽ کان ٻن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. شاهه صاحب جو ننڍي هوندي کان عرفان ۽ تصوف ڏانهن لاڙو هو، ڇو ته سندس والد سيد حبيب شاهه هميشه استغراق جي حالت ۾ رهندو هو. ۽ اهڙي ڪامل پيءُ جو پٽ تي وڏو اثر ٿيو.

انهيءَ وقت جي رواج موجب شاهه عبداللطيف کي آخوند

(۱) مولانا قاسمي، مدينه منوره جا ڪتبخانا ۽ سنڌ جي عالمن جون تصنيفات، "الرحيم"، مئي ۱۹٦۴ع، ص ص ۳۹-۴۰.

(۲) فهرس الفهارس، جلد اول، ص ۲٦۴: سبحۃ المرجان نمبر ۹۵ ۽ حجج الڪرامۃ ابجد العلوم، ص ۸۴۹

(۳) ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهه جو رسالو جلد ۱ (مقدمه)، ڪراچي ۱۹۲۴ ص ص ۳۱-۳۲

نورمحمد ڀٽي جي واڻي واري (خطاب) مدرسي ۾ وهاريو ويو (١).
جهتوڻيڪ شاهه صاحب هڪ وڏو صوفي هو، پر هن سموري زندگي ۾ ڪڏهن به نماز ترڪ نه ڪئي، ۽ نه وري روزا ڇڏيائين. هميشه پنهنجي طالبن ۽ مريدن کي حق جي هدايت ڏيندو رهيو. شاهه صاحب عربي ۽ فارسي جو وڏو ڄاڻو هو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي، شاهه ڀٽائي کي مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي جو سونهري اکرن ۾ لکيل قلمي نسخو تحفي طور ڏنو (٢).

وقت جي حاڪمن مان ميان نورمحمد ڪلهوڙو سندس نهايت معتقد هو ۽ علامه محمد معين ٺٽوي سان سندس گهاٽي دوستي هئي. ڊاڪٽر گربخشاڻي، رسالي جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته: شاهه صاحب عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو ۽ پنهنجي مادري زبان سنڌي تي ڪيس ڪامل ضابطو هو. نه فقط ايئن، پر ٻين ٻولين سان پڻ ڪي قدر واقفيت هيس، جهڙوڪ بلوچي، سرائڪي، هندي، پنجابي وغيره. ازانسواءِ سندس تاريخي معلومات به وسيع هئي.

سنڌ توڙي هندستان جي ٻين ڀاڱن جي قصن ۽ ڪهاڻين وغيره جو به گهڻو ابياس ڪيو ٿو ڏسجين. قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڪريم جو رسالو اڪثر ساڻس همراهه هوندا هئا. شاهه صاحب پنهنجي رسالي ۾ مولانا رومي جي ڪن شعرن جو ترجمو ۽ قرآن شريف جون آيتون مناسب هنڌن تي آنديون آهن. شاهه صاحب لاءِ فطرت هڪ وڏو درسگاهه هو، جنهن جي وهندڙ نهرن ۾ هن لاءِ ڪتاب، پنن ۽ پٿرن ۾ معرفت ڪردگار جا دفتر موجود هئا. شاهه صاحب ١١٦٥ هجري ۾ وفات ڪئي ۽ ڀٽ تي دفنايل آهي. سنه ١١٦٧ هه ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي عيدن رازي کان سندس مقبري مٿان عاليشان گنبذ ٺهرايو.

شاهه صاحب جو رسالو جهوني ٻوليءَ جي خزاني سان لبريز

(١) غلام محمد شاهواڻي، شاهه جو رسالو (مقدمه)، ١٩٥٠ع، ص ٤
(٢) ايضاً ص ٤

پر موجد پڻ هو. سندس قابليت ڪري ميان نورمحمد ڪلهوڙي، مرادياب خان ۽ ان کان پوءِ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو مصاحب ٿي رهيو. مير قانع کي تاريخي علم ۾ الهامي دسترس هئي. سندس لکيل ٽن جلدن ۾ "تاريخ تحفة الڪرام" جي ڪري سنڌين جي تاريخي اهميت ۽ عظمت هميشه لاءِ زنده جاويد رهندي. انهي ڪري هن جي انهي ڪتاب سنڌين تي وڏو احسان ڪيو آهي؛ جن مان پوين جلد تاريخ سنڌ متعلق رُءِ گهراڻي کان وٺي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وفات تائين آهي؛ تنهن کان پوءِ سنڌ جي علمائن، بزرگن، اوليائن ۽ صوفين جو ذڪر پڻ ڏنل آهي. سچ پچ ته جيڪڏهن اڄ سنڌ وارن جي هٿن ۾ اها مختصر تاريخ نه هجي ها ته ولن ڪجهه به نه هجي ها. سندس تصنيفات مان چند نسخن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا: (١) مڪلي نامه (٢) قصاب نامه (٣) زينت الاخلاق (٤) نسخه غوثيه (٥) مثنوي ختم الملوڪ (٦) زبدة المقامات (٧) زين الافڪار (٨) تهذيب الطباع (٩) مختار نامه (١٠) معيار سالڪان طريقت (١١) قصه ڪامروپ (١٢) مثنوي ڪرشمه قدرت (١٣) چهار منزله (١٤) حديقة الاولياء (١٥) رساله در صناع و بدائع (١٦) مثنوي قضا و قدرت (١٧) روضة الانبياء (١٨) لب لباب تاريخ ڪلهوڙه (١٩) بوستان بهار (٢٠) رساله شرح معما (٢١) مقالات الشعرا ۽ (٢٢) ديوان قانع، وغيره.

انهن قابل قبول مشغلن ۽ علمي چاڻ ۽ اهميت کان پوءِ به مير علي شير قانع ڪن مختلف مدرسن ۾ درس ۽ تدريس جي شغل کي ترجيح ڏني ۽ پاڻ مدرس ٿي طالبن ۽ عالمن جي رهنمائي ڪري ڪيس چڱو فيض رسايو.

## مخدوم خواجه محمد زمان ولد حاجي عبداللطيف نقشبندي

٢١ رمضان ١١٢٥ھ/١٧١٣ع ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيو، ان کان پوءِ قرآن شريف پوري ڪرڻ بعد باقي ڪتاب ٺٽي ۾ محمد صديق وٽ اچي ختم ڪيائين.

مخدوم محمد ٺٽوي جي خانقاهه ۾ رهي فقه، حديث، تفسير سان گڏ تصوف ۾ ڪماليت حاصل ڪيائين، ۽ ان وٽ ئي خلافت جو خرقو ڏِڪيائين. ٺٽي ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جي معتقدن ۾ شامل ٿيو. مخدوم محمد جي عيال سميت مڪي ڏانهن هجرت ڪان پوءِ خواجه محمد زمان سندس گادي تي ويٺو، جنهن اتي درس تدريس جو شغل جاري رکيو، جتان گهڻائي طالب ۽ ٻيا ماڻهو فيض حاصل ڪري ويا.

آخر ڪجهه وقت ڪان پوءِ ٺٽو ڇڏي لنواري ۾ وڃي رهيو. سندس خليفن مان ميون عبدالرحيم گرهوڙي، حاجي ابوطالب اگهمي، حاجي محمد صالح گهرائي، حافظ هدايت الله مشهور ٿي گذريا آهن. مخدوم صاحب ٤ ذوالقعد سنه ١١٨٨ هجري ۾ وفات ڪئي. پنهنجي مراقبي واري حجري ۾ دفنايل آهي.

## مخدوم ضياءالدين ٺٽوي جي درسگاهه

مخدوم ضياءالدين ٺٽوي سنڌ جي انهن ناميارن عالمن مان ٿي گذريو آهي، جن جي فيض نه رڳو سنڌ کي واسي ڇڏيو، پر سندس شاگردن جي ذريعي اهو فيض ٻاهرين اسلامي ملڪن ۾ به پهچي ويو. هي بزرگ شيخ شهاب الدين سهروردي (وفات ٦٣٣هه) جي اولاد مان ڇيو وڃي ٿو. سندس نسب هن طرح آهي: ضياءالدين بن ابراهيم بن هارون بن عجائب بن الياس صديقي ٺٽوي. سندس ڀڙڏاڏو مخدوم الياس سومرن جي زماني ۾ عراق ڪان هجرت ڪري جوڻ ۾ اچي رهيو هو(١). مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفةالڪرام ۾ لکي ٿو ته پاڻ ورياهه ۾ اچي رهيو، ۽ پوءِ اُتي وڃي ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين(٢). مخدوم ضياءالدين سنه ١٠٩١هه/١٦٨٠ع

(١) محمد صديق ميمڻ، سنڌ جي ادبي تاريخ، جلد اول، ١٩٣٧ع، ص ٣١.
(٢) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفةالڪرام، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ٥٦١.

۾ قديم شهر جوڻ ۾ ڄائو ۽ تعليم وقت جي برک عالم مخدوم عنايت الله ٺٽوي کان حاصل ڪيائين (١).

مخدوم محمد معين ٺٽوي سندس همسبق هو. علم جي تحصيل کان پوءِ، مخدوم ضياءالدين ٺٽي ۾ ديني درسگاهه قائم ڪئي. دور دراز کان ڪيترا ئي شاگرد ڪهي اچي وٽس علمي ۽ اخلاقي فيض پرائيندا هئا. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي به سندن خاص شاگردن مان آهي. مخدوم ضياءالدين ٺٽوي ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ ١١٧١ هجري ۾ وفات ڪئي (٢). علامه ابوالحسن کان پوءِ مخدوم ضياءالدين پهريون عالم آهي، جنهن ديني مسئلن بابت سنڌي ۾ ڪتاب لکيو؛ جيڪو "مخدوم ضياءالدين جي سنڌي" جي نالي سان مشهور آهي.

علامه مخدوم ضياءالدين جي ڪتابي سلسلي کي مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم عبدالله نربي واري اڳتي وڌايو(٣). سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ۾ اسلامي ۽ اخلاقي ڪتابن جو پڙهڻ جو رواج ٻارهين صدي ۾ پيو. سنڌي ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. فقه جا اهڙا ڪيترا مسئلا جيڪي عربي جي اڻ لڀ ڪتابن ۾ ملندا هئا، سي سنڌي ڪتابن جي معرفت آساني سان ملڻ لڳا (٤).

## مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو هاشميه مدرسو

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو والد عبدالغفور بن عبدالرحمان بن محمد بن قاسم بن خيرالدين الحارثي القريشي، سرزمين سنڌ جو هڪ وڏو بلند پايه عالم ٿي گذريو آهي. مخدوم صاحب شهر

(١) عبدالجبار جوڻيجو، سنڌيون، ص ٤٨

(٢) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفةالڪرام، ص ص ٥٥٨-٥٦١

(٣) محمد عثمان ڏيپلائي، مخدوم ضياءالدين ۽ سندس سنڌي، "الرحيم" ١٩٦٦ع، ص ١٠٩

(٤) ايضاً، ص ١١٠.

ميرپور بٺوري، ضلعي ٺٽي ۾ ١١٠٤هه/ ١٦٩٠ع ۾ پيدا ٿيو(١). ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ والد کان پرايائين. ان بعد وڌيڪ تعليم ٺٽي ۾ مولوي مخدوم محمد سعيد وٽ حاصل ڪيائين. مخدوم ضياءالدين وٽ باقي ڪتابن جي تحصيل کان پوءِ درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين، پر والد جي وفات کان پوءِ ٺٽي کي ڇڏي، ميرپور بٺوري جي پرسان بهرام پور ۾ اچي رهيو، جتي مدرسو کولي ديني علمن جي تعليم ڏيڻ لڳو. درس تدريس سان گڏ غير شرعي رسمن ۽ بدعتن جي خلاف زبردست جهاد شروع ڪيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ بهرامپور ڇڏي وري اچي ٺٽي ۾ رهيو.

ٺٽي ۾ اچڻ کان پوءِ سندس علم جي ساک دور دراز ملڪن تائين پکڙجي ويئي ۽ ڪيترائي سندس علمي فيض سان فيضور ٿيا. ميان غلامشاهه ڪلهوڙي طرفان کيس ٺٽي جو قاضي القضاة جو عهدو مليل هو.

نادرشاهه بادشاهه ۽ احمدشاهه جهڙن وقت جي بادشاهن سان خط و ڪتابت جو رستو رکندو هو ۽ سندس استدعائن تي دين جي تقويت متعلق دلگهريا احڪام جاري ٿيندا هئا. سنه ١١٣٥ هجري ۾ حج جي ارادي سان عربستان ڏانهن روانو ٿيو، جتي بلندپايه علمن شيخ عبدالقادر الحنفي صديقي المڪي، شيخ عبد بن علي المصري، شيخ محمد ابي طاهر المدني ۽ شيخ علي بن عبدالملڪ الدراوي کان حديث، تفسير، فقه ۽ ٻين علمن ۾ سندون حاصل ڪيائين(٢). واپسي وقت سورت بندر تي سيد محمد سعدالله سورتي کان بيعت ورتي، خلافت جو خرقو ڏنائين. مخدوم صاحب ١١٣٨ هجري ۾ وطن موٽي آيو. ٺٽي ۾ مخدوم صاحب حديث

(١) مير علي شير قانع ٺٽوي، مقالات الشعراء، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٧ع، ص ص ٨٤١-٨٤٢

(٢) مخدوم محمد هاشم التتوي، بذل القوة في حوادث سني النبوه، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٦ع، ص ص ٦-٧

جو درس ڏيڻ جو مشغلو جاري رکيو ۽ ان سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به ڪندو رهيو (١). مخدوم صاحب اٽڪل ڏيڍ سؤ ڪتاب عربي ۽ سنڌي ۾ تاليف ڪري سنڌ وارن تي هڪ ناقابل فراموش احسان فرمايو.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جون هيٺيون مشهور تصنيفون آهن.

(١) رسالة اتحاف الاکابر.
(٢) "ذيلها".
(٣) حديقة الصفافي اسماء المصطفي ﷺ
(٤) فتح الغفار بعوالي اخبار.
(٥) فاکهة البستان.
(٦) مظهر الانوار
(٧) جنة النعيم في فضائل القران العظيم.
(٨) تفسير القرآن مسمية "التفسير الهاشمي".
(٩) حاشيه التفسير بقدره
(١٠) تفسير سورة الکهف.
(١١) تفسير سورتي الملک والنون في ثمانية کراريس.
(١٢) ثمانية قصائد صفار في مدح النبي ﷺ.
(١٣) درهم الصرة وضع اليدين تحت السرة.
(١٤) ترصيع الدرة في علي درهم الصرة.
(١٥) معيار النقاد في تمييزالمغشوش عن الجياد.
(١٦) السيف الجلي علي ساب النبي ﷺ.
(١٧) رسالة في کيفية مسح الرائيس.
(١٨) رسالة صغري في تقدير صدقة الفطر و منها.
(١٩) نور البصائر.
(٢٠) غنية الظريف بجمع المرويات والتصانيف.

---

(١) الوحيد اسپيشل نمبر، سنڌ جا ڪي مشهور بزرگ، ١٩٣٦ع، ڪراچي، ص ص ٣٢-٣٣.

(۲۱) کتاب غاية النيل فی اختصار الاتحاف والذيل
(۲۲) رسالة نورالعين في اثبات الاشارة في التشهدين
(۲۳) خلاصة البيان في عدآي القرآن۔
(۲۴) رسالة وجوه القراة الجاريه
(۲۵) رسالة تسمي شد النطاق في ما يلحق من الاطلاق
(۲۶) رسالة تسمي مدالباع الي تحرير الصاع
(۲۷) الفصل المبين بكل عقدة قولهم الشك لايرفع اليقين
(۲۸) رسالة و في عمارتقتلة الفتة الباغية
(۲۹) رسالة تسمي بالحجة الجليه في حكم كراهية سور الاجنبيه
(۳۰) رسالة في الجواب عما كتب بعض الافاضل في الجواب عنها
(۳۱) رفع الغطاء عن مسئلة جهل العمامة تحت الراداء
(۳۲) الشفاء في مسئلة الراء
(۳۳) رفع الخفاء عن مسئلة الراء
(۳۴) وسيلة القبول في حضرت الرسول
(۳۵) رسالة في ان سابالنبي صلي‌الله عليه وسلم
(۳۶) كشف‌الغطاء عما يحل وبكرم من النوح و البكاء
(۳۷) رسالة في تعداد وجوه القراة الجاريه
(۳۸) كفايت القاري و منها رسالة تسمى
(۳۹) الاؤلؤ المكنون في تحقيق مدالسكون
(۴۰) رسالة في جمع وجوه القراة الجاريه في آيه سور "البقره"
اذاخذنا ميثاق بني اسرائيل لا تعبدون الا الله الايه
(۴۱) كشف الرين عن مسئله رفع‌اليدين
(۴۲) بسطالبرده لزي ناظم البرده
(۴۳) الحصن المنوع عما اورد علي من ادراج الحديث الموضوع
(۴۴) الوصية الهاشميه
(۴۵) باالشفاء الدائم عن اعتراض القائم
(۴۶) تحفة القاري بجمع‌المقاري
(۴۷) فتح الخلاف بموازين السبعه من الاوفات

(٤٨) في الحكم بالاسلام علي الذمي اندراج و منهار ساله تسمي
(٤٩) موهبة العظيم في ارث حق مجاورة الشعر الكريم
(٥٠) رفع الغين هن مسئله الجمع بين العمتين
(٥١) فيض الغني في جواز نكاح البالغة بدون ازن الولي
(٥٢) بالحجة القرية في الراد علي من قدح في الحافظ ابن تيمه
(٥٣) تمام العناية في الفرق صريح الطلاق و الكناية
(٥٤) تحفة العلماء في قول الصلواة خير من النوم في اذان الفجر حال القضاء
(٥٥) رسالة في تحقيق اسانيد حديث اقتلوا الساحر و الساحرة و منها رسالة تسمي
(٥٦) كشف الرمز عن وجوه الوقف علي الهمز
(٥٧) كحل العين بما يقع من وجوه القراة بين السورتين
(٥٨) التحقيق الكلام في الرد علي من نفي صحه اسلام المخطي بكلمه السلام
(٥٩) التحفة الهشميه في شرح القصودة القاسميه
(٦٠) شفاء الجنان لاهل الصدق ولايقان
(٦١) تحرير كبير في الرد علي من اعتراض علي الحافظ ابن تيميه
(٦٢) تحقيق المسلك في ثبوت اسلام الذمي بقوله للمسلم اذا مثلك
(٦٣) مختصرة من الرسالة السابقة و منها رسالة تسمي
(٦٤) بالسمة النبرية في حقيقه القطع بالافضليه
(٦٥) بالطريقه الاحمديه في حقيقه القطع بالافضليه
(٦٦) بالحجة القويه في مسئاله القطع بالافضليه
(٦٧) النور المبين في جمع اسماء البدريين
(٦٨) رفع المنكب الي تكثير المتشهدات في صلوات المغرب
(٦٩) رفع المنصب لتكثير التشهدات في المغرب
(٧٠) القول لمعجب في بيان كثرت تشهدات الغرب
(٧١) القول الا نور فى حكم لبس الا حر
(٧٢) بالسيوف القاهرة علي ساب الخمسة الطاهره

(٧٣) بالحتفة المرغوبة في عدم كراهية الدعاء بعد المكتوبة.
(٧٤) حيات القاري باطراف صحيح البخاري.
(٧٥) بذل القوة في حوادث سني نبوة النبي صلى الله عليه وسلم.
(٧٦) تنقيح الكلام في النهي عن قراة الفاتحة خلف الامام.
(٧٧) بفتح العلي في حوادث سني نبوة النبي صلي الله عليه وسلم.
(٧٨) حلاوة الفم بذكر جوامع الكلم.
(٧٩) فرائض الاسلام.
(٨٠) كتاب وسيلة الفقير بشرح اسماء الرسول البشر.
(٨١) زاد السفينة لسالكي المدينة.
(٨٢) ذريعة الوصول الي جناب الرسول.
(٨٣) حياة الصائمين.
(٨٤) نتيجة الفكر في تحقيق صدقة الفطر.
(٨٥) فتح الكلام في كيفية اسقاط الصلواة و الصيام.
(٨٦) رشف الزلال في تحقيق فيء الزوال.
(٨٧) تحفة الاخوان في منع شرب الدخان.
(٨٨) فتح القوي في نسب النبي صلي الله عليه وسلم.
(٨٩) النفحات الباهرة في جواز القول بالخمسة الطاهرة.
(٩٠) فيض الغني في تقدير صاع النبي صلي الله عليه وسلم.
(٩١) رسالة في تقدير الغسل و لوضوء بموازين بلدة تته و رسالة تسمي.
(٩٢) الباقيات الصالحات في ذكر الازواج الطاهرات.
(٩٣) حيات القلوب في زيارة المحبوب و مختصرها السمي.
(٩٤) سفينة السالكين الي بلد الله الامين.
(٩٥) تحفة المساكين الي جناب الامين.
(٩٦) رسالة في تحقيق ان الواجب علي العالم المقلد اتباع المجتهد و العمل بظاهر الحديث.
(٩٧) رسالة اصلاح مقدمة الصلواه.
(٩٨) جمع اليواقيت في تحقيق المواقيت.
(٩٩) رسالة في المنع عن الماتم في ايام عاشوراء.

(١٠٠) وسيلة الفريب الي جناب الحبيب صلي الله عليه وسلم.
(١٠١) تحفة المسلمين في تقدير مهور امهات المومنين.
(١٠٢) رسالة راحة المومنين و- رسالة في مسائل الصيام تسمي.
(١٠٣) زاد الفقير.
(١٠٤) قوة العاشقين.
(١٠٥) رسالة في ذكر افضل كيفيات الصلواة علي النبي صلي الله عليه وسلم.
(١٠٦) رسالة في موعظة ما يتعلق با حوال القبر وما بعد رسالة في ذكر عقائدالدين سميتها.
(١٠٧) بناء الاسلام.
(١٠٨) تحفة التائبين.
(١٠٩) "اللهم اني" و "الله ربي" بدون درج العربية.
(١١٠) سندية في ترجمة رسالتي اصلاح مقدمة الصلواة بـاللسان السندية.
(١١ ) التفسير الهاشمي.
(١١٢) اصح الاسانيد.
(١١٣) اجادة النجده.
(١١٤) تتميم حاشية الخيالي.
(١١٥) تهذيب الاصلاح في تنوير المصباح.
(١١٦) اساس المصلي.
(١١٧) عين الفقه.
(١١٨) فرائض الايمان.
(١١٩) قال اقول.
(١٢٠) مفتاح الصلواه.
(١٢١) ارشاد الظريف لاطوار التصنيف.
(١٢٢) دستور الفرائض.
(١٢٣) رسالة في وجوه قراة الاية.
(١٢٤) الطراز المذهب في ترجيح الصحيح من المذهب.

## مدرسو هاشميه ٺٽو

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو مدرسو ”هاشميه دارالعلوم“ جي نالي سان دنيا ۾ مشهور هو، جنهن مان نه رڳو سنڌ جا پر سنڌ کان ٻاهر جا شاگرد پڙهي وڏا فقيه ۽ محدث ٿي نڪتا. انهن مان گهڻن جا نالا ته تاريخ جي صفحن تان ڊهي متجي ويا آهن، پر ڪن ٿورن جا نالا هيٺ پيش ڪجن ٿا.

١- مخدوم عبدالرحمان، مخدوم صاحب جو وڏو پٽ. هن سمورو علم پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪيو. فقه ۽ حديث جو وڏو ماهر هو. حج جي مسئلن تي سنڌي نظم ۾ سندس لکيل ڪتاب وڏي شهرت رکي ٿو ۽ مخدوم صاحب جي عربيءَ ۾ لکيل رسالي ”الوصيت الهاشميه“ (هاشمي وصيت نامو) ۾ هن لاءِ نصيحتون ڪيل آهن (١). هن پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ سنڌ ڇڏي وڃي جهوناڳڙهه وسايو، انهي ڪري سندس وڌيڪ احوال ملي نه سگهيو آهي. سنه ١١٨١ هجري ۾ جهوناڳڙهه ۾ وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفنايل آهي.

٢- مخدوم عبداللطيف، هن به سارو علم پنهنجي پيءُ وٽان حاصل ڪيو ۽ ان جي وفات کان پوءِ سندس مسند تي ويٺو. مير علي شير قانع لکي ٿو ته مخدوم عبداللطيف هر جمعي تي جامع مسجد خسرو (ٺٽي) ۾ صبح جو والد جي دستور مطابق وعظ ڪندو آيو ۽ روزانو ٽپهري کان پوءِ مسجد ۾ حديث جو درس ڏيندو آيو ۽ مدرسي هاشميه کي تازو رکندو اچي ٿو.

مخدوم عبداللطيف، ميان سرفراز عباسي جي دور ۾ ١١٨٧ هجري ۾ لشڪر ۾ قاضي جي عهدي تي مقرر ٿيو. هن گهڻا ڪتاب جوڙيا، جن مان مخدوم محمد معين ٺٽوي جي مشهور عالم ڪتاب دراسات النبي“ جو رد ”ذب ذبابات الدراسات“ لکيائين.

(١) اهو قلمي رسالو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، ۽ ان جو سنڌي ترجمو ٿئين زندگي ۾ گهڻا سال اڳ ڇپجي چڪو آهي.

٣- علامه ابوالحسن صغير سنڌي، ۽ ٤- حاجي فقيرالله علوي شڪارپوري. مخدوم محمدهاشم ٧٠ ورهين جي ڄمار سنه ١١٧٤ هجري ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو مڪلي تي مرجع خلائق آهي.

## سن ساوڙي ۾ ابوالحسن ڏاهري وارو مدرسو

مخدوم ابوالحسن ڏاهري نقشبندي ڳوٺ سن ساوڙي (ضلعي نوابشاهه) ۾ سنه ١١١٦ هجري ڌاري ڄائو ۽ ١١٣٦ هجري ڌاري جهونا ڳڙهه جي شهر ڪوٽياڻه ۾ پڙهيو. عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو عالم ۽ شاعر هو. سندس سمورو ڪلام زماني جي ستم ظريفي جو شڪار ٿي ويو.

مخدوم صاحب جون ڪيتريون ئي تصنيفون آهن، جن مان مشهور ڪتاب ٻه نظم ۾ ۽ ٻه نثر ۾ آهن. هڪڙو سراج المصلي، جنهن ۾ نماز جا مسئلا بيان ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ علم ڪلام جي ڪن مکيه مسئلن ۽ تصوف جي چند اصطلاحن جي نهايت سهڻي وضاحت ڪئي وئي آهي. ٻيو ڪتاب ڪچڪول نامو اٿس، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي وات، شريعت، طريقت ۽ ٻنهي ۾ فرق، حقيقت جي سمجهاڻي، نور جو بيان، معرفت جي وضاحت، مجرد لطيف ۽ ڪثيف جي اپٽار، ناسوت، ملڪوت، جبروت، ۽ لاهوت جو بيان، نور محمدي، اعيان ثابته، عالم ارواح وغيره جي عنوانن جو بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي تاليف جو سنه ١١٧٦ هجري آهي. سندس باقي ٻيا ڪتاب آهن: ينابيع الحيواة الابدية، ۽ رفع الغرية. ينابيع، تصوف تي ٽن جلدن ۾ هڪ وڏو ڪتاب آهي. هن ڪتاب بابت ڪن همعصر عالمن جو رايو آهي ته هي ڪتاب امام غزالي رحه جي مشهور عالم ڪتاب ڪيمياء سعادت کان بهتر آهي. ٽيون ڪتاب رفع الغرية والمرية فقهي رسالو آهي. هن رسالي ۾ مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي جا حوالا پڻ آندا ويا آهن. مخدوم مسعود چوٽياري واري پنهنجي

تحرير ۾ ابوالحسن ڏاهري کي وقت جي عالمن جو امام سڏيو آهي. اهي سڀ تحريرون پير جهنڊي جي لائبرري ۾ موجود آهن (۱).

مخدوم ابوالحسن ڏاهريءَ جو سن ساوڙي جي پرسان مدرسو هو، جنهن ۾ پاڻ درس تدريس جو ڪم ڪندو هو. سنه ۱۱۸۱هه ۾ وفات ڪيائين. موجود دوڙ اسٽيشن جي پرسان ڏاهرين جي ڳوٺ ۾ ”اُبل“ نالي قبرستان ۾ دفنايل آهي.

## مولوي عبدالخالق ٺٽوي (ولادت سنه ۱۱۵۷هه/۱۷۳۳ع)

ٺٽي جو ويٺل هو ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو مريد ۽ پيارو شاگرد هو. مدرسي ”هاشميه“ ۾ نائب ٿي تعليم ڏيندو رهيو. ”مطلوب المومنين“ سنڌي نظم ۾ ڪتاب تصنيف ڪيل اٿس (۲).

## ابوالحسن محمد صادق المعروف به ابوالحسن الصغير

ٺٽي ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي ئي ڪسب ڪمال ڪيو. بعد ۾ هجرت ڪري مديني منوره ۾ شيخ محمد حيات سنڌي جي صحبت اختيار ڪيائين. ان جي وفات ڪان پوءِ سندس مسند تي ويهي ”مدرسة الشفا“ ۾ حديث ۽ ٻين ديني علومن جو درس ڏيڻ لڳو. علامه ابوالحسن صغير جو لکيل ”بهجة النظر شرح شرح نخبة الفڪر“، ڪتاب حامل المتن شرح نخبه جي شرح آهي، جيڪو گهڻو اڳي هندستان ۾ شايع ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي ناياب آهي (۳).

ٻارهين صدي هجري جي هڪ ٻئي محدث قاضي محمد اڪرم نصرپوري به شرح نخبه جي شرح امڪان النظر جي نالي سان لکي،

(۱) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ”ابوالحسن ڏاهري“، ماهي الرحيم، ۱۹۶۵ع، ص ۶۲.
(۲) خانبهادر محمد صديق ميمڻ، سنڌي ادب جي تاريخ، جلد اول، ص ۸۸.
(۳) انهي ڪتاب جي هڪ ڪاپي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

جيڪا بلڪل بسيط ۽ مفصل شرح آهي. مولانا عبدالحي لکنوي جي تاليفات ۾ گهڻو ڪري هن شرح جا حوالا موجود آهن. اهڙي طرح مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي تصنيفات ۾ به اعمان النظر جا حوالا ملن ٿا. بهجة النظر ۾ ان جي برعڪس ايجاز ۽ اختصار آهي.

علامه ابوالحسن صغير سنه ١١٥٢ هه ۾ ڄائو ۽ ١١٨٧ هه ۾ مديني پاڪ ۾ وفات ڪيائين ۽ اتي مٽيءَ ۾ پيوند ٿيو (١).

## ملا احمد ٺٽوي

ملا احمد ٺٽوي، فاروقي نسل مان حنفي مذهب جو فرد، علم طب ۽ علم تاريخ جو وڏو ماهر هو. ڪجهه وقت گذرڻ بعد هن شيعه مذهب اختيار ڪيو. سنڌ ڇڏي ايران جي بادشاه طهماسپ صفوي (٢) جي دربار ۾ پهتو. تعصب وچان بادشاه سان ناراض ٿي ايران مان سڌو حج تي هليو ويو. اتان سمنڊ جي رستي دکن پهتو، جتان ٩٩٠ هه ۾ اڪبر بادشاه جي دربار ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هجرت نبوي کان وٺي چنگيز خان جي زماني تائين ٻن جلدن ۾ "تاريخ آصفيه" لکيائين (٣). ڪيس تعصب سببان ٻارهين هجري جي اوائل ۾ قتل ڪيو (٤).

## محمد فاضل سنڌي

هن بزرگ جو احوال حضرت شاه ولي الله رحه پنهنجي استادن ۾ ڏنو آهي، جيئن ته علم قرائت جو استاد بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

(١) ارمغان، ڪل پاڪستان تعلقات اسلامي ڪانفرنس ١٩٦٣ع، سنڌ جا مشهور علماء، ص ٢٣.
(٢) ٩٣٠ تا ٩٨٤ هجري.
(٣) ٩٠٣ تا ٩٢٤ هجري.
(٤) تاريخ بدايوني، ص ص ٣١٧-٣٦٤؛ ج ٣، ص ١٢٨؛ طبقات اڪبري ج ٢، ص ٣٨٢؛ اڪبرنامه ص ص ٣، ٧، ٥٢؛ ماثرالامراء، ج ٣، ٢٦٠.

”قال العبد الضعيف ولي الله بن عبدالرحيم عفي عنہ
قرآت القرآن كلله من آونـه الي آخره حفص عن عاصم
عن الصالح الثقة.
حاجي محمد فاضل السندي. سنہ ١١٥٤ هجري.

## مخدوم ابوبكر هالائي

هن بزرگ جو احوال مخدوم ابوالحسن ڏاهري پنهنجي كتاب ”ينابيع“ ۾ ڪيو آهي ۽ پنهنجن استادن ۾ شمار ڪيو اٿس. مخدوم ابوالحسن اهو ڪتاب ٻارهين صدي هجري جي وچ ڌاري لکيو، جڏهن مخدوم ابوبڪر وفات ڪري چڪو هو، تنهنڪري اندازو آهي ته ٻارهين صدي هجري جي اوائل ۾ وفات ڪري چڪو هوندو.

## ملا اسحاق بکري

ملا اسحاق بکري، فارسي زبان جو ايڏو ته ماهر هو، جو کيس شيخ سعدي شيرازي ۽ عارف عبدالرحمان (جامي) جو وارث سڏيو ويندو هو. هو شروع ۾ سلطان محمود بکري جو ملازم هو، جلال الدين اڪبر جي زماني ۾ ”طبقات اڪبري“ جي مصنف نظام الملڪ (١) وٽ وڃي رهيو هو. آخرڪار مرزا غازي بيگ وقاري جي تعليم لاءِ ٺٽي ۾ اچي رهيو. سيد محمد طاهر نسياني ٺٽوي ٿو ته ”آغا ٢٥ سالن جي ڄمار ۾ ١٠١٤هہ ۾ استاد خضر طبيعت مولانا اسحاق بکري جي خدمت ۾ شاعري جي فن سکڻ لاءِ حاضر ٿيس. هن صاحب جي توجہ سان مون ۾ شاعري جي صفت پيدا ٿي“. تاريخ وفات معلوم نہ ٿي سگهي، مگر هو ٻارهين صدي هجري جي عالمن مان آهي (٢).

(١) نظام الملڪ غلط آهي، صحيح خواجہ نظام الدين احمد آهي.
(٢) تفصيل لاءِ ڏسو ”مرزا غازي ترخان اوراسکي بزم ادب“، از حسام الدين راشدي، ص ص ١٢٩، ١٨٣، ٥٦١.

## مير ابوالمڪارم شهود ٺٽوي

مير ابوالمڪارم بن مير ابوالبقا امير خان. ڪرامت جو مالڪ، وڏو عالم ۽ فاضل شاعر هو. هو تاريخ ۽ لغت جو وڏو ماهر هو ۽ ان زماني جا چوڏهن علم ڏي بر زبان ياد هئس. رات ڏينهن ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. سندس ڪتبخاني ۾ پنج سؤ جلد مختلف علمن جا موجود هئا. سندس هيٺيون تصنيفات آهن:

(١) ديوان فارسي.
(٢) قصه پري خانه سليمان.
(٣) سيف الملوڪ و بديع الجمال (اڻ پورو).

سيد ابوالمڪارم شهود سيوهڻ ۾ سنه ١٠٣٧ هجري ۾ وفات ڪري لعل شهباز قلندر جي پاڙي ۾ آراميو(١).

## مير ابوالبقا امير خان ٺٽوي

مير ابوالبقا ولد مير ابوالقاسم نمڪين هروي بکري، هڪ وڏو عالم، شاعر ۽ فاضل هو. کيس شاهجهان بادشاهه ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو. ميرپور بٺورو سندس نالي تي آباد ڪرايل شهر آهي. هن وقت ابوالبقا امير خان جي ٺٽي ۾ هڪ ويران مسجد هندن جي پاڙي ۾ آهي، شايد اڳ انهي محلي کي "محله پائي خان" سڏيو ويندو هو. مسجد جي اندر اڪريل قطع تاريخ مان اڏاوت جو سال ١٠٣٩ هجري نڪري ٿو (٢). ذخيره الخوانين موجب مير ابوالبقا هڪ سؤ ورهين جي ڄمار ۾ به قوت رجوليت ۾ اڪين جي نظر ۾ نوجوانن جهڙو هو (٣). سنه ١٠٥٧ هجري ۾ وفات ڪيائين، سندس قبر "ستين جي ٿان" (روهڙي) ۾ آهي.

(١) مثنوي "قصه پري خانه سليمان" ۽ وڌيڪ احوال لاءِ ڏسو "تذڪره اميرخاني"، مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد.

(٢) حسام الدين راشدي، مڪلي نامه، ص ص ٢٢٤-٢٣٠؛ مآثر الامرا اهو قول ذخيره الخوانين تان نقل ڪيو آهي. ج اول، ص ٧٣.

(٣) ڏسو "تذڪره اميرخاني"، ص ١١٢.

## ابو الفتح ٺٽوي

ٺٽي جي ملن جي غريب خاندان مان هو، پر پنهنجي هوشياري جي ڪري اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ لاهري بندر (شاهه بندر) کيس جاگير طور ڏنو ويو. ملا ابوالفتح کي مير منشي جو عهدو ۽ ”قابل خان“ جو خطاب مليو. هو فارسي انشاء جو قابل هو. سندس خط(١) پوري هندستان ۾ پکڙيل هئا، جنهن تي ننڍا وڏا فارسي انشاء نويسي جي مشق ڪندا هئا. مير علي شير قانع لکي ٿو ته ”قصه ڪامروپ نثر ۾ سندس لکيل هو جنهن کي مون (مير قانع) نظم ۾ آندو آهي“. افسوس جو آخر ڄمار ۾ بادشاهه جي عتاب هيٺ آيو ۽ نوڪري مان نڪري ويو.

سندس وفات جو سنه معلوم نه آهي(٢)، مگر سلطان عالمگير ١٠٦٦ هه ۾ تخت تي ويٺو ۽ ١١١٨ هه ۾ وفات ڪيائين، جنهن مان ظاهر آهي ته ملا ابوالفتح ٻارهين صدي هجري جي اوائلي مشاهيرن مان آهي.

## مير اسد الله ٻکري

مير اسدالله تخلص ساقي، مير محمد معصوم جي ڏوهٽن مان وڏي استعداد ۽ علميت جو مالڪ هو. شعر ۽ شاعري جو ڪافي حد تائين ماهر هو. حڪيم مير يعقوب جو شاگرد هو ۽ پاڻ به وڏو حڪيم هو. طب جي مشهور ڪتاب ”ذخيره خوارزمشاهي“(٣) جو اختصار ڪيو ائين مير علي شير قانع لکي ٿو ته ”اڄ تائين پڙهڻ ۾ اچي ٿو ته هو زنده آهي“. اهو زمانو ١١٨١ هجري جو هو. بهرحال هي بزرگ ٻارهين صدي هجري ۾ ٿي گذريو(٤).

(١) منشات عالمگيري، دستور دانش (صغير ۽ ڪبير) ٻئي سندس تصنيفون آهن ۽ منشات (آداب عالمگيري) جي نالي سان ٻن جلدن ۾ تازو ١٩٧١ع ۾ لاهور مان شايع ٿيو آهي.

(٢) ١٠٤٢هه يا ١٠٧٣هه ۾ فوت ٿيو (ريو ٣٩٩)

(٣) مير علي شير قانع، تحفة الڪرام (فارسي)، ص ١٣١

(٤) قديم مقالات، ص ٢٦٧

## مير امين‌الدين خان حسين نثوي

مير امين الدين ولد مير ابوالمڪارم شهود ولد مير ابوالبقا امير خان رحه، علم ۽ اميري جو جامع ۽ هڪ وڏي خاندان جو ممتاز فرد هو، پنهنجي زماني ۾ حڪومت جي اختيارات سان گڏ علمي شغل هميشه جاري رکندو آيو. شروعات ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ ڪيس خانپور (شڪارپور) ۾ جاگير هئي. دهلي جي مغليه سلطنت پاران ١١١٤ هجري ۾ ٺٽي جو گورنر مقرر ٿيو(١). سندس هيٺيون تصنيفات آهن(٢) :

١- رشحات‌الفنون، جنهن ۾ چوڏهن علمن جو اختصار ڏنل آهي، ۽ ٢- معلومات الافاق.

مير اميرالدين خان ٺٽي ۾ ١١٢٧ هجري ۾ وفات ڪئي ۽ مڪلي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

## ميان ابوالبقا نثوي

فارسي جو عالم ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. شاعري ۾ ڪمال حاصل هوس. شيخ سعدي عليه الرحمة جي ”گلستان“ ڪي ”بوستان“ جي بحر ۾ نظم ڪيائين. سال ١١٤٦ هجري ۾ وفات ڪيائين(٣).

## سيد ابوالقاسم شڪرالاهي نثوي

ابوالقاسم سراج‌الدين محمد ولد سيد مير ولي، سيد قاضي شڪرالاهي جي خاندان مان ١١٣٨ هجري ۾ تولد ٿيو. ٻارهن سالن جي عمر ۾ سندس پيءُ وفات ڪري ويو. پاڻ شعر به چوندو هو. مير علي شير قانع سندس عزيز ۾ همعصر هو، جنهن سان صحبت

(١) تحفة‌الڪرام، ص ص ٣٤٥، ٣٥٠ ۽ ٤١٨

(٢) ”رشحات الفنون“ تاليف ١١٢٩هه، مضمونن جي فهرست لاءِ ڏسو تذڪره اميرخاني، ص ١٩٧ ؛ ۽ معلومات الافاق، لکنو مان سال ١٨٧٣ع ١٢٩٠ هجري ۾ ڇپيو.

(٣) مقالات الشعراء، ص ٨٧

وقت جو جليل‌القدر پير، ڪرامت جو صاحب ۽ وحدانيت سان گڏ ويدانيت جو ڪوڏيو ٿي گذريو. سونڊا ۾ سندس خانقاه ۾ قائم ڪيل مدرسي ۾ هميشه شاگردن جو ڪافي ميڙ رهندو هو، جن کي ديني تعليم سان گڏ روحاني راز سان پڻ نوازيائين ٿي. سندس مزار، عام مخلوق جي زيارتگاهه ۽ خدا کي پهتلن جو مرڪز آهي. يارهين صدي هجري جي پهرين ڏهي ۾ وفات ڪيائون.

مخدوم ملا آري، سونڊا جو هڪ ڪامل مشائخ ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. اسلامي علوم ۽ ڪرامتون پنهنجي ڪامل استاد سيد علي شيرازي کان پاتائين ۽ سندس وڏي ۾ وڏو مريد هو. ڪينجهر ۽ ان جي آسپاس وارا ڳندرا سندس مريد ۽ طالب ٿي رهيا. سونڊا جي شهر ۾ قرآن پاڪ جي تعليم عام ۽ خاص کي ڏيندو هو. سندس مزار انهي جاءِ تي عام خاص لاءِ زيارتگاهه آهي. سندس وفات جو سال معلوم ٿي نه سگهيو آهي، ليڪن اندازاً يارهين صدي هجري جي وچ ڌاري وفات ڪيائين.

## ملا بايزيد جي درسگاهه

ملا بايزيد، ملا آري جو پٽ هو، پيءُ جي وفات کان پوءِ به هن سلسلو ورد ۽ مشغلو جاري رکيو. ديني توڙي دنيوي علم پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪيائين. ديني خدمتن ڪري هي به پيءُ وانگر مشهور ٿي ويو ۽ هڪ عالم استاد جي ناتي سان سڏجڻ لڳو. انهي ڪري پري پري جا طالب، علم جو فيض پرائي سندس مريد ۽ عقيدتمند ٿيا. سندس قبر پيءُ جي قبر جي پرسان آهن. سندس وفات جو سال ۱۱۷۱هه آهي (۱).

ملا ابوبڪر پٽ ملا بايزيد، موروثي عالم، بزرگ ۽ ڪامل عامل ٿي گذريو. ڪڏهن ڪڏهن وجد جي حالت ۾ اچي ويندو هو ۽ هر وقت پنهنجي شاگردن ۽ مريدن کي وعظ ڪندو هو. پيءُ جي وفات کان پوءِ هي به سنت ٿي مري ويو.

(۱) ايضاً، ص ۵۵۵.

# ڪراڙه

## (علم ادب ۽ درويش عالم بزرگن جي سرزمين)

ڪراڙه جو علائقو جيڪو سمنڊ جي ڪناري سان لڳ سرزمين جو نالو آهي، سا ڪيترو عرصو سمن ڄامن جي هٿ هيٺ رهي. تنهن کان پوء وري ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي سنڌس حڪومت دوران ملي. هن سرزمين تي ڪيترائي بزرگ، عالم ۽ اسلام جا متوالا پيدا ٿيا جيڪي اڄ به ابدي ننڊ ۾ انهي زمين ۾ دفنايل آهن. انهن مان درويش صالح، پير لاکو، شيخ اسماعيل، پير ڪومن، شيخ راڄن، شيخ مغل پين، پير ڪجريو، شيخ لال، مخدوم جلال محمد، قاضي قطب الدين، قاضي هدايت الله، حاجي قائم الدين، شيخ رحمت الله ۽ شيخ محمود جا نالا قابل ذڪر آهن(١).

### مخدوم جلال محمد جي درسگاهه

مخدوم جلال محمد، پنهنجي زماني ۾ برک عالم، تقرير ۽ تحرير جو ماهر ٿي گذريو آهي. هن جهڙو سيني علمن جو جامع ٻيو ڪونه هو، انهي کان سواء هي هڪ وڏو مدرس، عالم، فقيه، مفسر ۽ نجوم، طب جي علم ۾ بقراط ثاني ۽ بوعلي اول هو. ايڏي ڪمال ۽ جمال هوندي به پنهنجي مدرسي ۾ شاگردن ۽ عام خاص ماڻهن سان ائين رلي ملي ويندو هو جو هر ڪو کيس پنهنجو سمجهندو هو. پنهنجي حياتي ڏاڍي سادگي سان گذاريندو هو. ڪانئس ڪيترائي طالب ۽ ماڻهو علمي فيض پرائي ويا. سنه ١١٥١ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

**قاضي قطب الدين:** اصل، ٺٽي جو باشندو هو. کن پيڙهين کان ڪراڙي جي قضا جو مالڪ ٿيو ۽ درياء جي اورئين پر اورنگا بندر ۾ رهڻ لڳو. قضا جي عهدي سان گڏ

(١) ايضاً، ص ص ٤٣٨-٤٤٠.

اورنگا بندر ۾ قرآن شريف جي تعليم سان گڏ فقه جو درس به ڏيندو هو.

**حاجي قائم الدين:** گهڻو عرصو بغداد ۾ گذاريو. سيد عبدالقادر جيلاني جي خلافت ذريعي ڪرالي ۾ آيو ۽ اچي اورنگا بندر ۾ اسلام جي تبليغ سان گڏ، قرن شريف، حديث ۽ ٻين ديني علمن جو درس ڏيڻ لڳو. وٽانئس ڪيترا ئي شاگرد فيض پرائي ويا، جن ملڪ جي ٻين حصن ۾ وڃي دين جي درس جو شغل جاري رکيو. هن سنه ١٠٨١ هجري ۾ وفات ڪئي.

**شيخ رحمت الله:** نهايت سالڪ مرد ۽ عالم دين ٿي گذريو آهي. اصل هندستان جو هو پوءِ اچي اورنگا بندر ۾ رهيو. هر جمعي تي مسجد ۾ پنهنجن شاگردن ۽ جماعتين کي وعظ ڪندو هو. آخرڪار اورنگا بندر ۾ ئي درس تدريس جي شغل کي جاري رکندي گذاري ويو. سندس وفات ٻارهين صدي جي آخري ڏهي ۾ ٿي (١).

نصريه، هتڙي، راهوت ۽ دائري جا شهر ۽ ٻورو پرڳڻو، علم ادب جي درسگاهن، مدرسن ۽ روحاني آستانن جا مکيه مرڪز هوندا هئا. مخدوم صدو لانگاه، پنهنجي وقت جو بزرگ ۽ درويش ٿي گذريو آهي. متيارين جا سيد جن مان سيد عبدالڪريم بلڙي وارو ۽ سندس پويان، مخدوم صاحب جا طالب ۽ مريد هوندا هئا. سندس مزار نصريه ڳوٺ ۾ ناليرن بزرگن جي زيارتگاهه آهي. سندس وفات جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي.

**ملا آجب:** مخدوم صدو جو فرزند ۽ ڪليل ڪرامتن جو صاحب هو. پنهنجي پيءُ وانگر پيري مريدي سان گڏ طالبن کي روحاني راز سان به نوازيندو رهيو. هن ٻارهين صدي جي وچ ڌاري وفات ڪئي (١).

(١) ايضاً، ص ٤٣٩

(٢) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام، ٤٢٦

## مخدوم فضل الله جي درسگاهہ ۽ روحاني آستان

مخدوم فضل الله، پنهنجي پيءُ ملا يوسف کان ديني ۽ دنيوي علوم و فنون حاصل ڪيا. ان کان سواءِ روحانيت جا سڀ مرحلا به هن کان ئي طي ڪيائين. نصريه ڳوٺ ۾ سندس وڏن جي قائم ڪيل مدرسي ۾ سڄي عمر درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. هن سنہ ١٠٨٥هہ هجري ۾ وفات ڪئي(١).

## صابر سومري جي روحاني درسگاهہ

درويش صابر سومرو، مخدوم نوح رحہ جي پوين کان فيض پرائي ٻٺوري پرڳڻي جي هنڙي شهر ۾ اسلام ۽ روحانيت جي تبليغ ڪندو رهيو. انهي ڪري ڪيترا ئي ماڻهو وٽس قرآن ۽ حديث جي تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. سندس پوين جو ساڳيو سلسلو ڪلهوڙن جي دور تائين قائم رهيو.

## مخدوم راهوٽيءَ جو مدرسو

مخدوم صدرالدين راهوٽي، ڳوٺ راهوٽ جو هڪ ڪامل عالم ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي سڄي حياتي قرآن شريف، حديث ۽ فقه جي تعليم ڏيڻ ۾ گذاري. راهوٽ ۾ سندس قائم ڪيل مدرسي مان ڪيترا ئي شاگرد تعليم حاصل ڪري نڪتا. سندس وفات جو سال ١٠٦١ هجري آهي.

## مولانا ضياءالدين راهوٽي جو مدرسو

مولانا ضياءالدين بن مخدوم صدرالدين راهوٽي، وهبي خواه درسي علمن جو جامع هو. هن سڀئي علم پنهنجي پيءُ ۽ ان وقت جي وڏن عالمن کان حاصل ڪيا. پهريائين تعليم ۽ تدريس ڏنائين، جتان ڪيترا ئي طالب ۽ عقيدتمند ديني توڙي روحاني فيض پرائي ويا، پر پڇاڙي ۾ گوشہ نشين ٿي ويهي رهيو ۽ خلق جي پاڻ وٽ اچ وڃ جو دروازو بند رکيائين. سندس وفات جو سال اندازاً ١٠٩٣ هجري آهي.

(١) ايضاً، ص ٤٢٦

## شيخ عبداللطيف جي درسگاهہ

شيخ عبداللطيف، عقلي خواه نقلي علمن ۾ مدرس ٿي گذريو آهي. پنهنجي سڄي حياتي درس تدريس جي شغل ۾ گذاريائين. سندس درسگاهہ ۾ پري پري جا شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. مولانا ضياءالدين سندس همعصر هو. هي بزرگ عالم به ٻارهين صدي هجري جي بلڪل آخر ۾ وفات ڪئي (۱).

## مخدوم حسن هرپره جو دائري ۾ مدرسو

مخدوم حسن هرپره، دائري ڳوٺ جو برک عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. پنهنجي طالبن ۽ مريدن کي روحاني راهہ جو درس ڏيندي سڄي عمر پوري ڪيائين. سندس وفات جو سال ڇپي نه سگهجي (۲).

# حيدرآباد

## (علم ۽ فيض جو گهوارو)

حيدرآباد سنڌ جو هڪ قديم ۽ تاريخي شهر آهي، جنهن کي پهرياڻين "نيرون ڪوٽ" سڏيو ويندو هو. سنڌ جي هڪ مشهور عالم مخدوم جعفر بوبڪائي، علامہ جلال الدين سيوطي جي ڪتاب "جمع الجوامع" مان هڪ روايت نقل ڪئي آهي ته "آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جن صحابہ ڪرام مان پنجن ماڻهن کي مڪتوب گرامي ڏيئي سنڌ ڏانهن موڪليو هو ۽ اهي نيرون ڪوٽ ۾ آيا. چنانچہ هتي جي ڪن ماڻهن اسلام قبول ڪيو. جڏهن نيرون ڪوٽ جي ماڻهن جو هڪ وفد آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو ته صحابہ ڪرام مان به انهن سان واپس

(۱) ايضاً، ص ۴۳۰.
(۲) ايضاً، ص ۴۳۱.

موتيا ۽ هتي ئي رهيا. انهن جون قبرون سنڌ ۾ اڃا تائين موجود آهن (٢).

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هن روايت تي نوٽ هنيو آهي ته مون هن کي مخدوم جعفر بوبڪائي جي خط سان ڏٺو ۽ مخدوم بايزيد ٺٽوي جي پٽ مخدوم حافظ کان ٻڌو. اهو لکي ٿو ته جمع الجوامع ۾ مون انهي روايت جي ڳولا ڪئي پر جيڪو نسخو مون وٽ موجود هو، ان ۾ اها عبارت ڏسڻ ۾ نه آئي. ساڳئي وقت تي هڪ ٻي روايت جمع الجوامع کان آيل آهي ته محمد بن ابي طالب رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته هڪ ڏينهن منهنجي خدمت ۾ ٻه وفد آيا، هڪ سنڌ مان ۽ ٻيو آفريڪا کان. ٻنهي وفدن منهنجي اطاعت قبول ڪئي. هن روايت بابت به مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو نوٽ آهي ته مون سيوطي جي جمع الجوامع ۾ علي بن ابي طالب رضه جي پٽ محمد اڪبر رضه جيڪو ابن الحنيفه کان مشهور آهي، ان جي روايت جي ڳولا ڪئي ته اها به ڏسڻ ۾ نه آئي. وري ساڳي روايت کي مٿئين ڪتاب ۾ محمد ذاڪر بن علي بن حسين بن علي بن ابي طالب جي روايتن ۾ ڳوليو، هن خيال کان ته متان اها روايت ان جي ڏاڏي ڏانهن منسوب هجي، پر مون کي اتي به اها عبارت ڏسڻ ۾ نه آئي.

باقي محمد اوسط ۽ محمد اصغر، جيڪي پڻ علي بن ابي طالب جا پٽ آهن، جن جو ذڪر سيوطي جمع الجوامع ۾ نه ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته سيوطي جو اهو ڪو ٻيو ڪتاب هجي جنهن ۾ اها روايت آندل هجي (٢). جيتوڻيڪ هن روايت

(١) بياض مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، جلد چوٿون، ص ٨٢ (قلمي نسخو)، جمع الجوامع جي حوالي سان. مخدوم امير احمد، ارمغان، ڪل پاڪستان تعليمات اسلامي ڪانفرنس ١٩٦٣ع، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ص ٨.

(٢) بياض هاشمي جو قلمي نسخو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي ۽ اتان مصنف جي خط سان ورتل آهي.

جي تائيد ٿئي هندان ڪتان به نٿي ٿئي، ليڪن قرائن کان هن جي تائيد ٿئي ٿي، حالانڪ اسين ڏسون ٿا محمد بن قاسم جي نيرون ڪوٽ تي حملي ڪرڻ کان پهريائين نيرون ڪوٽ جا ماڻهو عراق جي گورنر حجاج بن يوسف ڏانهن پنهنجو سفير موڪلي اظهار اطاعت ڪري عهد پيمان استوار ڪن ٿا ۽ جڏهن محمد بن قاسم نيرون ڪوٽ پهچي ٿو ته بنا ڪنهن چون چرا جي قلعي جا دروازا کولي ٿا ڇڏين. اٿين سنڌ جي ۽ ٻئي ڪنهن به شهر جي ماڻهن نه ڪيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته هتي جا ماڻهو اسلام سان پهريائين مانوس ٿي چڪا هئا.

شيخ الحديث حسين احمد مدني رحه پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ فرمايو آهي ته "سرزمين سنڌ ۾ صحابه ڪرام و تابعين عظام جون مزارون موجود آهن، جن جي زيارت جو فيض اڄ تائين دنيا حاصل ڪري رهي آهي (١)" گو مولانا موصوف ڪو به حوالو نه ڏنو آهي، ليڪن جيڪي حضرات مولانا جي تبحر علمي کان واقف آهن، اهي ڄاڻن ٿا ته هن اها ڳالهه بغير ڪنهن يقيني سند جي ڪانه لکي هوندي. بهرحال حيدرآباد هن علائقي جو هڪ قديم ۽ تاريخي شهر آهي ۽ اسلام جي ابتدا کان وٺي اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو رهيو آهي.

عربن سنڌ ۾ اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ جلد ئي ملڪي مصلحت جي بنا تي نيرون ڪوٽ جي اتر اوڀر طرف تقريباً ٤٥ ميل پري منصوره نالي هڪ ٻيو شهر آباد ڪري ان کي دارالحڪومت بنايو. جنهنڪري نيرون ڪوٽ جي اهميت ۾ وڏو فرق اچي ويو ۽ هي شهر آهستي آهستي غير آباد ٿيندو ويو، ايستائين جو ملڪ جون تاريخون هن جي ياد کان خالي ٿي ويون.

١٧٥٧ع ۾ سنڌوندي ۾ هڪ وڏو سيلاب آيو، جنهن

(١) مخدوم امير احمد، "ارمغان" ڪل پاڪستان تعليمات اسلامي ڪانفرس ١٩٦٢ع، ص ٨

سنڌ جو ان وقت جو تختگاهه خدا آباد غرق ڪري ڇڏيو. تنهنڪري ميان غلام شاهه ڪلهوڙي ڪي سنڌ جي تختگاه لاءِ ڪنهن اهڙي جاءِ جي تلاش ٿي جيڪو سيلاب جي دستبرد کان محفوظ رهي. آخر وڏي جستجو کان پوءِ نيرون ڪوٽ منتخب ٿيو ۽ انهي پراڻي قلعي جي جاءِ تي نئون قلعو تعمير ٿيو ۽ شهر جو نالو نيرون ڪوٽ جي بجاءِ حيدرآباد تجويز ڪيو ويو. اها ڳالهه وڏي تعجب خيز آهي جو ايترو وڏو قلعو فقط ٻن مهينن (ذوالقعد ۽ ذوالحج ١١٨٢ هجري مطابق جنوري ۽ فيبروري ١٧٦٩ع) جي ٿوري عرصي ۾ تعمير ٿيو. تعمير جو سال هيٺ ڏنل جملي مان ڪڍيو ويو:

يا رب اجعل هذا البلد آمنا– ١١٨٢ هجري

انهي کان پوءِ هن شهر جي تعليمي، تبليغي، تهذيبي ۽ تمدني اهميت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهيو. اڄ هي شهر پاڪستان ۾ ٽئين نمبر تي آهي ۽ تقريباً ڏهه لک آبادي تي مشتمل آهي.

هي شهر ۽ ان جي پسگردائي اسلامي سلطنت جي ابتدائي دور ۽ نشاة ثانيه ۾ اسلامي علوم ۽ ثقافت جا گهوارا رهيا. جيتوڻيڪ شهر ۾ سيد محمد مڪي (جنهن محمد بن قاسم جي نيرون ڪوٽ فتح ڪرڻ کان پوءِ هن شهر ۾ رشدو هدايت جو سلسلو جاري ڪيو) ۽ سيد عبدالوهاب شاهه جيلاني (جنهن اندازاً پنجين يا ڇهين صدي هجري ۾ هتي اچي رشد ۽ هدي جي مسند وڇائي) وغيره بزرگان دين جون مزارون شهر جي اردگرد موجود آهن. علماء ۽ مشائخ جون خانقاهون هن حقيقت جو بين ثبوت آهن.

حيدرآباد جو شهر گنجي ٽڪر جي اترئين ڇيڙي تي واقع آهي. هن بابت سنڌي ۾ هڪ چوڻي آهي ته "گنجو، پيرن جو منجو" يعني گنج بزرگان دين جو سرير آهي. هي ٽڪري ابتداءِ اسلام کان ٽالپرن جي دور تائين مشائخ ۽ اهل الله جو مسڪن رهي

آهي. "تحفة الڪرام" ۾ پڻ ڪيترن ئي بزرگن جا حالات ملن ٿا ۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ به هن تذڪري ۾ ڪي پنهنجن بيتن ۾ ڳايو آهي.

انگريزن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي هڪ جيد عالم مولانا محمد حسن صاحب (متوفي سنہ ١٣١٩ هجري) هن شهر جي هڪ مرڪزي مقام "مسجد مائي خيري" ۾ مدرسو قائم ڪيو، جتي جملي مروج علوم و فنون پڙهايا ويندا هئا. هن مدرسي وڏا وڏا عالم ۽ فاضل پيدا ڪيا. انهي زماني ۾ تعلقي هالا (ضلعي حيدرآباد ۾ سعيدآباد جي پرسان ڳوٺ پير جهنڊي ۾ جناب پير حاجي رشدالله شاه راشدي، مولانا عبيدالله سنڌي جي معيت ۾ "دارالرشاد" نالي هڪ مدرسو قائم ڪيو ۽ هڪ عاليشان ڪتبخاني جو سنگ بنياد رکيو. هي مدرسو ۽ ڪتبخانو اڄ تائين موجود آهن. ڪتبخاني لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان نادر ڪتابن مهيا ڪرڻ تي پيسو پاڻي وانگر وهايو ويو هو.

قيام پاڪستان کان پوءِ سنہ ١٩٤٩ع ۾ "سنڌ اورينٽل ڪاليج" جي نالي سان هڪ ديني ۽ ادبي درسگاهہ جو سنگ بنياد رکيو ويو، جتي عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ تحصيل علوم جو خاطر خواه انتظام ڪيو ويو. حيدرآباد شهر کان سواءِ ضلعي ۾ ٻيا به ڪيترائي ديني مدرسا موجود آهن، جيئن ته "جامعه رڪن الدين" آزاد ميدان، حيدرآباد شهر؛ "مدرسہ احسن البرڪات" نزديڪ هوم اسٽيڊ هال حيدرآباد؛ "مدرسہ قوت الاسلام" غريب آباد حيدرآباد؛ "مدرسہ مدينة العلوم" پيندو شريف (تعلقو حيدرآباد)؛ "دارالعلوم اشرفيہ" ٽنڊوالهيار (حيدرآباد)، وغيره.

## شڪارپور ۾ شاهہ فقيرالله علوي رحہ جي درسگاهہ

ڪلهوڙن کان اڳ شڪارپور، دره بولان واري رستي تي واپار جي لحاظ سان سنڌ جو پهريون نمبر شهر هو. هن شهر جو واپار لاهور، ملتان، سون مياڻي، قلات، ڪيچ مڪران، بحيره خزر،

خراسان، قنڌار ۽ ڪابل سان هلندڙ هو. خاص ڪري هي شهر خراسان جي پشم ۽ قنڌار جي سڪل ۽ تازي ميوي جي وڪري جي مارڪيٽ هئي(١).

نواب منصور علي خان شڪارپور جو پنجتيهون افغان نائب هو. شڪارپور شهر کي انهن ڏينهن ۾ عالم پناهه ڏنل هئي، جنهن کي آٺ دروازا هئا: (١) لکي در (٢) هزاري در (٣) هاٿي در (٤) خانپوري در (٥) ڪرن در (٦) واڱڻو در (٧) سيوي در ۽ (٨) نوشهرو در. انهن دروازن جون چاٻيون نوابن وٽ رهنديون هيون (٢).

شڪارپور، داؤد پوٽن جو اڏايل ۽ آباد ڪرايل آهي ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ داؤد پوٽن جي حڪومت جو خود مختيار گادي جو هنڌ هو. هن شهر ۾ ڪيترائي عالم بزرگ پيدا ٿيا، جن مان هڪ حاجي فقيرالله علوي رحه آهي. حاجي فقيرالله علوي رحه جي ولادت افغانستان جي مشهور شهر جلال آباد جي ڀرسان ڳوٺ روتاس ۾ تقريباً ١١٠٠ هجري ڌاري ٿي(٣).

سندس والد حضرت عبدالرحمان شاهه پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ بزرگ هو، جنهن جي مزار روتاس ڳوٺ ۾ زائرين لاءِ فيض عام جي زيارتگاهه آهي. سندس ڏاڏي جو نالو شمس الدين هو جيڪو مدينه منوره جي قبرستان جنت البقيع ۾ دفنايل آهي(٤).

(1) J. Douglas: Bombay and Westorn India, 1893, London P.35

(2) Solections from Records of Bombay Government. No XVII Shikarpur.

(٣) سروش (فارسي) ڪراچي، ١٥ مارچ ١٩٥٨؛ بذل القوة: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي؛ مقدمه مخدوم امير احمد، ص ٤٨؛ تذڪره صوفياء سرحد، اعجازالحق قدوسي، ص ٥٧٦؛ نئين زندگي (مئي ١٩٥٨ع)، ص ٨

(٤) قطب الارشاد، ج ١، ص ٢؛ فهرست قطب الارشاد، ص ٨؛ فتوحات الغيبة في شرح عقائد الصوفيه، ص ١؛ مڪتوبات، ص ص ٣، ٢٧، ٣٣، ١٤٩، ١٩٧ ۽ ٢٠٩٨؛ جنت السند ص ٥٧١؛ الوحيد سنڌ آزاد نمبر ١٩٣٦ع، ص ٣٩؛ تذڪره لطفي، ج اول، ص ٢٣٨؛ تحفة الڪرام، جلد ٽيون، ص ٢٤٤

بياض علوي ۾ سندس نسب جو سلسلو هن ريت ذنل آهي:
حضرت حاجي فقيرالله شاهه علوي بن مير عبدالرحمان بن مير شمس الدين، المشتهر بالسورج بن مير بدرالدين المشتهر بالحارث، وجده الاعظم، شاهه گل محمد بن قطب شاهه بن امين شاهه بن جودهن شاهه بن كرتاس شاهه بن نواب شاهه بن مهدي شاهه بن انتن شاهه بن محمد بن الحنيفه رضه بن اميرالمومنين علي كرم‌الله وجه (١).

ظفر فاروقي ندوي پنهنجي ڪتاب ”خاندان علويان دا مغان ڪا ايڪ مختصر تاريخي جائزه“ ۾ صفحي ٨٦ تي لکي ٿو ته ”علويه خاندان عباسي دور ۾ حجاز مان هجرت ڪري عجم ۾ سڪون پذير ٿيا“. حاجي فقيرالله علوي پنهنجي مڪتوبات ۽ ٻين تصنيفات ۾ پاڻ کي حنفي، قريشي ۽ هاشمي به ڪري لکيو آهي(٢).

حاجي صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار جي تربيت هيٺ حاصل ڪئي، جيڪو ان وقت جو وڏو قاري ۽ نقشبندي سلسلي جو بزرگ هو. باقي تعليم پاڪ و هند، افغانستان ۽ ماوراءالنهر جي مشهور عالمن کان حاصل ڪيائين؛ ظاهري ۽ باطني تعليم ۽ خلافت جو خرقو پشاور جي عالم بزرگ قطب‌الاقطاب مولانا محمد مسعود کان حاصل ڪيائين، جيڪو سندس مرشد به هو (٣). باقي سلوڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ درويش مولانا محمد سعيد پشاوري وٽ لڳاتار رياضت ۾ رهيو (٣).

حاجي صاحب علمي ڪماليت سان گڏ مدرس پڻ هو. شڪارپور ۾ علوين جي پاڙي ۾ سندس قائم ڪيل مدرسو اڄ به قائم آهي، جنهن مان ڪيترا ئي شائق شاگرد علم جو فيض حاصل ڪري ويا. مياں سرفراز ڪلهوڙو، سندس مريد، طالب ۽ معتقد

(١) بياض علوي، مرحوم مير جمال‌الدين علوي.
(٢) مڪتوبات، ص ٢٢.
(٣) قطب الارشاد، ص ص ٥٥٧، ٩٠٨ ۽ ٩٣٢؛ مڪتوبات، ص ص ٣٠٩، ٣١١، ٣١٦ ۽ ٣٢٠.

هو. ساڳي طرح قلات جو والي مير نصير خان بروهي به سندس مريدن جي زمري ۾ داخل هو. احمد شاهه ابدالي سنڌ تي ڪاهيو ته اهو به حاجي صاحب جي فيض جون خبرون ٻڌي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سکر ضلعي اندر ڪيترييون ديهون لنگر جي خرچ لاءِ عطا ڪيائين، جي اڄ تائين پٽيداري جي صورت ۾ سندس اولاد جي نالي داخل آهن ۽ انهن جي ڏيل جي پيدائش مان ڪين حصو ملندو آهي. حاجي فقيرالله علوي رحه پنهنجي مرشد مولانا مسعود پشاوري کان اجازت وٺي هندستان جو سفر اختيار ڪيو. لاهور ۾ به ڪيترن عالمن ۽ بزرگن سان روح رهاڻيون ڪيائين، جن مان سندس پير طريقت جي مرشد مولانا الحاج محمد سعيد لاهوري رحه جو ذڪر قابل ذڪر آهي (١).

لاهور کان امام رباني مجدد الف ثاني حضرت شيخ احمد فاروقي سرهندي جي ملڪ ڪيس سرهند وٺي ويئي. اتي امام رباني جي ڏوهٽي حضرت مولانا غلام محمد معصوم ثاني رحه سان به ڪافي عرصو روحاني صحبتون ڪيائين (٢).

(١) فتوحات الغيبة في شرح عقائد الصوفيه، ص ١؛ مڪتوبات شاه فقيرالله علوي، ص ص ٤٢، ٢٨٧ ۽ ٢٨٨؛ تذڪره لطفي جلد ٻهريون، ص ٢٣٨. حاجي محمد سعيد لاهوري نقشبندي، قادريه ۽ شطاريه سلسلن جو هڪ برک عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو. اهل ولايت ۾ متوڪل جي نالي سان مشهور آهي. "تشريف الشرفا" جو صاحب لکي ٿو ته حاجي صاحب رحه کي قادري طريقي ۾ حضرت سيد محمود بن سيد علي حسين ڪردي رحه کان خلافت ملي، جنهن سان سندس ملاقات مدينه منوره ۾ ٿي هئي. اتان ڪيس لاهور رهڻ جو حڪم ٿيو ۽ اتي هن حضرت سيد آدم بنوري رحه جي خليفي امجد حضرت حافظ سعد الله وزيرآبادي رحه (وفات ١٩ ذوالحج ١١٠٢ هجري) کان نقشبنديه، قادريه ۽ چشتيه طريقن ۾ خلافت حاصل ڪيائين. ١١٠ ورهين جي عمر ۾ ١١٦٦ هجري ۾ وفات ڪيائين.

(٢) مڪتوبات شاهه فقيرالله علوي رحه، ص ٣١٩. حضرت علامه (هلندڙ)

حاجي صاحب، امام رباني صاحب کي پنهنجي تاليف ۾ روحاني قبلو ڪري لکيو آهي. حاجي صاحب سرهند ۾ امام رباني مجدد الف ثاني کان فيض پرائي واپسي تي ڪافي عالمن ۽ بزرگن کان فيض پرائي؛ لاهور کان ٿيندو پشاور ۾ پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جنهن کيس واپس وطن وڃي عوام جي رشد ۽ هدايت لاءِ حڪم ڪيو.

جلال آباد ۾ حاجي صاحب قادريه ۽ نقشبنديه خانقاه جو بنياد رکيو. باطني و ظاهري علم پرائڻ لاءِ چوطرف جا ماڻهو فيض لاءِ ڪشالا ڪري خانقاه ۾ اچڻ لڳا.

شاه فقيرالله علوي هڪ طويل عرصي تائين مختلف ملڪن جو سفر ڪندو رهيو ۽ حرمين شريفين جي زيارت کان مشرف ٿيو(١) ۽ سنه ١١٣٠ هجري ۾ قندار جي رستي کان سنڌ ۾ آيو. شڪارپور کان ٿيندو هو ٺٽي ۾ پهتو(٢). ان دور ۾ ٺٽو پنهنجي وقت جو علمي شهر هو ۽ اهو سنڌ ۾ چڙ ته بخارا بنجي چڪو هو، جو ڪيترن ئي ڏورانهن ملڪن کان علم جا اڃايل هت اچي حديث، فقه ۽ فلسفي وغيره جي تعليم پرائيندا هئا. مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي درس تدريس جي هر هنڌ هاڪ وڄندي هئي. ٺٽي ۾ قيام جي دوران حاجي صاحب جون ملاقاتون انهن ٻنهي بزرگن سان ٿيون، اتان پوءِ هو حج تي آسهيو.

حاجي فقيرالله علوي ڪل ست حج ڪيا(٣). هڪ سفر

محمد معصوم ثاني ره. جي نسب جو سلسلو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ره. (وفات ١١٥٩هه) بن شيخ محمد اسماعيل (وفات ١١٣٩هه) بن شاه محمد صبغة‌الله (١٠٣٣هه - ١١٢٢هه) بن خواجه محمد معصوم (١٠٠٧هه - ١٠٧٩هه)، بن امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي (٩٧١هه - ١٠٣٤هه).

(١) تذڪره لطفي، جلد اول، ص ٢٢٩
(٢) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، نئين زندگي، فيبروري ١٩٦٠ع، ص ٢٠
(٣) بذل القوه، ص ٧.

جي دوران سندس ملاقات مڪي معظم جي مشهور عالم مفتي بزرگ شيخ عبدالقادر مڪي سان ٿي، جنهن کان وظائف، اوراد، ذڪر و اذڪار، حديثن ۽ مسئلن جون سندون حاصل ڪيائين. مفتي عبدالقادر مڪي پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو ۽ مڪه معظمه ۾ ڪيترا ئي سال مفتي جي عهدي تي فائز رهيو. سندس تصنيفات مان ”الفتاويٰ القادريه“ چئن جلدن ۾ تمام مشهور آهي. سنه ١١٣٨ هجري ۾ وفات ڪيائين(١).

شاهه فقيرالله علوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي به شاگردي اختيار ڪري، ڪانئس ذڪر فڪر جي تلقين ورتي (٢).

حرمين شريفين ۾ قيام دوران سڀني وڏن محدثن، فقيهن ۽ عالمن سان سندس صحبتون ٿيون، جن مان خصوصاً بيت الله شريف جي حنفي مصلي جو امام شيخ محمد ميرداد قاري عرب، جنهن سان سندس گهاٽا تعلقات هئا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ خط و ڪتابت هئي(٣). اني جي هڪ ٻي مشهور شيخ الحاج محمد الشافعي السواني الغافيني سان به صحبت ڪيائين (٤). مڪي کان موٽڻ بعد حاجي صاحب سنڌ ۾ بزرگن ۽ عالمن سان ملي قنڌار روانو ٿيو. جلال آباد ۾ سياسي فضا سازگار نه ڏسي طويل عرصي تائين قنڌار ۾ مقيم رهيو ۽ ديني تعليم ڏيندو رهيو. اڄ به قنڌار جي هڪ مسجد سندس نالي سان موسوم آهي (٥).

فقيرالله علوي جي شڪارپور ۾ آمد جو سال ١١٥٠ هجري آهي (٦). ان وقت شهر ۾ ڪافي غير مسلم هئا، جيڪي سندس

(١) ايضاً.
(٢) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، نئين زندگي، فيبروري ١٩٦٠ع، ص ٢٠
(٣) مڪتوبات شاهه فقيرالله علوي، ص ٩٥.
(٤) ايضاً، ص ٧١٩
(٥) سروش (فارسي)، مضمون آقاي حبيبي.
(٦) الوحيد سنڌ آزاد ١٩٣٦ع، ص ٣٦ ؛ صوفياء سرحد، اعجازالحق قدوسي، ص ٥٤٦.

پرجلال شخصيت سبب ڇڪجي دائره اسلام ۾ آيا. اسلام جي تبليغ جي لاءِ شڪارپور ۾ هڪ عظيم‌الشان مدرسي ۽ نقشبنديه قادريه خانقاهه جو بنياد رکيائين.

١١٦٠ هجري ۾ فقيرالله علوي آخري ڀيرو حرمين شريفين جو قصد ڪيو. هن سال دوران ٻي پنهنجو هڪ ڪتاب "وثيقة الاڪابر" لکي پورو ڪيائين. هن ڪتاب ۾ صحيح البخاري، مسلم، الترمذي، النسائي، ابن ماجه، المستدرڪ لحاڪم و ابن حبان ڪتابن متعلق جيڪي سندون شيخ عبدالقادر مفتي ۽ مخدوم محمد هاشم وغيره کان حاصل ڪيون هئائين، سي سڀ بيان ڪيل آهن (١).

مدينه منوره ۾ قيام دوران سندس علمي ڪچهريون شيخ محمد حيات سنڌي محدث مدني سان به ٿينديون رهيون (٢). رسول‌الله صلي الله عليه وسلم جي ذات اقدس کان اجازت ملڻ بعد مڪه معظمه ڏانهن حج ڪرڻ لاءِ اسهيو. اتي شيخ عبدالقادر مفتي مڪي جي مشهور شاگرد شيخ سيد محمد عمر محدث سان به علمي صحبتون ڪيائين (٣).

حاجي فقيرالله شاهه علوي رحه جي مدرسي مان ڪيترا ئي نالي وارا شاگرد پيدا ٿيا جن سنڌ ۾ علم جي شمع روشن ڪئي. انهن مان راشديه خاندان جو بزرگ سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) بن سيد محمد بقا (١١٧٠–١٢٣٣ھ) به هڪ هو. فقيرالله علوي کي طريقت جي ٽيٽيهن سلسلن ۾ ڪماليت حاصل هئي، پر پنهنجي ڪتاب "قطب الارشاد" ۾ ٣٦ طريقن جو ذڪر ڪيو اٿس، جن بابت کيس مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان به اجازت حاصل هئي (٤):

(١) قطب الارشاد، ص ٣٩٨

(٢) ايضاً، ص ص ٣٦، ٥٤٣؛ مڪتوبات شاهه فقيرالله علوي رحه، ص ص ٣١٦-٣١٩.

(٣) ايضاً، ص ص ٥٣٦، ٥٤٣.

(٤) قطب الارشاد، ص ص ٥٤٥-٦٤١.

(١) القادريه (٢) النقشبنديه (٣) الچشتيه (٤) الشاذيه (٥) الغزاليه
(٦) الخلوتيه (٧) الشطاريه (٨) السهروردية (٩) الڪبرويه
(١٠) البهائيه (١١) الحاتميه (١٢) الفردوسيه (١٣) الطيفورية الشاميه
(١٤) المدينية (١٥) الهمدانية (١٦) الرفاعية (١٧) الڪازرونية
(١٨) المحمدية (١٩) القريشية (٢٠) الطيفورية البسطاميه
(٢١) الاحمديه (٢٢) الخواطريه (٢٣) الطاليه (٢٤) الجنيديه
(٢٥) الاويسيه (٢٦) الخضرويه (٢٧) الزروقيه (٢٨) الراشديه
(٢٩) البڪريه (٣٠) الجزوليه (٣١) المهديه (٣٢) السهليه
(٣٣) الحلاجيه (٣٤) الشعبيه (٣٥) الصديقيه (٣٦) البخاريه الشاهيه.

## فقيرالله شاهه علوي جا استاد

(١) علامه محمد صادق بن دينڊار رحه النيڪنهاري حصارڪي:

فقيرالله علوي ننڍي هوندي تفسير، حديث، فقه، منطق ۽ معاني وغيره جي تعليم ڪانئس حاصل ڪئي. مولانا محمد صادق پنهنجي وقت ۾ افغانستان جو وڏو عالم، فاضل هو. سندس مدرسو افغانستان جي وڏن مدرسن مان هڪ شمار ڪيو ويندو هو. فقيرالله علوي ڪيس "بحرالتحرير في التقرير و التحرير"(١) ۽ "علامه حاوي المنقول والمعقول"(٢) جهڙا لقب ڏنا. فقيرالله علوي ڪانئس مشڪواة شريف ۾ اجازت حاصل ڪئي هئي(٣).

(٢) قطب الاقطاب مولانا محمد مسعود پشاوري:

فقيرالله علوي وڏيڪ درس حاصل ڪرڻ وقت پشاور جي مشهور بزرگ ۽ اهل الله مولانا سيد محمد مسعود پشاوري جي هٿ تي بيعت ڪئي. هي بزرگ چارسده تحصيل جي خرڪي

(١) وثيقة الاڪابر، ص ٢.
(٢) مڪتوبات شاهه فقيرالله علوي، ص ١٥٠.
(٣) وثيقة الاڪابر، ص ٢

ڳوٺ ۾ ١٠٥٣ هجري ۾ هڪ سيد گهراڻي ۾ پيدا ٿيو(١) ۽ هن الحاج محمد سعيد لاهوري کان لڳاتار مجاهدي کان پوء قادريه، نقشبنديه، چشتيه، شطاريه، سهرورديه، فردوسيه ۽ ڪبرويه طريقن ۾ اجازت حاصل ڪئي. هن کيس سرحد ۾ اسلامي تمليغ لاء خليفه اکبر مقرر ڪيو. چشتي طريقي ۾ مولانا يحيٰ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هئائين (٢). مولانا مسعود پنهنجي علائقي ۾ اخون بابا جي نالي سان مشهور آهي. هن ١١٣۴ هجري ۾ وفات ڪئي ۽ خرڪي ڳوٺ ۾ دفنايل آهي(٣).

(٣) الحاج مولانا محمد سعيد لاهوري: هي بزرگ نقشبندي، قادري ۽ شطاري سلسلن جو مشهور بزرگ هو. کيس قادري سلسلي جي خلافت سيد محمود بن سيد علي حسيني ڪردي کان ملي، جنهن سان هن مدينه منوره ۾ ملاقات ڪئي هئي ۽ اتي ئي سندس هٿ تي بيعت ڪئي هئائين(۴). مولانا محمد سعيد ٻه دفعا حرمين شريفين ويو جتي ڪيترن ئي طريقن جي مشائخن سان ملاقاتون ڪري فيض حاصل ڪيائين. نقشبندي سلسلي ۾ حافظ سعدالله وزير آبادي مجددي کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. مولانا صاحب ڪافي عرصو ڪابل ۾ رهي اطراف عالم جي سير سياحت کان پوء لاهور ۾ دولاواڙي ۾ مقيم ٿيو ۽ اتي درس تدريس ۽ رشد و هدايت ۾ مشغول رهيو. فقيرالله علوي پنهنجي مرشد کان تصوف جي باريڪ نڪتن، دقيق مسئلن ۽ وحدت الوجود، وحدت الشهود بابت تفصيلي طور علم پرايو، جنهن جو ذڪر

(١) هي احوال پشاور يونيورسٽي جي اسلاميات جي پروفيسر سيد سعيد الله کان معلوم ٿيو، جنهن کي مولانا محمد مسعود پشاوري رحه جي اولاد مان محترم تجلي نور ٻڌايو.

(٢) قطب الارشاد، ص ٦٠٨.

(٣) وثيقة الاکابر، ص ٢.

(۴) حديقة الاولياء ص ١٠٦

فتوحات الغيبيه في شرح عقائد الصوفيه ۾ ڪيو اٿس (١). مولانا محمد سعيد لاهوري ١١٠ ورهين جي عمر ۾ سنه ١١٦٦هه/١٧٥٣ع ۾ وفات ڪئي(٢).

(٤) شيخ عبدالقادر مڪي بن ابي بڪر صديقي مفتي: هي بزرگ مشهور محدث محمد طاهر المفتي گجراتي جو شاگرد هو، جنهن جي مشهور تاليف مجمع البحر آهي. شيخ عبدالقادر صديقي تفسير، حديث، تصوف ۽ فقه جو علم شيخ علي ابي اسرارحسن بن علي العجيمي کان مڪي شريف ۾ حاصل ڪيو. هن ڪيس صحيحين، مؤطا، علم بيان، المطول، تفسير بيضاوي، بغوي ۽ ٻيا حواشي وغيره پڙهائي ڪتابت جي اجازت حاصل ڪئي هئي. مڪه مڪرمه ۾ ڪيترا ئي سال مفتي جي عهدي تي فائز رهيو(٣). چئن جلدن ۾ سندس فتوي "الفتاوي القاريه" جي نالي سان مشهور آهي (٣). شيخ عبدالقادر مفتي سنه ١١٣٨ هجري ۾ وفات ڪئي (٤).

(٥) شيخ سيد محمد عمر محدث مڪي: پنهنجي دور جو مشهور بزرگ هو. شيخ عبدالقادر مڪي جي شاگردي اختيار ڪري مختلف علوم ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. شيخ جي وفات کان پوءِ هن مختلف محدثن ۾ فقيهن کان به علم پرايو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ شاهه فقيرالله علوي رحه جو به ساٿي هو. فقيرالله علوي کانئس مصافح انس رض، مصافحه خضريه ۽ مصافحه معمريه ۾ اجازت حاصل ڪئي. سندس وفات جي تاريخ معلوم نه آهي.

(١) هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو پير حسام الدين راشدي وٽ آهي.
(٢) خزينة الأصفيا، ص ٤٧٦؛ حديقة الاولياء، ص ١٠٩؛ تذکره علماء لاهور، ص ٣٤
(٣) "دراسات اللبيب في الاسوة الحسنه بالحبيب"، ص ٩.
(٤) ايضاً.

(٦) مخدوم محمد هاشم بن عبدالغفور ٺٽوي: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه پنهنجي زماني جو وڏو بزرگ عالم، فقيه، محدث ۽ اهل الله ٿي گذريو آهي. سندس والد عبدالغفور سيوهڻ جي عالمن مان هو، پوءِ بٺوري ڏانهن منتقل ٿيو(١) مخدوم صاحب شروع ۾ مولانا محمد سعيد ٺٽوي کان تعليم حاصل ڪئي ۽ باطني تعليم لاءِ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جي هٿ تي بيعت ڪرڻ جو ارادو ڪيائين، جيڪو خواجه محمد معصوم بن امام رباني مجدد الف ثاني جي فرزند خواجه سيف الدين سرهندي رحه جو خليفو هو. هن ڪيس سيد سعدالله سورتي کان فيض پرائڻ لاءِ چيو(٢). فقيرالله علوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان حديث، فقه، طريقت جي سلسلن، اوراد، اذڪار وغيره ۾ اجازت حاصل ڪئي هئي(٣). قطب الارشاد جي سٽين، اٺين، نائين ۽ ڏهين مقصد ۽ مڪتوبات شريف(٤) ۽ وثيقه الاڪابر(٥) ۾ سيني جو ذڪر تفصيلاً ڪيو اٿس:

(٧) فقيه طيب خطيب بن عمر بن عبداللطيف الناشري: هي بزرگ يمن جي مشهور بندر حديده جو رهواسي هو. پنهنجي زماني جي وڏن عالمن ۽ فاضلن مان هڪ هو. هن بزرگ جي ڄمڻ ۽ وفات جي تاريخ معلوم نه آهي، پر فقيرالله علوي جي آخرين دفعي حرمين وڃڻ وقت (سنه ١١٦١ هجري) حيات هو. فقيرالله علوي ڪانئس ابي زڪريا يحيٰ بن شرف النووي جي سيني روايتن جي اجازت ڪئي(٦).

(١) ما آثرالڪرام، ص ١٩٦؛ مقدمه بذل القوة، ص ٧.
(٢) قطب الارشاد، ص ص ٥٣٦-٥٤٣.
(٣) مقدمه بذل القوة، ص ٥.
(٤) وثيقة الاڪابر، ص ٢.
(٥) قطب الارشاد، ص ص ٤٠٠، ٤٨٧، ٤٩٩، ٥٠١، ٥٢١، ٥٣٥، ٥٣٩، ٥٤٠-٥٤٢، ٦٣٦ ۽ ٦٣٩-٦٤١.
(٦) وثيقة الاڪابر، ص ٢.

(٨) شيخ الاسين رئيس المحدثين سالڪ مسلڪ النجاه مخدوم مولانا محمد حيات سنڌي مدني: فقيرالله علوي رحه کي مولانا محمد حيات سنڌي رحه صحاح ستہ ۾ اجازت ڏني (١). ان کان سواءِ ڪانئس "ڪتاب الاجازه" جي بہ اجازت حاصل ڪئي هئائين (٢).

فقيرالله شاه علوي جون هيٺيون تصنيفات آهن:

١- قطب الارشاد (هيءُ ڪتاب ڪنهن مريد ڪوٺيا مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي)؛ ٢- طريقت الارشاد؛ ٣- جواهرالاوراد؛ ٤- تڪميل المومنين والاولاد؛ ٥- فتوحات غيبيه شرح عقائد صوفيه؛ ٦- فتح الجميل في مدارج التڪميل؛ ٧- فتوحات الاهي؛ ٨- براهين النجات من مصائب الدنيا والعرصات؛ ٩- منتخب الاصول؛ ١٠- وثيقة الاڪابر؛ ١١- قصيده مبروره. انهن کان سواءِ سندس زنده جاويد ڪارنامو آهي "مڪتوبات"، جنهن کي سندس اولاد مان سيد مير علي نواز علوي ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

# مٽياري

## (ديني تعليم ۽ تبليغ جو مرڪز)

مٽياري شهر هرات کان هجرت ڪري آيل عالي نسب سيدن جو آباد ڪيل آهي، جيڪي متعلوي سادات جي نالي سان سنڌ ۾ پڪارڻيل آهن. انهن مان اڪثر معرفت جا صاحب ٿيا. سندن بزرگ سيد مير علي شاه، نائين صدي هجري ۾ هتي اچي آباد ٿيو. کيس چار پٽ سيد جلال شاه، سيد باقر شاه، سيد حسن شاه ۽ سيد موسيٰ شاه هئا. سندن نسب جو سلسلو امام موسيٰ ڪاظم بن

(١) ايضاً.

(٢) قطب الارشاد، ص ٦٤٤.

امام جعفر صادق سان ملي ٿو، جيڪو هن ريت آهي: سيد ميرعلي شاه بن سيد حيدر هروي بن سيد اميرعلي بن سيد محمد بن سيد حسين بن سيد علي بن سيد احمد عرف يوسف بن سيد محمد عرف حسين بن سيد ابراهيم عرف يوسف بن سيد علي الجواري بن سيد حسين اڪبر بن سيد جعفر الحراري بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق بن امام باقر بن امام علي زين‌العابدين بن امام حسين بن سيدنا امام علي بن ابي‌طالب (١).

مٽيارين ۾ رهڻ ڪان پوء هي خاندان چئن قبيلن ۾ ورهائجي ويو: جرار پوٽا، باقيل پوٽا، موسي پوٽا ۽ ميين پوٽا. "جرار پوٽا"، "شرف پوٽن" جي شاخ آهي(٢). شهر جا چار محلا سندن چئني قبيلن جي نالي سان مشهور آهن.

هي خاندان خدا جي برڪتن ۽ رحمتن سان مالامال هو. ٽکڙ، سن، بلڙي، پيٽ شاه، سعيد پور ۽ سجاول جا سادات انهي خاندان سان تعلق رکن ٿا.

مٽياري قديم زماني ڪان دين ۽ علم ادب جو مرڪز رهيو. سڀ ڪان اول سيد حاجي شاه جو نالو ملي ٿو، جنهن جو زمانو ڏهين هجري صدي جي وچ ڌاري معلوم ٿئي ٿو. هو وقت جو وڏو عالم ۽ شهر جو قاضي، شريعت جو انتهائي پابند ۽ ولي‌الله هو. شهر جي اتر اوڀر ڪنڊ تي سندس درگاه لڳ هڪ مسجد لاء مشهور آهي ته اتي پاڻ هڪ مدرسو هلائيندو هو. واٽهڙن لاء پاڻي جا وڏا مٽ هر وقت پريل هوندا هئا، جنهنڪري "مٽ وارو آري" مشهور ٿي ويو، جيڪو پوء "مٽ آري" ۽ "مٽياري" زبان زد عام ٿيو. سندس درگاهه ته اڄ به عام جي پيئڻ لاء پاڻي جا

(١) بيان العارفين، ج ٣، ص ١٤٢؛ ۽ ميمڻ عبدالمجيد، ڪريم جو ڪلام، ص ٤.

(٢) ايضاً، ص ١٢؛ ۽ پروفيسر محبوب علي چنا، مهراڻ سالگره نمبر، ٢٢ نومبر ١٩٥٩ع، ص ١٠.

مٿ رکيل آهن ۽ اڄ به عوام جي زبان تي ”ميون سيد حاجي، مٿ جو قاضي“، عام آهي.

سيد جلال شاه جي پنجين پيڙهي ۾ سخي رڪن الدين شاه پيدا ٿيو، جيڪو مٿي ذڪر ڪيل سيد حاجي شاهہ جو شاگرد هو ۽ روحاني فيض مشهور اهل الله مخدوم بلال کان حاصل ٿيس. سيد حاجي شاهہ کان پوءِ شهر جي قضا ۽ خلافت پاڻ سنڀاليائين. انتهائي متقي ۽ خدا وارو هو. پير زادڪي مسجد، جيڪا غالباً سندس ئي ٺهرايل آهي، ان ۾ هڪ وڏو مدرسو قائم ڪيائين. سندس روحاني فيض ڪيترن ئي طالبن، مريدن ۽ مرده دلين کي روشن ڪيو ۽ ڪيترا غير مسلم مسلمان ٿيا. سندس درگاه جي موجوده سجاده نشين جي چوڻ موجب پنهنجي مريدن ۽ شاگردن ڏانهن لکيل سندس هٿ اکر هدايتون ۽ ملفوظات چئن ننڍن ڪتابن جي شڪل ۾ قلمي نسخي ۾ موجود آهن. سخي رڪن الدين کان پوءِ سندن پڙپوٽو سخي هاشم شاهہ شريعت ۽ طريقت جو صاحب مشهور ٿيو. هاشم شاه وڏو عالم هو، سندس مقبري ۾ سندس چيل مناجات اڪريل آهي. افسوس آهي جو ان کان سواءِ ڪا به تحرير محفوظ نه رهي سگهي آهي.

شهر جي ڏکڻ اوير ڪنڊ تي آدم شاهہ جو مقبرو آهي، جنهن جي پرسان ڪيترا ئي حجرا ۽ ڪمرا موجود آهن. عام روايت آهي ته آدم شاهہ وڏو عالم ۽ خدا وارو هو. حجرن ۾ هڪ عاليشان مدرسو هلائيندو هو. ساداتن مان به ڪيترا ئي بزرگ ۽ عالم پيدا ٿيا، جن درس تدريس جو شغل جاري رکيو. انهن مان سيد شهمير شاهہ وڏو عالم ۽ مدرس هو. پيو دادو پير سندس ساٿي ۽ همعصر هو.

ٻارهين، تيرهين ۽ چوڏهين صدي هجري ۾ علم ادب ۽ قضا جي ميدان ۾ نمايان حصو مٽيارين جي ڪن خاندانن جو به نظر اچي ٿو. آخوند عزيزالله متعلوي (وفات ١٢٤٠ هجري) سنڌي زبان ۾ پهريون قرآن پاڪ جو ترجمو ڪيو، جو ١٨٧٠ع ۾ گجرات بندر جي ڇاپي خاني محمدي مان شايع ٿيو. مخدوم

محمد عثمان متعلوي جنهن تيرهين صدي جي اوائل ۾ وفات ڪئي، سو سنڌ جو مشهور عالم هو ۽ پنهنجي وقت جو وڏو محدث ۽ فقيه هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مشهور شاگرد مولوي نور محمد نصرپوري کان علم حاصل ڪيو هئائين. ان وقت جي مشهور عالمن مولوي عبدالواحد سيوهاڻي (جيڪو فقه ۾ نعمان ثاني ليکيو وڃي ٿو) ۽ مخدوم محمد ابراهيم سان سندس خاصي علمي ڏي وٺ ٿي ۽ بحث مباحثا هليا، جيڪي انهن ٻنهي بزرگن جي تحريرن ۾ موجود آهن. علم حديث ۾ سندن هٿ اکر ٿي قلمي نسخا موجود آهن:

(١) بخاري شريف، ٻن جلدن ۾، جنهن جي حاشيه تي نصرپور جي مشهور محدث قاضي محمد اڪرم جي حاشيه جو انتخاب لکيل آهي (٢) شمائل ترمذي جو فارسي ترجمو (٣) مشڪواة المصابيح جي چونڊ حديثن جو فارسي ترجمو.

مخدوم محمد عثمان جو فرزند ۽ شاگرد مخدوم عبدالڪريم متعلوي سنڌ جو آخري محدث ليکيو وڃي ٿو. هن بزرگ سڄي عمر قاضي محلي جي مسجد ۾ تعليم ڏني. سنڌ جا ڪيترا ئي مشهور عالم سندس شاگرد هئا، جيئن ته مولانا عبدالغني ڪڌر وارو، مخدوم محمد يوسف ڪياريٰن وارو، قاضي عبدالرحمان ڪوٽڙي وارو ۽ ميان محمد صديق، دائري واري سنڌي جو مصنف ۽ مشهور فقيه علي محمد شاهه دائرائي ۽ فارسي جو مشهور شاعر ۽ غالب جو معاصر "دل خوش" ناطق مڪراني وغيره. سندس اخير عمر ۾ جڏهن انگريز سنڌ تي قابض ٿيا ته پاڻ فرمايائون ته "اسان انهن فتني باز فرنگين کي ڏسي نٿا سگهون". پنهنجي شاگردن ۽ مريدن کي انگريزن خلاف هدايتون ڏيئي پاڻ مڪي شريف هجرت ڪري ويو، جتي ٻن سالن بعد ١٢٦١ هجري ۾ وفات ڪيائين. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪتاب "فرائض الاسلام" تي حاشيه "فوائد الاحڪام" جي نالي سان لکيائين جو اڄڪلهه ناياب آهي. مخدوم عبدالڪريم جو شاگرد مخدوم محمد، فقه ۾ بي‌نظير عالم

هو، جنهن سڄي عمر استادن سان گڏ ويهي مٽيارين ۾ تعليم ڏني.
سنڌ ۾ ڪافي فقهي تحرير تي انهن ٻنهي مخدومن جي صحيح
هوندي هئي. سنڌن فتويٰ جي ردّ ۾ لکيل تحرير مخدومن جي
لائبريري هالا ۾ موجود آهي. آخوند محمد بچل تخلص ”انور“
فارسي شعر ۽ نثر جو بي نظير عالم، مير نصير خان جو استاد هو
۽ پوءِ محڪمه انشاء جو مير منشي بڻيو. ماده تاريخ ڪڍڻ ۾
خاص مهارت رکندو هو. سندس ١٢٧٧ هجري تائين ڪڍيل
تاريخن جو بياض ۽ شعرن جو ديوان موجود آهن.

مخدوم محمد جي شاگرد ميان عبدالولي هن صديءَ جي
شروع ۾ وفات ڪئي. افضل شاهه واري مسجد ۾ سندس مدرسو
پنهنجي وقت ۾ علم جو مرڪز هو. ميان عبدالولي جو مشهور
شاگرد قاضي ميان لال محمد متعلوي (متوفي ١٣٥٣ هجري) تيرهين
صدي جي برک عالمن ۽ فقيهن مان لکجي ٿو، جنهن وٽ سڄي
سنڌ مان ټوڙي ٻاهران به شرعي مسئلا ۽ ورثي بابت سوال ايندا
هئا. ٻاڻ شهر جو قاضي به هو ۽ قاضين واري مسجد ۾ تعليم
ڏيندو هو. سندس ڪتبخاني ۾ هٿ اکر لکيل اٽڪل ٻه هزار
فتوائون موجود آهن. ميان لال محمد جا مٽياريءَ ۾ مشهور شاگرد
هي ٿيا: (١) آغا غلام مجدد سرهندي، جنهن جون خلافت تحريڪ
۾ ولوله انگيز تقريرون ۽ علي برادران سان تعاون ۽ سزا ڪاٽڻ
جڳ مشهور آهن. (٢) آغا عمر جان سرهندي (٣) مولوي حاجي
خير محمد (٤) ميان حاجي ابوبڪر (٥) مولوي ميان احمد جيڪو
عرصي کان ديني تعليم ۾ رڌل آهي (٦) مولوي محمد معروف
جيڪو مٽياري جي موجود واحد ديني مدرسي ۾ تعليم تدريس ۾
مشغول آهي. ميان عبدالولي جي مشهور شاگرد ۽ خاندان جي
فرد مولوي عبدالرحمان مرحوم اهل خير سادات جي مالي اعانت
سان مٽياري واري مسجد ۾ مدرسه ”ابوالخير“ قائم ڪيو، جو
١٩٥٢ع ۾ حافظ نور محمد جي انتقال کان پوءِ روبه زوال آهي.
ميان هدايت الله ”مشتاق“ متعلوي هن صدي جو مشهور اديب

۽ شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جا لکيل ڪتاب هدايت الانشا، جمعي جا خطبا، ڪواڪب السادات ۽ ڪيترا غزل ۽ مناجاتون مشهور آهن. ازانسواءِ قرآن پاڪ جي حافظن مان حافظ محمد قاسم، حافظ محمد ابراهيم، مولوي ميان لعل محمد ۽ حافظ نور محمد مرحوم قابل ذڪر آهن. هن وقت موسڪي مسجد ۾ ”مدرسه نور محمدي“ ۽ حافظ محمد بادل جا مدرسا انهي ڏس ۾ نوجوانن جي تهذيب ۽ تربيت ۾ مشغول آهن.

# باب ناؤون

## ٽالپرن جو دور

### (سنہ ١١٩٧ھ/١٧٨٣ع کان سنہ ١٢٥٩ھ/١٨٤٣ع)

سنڌ جي اوائلي تاريخ مان ايترو ظاهر ٿئي ٿو تہ اڳئين زماني ۾ بلوچستان اصل ۾ سنڌ جو هڪ حصو هو، جيڪو گهڻي قدر پهاڙي ۽ ميداني علائقو آهي. هتي سياري جي ٿڌي موسم ۾ سرد ۽ برفاني هوائون لڳنديون آهن، جنهنڪري انهي علائقي جا باشندا گهڻو ڪري سنڌ ڏانهن رخ ڪندا آهن ۽ سنڌ جي سرسبز علائقن ۾ اچي رهائش اختيار ڪندا آهن. انهيءَ موسمي لڏ پلاڻ جي ڪري هن طرف جا سنڌ سان قديمي ۽ گهاٽا تعلقات پئي رهيا آهن. ڪيترائي بلوچ قبيلا جيڪي گهڻي وقت کان سنڌ ۾ آباد آهن، سي پڻ هن وقت سنڌي آهن ۽ هو ٻولي، رسم، رواج ۽ ٻين ڪيترين ئي سماجي ضرورتن جي ڪري سنڌي ٿي ويا آهن.

ڪلهوڙا گهراڻي جي حاڪم ميان يارمحمد ڪلهوڙي، پهريون ڀيرو منظم طريقي سان ٽالپرن کي دعوت ڏيئي حڪومت جي استحڪام لاءِ فوجي واڳون سندن حوالي ڪيون. چاڪاڻ تہ سنڌ جا بلوچ، مغل شهنشاه شاهجهان جي زماني ۾ مغلن خلاف بغاوت ڪري پنهنجي طاقت جو ڏاڍو ڄمائي چڪا هئا (١). ڪلهوڙن جي صاحبي ۾ شهداد خان پنهنجي فوجي لياقت ڪري فوج جو سپه سالار مقرر ڪيو ويو. ميان غلام شاه کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي بہ حاڪم ٿيا، تن پنهنجي سنڌي وزيرن جي چرچ تي

(1) Sarkar, J: Hitory of Aurangzeb, Vol I CH. VII P. 118

ٽالپر سردارن سان چڱا پير نہ کنيا ۽ اُنهن کي هڪڙي پٺيان مارائڻ شروع ڪيو. جنهنڪري آخرڪار سنہ ١٧٨٣ع ۾ هالاڻي وٽ مير فتح علي خان ٽالپر، ڪلهوڙن کي سخت شڪست ڏني، سندن صاحبي جو مڪمل طرح خاتمو آندو ۽ ٽالپر خاندان جي سنڌ تي باقاعدي حڪومت شروع ٿي. جملي ڇهن ميرن ١٨٤٣ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. سندن ٻہ چوياريون ٿيون. پهرين چوياري ۾ ترقي ڪيائون ۽ پوئين چوياري ۾ سندن تنزل شروع ٿيو. سنڌ جا اڳوڻا حاڪم سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح غزني، دهلي يا خراسان ۽ قنڌار جي ماتحت هئا، پر ٽالپرن سنڌ کي ڌارين جي غلامي کان آزاد ڪرايو هو.

ٽالپرن جي حڪومت جو نمونو مغلن ۽ ڪلهوڙن وانگر هو. شريعت جو قانون سڄي ملڪ ۾ جاري هو. سنڌ، پرڳڻن ۽ تعلقن ۾ ورهايل هئي. هرهڪ پرڳڻي مٿان سزاولڪار مقرر هو. عدالتي ڪاتو قاضين جي هٿ ۾ هو. عدالتي ڪاتي وارا فيصلن ۾ اينگهہ ڪين ڪندا هئا. مسلمانن جا فيصلا قاضي شرع مطابق ڪندا هئا ۽ هندو پنچائت ذريعي فيصلا ڪرائيندا هئا. قاتلن جا فيصلا قاضي جي فيصلي موجب مير صاحب پاڻ نبيريندا هئا (١).

سنہ ١٧٨٠ع ۾ ڪلهوڙن جي صاحبي ختم ٿيڻ کان ٻہ ورهيہ اڳ تيمور شاهہ جي حڪم سان مدد خان پٺاڻ ڍل وصول ڪرڻ جي بهاني سان سنڌ تي ڪاهي آيو. سري کان وٺي لاڙ ۽ ٿر تائين وسندڙ ۽ آباد ڳوٺ پٺاڻن جي ڦرلٽ سان تباهہ ٿي ويا هئا، پر ٽالپرن سٺ ورهين جي عرصي اندر جيڪي شهر يا ڳوٺ (ٽنڊا) تعمير ڪرايا سي اڄ بہ موجود آهن ۽ سندن نالن تي سڏجن ٿا. ان زماني ۾ آسپاس جي مسلمان ملڪن جي حالت تي غور ڪبو تہ يقين سان چئي سگهبو تہ ميرن جي صلح پسند حڪمت عملي ڪري صوبي اندر امن امان هو ۽ ماڻهو سکيا ستابا هئا. مير شهداد خان کي ابتدا ۾ جڏهن دهلي دربار کان پٽ باران جاگير ۾ مليو

(1) Burton. R, F. History of Sind, P P, 194-195

تڏهن ٽالپرن پنهنجي رهائش لاءِ ننڍا ننڍا قلعا تعمير ڪرايا، جن کي ”ديرا“ سڏيندا هئا. مير صاحبن جا گهر ۽ رهائشگاهه بلڪل سادا هئا. مير صاحب فرش تي غاليچا وڇائي ويهندا هئا.

فاتح سنڌ مير فتح علي خان کي عمارت سازي جو شرف هو. هن حيدرآباد جي قلعي ۾ توڙي ٻاهر ڪي مسجدون تعمير ڪرايون. ڪراچي ۾ منهوڙي جو قلعو بچاءَ لاءِ تعمير ڪرايائين. حيدرآباد ۾ قليلي جي ڪپ تي آغا سيد اسماعيل شاهه ٺٽوي آغا ۾ مسجد تعمير ڪرائي. سر رچرڊ برٽن جنهن ۾گهمرا سنڌ جي ساحت ڪئي، سو ميرن جي حيدرآباد وارن قبن متعلق لکي ٿو ته: ”اتر وارن مقبرن تي نظر وجهڻ سان چئي سگهبو ته اهي گذريل زماني جي مشرقي عمارت سازي جو بهترين نمونو آهن.... ٽالپرن ڪلهوڙن جي زماني وارين عمارتن جي به حفاظت ڪئي. پراڻو مقبرو مير ڪرم علي خان جو ١٨٢٩ع ۾ جوڙايل آهي (١). ٽالپر اميرن آثار قديمه جي مرمت ڪرائڻ تي به خرچ ڪيا. مير نورمحمد خان ٺٽي جي شاهه جهان مسجد ۽ مڪلي جي مقبرن جي مرمت ڪرائڻ تي ٻارهن هزار رپيا خرچ ڪيا. حيدرآباد جي قلعي ۾ ميان عبدالنبي جي ماڻهن کان سواءِ مرراڻي بلوچ رهندا هئا. قلعي اندر مٽي پاڻي جا پنج کوهه، هر قسم جي ان جا انبار، گاهن جون دنيون ۽ بارود سان ڀريل تجرون هيون. قلعي وارن کي ٻاهرين غنيم جي حملي کان ڪوبه خطرو نه هو. مير فتح علي خان جي لشڪر قلعي کي گهيرو ڪيو. مرراڻين بارود کي باهه ڏني، جنهن جي ڌڪاءَ ڪري قلعي جي اڀرندي واري ديوار جو ڪجھ حصو ڪري پيو ۽ اهڙي طرح مير صاحب قلعي تي قبضو ڪري حيدرآباد کي پنهنجو دارالخلافه بنايو. جڏهن ٽالپرن جي اقبال جو علم پوري شان سان بلند ٿيو، تڏهن فاتح مير پنهنجن پٽن لاءِ

(1) Smith, J. W, Gezetteor of the Province of Sind, Vol XI P·P 48-49, 1911

پيداوار آهي. ايران کان مرثيه‌گو شاعر ۽ ذاڪر ايندا رهيا، جن کي ڏسي سنڌي به هن صنف ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳا. شاعر سيد ثابت‌علي شاهه هن دور جو پهريون مرثيه‌گو شاعر هو. مرثيه گوئي ڪري شعر جي زبان ۾ ڪثرت سان فارسي الفاظ گڏجي ويا. غرض ته ايران سان تعلقات ڪري گهڻائي غير وطني الفاظ رائج ٿي ويا. ٽالپرن جي دور ۾ سنڌي زبان جي نثر جي ابتدا ٿي. هن دور ۾ ''وائي'' جو نالو بدلجي ''ڪافي'' ٿيو. هر قسم جا خيالات جي اڳ محدود دائري اندر دوهرن ۾ سمايل هئا، سي ڪافين ۾ آساني سان آڻدا ويا. شاعر دل کولي پنهنجي طبع جا جوهر ڏيکارڻ لڳا ۽ ڪافين جو رواج پختي طرح پئجي ويو (١). غزل جي ابتدا به هن دور ۾ ٿي. سيد ثابت‌علي شاهه ۽ سچل سرمست خاص طور غزل ۾ طبع آزمائي ڪرڻ لڳا. انهن ئي بنيادن تي اڳتي هلي غزل کي سنڌي شاعرن معراج جي منزل تي پهچايو. ٽالپرن جي دور ۾ فارسي‌گو سنڌي شاعرن ايران وارن کان خراج تحسين وصول ڪيو. هن دور ۾ فن ڪتابت زور ورتو، بعض سنڌي خوشنويس شاعر ۽ ڪاتب مشهور ٿيا جهڙوڪ محمدوارث سيوستاني، عبدالقادر جوهر سيوستاني، قاضي محمداحسان هالائي، محمدشفيع نصرپوري، منشي عبدالله حيدرآبادي، مرزا قربان‌علي گرجي، مرزا آصف مسڪين قلم ڪراچوي، آخوند گل‌محمد ۽ ملا نورمحمد وغيره (٢).

ميرن صاحبن جي حويلين ۾ اميرزادين کي حرم جي چئن ديوارين اندر تعليم گڏ سان تير اندازي، شمشير زني ۽ شهسواري جي تعليم به ڏني ويندي هئي. اميرزادين وٽ پنهنجا جدا جدا ڪتبخانا هئا، ۽ وٽن پگهاردار ڪاتب مقرر هئا. ڪو بهترين نسخو عراق يا عجم کان وٽن پهچندو هو ته ڪاتب انهن کي نقل

---

(١) پير حسام‌الدين راشدي، سنڌي ادب، ص ص ٦٢-٦٥

(٢) نئين سنڌ ڪراچي، ''سنڌ جا مشهور ڪاتب''، ص ٣٥، مئي ١٩٥٤ع

ڪري پيش ڪندا هئا. شهرن ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن سان گڏ آخوندن جي مڪتبن ۾ پڙهنديون هيون (١). تعليم جو دائرو فقط وڏن شهرن ۽ وڏن ڳوٺن تائين محدود هو. اميرزاديون توڙي شهري خواتين پردي جون پابند هيون. اميرزاديون گهڻو ڪري پالڪين ۾ ٻاهر نڪرنديون هيون ۽ شهري عورتون برقعن ۽ چادرن سان نڪرنديون هيون. سوسيون، ريشمي گربيون، ململ، تسر، اجرڪون ۽ لونگيون اميرائي طبقي جي عورتن لاءِ ڪپڙا هئا. زري ۽ ريشمي پٽ سان ڪپڙن پائڻ جو مردن ۽ زالن ۾ رواج هو. زالون ننڍڙن ٻارن کي ڪنن ۾ دُر ۽ ٻانهن ۾ ڪنگڻ پارائينديون هيون (٢).

ميرن جي دور جي تعليمي سرشتي جي باري ۾ سر رچرڊ برٽن لکي ٿو ته: "سنڌ ۾ ميرن جي زماني ۾ ڇهن سالن جي عمر ۾ ڇوڪري کي مڪتب يا مدرسي ۾ موڪليندو هو، جتي مولوي يا آخوند تعليم ڏيندا هئا. آڳاري ۽ جمعي جي ڏينهن کان سواءِ باقي ڏينهن صبح کان وٺي شام تائين ٻار پڙهڻ ۾ رڌل رهندا هئا. پهريائين آخوند ٻار کان "الحمد لله رب العالمين" جا اکر سڃاڻائيندو ۽ چوارائيندو هو. قرآن مجيد جي پوئين سيپاري پوري ڪرڻ کان پوءِ ٻار کي نماز لاءِ ضروري سورتون برزبان ياد ڪرايون وينديون هيون ۽ ساڳئي وقت لکائڻ شروع ڪرائبو هو. ميٽ سان ميساريل ڦرهيءَ تي ڪلڪ سان ٿلهن اکرن ۾ انبا پرايا ويندا هئا، جنهنڪري شاگردن جا اکر موتين جهڙا هوندا هئا". تعليم جي پهرئين سال دوران لکڻ ۽ پڙهڻ جي مشق ڪرائي ويندي هئي، ان کان پوءِ معنيٰ ۽ مطلب کان سواءِ قرآن ڪريم پڙهايو ويندو هو. ان ۾ گهڻو ڪري چار سال لڳندا هئا. ٽئين سال ۾ هر مروج سنڌي زبان ۾ اڀياس ڪندا هئا جنهن ۾ نور نامو

(١) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، تاريخ سنڌ، جلد ٻيو، ص ٤١٠

(٢) خيرپور نامه، ١٨٩٤ع ڪراچي، ص ص ٥٠-٥١

پڙهائبو هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جا ڪتاب جن ۾ شروعات تفسير سان ڪيل آهي، پڙهايا ويندا هئا. ان سان گڏ نثر ۽ نظم ۾ سيف الملوڪ، ليليٰ مجنون، ۽ سڀ کان مشهور ڪتاب ”حڪايات الصالحين“ مولانا عبدالحڪيم جو، جنهن ۾ اوليائن جي سير سلوڪ ۽ ڪرامتن جو ذڪر ڪيل آهي، پڙهايا ويندا هئا. انهيءَ کان سواءِ ميان عبدالله جو جوڙيل ”لاڏائو“ (حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي وفات) ۽ تاريخ ”حبيب السير“ تان ورتل معراج نامو، ۽ عبدالحليم جو لکيل ”سؤ مسئلا“ پڙهائبا هئا. اهڙا ٻيا به ڪيترا ئي ڪتاب شاگردن جي ذهني طاقت وڌائڻ لاءِ پڙهايا ويندا هئا. تعليم جو اهو ڏاڪو ٻن ٽن سالن ۾ پورو ڪيو ويندو هو.

ٻارهن تيرهن سالن جي ڄمار کان پوءِ شاگردن کي دوايو، توايو ۽ چشم چراغ واتي ويٺي ياد ڪرائبا هئا. ڪريما ۽ ناگهان جهڙا سولا ۽ عام مشهور شعر جا ڪتاب وڌيڪ تحصيل لاءِ پڙهايا ويندا هئا.

وڏن شاگردن کي اعليٰ تعليم ۽ ڄاڻ لاءِ تاريخ انشا، گلستان، بوستان ۽ يوسف زليخا جهڙا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. مثنوي ۽ خاقاني جا وڌيڪ ڏکيا ڪتاب ڪي ورلي شاگرد پڙهندا هئا ۽ فردوسيءَ کي ته ڪو قليل شاگرد وڃڻندو هو.

ٽالپرن جي دور ۾ مدرسا گهڻو ڪري وقف تي هلندا هئا، ۽ انهن کي حڪومت جي طرفان به مدد ملندي هئي. تنهن کان سواءِ مالدار يا متقي ماڻهو انهن لاءِ وصيتون ڇڏيندا هئا. هر هڪ مدرسي ۾ هڪڙو يا ٻه اعليٰ تعليم يافته مخدوم هوندا هئا، جيڪي متانهن شاگردن کي سبق ڏيندا هئا. انهن کي ماهيانو وظيفو يا پگهار ملندو هو. مدرسي ۾ رهندڙ شاگردن کي کاڌو پيتو، ڪپڙو لٽو وغيره حڪومت توڙي سرندي وارن کي ملندو هو. عيدن ۽ عاشورن تي شاگردن کي عام موڪل ملندي هئي. ڪن خاص حالتن ۾ لائق شاگردن کي ڏورن هفتن لاءِ ڳوٺ وڃڻ جي به موڪل ملندي هئي.

ميرن جي صاحبي ۾ مدرسن جي نصاب ۾ صرف نحو، منطق، فقه، تفسير، حديث، معاني، بيان ۽ بديع پڙهايا ويندا هئا. شاگردن کي مڪتبن ۾ صرف جا ابتدائي قاعدا پڙهائبا هئا، انهي مقصد لاءِ قلندر لعل شهباز جو ڪتاب ”ميزان صرف“ پڙهائبو هو. انهي سان گڏ ”اجناس“ يا ”منشعب“ گهڻو ڪري برزبان حفظ ڪيا ويندا هئا. اهي ٻئي ڪتاب پڻ لعل شهباز جا لکيل آهن. ٽيون ڪتاب ”عقد“ به نصاب ۾ شامل هو، جنهن جي عبارت عربي فارسي گاڏڙ آهي. چوٿون ڪتاب ”زبده“ جنهن کي شاگرد نثر ۾ ياد ڪندا هئا. ڪي وري دائمي يادگيري لاءِ ساڳيو ڪتاب نظم جي صورت ۾ حفظ ڪندا هئا. نحو جي ابياس لاءِ شاگرد پهريائين ”مائه عامل“ شرح سان پڙهندا هئا. انهي موضوع تي مير سيد علي شريف جو ڪتاب يا جامي جو عربي فارسي ۾ جوڙيل ڪتاب ”زرادي“ پڙهندا هئا(١). شاگردن جي صرف ۽ نحو جو دور اتي پورو ٿيندو هو، پر انهي فن ۾ وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ ابن الحاجب جو ڪتاب ”شافيه“ پڙهندا هئا. انهي ڪتاب تي جاربردي يا رضي جون قيمتي شرحون ڪن ٿورن وٽ موجود هونديون هيون. صرف کي پوري ڪرڻ کان پوءِ ابوالحسن علي الضريري جو نحو تي لکيل ڪتاب ”القهندزي“ پڙهندا هئا ۽ شاگرد ساڳئي وقت منطق شروع ڪندا هئا. شجاوندي، هدايه النحو ۽ آخر ۾ ڪافيه سان گڏ ”شرح ملا جامي“ ۽ عبدالحڪيم ۽ عبدالغفور جا حاشيه پڙهيا ويندا هئا. منطق ۾ پهريائين مولانا اثيرالدين ابهري جو ”ايساغوجي“ جو عربي ترجمو پڙهائيندا هئا. ڪي شاگرد وري ”قال اقول“ ۽ ”شمه“ جي شرح جي متن کي برزبان ياد ڪندا هئا. ان کان پوءِ ”نيم روزي“ ۽ ”يڪروزي“ پڙهيا ويندا هئا.

(١) ارلن جي اها غلطي آهي، زرادي سيد علي شريف جو ڪتاب آهي (راقم الحروف).

انهن ڪتابن پوري ڪرڻ کان پوءِ مشهور ڪتاب "شمسيہ" ۽ ان جي شرح "قطبي" تي منطق جو نصاب پورو ٿيندو هو. پر ڪي طالب "تهذيب" ۽ "سلم" بہ پڙهندا هئا. شاگردن کي ديني اپياس ۾ پهريائين حنفي فقہ جا ڪتاب "هدايہ" ۽ "وقايہ" پڙهايا ۽ ياد ڪرايا ويندا هئا. ان کان پوءِ شاگرد تفسير جا ڪتاب جلالين، مدارڪ بيضاوي، ڪشاف جواهر ۽ حسيني پڙهندا هئا. ساڳئي وقت علم حديث پڻ سيکاريو ويندو هو. انهن ڪتابن کان سواءِ "تلخيص" ۽ ان جا شرح "مختصر" ۽ "مطول" بہ مدرسن ۾ پڙهيا ويندا هئا. بيا علم جيڪي شاگرد اعليٰ تعليم جي مقصد لاءِ پڙهندا هئا، تن مان مکيہ هي آهن: قرائت، ناظره، عروض، طب، رمل، نجوم، جفر، تاريخ، حڪمت ۽ علم خط. مٿيون نصاب موجوده عربي مدرسن ۾ رائج آهي، پر زماني جي لحاظ کان ان ۾ ڪي ضروري ڦيرڦار ٿيڻ گهرجي ٿي چڪيون آهن(١).

مير صاحب گهڻو ڪري شاعري ڏانهن مائل هئا. سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ سندن ڪلام اڄ بہ موجود آهي. سندن دربار ۾ يا مير شڪار تي ساڻن علماء ۽ شاعر هر وقت موجود رهندا هئا. علمائن، شاعرن ۽ درويشن کي وظيفا ڏيندا هئا. ڪيترا ايراني ۽ هندستاني علماء ۽ شاعر سندن مجلس ۾ رهندا هئا. مير فتح علي خان جا ڪارناما سيد عظيم الدين ٺٽوي "فتح سنڌ" جي نالي سان تصنيف ڪيا. مير صاحب مشهور بلوچي قصي "سسئي پنهون" کي مولانا جامي جي طرز تي فارسي ۾ تصنيف ڪرايو.

مير ڪرم علي خان جو تخلص "ڪرم" هو. مير صوبدار خان جو تخلص "مير" هو، مير نصير خان جو تخلص "نصير" هو. سندس ديوان جعفر مان ايام جلاوطني جي تڪليفن ۽ غمن جو پتو پوي ٿو. مير محمد حسن علي جو تخلص "حسن" ۽ مير عبدالحسين جو تخلص "سانگي" ۽ مير عليمراز خان جو تخلص "ناز" هو.

(١) الوحيد ڪراچي، اسپيشل نمبر جون ١٩٣٦ع، ص ص ١١٠-١١٢

مير صاحب دولت کان وڌيڪ ڪتابن کي پسند ڪندا هئا. سندن ذاتي ڪتبخانن ۾ قيمتي ڪتاب موجود هئا. جن ۾ هڪڙو قرآن شريف جو قلمي نسخو حضرت علي ڪرم الله وجه جي هٿ مبارڪ جو لکيل هو، جو ميان سرفراز ڪلهوڙي جي ڪتبخاني مان کين هٿ لڳو هو (١). ٽنهي ميرن جي هڪ بزرگ مخدوم عزيزالله (وفات ١٢٧٢ هجري) تيرهين صدي هجري جي اوسط ۾ قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو تيار ڪيو، جو ڪيترائي ڀيرا بمبئي مان ڇپيو (٢).

ميرن جي ڏينهن ۾ سندن علم پروري ڪري سنڌ جا شعراء ڪرام، علماء، اهل قلم ۽ اديب فڪر ڪاڻ کان آزاد هئا. ان زماني جي رسم رواج ۽ وسائل موجب علم ڪافي ترقي ڪئي. وڏا وڏا جيد عالم، مفسر، محدث ۽ فقيه نه فقط سنڌ بلڪ دنيا جي ٻين ملڪن لاءِ فيض جو باعث بڻيا. ٽالپرن نه رڳو حڪمراني ڪئي، پر خلق خدا جي خدمت سان گڏ شعر و شاعري ۽ تصنيف و تاليف جو ڪم سرانجام ڏنو. انهن مان جيڪي ناليرا ۽ قابل ذڪر آهن تن جي علمي ادبي خدمتن جو ذڪر ڪجي ٿو.

## مير ڪرم علي خان ٽالپر "ڪرم"

مير ڪرم علي خان جو ٽيون پاءُ، مير غلام علي خان کان پوءِ گادي نشين ٿيو. سندس وقت ۾ رنجيت سنگهه سنڌ تي ڪاهي آيو، پر انگريزن جي وچ ۾ پوڻ ڪري ناهه ٿي ويو. شاهه شجاع الملڪ به ان وقت ڏي سنڌ ۾ آيو هو.

مير ڪرم علي خان فارسي جو هڪ وڏو شاعر پڻ هو ۽ سندس مجلس شعر و ادب سان سينگاريل هوندي هئي. وقت جا

(١) مرزا قليچ بيگ، تاريخ خيرپور، ١٩٢٤ع

(٢) الوحيد، اسپيشل نمبر، جون ١٩٣٦ع، مولوي وفائي جو مضمون "سنڌي زبان"

ٻرک شاعر سندس درٻاري هوندا هئا، جهڙوڪ مير عظيم الدين ٺٽوي، مير مائل ٺٽوي، مخدوم نورمحمد ٻوبڪائي، آخوند نورمحمد هالائي، مرزا خسروبيگ چرڪس، مير صابرعلي "صابر" ٺٽوي، مير ڪاظم شاه سرخپوش، سليمان صباحي، عبدالمجيد جوکيه (مصنف تاريخ بلوچي). منشي صاحب راءِ "آزاد"، مير هوتڪ افغان، آغا محمدعاشق، مرزا مظهر، سيد طباطبائي ۽ منشي دولترام.

مير ڪرم علي خان جي تاليفن مان "ديوان ڪرم" جو نالو سر فهرست آهي ۽ اشعارن جو هڪ مجموعو نالي "مجموعه دلڪشا" به سندس تاليف آهي. تاريخ ١٢ جمادي الثاني ١٢٤٤ھ/١٨٢٨ع ۾ وفات ڪري ويو. "بادا بهشتش بارگاهه" مان سندس سال وفات ملي ٿو. سندس مقبرو حيدرآباد جي ٽالپرن جي قبرستان ۾ آهي (١).

## ميرمراد علي خان ٽالپر "علي"

تنهي ڀائرن (مير فتح علي خان، مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان) جي وفات کان پوءِ مير مرادعلي خان بن مير صوبدار خان گادي تي ويٺو. سندس زماني ۾ هڪ طرف انگريزن هڪ نئون معاهدو ڪري سنڌ ۾ دريائي واپار ۽ جهازراني جو بنياد وڌو ته ٻئي پاسي شڪارپور وارو حصو شاهه شجاع الملڪ قبائي ويو.

سندس تخلص "علي" هو ۽ هيٺيان ڪتاب سندس تاليف ڪيل آهن:

(١) ديوان فارسي، هن ڪتاب جو هڪ نسخو ٽالپرن جي ڪتبخاني ۾ ٽنڊي نورمحمد حيدرآباد ۾ محفوظ آهي.

(٢) طب مراد، جيڪو ١٢٤٦ هجري ۾ لکي پورو ڪيائين.

(٣) محڪ خسروي، اڳين پوين جي جنگ جي اشعار کي قافيه جي ترتيب سان ڀڃ گڏ ڪيو اٿس. سنڌ جي همعصر شاعرن

(١) مشاهير سنڌ، الوحيد، ص ١٦٨

جي اشعار کي پڻ گڏ ڪيو آهي. هي ڪتاب سنه ١٢٣٧ هجري ۾ لکي پورو ڪيائون.

مير حسن‌الحسيني شيرازي "تذڪره زبدالمعاصرين" کي سنه ١٢٤٠ هجري ۾ جوڙي، هن ٽالپر حڪمران جي نالي سان منسوب ڪيو آهي.

مير مرادعلي خان پويان چار پٽ ڇڏي ٦ جمادي‌الثاني سنه ١٢٤٩ھ/١٨٣٣ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ حيدرآباد ۾ ميرن جي قبن ۾ دفنايل آهي.

## مير صوبدار خان ٽالپر "مير"

هي صاحب سنڌ جي فاتح مير فتح‌علي خان جو فرزند ۽ ولي عهد هو. سنه ١٨٠٢ع ۾ ان وقت تولد ٿيو جڏهن سندس والد موت جي بستري تي پويان پساهه کڻي رهيو هو سندس چاچن کيس ناز نعمت ۾ پاليو. جوانيءَ ۾ پنهنجن چاچن کان حڪومت ۾ ڀائيواري جي چڪ ڪيائين پر ان ۾ ڪامياب نه ٿيو ۽ جاگير جي هڪ ٽڪري تي قناعت ڪري وقت گذارڻ لڳو.

سندس سئوٽ مير نصير خان تي جڏهن انگريزي فوجن ڪاهيو، تڏهن جهوني ڪدورت جي بنياد تي انگريزن سان سازباز ۾ رهندو آيو، تان جو مياڻي جي جنگ ۾ حصو نه ورتائين ۽ ٽالپرن جو خاتمو ٿيو. سندس خيال هو ته مير علي‌مراد وانگي انگريز کيس وفاداري جي صلي ۾ ڪو رياست جو ٽڪرو عطا ڪندا، مگر ٻين ميرن سان گڏ کيس به ڪلڪتي ۾ نظربند ڪيو ويو، جتي ١٨٤٦ع/٦١-١٢٦٢ھ ۾ وفات ڪيائين ۽ سندس لاش کي سنڌ ۾ آندو ويو(١).

(١) ڪلڪتي ۾ ١٤ رجب ١٢٦٢ھ ۾ فوت ٿيو. خداآباد (هالا پراڻا) ۾ پڻس جي پاسي ۾ مدفون آهي. سندس قبر تي ڪتبو آهي: (١) وفات حضرت جنت مڪان مير صوبدار خان عليه رحمة (٢) تاريخ چهاردهم ماه رجب ١٢٦٢ھ (تڪمله مقالات ص ٥٦٦)

مير صوبدار خان فارسي جو سٺو شاعر هو. مخدوم ابراهيم نقشبندي "خليل" ٺٽوي، تڪمله مقالات الشعرا ۾ مير صوبدار خان جو خوشگو شاعرن ۾ ذڪر ڪيو آهي. سندس ڪلام جو هڪ ديوان به هو جيڪو ناياب ٿي چڪو آهي.

مير صوبدار خان جا هيٺ ڄاڻايل ڪتاب مير محمد بخش خان، ٽنڊي غلام حسين واري جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن. (١) ديوان مير (٢) فتح نامه (٣) خطوط (منظوم فارسي) (٤) قصه سيف الملوڪ و بديع الجمال (٥) جدائي نامه (منظوم) (١).

## مير حسين علي خان ٽالپر

مير حسين علي ولد مير نور محمد ولد مير مراد علي خان ٽالپر (فاتح سنڌ مير فتح علي خان جو ننڍو ڀاءُ). انهن آواره بخت ٽالپرن مان هو جن پنهنجي اکين اڳيان پنهنجو راڄ ۽ ڀاڳ ختم ٿيندو ڏٺو. سنه ١٢٤٥ه/١٨٢٩ع ۾ ڄائو. سندس تعليم و تربيت ٽالپرن کان چڱي نموني ٿي. هو فارسي جو شاعر ۽ عربي جو چڱو عالم هو. مياڻي جي جنگ کان پوءِ هو به ٻين ميرن سان ڪلڪتي ۾ نظربند ٿي رهيو، ۽ اتي ڪيترا غزل حسب حال لکيائين. ١٢٧٦ه/١٨٥٩ع ۾ لارڊ ڊلهائوسي وائسراءِ هند جي هڪ

(١) تڪمله مقالات الشعراء جي ص ص ٥٦٣-٥٩٣ تي هيٺيان ڪتاب ڄاڻايل آهن:
(١) مثنوي سيف الملوڪ، ١٢٤٧ه.
(٢) مثنوي فتح نامه، ١٢٤٤ه (ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي جنگ جو داستان، جنهن کي پوءِ مير حسن علي خان سنڌي ۾ منظوم ڪيو).
(٣) مثنوي خسرو شيرين، ١٢٥١ه.
(٤) مثنوي ماه و مشتري، ١٢٥٥ه.
(٥) مثنوي جدائي نامه، ١٢٦٠ه (هن ۾ جلاوطني جو داستان آهي).
(٦) خلاصة التدادي: يوناني طب ۾.
(٧) ديوان مير، ٽن ديوانن جي گم ٿيڻ بعد هي چوٿون ديوان ١٢٤٠ه ۾ مرتب ٿيو، جنهن ۾ ٣١٤ غزل آهن.

اعلان موجب ميرن جي نظربندي ختم ٿي، جنهنڪري هي به سنڌ ۾ موٽي آيو. سندس گذران لاءِ جاگير ۽ ٣ هزار رپيا پينشن مقرر ٿي، جنهن تي قناعت ڪري پنهنجي ڄمار جو پويون وقت چڱو گذاريائين.

ان زماني ۾ ڊاڪٽر فنڊر عيسائي مسيحي تبليغ سان گڏ اسلام جي برخلاف فارسي زبان ۾ هڪ ڪتاب پڌرو ڪيو، جنهن جو جواب هندستان جي ڪيترن ئي عالمن ڏنو، پر مير حسين علي خان "معيارالحق" نالي هڪ وڏو بسيط جواب لکي پادري کي لاجواب بنايو. هن ڪتاب مان مير صاحب جي وسيع معلومات ۽ علمي قابليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪلڪتي مان واپسي کان پوءِ ١٢٩٥هه/١٨٧٨ع ۾ ٽنڊي مير نور محمد ۾ وفات ڪيائين(١). شعر شاعري ۽ ادبي ڪچهرين سان گڏ تصنيف ۽ تاليف به سندس شغل رهيو. فارسي ۽ سنڌي ۾ مير صاحب هيٺيان ڪتاب تصنيف ڪيا(٢):

(١) مناقب علوي (فارسي نثر) (٢) شاهد الامامت (فارسي نثر) (٣) لب لباب (فارسي نثر) (٤) ديوان حسين (فارسي نظم) (٥) ديوان حسين (سنڌي، اردو).

## نواب ولي محمد خان "ولي" لغاري

نواب ولي محمد خان "ولي" لغاري به هڪ اهم ۽ وڏي رتبي جو مالڪ هو، سندس ولادت ١١٦٥ هجري ۾ ٿي. سندس والد جو نالو غلام محمد خان "نگار" آهي. خانداني روايتن موجب

(١) ٢٦ ربيع الاول ١٢٩٥هه ۾ فوت ٿيو. ميرن جي قبن حيدرآباد ۾ مدفون آهي. سندس قبر تي هيٺيون ڪتبو اڪريل آهي:

حضرت بندگان - سرڪار دولت مدار مير صاحب -
مير محمد حسين علي خان ٽالپر عليه رحمة - والغفران تاريخ بيست و ششم ماه ربيع الاول ١٢٩٥هه شب يڪ شنبه - بوقت هفت ڪلاڪ

(٢) تڪمله مقالات الشعراء ص ٥٥.

وقت جي وڏن عالمن ۽ اديبن کان تعليم پرايائين، شعرگوئي سان به سندن ڏاڍو چاهه هو. ٽالپرن جي فوج جو سپه سالار ۽ وزيرمملڪت هو. کيس اپر سنڌ (سيوهڻ کان وٺي جيڪب آباد تائين) جو حاڪم پڻ بڻايو ويو هو. هن پنهنجي خداداد صلاحيتن سان وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. افغانستان ۽ سنڌ جي معاملن ۾ يا فرنگين ۽ ملڪي مسئلن ۾ سندس راءِ ۽ مشوري کي وڏي اهميت حاصل هئي. نه فقط ملڪي سياست ۾، پر طب، شعر ۽ ٻين علمن ۾ به کيس وڏو ملڪو حاصل هو. شاعري ۾ سندس تخلص "ولي" هو. کيس چار پٽ هئا: (١) نواب الهداد خان (وفات ١٣٠٠هه) تخلص "صوفي" هئس، فارسي جو سٺو شاعر ۽ ديوان جو مالڪ هو (٢) احمد خان (وفات ١٨٧٠ع) هن جو پٽ نواب ولي محمد ثاني (١٢٩٥هه - ١٣٣٢هه) پنهنجي ڏاڏي وانگر صاحب ديوان شاعر هو (٣) غلام حيدر خان (٤) محمد خان.

نواب ولي محمد خان "ولي" سنه ١٢٤٧ هجري ۾ وفات ڪئي. هيٺيان ڪتاب سندن تاليف مان يادگار ڪٿيا وڃن ٿا: (١) ديوان ولي فارسي (٢) نزهة الابدان طب فارسي، هن ۾ نواب صاحب پنهنجا آزمايل طبي نسخا ڏنا آهن (٣) ساقي نامه (٤) موعظت فارسي (٥) مثنوي هير و رانجها فارسي (مطبوعه).

## نواب علي محمد خان لغاري "علي"

نواب علي محمد خان لغاري، نواب ولي محمد "ولي" جو وڏو پاٽ هو. سنه ١١١٦هه/١٧٣٩ع ۾ ڄائو. هي به فارسي جو وڏو شاعر هو. "انيس السالڪين" سندس تصنيف آهي ۽ هڪ بياض به گڏ ڪيل اٿس. تڪمله مقالات الشعراء جي مصنف هن جي خوشخطي جي وڏي واکاڻ ڪئي آهي. سنه ١٢٥٠هه/١٨٣٤ع ۾ وفات ڪيائين(١). سندس اولاد اڄا تائين ٽاجپور ۾ سڪونت پذير آهي ۽ انهن ۾ به ادب شاعري سان وابستگي هلندي اچي ٿي.

(١) تڪمله مقالات الشعراء، ص ص ٤٥٧-٤٦٣

## مخدوم عبدالواحد (قاضي محمد احسان) سيوستاني جي درسگاه

سنڌ جو نامور فقيه، مدرس ۽ عالم صوفي مخدوم عبدالواحد بن مخدوم دين محمد بن مفتي عبدالواحد پاٽائي (ڪبير)، سندس والد دين محمد پاٽ مان نقل ڪري سيوهڻ ۾ اچي رهيو هو ۽ اتي ئي شادي ڪيائين، جتان مخدوم عبدالواحد ۽ محمد حسن ٻه فرزند کيس تولد ٿيا. مخدوم دين محمد، شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي گهاٽن دوستن مان هو. مخدوم محمد معين ٺٽوي ٻنهي سندن معاصر هو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو مٿس ڏاڍو ڀروسو هو.

مخدوم عبدالواحد کي حنفي فقه ۾ تمام وڏو درڪ هو. ان وقت جا علماء سندس فتوي کي بنا ڪنهن چون چرا جي قبول ڪندا هئا. سندس فتوائن کي سندس شاگرد مولوي محمد افضل ٽن وڏن جلدن ۾ "جمع المسائل علىٰ حسب النوازل" جي نالي سان جمع ڪيو. اڄڪلهه اهو ڪتاب "بياض واحدي" جي نالي سان مشهور آهي (١).

مخدوم عبدالواحد پنهنجي وڏن جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ درس تدريس، تصوف ۾ نقشبندي طريقي تي بيعت وٺڻ ۽ طالبن ۽ مريدن جي تربيت ۽ اصلاح جو ٻه شغل جاري رکيو ايندو هو. هو حضرت خواجه صفي الله مجددي (وفات ١٢١٢هه) جو خليفو هو ۽ سيوهڻ ۾ ئي سندس بيعت ۽ خرقهء خلافت کان مشرف ٿيو هو(٢).

مخدوم عبدالواحد کان جن طالبن بيعت ڪئي ۽ خلافت جو درجو حاصل ڪيو، تن مان ڪن جا نالا هي آهن(٣): (١) محمد حسين سيوستاني (٢) آخوند رازق ڏنو (٣) رئيس

(١) تذڪره مشاهير سنڌ، ص ٢٠٤
(٢) عملة المقامات، ص ٣٩٣
(٣) مخدوم محمد عابد انصاري سيوهائي (١١٩٣هه - ١٢٥٨هه) ۾ مولانا محمد افضل ٻه سندس شاگرد هئا. (الرحيم، ص ٦)

محمد حسن ڪهاوڙ (٤) ميان محمد امين خيرپوري (٥) غلام رسول افغان ”خاموش“ (٦) خليفو عبدالحڪيم سيوستاني وغيره.

مخدوم عبدالواحد جي زماني ۾ حيدرآباد جي ٽالپرن مان مير ڪرم علي خان جو ڏاڍو اوج ۽ عروج هو. سيوهڻ جي ٻاهران سندس شڪارگاهه هوندو هو جتي مهينن جا مهينا اچي رهندو هو. انهي هنڌ سندس نالي سان ”ڪرم پور“ نالي قصبو آهي. اتي مخدوم عبدالواحد ۽ سيوهڻ جي ٻين عالمن سان مجلسون ڪندو هو، جنهن ۾ علمي بحث مباحثا هلندا هئا(١).

مخدوم عبدالواحد جي تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب هن وقت به سنڌ جي بعض ڪتبخانن ۾ ملن ٿا: (١) تحريرالمسائل علي حسب النوازل، جيڪو ”بياض واحدي“ جي نالي سان مشهور آهي. (٢) حاشيه اشباه والنظائر (٣) رش الانوار حاشيه الدرالمختار اهو ڪتاب ناياب ٿي ويو آهي(٢) (٤) ڪشف الڪامن في علم الباطن (٥) تهديدالغافر بتهذيب الڪافر (٦) تفسيرالقدير في اضحية الفقير (٧) القول الجلي (٨) رسالة درڪسب و توڪل (٩) جبر السڪين في تصلية المسڪين (١٠) تسهيل اصعب (١١) ارشاد الصواب (١٢) لطف اللطيف في اعطاء الرغيب (١٣) اربعين في رشد الطالبين (١٤) اليسرالمطلوب (١٥) ايضاح العاقبة في طلب العافية (١٦) نص السارب في قطع الشارب (١٧) رساله درعدالت امير معاويه (١٨) رساله درحرمت دخان (١٩) ديوان واحدي (٢٠) انشاء واحدي، وغيره (*).

(١) مولوي دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ص ص ٢٠٦-٢٠٧

(٢) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، حڪيم محمد مراد صديقي جي ڪتبخاني ۾ درمختار پورٿين جلد جي حاشيه تي ”رش الانوار“ جو اختصار لکيل ڏٺو آهي. جنهن کي هن المتانة في مرمة الخزانة جي حاشين ۾ جابجا ڇاپيو آهي.

(*) پير حسام الدين راشدي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ هيٺيان رسالا موجود آهن:

(١) اصدق التصديق بافضلية الصديق ١١٨٩ هه، ڪاتب نورمحمد سيوهاڻي.

(٢) الازها المتناثره في الاخبارالمتواتره ١١٩٦ هه، متواتر حديثن جو بيان.

(٣) لطف اللطيف في اعطاء الرغيب (٥ صفحا) [هلندڙ]

سندس معاصرين مان قاضي محمد شڪارپوري ۽ مخدوم عثمان متعلوي سان بعض فقهي مسائل تي رد ڪد ۽ مناظرا رهيا آهن جي تفصيل سان ”بياض واحدي“ ۾ بيان ڪيل آهن. مخدوم حاجي حسن‌الله جي زباني آهي ته قاضي محمد شڪارپوري پڪو موحد هو ۽ مخدوم صاحب وري هميشه قلندر شهباز جي قبي تي ويندو رهندو هو.

(٤) مرآة الحلية اگارو ٢٥ صفر ١١٨٧ هه، حضور جن جو حليو مبارڪ.
(٥) اربعين في فضل المجاهدين، مجاهدن جي فضيلت ۾ چاليهه حديثون.
(٦) تهديد الغافر بتهذيب الكافر (١١ صفحا)، ڪاتب مظفرالدين.
(٧) ارشاد الصوب لمن وقع في بعض الصحاب (١٠ صفحا)، ڪاتب مظهرالدين، حضور جن جي صحابن جي حمايت ۾.
(٨) ڪشف‌الڪامن في علم‌الباطن، ١١٨٥ هه، علم باطن جا ڪي نڪتا ۽ راز
(٩) تفسيرالقدير في اصحية الفقير (٤ صفحا)
(١٠) ايضاح الخافية في سوال العافية، درمختار جي هڪ عبارت جي رد ۾
(١١) طريق السداد في وجوب الاعتداد، عورت جي عزت جي باري ۾.
(١٢) انورالفيوضات الباطنيه في امتياز اهل الباطن من الباطنيه، ١١٩١ هه اهل باطن جي امتياز ۾
(١٣) ازالة الاشتباه في قطع همزة يا الله (٦ صفحا)، ١١٧٩ هه، يا الله ۾ الف همزو ساقطا نه ٿيندو
(١٤) القول الجلي في تذكر البغي (٢ صفا)، ولم اڪ بغيا بابت تحقيق
(١٥) جبرالمتسڪين في ڪسر التنوين (٣ صفحا)
(١٦) تسهيل الصعب في ابيات الڪعب (٢ صفحا)
(١٧) ضبط المقال في حل الاشڪال، هن ۾ مخدوم محمدشجاع جي هڪ خط جو جواب ڏنو ويو آهي سنه ١٢٠١ هه.
(١٨) غاية الصراحة في تحريم النباحة (٧ صفحا)، هن ۾ ميت تي پارن ڪيڻ کي حرام ثابت ڪيو ويو آهي.
(١٩) حسن الفهم و المتعقل في جمع‌الڪسب و التوڪل (٣٤ صفحا) ١٢٠٩ هه
(٢٠) اربعين رشد الطالبين (٥ صفحا) [هلندڙ]

مخدوم صاحب کي ۷۴ سالن جي ڄمار ۾ هڪ وڏي ڦرڙي پيدا ٿي، ان جي آپريشن ڪرائڻ سبب سنڌس وفات ٿي. پنهنجي حياتي ۾ سجاده، فتوي ۽ تصوف جو وارث پنهنجي پاٽتي مخدوم محمد عارف کي مقرر ڪيائين. اهو واقعو ۱۴ رمضان سنه ۱۲۲۴ هجري ۾ ٿي گذريو (۱).

## سيوهڻ جي صديقي درسگاه

سيوهڻ هر دور اندر علمي مرڪز رهيو آهي. ٻارهين صدي هجري ۾ مخدوم محمد حسن (وفات ۱۲۲۰هه/۱۸۰۵ع) پاٽ ڪان سيوهڻ ۾ اچي شيخ الاسلامي جي عهدي تي رهيو. مخدوم محمد حسن سيوهاڻي، مخدوم دين محمد جو فرزند آهي. مخدوم دين محمد جي ٻئي فرزند مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي کي ڪوبه نرينه اولاد ڪونه هو. باقي مخدوم محمدحسن کي چڱو اولاد ٿيو ۽ سيوهڻ جو صديقي خاندان انهي بزرگ جو اولاد آهي. چوڏهين صدي هجري جو مشهور عالم ۽ ولي مخدوم نصرالدين پڻ مخدوم

(۲۱) فضائل ربيع
(۲۲) اربعين برواية سراج المسلمين.
اهي سمورا رسالا پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن هن ڪان سواء وڌيڪ هيٺيان رسالا پڻ ڪتبخاني ۾ آهن:
(۱) بياض واحدي
(۲) مجموعه رسائل سيوستاني
(۳) الاستدراڪ للدوراڪ
(۴) البراهين الغرض منع بين الحر
(۵) جوده الضبع في ڪثره السبع
(۶) السبيل الواسطين
(۷) النص السارب في قطع الشارب
خواجه حسن جان سرهندي مرحوم جي ڪتبخاني ۾ (۲۷ رسالن جو) مجموعو ۽ ”بياض واحدي“ جو نسخو آهي.

(۱) مولوي دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ص ۲۱۲

محمد حسن جي اولاد مان آهي (۱). هاڻوڪو مخدوم محمد مراد جيڪو هڪ وڏو عالم ۽ حڪيم آهي سو پڻ هن مخدوم محمد حسن جي اولاد مان آهي.

مخدوم محمدحسن پنهنجي والد دين‌محمد کان تعليم پرائي، پر علم ۾ هن جي ڀاءُ مخدوم عبدالواحد (نعمان ثاني) جي وڏي شهرت ڪري "مخدوم محمد حسن جو نالو علمي دنيا ۾ ايڏو مشهور ٿي نه سگهيو. مخدوم محمد حسن سيوهڻ ۾ رهڻ کان پوءِ شيخ الاسلامي جي عهدي تي رهيو ۽ ان سان گڏ اتي ديني درسگاه به قائم ڪئي. ان درسگاه مان سوين عالم پڙهي نڪتا ۽ خاص طرح مخدوم دين محمد جو اولاد قابل ذڪر آهي، جيڪي ميرن صاحبن جي دور ۾ ٿي گذريا. هن بزرگ سنه ۱۲۲۰ هجري ۾ وفات ڪئي.

## سيد ثابت علي شاه

سيد ثابت‌علي شاه بن سيد مددعلي شاه بن نورمحمد شاه بن سيد عيسيٰ ملتاني، سنه ۱۱۵۳ع هجري/۱۷۴۰ع ۾ سنڌ جي قديم تاريخي شهر سيوهڻ ۾ ڄائو. اهو خاندان اصل ۾ ملتان جو رهاڪو هو، جو سيد نورمحمد شاه المعروف ثابت‌علي شاه اول، ٺٽي جي صوبيدار نواب اعظم‌خان سان گڏجي سنه ۱۲۲۸ هجري ۾ ملتان کان سنڌ ۾ وارد ٿيو (۲). پر ۱۱۳۱ هجري ۾ نواب اعظم‌خان معزول ٿي وڃڻ ڪري سيد نورمحمد شاه سيوهڻ ۾ اچي رهيو ۽ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين. اتي ڏي سندس پوٽو

(۱) مخدوم بصرالدين جو نسب نامو هن طرح آهي: بصرالدين بن احمد بن محمد بن محمدعارف بن محمدحسن بن مخدوم دين محمد سيوهاڻي (ڪلهوڙن جو وزير ۽ مفتي) اهڙي طرح مخدوم نصيرالدين جو نسب به مخدوم محمد حسن سان هن طرح ملي ٿو: مخدوم نصيرالدين بن مددالله بن عبدالواسع بن محمدحسن بن مخدوم دين محمد.

(۲) تذڪره مشاهير سنڌ، ص ۵۷

ثابت‌علي شاهه تولد ٿيو. جيتوڻيڪ ثابت‌علي شاهه جو گهرو ماحول علمي رهيو، ۽ ان وقت جي معروف مدرسن به سندس علمي اوسر ۾ وڏي مدد ڪئي، پر هڪ پاسي مخدوم نورالحق مشتاق بن ملا دائود سيوهاڻي جهڙو عربي ۽ فارسي جو وڏو عالم ڪيس استاد مليو ته ٻئي پاسي ميان غلام‌علي ”مداح“ بن محمدحسن ٺٽوي جهڙي شاعر کان به تعليم پرايائين. شعر و ادب سان وابستگي ۽ طبع جي رواني ته سندس قدرتي ذات هئي، انهي ڪري هوش سنڀالڻ سان شعر چوڻ شروع ڪيائين.

جلد ئي سنڌي ٻوليءَ جي اهم صنف مرثيه‌گوئي تي پهچي ويو. هڪ ته هو پاڻ به سيد هو، ويتر سندس مسلڪ ۽ عقيدت ڪري سندس مرثين ۾ اهو سوز و گداز سمايل آهي، جنهن ڪيس هميشه لاءِ امر بنائي ڇڏيو آهي. مير خليل ٺٽوي ڪيس نازڪ بياني جو سمنڊ سڏيو آهي. سيد ثابت علي شاه نه رڳو سنڌي ڪلام چيو آهي پر ڪيس فارسي ۾ به دسترس حاصل آهي. مرثين ۽ مناقبن کان سواءِ سندس ٻي تصنيف ”جنگ نامه ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙه با عزت خان“ آهي. سنڌ جي هن عظيم مرثيه‌گو شاعر جي وفات سنه ١٢٢٥ هجري ١٨١٠ع ۾ ٿي ۽ سيوهڻ ۾ ئي دفن ٿيل آهي. سندس وفات تي مير غلام‌علي ”مائل“ ٺٽوي قطعه تاريخ چيو:

چون محب شاهه دين مداح آل مصطفيٰ
آنڪ از صدق و عقيدت درمحبت داشت جوش
رفت از دنيا بجنت، گشت همر بزم علي
گفت همر بزم ثابت علي بادا سروش

١٢٢٥ھ

سيد ثابت علي شاهه پنهنجي پويان ٻه پٽ ڇڏيا: سيد احسان علي شاهه ۽ سيد امداد علي شاهه. سيد احسان علي شاهه به پنهنجي پيءُ وانگر سنڌيءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي.

مياڻي واري جنگ بابت جنگ نامو لکيو اٿس. پاڻ لاولد گذاريائين، باقي سيد امداد علي شاهه جو اولاد اڄ تائين هلندو اچي ٿو. هاڻوڪو نوجوان اديب سيد احسان علي شاهه ۽ سندس ڀاءُ سيد ثابت علي شاهه پڻ هن خاندان جا چشم و چراغ آهن.

## شيخ محمد حسين سيوهاڻي

شيخ محمد حسين بن محمد مراد بن محمد يعقوب بن محمد، سيوهڻ جي انصاري خاندان جو وڏو عالم ۽ محدث ٿي گذريو آهي. هن سموري تعليم پنهنجي والد علامه محمدمراد کان پرائي جيڪو شيخ الاسلام جي لقب سان مشهور هو ۽ مخدوم هاشم ٺٽوي جو شاگرد هو. شيخ محمدعابد مدني، سندس پاڻيو ۽ شاگرد هو. جنهن پنهنجي تاليف "حصرالشارد" ۾ جيڪي اسانيد لکيون آهن، سي شيخ محمدحسين جي ذريعي پهتيون هيون.

شيخ محمدحسين، شيخ ابوالحسن بن شيخ محمدصادق کان اجازت حاصل ڪئي. ان شيخ محمدحيات سندي کان، جيڪو علامه ابوالحسن ڪبير جو شاگرد ۽ سندس جانشين ٿيو.

شيخ محمدحسين لاءِ "اليانع الجني" جو صاحب لکي ٿو: "کان عالما جيد اجامعابين علوم الاديان والابدان" مطلب ته "شيخ محمد حسين وڏو جيد عالم هو. علوم دين ۽ علوم ابدان (طب) جو جامع هو".

شيخ محمد عابد "حصرالشارد" ۾ لکي ٿو ته "مون کي منهنجي چاچي شيخ محمدحسين بن محمدمراد گهڻئي ڀيرا خرقو پهرايو ۽ چيائين ته مون کي پنهنجي والد شيخ محمدمراد بن يعقوب گهڻائي ڀيرا خرقو پهرايو، جنهن کي وري شيخ محمدهاشم بن عبدالغفور سندي خرقو پهرايو هو، ۽ ان چيو ته مون کي شيخ عبدالقادر خرقو پهرايو هو."

شيخ محمدحسين پنهنجي وڏن جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ درس تدريس ۽ قراُت جو شغل جاري رکيو. ستن قراُتن ۾ ڪيس

سَنَدَ حاصل هئي ۽ اها سند شيخ محمد عابد کي به شيخ محمد حسين کان ئي پهتي. شيخ محمد حسين جو والد بزرگوار عرب هجرت ڪري ويو، ان ڪري ڪيس به پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏڻا پيا. هو هڪ وڏو طبيب پڻ هو. ان ڪري عرب ملڪن ۾ سندس وڏي عزت هئي. اندازاً سنه ١٢٣٠ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

## مخدوم محمد عارف سيوهاڻي (وفات ١٢٤٧ هه) جي درسگاهه

مخدوم محمد عارف به سيوهڻ جي صديقي خاندان جو چشم و چراغ ۽ مخدوم دين محمد سيوهاڻي جو پوٽو هو. مخدوم عبدالواحد جي وفات کان پوءِ فتواڻن ۽ درسگاهه ۾ سندس علمي جاءِ نشين هي بزرگ رهيو. پنهنجي وڏن جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ ديني علوم ۽ اسلامي تبليغ جي ڪم کي روان دوان رکيائين. سندس علمي تبحر جي مشهوري ڪري وٽس پري پري جا شاگرد علم جي تحصيل ڪندا رهيا. مخدوم محمد مراد سيوهاڻي وٽ ڪي قلمي ڪتاب آهن، جن تي مخدوم محمد عارف صديقي جا حاشيا ۽ نوٽ لکيل آهن، جن مان سندس علمي ذوق جو پتو پوي ٿو(١).

فقه حنفي جي مشهور ڪتاب ”هدايه“ جي هڪ حاشيه ”نجوم الهدايه“ تي سندس هيٺيون نوٽ لکيل آهي:

الحمد لله الذي منّ علي بعبه هاتين الحاشيتين من يد القاضي غلام محمد بن لطف الله المرحوم وهيني حسين عزم السفر الى الحرمين زاد الله تعالىٰ شرفهما

الله جي وڏي واکاڻ ڪجي جنهن پنهنجو احسان فرمائي قاضي غلام محمد بن لطف الله مرحوم جي هٿان مون کي هي ٻه حاشيا مفت ڏياريا. هن مون کي اهو ڪتاب

(١) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، سيوهڻ ۾ مخدوم محمد مراد جن جو ذاتي ڪتبخانو ڏٺو، جنهن ۾ ڪيس مخدوم محمد عارف صديقي جون مختلف تحريرون نظر مان گذريون.

و انا الموهوب له ذوالخاتم.
۱۲۲۲.
محمد عارف

ان وقت ڏنو جڏهن هو حرمين
تي ويو. جنهن کي اهو هبو مليو
سو هن مهر وارو آهي. ۱۲۲۲
محمد عارف

هڪ ٻيو ڪتاب تصوف ۾ "فتح الفضل" آهي (۱). ٽيون ڪتاب ڪنز جو شرح مستخلص قلمي نسخو آهي (۲).

## شيخ محمد عابد انصاري سيوهڻ

شيخ محمد عابد بن احمد علي بن محمد مراد بن حافظ يعقوب بن محمود انصاري جي ولادت سيوهڻ ۾ ٿي. ابتدائي تعليم هتي ئي حاصل ڪيائين. سندس ڏاڏو "شيخ الاسلام" جي عهدي تي فائز هو ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي وڏن شاگردن مان هو. پنهنجن ٻين ويجهن عزيزن سميت عرب ڏانهن هجرت ڪيائين. شيخ محمد عابد، پنهنجي چاچي محمد حسين انصاري کان علم پرايو ۽ حديث جي

(۱) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب هن ڪتاب بابت لکيو آهي ته "فتح الفضل" تصوف ۾ تمام عمدي خط ۾ لکيل آهي، ۽ آخر ۾ ڪتابت ۾ جو سال ۱۲۳۳ ه لکيل آهي. ڪتاب تي مخدوم محمد عارف جو هي نوٽ لکيل آهي: "بحمدالله و حوله و قوته و هبني الله تعاليٰ هذا الڪتاب الشريف المسمي بفتح الفضل من يد حاجي ڪاغذي وهب الله اياه خيرالنعم".

و ان الفقير الموهوب له محمد عارف
۲۴ شعبان ۱۲۳۸ ه ۱۲۲۲

مطلب ته الله جي تعريف ۽ قوت سان، مون کي الله تعاليٰ هي ڪتاب شريف "فتح الفضل" نالي حاجي ڪاغذي جي هٿان ڏياريو. الله کيس چڱي نعمت نصيب ڪري، هتي سندس مهر لڳل آهي ۽ تاريخ ۱۲۳۸ ه لکيل آهي.

(۲) مولانا صاحب کي ڪنز جو شرح مستخلص قلمي نسخو پڻ نظر مان گذريو. جنهن تي سنه ۱۲۴۷ ه لکيل آهي.

جي سنڌ، جنهن جو سلسلو سنڌ جي عظيم محدث ابوالحسن ڪبير تائين پهچي ٿو، سا به پنهنجي چاچي کان ورتائين.

شيخ محمد عابد يمن جي علمي مرڪز زبيد ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي جي وڏن عالمن ۽ حجاز جي متبحر استادن کان استفادو ڪيو. سندس گهڻي رهائش زبيد ۾ هئي. ان ڪري علامه ساباتي پنهنجي فهرست ۾ ڪيس زبيد جي عالمن ۾ شمار ڪيو آهي. هو يمن جي دارالسلطنت صنعاء ۾ آيو ۽ اتي جي والي جو شاهي طبيب ٿي رهيو ۽ ان جي وزير جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين. يمن جي والي وٽ سندس اها مقبوليت هئي جو هڪ ڀيري ان جي طرفان مصر ڏانهن سفير بنجي ويو. شيخ محمد عابد کي مديني منوره ۾ رهائش جو ڏاڍو خيال رهندو هو ۽ زندگي جا آخري ڏينهن اتي ڏي گهارڻ ٿي گهريائين. آخرڪار هو مديني منوره ۾ آيو ۽ اتي رهي وعظ جو سلسلو شروع ڪيائين. پر اتي پرائين رسمن جا ڪي پوئلڳ هن جي وعظ کان خوش نه ٿيا، نيٺ وڏي اختلاف بعد ڪيس موٽي پنهنجي ماڳ (سنڌ) ڏي اچڻو پيو.

وطن واپس اچي سڀ کان پهريائين پنهنجي مرشد خواجه محمد زمان ثاني جي زيارت لاءِ لنواري ۾ آيو ۽ اتي ڪجهه راتيون رهيو. ليڪن عرب جي شوق ڪيس وطن ۾ وڌيڪ رهڻ نه ڏنو جنهنڪري ستت ئي مديني منوره پهچي ويو. ڪيس مصر جي حاڪم طرفان مدينه منوره جي عالمن جو سردار بڻايو ويو. پوءِ اتي وفات تائين تصنيف تاليف ۽ درس تدريس ۾ مشغول رهيو.

ڪتاب ”نيل الوطر“ جو مصنف شيخ محمد بن محمد، محمد عابد سنڌي کي ”الشيخ محمد عابدين المڪي“ جو نالو ڏيئي ڪيس شيخ، علامه ۽ حافظ جي لقبن سان ياد ڪندي، سندس نسب هن طرح لکي ٿو: محمد بن عابد بن شيخ احمد بن علي بن محمد بن مراد ايوبي، انصاري، سنڌي، مڪي. هن غلطي جو اصل ڪارڻ اهو آهي جو عربي ۾ هڪ ماڻهو تي ٻه نالا نه هوندا

آهن. ان خيال کان محمد عابد کي محمد بن عابد، ۽ احمدعلي کي احمد بن علي ڄاتو ويو آهي.

شيخ "ججاف"، علامہ محمد عابد سنڌي جو پڙهڻ جو رفيق رهيو، اهو شيخ محمد عابد لاءِ لکي ٿو تہ: اسان ٻنهي گهڻو زمانو گڏ گذاريو ۽ شيخ بدر شاڪاني وٽ پڙهڻ ۾ بہ گڏ هئاسين. سنہ ١٢١٦هہ ۾ گڏ حج ڪيوسين ۽ اتي جي شيخ سان ملاقات ڪئيسون. امام الحرمين صالح محمد بن فلاني مغربي کان اجازت طلب ڪئيسون. مون حرمين جي امام کي ڏٺو تہ اهو شيخ محمد عابد سنڌي جي وڏي عزت ڪندو هو ۽ کيس پنهنجي جاءِ جي ويجهو ويهاريندو هو. کيس ماڻهن ۾ وڏي عزت هئي. صحيح بخاري جي ان کي پوري ڄاڻ هئي. هن صحيح بخاري جي مڪرر حديثن بابت هڪ بهتر ۽ عجيب ڪتاب لکيو جيڪو ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول پيو. ڪتاب جو نالو "منحة الباري بمڪررات البخاري" رکيائين ۽ مصنف جي حياتي ۾ ئي ماڻهو ان ڪتاب کي نقل ڪري ويا (١).

شيخ ججاف وڌيڪ لکي ٿو تہ: شيخ محمد عابد سنڌي صحاح ستہ جي سڀني ڪتابن کي هڪ جلد ۾ لکيو هو، ۽ فتح الباري شرح صحيح البخاري کي بہ هڪ جلد ۾ لکيو هئائين ۽ جڏهن حديث جي ڇهن ئي ڪتابن کي لکي پورو ڪيائين تہ ان خوشي ۾ هڪ دعوت ڪيائين، جنهن ۾ چوندبہ ماڻهن کي مدعو ڪيو ويو. فتح الباري جي پوري ڪرڻ وقت بہ اهڙي دعوت ڪئي هئائين. امام منصور کيس ڏاڍو پائيندو هو، ان عزت هوندي بہ جڏهن حج جا ڏينهن ويجها ايندا هئا تہ بيت الله جي سفر کان

(١) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ١٩٦٣ع ۾ حرمين ويو تہ اتي مدينہ منوره جي ڪتبخاني ۾ "منحة الباري" مصنف جي خط سان لکيل سندس نظر سان گذريو، جيڪو منجد جي سائيز ۽ ٿولهہ جيترو هو (الرحيم، مشاهير سنڌ، ص ١٢).

پوڻتي نہ پوندو هو، تهائم ۽ جبال جو سير ڪندو رهندو هو. سندس مجلس عالمن جو آماجگاه هوندي هئي. گهڻن فائدن جو صاحب ۽ بيمارن جو پناهگاه، هوندو هو. وڏو حاذق حڪيم هو، سندن علاج ۾ وڏي شفا هئي.

شيخ محمد عابد سنڌي پهريون عالم آهي جنهن يمن ۾ طب جو ڪتاب "تحفة المومنين" آندو ۽ فرمائيندو هو تہ اهو ڪتاب هن علم ۾ نهايت متين ۽ عمدو آهي. هن مفردات ۽ مرڪبات ۾ خاص التزام ڪيو هو. تجربي ۾ اڳين حڪيمن جي تقليد ۽ پوئلڳي نہ ڪئي اٿس، پر جنهن نسخي کي آزمايو اٿس، ان کي مجرب لکي ڪري ڪنيائين ۽ جيڪو آزمايل اٿس، ان لاءِ لکي ٿو تہ هن کي اڳين حڪيمن آزمايو آهي يا انهن مجرب سڏيو آهي.

جمادي الآخر سنہ ١٢٢٠ھ ۾ شيخ محمد عابد سنڌي جو سيف الاسلام احمد بن منصور ڏانهن لکيل خط پهتو، جنهن ۾ هن امام کي خواب ۾ ڏسڻ جو قصو بيان ڪيو آهي. ان کي تفصيل سان شيخ جحاف "دررنحورالعين" ۾ آندو آهي ۽ اهو بہ لکيو اٿس تہ ربيع الاول سنہ ١٢٣٣ھ ۾ شيخ محمد عابد سنڌي زندگي جا آخري ڏينهن مدينہ منوره ۾ رهيو ۽ اتي ئي ١٢٥٧ھ ۾ وفات ڪيائين، ۽ پنهنجا سمورا ڪتاب حرم مڪي کي وقف ڪيائين.

قاضي محمد بن علي شوڪاني "البدر الطالع" ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ: شيخ محمد عابد سنڌي کي بہ علم طب ۾ وڏي دسترس هئي. نحو، صرف، فقہ حنفي ۽ اصول فقہ ۾ ڪيس مضبوط معرفت ۽ چاڻ حاصل هئي. سندس سمجهہ صحيح ۽ تيز هئي. ڪيس وقت جي خليفي مولانا امام منصور باالله "حديده" مان پاڻ وٽ گهرايو. هو امام جي بارگاهہ ۾ پهتو ۽ اتي ماڻهن جي هڪ وڏي جماعت سندس دوائن مان فائدو پرايو. هو "صنعاء" ۾ سنہ ١٢١٣ھ ۾ پهتو، مون وٽ ايندو ويندو هو ۽ مون وٽ "هداية الابهري" ۽ ان جو شرح ميبذي حڪمت ۾ پڙهيو. هي ڪتاب

جيتوڻيڪ دقيق هو جو ڪيترا چونڊ عالم ۽ ماهر درس وقت حاضر ٿيندا هئا، پر اهي گهڻو ڪري هن متن ۽ شرح کي سمجهي نہ سگهندا هئا. باقي شيخ محمد عابد سنڌي هن کي تمام سٺو سمجهندو هو.

شيخ محسن بن يحيٰ پنهنجي تاليف ”اليانع الجني“ ۾ لکي ٿو تہ شيخ محمد عابد سنڌي پنهنجي تصنيفات مان وڏا ۽ ننڍا گهڻا ئي ڪتاب ڇڏيا، جي وڏا مفيد آهن. جيئن تہ ”المواهب اللطيفه علي مسند امام ابي حنيفه“(١)، جنهن ۾ هن حصڪفي جي روايت تي اختصار ڪيو آهي. ٻيو ڪتاب ”طوالع الانوار علي الدرالمختار“ آهي، جيڪو بسط سان لکيو ويو آهي. هن ۾ حنفي امامن جي فروغ کي گهڻو سميٽيو ويو آهي. واقعات ۽ فتوائن جي مسئلن کي پڻ هڪ هڪ ڪري هن ڪتاب ۾ آندو ويو آهي(٢). ٽيون ڪتاب ”شرح تيسيرالوصول“ آهي. هن شرح ۾ ڪتاب الحدود جي حرف

(١) هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو پير محب‌الله شاه جهنڊي واري جي لائبريري ۾ ٻن جلدن ۾ موجود آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ مصنف جو پنهنجو دستخط آهي. هن نسخي بابت مولانا غلام‌مصطفيٰ قاسمي صاحب لکيو آهي تہ خط سٺو نہ آهي، سٺون سوڙهيون رکيون ويون آهن. خلافت ڏني پير رشدالله کان روايت آهي تہ ”المواهب اللطيفه“ حافظ ابن حجر عسقلاني جي جڳ مشهور ڪتاب ”فتح الباري شرح صحيح البخاري“ جي پايہ جو ڪتاب آهي.

(٢) هن ڪتاب جا دنيا ۾ ٽي نسخا ڇپيا وڃن ٿا: هڪڙو مصنف جي هٿ اکر نسخو جيڪو لنواري شريف ۾ هو. ٻيو مغربي جرمني جي لائبريري ۾ محفوظ آهي ۽ ٽيون مدينہ منوره جي مولانا مظهر سهارنپوري جي ڪتبخاني ۾ هو. ڪن فهرستن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جامع ازهر ۾ بہ هن ڪتاب جو قلمي نسخو موجود آهي، جيڪو تحريرالمختار جي صاحب علامہ رافعي جي ڪتابن سان گڏ جامع ازهر ۾ وقف ڪيو ويو هو.

جاءِ ٽائين پهتو هو(١). سندس ڇوٿون ڪتاب اسناد ۾ "حصرالشارد في اسانيد" به آهي، جنهن کي هن بندر "مخا" ۾ رجب سنه ١٢٤٠ هجري ۾ لکي پورو ڪيو(٢). پنجون ڪتاب "شرح مسند الامام الشافعي" آهي جيڪو ڪافي ضخيم ۽ ٻن جلدن ۾ آهي. هن جو علامه زاهد ڪوثري، مسند امام شافعي مرتب شيخ محمد عابد سنڌي جي مقدمه ۾ ذڪر ڪيو آهي. پر افسوس جو علامه ڪوثري کي به رڳو هڪ جلد مدينه منوره ۾ ڏسڻ ۾ آيو ۽ ٻيو جلد غائب آهي. ڇهون ضخيم ڪتاب "منحة الباري" آهي، جيڪو مولانا قاسمي صاحب مديني منوره ۾ ڏٺو، جنهن مان عرب و عجم جي متبحر ۽ مجتهد عالمن وڏو فائدو ورتو ۽ انهي موضوع تي وڏيڪ تاليفون ڪيون.

شيخ محمد عابد سنڌي سومر جي ڏينهن سترهين ربيع الاول سنه ١٢٥٧هه/١٨٤١ع ۾ وفات ڪئي. کيس جنت البقيع ۾ حضرت عثمان رضه جي دروازي جي آڏو دفن ڪيو ويو(٣).

## مخدوم محمد عارف سيوستاني جو مدرسو

مخدوم محمد عارف بن مخدوم محمد حسن بن دين محمد صديقي بن مفتي عبدالواحد پاٽائي. هن ظاهري علم پنهنجي چاچي مخدوم عبدالواحد سيوستاني وٽ حاصل ڪيا. ان کان پوءِ نقشبندي مجددي طريقي ۾ به ڪانئس بيعت ورتي. ٽالپرن جي حڪومت ۾

(١) هن ڪتاب جو به قلمي نسخو پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. شيخ محسن لکي ٿو ته شيخ محمد عابد، حافظ ابن حجر عسقلاني جي ڪتاب بلوغ المرام جي شرح به لکي هئي، جنهن کي پورو نه ڪيائين.

(٢) هن شرح جو به واحد قلمي نادر نسخو پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ الحاج وهب الله شاهه وٽ موجود آهي، جيڪو اڻپوري هجڻ جي باوجود ڪافي وڏو آهي.

(٣) اهو دروازو حضرت عثمان رضه جي قبي جو هو، جو هاڻي نه رهيو آهي. سعودي حڪومت هاڻي سڀ قبا ڊهرائي ڇڏيا آهن.

هي خاندان شرعي فيصلن ۽ فتوائن تي مامور هو. پنھنجي چاچي مخدوم عبدالواحد جي وفات بعد سندس جاءِ تي فتويٰ ۽ قضا جو صاحب ٿيو. ان کان سواءِ ساڳئي مدرسي ۾ وڏهي درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. سندس حياتي ۾ ئي سندس شاگردن هن جي فتوائن کي جمع ڪيو، جيڪو پوءِ "بياض مخدوم محمد عارف" جي نالي سان سنڌ جي عالمن لاءِ سند طور ڪم ايندو رهيو. سندس شاگردن مان مخدوم فضل الله پاٽائي ۽ خليفو غلام محي الدين سيوستاني مشهور ٿي گذريا آهن. هن بزرگ سال ۱۲۵۸ هجري ۾ وفات ڪئي(۱).

## مخدوم محمد مراد علي سيوهاڻي

مخدوم محمد مراد علي ابن مخدوم محمد حسن، سيوهڻ جي صديقي خاندان مان هڪ اهل دل عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو. سندس ولادت سنه ۱۱۹۰ھ/۱۷۷٦ع ۾ ٿي ۽ سنه ۱۲۷۲ھ/۱۸۵۵ع ۾ وفات ڪيائين.

## خوشنويس ۽ خطاط

سيوهڻ جو شهر جتي علم ادب ۽ درس تدريس جو هر دور ۾ مرڪز پئي رهيو آهي، اتي هن شهر ۾ سٺا خطاط ۽ ڪاتب به موجود هئا. سنڌ ۾ علمي ۽ ادبي ڪتابن جو جيڪو ذخيرو هلندو آيو آهي، سو انهن خطاطن ۽ ڪاتبن جي بدولت اڄ تائين زنده رهيو آهي. ٽالپرن جي دور ۾ جيڪي ڪاتب ٿي گذريا، تن جو بيان هيٺ ڪجي ٿو.

## محمد شفيع (وفات ۱۲۰۲ هجري)

محمد شفيع بن حافظ معزالدين سيوهاڻي چڱو خطاط ۽ ڪاتب ٿي گذريو آهي. سندس هٿ جو لکيل ڪتاب "سڪندر نامه" بحري نظامي آهي، جنهن جي ڪتابت جو سال ۱۲۰۲ هجري آهي.

(۱) تذڪره مشاهير سنڌ، احوال مخدوم محمد عارف سيوستاني، ص ۲۹۳

## ڪاتب غلام حسين سيوهاڻي

غلام حسين پٽ حافظ محمد صلاح سيوهاڻي به هن خطي جو چڱو خطاط نظر اچي ٿو. سندس وڌيڪ احوال ڪتابن ۾ معلوم نه ٿي سگهيو آهي. باقي سندس هٿ جو لکيل ڪتاب ”روضة الاحباب“ تاليف ”عطاالله“ آهي، جنهن کي هن سنه ۱۲۰۸ هجري ۾ لکي پورو ڪيو آهي. اندازو آهي ته ان بعد وفات ڪيائين.

## شرف الدين خطاط

شرف الدين خطاط به سيوهڻ جو رهاڪو هو ۽ فيض محمد خطاط جو ڀاءُ هو. سندس والد جو نالو ميان عبدالحڪيم سيوهاڻي هو. ”تصريح“ جي ڪتابت شرف الدين خطاط ۽ سندس ڀاءُ فيض محمد ٻنهي گڏجي ڪئي. سندس وڌيڪ احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. سنه ۱۲۱۹ هجري کان پوءِ وفات ڪيائين.

## فيض محمد خطاط (وفات ۱۲۰۹ هجري کان پوءِ)

فيض محمد خطاط ميان عبدالحڪيم سيوهاڻي جو فرزند هو. علمي مذاق ۾ وڏو عالم ٿو نظر اچي. سندس هٿ لکيل ڪتاب ”تصريح حاشيه تلويح“ آهي. هن ڪتاب جي ڪتابت جو سال ۱۲۰۹ هجري آهي. ميان فيض محمد انهي کان پوءِ وفات ڪئي.

## محمد وارث سيوهاڻي

اهو خطاط به سيوهڻ جو رهاڪو هو، ۽ حافظ نصرالله سيوهاڻي جو پٽ هو. سندس هٿ جو لکيل ڪتاب ”شرح بوستان“ آهي، جنهن تي ڪتابت جو سال ۱۲۲۹ هجري لکيل آهي. ساڳئي سال عبدالواسع هاسوي جي تصنيف ”شرح زليخا“ به ڪتابت ڪيائين. انهي مان اندازو آهي ته ۱۲۲۹هه کان پوءِ وفات ڪيائين.

## سيد لطف علي شاهه خطاط

سيد لطف علي شاهه به تيرهين صدي هجري جي خطاطن مان هو. سندس وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي. باقي سندس هٿ

جو لکيل هڪ بياض "مدحون ۽ ڪافيون" مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نظر مان گذريو، جنهن ۾ ڪتابت جو سال ۱۲۳۹ هجري ڄاڻايل آهي. سيد لطف علي شاه ان کان پوءِ وفات ڪئي.

## دائري جي درسگاهہ

ٻارهين صدي هجري جي آخر ڌاري، ڳوٺ صدر جهيجي (۱) ۾ قرآن شريف جي حفظ ۽ قرائت جي تعليم لاءِ هڪ مڪتب جو بنياد پيو جو پوءِ وڏي هڪ عاليشان درسگاهہ ٿيو، جنهن جي مشهور علمي حلقي (دائري) سببان هي ڳوٺ "دائرو شريف" سڏجڻ لڳو وڏا قابل قاري ۽ حافظ هن درسگاهہ جا اوائلي استاد توڙي آئينده جا معمار بڻيا. انهن مخلص ڪارڪنن ۾ سندن علمي ڪارنامن جو تفصيل محفوظ نہ رهيو آهي. البت درسگاهہ جي مسجد لڳ انهن حافظن جون قبرون آهن جي غالباً هن درسگاهہ جا اوائلي استاد هئا. انهن سان لڳولڳ هڪ سهڻي اڏيل صفي اندر وچين دور (۱۱۰۸-۱۲۵۵هہ) جي ٻارهن استادن جون قبرون آهن. انهن مان ستن عالمن جي قبرن (الهندي ڪان ايرندي) تي سندن نالا ۽ وفات جا ڪي سال ڪاشيءَ جي سرن تي هيٺين طور لکيل آهن:

(۱) "عمدة الحفاظ قاري القرآن فاضل حافظ ميان محمد دوس" ٿيو، جو "حافظ نوري" جي لقب سان مشهور ٿيو. ماهہ ذيقعده سنہ ۱۲۵۵هہ" ۾ وفات ڪيائين.

(۲) "عمدة الحفاظ حافظ ابراهيم"، جنهن آچر ڏينهن ۱۳ تاريخ "ماه ذيقعده ۱۲۵۵ هہ" ۾ وفات ڪئي.

(۳) "سيد ابوالمعالي"، جنهن ۱۹ تاريخ ماهہ رمضان مبارڪ ۱۲۲۶هہ ۾ وفات ڪئي ۽ "برايمان رحمت رسيد" مان سندس وفات جو سال (۱۲۲۶هہ) نڪري ٿو.

(۱) هن ڳوٺ لڳ "شيخ طاهر" جي درگاه آهي، جيڪو پوءِ "اڏيرو لال" سڏجڻ لڳو.

(٤) ”سيد شاهه محمد، صاحب دائره“، جنهن تاريخ ٢- جمادي الاول سنه ١٢٠٤هه ۾ وفات ڪئي.

(٥) ”سيد محمد معصوم صاحب دائره“، جنهن ١٦ تاريخ ماه جمادي الثاني سنه ١١٨٣ هه ۾ وفات ڪئي. ”بل خاتمه بالايمان“ مان سندس وفات جو سال (١١٨٣هه) ڪڍيو ويو آهي.
شجره موجب سندس اصل نالو سيد مسعود هو، پر هو ”محمد معصوم“ جي عرفيت مان مشهور ٿيو. ”خلق محمد معصوم لکن جو ادا“ مان پڻ سندس وفات جو عدد (١١٨٣) نڪري ٿو.

(٦) ”سيد يار محمد، صاحب دائره“، جنهن تاريخ ١٢ صفر سنه ١٢٢٠ هه ۾ وفات ڪئي: ”هجر يا محمد و قبل دخل الجنة“ مان سندس وفات جو سنه (١٢٢٠) نڪري ٿو.

(٧) ”سيد معصوم شاهه“ جنهن ١٢ (يا ١٣) رجب تي وفات ڪئي. سندس سال وفات ١١٦٨هه هيٺين بيت مان نڪري ٿو:

”زهي تاريخ بشمرو برخوان مرجع تاليان قرآن بود“.

انهن کان سواءِ، ساڳئي صفي ۾ چار ٻيون مزارون (٨ کان ١١) آهن، جن تي ڪتبا لکيل نه آهن.

سيد علي محمد شاهه جي فرزند محمد مسعود شاهه عرف محمد اڪرم شاهه جي هٿ لکيل شجري جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هن درسگاهه جو بنياد غالباً محمد هاشم شاهه بن عيسيٰ شاهه ڪلان جي اولاد مان سيد مسعود (ثاني) بن سيد محمد هاشم (ثاني) وڌو. شجري ۾ سيد مسعود جي پٽ سيد محمد هاشم (ثالث) جي پويان ئي ”صاحب سجاده“ جو لقب لکيل آهي، ۽ خانداني روايت موجب هنن بزرگن جي سجاده نشيني جي پڳ ملڪيت جي ورثي جي ڪانه هئي، بلڪ علمي ورثي جي هئي. پڻ هن شجري ۾ سيد محمد هاشم ”صاحب سجاده“ جي وفات جو سال ١١٠٨هه لکيل آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته غالباً هن درسگاهه

جو بنياد سيد محمد هاشم (ثالث) جي والد سيد مسعود ٻارهين صدي هجري جي آخر ڌاري وڌو، جو سندس وفات کان پوءِ پڳ سندس پٽ سيد هاشم شاهه تي آئي.

اندازو ٿئي ٿو ته هن درسگاهه جو بنياد هڪ "مڪتب" يعني ابتدائي تعليمي اداري جي صورت ۾ پيو ۽ قرآن شريف جو حفظ ۽ قرائت ان جي نصاب جا مرڪزي پهلو رهيا. ٻارهين صدي جي آخر کان وٺي ٻارهين صدي هجري جي آخر تائين هڪ سؤ سالن جي عرصي ۾ هن "مڪتب" قرآن شريف جي درس، حفظ ۽ قرائت کي اهڙي اعليٰ معيار تي پهچايو، جو روايت آهي ته حجاز ۽ عراق جي ڪن قارين پڻ هتي اچي درس ورتو.

تقريباً هڪ سؤ سالن جي ڪامياب تعليمي ڪشالي بعد، هن درسگاهه ۾ ثانوي ۽ اعليٰ تعليم جو دور شروع ٿيو. "حلقي" يا "دائري" جي نظام جو تعلق ثانوي ۽ اعليٰ تعليمي طريقي سان آهي ۽ سيد محمد مسعود عرف سيد محمد معصوم (۱) جنهن سنه ۱۱۸۲هه ۾ وفات ڪئي، هن درسگاهه جو پهريون استاد آهي، جنهن کي "صاحب دائره" سڏيو ويو آهي. ان بعد درس جو اهو حلقو يا دائرو ايترو مشهور ٿي ويو جو عام طور "دائري واري درسگاهه" ۽ "دائري وارا استاد" سڏجڻ لڳا.

سيد محمد مسعود عرف سيد محمد معصوم شاهه کان پوءِ هيٺيان سجاده نشين سادات هن درسگاهه جا سرواڻ ٿيا: سيد شاهه محمد (وفات ۱۲۰۴هه)، سيد يار محمد (وفات ۱۲۲۰هه) ۽ پوءِ ڪتاب "مصلح الفتاح" جو مصنف علي محمد شاهه.

## "درسگاهه دائره" جي تاريخي اهميت

هن درسگاهه جو تدريسي سلسلو جيتوڻيڪ پنجاهه سٺ سال کن اڳ ختم ٿي چڪو هو، مگر عمارتن جا آثار اجا تائين

(۱) سندس قبر جي سيراندي واري سر تي "سيد محمد معصوم صاحب دائره" لکيل آهي، جيڪو سيد حمزه شاهه بنوري نقشبندي جو پاٽيجو هو.

سلامت آهن. اصل مڪتب جي شروعات مسجد ۾ ٿي. پر جيئن ٿي اعليٰ تعليم جو واڌارو ٿيو ته ٻاهران آيل شاگردن جي قيام لاءِ مسجد کان ٻاهر ڏکڻ طرف نئين حاطي ۽ عمارتن جو انتظام ڪيو ويو، جيڪو هن ريت وجود ۾ آيو.

(١) مسجد شريف.

(٢) مسجد جو ورانڊو.

(٣) مسجد جو صحن، جنهن جي اڀرندي طرفان مکيه دروازو، جنهن جي مٿان "ٻانگو"، ۽ ڏکڻ طرف ٻيو دروازو. مسجد جي سهڻي ڇت جا ڪاٺ جي ٿنڀن تي اڏيل آهي، سا حافظ محمد دوس سنه ١٢١٣ھ ۾ ٺهرائي. مسجد جو فرش پهريون ڀيرو سنه ١٢٥٧ھ ۾ سيد علي محمد شاهه جي سعيي سان ٺهيو.

(٤) "مقبره ڪلان" يعني وڏو مقبرو جو نهايت سهڻي ڪمانگري ڇت سان اڏيل هڪ ڏسڻ جهڙو صفو آهي، جنهن جي اندر "دائري جي درسگاهه" جي سجاده نشينن جون جملي ٻارهن قبرون آهن. هن صفي جو بنياد ١٢٢٣ھ ۾ رکيو ويو.

(٥) درسگاهه جي حافظن جون قبرون.

(٦) "حلقو يا دائرو" يعني درس وقت شاگردن جي ويهڻ جي گولائين ترتيب وارو حاطو.

(٧) درس ڏيڻ وقت وڏي سجاده نشين جي ويهڻ جي جاءِ يا مصلو.

(٨) درسگاهه جي وڏي حافظ جي ويهڻ جي جاءِ.

(٩) "ڪرسي"، حلقي سان متصل عمارت جا هٿان جي قديم بستي واري جاءِ جو نشان آهي.

(١٠) حافظ جي رهڻ جي جاءِ.

(١١) درسگاهه جو کوهه، جيڪو سيد علي محمد شاهه سنه ١٢٧٦ھ ۾ کڻايو.

(١٢) وضو ڪرڻ يا سارڻ جي جاءِ.

(١٣) طالب علمن لاءِ "قيام گاهه".

(١٤) ”لنگرخانو“، هڪ شاهي ايوان، جنهن ۾ شاگردن ۽ استادن لاءِ لنگر چڙهندو ۽ ونڊبو هو.

(١٥) لنگرخاني جي پوئان اولهہ ۽ اتر وارو حاطو، جتي شاگردن جا مائٽ يا پيا ماڻهو ۽ مهمان ترسندا هئا ۽ پنهنجا آڻ گهوڙا ٻڌندا هئا.

(١٦) سيد علي محمد شاهہ ۽ سندس وڏن جون قبرون اپرندي کان الهندي اترين قطار ۾ حاجي محمد اڪرم شاهہ، حاجي شاهہ محمد شاهہ، حاجي غلام نبي شاهہ، غلام مرتضيٰ شاهہ ۽ يار محمد شاهہ.

اپرندي کان الهندي ڏاکڻين قطار ۾ سيف شاهہ، عبدالملڪ شاهہ، حاجي علي محمد شاهہ، محمد شريف شاهہ، مير محمد شاهہ، در محمد شاهہ عرف شاهہ محمد شاهہ، فيض محمد شاهہ ۽ حاجي محمد سعيد شاهہ.

(١٧) اهل نساء جون تربتون.

سيد علي محمد شاهہ متياري ساداتن مان، عيسيٰ شاهہ جي اولاد مان، حمزي شاهہ بنوري نقشبندي (١) جو پڙ پوٽو ۽ سيد نيڪ محمد شاهہ جو فرزند هو. تاريخ ٥ ماهہ رجب ١٢٢٦هہ ۾ ”دائره شريف“ ۾ ڄائو. سندس والد ۽ ڏاڏو اتي ئي رهندڙ هئا. سندن پيا ويجها عزيز بہ درسگاهہ دائره سان وابستہ هئا. اهي ڪري ”دائرائي سيد“ سڏبا هئا. سيد يار محمد شاهہ جي بغاوت کان پوءِ درسگاهہ جو نظام ميان محمد دوس ٽيبي سنڀاليو. ننڍڙي سيد علي محمد شاهہ جي ابتدائي تعليم، ”درسگاهہ دائري“ ۾ قاري حافظ محمد دوس جي زيرنگراني ٿي.

(١) سيد حمزو شاهہ بنوري، شاهہ عنايت‌الله صوفي شهيد جي ٿن ساٿين مان هو. سندس مزار ڳوٺ ”نمون سيد يارعلي شاهہ“ ۾ آهي، جا اڏيري لال لڳ ”ٻُهرين“ جي موجود ڳوٺ کان ميل کن ڏکڻ اوڀر طرف آهي.

## سنڌس تعليم ۽ استاد

سيد علي محمد شاهه نهايت ذهين هو، جنهن غالباً نون ورهين جي ڄمار ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو. سيد يار محمد جي وفات بعد "درسگاهه" جي سجاده نشيني جي جاءِ پندرهن سالن تائين خالي هئي. علي محمد شاهه جي ذهانت کان متاثر ٿي قاري حافظ محمد دوس ڪيس "درسگاهه دائره" جي علمي سلسلي جي پڳ ٻڌائڻ جو سعيو ڪيو. درسگاهه جي هڪ ٻئي اهل دل درويش حافظ ناري ڏاهري ٻڻ استخاره ڪري علي محمد شاهه کي پڳ ٻڌائڻ جي ترغيب ڏني. آخرڪار مٽيارين جي برگزيده عالم مخدوم ميين محمد اڪرم ان تجويز جي تائيد ڪئي ۽ پاڻ اچي نوجوان علي محمد شاهه کي پڳ ٻڌايائين. سيد علي محمد شاهه پنهنجي ابتدائي تعليم "درسگاهه دائره" ۾ حاصل ڪئي، ۽ ان بعد اعليٰ تعليم لاءِ مٽيارن جي درسگاهه ۾ داخل ٿيو، جتي ٻن قابل استادن، علامه مخدوم عبدالڪريم ۽ مخدوم ميين محمد جي رهنمائي هيٺ پنهنجي تعليم جي تڪميل ڪيائين(١). مروج نصاب موجب "منتهي" جي درجي تي يا ان کان پوءِ ٻين عالمن کان ٻڻ استفادو ڪيائين، جن مان مخدوم ابراهيم ولهاري جو نالو قابل ذڪر آهي. سيد علي محمد شاهه پنهنجي بياض ۾ لکي ٿو ته "قرات هذه التحريرات علي العلامة التحرير مخدوم ابراهيم ولهاري" ٻي جاءِ تي "سمعت من المخدوم الولهاري"(٢) جي عبارت آندي اٿس. اهڙي طرح حافظ مسعود چوٽياري کان ٻڻ مسئلا پڇيائين. فقهي مسئلن ۾ سنڌس تحرير کي همعصر عالمن وڏو وزن ڏنو ۽ کين "مخدومين" جي لقب سان ياد ڪرڻ لڳا(٣).

(١) مخدوم عبدالڪريم ۽ مخدوم ميين محمد جابجا سنڌن نالن بدران "استاد" جي لقب سان ياد ڪيو اٿس.

(٢) يعني "اهي تحريرون مون وڏي علامه مخدوم ولهاري کان پڙهيون" ۽ "مون مخدوم ولهاري کان ائين ٻڌو".

(٣) فقهي شعور جي اعليٰ معيار، ۽ فقهي دليلن ۽ فيصلن جي وزن ۽ تصديق جي لحاظ سان "فقه حنفي" ۾ هيٺيان اصطلاح عام مروج ٿيا: [هلندڙ]

مخدوم عبدالڪريم، ٺٽيارن جي مشهور عالم مخدوم محمد عثمان جو فرزند هو ۽ سنه ١٢٠٠ هجري ڌاري ٺٽيارين ۾ ڄائو. مخدوم محمد عثمان بن عبدالله عرف ڻارو بن يعقوب ٺٽياروي، وڏو عالم، حافظ، مفتي ۽ مدرس هو. ٻارهين صدي جي آخر ۽ تيرهين صدي جي شروع واري دور ۾ فتوي ۽ درس جو مرجع هو. سندس درس مان سوين شاگرد، طالب ۽ معتقد فيضياب ٿيا. فقه جي جزئيات ۾ هن بزرگ کي "مجتهد في المذهب" جو درجو نصيب ٿيل هو. شروع ۾ پنهنجي شهر جي فاضلن کان علم حاصل ڪندو رهيو. تنهن کان پوءِ نصرپور جي مشهور عالم، محدث، صوفي نورمحمد نصرپوري وٽ سمورن علومن جي تڪميل ڪيائين.

مخدوم نور محمد، شاگرد هو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي جو. هن بزرگ وٽان جن صاحبن علمي فيض پرايو تن جو شمار تمام گهڻو آهي، پر مشاهيرن مان هيٺيان بزرگ آهن: (١) آخوند هارون قانون‌گو ٽتعلوي (٢) مولوي عبدالغني شمالي مهاجر مڪي (٣) حافظ عبدالغفور ٽتعلوي (٤) قاضي عثمان نوشهرائي محدث (٥) ميان محمد ذاڪر ٽتعلوي (٦) مولوي عبدالغني ڪڏهري (٧) حافظ اسماعيل ٽتعلوي ۽ (٨) سندس پٽ مخدوم عبدالڪريم المهاجر مڪي.

مخدوم محمد عثمان علم حديث جي وڏي خدمت ڪئي، هن ٢٩٦ بابن تي مشتمل "مشڪواة" مان حديثون منتخب ڪري (١)

"امام" يعني امام اعظم ابو حنيفه ۽ امام محمد رحه "ثاني" يعني امام ابو يوسف؛ طرفين "يعني امام ابوحنيفه رحه ۽ امام ابو يوسف، يا امام ابو حنيفه ۽ امام محمد"؛ صاحبين يعني امام ابو يوسف ۽ امام محمد. انهن اصطلاحن جي مناسبت سان سنڌ جي مقامي عالمن "مخدومين" جو اصطلاح وضع ڪيو.

(١) ٻه دفعا انتخاب ڪري شرح لکيائين؛ سندس پهرئين انتخاب ۽ شرح جا جملي نسخا ختم ٿي ويا ته وري ٻيهر انتخاب ڪري شرح لکيائين، انهي ڪري پهرئين ۽ ٻئي انتخاب جي متون ۾ ٿورڙي فرق ٿيو. مخدوم عثمان جو هي "شرح منتخب مشڪواة" پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾ ڪنهن وقت موجود هو.

مٽيارن واري انهي فعل کي ننديو ۽ اسلام جي احڪامن جي خلاف ورزي قرار ڏني. ٻئي پاسي مخدوم ابراهيم ٺٽوي انهي کي جهاد ڇيو آهي.

مغليه زماني کان وٺي سنڌ جي مخدومن جو فيصلو ڪيل هو ته جيڪو به ذمي هندو ڪنهن مسلمان کي ڇـوي ته ”آءٌ تنهنجو پاڻ آهيان ته ان تـي مسلمان هجڻ جي فتويٰ ڏيندا هئا، پوءِ چاهي هو ان ڳالهه جو ڪيترو به انڪار ڪري“. اگرچ ٺاٽپرن جو مخدومن سان ان ڳالهه ۾ گهڻ اتفاق هو پر ان هوندي به مخدوم عثمان متعلوي جي دستخط اهڙيون تحريرون نظر مان گذريون آهن، جن ۾ مٿين لفظن چوڻ ڪري ذمي جي اسلام ۾ اچڻ جي فتويٰ ڏني اٿس ۽ پنهنجي فتويٰ جي تائيد ۾ ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم ضياءالدين ۽ مخدوم محمد هاشم جي استاد ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي مهاجر جا قول نقل ڪيا اٿس.

ان زماني ۾ نماز جي اوقات معلوم ڪرڻ لاءِ علم هيئت جو ڄاڻڻ ۽ موسمن جي تبديل ۽ سج جي جدا جدا برجن ۾ تحويل جو علم ضروري رهيو آهي. مخدوم محمد قائم ٺٽوي جو انهي فن متعلق هڪ عمدو نظم آهي جنهن مان سندس نجوم جي ڄاڻ جو پتو پوي ٿو. ان کان ٿي اهو علم مخدوم محمد عثمان جي استاد مخدوم نور محمد نصرپوري وٽ پهتو، جتان هن بزرگ کي ورثي طور مليو. قادري طريقي جي تجديد ڪندڙ ۽ راشديه طريقي جـو باني سيد محمد راشد رحه (روضي ڌڻي) مخدوم عثمان جو همعصر هو(١) پير صاحب ڪشفي يا الهامي اجازت سان ڇهن

(١) الرحيم جي مشاهير نمبر (ص ٤٠) تي سندس مختصر احوال آهي ته: سنڌ جو استاد بحرالعلوم علامه عبدالڪريم (١٢٦١هه) سندن فرزنـد هو. مخدوم محمد عثمان جي هٿ اکرين صحيح بخاري ٻن جلدن ۾ لکيل آهي جنهن جو هڪ جلد مٽيارن ۾ مولانا حافظ محمد معروف وٽ موجود آهي، جنهن جي حاشيه تي قاضي محمد اڪرم جي شرح جو انتخاب به ڏنل آهي. ٻيو جلد سنڌ يونيورسٽي جي مکيه لئبرري ۾ آهي.

مٽيارن واري انهي فعل کي ننديو ۽ اسلام جي احڪامن جي خلاف ورزي قرار ڏني. ٻئي پاسي مخدوم ابراهيم ٺٽوي انهي کي جهاد چيو آهي.

مغليه زماني کان وٺي سنڌ جي مخدومن جو فيصلو ڪيل هو ته جيڪو به ذمي هندو ڪنهن مسلمان کي ڇوي ته "آءُ تنهنجو پاڻ آهيان ته ان تي مسلمان هجڻ جي فتويٰ ڏيندا هئا، پوءِ چاهي هو ان ڳالهه جو ڪيترو به انڪار ڪري". اگرچ ٺاڻيرن جو مخدومن سان ان ڳالهه ۾ گهڻ اتفاق هو پر ان هوندي به مخدوم عثمان متعلوي جي دستخط اهڙيون تحريرون نظر مان گذريون آهن، جن ۾ مٿين لفظن چوڻ ڪري ذمي جي اسلام ۾ اچڻ جي فتويٰ ڏني اٿس ۽ پنهنجي فتويٰ جي تائيد ۾ ٺٽي جي مشهور عالم مخدوم ضياءالدين ۽ مخدوم محمد هاشم جي استاد ۽ مخدوم محمد قائم ٺٽوي مهاجر جا قول نقل ڪيا اٿس.

ان زماني ۾ نماز جي اوقات معلوم ڪرڻ لاءِ علم هيئت جو ڄاڻڻ ۽ موسمن جي تبديل ۽ سج جي جدا جدا برجن ۾ تحويل جو علم ضروري رهيو آهي. مخدوم محمد قائم ٺٽوي جو انهي فن متعلق هڪ عمدو نظم آهي جنهن مان سنڌس نجوم جي ڄاڻ جو پتو پوي ٿو. ان کان ٿي اهو علم مخدوم محمد عثمان جي استاد مخدوم نور محمد نصرپوري وٽ پهتو، جتان هن بزرگ کي ورثي طور مليو. قادري طريقي جي تجديد ڪندڙ ۽ راشديه طريقي جو باني سيد محمد راشد رحم (روضي ڌڻي) مخدوم عثمان جو همعصر هو(١) پير صاحب ڪشفي يا الهامي اجازت سان چئن

(١) الرحيم جي مشاهير نمبر (ص ٥٠) تي سنڌس مختصر احوال آهي ته: سنڌ جو استاد بحرالعلوم علامه عبدالڪريم (١٢٦١هه) سندن فرزند هو. مخدوم محمد عثمان جي هٿ اکرين صحيح بخاري ڀن جلدن ۾ لکيل آهي جنهن جو هڪ جلد مٽيارن ۾ مولانا حافظ محمد معروف وٽ موجود آهي، جنهن جي حاشيه تي قاضي محمد اڪرم جي شرح جو انتخاب به ڏنل آهي. ٻيو جلد سنڌ يونيورسٽي جي مکيه لئبرري ۾ آهي.

ڪان وڌيڪ شاديون ڪيون هيون، وقت جي جن علماڻن سندس انهي فعل جي مخالفت ڪئي، تن ۾ هن سان گڏ مخدوم عثمان صاحب ب، هو.

چئن زالن ڪان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ جي عدم جواز ۾ سندس هڪ تحرير جيڪا آخوند هارون متعلوي جي دستخط سان موجود آهي، سا مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نظر مان گذري آهي. هن بزرگ سموري زندگي درس تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ گذاري ٢٠ ذوالحج سنه ١٢١٩ هجري جمعي جي ڏينهن وفات ڪري ويو. علامه مخدوم عبدالڪريم جي تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد مخدوم محمد عثمان جي زير نظر ٿي ۽ سنه ١٢١٩ هجري ۾ جڏهن مخدوم محمد عثمان جي وفات ڪان پوء سندس جاء نشين ٿيو.

سنه ١٢١٩ ڪان ١٢٥٩ هجري وارن چاليهن سالن جي دور ۾ مخدوم عبدالڪريم سنڌ جي چوندِ محقق ۽ اڳواڻ عالمن مان هڪ هو. "حل المشڪلات علي الدر المختار" جي نالي سان "درمختار" تي حاشيه لکيائين. سندس مرتب ڪيل "بياض" عالمن لاء مشعل راهه بڻيو (١). مخدوم عبدالڪريم پاڻ ب، پنهن همعصر سنڌي عالمن جهڙوڪ حافظ مسعود چوٽياروي، مخدوم محمد بختيارپوري، مخدوم ابراهيم ٺٽوي وغيره جي تحريرن مان استفاده ڪيو ۽ انهن تي اعتماد ڪيو. مخدوم محمد عارف سيوستاني ۽ مخدوم محمد عابد سنڌي ڏانهن مديني ۾ سندس خط و ڪتابت هئي. مخدوم محمد عابد سنڌي ڏانهن مديني شريف ۾ پنهنجي هڪ فتويٰ لکي موڪليائين جنهن جي مخدوم محمد عابد تائيد ڪئي.

مخدوم عبدالڪريم پنهنجي مدرسي جو روح روان ۽ مشفق استاد هو، جنهن وٽان ڪيترا ئي طالب فيضياب ٿيا. ميان محمد يوسف ڪنياروي (وفات ١٢٧٧ هه)، حافظ عبدالباقي مٽياروي، قاضي عبدالرحيم

(١) سيد علي محمد شاهه پنهنجي "بياض سيدي" ۾ مخدوم عبدالڪريم جي "بياض" مان عبارتون نقل ڪيون آهن.

نٿوي، ۽ سيد علي محمد شاهه دائراڻي سندس هونهار فارغ‌التحصيل شاگردن مان هئا.

حب‌الوطني ۽ خودداري علامه عبدالڪريم جي شخصيت ۽ ڪردار جا نمايان نشان هئا. علمي فضيلت کي ڪما حقه افضل سمجهيائين، دين جي سربلندي کي دنياوي طاقت کان بلند ڪري ڄاڻائين؛ ۽ حق ۽ حقيقت جي اظهار کي فرض اولين سمجهيائين.

علامه عبدالڪريم جي زندگي جي پوئين دور ۾ مير مراد علي خان وفات ڪئي ۽ سندس فرزند مير نور محمد خان ۽ مير نصير خان تخت‌نشين ٿيا. علامه موصوف پنهنجي دستور موجب ”برادرم مير محمد نصير خان بداند“ (برادرم مير محمد نصير خان کي معلوم هجي) جي سرنامي سان مير محمد نصير خان ڏانهن خط لکيو. مير صاحب ”برادرم“ جي لفظ کي ناپسند ڪري پنهنجي وڏي ڀاءُ مير نور محمد خان سان شڪايت ڪئي ته مولوي صاحب مون کي ڪيئن ٿو ”برادرم“ ڪري لکي. مير نور محمد خان نهايت احترام سان علامه عبدالڪريم جي گوش‌گذار ڪيو ته مير محمد نصير خان نوجوان آهي ۽ اوهان سرنامو بدلائي لکو. ان بعد علامه موصوف ”برادرم“ جو لفظ ڇڏي ”مير محمد نصير خان بداند“ (مير محمد نصير خان کي معلوم هجي) جي سرنامي سان خط لکيو. مير صاحب کي ان تي ويتر مٺيان لڳي، پر مير نورمحمد خان کي علامه عبدالڪريم جي علم ۽ فضل، صداقت ۽ محبت جي پوري خبر هئي، تنهن مير نصير خان کي سمجهايو ته: اوهان شڪر ڪريو جو نقطو هيٺان ڏنو اٿس (يعني ته ”نداند“ (نٿو ڄاڻي) جي بدران ”بداند“ لکيو اٿس).

جڏهن محرم سنه ۱۲۵۹ هجري ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته هن محب‌وطن ۽ خوددار عالم دين، ڌارين جي غلامي ۾ رهڻ قبول نه ڪيو، ۽ پيري سبب جهاد جي طاقت نه ساري فوراً هجرت ڪري مڪه معظمه هليو ويو. جتي ڇهه سال پوءِ ۱۲۶۵هه ۾ وفات ڪيائين.

## درسگاهہ جي خدمت

سيد علي محمد شاهہ جڏهن دائري جي درسگاه جي خدمت پنهنجي ذمي ڪئي تڏهن درس تدريس سان گڏ درسگاه جو سڄو نظام پاڻ سنڀاليندو هو. سندس اها ذميواري پنجٽيهن سالن تائين جاري رهي. انهي دور ۾ درسگاه جو تعليمي معيار اوج تي پهتو. شاگردن جي مستقل رهائش لاءِ هڪ ”قيام گاهہ“ قائم ڪئي ويئي. پاڻي جي مستقل انتظام لاءِ کوهہ کوٽايو ويو؛ ۽ لنگر خاني جو انتظام ڪيو ويو. درسگاهہ جي پوئين دور ۾ ٽن جا ٻه ڀ سؤ شاگرد اقامت پذير هئا.

## سيد علي محمد شاهہ جون تصنيفون

(١) مصلح المفتاح (سنڌي)، ١٢٧٠-١٢٧٧ هجري جي عرصي ۾ جوڙي راس ڪيائين، جيڪو سندس علمي وسعت، تحقيق ۽ تدقيق، فقهي فهم ۽ فڪر تي شاهد آهي.

(٢) مختصر مصلح المفتاح (سنڌي)، مٿئين ڪتاب جو خلاصو جيڪو ربيع الثاني ١٢٧٧ هجري کان پوءِ مرتب ڪيائين.

(٣) ڪُڪڙ جي ٻانگ جي فضيلت (سنڌي)، آدي ۽ اسر ويل ڪُڪڙن جي ٻانگن جي فضيلت بابت هڪ رسالو لکيائين. مصلح المفتاح جي پڇاڙي ۾ صفحي ٥٧٥ تي اشارو ڪيو اٿس ته اهو رسالو درس عبدالملڪ وٽ موجود آهي.

(٤) بياض سيدي (عربي ۽ فارسي).

(٥) زبدة المواليد (عربي)، ١٢٨١ هجري ۾ لکي پورو ڪيائين. ڪن حوالن مان ائين معلوم ٿيو ته سيد علي محمد شاهہ شايد ”فيءِ الزوال“ (سج جي پاڇي لڙڻ ۽ اڪين نماز جي وقت) بابت پڻ ڪو رسالو لکيو.

”مصلح المفتاح“ جي خاتمي تي چاڙايو اٿس ته جي سندس حياتي وفا ڪئي ته، هو ”مصلح المفتاح“ جو ٻيو جلد پڻ

جوڙيندو (۱). سندس اها تمنا غالباً انهن ئي رهجي ويئي؛ پر جي ٻيو جلد جوڙياڻين ته به اهو مسودي جي صورت ۾ رهيو، يا ضايع ٿي ويو. تصنيفن کان سواءِ مختلف شرعي مسئلن بابت سندس هٿ اکيل تحريرون ۽ خط چوٽيارين، ولهار، کنياري ۽ هالن پراڻن جي عالمن جي آثار باقيه ۾ موجود آهن(۲).

تصوف جي سلسلي ۾ سيد علي محمد شاهه نقشبندي طريقو رکندڙ هو ۽ حاجي عبدالرحمان سرهندي (متعلوي) جو مريد هو. فارسي ۾ سندس هٿ اکيل "ذکر جي تلقين جو طريقو" ميان غلام نبي شاهه وٽ موجود آهي. ۱۹ محرم ۱۲۸۷ هه ۾ وفات ڪيائين (۳).

## کهڙن جي درسگاهه

کهڙن (ضلعي خيرپور) جي درسگاهه ڪلهوڙن جي دور کان آڳاٽي آهي، ليڪن ان کي ڪلهوڙن جي دور ۾ عروج حاصل ٿيو.

مخدوم قاضي عبدالرحمان، دين جي فضيلتن جو پندار ۽ اسلامي تعليم جو سرچشمو هو. سندس زندگي جي تعليمي پس منظر کي ڏسبو ته ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو. هن پنهنجي سڄي ڄمار دين جي خدمت، درس تدريس ۽ اسلام جي تبليغ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. دين جي فيصلن ۽ شريعت جو پابند رهندو هو. سنت طريقي جي جاري ڪرڻ ۾ تمام مبالغو ڪندو هو. هڪ ڏينهن هدايت واري جماعت سان اسلام جي حمايت ۾ مسجد اندر نماز پڙهندي شهيد ٿيو.

سندس خاندان جو وڏو بزرگ سيدنا ابراهيم شهيد، خليفي معتصم باالله عباسي جي ڏينهن ۾ بغداد کان دين جي تبليغ ۽ تعليم لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ اچي نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) جي ويجهو

(۱) مصباح المفتاح (دائري وارن جي سنڌي)، ۱۹۷۰ع، ص ۵۲۸
(۲) ايضاً، ص ۲۰
(۳) ايضاً، ص ۲۳

"ڪلور" نالي هڪ ڏڪر ۾ رهيو، جتي سنه ٢٤٨ هجري ۾ وفات ڪيائين(١).

مخدوم عبدالرحمان شهيد جي نسب جو سلسلو هن طرح آهي: مخدوم عبدالرحمان بن مخدوم محمد بن مخدوم محمد عاقل بن مخدوم عبدالخالق بن مخدوم يحيٰ بن مخدوم جمال الدين بن مخدوم اسدالله بن مخدوم احمد بن مخدوم محمد بن سيدنا عبيدالله بن جمال الدين محمد بن عبدالله بن محمد بن علي بن سيدنا عبدالله بن سيدنا عباس رضه (٢).

سندس اولاد مان مخدوم اسدالله، اڪبر بادشاه جي زماني ۾ سنڌ جو قاضي القضاة ۽ مدرس مقرر ٿيو. هن سنڌ جو دورو ڪندي رياست خيرپور جي حدن ۾ پيرءِ جي ڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. ڪجهه وقت بعد اتي هڪ درسگاه قائم ڪيائين، جنهن ۾ قرآن شريف، حديث، فقه ۽ تفسير جو درس ڏيندو هو. انهي مدرسي سان گڏ هڪ مسجد پڻ تعمير ڪرايائين جا اڄا تائين موجود آهي. سنه ٩٦٦ هجري ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات کان پوءِ سندس وڏو پٽ مخدوم جمال الدين ۽ ان بعد سندس پٽ مخدوم يحيٰ پيرءِ ۾ ئي درس تدريس جو سلسلو جاري رکيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائون. انهن بزرگن جون مزارون پيرءِ ۾ اڄا تائين عام توڙي خاص لاءِ زيارتگاه آهن.

مخدوم يحيٰ جو فرزند عبدالخالق، پيرءِ مان لڏي اچي کهڙن جي شهر ۾ ويٺو ۽ اتي پنهنجي وڏن جي مشغلي کي جاري رکڻ لاءِ ديني درسگاه جو بنياد وڌائين. اڄا تائين سندس اولاد کهڙن ۾ سڪونت پذير آهي.

مخدوم عبدالرحمان شهيد مخدوم عبدالخالق جو پڙپوٽو هو. هن ظاهري توڙي باطني علمن جي تڪميل پنهنجي والد بزرگوار مخدوم محمد وٽان ڪئي ۽ کانئس پوءِ سندس مسند تي ويهي

(١) مير علي شير قانع ٺٽوي، تحفة الڪرام، ص ٢٣٧
(٢) ايضاً

درس تدريس جو شغل جاري رکيائين، تنهن کان سواءِ غير اسلامي رسمن، شرڪ ۽ بدعت جي پاڙ پٽڻ ۾ مشغول رهيو.

مخدوم عبدالرحمان، هڪ وڏو عالم ۽ ڪرامت جو صاحب هو. هو سنه ۱۱۴۵ هجري ۾ ۲۲۲ چٽن سان ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي لشڪر هٿان شهيد ٿيو. هن پنهنجي زندگي ۾ کهڙن جي درسگاهه جي تنظيم، تربيت ۽ اسلامي تبليغ جي لحاظ سان اوج تي پهچايو. اهو ئي سبب هو جو وقت جا حاڪم به سندس نالي کان ڪؤ کائڻ لڳا ۽ ڪڏهن به هن جي ڳالهه کي رد نه ڏنڍون. مخدوم عبدالرحمان جي شهادت جو داستان مخدوم غلام محمد بگائي پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي(۱).

مخدوم عبدالرحمان جي شهادت وقت سندس وڏي فرزند ميان محمدي جي عمر ٻه سال هئي ۽ ننڍي فرزند احمدي جي عمر هڪ سال هئي. تاريخ آئينه جهان نما جو مصنف مخدوم محمدي جي باري ۾ لکي ٿو ته ڪيس ظاهري خواهه باطني علم سندس والد بزرگوار جي توجه سان حاصل ٿيو هو. هو اويسي سلسلي جو هڪ وڏو شيخ ۽ مادر زاد ولي الله هو. ستن ورهين جي ڄمار ۾ قرآن شريف ياد ڪيائين. سندس وڌيڪ تعليم لاءِ علامه مخدوم ابوالمعالي نوشهرائي کي تڪليف ڏني وئي. پر هن جيڪو به ڪتاب کولي انهيءَ جو مشڪل ۾ مشڪل مقام ڪڍي مخدوم محمدي جي آڏو رکي ڪيس پاڙهڻ جي ٿي ڪئي، ته هن في البديهه انهي جي اهڙي ته تشريح ٿي ڪئي جو مخدوم ابوالمعالي جي زبان مان بي اختيار نڪتو ته ”هن صاحبزادي کي ته لدني علم عطا ٿيل آهي. اسان جي رهڻ جو ڪو به ضرور آهي“.

تذڪره مخاديم کهڙا جو مصنف لکي ٿو ته هڪ دفعي شاهه پٽائي سير ڪندو اچي کهڙن کان نڪتو ۽ شهر جي ٻاهران

(۱) ڏسو ڊاڪٽر بلوچ جو مرتب ڪيل لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب ”واقعاتي بيت“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

ميان چنيه جي کوهه تي لٿو(١). مخدوم صاحب کي خبر پيئي ته هڪ ماڻهو هٿان دعوت چوائي موڪليائين. شاهه صاحب جواب ۾ هي بيت چوائي موڪليو.

”اڄ نه آيس آنءُ، صبح ايندس سپرين
توتي جنهن جو نانءُ، ڪٿي بار ڪهين جو“

ٻئي ڏينهن صبح جو شاهه صاحب، مخدوم وٽ تشريف فرما ٿيو ۽ پورو پورو هفتو مخدوم صاحب جو مهمان رهيو. مخدوم محمدي نهايت بارعب، شريعت جو جانثار ۽ صاحب استغنا بزرگ هو. سنه ١١٧١ هجري ۾ وفات ڪيائين.

## مخدوم احمدي

مخدوم احمدي پنهنجي پيءُ مخدوم محمدي جي وفات کان پوءِ ١١٧١ هجري ۾ درس تدريس تي ويٺو. پاڻ قادري طريقي جو ڪامل مرشد هو. فارسي ۽ سنڌيءَ ٻولي ۾ ڪيترا مولود به چيائين. وقت جا حاڪم سندس عقيدتمند هئا. سنڌ جا بيشمار باشندا هن درويش جي فيض جي چشمي مان سيراب ٿيندا رهيا.

احمد شاهه ابدالي پنهنجي لشڪر سان گڏ هندستان پئي ويو ته هن پنهنجي لشڪر کي هدايت ڪئي ته کهڙن کان لنگهن ته مخدوم محمدي، ميان احمدي، مخدوم عبدالله ۽ ٻين متعلق ماڻهن سان ڪابه ڇيڙڇاڙ نه ڪن ڇو ته اهي دين متين جا عالم ۽ يقين واري وات جا واڌهڙو آهن. احمد شاهه ابدالي، مخدوم احمدي جو نهايت معتقد هو. انهي ڪري هن درسگاهه ۽ خانقاهه جي خرچ ۽ لنگر لاءِ تعلقي ڳڙهي ياسين (ضلعي سکر) جون ديهون مرزا پور، نئون آباد، وڪڙ، جرم وغيره عطا ڪيون هيون، جي اڄا تائين مخدوم صاحب جي پوين جي هٿ ۾ آهن.

(١) ميان چنيه ذات اڄڻ، مخدوم محمدي جي واله ميان عبدالرحمان شهيد جو خليفو هو. سندس اولاد اڄا تائين کهڙن جي شهر ۾ موجود آهي.

مخدوم احمدي رحه، احمد شاهه دراني ڏانهن هڪ خط لکي اها گهر ڪئي ته اسلام جا احڪام جاري ڪيا وڃن. ان جي جواب ۾ بادشاهه پنهنجي شاهي مهر سان شڪارپور جي حاڪمن ڏانهن اسلام جي احڪامن کي جاري ڪرڻ جو فرمان موڪليو(١).

راشدي پيرن جو مورث اعليٰ حضرت پير محمد راشد صاحب هن مخدوم صاحب جو شاگرد هو. سنه ١٢٠٠ هجري جي آخر ۾ امير تيمور شاهه پنجاب تي حملو ڪيو، جنهنڪري شاهي لشڪر جي آمدرفت سنڌ مان ٿيڻ لڳي ۽ ملڪ ۾ سخت ڏڪار جي حالت پيدا ٿي ويئي. اها حالت ڏسي مخدوم صاحب انهي مسجد شريف جي تعمير جو ڪم شروع ڪرايو، جنهن ۾ سندس والد بزرگوار مخدوم عبدالرحمان شهيد ٿيو هو. ان بعد پنهنجي والد مخدوم عبدالرحمان شهيد جي مزار تي به هڪ عاليشان مقبرو اڏايو، جيڪي سنه ١٢٠١ هجري ۾ ٺهي راس ٿيا. مخدوم احمدي جي ڏينهن ۾ بغداد شريف کان سيد عبدالقادر جيلاني رحه جي اولاد مان ٻه ڀائر محمد شاهه ۽ احمد شاهه جي نالي سان سنڌ ۾ آيا، پر ميان غلام شاهه کين رهڻ نه ڏنو. چاڪاڻ ته کيس شڪ هو ته اهي ترڪي جي سلطان جا جاسوس آهن ۽ ملڪ جو حال احوال معلوم ڪرڻ آيا آهن. تنهنڪري اهي ٻئي ڀائر اچي مخدوم صاحب جا مهمان ٿيا. مخدوم ميان احمدي کين پورو هڪ سال رهائي، پوءِ وڏي ڀاءُ محمد شاهه کي گمبٽ ۽ ننڍي ڀاءُ احمد شاهه کي راڻيپور ۾ رهايو. اڄ تائين انهي پيرن جو خاندان گمبٽ ۽ راڻيپور ۾ موجود آهي. مخدوم احمدي سنه ١٢٠٣ هجري ۾ وفات ڪئي.

## مخدوم محمد عاقل

مخدوم محمد عاقل، مخدوم احمدي جو فرزند هو، جيڪو پنهنجي والد مخدوم احمدي جي وفات کان پوءِ سنه ١٢٠٢ هجري

(١) احمد شاهه ابدالي اها ڪتابت ٢١ محرم ١١٦٧ هجري ۾ لکي، جنهن تي بادشاهه جي مهر ۾ هي لفظ لکيل هئا:
"هوالفتاح بادشاهه احمد شاهه دودران" (الرحيم ص - ١٧١)

۾ مسند خلافت تي ويٺو. هن پوري تعليم پنهنجي وڏن کان پرائي ۽ روحاني فيض به انهن کان ئي حاصل ڪيائين. وقت جا حاڪم ۽ علماء هن جي عزت ڪندا هئا. مخدوم محمد عاقل کي شريعت جا احڪام جاري ڪرڻ ۽ بدعتن جي پاڙ پٽڻ جو سخت اونو هوندو هو. انهي ڪري سڄي سنڌ ۾ بدعتي ماڻهو ڪانئس ڪنبندا هئا. ڪيس پيغمبر عليه السلام جن جو حضور حاصل هو. رات جاڳڻ ۽ عبادت ڪرڻ ۾ ته ڪو به ساڻس پڄي نه سگهندو هو. نصيرخان بروهي ڪيس سلطان جو لقب ڏنو هو. ان کان سواء شاهه شجاع الملڪ ۽ ٻين بادشاهن کي به ساڻس وڏي عقيدت هوندي هئي.

شاهه شجاع الملڪ سنه ١٢٢٢ هجري کان پوءِ سگهو ئي سنڌ ۾ آيو. ماڻهو هن جي خوف کان ڀڄي ويا. ان وقت حيدرآباد جو حاڪم مير ڪرم علي خان ۽ خيرپور ۾ مير سهراب خان ٽالپر هو. ٻيئي سيڻي ميرن، مخدوم محمد عاقل کي روهڙي ۾ گهرائي، سنڌ جي ٻين پيرن فقيرن سان گڏجي شاهه شجاع الملڪ ڏانهن موڪليو ته ڪيس وڃي سمجهايو ته هتان واپس هليو وڃي. اهي ٻيا پير صاحب هئا: پير سيد محمد راشد ولد پير سيد محمد بقا شاهه، جو مخدومن جو شاگرد هو؛ ٻيو پير محمد صالح شاهه جيلاني ابن پير احمد شاهه جيڪو مخدوم صاحب جو وڏو مددگار هو. درازن جو ميان قبول محمد ۽ سچل سرمست سندس معاصر هئا. مخدوم محمد عاقل سنه ١٢٣٢ هجري ۾ وفات ڪئي، سندس جنازي نماز ۾ حضرت پير محمد راشد رحه، پير ميان محمد شاهه جيلاني، فقير سچيڏنو (سچل سرمست) ۽ ٻيا ڪيترا مشائخ جماعتن سميت شريڪ هئا.

## مخدوم ميان ضياء الدين

مخدوم ضياء الدين، مخدوم محمد عاقل جو وڏو فرزند ۽ مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارن جو ڏوهٽو هو. وڏي جلال ۽ ڪمال جو صاحب هو، اسلام جي مقدمن ۾ ڏاڍو دلير هو. ڪنهن به ماڻهو کي انهي معاملي ۾ انڪار يا مقابلي جي همت نه ٿيندي

هئي. رڳو ڇهه مهنا سجاده نشيني ماڻي عيد رمضان واري رات ١٢٣٢ هجري ۾ وفات ڪيائين.

## مخدوم عبدالخالق

مخدوم عبدالخالق بن مخدوم محمد عاقل هڪ وڏو عالم، مفتي، مدرس ۽ معرفت جو صاحب هو. زهد، رياضت، مجاهدة ۽ تجريد ۾ سندس جهڙو ڪو ورلي هوندو. علم فقه ۽ تفسير ۾ بي بدل عالم هو. قال‌الله ۽ قال‌الرسول کان سواءِ ٻي ڪا واٽ نه هيس. هر مشڪل مسئلي جي اهڙي ته وضاحت ۽ شرح ڪندو هو، جو وقت جا عالم حيران رهجي ويندا هئا. سندس علمي تفوق ۽ برتري لاءِ سندس تصنيف ۽ تاليف شاهد آهي. خاص طرح فقه ۾ سندس بياض جا ٻه جلد موجود آهن، جن ۾ ڪنهن به مسئلي کي وضاحت کان ڇڏيو نه اٿس. حديث ۾ سندس تاليف منتخب جامع‌الصغير موجود آهي، جا پنهنجي موضوع ۾ بينظير آهي.

درس تدريس، وعظ ۽ نصيحت ۾ يگانو هوندو هو. سندس درس ۽ تشريح نهايت ئي متاثر ڪندڙ هئا. باطني علم بابت ڪيس وڏي دسترس هئي. سندن دعا ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ ڏاڍي اگهامندي هئي. شرعي مقدمن ۾ پنهنجن بزرگن وانگر ڏاڍو سخت هوندو هو. خيرپور جو والي مير رستم خان سندس علمي مرتبي سبب سندس تمام گهڻي عزت ڪندو هو، ۽ سندس فيصلن جي پيروائي ڪندو هو.

تذڪره مخاديم کهڙا جو مولف لکي ٿو ته: ”هڪ ڏينهن هن مسڪين کي فرمايائون ته سڀ کان اول مون حضرت شاهه صفي‌الله مجددي جي پاءِ شاهه فضل‌الله سرهندي جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي. انهن کان گهڻي فيض جي پالوٽ ٿي هئي. ان کان پوءِ ڏاڍي بزرگوار مخدوم محمد جي روحانيت کان اهو توجه ٿيو جو شاهه فضل‌الله ۽ ٻين بزرگن جي توجه ۽ تلقين جو اولڙو ختم ٿي ويو ۽ سلوڪ جي آڏو جيڪي به حجاب هئا سي سڀ ڪافور ٿي ويا“. تذڪره جو صاحب اهو به لکي ٿو ته: سندن ڪمال هن حد تي پهتو جو کين آنحضرت صلي‌الله وسلم جو حضور حاصل

هو. ان جو اولڙو هن حقير تي به پيو جو جڏهن تفسير بيضاوي، هدايه ۽ شرح عقائد جهڙن مشڪل ڪتابن جا ڪي مقام رات جو سمجهه ۾ نه ايندا هئا ۽ صبح جو سندن روبرو سبق پڙهڻ ايندو هوس ۽ پاڻ ظاهري طرح ته ڪتاب ۾ نظر ڪندا هئا پر باطني طرح منهنجي دل ڏانهن توجه هوندو هين؛ ان وقت عبارت پڙهڻ سان اهي مشڪل جايون سمجهه ۾ اچي وينديون هيون. مون تي اها به عنايت ڪيائون جو صحاح سته ۽ فقه وغيره جي ديني ڪتابن جي سند اجازت عطا ڪيائون، ۽ اهي اسناد و ڪتابن جي مصنفن تائين پهچن ٿيون. ان کان سواء منهنجي بياض ۾ وڏا وڏا علمي فائدا لکيا اٿن. جهڙوڪ: احاديث جي تناقض جو حل، علم فقه جي دقيق ۽ متشابه آيتن جو بيان وغيره. پاڻ ائين به فرمائيندا هئا ته اهو سڀ علم لدني جي برڪت سان حاصل ٿيو آهي.

سندن اڪيچار ڪرامتون "تذڪره مخاديم کهڙا" ۾ بيان ڪيل آهن. پاڻ ڇنڇر ڏينهن ٢٨ رجب سنه ١٢٦٨ هجري ۾ وفات ڪيائون.

## مخدوم محمد عاقل بن مخدوم عبدالخالق

مخدوم محمد عاقل پنهنجي والد مخدوم عبدالخالق جي وفات کان پوء درس مسند تي ويٺو. تعليم پنهنجي بزرگن کان پرائي هئائين ۽ پاڻ وقت جو وڏو عالم، عارف، ڪامل، جواد، فياض، زاهد بزرگ هو. علم تفسير ۽ قرآن مجيد جي پوئين پاري جو منبع المعاني نالي فارسي زبان ۾ تفسير لکيو اٿس جنهن ۾ شريعت ۽ طريقت جون ڪيتريون تحقيقون ۽ نڪتا لکيا اٿس. اهل تشيع طرفان لکيل رسالي "جواب لاجواب" جي رد ۾ هڪ رسالو نالي "جواب با جواب" لکيائين. ٻيو هڪ رسالو حنفي مذهب جي تائيد ۾ نماز ۾ هٿ ٻڌي ٻيهڻ بابت جوڙيائين. فارسي زبان جي نثر توڙي نظم ۾ ڪيس وڏي مهارت هئي. سندس پورو هڪ ديوان حروف تهجي جي ترتيب تي موجود آهي. بهاردانش جي

نموني تي فصيح بليغ عبارت ۾ چار درويش جو قصو فارسي ۾ لکيو هئس. انشاء فارسي به عجيب صنعت سان ناهيو اٿس جو انهن ۾ ”الف“ کان ”ي“ تائين اهو التزام ڪيو اٿس جو هڪ هڪ خط ۾ حروف تهجي مان هڪ هڪ اکر کي ڇڏيندو ويو آهي.

علم تاريخ ۾ به کين ڏاڍي مهارت هئي. هن فن ۾ ”تاريخ آئينه جهان“ فارسي ۾ لکيائين، هڪ ڪتاب ”رياض المحافل“ نالي لکيائين جنهن ۾ سخنوري جا آداب ۽ مجلس آرائي جا نڪتا بيان ٿيل آهن. سندس علميت ۽ قضا ۾ قابليت جو هن واقعي مان اندازو ڪري سگهجي ٿو جو گهوٽڪي جي پير صاحبن جو اچ شريف جي پيرن سان ملڪيت تي جهڳڙو هو. جڏهن فيصلي لاءِ اجتماع ٿيو ته اتي وڏا وڏا عالم به آيل هئا. مخدوم صاحب ڳالهيون ٻڌي جڏهن گهوٽڪي جي پيرن صاحبن جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو ته سڀني عالمن جي واتان آفرين ۽ تحسين جا نعرا بلند ٿي ويا. ڪنهن مجلس ۾ بهاولپور، احمد پور ۽ ديري نواب خان مان ڪيترا وڏا وڏا عالم آيل هئا، جن امتحان طور مخدوم صاحب کان تفسير ۽ حديث سان لاڳو ڪي سوال ڪيا. مخدوم صاحب جڏهن انهي مضمون تي تقرير ڪئي ته سڀني عالمن جي واتان تعريف شروع ڪري ڏني. مخدوم صاحب جو خطبو ۽ وعظ دلپذير ٻڌڻ لاءِ هر جمعي تي پري پري کان ماڻهو ايندا هئا.

سندن والد بزرگوار جي وفات کان پوءِ وليعهد جو بار هن تي پيو، پر ماڻهن جي معاملن ۽ گهريلو ڪاروبار لاءِ اهڙا وقت مقرر ڪيائين، جو انهن جي ڪري ورد وظائف توڙي ٻين ذميدارين ۾ ڪا به رنڊڪ نه ٿيندي هئي، رات جي ٽن پهرن گذرڻ کان پوءِ وضو ڪري ٻه ٽي نفل تهجد جا پڙهندو هو. خدا تعاليٰ جي ساراهه لاءِ قصيده برده گهڻو پڙهندو هو. فجر جي سنت گهر ۾ پڙهي فرض نماز جامع مسجد ۾ جماعت کي پڙهائيندو هو. فجر جي نماز کان پوءِ قلبي ذڪر ڪندو هو. ان جي تلقين مرشد ڪامل خواجه محمد عبدالباقي کان ورتل هيس. ناشتي بعد شرعي فيصلا

نبيرپندو هو. نماز عصر کان پوءِ نقشبندي حضرات جو ختم خواجگاه پڙهندو هو. پوءِ وقت هوندو هو ته وعظ ڪندو هو(١).

شعر و شاعري ۾ ڪيس وڏي مهارت هئي. حافظ شيرازي جي ڪن غزلن جا جواب لکيائين، محمد امير خان دراني جي غزل جو جواب لکيو اٿس. "فوز الاخلاف" ڪتاب ۾ پنهنجن بزرگن جا قطعات تاريخ وفات ڏنا اٿس. انشاء مرغوبي نالي خطن جو هڪ ڪتاب سندن جوڙيل آهي. ميان رحمت الله ڏانهن هڪ خط لکيائين، جنهن ۾ رڳو باغ جي شين کي آندو اٿس، ۽ ڪو به اهڙو لفظ نه ڏنائين جنهن ۾ اکر "ذال" آيو هجي. ٻئي هڪ خط ۾ "سين" کي ڪٿي به نه آندو اٿس. ٽيون خط قاضي غلام محمد ڏانهن لکيل آهي، جنهن جي عبارت جا عدد غلام محمد جي عدد ١١٦٣ جي برابر آهن.

مخدوم محمد عاقل تاريخ ڇهين شعبان سنه ١٢٩٣ هجري ١٨٧٧ع ۾ شڪارپور ۾ وفات ڪئي.

## گهوٽڪي ۾ جيلاني سادات جون خانقاهون ۽ درسگاهه

گهوٽڪي جا جيلاني سادات نه رڳو پنهنجي پيري مريدي، ڪرامتن ۽ ڪشف جي ڪري مشهور ٿيا، پر هنن مان ڪيترا ئي مدرس، محدث، فقيه ۽ عالم به ٿي گذريا. ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ جيڪي جيلاني سادات مسند درس تي ويٺا، تن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

### سيد عبدالخالق جيلاني

سيد عبدالخالق، گهوٽڪي ۽ جي مشهور جيلاني بزرگ سيد موسيٰ جو پوٽو ۽ سيد دوست محمد جو پٽ هو. خانداني روايت موجب پوري تعليم ۽ تربيت پنهنجن وڏن جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ حاصل ڪيائين. سندن خانقاهه ۾ عقيدتمندن ۽ طالبن جو ميڙو متل هوندو هو. وٽن عام خاص کي وعظ ٻڌڻ جي اجازت

(١) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، (مشاهير سنڌ نمبر) ١٩٦٧ع ص ١٣٦

هوندي هئي. سيد عبدالخالق ڪرامت جو صاحب، ظاهري ۽ باطني علمن جو جامع ۽ فاضل انسان هو. وٽانئس ڪيترا ئي شاگرد ۽ مريد علمي توڙي روحاني فيض پرائي ويا. هن بزرگ سنه ١٢٠٥ هجري ۾ وفات ڪئي، سندس مقبرو وڏي خانقاهه ۾ آهي(١).

## سيد محمد عابد ثاني جيلاني

سيد محمد عابد ثاني، پير موسيٰ شاهه جيلاني جو ننڍو پٽ هو. هن جي ولادت سنه ١١٥٤ هجري/ ١٧٤١ع ۾ ٿي. پنهنجي ڳوٺ ۾ تعليم پرايائين ۽ پنهنجي ئي بزرگن کان فيض ورتائين. وڏو فاضل ۽ اڪمل عالم ٿي گذريو آهي. ڪلام الله جو حافظ هو. صبح کان شام تائين درس تدريس جو ڪم ڪندو هو ۽ سجاده نشيني بعد شرعي فيصلا به نبيريندو هو. هر جمعي تي خطابت ۽ امامت جا فرائض بجا آڻيندو هو. نه صرف شريعت جو صاحب هو پر طريقت جي رموز کان به واقف هو. ولايت، ڪرامت، سخاوت ۽ شجاعت ۾ شهرت رکندڙ هو. آچر ڏينهن ٢٠ جمادي الثاني ١٢١٤ هجري/١٧٩٩ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مقبرو گهوٽڪي ۽ جي وڏي خانقاهه ۾ آهي. پويان ٻه پٽ ڇڏيائين: (١) سيد فيض الله شاهه وڏو (٢) سيد موسيٰ شاهه ثاني.

## سيد محمد مبارڪ جيلاني

سيد محمد مبارڪ شاهه، سيد جمال شاهه جيلاني جو وڏو فرزند ۽ سندس جانشين هو. سنه ١١٧٦ هجري ۾ ولادت ٿي. عظمت، ڪرامت، دٻدٻي ۽ وڏي شان جو صاحب هو. علم تفسير، فقه، حديث ۽ وعظ ۾ مشهور عالم هو. هن بزرگ جون پنهنجي طالبن ۽ مريدن لاءِ علمي توڙي ديني خدمتون بيشمار آهن(٢). سندن دور 'صاحبن جي لوهه' (گهوٽڪي) جي ۽ ٻين سادات ن

(١) ڪتاب ايضاً - ص ١٤٦

(٢) الرحيم، مشاهير سنڌ، ص ١٤٦

(چڪ ۽ غوثپور جي) کي ١١٩٥ هجري ۾ مير نصير خان بروهي وٽان ڪاڇي ۾ انعام طور جاگيرون مليون. ساڳئي سال ميان عبدالنبي ڪلهوڙو شڪست کائي "سره" ڏانهن هليو ويو ۽ سنڌ جي حڪومت ٽالپرن جي قبضي ۾ آئي. انهيءَ سال مدد خان افغان لشڪر وٺي سنڌ ۾ اچي ڪڙڪيو. مير ريگستان ڏانهن ڀڄي ويا ۽ خراساني ماڻهو سنڌ کي ڦري لٽي موٽي ويا. هن واقعي کي "مدد خان جي ڀڄ" سڏيندا آهن. هن بزرگ عالم تاريخ ٢ رمضان سنه ١٢١٤ هجري ۾ وفات ڪئي.

## سيد فيض الله شاهه جيلاني

سيد فيض الله شاهه، پير موسيٰ شاهه جيلاني جو پوٽو ۽ سيد محمد عابد ثاني جو پٽ هو. سندس ولادت ١١٨٣هجري/١٧٦٢ع ۾ ٿي. وڏو ڪامل انسان، سهڻي سيرت ۽ صورت جو مالڪ هو. قرآن شريف جو حافظ هو. هن ڪيترا سال درس جي مسند تي ويهي جيلاني درسگاهه ۾ درس تدريس جو شغل جاري رکيو. هن بزرگ ١١ رمضان سنه ١٢٤٦هه/١٨٤٣ع ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو وڏي خانقاهه گهوٽڪي ۾ آهي.

## سيد محمد صالح شاهه ثاني جيلاني

مخدوم سيد محمد صالح شاهه ثاني جيلاني، مبارڪ شاهه جيلاني جو ٻهريون نمبر پٽ ۽ درس تدريس جي مسند جو صدر مدرس ۽ سجاده نشين هو. سندس ولادت جمعي جي ڏينهن، جماديالاول سنه ١١٩٠هه/١٧٦٣ع ۾ ٿي. هي بزرگ گهوٽڪي جي موسيٰ شاهي خاندان مان پنجون بزرگ آهي، جيڪو شرافت ۽ نجابت جو مالڪ هو. علم عمل، زهد ۽ تقويٰ جو سرچشمو، علم حديث ۽ فقه جو وڏو عالم ۽ وعظ ۽ نصيحت جو پڻ مالڪ هو.

وڏن جي دستور موجب هن به جيلانين جي درسگاهه ۾ درس تدريس جو شغل جاري رکيو. روايت آهي ته ان دور جي ولين مان ڪنهن کي به ساڻس طريقت ۾ مقابلي ڪرڻ جي مجال

نه هئي. سندس دور ۾ سنه ١٢٤٩ هجري ۾ ڪرڙي واري جنگ ٿي، جنهن ۾ ميرن جي لشڪر کي شڪست آئي.

مولوي منثار ڪان ڪتاب ”صحيح السبطين“ وارو نقل پيش ٿو ڪري ته جڏهن ته انگريز خراسان مان شڪست کائي سنڌ ۾ آيا ته ان وقت سيد محمد صالح شاهه جي زبان مان نڪري ويو ته خدا اسان کي انگريزن جي حڪومت نه ڏيکاريندو. پوءِ انگريز اچا سنڌ تي پوري طرح مسلط ٿي نه ٿيا هئا جو سيد محمد صالح شاهه ١٠ محرم سنه ١٢٤٩ هجري/١٨٤٣ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو گهوٽڪي جي شاهي خانقاهه ۾ آهي.

## سيد ڪرم الله شاهه جيلاني

سيد ڪرم الله جيلاني، سيد فيض الله شاهه جيلاني جو فرزند هو. پنهنجي والد جو جانشين، وڏي پرهيزگاري ۽ زهد جو مالڪ هو. قرآن شريف جو حافظ هو. پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ انهي ساڳئي مدرسي ۾ درس تدريس ۽ پيري مريدي جو مشغلو جاري رکيائين. سندس وفات ١١ رمضان ١٢٦٠ هجري/ ١٨٤٤ع ۾ ٿي. هن جو مقبرو به وڏي خانقاهه ۾ آهي.

## سيد محمد مبارڪ شاهه جيلاني ثاني

گهوٽڪي جي خاندان موسيٰ شاهي جو ڇهون بزرگ محمد صالح شاهه جيلاني جو فرزند ۽ سجاده نشين سيد مبارڪ شاهه ثاني هو، جيڪو سنه ١٢٠٧هه/١٧٩٢ع ۾ تولد ٿيو. هي سيد صاحب حسن و جمال، علم و فضل، درس تدريس، بزرگي ۽ ڪمال جو صاحب هو. مستجاب الدعوات بزرگ هو. سندس دور خلافت ۾ سنه ١٨٥٢ع ۾ گهوٽڪي جي ساداتن جي باغن جا پروانا جيڪي بند ٿي ويا هئا سي وري ڪين انگريز سرڪار وٽان مليا. هن اڳاري ڏينهن ٧ شعبان سنه ١٢٧٤ هجري/١٨٥٨ع ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو به گهوٽڪي جي وڏي خانقاهه ۾ آهي.

## سيد موسيٰ شاهه ثاني

سيد موسيٰ شاهه ثاني بن سيد محمد عابد گهوٽڪي وارو وڏو برڪت پريو بزرگ عالم ۽ زاهد هو. سندس ولادت ١٢١١هه/١٧٩٦ع ۾ ٿي. ڪاني ڪرامت جو مالڪ، صورت ۽ سيرت ۾ ڏاڍو سهڻو هو. جمعي جو خطيب ۽ امام به پاڻ هو. هي بزرگ سندس پاڻٿي ڪرم الله شاهه جي وفات کان پوءِ دستار بڌي ان جو جاءِ نشين ٿيو. اربعا جي ڏينهن ١٧ رمضان ١٢٨١ هجري/١٨٦٥ع ۾ وفات ڪيائين. سندس مقبرو به وڏي خانقاهه ۾ آهي.

## سيد محمد صالح اصغر جيلاني

مخدوم سيد محمد صالح شاهه اصغر، موسيٰ شاهي خاندان جو ستون بزرگ، سيد مبارڪ شاهه ثاني جو پٽ هو. هن ١٢٤٤هه ۾ ولادت ڪئي ۽ جمعي جي ڏينهن شعبان ١٢٧٢هه ۾ سجاده نشيني جي مسند حاصل ڪئي. انهي سان گڏ خانداني روايت ۽ پيشي جي لحاظ کان درس تدريس جو شغل به چڱي نموني جاري رکيائين. علم، حلم، عقل ۽ دانش جو مالڪ، سخاوت، شجاعت، فضل ۽ ڪمال وارو عالم، واعظ ۽ مدرس هو. سندس خلافت واري دور ۾ سنه ١٢٧٦ هجري ۾ مستر علي بخش مختيارڪار جي ڪوشش سان جامع مسجد گهوٽڪي جي مرمت ٿي، جيئن ته اندريون ۽ ٻاهريون فرش چوني سان ٻڌايو ويو ۽ نقاشي جو ڪم به ٿيو. هن آچر ڏينهن ١١ جماديالاول ١٢٧٧ هجري ۾ وفات ڪئي.

## سيد مبارڪ شاهه اصغر جيلاني

سيد مبارڪ اصغر جيلاني، سيد محمد شاهه ثاني جو فرزند هو. ڇهن واسطن سان هن جو نسب حضرت موسيٰ شاهه گهوٽڪي وارن سان ملي ٿو. هي بزرگ شرعي علوم ۽ وعظ جو جامع هو، صدق ۽ دل جي صفائي ۾ يگانو هو. زندگي جي آخري دم تائين درس تدريس جو ڪم سرانجام ڏيندو رهيو. هن ني سجادگي ختم ٿي. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ جيڪي به ڏاڏنگ ۾ قريب

هئس، تن سڀني جا اختلاف ختم ڪري ڪين هڪ ڪري ڇڏيائين. گهڻن ماڻهن کانئس فيض پرايو. سنه ١٢٧٩ هجري / ١٨٦٢ع ۾ وفات ڪيائين (١).

# ڪنڀارن جي درسگاهه

ڪنڀارن جي درسگاهه جو باني ميان محمد ڪامل بن محمد چام بن سليمان بن محمد چام بن لعلو هو. لعلو کي ست پٽ هئا، جن جي اولاد کي لعلو پوٽا سڏيو وڃي ٿو. اهي اصل ۾ ابڙن جي 'وڏا' نک جي 'گهوٽ' پاڙي مان آهن. چانڊن جي سنڌ تي حڪومت رهي، جيڪا سمي نائين ڦهليل هئي. ان دور ۾ ابڙن جي سرداري هئي. "وڏا" جيڪي ابڙن جي هڪ شاخ آهن، تن جو "موري" تي قبضو هو، پر ڪي "چتر" ۽ "لهڙي" ۾ رهندا هئا. جيئن ته اڄ به "گنجابه" ۽ "فتح پور" جي ويجهو "پنگرودهه" ۾ سندن اهڃاڻ موجود آهن. "پنگرودهه" ان قوم جو سردار هو.

"وڏن" جو هڪ وڏو مالدار سوداگر، ڪوٽ ماٿيلي ۾ واپار جي سانگي ويندو هو، جيڪو ڪنهن هندو راجا جي هٿ هيٺ هو. هڪ لڳا راجا ۽ وڏو مالدار شرط هڻي شطرنج کيڏڻ لڳا ته جيڪو هارائيندو سو ٻئي کي سڱ ڏيندو. نيٺ راجا هارايو پر سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. سوداگر اچي پنهنجن وڏن کي سڄي ڳالهه سڻائي، جيڪي وڏو لشڪر وٺي ماٿيلي تي ڪاهي آيا. لڙائي ۾ راجا مارجي ويو، پوءِ وڏن راجا جي مال ملڪيت تي قبضو ڪري سندس ڌيءَ جي شادي انهي سوداگر سان ڪرائي، جيڪو "گهوٽ" پاڙي مان هو. انهي گهوٽ سوداگر جي نالي سان گهوٽڪي جو شهر سڏجي ٿو، ميان محمد ڪامل صاحب به انهي قوم مان آهي. ميان محمد ڪامل ١١٥٠ هجري / ١٧٣٧ع

(١) الرحيم تماهي، ص ١٤٩، بحواله صحيح السبطين.

۾ چاڙهيو. پير موسيٰ شاهه جيلاني جي وڏي فرزند پير محمد صالح شاهه جو استاد مولانا محمد شريف، ميان محمد ڪامل جو چاچو ٿيو وڃي ٿو(١).

ميان محمد ڪامل جو والد ميان محمد ڄام، سندس ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو. انهي ڪري سندس تربيت ۽ تعليم لنجار قوم جي هڪ خليفي صاحبڏني ڪئي جيڪو محمد ڪامل جي چاچي مولانا محمد شريف جو شاگرد هو ۽ مخدوم مولانا محمد صديق جو مريد هو. مولانا محمد شريف جي وفات کان پوءِ پيرن صاحبن جي مدرسي ۾ استاد جي جاءِ تي تعليم ڏيندو هو ۽ ميان محمد ڪامل جي تعليم ۽ تربيت جو کيس ڏاڍو اونو هوندو هو.

ميان محمد ڪامل، خليفي صاحبڏني وٽ پڙهندو هو، ان جي واسطي سان مخدوم محمد صديق وٽ به ايندو ويندو هو. هڪ ڀيري سندس پنهنجي مامي عمر سان سڱ جي ڳالهه تي اختلاف ٿي پيو. انهي تي هن خليفي صاحبڏني وٽ شڪايت ڪئي، جيڪو کيس پير صاحب وٽ وٺي ويو. پير صاحب کيس سڱ وٺي ڏنو. ان کان پوءِ ميان محمد ڪامل وڃي ڪڏ واري ۾ رهيو ۽ مخدوم محمد صديق وٽ ذڪر اذڪار ۾ مشغول ٿيو. ڏهن ٻارهن سالن جي رياضتن کان پوءِ کيس خلافت ملي.

پير موسيٰ شاهه جي ننڍي فرزند سيد عابد شاهه جيلاني حق کان هٽي زور ورتو جو غريب ماڻهن جون زمينون زوري پنهنجي قبضي ڪيائين. ٽالپر امير به سندس معتقد ۽ طرفدار هئا. انهي ڪري گهوٽ قوم جا ماڻهو اتان لڏي ويا. ميان محمد ڪامل، پير عابد شاهه جي اها ماجرا پنهنجي مرشد مخدوم محمد صديق کي ٻڌائي، جنهن پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي مير نصير خان بروهي جي رياست ڪڇي، ۾ علائقي لهڙيءَ جي ”ڪنبار“ ڳوٺ ڏانهن وڃڻ جو

(١) مولانا محمد شريف ۽ حافظ محمد حيات جون قبرون پير موسيٰ شاهه جي خانقاهه جي اتر اوڀر واري ڪنڊ ۾ آهن.

حڪم ڏنو. نيٺ انهن مان ڪي ٽونئين جي ڳوٺ جي اوير ۾ جوٽيجن ۾ وڃي رهيا ۽ باقي ماڻهو ميان محمد ڪامل سان گڏجي ڪٺبارن جي شهر ۾ (جيڪو گوده جي ٽالي سان مشهور هو) وڃي رهيا ۽ ٽي چار سال اتي گذاريائون. پوءِ پير موسيٰ شاهه جي روحانيت کان موڪل وٺي ڪڇي جي حاڪم وٽ فرياد داخل ڪيائون ۽ خانصاحب نصير خان ڪلان جي سفارش سان سنڌ جي حاڪم مير ڪرم علي خان ٽالپر وٽ پنهنجي زمين جي واپسي ۽ حق رسي لاءِ عرض ڪيائون. نيٺ شريعت جي فيصلي موافق پير عابد شاهه کان اهي زمينون کسائي گهوٽن کي ڏنيون ويون، تنهن ڪري ميان محمد ڪامل جا گهڻا مٽ مائٽ ڪٺبارن کي ڇڏي گهوٽڪي موٽي آيا، باقي ميان محمد ڪامل پنهنجي مرشد جي ارشاد تي اولاد سميت ڪٺبار ڳوٺ ۾ رهي پيو.

ميان محمد ڪامل جيتوڻيڪ شرح ملا جامي تائين پڙهيو پر سنڌس اندر واريون اکيون سجاڳ هيون. سنڌس اڳو ڪيڏا به اوکا مسئلا ايندا هئا ته انهن کي حل ڪري ڇڏيندو هو. ڪٺبار ۾ سنڌس قائم ڪيل درسگاهه ۾ اوري پري جا شاگرد به تعليم حاصل ڪندا هئا. مولانا عبدالحليم ڪنڌوي سان سنڌس علمي بحث مباحثو هلندو هو(١).

ميان محمد ڪامل کي ٽي پٽ هئا: (١) ميان محمد چام (٢) ميان محمد حيات (٣) ميان محمد حسن.

(١) مولانا عبدالحليم کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ ميان محمد ڪامل جي اڳو قرآن مجيد جي آيت ”فما ربحت تجارتهم“ جو تفسير بيان ڪري رهيو هو ته ميان صاحب ٻڌي فرمايو ته هن آيت جون ٻيون به توجيهون آهن، پوءِ انهن مان ٽي توجيهون بيان فرمايائون جن مان ڪنهن به تفسير ۾ نه ذڪر آهي ۽ ائين پئي معلوم ٿيو جو لوح محفوظ تان واقفيت لهي ٻڌايون اٿن. ڪنهن شاعر سچ چيو آهي:

نگار من ڪه بمڪتب نرفت و خط ننوشت ـ بغمزه مسئله آموز صد مدرس شد.
(الرحيم، ص ١٠٢)

تاريخ ٦ رجب ١٢٣٩ هجري/١٨٢٤ع تي سومر جي ڏينهن منجهند وقت هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين. سندس وفات کان پوءِ سندس فرزند مولانا محمد حيات درس مسند تي ويٺو.

## ميان محمد حيات ڪنڀاري

ميان محمد ڪامل جو ٻيو نمبر فرزند هو. ميان محمد چام رڳو فارسي پڙهيو هو، انهي ڪري جڏهن درس تدريس جو سوال اٿيو، تڏهن ميان نور محمد، مخدوم محمد صديق ۽ مولانا عبدالحليم ڪنڀوي گڏجي مولانا محمد حيات کي مسند تي وهاريو. ان تي ميان محمد چام ناراض ٿي ٻکڙا ماڇي لڏي ويو.

مولانا محمد حيات هڪ وڏو عالم ۽ روحاني صفت وارو، قرائت جو ماهر هو. علم حديث ۾ کيس ملڪو ۽ تبحر حاصل هو. پاڻ مولوي محمود صاحب پاٽ واري وٽ، مولانا عبدالحليم ڪنڀوي سان گڏ پڙهيو هو. مولانا محمود پاٽ وارن جي وفات کان پوءِ ان جي شاگرد مولانا نورمحمد پنجابي کان به درس ورتائين.

درس تدريس جي شغل سان گڏ مسند خلافت جو بار به سندس ڪلهن تي هو، انهي ڪري مريدن ۽ معتقدن سان منهن ڏيڻ جو ڪم پنهنجي ننڍي ڀاءُ ميان محمد حسن جي حوالي ڪيائين. وٽس هر طرف کان شرعي فيصلا ايندا هئا، جن کي سهڻي نموني ۾ نبيريندو هو.

مولانا محمد حيات کي به پٽ ٿيا: (١) محمد اشرف، جنهن سورهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي، ۽ (٢) ميان محمد اڪرم، جيڪو وڏو اهل الله ۽ عالم هو ۽ پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ ان جي مسند تي ويٺو.

مولانا محمد حيات، چنچر ڏينهن، اسر مهل تاريخ ٢٣ ربيع الاخر ١٢٥٥ هجري/١٨٣٩ع ۾ درس تدريس جو شغل جاري رکندي وفات ڪئي، سندس تربت ڪنڀارن ۾ آهي.

## مولانا ميان محمد حسن

ميان محمد ڪامل صاحب جو ننڍو پٽ هو. سندس ولادت ۱۱۹۸/۱۷۸۳ع ۾ ٿي. پنهنجي والد کان فيض پرايائين. باطني ڪمالات ۾ پنهنجي پيءُ کان به اڳتي وڌي ويو هو پنهنجي والد يا پاءُ جي حياتي ۾ پنهنجن ٻن غلامن عبدالرحمان ۽ چتي سان گڏجي پوک ۽ لنگر جي ڪم ۾ لڳو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن شاگردن کي درس به ڏيندو هو. سندس پاءُ مولانا محمد حيات جي وفات کان پوءِ به مسند تي ويهڻ نه قبوليائين ۽ پنهنجي پاڻتي محمد اڪرم کي مسند تي ويهاريائين. هن سموري تعليم پنهنجي وڏن جي زيرنگراني ۾ حاصل ڪئي. ظاهري علم جا سڀ ڪتاب پڙهيائين. فارسي جو ماهر هو. گهڻو ڪري مثنوي رومي، ديوان حافظ ۽ بوستان جا شعر خوش الحاني سان پڙهندو هو.

روايت آهي ته مولانا عبدالحليم صاحب ڪنڊوي، جيڪو ميان محمد ڪامل جو مريد هو، سو ميان صاحب جي وفات کان پوءِ ميان محمد حسن وٽ توجه ۽ تلقين جو طالب ٿيو. ميان محمد حسن جي توجه ۽ تلقين جو مٿس اهو اثر ٿيو جو گهڻي عقيدت سان چيائين ته ”الحمدلله، ميان محمد ڪامل جو فيض اڃا تائين هلندو اچي ٿو.“

ميان نورمحمد شهدادڪوٽي، جيڪو مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جو شاگرد ۽ ڪلهاڙي صاحبزادن جو استاد هو، سو به ميان محمد حسن کان بيعت وٺي مريدن جي حلقي ۾ داخل ٿيو. مولانا عبدالغني واطار وارو ۽ ٻيا ڪيترا ئي وقت جا عالم فاضل پڻ ميان محمد حسن جا مريد ٿيا.

ميان محمد حسن گهڻي پڙهڻ ۽ ذڪر ۾ ڪلمه لااله الاالله جي زور سان ضرب هڻڻ ۽ ٻين غيبي مشاهدن ڪري الاهي مستي ۽ سڪر جي حالت رهندو هو. پيريءَ ۾ پاڻ مولود پڙهندو هو ۽ ان دوران وجد ۽ مستيءَ جي حالت ۾ اچي ويندو هو. صبح جي نماز کان پوءِ چاشت جي نماز تائين مسجد شريف ۾ مراقبو

ڪيدي، ذڪر ۾ مشغول رهندو هو. آخر سومر جي رات، اسر وقت ٢٧ ذوالقعد ١٢٧٤ هجري/١٨٥٨ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس ٻه پٽ هئا: (١) ميان غلام حيدر (٢) ميان تاج محمد. انهن ٻنهي مولانا نورمحمد شهدادڪوٽي ڪان ڪنڊي ڳوٺ ۾ علم پرايو.

## ميان محمد اڪرم ڪنڀاري

مولانا محمد حيات ڪنڀاري جو فرزند جيڪو پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ مسند درس تي ويٺو. نهايت متقي ۽ پرهيزگار هو. پنهنجي والد جي درسگاهه ۾ ديني خدمت سان گڏ دنيا سان ٻه منهن ڏيندو هو. ڪڏهن به ديني فرض ڪي قضا نه ڪيائين. صبح کان پوءِ قرآن مجيد جي تلاوت ۽ دلائل الخيرات جو ورد هن خاندان جو وظيفو هوندو هو. مسجد جي امامت به پاڻ ڪندو هو. سندس پرهيزگاري جو هي عالم هو جو نماز لاءِ ڪپڙا الڳ رکندو هو.

ميان محمد اڪرم کي هڪ پٽ ميان عبدالرسول نالي هو، جو ننڍپڻ کان ئي نيڪ هو. مولانا نورمحمد شهدادڪوٽي وٽ ڪنڊيءَ ۾ پڙهندو هو. ان کان پوءِ ميان جي ڳوٺ ۾ مولانا قادربخش وٽ پڙهندو هو جو اوچتي وبا جي وڪهي ١٢٧٨ هجري ۾ فوت ٿي ويو. ان حادثي کان پوءِ ميان محمد اڪرم هن دنيا جا سڀ ڌنڌا ڌاڙيون ۽ شوق ڇڏي ڏنا. سندس ڪرامتون ۽ ڪشف جون ڳالهيون گهڻيون مشهور آهن. هي بزرگ ٢١ شعبان ١٢٨٥ هجري ١٨٦٨ع ۾ لاولد فوت ٿيو، ۽ ڪنڀارن ۾ پنهنجي والد مولانا محمد حيات جي قبر جي پشت ۾ دفن ٿيو.

# پير ڳوٺ جي عظيم روحاني درسگاهه

## پير محمد راشد (روضي ڌڻي) ولادت ١١٧٠ھ/١٧٥٧ع
## وفات ١٢٣٣ھ/١٨١٨ع

پير محمد راشد پهريون پير پاڳارو انهن برگزيده بزرگن، عالمن ۽ اوليائن مان هو، جن اسلام جي اصلي روح کي سنڌ ۾ ڦهلايو. پير محمد راشد جي ولادت رمضان يا شوال، سنه ١١٧٠ هجري

۱۷۵۷ع ۾ ٿي. سندس والد بزرگوار سيد محمد بقا قادري طريقت جو وڏو پير طريقت ۽ مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ واري جو خليفو مجاز هو. سندس ابتدائي تربيت پنهنجي والد ماجد وٽ ٿي ۽ ظاهري تعليم وقت جي وڏي محدث ۽ فقيه الحاج فقيرالله علوي شڪارپوري وٽ ورتائين. پير صاحب جي اهڙي يڪتا عالم وٽ تعليم سندس ذاتي استعداد ۽ لياقت کي اپارڻ ۾ وڏي مددگار ثابت ٿي. سندس هڪ ٻيو استاد مخدوم يارمحمد ڪوٽڙي ڪبير وارو پڻ چيو وڃي ٿو، ۽ آخري فراغت لاڙڪاڻي جي آريجا ڳوٺ جي عالم مخدوم "محمد" وٽ ڪيائين. هي بزرگ استاذالڪل جي لقب سان مشهور آهي.

پير محمد راشد باطني فيض پنهنجي والد سيد محمد بقا کان پرايو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سندس طريقي کي اها مقبوليت حاصل ٿي جو سنڌ ته ڇڏيو پر راجپوتانا ۽ بلوچستان جا لکين ماڻهو پڻ سندس طريقي ۾ داخل ٿي توحيد جو ورد ڪرڻ لڳا.

جهڙي طرح امام رباني هند ۾ بدعت ۽ شرڪ جي خلاف جهاد ڪري غلط عقيدن جي پاڙ پٽي ڇڏي، اها ساڳي صورت سنڌ ۾ به پيش آئي. پير محمد راشد رحه به پنهنجي دور ۾ بدعتن ۽ غلط خيالن کي ديني تبليغ جي اثر سان ختم ڪري ڇڏيو. پير صاحب جي وڏن خليفن مان اتر سنڌ ۾ خليفي محمد سوئي واري جو نالو ورتو وڃي ٿو، جنهن کان پرچوندي جي حافظ محمد صديق فيض پرايو ۽ خرقو هٿ ڪيو. حافظ محمد صديق جا به وڏا خليفا مولانا حافظ غلام محمد دين پور وارو ۽ مولانا سيد تاج محمود امروٽي هئا. انهن ٻنهي بزرگن سنت کي جيارڻ ۽ باطني فيض جي اشاعت ۾ اهڙو ڪم ڪيو جو هن وقت نه رڳو سنڌ ۾ پير محمد راشد جو طريقو ۽ فيض پکڙيو پر گهٽي پاڳي پنجاب ۽ سرحد تائين پکڙجي ويو.

پير محمد راشد جو سلوڪ ۾ جيڪو مقام ۽ مرتبو هو، اهو سندس ملفوظات مان معلوم ڪري سگهجي ٿو، جنهن کي

سنڌس هڪ خاص ۽ وڏي خليفي محمود نظامانيءَ گڏ ڪيو.
اهڙي طرح سنڌس مڪتوبات ظاهري ۽ باطني علم جي اسرارن سان ڀريل آهن(١). پير صاحب ڪڏهن ڪڏهن ڏوهيڙن ۽ مولودن جي شڪل ۾ سنڌي شعر به چوندو هو.

علم ۽ هدايت جو هي نشان ١ شعبان ١٢٣٣ هجري/١٨١٨ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو.

## پير سيد صبغت الله شاهه

پير سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) جي وفات کان پوءِ سنڌس چوڏهن صاحبزادن مان سيد صبغت الله شاهه رشد و هدايت جي مسند تي ويٺو. سنڌس ولادت ١١٨٣هه/١٧٧٩ع ۾ ٿي. پاڻ جيتوڻيڪ ڪن ڀائرن کان ننڍو به هو پر باطني فيض ۽ ارشاد ۾ پنهنجي سڀني ڀائرن کان فائق هو. حضرت روضي ڌڻي کي ١٨ پٽ ۽ ڇهه ڌيئرون هيون جن مان چار ته سنڌس زندگيءَ ۾ وفات ڪري ويا. ان ڪري مشهور چوڏهن فرزند آهن، جن جا نالا هن طرح آهن: (١) پير صبغة الله شاهه، سجاده نشين (٢) پير حسن شاهه (٣) پير هدايت الله شاهه اهي ٽيئي صاحبزادا هڪ والده سگهوري مان هئا، جيڪا گهمره قوم جي هئي (٤) پير محمد ياسين شاهه (٥) پير محمد بقا شاهه، اهي ٻئي هڪ والده مان هئا، جيڪا ڪلهوڙه قوم مان هئي (٦) پير محمد صادق (٧) پير محمد شاهه (٨) پير اسماعيل شاهه (٩) پير حامد شاهه (١٠) پير مهدي شاهه (١١) پير محمد احسن (١٢) پير غلام محي الدين (١٣) پير مبارڪ شاهه (١٤) پير شاهنواز شاهه(٢).

(١) هنن خطن مان ڪن ڪن ٿورن جو ترجمو "الرحيم" ۾ ڇپيل آهي. پير محمد راشد جي شعر کي الرحيم سنڌي جي سنه ١٩٦٦ع جي ٢ شمارن ۾ پڻ شايع ڪيو ويو آهي.

(٢) صاحبزادن جو اهو تفصيل ڀائيجي واري بزرگ جي تحرير مان مليو آهي، جيڪو مولانا امروٽي جو وڏو خليفو ۽ راشدي قادري طريقت جو پير هو. (ٽماهي الرحيم، سنڌي)

پير محمد ياسين شاهه جيتوڻيڪ عمر ۾ وڏو هو پر ان کي اسلام جي ظاهري پهلو، شريعت جي اشاعت ۽ تبليغ اسلام لاءِ والد طرفان جهنڊو سپرد ڪيو ويو. اهو جهنڊو حضرت پير محمد راشد کي تيمور شاهه جي پٽ زمان شاهه کان تبليغ لاءِ مليو هو، انهي ڪري هن بزرگ جي اولاد کي ”جهنڊي وارا پير“ سڏيو ويندو آهي.

پير صبغت الله شاه جي تعليم ۽ تربيت گهر ۾ ٿي. فيض باطني به پنهنجي والد سيد محمد راشد رحه کان ئي حاصل ڪيائين. ننڍي ڄمار کان ئي الله تعاليٰ جي عبادت، فڪر، ذڪر ۽ اسلام جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائين. وڏي پيري مريدي هوندي به ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجي مريدن ۽ عقيدتمندن کي اسلام جي تبليغ ۽ تعليم ڏانهن رجوع ڪندو هو. سندس وعظ، خطبي ۽ جاهه و جلال واري زندگي ڪيترن کي متاثر ڪيو.

سيد صبغت الله شاهه، هڪ پاسي علم باطني جو امام ۽ پير طريقت هو ته ٻئي پاسي ظاهري علم جو وڏو عالم ۽ علم نواز هو. وٽس وڏو علمي ڪتبخانو هو. جنهن ۾ سوين قلمي ڪتاب موجود هئا. هن بابت سيد حميد الدين لکي ٿو ته:

در تمام مملڪت سند همچو او شيخي و مرشدي در زعم مردمان ملڪ نيست قريب سه لڪ مريدانش از قوم بلوچ هستند و بڪمال جاه و جلال و رجوعات خلائق خوش مي گزرانند و جود و ڪرم و اخلاص و مروت هم شهره آفاق در خانه سيد مذڪور ڪتب خانه عجيب و غريب به نظر آمد ڪه هرگز در خانه سلاطين و امرا نبوده

سنڌ جي ماڻهن وٽ پير سيد صبغت الله جهڙو سالڪ ملڪ ۾ ڪو به شيخ ۽ مرشد نه آهي هن جا اٽڪل ٽي لک بلوچ مريد آهن، وٽن خلق جي گهڻي رجوعات آهي، جاهه ۽ جلال سان زندگي گذاريندا آهن. جود، ڪرم، اخلاص ۽ مروت ۾ به ملڪ ۾ مشهور آهن.
هن پير صاحب جو عجيب غريب ڪتبخانو نظر آيو جو ڪنهن

باشد پانزده هزار جلد نامي از
كتب معتبره دران موجود است،
ازان جمله صد ديوان فارسي به
خط ولايت مطلا، شصت و پنج
تفاسير معتبره، پنج جلد مكرر
شاهنامه فردوسي بمع تصاوير
و مطلا احاديث هر قدر كه
مشهور اند مع شرح و جامع
الاصول و تيسير الوصول، و سه
جلد مكرر احياء العلوم و سه
جلد مكرر فتوحات مكيه و
هر جلد شاهانه (١)

امير ۽ بادشاهه وٽ به نه هوندو.
هن ۾ پندرهن هزار جلد معتبر
ڪتابن جا موجود آهن، جن مان
ايراني مطلا خط ۾ سؤ ته فارسي
جا ديوان آهن پنجهٺ جلد معتبر
تفسيرن جا آهن، جن مان ٽي
مصور طائي آهن سي به سڀ هتي
آهن شرحن سميت. جامع الاصول
۽ تيسير الوصول پڻ هتي آهن.
احياء ۽ فتوحات مڪيه جا به
ٽي ٽي نسخا شاهي ڪتابت سان
موجود آهن.

پنجاب تي سکن جي قبضي ڪري اتي مسلمانن تي جيڪي ظلم ٿي رهيا هئا، انهن کان پير صبغت الله شاه غافل نه هو. کيس اهو به خطرو هو ته سک اڳتي وڌي سنڌ ڏانهن نه اچن. ان ڪري سندس ملفوظات مان معلوم ٿئي ٿو ته، ان وقت پير صاحب جهاد لاءِ پڪو پهه پچايو هو. جيڪو به وعظ ڪندو هو ان ۾ جهاد جون فضيلتون ضرور بيان ڪندو هو. ڪچ ۽ لاڙ جا جيڪي مريد وعظ ۾ شامل ٿي نه سگهندا هئا، تن کي وري جهاد لاءِ تحريري دعوت ناما موڪليندو هو (٢). اهو ئي سبب هو جو سيد احمد شهيد رحه سکن سان جهاد جي خيال سان سنڌ ۾ آيو ۽ حيدرآباد ۾ ڪجهه ڏينهن رهي اتان سفر ڪندي راڻي پور پهتو ته سيد صالح شاهه جيلاني ساري لشڪر کي دعوت ڪئي. سيد صبغت الله شاهه به هڪ سؤ مريدن سان اتي آيو. سيد احمد صاحب کي سانس

(١) خط سيد حميدالدين بحواله سيرت سيد احمد شهيد جلد اول، ص ٣٠٤، ڇاپو ڪتاب منزل لاهور.

(٢) ملفوظات سيد صبغت الله شاهه، قلمي نسخو، سنڌي ادبي بورڊ لائبريري.

ملاقات جو وڏو اشتياق هو ڇو ته سندس ديني جذبي جي وڏي هاڪ هئي. ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي، پير صاحب کي هڪ ڏينهن اتي رهڻو هو، ان ڪري پنهنجي هڪ ڀاءُ سان سيد احمد ۽ سندس لشڪر کي پير جي ڳوٺ موڪلي ڏنائين.

سيد احمد صاحب ۷ ذوالقعد (۲۴ جون ۱۸۲۶) تي پيرڳوٺ پهتو. سيد صبغت الله شاهه جي ڀائرن ۽ مريدن مهمانداري ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي. ٽن ڏينهن تائين سمورو لشڪر مهمان ٿي رهيو. ان بعد صبغةالله شاهه صاحب جي حڪم سان ٻيڙين جو انتظام ٿيو. ۲۸ ذوالقعد تي سارو لشڪر درياء جي ٻئي ڪناري تي پهتو. ان ڏينهن سيد احمد صاحب، پير صاحب کان موڪلايو. پير صاحب سان سيد صاحب جي لکپڙهه جاري هئي، پاڻ ۾ اهو فيصلو ٿيو هو ته جڏهن ڪنهن چڱي مرڪز جو بندوبست ٿي وڃي ته پوءِ پير صاحب به اتي پهچي وڃي. اڳتي هلي ايراني سردارن جي ضد ڪري افغانستان ۽ پشاور وارو رستو خطري ۾ پئجي ويو، ان وچ ۾ پير صبغت الله شاهه بلڪل تيار ٿي ويو، ۽ سيد احمد کي هڪ خط لکي اطلاع به موڪلي ڏنائين. سيد احمد صاحب، پير صاحب ڏانهن لکيو ته اوهين سڀني مسلمانن کي جهاد جي دعوت ڏيو، مخلصن جي هڪ جماعت وٺي سکن جي سرحد جي متصل ڪنهن محفوظ جاءِ تي وڃي رهو ۽ جهاد شروع ڪري ڏيو، پنهنجي اهل و عيال سان گڏ منهنجي اهل و عيال کي به ڪنهن اهڙي جاءِ تي رهايو جتي دشمن پهچي نه سگهي.

سرحد ۾ جڏهن سيد احمد شهيد جي بيعت ورتي ويئي ته مختلف علائقن ۾ نائب موڪليا ويا، جيڪي سيد صاحب لاءِ بيعت وٺي رهيا هئا. محمد قاسم کي سنڌ ڏانهن موڪليو ويو هو. انهي سلسلي ۾ سيد احمد شهيد، پير صبغت الله شاهه ڏانهن لکي ٿو ته سنڌ ۾ بيعت وٺڻ لاءِ اوهان ئي اهل آهيو. پر جڏهن ته اوهان جي ڪن ڀائرن جو اوهان سان حسد آهي، ان ڪري

انديشو آهي ته فرض جي بجاآوري کان محروم رهجي وڃون، ان ڪري مون ٻئي کي پنهنجو نائب بنايو آهي (١).

افسوس آهي جو پير ڳوٺ جو اهو نادر ڪتبخانو، انگريزن جي دور ۾ ڪوٽ جي ڪيرائڻ سان گڏ برباد ٿي ويو، گهڻا ڪتاب سنڌ مدرسه الاسلام ڪراچي جي لائبرري ۾ رکيا ويا هئا، جتان هڪ هڪ ٿي ڪجي ويا.

پير صبغت‌الله شاهه صاحب پنهنجي دور ۾ ماڻهن کي رشد و هدايت جون ڪون پيارينديءَ ته رمضان سنه ١٢٤٦ھ/١٨٣١ع ۾ هن فاني دنيا مان عالم جاوداني ڏانهن اسهيو.

## پير علي گوهر شاهه اول "اصغر"

پير سيد علي‌گوهر شاهه اول راشدي جي ولادت جمعي ڏينهن رجب ١٢٣١ھ/١٨١٦ع ۾ ٿي ۽ پندرهن سالن تائين پنهنجي والد سيد صبغت‌الله شاهه رحه جي تربيت هيٺ رهيو ۽ ١٢٤٦ ھ ۾ پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ مسند نشين بنيو. جيتوڻيڪ مسند نشيني وقت ننڍي عمر جو هو، پر کيس جيڪا تربيت پنهنجي والد کان ملي هئي، سا تمام اعليٰ هئي، جنهنڪري ٿوري ئي وقت ۾ فارسي زبان جو وڏو اديب ۽ شاعر بنجي ويو. کيس عربي ٻوليءَ جي به چڱي ڄاڻ هئي. سنڌي شعر ته کيس ورثي ۾ مليل هو. شعر ۾ "اصغر" تخلص رکيائين. خود وڏو علم‌نواز هو ۽ عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو وڏو قدر ڪندو هو. پاڻ قادري طريقي جو پير ۽ مرشد هو. هن سلسلي جو راڳ ۽ سماع سان گهٽ تعلق رهيو هو، پر پير علي گوهر اول کي سماع جو به شوق رهندو هو. افسوس جو سندس عمر ڪا گهڻي نه ٿي، ڦوهه جواني ۾ تاريخ ١١ جمادي الاول ١٢٦٣ ھ/ ١٨٤٧ع ۾ هن ماڳ کان منهن موڙي آخرت ڏانهن راهي ٿيو.

(١) تاريخ عجيبه ٢١٨، ٢١٩ سيد صاحب جو پير صبغت‌الله شاهه ڏانهن خط، بحواله سيرت سيد احمد شهيد، ص ٣٠٥.

پير صاحب جي مريدن مان آخوند احمد سانوڻي هالائي قابل ذڪر آهي، جيڪو ڪلام الله جو حافظ هو ۽ نظم، نثر ۽ انشاء ۾ بي نظير هو.

## خواجه گل محمد (محبوب الصمد) لواري شريف جي روحاني درسگاهه

خواجه گل محمد لقب محبوب الصمد، سلطان الاولياء خواجه محمد زمان اول جو صاحبزاده هو. سندس ولادت جمعي جي رات ربيع الاول ١١٧٧ھ/١٧٦٣ع ۾ ٿي. سندس والد جو مٿس ڏاڍو پيار هوندو هو، ڪيس لاڏ ڪوڏ سان پاليائين. پنهنجي صاحبزادي جي مقام ۽ مرتبي کي اڳ ۾ ئي ان جي اهڃاڻن مان معلوم ڪري ورتو هئائين. قرآن شريف ۽ فارسي پڙهڻ کان پوءِ ڪيس مولانا شرف الدين شهدادپوري وٽ صرف و نحو، علم عروض وغيره پڙهڻ لاءِ وهاريو ويو. ننڍپڻ ۾ ئي سندن گهڻو لاڙو سلوڪ ڏانهن هوندو هو (١).

خواجه گل محمد اڃا ٻارهن ورهين جي ڄمار جو مس هو، جو سندس والد وفات ڪري ويو. انهي ڪري مسند نشيني واري سوال تي ڪن خليفن اعتراض اٿاريو ته "خواجه گل محمد اڃا ٻار آهي، سو مريدن جي ڪهڙي تربيت ڪري سگهندو؟" انهي تي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، شيخ ابوطالب ۽ ٻين بزرگن چيو ته "هي باطني معاملو آهي، اسان کي نينگر جي ڄمار ڏسڻ نه گهرجي." انهي تي خواجه محمد زمان جي وصال کان پوءِ ٽئي ڏينهن خواجه گل محمد کي مسند تي ويهارياؤن. اول شيخ عبدالرحيم بيعت ڪئي. پوءِ ٻين وڏن خليفن جهڙوڪ شيخ ابوطالب حاجي طاهر، حافظ هدايت الله ۽ ٻين بيعت ڪئي.

خواجه گل محمد اڃا سترهن ورهين جي ڄمار جو مس ٿيو ته لواريءَ شهر سان اوچتو حادثو پيش آيو، جنهن ۾ وڏي تباهي

(١) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، الرحيم، مشاهير سنڌ نمبر، ص ٣٩.

ٿي. شورا قوم جا ڪي ماڻهو نومڙين جي ٻن ڇڪن ماڻهن کي قتل ڪري، ڊپ وچان سڄي قبيلي سميت راتو واهه وٺي ڀڳا. نومڙيا به وڏو لشڪر وٺي سندن ڪڍ پيا ۽ لواري وٽ اچي کين سوڙهو گهيرايائون. جنگ ۾ گهڻا شورا مارجي ويا، پر باقي جيڪي بچيا تن ڀڄي وڃي لواري ۾ پناهه ورتي. شورا به انهن جي پٺيان لواري ۾ ڏوڪي پيا ۽ ڪن شريفن جي گهرن ۾ گهڙڻ لڳا. لاچار لواري وارن کي به انهن سان وڙهڻو پيو. انهي ويڙهه ۾ درگاهه جا درويش رانجهو ۽ بلند نالي شهيد ٿي ويا. خواجه گل محمد رحه پنهنجو سارو سامان قورن جي حوالي ڪري پاڻ رڳو هڪ ڪپڙي ڪري ٻاهر ٿيو. نومڙين جو مهندار کيس هن حالت ۾ ڏسي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ قريل سامان کيس موٽائي ڏيڻ تي زور رکيائون، پر پاڻ ڪجهه به واپس نه ورتائين. اٽلو متاع مال وڃڻ ڪري سرهو ٿي پيو، ڇڻ متانئس ڪو وڏو گهڻگهر لهي پيو.

خواجه گل محمد اسر کان وٺي شام تائين سڄو ڏينهن معتقدن ۽ مريدن جي سٿ ۾ ويٺو هوندو هو. رڳو ماني کائڻ لاءِ گهر ويندو هو يا نماز لاءِ ايندو هو. سندس مجلس ۾ ڪنهن کي به روڪ نه هوندي هئي. پاڻ گهڻو ماٺ ۾ گذاريندو هو، جي پور پوندو هوس ته ڪي نصيحت آميز نڪتا بيان ڪندو هو، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(١) اٺ جهڙي حيوان تي مجازي عشق جو غلبو ٿيندو آهي ته به چار مهينا کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي. هاڻ خيال ڪريو، ته جنهن انسان تي حقيقي عشق ٿيندو، تنهن جو ڪهڙو حال ٿيندو.

(٢) حياتي ٿوري دنيا بہ فاني آهن، انهن سان ذاتو لائڻ نه گهرجي.

(٣) مردانگي طريقت جو مول شرط آهي.

(٤) حق کي وسارڻ بجڙي ۾ بجڙو ڪم آهي.

(٥) تونگرن ۾ طمع نه رکجي ۽ نه انهن جي چاپلوسي ڪجي. ڪانئن هميشه پاسو ڪرڻ گهرجي.

(٦) اخلاص کان بهتر بي ڪا به شيء نه آهي.
(٧) ڪهڙو به علم جهالت کان بهتر آهي.
(٨) ڪهڙو به ڏندو بي هنري کان بهتر آهي.
(٩) فقيرن جي گفتگو مڙئي صدق ۽ صواب آهي، وغيره.

خواجه گل محمد رحه ظاهري علم ۾ به وڏو مرتبو حاصل ڪيو هو، ان وقت جا سيد محمد ۽ خواجه قاضي احمد جهڙا عالم به چوندا هئا ته "هيڏي علم هوندي به اسين حضرت جن جي اڳيان پاڻ کي سيڪڙائن جيان ٿا سمجهون". سيد محمد به ائين چوندو هو ته "ظاهري علم ۾ جڏهن به ڪا مشڪلات ايندي هيم ته وچي حضرت جن کان حل ڪرائيندو هوس. علم نجوم ۾ پاڻ کي ڏاڍو ماهر سمجهندو هوس، ۽ مون کي چڱي طرح معلوم هو ته حضرت جن انهي علم مان بلڪل اڻ واقف آهن. هڪ لڳا نجوم جي هڪ مسئلي تي حضرت جن اچي پلٽيا زائچه جي قانون ۽ اصطرلاب جي رمزن جي ايڏي وڏي اپٽار ڪيائين جو آءٌ "واڱڙو ٿي ويس".

افسوس جو معرفت جي هن بحر بي پايان جي عمر تمام ٿوري ٿي. ڪيس اوچتو وڏي ماتا جي بيماري ٿي، جنهن ۾ ٢٧ ربيع الاخر ١٢٢٨هه/١٨٠٣ع ۾ وفات ڪيائين. خواجه صاحب کي ڇهه پٽ هئا: (١) غوث عالم خواجه محمد زمان ثاني (٢) شيخ عبداللطيف صغير (٣) ابوالقاسم (٤) محمد اڪرم (٥) محمد آدم (٦) حاجي محمد. وفات کان ٿورو اڳ ۾ خواجه محمد زمان کي گهرائي ڪيس وصيت ڪيائين ته "هاڻ جماعت تنهنجي حوالي آهي، تون ئي ان جو اڳواڻ آهين".

## خواجه محمد زمان دوم (غوث عالم) لواري وارو

حضرت خواجه محمد زمان دوم ولد خواجه گل محمد تيرهين صدي هجريءَ جي انهن برگذيده اوليائن ۽ عالمن مان هو، جن جي روحاني ۽ علمي شهرت سنڌ جي حدود مان نڪري ٻاهرين

اسلامي ملڪن ڏانئين پهتي. سندس ولادت ١١٩٩ هجري جي مهيني رمضان ۾ ٿي. خواجه محمد زمان چمنديءَ جو چارم هو. روايت آهي ته جن فقيرن سلطان اولياء خواجه محمد زمان اول کي ڏٺو هو، تن جو چوڻ هو ته خواجه محمد زمان ثاني شڪل شباهت ۽ ٻين وصفن ۾ هوبهو پنهنجي ڏاڏي جهڙو هو. خواجه گل محمد سندس لاءِ چوندو هو ته "اهڙا فرزند عالم ۾ اڻ لڀ آهن"، ننڍپڻ کان ئي سندس ڪرامتون ظاهر ٿيون، انهي ڪري ئي سندس والد جو منجهس ساهه پساهه هوندو هو. گادي نشيني وقت سندس عمر اڻويهه ورهيه مس هئي. اڃا سال کن مس گذريو ته سنه ١٢١٩هه مطابق ١٨٠٤ع ۾ شاهه شجاع سنڌ تي ڪاهي آيو. ساري ملڪ ۾ ڏاڪوڙو پئجي ويو. ماڻهو ابڙا چنا ڇڏي اٿي ڀڳا. خواجه صاحب به لاچار اتان نڪري وڃي ويجهي ڳوٺ ۾ رهيو. مڪان شريف جو سڀ اسباب لٽجي ويو. هن حادثي کان پوءِ بچاءَ واسطي ڪين ڪوٽ اڏائڻ جو خيال ٿيو ۽ اهو ڪم شروع ڪري ڏنائين؛ جيڪو سنه ١٢٢٦هجري ڌاري عاليشان نموني جڙي راس ٿيو. پر ستت ئي ڪن حاسدن ان وقت جي ٽالپر حاڪم مير غلام علي خان کي وڃي ڀرغلايو ته اهو ڪوٽ انگريزن جي شورش ۽ مالي امداد سان اڏايو ويو آهي. مير صاحب کي شڪ جاڳيو، ويتر جو ڪيس اها خبر پيئي ته خواجه صاحب پنهنجي فرزند جي مائٽي ڪڇ وارن جاڙيجن رئيسن مان ڇوائي آهي، ان ڪري ته هيڪاري سندس شڪ وڌي ويو. ان وقت انگريزن جي پيچ ۾ ڦيڻڪ هئي. خواجه صاحب گهڻو ئي حاڪم کي سمجهايو پر مير صاحب تي ڪوبه اثر نه ٿيو. پنهنجا ماڻهو موڪلي ڪوٽ ڊهرائي پورا ڪيائين. هن واقعي کان هڪ ورهيه پوءِ خواجه صاحب سنه ١٢٢٨ هه/١٨١٢ع ۾ حج لاءِ روانو ٿي ويو، ساڍا چاليهه ساٿي هئا. ڪڇ جو رڻ لتاڙي مانڊوي کان غوراب تي چڙهي جڏهن يمن جي مخه بندر تي پهتا، تڏهن شهر جا مکيه ماڻهو سندن مرحبا لاءِ اچي مڙيا.

شيخ محمد عابد سنڌي مدني ان دور ۾ يمن اندر مقيم هو ۽ خواجه صاحب جن کان بيعت هو، سو به وڏي عقيدت سان زيارت لاءِ آيو. هن بزرگ لکيو آهي ته منهنجي اکين خواجه صاحب جهڙو خدا رسيده بزرگ نه ڏٺو. علامه ڪتابي فهرس الفهارس ۾ خواجه محمد سعيد رحه سان مڪي ۾ پنهنجي ملاقات جو ذڪر ڪندي مخدوم محمد عابد سنڌي ڏانهن پهچندڙ حديث جي سند بابت لکيو آهي ته اها مون کي خواجه محمد سعيد جن کان ملي، جنهن کي سندس والد خواجه محمد زمان کان ۽ ان کي شيخ محمد عابد سنڌي کان ملي.

هن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته خواجه صاحب هڪ پاسي شيخ محمد عابد سنڌي جو پير طريقت ۽ مرشد هو ته ٻئي پاسي وري حديث جي سند ان کان ئي ورتي هئائين. عرب کان پنهنجي مرشد ڏانهن لواري ۾ اچڻ واري سفر جو ذڪر ڪيو اٿس (١).
سنه ١٢٣٠ هجري ۾ خواجه صاحب حرمين کان موٽي گوٺ پهتو. چند سالن کان پوءِ سنه ١٢٣٦ هجري ۾ سندس ڀاءُ خواجه عبداللطيف گذاري ويو. اڃا اهو ڏک ڏور ئي نه ٿيو ته سنه ١٢٣٧ هجري ۾ سندس ڀاريتو پٽ خواجه محمد سعيد جو اڃا سترهن ورهين جو هو رجب مهني جي ١٠ تاريخ وڃي رب کي رسيو. انهن ٻنهي وڇوڙن خواجه صاحب کي جهوري وڌو ۽ دلي سڪون لاءِ ٻيهر حج تي اسهيو. مهني صفر سنه ١٢٣٨ هجري ۾ روانو ٿيو. اڃا حج ڪري آيو مس ته وري جنجال ۾ اچي پيو جو پاڙن جو ساڻس جهيڙو شروع ٿي ويو. انهن مير ڪرم علي خان کي به خواجه صاحب جو مخالف ڪري وڌو. پاڻ جهيڙي کان پاسو ڪري لواري مان لڏي ٻن چئن ميلن جي فاصلي تي مير محمود خان شهداداڻي جي ”هباڻي“ نالي جاگير ۾ وڃي ويٺو. جڏهن گوڙ گهمسان ڍرو ٿيو ته ڇهن مهينن کان پوءِ موٽي ماڳ تي آيو.

(١) اليانع الجني، ”عرب کان لواري جو سفر“، ص ٤٧

خواجه صاحب وڏو عالم ۽ اهل الله هو خواجه عبداللطف چوندو هو ته "حضرت جن جو هڪڙو هڪڙو سخن قرآن شريف جي آيتن موافق هوندو هو يا حديثن جي مطابق يا ڪنهن مشهور مشائخ جي فرمودي جو مصداق هو." پاڻ ڪڏهن ذرو جيترو به شريعت جي خلاف نه هليو. بيرواهه وري اهڙو جو ڪڏهن به طمع نه رکيائين ۽ وقت جي حاڪمن وٽ هٿ ٽنگيائين ۽ نڪي ساڻن دوستي رکيائين ۽ جيڪي وٽس پيسو پائي ايندو هو ان کي بيت المال ۾ جمع ڪري، ان سان غريبن جي پرگهور ڪندو هو.

١٢٤٦هجري/ ١٨٣٠ع جي رمضان مهني کان وٺي خواجه صاحب بيماري سبب بستري داخل ٿيو، ۽ مهني صفر تاريخ ١٧ سنه ١٢٤٧هجري ۾ وفات ڪري ويو.

## قاضي محمد شڪارپوري جي درسگاهه

قاضي محمّد شڪارپوري ٽيرهين صدي هجري ۾ ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي انهن ناميارن فقيهن ۽ معتبر عالمن مان ٿي گذريو آهي، جنهن تي جيترو ناز ڪجي اوترو گهٽ آهي. هن بزرگ مانجهند جي مشهور قاضي ابوالعالي کان تعليم پرائي، جو پنهنجي وقت جو وڏو علامه هو. ان کان پوء شڪارپور ۾ پنهنجو درسگاهه قائم ڪري اتي درس تدريس ۽ فتويٰ جو جو ڪم ڪندو هو.

مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي، جنهن کي علم فقه ۾ وڏي دسترس ڪري "نعمان ثاني" به چيو ويجي ٿو، تنهن جو معاصر هو، ۽ پنهي جو باهمي مقابلو به رهندو هو.

هڪ ڀيري قاضي محمّد صاحب، مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي کي هڪ ڏگهو خط لکيو جنهن جي عبارت ۾ مخدوم صاحب کي هيئن خطاب ڪيائين: "يا عابد الاوثان القاضي محمد احسان" (اي بتن جا پوڄاري قاضي محمد احسان) مخدوم عبدالواحد جو پيو نالو قاضي محمد احسان بہ هو، جو عبدالواحد سندس ڏاڏي

جو نالو هو، ان ڪري مائٽ ڪيس، ادب مان محمد احسان سڏيندا هئا. مخدوم عبدالواحد کي جڏهن اهو خط مليو ته جواب ۾ قاضي محمد کي رڳو هي سنڌي بيت لکي موڪليائين:

نه تو پيتي سرڪ، نه تو آئي چٽ
ڪٿهين تو انهن سان جنهين پيتا مٽ.

جڏهن اهو جواب قاضي محمد کي پهتو ته ڏاڍو گريو ڪيائين ۽ مخدوم صاحب ڏانهن معافي جو خط لکيائين. قاضي محمد صاحب ڏانهن ڪافي خط لکيائين. قاضي محمد صاحب جي وفات جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. غالب گمان آهي ته سنه ۱۲۳۰ه ڌاري وفات ڪيائين (۱).

## ملا صاحبڏنو شڪارپوري

ملا صاحبڏنو تخلص ”صاحب“، سنڌ جي زنده دل ماڻهن جي سهڻي شهر شڪارپور جو رهاڪو هو. پنهنجي وقت جو بي‌نظير استاد ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. نه رڳو فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو پر عربي جو پڻ وڏو عالم ۽ مدرس هو. هن شڪارپور ۾ پنهنجي قائم ڪيل درسگاهه ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ ديني توڙي دنيوي علم جو درس تدريس جاري رکيو. هو الحاج فقيرالله شاهه علوي شڪارپوري جو وڏو معتقد هو.

سندس تصنيفات مان هڪ فارسي ”ديوان“ چيو وڃي ٿو جو زماني جي دستبرد کان بچي نه سگهيو. سندس ڪجهه شعر شڪارپور جي قديم ڪتابن مان هينئر به ملي سگهن ٿا. جيتوڻيڪ سنڌي ڪلام به چيائين، پر افسوس جو اڄ سندس هڪ سنڌي مداح کان سواءِ ٻيو ڪوبه يادگار نٿو ڏسجي.

ملا صاحبڏنو پوئين وقت ۾ قاضين جي مسجد جو پيش امام هو. سندس وفات سنه ۱۲۵۰ه/۱۸۳۴ع ڌاري ٿي (۲).

(۱) مولانا غلام‌مصطفیٰ قاسمي، منهنجي علمي ڊائري، (الرحيم سنڌي).
(۲) تذڪره لطفي، جلد ٻيو.

## ملا اويس شڪارپوري

ملا اويس تيرهين صدي ۾ شڪارپور جي اهل الله بزرگن ۽ عالمن مان هو. تيرهين صدي هجري جي وچ ڌاري وفات ڪيائين. وڏن ماڻهن ۽ حاڪمن کان پري گذاريندو هو. وقت جا حاڪم سندس دروازي تي وڃي به محروم موٽندا هئا. سندس ساري ڄمار ديني علوم جي ترويج ۽ اسلام جي تبليغ ۾ گذري. هو هڪ وڏو شاعر، عالم ۽ فاضل ٿي گذريو آهي. دنيا سان سندس لاڳاپا گهٽ رهندا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سندس ڪلام گوشهء گمنامي ۾ رهجي ويو. هن وقت شعر ۾ سندس يادگار رڳو ”مسدس“ آهي، جيڪو حضرت غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ چيل آهي. اهو مسدس ”بياض خادم“ ۾ ڏنل آهي، جنهن جو ڪجهه انتخاب تذڪره لطفي ۾ ڏنو ويو آهي. صاحبڏني جي درسگاهه ۾ ڪافي عرصو درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين ۽ وٽانئس ڪيترا ئي فيض پرائي ويا (١).

## مخدوم محمد صالح لکويءَ جي ”لکي“ شڪارپور ۾ درسگاهه

”لکي“، شڪارپور جي پرسان وزيرآباد نالي هڪ ڳوٺ مهرن جو آباد ڪيل آهي، جنهن مان ناليرا اديب، فاضل، عالم ۽ مدرس ٿي گذريا، جن مان پير محمد لکوي ۽ سلطان محمد ابراهيم مشهور آهن. مخدوم محمد صالح به ان ڳوٺ جو وينل هو. هن پنهنجي پوري تعليم قابل استادن مخدوم پير محمد ۽ سلطان محمد ابراهيم صاحب کان پرائي. تنهن بعد پنهنجي ڳوٺ لکي (وزيرآباد) ۾ درسگاهه کولي ديني تعليم جو سلسلو جاري رکيو. هو نقشبندي طريقي جو بزرگ هو ۽ سندس مرشد پير غلام محي الدين

(١) ملا اويس شڪارپوري، ملا صاحبڏني جو همعصر هو، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن ڪجهه سال اڳ يا پوءِ وفات ڪئي هوندي.
(تذڪره لطفي جلد پهو).

صاحب سرهندي هو. درس تدريس جي شغل سان گڏوگڏ شعر و شاعري ۽ تصنيف تاليف جو ڪم بہ ڪندو هو. شعر ۾ سندس تخلص "صالح" هو. سندس تصنيفات مان فقط "گلشن معجزات" ۽ "ديوان نعتيہ" دستياب آهن. گلشن معجزات اندازاً ٢٠٠ صفحن تي مشتمل آهي. ان کان سواءِ بيو متفرقہ ڪلام بہ ملي ٿو.

سلطان محمد ابراهيم جي مجاورن مان معلوم ٿيو تہ مخدوم محمد صالح نهايت متقي ۽ خدا پرست هو. تيرهين صدي هجري جي وچ ڌاري وفات ڪيائين. وزيرآباد ۾ ئي مدفون آهي (١).

## محمد عارف شڪارپوري

محمد عارف اعوان، تخلص "صنعت"، شڪارپور جي مشهور شاعر آخوند صاحبڏني کان تعليم حاصل ڪرڻ بعد شاعري جي مشق ڪيائين. پهريائين "عارف" تخلص ڪندو هو پر پوءِ پنهنجي استاد جي ارشاد ۽ حڪم موجب "صنعت" تخلص اختيار ڪيائين. ميان محمد عارف خيمہ دوزي جو ڪم ڪندو هو، انهي هنر جي مناسبت سان استاد مٿيون تخلص هن لاءِ موزون سمجهيو. جيڪو بہ غزل يا قصيدو لکندو هو تہ ان کي ڪنهن بہ ديوان يا بياض جي صورت ۾ جمع نہ ڪندو هو پر متفرقہ ڪاغذن تي لکندو رهندو هو، جنهن ڪري، سندس بيشمار ڪلام اڄين ئي ضايع ٿي ويو. سندس وفات کان پوءِ باقي رهيل متفرقو ڪلام سندس فرزند ميان محمد امين (وفات ١٢٧٨ ھ) هڪ ديوان جي صورت ۾ جمع ڪيو، جنهن کي سندس ننڍي فرزند ميان عبدالخالق وڪيل (وفات ١٣١٦ھ) سنہ ١٣١٣/١٨٩٦ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ديوان صنعت ۾ ڏيڍ سؤ سورهن غزل، ١٢ قصيدا ۽ ڪجهہ رباعيون، مخمس ۽ قطعا آهن. سندس ڪلام بيحد پختو، رنگين ۽ ايراني شاعرن جي همپلہ آهي. مرحوم "صنعت" کي آخر ڄمار ۾ گردن ۾ وڏي ڦرڙي نڪري آئي. تمام گهڻا علاج ڪيا

(١) تذڪره لطفي جلد ٻيو.

ويا، پر ڪوبہ فائدو نظر نہ آيو. آخر انهي بيماريءَ ۾ صفر ١٢٦٦ھ ۾ وفات ڪيائين. شڪارپور ۾ امين شاهہ چشتي جي قبرستان ۾ دفن آهي (١).

## مير فخرالدين علوي شڪارپوري

ٽالپرن جي دور جو هي مايہ ناز فرزند فخرالدين علوي شڪارپور جي مشهور اهل الله، نقشبندي طريقت جي مرشد، فقيہ، محدث ۽ استاد العلماء الحاج فقيرالله علوي جو پوٽو ۽ ان جي وڏي پٽ مولانا حفيظ الله علوي جو فرزند هو. هو هڪ وڏو جيد عالم، اديب ۽ مدرس هو. اڳوڻن عالمن ۾ طب ۽ حڪمت جو شغل درس تدريس جي سلسلي سان گهڻو رهندو هو. ان خيال کان فخرالدين علوي مدرس ۽ عالم سان گڏوگڏ هڪ وڏو تجربيڪار طبيب بہ هو.

تذڪرہ لطفي جو فاضل مولف جيڪو خود شڪارپور جو آهي، لکي ٿو تہ مير رستم خان ٽالپر سيد فخرالدين کي وڏي عزت ڏيندو هو. سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ سر چارلس نيپئر بہ سندس اهائي عزت قائم رکي. ڪجهہ وقت مير علي مراد خان جو وزير بہ ٿي رهيو. کيس ڪتابن سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. علوي ”ڪتبخانو“ گهڻو ڪري سندس محنتن جو ڦل آهي. هن بزرگ عالم سندس وڏن جي قائم ڪيل ”علوي درسگاهہ“ ۾ ديني علمن جو درس ڏنو، جنهن مان ڪيترائي طالب، مريد ۽ عقيدتمند استفادو ڪري ويا. هن ١٢٧٠ھ/١٨٥٤ع ۾ وفات ڪئي.

## خواجہ نظام‌الدين مجددي شڪارپوري

خواجہ نظام‌الدين ملقب بہ قطب جهان و سراج الاولياء بن خواجہ غلام محي‌الدين بن خواجہ محمد صادق بن خواجہ غلام محمد

(١) تازو ديوان پيهر سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي. مرحوم صنعت تي مير حسام‌الدين راشدي صاحب جو مقالو ”ستاره سنڌ“، ٢٦ آگسٽ ١٩٣٤ع هفتيوار پرچي ۾ ڇپيو.

معصوم ثاني بن خواجه محمد اسماعيل بن خواجه صبغة الله بن عروه الوثقي خواجه محمد معصوم بن حضرت امام رباني خواجه احمد سرهندي مجدد الف ثاني قدس الله اسرارهم.

خواجه نظام الدين جي ولادت باسعادت پشاور جي شهر ۾ ٿي ۽ ننڍي هوندي پنهنجي ڏاڏي جي نظر هيٺ تربيت ۽ تعليم حاصل ڪيائين، ۽ تصوف و سلوڪ جون منزلون طي ڪيائين. جڏهن سندس والد خواجه غلام محي الدين حج جي ارادي سان روانو ٿيو ته ساڻس ٻه فرزند به هم رڪاب هئا: (١) خواجه نظام الدين (٢) خواجه فدا محي الدين.

قنڌار جي امير تيمور پاران ان زماني ۾ شڪارپور جو حاڪم نواب مولاداد افغان هو. خواجه غلام محي الدين جو ڏاڍو معتقد هو سو به سفر ۾ ساڻس هم رڪاب ٿي نڪتو. جڏهن اهو قافلو حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو ۽ خواجه صاحب جي ڪرامت ۽ ولايت جو غلغلو بلند ٿيو، تڏهن ڪيترائي ماڻهو سندس حلقه ارادت ۾ اچي جمع ٿيا. ان زماني ۾ ٽالپورن جو ٽيون نمبر حاڪم مير ڪرم علي خان (وفات ١٢٤٤ هه) تازو وفات ڪري چڪو هو. ماڻهن ۾ مشهور هو ته سندس قبر مان دانهون اچي رهيون آهن. انهيءَ تي مير صاحب جي معصوم نياڻي بيبي جندو قرآن ميڙ ڪري خواجه صاحب جي خدمت ۾ اچڻ جو ارادو ڪري نڪري پيئي. خواجه کي ڪشف جي طور بيبي جندو جو اچڻ معلوم ٿيو. خواجه صاحب جي چوڻ تي بيبي صاحبه کي رستي تان موٽايو ويو ۽ کيس تسلي ڏياري ويئي ته مير صاحب لاءِ بارگاهه الاهي مان شفا لاءِ دعا گهري ويئي آهي. انهي کان پوءِ ميرن جي خاندان جي پريشاني، خوشي ۾ تبديل ٿي ويئي. ميرن قدرشناسي ڪري خواجه محي الدين جي صاحبزادن لاءِ ٢٥ هزار ايڪڙ جاگير مقرر ڪئي ۽ ڪن تعلقن ۾ سندن حصا به مقرر ڪيا ويا. آخر نواب مولاداد خان دراني جي مشوري سان صاحبزادن کي حيدرآباد مان واپس آڻي شڪارپور ۾ رهايو ويو،

جن مان خواجه نظام الدين شڪارپور ۾ رهيو ۽ سندس ننڍي ڀاءُ خواجه فدا محي الدين شڪارپور جي ٻاهران پنهنجو ڳوٺ ٻڌايو.

خواجه نظام الدين لاءِ شڪارپور جي علوي خاندان پنهنجون جايون ۽ حويليون خالي ڪري ڏنيون، جتي نقشبندي طريقي موجب ذڪر اذڪار ۽ تلقين جو سلسلو جاري رکيو ويو. چيو وڃي ٿو ته باوجود جاگيرن ۽ نذرانن جي پاڻ فقير ۽ درويشي ۾ گذاريندو هو. خواجه صاحب فرمائيندو هو ته علميات وغيره ڪجهه به نه آهي. اصل مقصد الله تعاليٰ جي بندگي ۽ سندس رضا آهي. سندس مقولو آهي ته:

آنچه برما فقيران لازم است دوام ذل است و افتقار
و انڪسار و تضرع و التجا و اداي وظائف عبوديت
و محافظت حدود شرعية و متعابعت سنت سنيه.

اهو ئي سندس اصول هو ۽ انهي تي ئي سندس سموري زندگي جو پروگرام ٺاهيائين ۽ ان تي هلندو رهيو. پاڻ خانداني ورثي موجب فارسي شعر به چوندو هو. ڪجهه غزل ۽ مناجاتون هن وقت به موجود آهن. سندس تصنيفات مان ڪتاب ”اسرار رموز نقشبنديه“ (١) موجود آهي، جنهن ۾ نقشبندي طريقي جي خوبين ۽ تصوف جي اسرارن جو بيان ٿيل آهي. ان کان سواءِ ٻيا به ڪتاب هئا جي ناياب ٿي چڪا آهن.

خواجه صاحب جي وفات قريب ٿيندي ويئي ته پاڻ سيني دوستن کي ان جو اطلاع ڏنائين ۽ علوي خاندان جي بزرگن کي ڪي چوائي موڪليائين ته سندس مقبري لاءِ ڪنهن مناسب جاءِ جو بندوبست ڪيو وڃي. جنهن لاءِ علوي بزرگن لکي دروازي تي پنهنجي ملڪيت مان هڪ جاءِ جو ٽڪرو مقرر ڪيو. پاڻ ڇنڇر جي صبح جو ١٧ رجب ١٢٧٣ هه ۾ وفات ڪيائين. لکي دروازي تي مقرر ڪيل جاءِ تي سندس ٺهرايل مقبري ۾ دفنايو

(١) ٻيو ڪتاب ”مخمس ڪريما“ به سندن تصنيف آهي، تڪمله مقالات، ص ٥٩٩.

ويو. خواجه صاحب کي ڪل ٩ فرزند هئا، جن مان خواجه امام الدين کي سجادگي جي مسند تي وهاريو ويو.

## آخوند محمد بچل "انور"

آخوند محمد بچل متيارن جو ويٺل، ميرن جو شاهي استاد جي لقب سان مشهور آهي. فارسي شعر ۽ نثر جي بي نظير عالم هو. ٽالپر حاڪمن مان مير نصير خان جو استاد به رهي چڪو آهي. اڳتي هلي انشاء جو مير منشي بڻيو. ميرن جي حڪومت جي خاتمي کان پوء جڏهن سنڌس ولي نعمت مير صاحب کي انگريزن ڪلڪتي ۾ نظربند ڪري رکيو ته آخوند صاحب هتي رهجي ويو. شاعري سان گڏ ماده تاريخ ڪڍڻ جو به ماهر هو(١).

آخوند صاحب رڳو ظاهري علم نه پرايو هو، پر باطني فيض جو پڻ طالب تي رهيو آهي. شاه فضل الله نقشبندي جي فرزند شاه عبدالقيوم کان سلوڪ ۾ بيعت ورتي هئائين. آخوند صاحب سنه ١٢٧٨ھ/١٨٦١ع ۾ وفات ڪئي.

## مخدوم محمد عارف سنائي (وفات ١٢٢٢ھ کان پوء) جو سن ۾ مدرسو

مخدوم محمد عارف بن محمد افضل، شهر سن جو رهاڪو هو. مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي سنڌس معاصر هو. مخدوم محمد عارف کي سن ۾ پنهنجي درسگاه هئي، جنهن ۾ ديني علمن سان هن سالن جا سال درس تدريس جو ڪم جاري رکي ڪيترن طالبن کي ديني علمن سان سيراب ڪيو. سنڌس چاڻ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ان دور جي دستور موافق علم فقه جو

(١) سنه ١٢٧٧ھ تائين جيڪي تاريخون لکيائين، تن جو مجموعو محترم جناب پير حسام الدين راشدي جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. آخوند صاحب جو ديوان به اجا تائين ڇاپي ۾ نه آيو آهي، جيڪو هڻ پير حسام الدين راشدي وٽ موجود اهي. ٽماهي مهراڻ ١٩٥٥ع، شماره چوٿون، بحواله تڪمله مقالات الشعراء.

وڏو ڄاڻو ۽ فقهي تحريرن ۾ ماهر هو. سندس ڪيترين ئي تحريرون مولانا قاسمي صاحب جي نظر مان گذريون آهن، جيڪي هن جي علمي تبحر جي ساک ڏين ٿيون.

دارالهديٰ ٺيڙهي جي مدرسي ۾ المتانة في مرمة الخزانة مخدوم محمد جعفر بوبڪائي جو هڪ قلمي نسخو موجود آهي، جنهن جو ڪاتب پڻ مخدوم محمد عارف سن وارو آهي، خط نسخ ۾ آهي ۽ تحرير صاف آهي. ڪتاب جي آخر ۾ هن طرح نوٽ لکيل آهي "تمت نسخه الشريفه ڪتاب متانة الروايات من يد الفقير الحقير الراجي الي رحمة الله العزيز الغفار محمد عارف بن محمد افضل سڪنه قصبه سن في التاريخ غره شهر ربيع الاخر يوم الاثنين وقت الضحيٰ سنه ١٢٢٢ هه". هن تي ڪاتب جي مهر به لڳل آهي، ان صفحي جو عڪس سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇاپيل "المتانة" جي مقدمي ۾ اچي چڪو آهي (١).

## مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي جي هاشمية درسگاهه

مخدوم محمد ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ولادت ٺٽي ۾ سنه ١١٦٢ هجري / ١٧٤٨ع ۾ ٿي. سندس تعليم ۽ تربيت پنهنجي گهراڻي ۾ ٿي. سندس ٽيرهن سالن جي عمر ۾ مخدوم محمد هاشم وفات ڪئي. ان بعد تعليم پنهنجي والد مخدوم عبداللطيف کان پرايائين، جنهن جي علمي قابليت لاءِ ان جو ڪتاب "ذبه ذبابات الدراسات" وڏي شهادت آهي. تڪمله مقالات الشعراء جو مصنف لکي ٿو ته: مخدوم محمد ابراهيم (مڏئي مرقد) جي عنوان هيٺ لکي ٿو ته ڪاتب الحروف (مير خليل جي ناني جو پيءُ هو، علوم ۾ يگانه روزگار هو ۽ ارشاد ۾ پڻ وقت جو برگزيده بزرگ هو. سندس زماني ۾ ڪوبه ان جهڙو سنڌ ۾ نه ٿيو. ڪشف ڪرامت جو مالڪ هو. سندس حالات لاءِ ميان محمد امين ڇتراڻي جو مستقل رسالو

(١) مقدمه المتانة مرمة الخزانة عربي

آهي. سندس خليفا به گهڻا ئي آهن پر سندس مريدن جو تعداد به لک آهي. مريدن جي دعوت تي هر شهر يا ديهه ۾ ويندو هو ۽ جيڪي ڪانئس تلقين وٺندا هئا انهن جا نالا لکيا ويندا هئا.

ڪتاب مونس المخلصين جو مصنف لکي ٿو ته: "مخدوم محمد ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ڪامل ولين ۽ راسخ عالمن ۽ مدرسن مان هو. طريقت ۾ خواجه صفي الله ڪابلي (وفات سنه ١٢١٢ هه) جو مريد بلند مقامات تي پهتل هو. حضرت خواجه صاحب کيس پوري خلافت عطا ڪئي هئي. ڪتاب "عمدة المقامات" ۾ جا بجا سندس ذڪر خير آيو آهي. محمد امين سنڌي سندس فضائل ۽ مناقب ۾ مستقل رسالو لکيو آهي. سندس وفات سنه ١٢٢٥ هجري / ١٨١٠ع ۾ ڪڇ جي مڏئي بندر ۾ ٿي." (١)

مخدوم محمد ابراهيم صاحب پنهنجي ڏاڏي مخدوم محمد هاشم وانگر هڪ وڏو مولف ۽ مصنف به آهي. هن پنهنجي ڏاڏي جي قائم ڪيل مدرسي "هاشميه" ٺٽي ۾ سندس پيءُ جي وفات کان پوءِ ڪجهه وقت درس تدريس جو به ڪم جاري رکيو پر ٺٽو علمي لحاظ کان اجڙي چڪو هو. حڪومت به ڪمزور ٿي ويئي هئي، ان ڪري مخدوم محمد ابراهيم جي ڪابه قدرداني نه ٿي سگهي، ڪڏهن هتي ته ڪڏهن ڪٿي ڪشالا ڪڍندو رهيو.

مخدوم محمد ابراهيم جي عربي عبارت ۾ وڏي رواني آهي، جو ته هڪ پاسي سندس تربيت خاص علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ ٻئي پاسي عرب ملڪن ۾ به گهڻو گهمندو رهيو. زماني جي گردش ۽ ڏولاڻن سان گڏ نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿي، رياضتون ڪري، پنهنجي صحت به وڃائي ويٺو. پر تڏهن به سندس تصنيف پنهنجي همعصرن مان مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي کي ڇڏي باقي ٻين سڀني

(١) مخدوم محمد ابراهيم ڪڇ جي مڏئي بندر ۾ وفات ڪئي ۽ اتي سندس مزار تي عاليشان قبو اڏيل آهي.

کان گهٽي آهي. پير جهنڊي جي لائبرري، پير حسام الدين شاهه راشدي جي ذاتي ڪتبخاني، سنڌ يونيورسٽي جي لائبرري ۽ مدرسه مظهرالعلوم کڏه ڪراچي جي ڪتبخاني ۾ سندس اڪثر تصنيفون موجود آهن.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ مخدوم محمد ابراهيم صاحب جي تصنيفات مان هيٺيان رسالا موجود آهن، جيڪي ڪيس پنهنجي دوست قاضي فتح الرسول نظاماڻي ساڪن ٽنڊو قيصر کان هٿ آيا، انهن مان ڪن جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو ه

(١) "تهذيب البيان في اجوبة اسولة وحيد من اکابر الاخوة والخلان " (عربي) هن رسالي جي مقدمي ۾ حمد صلواة کان پوءِ مخدوم صاحب لکي ٿو ته ڪن مشهور عالمن وٽان مون وٽ ڪي سوال پهتا. مون کي سنڌن حڪم جي تعميل کان سواءِ ٻي ڪا به صورت نه هئي، ان ڪري قلم کنيم ۽ جڏهن ته "تهذيب البيان" جا ابجد جي خيال کان عدد ١٢١١ هئا جنهن مان هن رسالي جي سن تاليف جي سڌ پوي ٿي، ان ڪري رسالي جو نالو ئي تهذيب البيان رکيم. پهتل سوالن مان پهريون سوال نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي نور بابت آهي ته ڇا اهو قديم آهي؟ جنهن جي هن حديث ۾ صراحت آيل آهي ته "ڪنت نوراً بين يدي الله تعاليٰ ـ الخ" ۽ ٻي حضرت جابر رضه جي حديث آهي ته "اي جابر، الله تعاليٰ سڀني شين کان اڳ پنهنجي نور مان تنهنجي نبي جي نور کي پيدا ڪيو ـ الخ". انهن کان سواءِ ٻيون به اوهان کي معلوم هونديون، جن مان صراحت يا اشاري سان اهو مقصد نڪري ٿو. ڇا اهو نور حادث آهي؟ جي اوهين ان کي قديم چوندئو ته اهو ذات نبوي ۾ ڪيئن جذب ٿي ويو؟ هوڏانهن قديم ته حادث ۾ حلول نه ڪندو آهي، جيئن اهو مسئلو علم ڪلام ۾ ثابت ٿيل آهي. پر جي قديم ته پوءِ "خلق" ان لاءِ ڪيئن آندو ويو؟ اهڙي طرح اهو سوال ٻڳهو هليو ويو. هن

سوال جو جواب هڪ صفحي ۾ ڏنل آهي. ٻيو سوال آهي حضرت خضر ۽ حضرت موسيٰ کي علم سيکارڻ بابت ته صحيح بخاري جي حديث مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت خضر کي حضرت موسيٰ کان وڌيڪ علم هو، ٻئي پاسي هڪ ٻي روايت آهي جنهن مان ائين معلوم نٿو ٿئي. هن سوال جو جواب ٻن وڏن صفحن ۾ آيل آهي. ٽيون سوال آهي ته، تشهد کان پوءِ پوئين قعده ۾ مختصر صلواة پڙهي سلام ڦيرياڻين ته ڪافي آهي يا نه؟ پنجون سوال وتر نماز ۾ ڪنهن شافعي مذهب امام جي پويان اقتدار ڪرڻ بابت آهي.

(٣) **الاجازة الطريقة النقشبندية** هي ننڍڙو رسالو عربي ۾ فل اسڪيپ سائيز جي ڇهن صفحن ۾ ڦهليل آهي، جنهن ۾ مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي پنهنجي هڪ مريد ۽ خليفي سيد قاسم بن سيد محمد اسڪافي کي طريقه نقشبنديه جي اجازت عطا ڪئي آهي. هن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته، مخدوم صاحب جو باطني فيض نه رڳو سنڌ ۾ ڦهليل هو، پر ٻاهر به پکڙيل هو، ڇو ته هي سيد صاحب عرب ٿو معلوم ٿئي. هن رسالي ۾ مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي ٻڌايو آهي ته کيس باطني فيض ۽ خلافت شيخ الحاج محمد صفي الله کان مليا ۽ شيخ صفي الله سرهندي لاءِ لکي ٿو ته کيس بيت الله ۾ حق تعاليٰ طرفان آدم صفي الله جو خطاب مليو ۽ کين پنجن طريقن سان نسبت هئي: نقشبنديه، قادريه، سهرورديه، ڪبرويه ۽ چشتيه (١). خواجه صفي الله کي سندس والد خواجه غلام محمد کان فيض مليو. ان کي قطبِ وقت خواجه محمد اسماعيل کان ۽ ان کي سندس پيءُ شيخ خواجه محمد صبغة الله کان ۽ ان پنهنجي والد امام محمد معصوم کان خرقو حاصل ڪيو ۽ ان پنهنجي والد مجدد الف ثاني امام رباني شيخ احمد سرهندي کان فيض پرايو (٢). آخر ۾ ذڪر جا طريقا بيان ٿيل آهن ۽ هن

(١) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، الرحيم مشاهير سنڌ، ص ٢١
(٢) ايضاً

سلسلي ۾ پنهنجي خليفي کي ڪي هدايتون به ڪيون اٿس. هن رسالي جي آخر ۾ اها مناجات به ڏنل آهي، جيڪا مخدوم ابراهيم صاحب روضه نبوي جي آڏو پڙهي.

(۳) **توثيق الاسباق في مسالة الصداق (عربي)** هي رسالو پڻ مدينه منوره ۾ لکيائين ۽ اتي سنه ۱۲۱۱ هجري ۾ رمضان جي پوئين ڏهي ۾ اعتڪاف اندر ويٺو هو، جو وٽس خليفي محمد بن علي الرزافي (هي به عرب آهي) وٽان نڪاح ۾ مهر بابت سوال پڇيو، جنهن جي جواب ۾ هي رسالو فل اسڪيپ سائيز جي ۱۳ صفحن تي ڦهليل عربي ۾ لکيائين. رسالي تي اهو نالو به تاريخي آهي جو ابجد موافق نالي مان تاليف جو سن نڪري ٿو.

(۴) **"دماج المغنم" (عربي):** هي رسالو فل اسڪيپ سائيز جي ۹ صفحن تي ڦهليل آهي، جنهن ۾ ڪانئس پڇيل هڪ سوال جو جواب ڏنو اٿس. سوال هي آهي ته ڪوسا بلوچ ۽ انهن جا حمايتي جوڌپور ۽ ان جي آسپاس حملا ڪندا رهندا آهن. اتي ماڻهن کي ماريندا آهن، انهن جي عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪري زوري کڻي ويندا آهن. ڇا ائين ڪرڻ کين مباح آهي ۽ اهي عورتون سندن ٻانهيون ٿي سگهن ٿيون؟ ۽ ڦريل مال غنيمت ڳڻبو؟

مخدوم صاحب هن جو جواب "ها" ۾ ڏنو آهي ۽ انهن رياستن کي دارالحرب سڏيو آهي ۽ ان لاءِ دلائل پيش ڪيا اٿس. هن مسئلي ۾ ان وقت جو هڪ ٻيو وڏو عالم مخدوم محمد عثمان مٽياريءَ وارو، مخدوم ابراهيم ٺٽوي جي خلاف راءِ رکي ٿو ۽ انهي ڦرلٽ کي ناجائز سڏي ٿو، هن بابت ٻنهي عالمن جو هڪٻئي سان تحريري مناظرو به رهيو آهي، رسالي جي آخر ۾ مخدوم ابراهيم ٺٽوي هڪ عربي قصيده لکي، مخدوم محمد عثمان مٽياريءَ واري تي ديني حميت جي جوش ۾ ڏاڍا نازيبا حملا ڪيا آهن.

(۵) هي رسالو **"اعداد ازواج"** بابت لکيو اٿس ۽ چئن کان مٿي زالن رکڻ کي حرام ۽ ناجائز ثابت ڪيو اٿس. هي رسالو

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي ايڊٽ ڪيل ”المتانة في مرمة المتانة“ (فتاويٰ بوبڪائي) جي حاشيه تي ڇپجي ويو آهي.

(٦) الجفر الجعفري. هي عربي ۾ ننڍڙو رسالو علم جفر تي لکيل آهي.

## مولانا عبدالڪريم گنجه جو قلعي ۾ مدرسو

مولانا عبدالڪريم قلعي جو وينل هو ۽ قوم جو گنجو هو. ميان صاحب محمد ڪامل ڪتياري جو مريد هو. خبر ناهي ته ڪٿي تعليم ورتائين. مولانا محمد حيات بن محمد ڪامل ڪتياري ننڍپڻ ۾ فارسي جا ڪتاب ڪانئس پڙهيو هو. مولانا صاحب اهل دل هو ۽ کيس مڪاشفه جي ڏاڍي قوت هئي. قلعي جي ڳوٺ ۾ سندس قائم ڪيل مدرسي ۾ قرآن شريف جي قرائت، حديث ۽ فقه جي تعليم ڏني ويندي هئي. درس تدريس جو دور ختم ٿيڻ کان پوءِ پنهنجن شاگردن ۽ عام ماڻهن کي دين اسلام جي تبليغ ۽ مختلف موضوعن تي وعظ ڪندو هو. مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي، مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد عثمان مٽيارن وارن جو معاصر هو. ١٢٣٠هه کان اڳ وفات ڪيائين(١).

## قاضي احمد علي سنڌي جي مٽڻ ڪوٽ واري درسگاهه

قاضي احمد علي بن محمد عاقل بن محمد شريف بن محمد يعقوب سنڌي چشتي مشائخن جو هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس ولادت، تعليم ۽ تربيت مٽڻ ڪوٽ ۾ ٿي. شريعت پنهنجي والد بزرگوار وٽ ۽ طريقت پنهنجي والد جي مرشد شيخ نورمحمد بن بندال چشتي کان پرايائين. والد جي وفات بعد مسند ارشاد تي ويٺو ۽ سلوڪ سان گڏ تعليم جو ڪم به جاري رکيائين. وٽانئس سوين شاگرد علم جو فيض حاصل ڪري ويا. هر جمعي تي مٽڻ ڪوٽ جي جامع مسجد ۾ وعظ ڪندو هو.

(١) اهو احوال ”عمدة الاثار في تذڪار اخبار الڪبار“ مان مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي معلوم ڪيو ۽ وفات جو سال به اندازي سان لکيو ويو آهي.

شعبان ١٢٣١ هه ۾ وفات ڪيائين. هي احوال "مناقب فريديه" ۾ آيل آهي(١).

## قاضي محمد عاقل سنڌي ۽ سندس درسگاهه

قاضي محمد عاقل سنڌي، قاضي احمد علي سنڌي جو پاٽ هو. ڳوٺ منڌ ڪوٽ ۾ ڄائو هو. فن قرائت ۾ ابتدائي درس پنهنجي والد بزرگوار محمد شريف کان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ شيخ نورمحمد چشتي جي صحبت ۾ رهي کانئس طريقت جو علم ورتائين. هيءُ ڀلارو عالم بزرگ وڏو محنتي عبادت گذار، ٨ رجب ١٢٢٠هه ۾ وفات ڪري ويو(٢).

## خواجه قاضي احمد دمائي نقشبندي

نوابشاهه ضلعي جي سڪرنڊ شهر کان اتر ۾ "قاضي احمد" نالي هڪ شهر آهي، جيڪو ٻارهين صدي هجري ۾ خواجه قاضي احمد نقشبندي بزرگ آباد ڪرايو هو. هن بزرگ جي ولادت ١١١٧هه، ڏاري سيوهڻ جي ويجهو احمدين جي ڳوٺ ۾ ٿي. سندس والد جو نالو خواجه محمد صديق هو، ذات جو ڪوريجو هو. پاڻ وڏو عالم ۽ قادري سلسلي جو بزرگ هو. ديني علم جي تحصيل کان پوءِ قضا جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ "قاضي" جي لقب سان سڏجڻ لڳو. سنت ڏي پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي، درياءَ ٿڀي "دم ڳوٺ" ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ اتي ئي هڪ عاليشان درسگاهه قائم ڪري درس تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. دم ڳوٺ ۾ رهڻ ڪري "قاضي احمد دمائي" جي نالي سان مشهور ٿيو.

وڏن جي قادري طريقي هجڻ ڪري اوائل ۾ پاڻ به قادري طريقي جو هو(٣)، پر جڏهن حرمين شريفين وڃڻ لاءِ آسهيو، تڏهن ڪڇ ڀڄ ڏانهن ويندي، واٽ تي لواري شريف وٽان سندس

(١) نزهةالخواطر، جلد ستون، ص ٢٥٠

(٢) ايضاً.

(٣) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، الرحيم، تذڪره مشاهير سنڌ، ص ١٧٢

گذر ٿيو، اتي خواجه محمد زمان رحه جي صحبت جو اهڙو اثر ٿيس جو سندس بيعت وٺي نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿي ويو. سندس چوڻ آهي ته حضرت قبله گاهه مون کي هر روز ٽي دفعا صبح، ٻنپهرن ۽ شام جو خاص توجه سان نوازيو ۽ ٽن ڏينهن ۾ مون کي ڪامل ڪري فرمايائون ته هاڻي توهين حج تي وڃي سگهو ٿا.

حج تي پهچڻ کان پوءِ يمن جو هڪ مشهور بزرگ شيخ المشائخ حضرت محمد علي وستار قدس سره وڏي انبوه سان مسجد ۾ آيو. سڀ ماڻهو سندس استقبال لاءِ اٿي کڙا ٿيا پر اسان کي نه اٿڻ جو اشارو ڪيائين ۽ اچي پير ۾ ويٺو. نماز بعد اسان جي قيام گاه تي اچي نقشبندي طريقي ۾ داخل ٿيو. وري انهيءَ بزرگ کيس قادري سلسلي جو توجه ڏيئي ارشاد جي اجازت ڏني. وطن پهچڻ شرط اول پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ پهتو، اتان دعا گهري اجازت وٺي ”دم شريف“ ۾ آيو، جتي ڪجهه وقت قيام ڪري، جدا ڳوٺ ٻڌايائين، جيڪو هاڻي سندس نالي پٺيان ”قاضي احمد“ سڏجي ٿو. سندس درسگاهه واري خانقاهه ”ميل شريف“ جي نالي سان مشهور ٿي، ڇاڪاڻ ته دم شريف مان لڏڻ بعد ميل هٽائي پوءِ اچي ديرو دمايو هئائين.

سندس صحبت مان ڪئين عامل ۽ اولياء پيدا ٿيا، جن مان مخدوم عبدالوالي ديري وارو، ميان نور شاهه ڪنڊائي ڪاهي ڪنڊين (تعلقو نوشهرو فيروز) وارو، ميان عبدالڪريم ٻنگاري شريف وارو ۽ سيد حسين شاهه رتڙچنڙ (پنجاب) وارو، تمام مشهور ٿي گذريا. ”رتڙچنڙ“ امرتسر جي پرڳڻي هڪ شهر آهي، اتان جي درگاهه لواري شريف وانگر مڪان شريف جي نالي سان مشهور آهي، جتان سڄي هندستان ۾ ڪئين خانقاهون ڦٽي نڪتيون جي اڄ به فيض ڏيندڙ آهن. خود خواجه قاضي احمد رحه جي اولاد مان ان درگاه جا مسند نشين ٿيندا آيا آهن.

خواجه سلطان الاولياء محمد زمان جي حياتي ۾ ٿوڙي سندس پٽ خواجه گل محمد جي حاضري ۾ قاضي احمد دمائي ويندو

رهندو هو. ان بعد خواجه محمد زمان ثاني جي جواني تائين زنده رهيو. آخر هڪ سو سالن کان به وڌيڪ ڄمار ۾ ١٦ ذوالقعد سنه ١٢٣٣ هه/١٨١٧ع ۾ وفات ڪيائين.

## حافظ محمد حيات

حافظ محمد حيات، ميان محمد ڪامل ڪتباري جو وڏو پاءُ هو؛ قرآن پاڪ جو حافظ ۽ وڏو پرهيزگار شخص هو. سدائين منهن ڍڪي هلندو هو؛ ساري عمر شادي نه ڪيائين ۽ هميشه عبادت ۾ گذاريندو هو، گهوٽڪيءَ ۾ وفات ڪيائين ۽ موسيٰ شاه جي خانقاه ۾ دفنايل آهي. ١٢٣٩ هه کان اڳ گذاري ويو.

## مولوي سيد رستم علي بکري رامپوري

سنڌ کان ٻاهر جن بزرگن ناموري جي زندگي ۽ شهرت حاصل ڪئي تن مان هڪ مولوي سيد رستم علي بکري به آهي. سندس سلسله نسب هن ريت آهي: رستم علي بن سيد اسماعيل بن محمد اسحاق بن مير محمد يوسف بکري، جنهن جو سلسلو امام علي نقي رضه سان وڃي ملي ٿو.

مولانا محمد اسحاق بکر جي وڏن بزرگن مان هو. عالي واهڻ (هاڻي تعلقو روهڙي) جو سمورو علائقو قريباً هڪ لک جريب سندن خاندان جي جاگير ۾ هو. سندس فرزند سيد اسماعيل سنڌ ڇڏي وڃي الله آباد (يو- پي) ۾ آباد ٿيو ۽ اتي هڪ قصبي ”ڪوڙا جهان آباد“ ۾ سيد حاتم علي جي دختر بيبي نور سان شادي ڪيائين جنهن مان مولوي رستم علي پيدا ٿيو.

اله آباد جو مغل گورنر شاه عالي گوهر، سيد اسماعيل جو ڏاڍو معتقد هوندو هو. هڪ دفعي شاه عالي گوهر، سيد اسماعيل کي پاڻ سان گڏ دهلي وٺي ويو، ان وقت مولوي رستم علي علم جي طلب لاءِ فرخ آباد روانو ٿي ويو ۽ ان بعد وڌيڪ تحصيل لاءِ رامپور ڏانهن پئي آيو ته واٽ تي پنهنجي والد سيد اسماعيل جي وفات جو ٻڌائين، جنهن

کري ڳڙهه مڪتيسر ۾ خواجه گنج بخش جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو.

مولوي رستم علي جي طالب علمي واري زماني ۾ رامپور جو نواب سيد فيض الله خان (١١٨٨-١٢٠٨ هه) هو. رامپور ۾ مولوي نور عالم ۽ مولوي امام بخش کان گهڻائي ڪتاب پڙهيائين. منطق ۽ فلسفي جا ڪتاب مولانا بحرالعلوم وٽان تحصيل ڪيائين. سيد جمال الدين (شاگرد شاه ولي الله دهلوي) نه فقط سندس دستار بندي ۾ پڳ جو ڦريون پيچ ڏنو، پر پنهنجي صاحبزادي سان به شادي ڪرايائينس.

سيد رستم علي بکري هميشه لاءِ رامپور رهجي ويو ۽ سندن ڏانهن نه موٽي سگهيو. سموري زندگي ڪنهن امير جي دروازي تي نه ويو. نواب فيض الله خان والي رامپور پاران ڪجهه وظيفو ملندو هوس ۽ ان تي ئي گذران ڪندو رهندو هو. سندس تصنيفات مان حاشيه مير زاهد (منطق)، حاشيه صدرا (فلسفه) ۽ تقارير سمح (جو مولوي اسماعيل لندني جي جواب ۾ لکيل) مشهور آهن.

سندس هڪ خليفي ۽ شاگرد مولوي حفظ الله بزرگن جي حالات ۾ هڪ ڪتاب ”بيت المعرفته“ لکيو پئي ته ان کي پنهنجي احوال لکڻ جي اجازت نه ڏنائين. توڪل ايڏو هو جو نواب نصرالله خان (نواب فيض الله خان والي رامپور جو نائب) به سندون جاگيرن جون لکائي کيس موڪلي ڏنيون، مگر پنهنجي نالي واري سند واپس ڪري ڇڏيائين، باقي سندس وڏي فرزند مولوي عبدالعلي خان پنهنجي نالي واري سند رکي ڇڏي جا اڄ تائين انهيءَ خاندان ۾ موجود آهي.

سندس سهرو ۽ استاد مولانا جمال الدين چشتي طريقي جو بزرگ هو، جيڪو هميشه پنهنجي مرشد شاه فخرالدين دهلوي جو پارهو ڪندو هو، جنهن ۾ قوالي به ٿيندي هئي. هڪ دفعو مولوي رستم علي کان پارهي جي مجلس لاءِ مڪان گهريائين، پر قوالي ٿيڻ ڪري جاءِ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. مولوي رستم علي ١٢٤٠ هه ۾ وفات ڪئي ۽ رامپور ۾ مدفون آهي.

## حافظ عبدالوهاب فاروقي عرف سچل سرمست جي درسگاه

٩٣ هه ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ تي ڪاهه وقت شيخ شهاب الدين فاروقي به ساڻس شريڪ هو، ۽ سيوستان جي فتح کان پوءِ کيس سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. شيخ شهاب الدين فاروقي ٩- محرم ٩٥ هه ۾ فوت ٿيو ۽ سيوهڻ ۾ مدفون آهي. ان کان پوءِ شيخ محمد فاروقي سندس جانشين حاڪم مقرر ٿيو هو به ٧- رجب ١٢٤ هه ۾ فوت ٿيو ۽ سيوهڻ ۾ دفن آهي. ان بعد سندس فرزند شيخ اسحاق فاروقي سندس جانشين ٿيو. جنهن ٣٠- جمادي الثاني ١٩٣ هه ۾ وفات ڪئي، ۽ سندس پٽ شيخ محمد فاروقي جانشين ٿيو. ان کان پوءِ جڏهن سلطان محمود غزنوي سنڌ هٿ ڪئي، ته هن شيخ محمد فاروقي کي جاگير طور ساليانو پگهار مقرر ڪري ڏنو. شيخ محمد فاروقي ٢٢١ هه ۾ فوت ٿيو، جنهن جي اولاد مان مخدوم وحيد الدين بن عبدالعزيز بن محمود ابوالفتح فاروقي ڏالي وارا ٿيا، ۽ آهي مڙيئي سيوهڻ ۾ رهندا هئا.

مخدوم نورالدين کي چار پٽ ابوسعيد، بدرالدين، رڪن الدين ۽ ضياء الدين هئا، جن مان ابوسعيد ۽ بدرالدين سيوهڻ مان لڏي گاگڙي پرڳڻي (اڄڪي گاگن) ۾ اچي رهيا. ٦٦٥ هه ۾ اهي ٻئي ڀائر مخدوم جممار جا مريد ٿيا، جيڪو مخدوم بهاءالدين زڪريا ملتاني جو مريد، خليفو ۽ صاحب ولايت هو. ٻئي ڀائر زهد، عبادت، تقويٰ، اطاعت، رياضت ۽ ديني علوم جا پروانا ٿي گذريا آهن.

مخدوم ابوسعيد جا پويان موسيجيءَ کان لڏي اچي رانيپور شهر ۾ رهيا، جن مان قاضي مخدوم محمد شريف هڪ محدث ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سچل سائين جو ڏاڏو ميان محمد حافظ عرف صاحبڏنو (١١٠١-١١٩٢ هه) ڪلهوڙن حاڪمن طرفان وڏي عهدي تي فائز هو. ميان صاحبڏنو، شيخ عبدالله جيلاني جو پڙ ڏاڏو هو ۽ پنهنجي ٻن ڀائرن شيخ ڪليم الله ۽ شيخ عبدالملڪ

سان گڏ سنڌ ۾ آيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو ڏاڏو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو شيخ ڪليم الله جو مريد ٿيو ۽ شاهه عنايت الله صوفي جهوڪ وارو شيخ عبدالملڪ جو مريد ٿيو هو(١).

ميان صاحبڏني کي به پٽ هئا: وڏو ميان صلاح الدين جيڪو سچل سائين جو والد هو، پر سندس ننڍو پٽ عبدالحق، ميان صاحبڏني کان پوءِ گاديءَ تي ويٺو. صحيح متواتر ۾ روايت آهي ته شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جڏهن پهي ڀيري درازشريف ۾ آيو ته گادي نشين ميان عبدالحق پنهنجي صغير ڀائٽي سچل سائين کي ڀٽائي صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪري دعا طلب ٿيو، ته فرمايائون ته "اسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي، ان جو ڍڪڻ هي نينگر لاهيندو".

سچل سائين ١١٥٢ هه/١٧٣٩ع جي ڳوٺ درازشريف ۾ ڄائو هو. ميان صلاح الدين جي وفات بعد هي پنهنجي چاچي خواجه عبدالحق جي سرپرستيءَ هيٺ رهيو. حافظ عبدالله قريشي وٽ ننڍي عمر ۾ ئي قرآن شريف حفظ ڪيائين. ان بعد سندس چاچي عبدالحق پاڻ فارسي پڙهائي ۽ علوم عربيه متداوله جي تحصيل سان گڏ تصوف ۽ معرفت جي تڪميل ڪرائي، خلافت جو خرقو ڍڪائي، سرفراز ڪيائينس. انهيءَ ڪري ڪيس "خليفو سچل" ڪوٺيندا هئا. سچل سائين کي فريدالدين "عطار"، شمس تبريزي، بايزيد بسطامي، منصور وغيره سان غائبانه عقيدت ۽ محبت هئي تنهنڪري ڪين پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترا ئي دفعا محبت وچان ياد ڪيو اٿس. جوانيءَ ۾ پابنديءَ سان پنج وقت نماز پڙهندو هو ۽ ورد وظائف ۾ مشغول رهندو هو، پر جڏهن پنجاهه سالن جي ڄمار کي پهتو ته پوءِ موج ۽ مستي جي حالت ۾ بيخود ٿيو پيو هوندو هو. پنهنجي نفس تي اهڙو قابض هو، جو آخر عمر تائين شريعت جي خلاف ڪڏهن به پير نه ڪنيائين.

(١) سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٩، ص ٤.

سچل سرمست رڳو هڪ اڌ دفعو سکر، روهڙي، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي تائين سفر ڪيو هو. روهڙي ۾ ميان قادربخش "بيدل" سان رهاڻ ڪيائين، جيڪو سندس معتقد هو. سکر ۽ شڪارپور ۾ پڻ سندس ڪيترا ئي طالب ٿيا هئا. لاڙڪاڻي ۾ عثمان فقير چاڪيءَ کي فيض رسايو هئائين، ۽ ميان محمد صالح سندس طالب ٿيو جنهن کي فقيريءَ جي امانت بخشيائين. يوسف فقير "نانڪ اگڙن وارو، يعقوب فقير ۽ سيد ميان خيرشاهه رتي ديري وارو، جانو فقير حلاج (پچارو) شڪارپوري، سيد ميان دين محمد شاهه ۽ سيد ميان پير شاهه، حيدر شاهه، سيد ميان حسن، شيرخان فقير پنيرو، شيرعلي فقير ۽ محمد صديق فقير وينل ڳوٺ فتي، محمد صلاح پيودوٽي تعلقي خيرپور وارو ۽ گهرام فقير جتوئي اهي مڙيئي باخدا درويش ۽ شاعر سندس طالب هئا، ١٤ رمضان ١٢٤٢هه ۾ وفات ڪيائين ۽ درازا شريف ۾ مدفون آهي.

سچل سرمست جو سرائڪي رسالو، ديوان آشڪار، سوز نامه، گداز نامه، عشق نامه سندس ڪلام جا مجموعا آهن. سچل سائين جذب الي الله کان عروج جي حالت ۾ بي ساخته منصور، عطار ۽ تبريزي وانگر شطحيات ڪلام به چئي ويندو هو، جن کي ٻڌي ڪن علماء دين ۽ قاضيان شرح متين سندس خلاف ڪفر جون فتوائون به صادر ڪيون. عبدالوهاب فاروقي عرف سچل سرمست جي سموري تصنيفات سوز، گداز، درد، غم سان پريل آهي، ۽ اها به حقيقت آهي ته سچل سائين پنهنجي ڪلامن جا ڪي بياض پاڻيءَ ۾ لوڙهي ضايع ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڪجهه روبرو ساڙائي ڇڏيا هئا ۽ انهيءَ وقت طالبن کي چيو هئائين ته "متان منهنجي اهڙن ڪلامن جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ماڻهو شريعت جي واٽ کان ڀلجي گمراهه ٿين."

## شاهه عبدالرحمان سنڌي لکنوي

هن بزرگ جو نالو هندستان جي مشهور مشائخن ۾ شمار

رهيو. ٦ ذوالقعد ١٢٤٥ هه تي وفات ڪيائين. ڪيس مسجد جي سامهون دفنايو ويو(١).

هي بزرگ نرالي طبيعت جو مالڪ هو. مسجد جي اڳڻ ۾ ساز سرود تي راڳ ٻڌندو هو ۽ عالمن جي شديد روڪ هوندي به وجد ڪندو هو. سيدن ۽ عالمن جي بي انتها عزت ڪندو هو. شهداء ڪربلا جي تعزين (تابوتن) جي تعظيم جو قائل هو. توحيد جي سلسلي ۾ سندس خيالات، اڳين عالمن جي تحقيق جي سراسر خلاف آهن. ان بابت سندس تصنيفون آهن: مفتاح التوحيد، جهد العقل، ڪلمة الحق ۽ سرة الانسان (٢).

"ڪلمة لحق" (تصنيف ١٢٣٥هه) عربي ۾ آهي ۽ اردو ترجمي سان لاهور مان ڇپيل آهي. شيخ عبدالحڪيم لاهوري هڪ رسالي ۾ سندس توحيد واري فڪر تي رد لکيو آهي ۽ متس ڪفر جي فتوي ڏني آهي. شاهه اسماعيل شهيد ابن شيخ عبدالغني دهلوي هنن ٻنهي عالمن جي وچ ۾ فيصلو ڀڻي ڪيو آهي. حضرت شاهه عبدالعزيز بن شاهه ولي الله رحه محدث دهلوي ٻڻ هن سنڌي عالم جي رد ۾ رسالو لکيو آهي (٣). "ڪلمة الحق" جي هڪ اقتباس جو اردو ترجمو "وحدت الوجود" جي نالي سان "الله والي ڪي قومي دڪان" وارن لاهور مان ١٣٣٩هه ۾ ڇپايو

(١) مولانا عبدالرحمان سنڌي جو سنه وفات، مخدوم محمد خصلت حسين صابري جي مضمون (ماهنامه "تاج" جون ١٩٦٠ع "الله والي ڪي دڪان" وارن طرفان ڇپايل) "وحدت الوجود" ۽ انيس الرحمان کان ملندڙ معلومات جي بنا تي لکيو ويو. پر ان سموري معلومات ۾ مولانا صاحب جو سنڌ وارو اصل ڳوٺ صاف طرح سان ڄاڻايل ڪونهي. مولانا غلام مصطفي قاسمي جي تحقيق موجب مولانا صاحب جو اصل ڳوٺ تعلقي ڀڻي عاقل ۾ مخدومن جو ڪوٽ يا ڳوٺ هو، جيڪو هينئر به موجود آهي ۽ ان ۾ مخدومن جا پونير رهن ٿا. (الرحيم، ص ٤٧)

(٢) سره الانسان قلمي حالت ۾ سندس درگاه تي موجود آهي.

(٣) نزهة الخواطر، جلد ستون، ص ص ٤٦-٥١

هو. هن ترجمي جا ٻه حصا مولوي حافظ غياث‌الدين صاحب جا ۽ هڪ حصو عرفان احمد انصاري جو ترجمو ڪيل آهي، جيڪو مولانا عبدالرحمان صاحب جي سلسلي جو مريد هو. هن ڪتاب ۾ وحدت‌الوجود کي فلسفيانه نوع ۾ سمجهايو ويو آهي. ڪلمي جي معنيٰ تي به وڏو بحث آهي ۽ اڳين عالمن جي ڪيل معنيٰ تي سخت تنقيد آهي. ان وقت جي عالمن ۾ هن ڪتاب تي وڏو چوٻول پيدا ٿيو هو.

## ڪنڀارن جي درسگاهه

هن درسگاهه جو باني ميان محمد ڪامل بن محمد چام بن سليمان بن محمد چام بن لعلو هو. ميان محمد ڪامل (ولادت ١١٥٠ هه / ١٧٣٧ع وفات ١٢٣٩ هه / ١٨٢٤ع) جو وڏو ڏاڏو بزرگ لعلو هو، جنهن کي ست پٽ هئا، انهيءَ ڪري سندس اولاد کي ڪي لعلو پوٽا سڏيو وڃي ٿو. اهي اصل ۾ ابڙن جي 'وڏن' قوم مان 'گهوٽ' پاڙي مان آهن. ڄامن جي سنڌ تي حڪومت رهي، جيڪا سبي تائين ڦهليل هئي. وڏن جو وڏو زور ۽ غلبو موري تي هو، پر انهن مان ڪي "ڇتر" ۽ "لهڙي" ۾ رهندا هئا. جيئن ته اڄ به گنجابه ۽ فتح پور جي وچهو 'پنگرودهه' ۾ سندن اهڃاڻ موجود آهن. پنگرودهه سندن سردار هو.

وڏن جو هڪ وڏو مالدار سوداگر ڪوٽ ماڻيلي ۾ واپار جي سانگي ويندو هو، جيڪو هندو راجا جي هٿ هيٺ هو. هڪ لڳا انهي راجا ۽ وڏو مالدار شرط هڻي شطرنج کيڏڻ لڳا ته جيڪو هارائيندو سو ٻئي کي سڱ ڏيندو. نيٺ راجا هارايو ۽ سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. انهي تي سوداگر اچي پنهنجن وڏن کي آگاه ڪيو، جيڪي وڏو لشڪر وٺي ماڻيلي تي ڪاهي آيا. ڪيڏ جي لڙائي ۾ راجا مارجي ويو ۽ وڏن راجا جي مال خزاني تي قبضو ڪري، سندس ڌيءَ جي شادي سوداگر سان ڪرائي. اڄ ڏينهن تائين اتي وڏن جي زميينداري آهي ۽ گهوٽڪي

جو شهر به سندن ئي نالي تي سڏجي ٿو. ميان محمد ڪامل به انهي قوم مان آهي. ميان محمد ڪامل جو چاچو مولانا محمد شريف گهوٽڪي وارن جيلاني سيدن مان محمد صالح شاهه جو چاچو چيو وڃي ٿو. (١)

## مولانا عبدالغني ڪڏهري

مولانا عبدالغني ڪيريو، ڳوٺ ڪڏهر تعلقي نواب شاهه جو ويٺل هو. پنهنجي پوري تعليم مٽيارن ۾ مخدوم عبدالڪريم وٽ حاصل ڪيائين ۽ مخدوم محمد يوسف ڪنياري واري جو معاصر چيو وڃي ٿو. ڪڏهر ۾ هڪ درسگاهه قائم ڪيائين، جنهن ۾ اوسي پاسي جا شاگرد ديني تعليم حاصل ڪندا هئا. سندس تصنيفات مان ”درالمختار“ جو هڪ قلمي نسخو قاضي فتح الرسول صاحب نظاماڻي (ٽنڊو قيصر) جي عنايت سان مولانا قاسمي جي نظر مان گذريو. ڪتاب جي پهرئين ورق تي مولانا عبدالغني جي ١٢٦٥هه جي مهر آهي. شروع وارن ورقن واري تحرير ۾ مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي کي جيتوڻيڪ استاذ الڪل في الڪل سڏي ٿو، پر تڏهن به ڪجهه چوٽ ڪري ويو آهي. جنهن جو خليفي محي الدين سيوهاڻي جواب ڏنو ۽ وري جواب الجواب مولانا عبدالغني ڪڏهري جو به موجود آهي. مولانا ڪڏهري جي تحرير تي مولانا محمد سيوهاڻي جي تقريظ مهر سان موجود آهي.

مولانا عبدالغني ڪڏهري جا ڪي رسالا ۽ تحريرون سندس پوٽي مولانا عبدالله صاحب ڪڏهر وارن وٽ موجود هيون، ليڪن ڏهاڪو سال اڳ مولانا عبدالله صاحب وفات ڪري ويو.

## مولانا قاضي محمد ابراهيم ميرپوري جي درسگاهه

مولانا قاضي محمد ابراهيم، ميرپور رياست قلات جو مشهور قاضي هو. سندس خاندان اصل ۾ عراق کان هت آيو هو. شيخ

(١) مولانا محمد شريف ۽ محمد ڪامل جي پاءُ حافظ محمد حيات جون قبرون موسيٰ شاهه جي خانقاهه جي اتر ۽ اوير واري ڪنڊ ۾ آهن.

احمد شافعي عراق جي شهر "زبيد" جو ويٺل هو. فقهي مذاهب ۾ شافعي المذهب هو ۽ اعتقاد ۾ امام ابو الحسن اشعري جو پوئلڳ هو. مير نصير خان بروهي جو وڏو ڏاڏو مير عبدالله خان کيس عراق مان سنڌ ۾ وٺي آيو ۽ کيس قلات جو قاضي مقرر ڪيو، اهو زمانو ۹۹۶ ھ جو هو. مولانا قاضي محمد ابراهيم به هن ئي بزرگ جي اولاد مان آهي. قاضي محمد ابراهيم خود ڪنهن کان علم پرايو، ان بابت ڪجهه معلوم نه ٿي سگهيو آهي، ليڪن سنڌ جو مشهور استاد مولانا عبدالحليم ڪنڊوي سندس اوائلي شاگردن مان آهي.

مولانا قاضي محمد ابراهيم ميرپوري جي اولاد مان به عالم ۽ فاضل ٿيندا آيا آهن. اهو خاندان اڳتي هلي شهدادڪوٽ ۽ ان جي آسپاس ڳوٺ ڪارڙن ۾ اچي رهيو. هن وقت هن خاندان اندر مولانا قاضي حڪيم محمد ابراهيم ثاني هڪ وڏو عالم، فقيه ۽ شاعر آهي. قاضي محمد ابراهيم جي تاريخ وفات صحيح طور معلوم نه ٿي سگهي آهي، پر خانداني روايتن موجب ۱۲۵۰ ھ کان پوءِ وفات ڪيائين. (۱)

## مولانا محمد علي سنڌي جو مڪتب جو مدرسو

مولانا محمدعلي سنڌي "مولوي" جو بيان نواب سيد صديق حسن خان فارسي شاعرن جي تذڪري "روز روشن" ۾ ڪيو آهي، جنهن موجب ابتدائي تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪري، پوءِ پشاور، لاهور ۽ دهلي ۾ تحصيل علم لاءِ سفر ڪندو رهيو. تنهن کان پوءِ پنجاب جي مشهور بزرگ علامه خواجه محمد حسن سليمان تونسوي جي بيعت ڪري تصوف جو خرقو خلافت ڏيکيائين، ۽ مرشد جي ئي حڪم موجب سنڌو ندي جي ڪناري تي مڪتب نالي هڪ ڳوٺ ۾ ظاهري ۽ باطني تعليم ڏيڻ ۾ مشغول ٿيو.

(۱) اهو احوال مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي کي پنهنجي بزرگ دوست مولانا حڪيم قاضي محمد ابراهيم ڪارڙويءَ کان مليو.

هن بزرگ جي پرهيزگاري جو ڪمال هو جو ۳۶ سال لڳو لڳ عشاء جي وضو سان صبح جي نماز ادا ڪيائين. مڪي ۾ ڏي ۲۹ رمضان ۱۲۵۳ھ/۱۸۳۷ع ۾ وفات ڪيائين. سندس تصنيفات مان فقط هڪ ديوان فارسي غزلن جو موجود آهي (۱).

## مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جي "ڪنڊي" واري درسگاهه

مولانا عبدالحليم، پاڳناڙي (بلوچستان) جي ڪنڊي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم ڪافيه تائين ميرپور (قلات) جي مشهور علامه قاضي محمد ابراهيم ميرپوري کان ورتائين. ان کان پوءِ قاضي صاحب کيس آريجا ڳوٺ (ضلعو لاڙڪاڻو) جي مشهور عالم مخدوم محمد آريجوي ڏانهن وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو. مولانا عبدالحليم جڏهن آريجن پهتو ته مخدوم محمد صاحب ڪافيه مان "غير منصرف للضرورة" وارو مقام پڇيو. تڏهن هن اهڙي تقرير ڪئي جو مخدوم صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس روئندي چيائين ته آءٌ پوڙهو ٿي چڪو آهيان، هاڻي پڙهائڻ جي طاقت نه رهي اٿم، نه ته توکي مان پاڻ پڙهايان ها. تنهنڪري توکي پنهنجي هڪ شاگرد سيد عاقل شاهه هالائي ڏانهن خط لکي ٿو ڏيان، ان وٽ وڃي پڙهه.

مولانا عبدالحليم خط کڻي هالائي وڃڻ وارو هو ته مخدوم محمد صاحب وفات ڪري ويو، ۽ مولانا عاقل شاهه، استاد جي تعزيت لاءِ آريجن آيو. اتي جڏهن استاد جو خط کيس ڏيکاريو ويو ته ڏاڍو گريه ڪيائين ۽ پوءِ ميان عبدالحليم ڪنڊوي کي پڙهائڻ لاءِ ساڻ وٺيو ويو. تحصيل بعد موٽي ڪنڊي ۾ آيو ۽ اتي درسگاهه جو بنياد وڌائين، ساڳئي وقت رياست طرفان پڻ اتي قاضي مقرر ٿيو. مولانا ڪنڊوي جي پهرين شاگردن مان خليفي محمد يعقوب همايوني جو نالو قابل ذڪر آهي ۽ سندس ٻيو شاگرد مولانا نور محمد شهدادڪوٽي آهي، جن کان سڄي سنڌ فيض پرايو. ان

(۱) الوحيد آزاد سنڌ نمبر، ۱۹۳۶ع.

لحاظ سان مولانا عبدالحليم صاحب ڪنڊوي سڄي سنڌ جو استاد ليکيو وڃي ٿو.

اڳتي هلي مولانا عبدالحليم سندس شاگرد خليفي محمد يعقوب همايوني سان گڏ ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ آباد ۾ اچي رهيو ۽ پوءِ همايون ڳوٺ ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪري عربي مدرسي جو بنياد وڌائون، جنهن ۾ استاد ۽ شاگرد گڏ پڙهائيندا هئا.

مولانا عبدالحليم صاحب ساري عمر مجرد رهيو، درس تدريس سندس مشغولي رهي، آخرڪار سنڌ ۾ پنهنجي شاگردن جو هڪ وسيع سلسلو ڇڏي، سنه ١٢٥٤ هه/١٨٣٨ع ۾ وفات ڪري ويو. هن وقت سنڌ ۾ جيڪي عربي مدرسا هلي رهيا آهن، اهي مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جي فيض جو اثر آهن. سندس قبر روهڙيءَ ۾ مختيارڪاري جي ويجهو هڪ ٽڪري تي آهي ۽ ڪيس مقامي ماڻهو 'پکي وارو پير' ڪري سڏيندا آهن.

## مولانا عبدالرؤف جي مراد ڳوٺ واري درسگاه

هن درسگاهه جو باني مولانا عبدالرؤف، ميان محمد ڪامل ڪٺباري جو ننڍو ڀاءُ هو. پنهنجي اصلي وطن مراد ڳوٺ ۾ (گهوٽڪي جي ويجهو) درسگاهه قائم ڪيائين، جنهن ۾ پنهنجي سر تعليم ڏيندو هو. انهي مشغولي سان گڏ ڪپڙو مال به رکندو هو ۽ زمين جي پيدائش به گهٽي هئي. مگر پيدائش مان پنهنجو گذران ڪيدي، باقي سموري مسڪينن ۽ محتاجن ۾ خرچ ڪندو هو. مولانا عبدالرؤف ڪٿي پڙهيو، ان جو پتو نٿو پوي، پر اندازو آهي ته پنهنجي ڀاءُ ميان محمد ڪامل سان گڏ گهوٽڪي ۾ جيلاني پيرن جي مدرسي ۾ خليفي صاحبڏني لنجار وٽ پڙهيو، جيڪو وري انهن ٻنهي ڀائرن جي چاچي مولانا محمد وٽ گهوٽڪي ۾ پڙهيو هو. مولانا عبدالرؤف ١٢٥٠هه ڌاري لا ولد وفات ڪئي، ۽ پنهنجي ڳوٺ جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

## خليفي محمود جي ڪڙيي واري درسگاهه

هي بزرگ، رئيس گهنور خان مبارڪاڻي نظاماڻي جو فرزند هو. سندس تولد ڪڙيي گهنور خان (تعلقو ٽنڊو محمد خان) ۾ ١١٨٩هه/١٧٧٤ع ۾ ٿيو. ننڍي هوندي ميان عبدالڪريم لڪڙي واري وٽ پڙهندو هو، پر پوءِ سندس والد پنهنجي ڳوٺ ۾ حافظ عثمان درويش کي مقرر ڪيو ته کيس پڙهائي. پاڻ خود چوي ٿو ته گلستان مان ٻن ٽن حڪايتن کان مٿي نه پڙهيس. ننڍي هوندي کان سندس طبيعت فقيرن جي صحبت ڏي مائل هئي. چوويهن سالن جي ڄمار ۾ (١٢١٣هه) پير صاحب روضي ڌڻي جي بيعت وٺي قادري سلسلي ۾ داخل ٿيو. آخر مرشد پنهنجي دستار ٻڌائي کيس خلافت ڏني ۽ تلقين ڪرڻ جي اجازت ڏني. سندس مريدن ۽ عقيدتمندن جو سلسلو گهڻو آهي. سنڌ، ڪڇ، ڪلڪتي، بمبئي ۽ آفريڪا ۾ سندس فيض يافته آهن. سندس هيٺيون تصنيفون موجود آهن:

مجمع الفيوضات: ١٢٤٣هه ۾ پنهنجي مرشد پير صاحب روضي ڌڻي جا ملفوظات گڏ ڪيا اٿس، جيڪي سورهن بابن تي مشتمل آهن ۽ ان ۾ هزار نقل آهن. سندس ٻي تصنيف "محبوبية المحموديه" آهي، جنهن ۾ سلسله قادريه جي ذڪرن ۽ شغلن جو بيان آهي. تصوف ۾ هي بي مثال ڪتاب آهي. سندس ٽي تصنيف رسالہ گلشن اولياء آهي، جنهن ۾ حديقة الاولياء کان پوءِ جي دور وارن مقامي اوليائن جو ذڪر آهي. اهو ١٢٨٥هه ۾ تصنيف ڪيائين. سندس چوٿين تاليف مڪاتيب آهن، جنهن ۾ پنهنجي مرشد جا خط گڏ ڪيا اٿس. انهن کان سواءِ تصوف ۾ سنڌي آزاد نظم ۾ به هڪڙو رسالو آهي. ١٢٤٨هه ۾ ڪڙيي گنهور ۾ هڪ مسجد تعمير ڪرايائين، جنهن ۾ قرآن شريف، فقه، حديث جي تعليم، وعظ ۽ نصيحت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائين ۽ ڪيترن طالبن ۽ عقيدتمندن تي فيض رسايائين.

خليفي محمود ٩ ربيع الاول ١٢٦٧هه/ ١٣ جنوري ١٨٥١ع تي سومر رات آسر جي وقت وفات ڪئي. سندس ٻه ملفوظات لکيون ويون، جن مان هڪڙي ١٣٤٤هه ۾ "سراج العاشقين" نالي محمد ملوڪ چانڊئي لکي ۽ ٻي "ڪنوز المعرفت" نالي خليفي گل محمد هالائي لکي.

## مخدوم عبدالڪريم ٺٽوي

مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم غلام حيدر ٺٽوي، پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ مدرس ٿي گذريو آهي. ٺٽي ۾ سندس وڏن جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ قرآن، حديث، فقه ۽ ٻين ديني علومن جو درس ڏيندو رهيو، جتان ڪيترا ئي طالب فارغ التحصيل ٿي نڪتا. انتهائي رياضت جي ڪري کيس "دائم الصوم" (هميشه روزا رکندڙ) سڏيو ويو.

مخدوم عبدالڪريم ٺٽوي جو گهڻو ميلان اورادن ڏانهن هو. قصيده برده گهڻو پڙهندو هو. روزانو پنج قصيده پڙهندو هو. بيماري جي حالت ۾ ٻه هڪ پيرو ضرور پڙهندو هو. خواجگان نقشبنديه جو ختم ڪبير ٻه روزانو پڙهندو هو. لا الـه الا انت سبحانڪ الخ کي پنج سؤ پيرا پڙهندو هو. پنڌرهن پارن جي لڳ ڀڳ سندس وظيفو هوندو هو. تهجد جي ٻهرين رڪعت ۾ سوره "يوسف" ۽ ٻيءَ ۾ سوره "ياسين" سندس معمول هوندو هو. پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ ڏهه سال برابر روزا رکندو رهيو (عيد جي ٻن ڏينهن ۽ ايام تشريق جي ٽن ڏينهن کان سواءِ).

مخدوم صاحب وڏو خوش خلق هو ۽ ماڻهن سان وڏي مروت سان هلندو هو. سندس ڪشف ۽ ڪرامتن جون اڪيچار خبرون آهن. تڪمله مقالات الشعراء جو مصنف سيد خليل سندس فرزند هو. ١٧ صفر ١٢٧٢هه/١٨٥٥ع ۾ وفات ڪيائين.(١)

(١) تحقيق پير سيد حسام الدين راشدي، تڪمله مقالات الشعراء.

## مفتي محمد صاحب پيرائي جي پير ڳوٺ ۾ درسگاهه

مفتي محمد صاحب ڳوٺ پير (تعلقو قنبر) جو مشهور عالم مفتي ۽ قاضي ٿي گذريو آهي. سندس والد مولانا عبدالله قريشي صديقي پڻ اهل دل عالم هو. مولانا عبدالله اصل رتي ديري تعلقي جو وينل هو. اتي گامڻ شاهه نالي وڏو بزرگ هو، مولانا عبدالله به ان جو معتقد هو. مولانا صاحب کي ستر ورهين جي ڄمار کان پوءِ اچي شادي جو خيال ٿيو، سو سيد گاهن شاهه کي عرض ڪيائين ته سموجي ڳوٺ ۾ هڪ نو مسلم جي ڌيءَ ويٺي آهي، تنهن سان شادي ڪرايو. اهو نو مسلم، سيد گاهن شاهه جو مريد ۽ معتقد هو، تنهن شاهه صاحب جي زور ڀرڻ تي پنهنجي نياڻي مولانا عبدالله کي ڏني، ۽ هو گهرواري تي اتي ئي ويهي رهيو. کيس ١١٥٨ھ/١٧٤٥ع ۾ فرزند تولد ٿيو، جنهن جو نالو محمد رکيو ويو. هيءُ ننڍڙو ٻالڪ اڃا ٻن سالن جو مس ٿيو ته مولانا عبدالله گذاري ويو ۽ هن ننڍڙي نينگر جي پرگهور ۽ تربيت جو سڄو بار سندس ماءُ ۽ مامي تي پيو. والده ٻيو نڪاح ڪيو ليڪن هن ئي نيڪ سيرت پٽ جي تربيت ڪندي رهي. ابتدائي تعليم کان پوءِ سندس مامو کيس استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪنڌوي جي خدمت ۾ روهڙي وٺي ويو. هن اتي نه رڳو ظاهري علم پرايو، پر باطني فيض به پرايائين. مولانا محمد، روهڙي مان فارغ ٿي پنهنجي ڳوٺ پهتو، ليڪن ڏڪار جي ڪري لڏي پلاڻي تعلقي قنبر ۾ اچي پير ڳوٺ ۾ رهيا. مخدوم محمد عاقل انهي وقت ۾ پير شهر ۾ آيو. مولانا محمد ٻين عام ماڻهن وانگر سائس ملڻ آيو ۽ اچي هيٺ ويهي رهيو، ڇو ته سندس علم جي اڃا شهرت عام نه ٿي هئي. مخدوم محمد عاقل هن کي ملا شڪل ڏسي کانئس ڪي سوال ڪيا، جن جا هن جواب باصواب ڏنا. پوءِ وري هن مخدوم صاحب کان هڪ علمي سوال ڪيو. مخدوم صاحب ان جو جواب ڏنو ته وري کانئس ٻيو سوال ڪيائين. ان سوال کي حل ڪرڻ لاءِ مخدوم صاحب کي ڪتاب ڏسڻو پيو ته وري ٽيون سوال به ٿيو، جنهن جي

جواب لاءِ مخدوم محمد عاقل چيو ته ڪتاب ڏسي پوءِ پڌ ڏيندا سون، جو ڪتاب هن مهل موجود ناهي. تنهن تي مولانا محمد فارسي بيت پڙهيو ته:

علم همان است ڪ در جلد خويش
علم همان نيست ڪ در جلد ميش

مخدوم صاحب اهو ٻڌي اٿيو ۽ مولانا محمد کي اٺاري ڪٽ تي ٻاڻ سان گڏ ويهارياءِين ۽ کيس پير جو قاضي مقرر ڪيائين. ان بعد ڏي مولانا محمد اسلام جي تعليم ۽ تبليغ کي فروغ ڏيڻ لاءِ پير جي ڳوٺ ۾ درسگاهه قائم ڪئي. جلد ئي سندس علمي خدمت جي ساک ڏورانهن هنڌن تائين پکڙجي ويئي، جنهنڪري سوين تعداد ۾ طالبعلم وٽس ڪهي آيا. مولانا محمد قضا ۽ درس تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف سلسلو پڻ جاري رکيو. سندس فقهي تحريرن ۽ فيصلن جو هڪ وڏو مجموعو سندس اولاد وٽ موجود آهي، جيڪو "مخزن الروايات" جي نالي سان مشهور آهي(۱).

مولانا محمد جي خاندان جي هڪ روايت موجب: سندس گهر کي باهه لڳي، جنهن ۾ سندس سمورا ٿپڙ ۽ ڪتاب ته سڙي ويا پر سندس والده جيڪا جهور ٻڍڙي ٿي ويئي هئي، سا اندر رهجي وئي. مولانا محمد ان کي باهه کان بچائي ٻاهر ڪڍي آيو ته ان جي جهولي ۾ هڪ وڏو ڪتاب رليءَ ۾ ويڙهيو پيو هو. بيبي صاحبه کان ان ڪتاب بابت پڇا ڪئي ويئي ته چوڻ لڳي ته آءٌ پنهنجي پٽ جي هٿن ۾ انهي ڪتاب کي گهڻو ڏسندي آهيان، تنهنڪري ان کي بچايو اٿم.

روايت آهي ته مفتي محمد جا حضرت سيد محمد بقا شاهه (وفات ۱۱۹۸هه) سان به عقيدتمندانه لاڳاپا هئا ۽ انهن کان پوءِ سيد محمد راشد روضي ڌڻي ۽ سندن اولاد سان به اچ وڃ جو رستو جاري رهيو ۽ جڏهن سنه ۱۲۷۲هه ۾ مفتي صاحب وفات ڪئي ته

(۱) بروايت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.

پير صاحب پاڳارو (سيد حزب الله شاھ) پير ۾ آيو ۽ مفتي صاحب جي پٽ مولانا محمد ڪامل سان عذر خواهي ڪيائين. ڳالھ ٿا ڪن تہ مولانا محمد ڪامل ڏھ رپيا نذراني طور پيش ڪيا تہ پير صاحب جن فرمايو تہ اوهان سان اسان جو اهو طريقو نہ آهي. مولانا چيو تہ اسان کي بہ لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. تنهن تي پير صاحب رڳو هڪ رپئي وٺڻ جو حڪم ڪيو ۽ باقي رپيا واپس ڪيا. مفتي محمد ١١٥ سالن جي ڄمار ۾ ١٢٧٣ھ/١٨٥٦ع ۾ وفات ڪئي. کيس چار پٽ هئا: محمد ڪامل، عبدالڪريم، حافظ محمود ۽ احمد.

محمد ڪامل بہ وڏو عالم هو. کيس بہ پٽ ٿيا: ميان عبدالله ۽ ميان پير محمد. ميان پير محمد مجذوب هو، باقي ميان عبدالله پنهنجي سموري تحصيل مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي وٽ ڪئي. ميان نور محمد کيس صاحبزادو سڏيندو هو. ميان عبد الله کي محمد عالم نالي فرزند ٿيو جو پڻ عالم هو. محمد عالم کي بہ هڪ پٽ نالي عبدالڪريم آهي، جو هن وقت سلف جي پيروي ۾ پير ڳوٺ اندر وڏو عربي مدرسو هلائي رهيو آهي ۽ سنڌ جي قديم عالمن جو هڪ نمونو آهي. تعريفات الاشياء کان وٺي فراغت تائين سمورا ڪتاب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن وٽ پڙهيو. ازانسواءِ ننڍي عمر ۾ مولانا حماد الله صاحب هاليجوي کان باطني فيض پرائي خلافت بہ هٿ ڪئي هئائين. سندس مريدن ۽ معتقدن جو حلقو وڏي رهيو آهي.

مفتي محمد صاحب جو ٻيو پٽ لاولد فوت ٿي ويو. ٽيون پٽ حافظ محمود بہ نيڪ ٿي گذريو ۽ قرآن مجيد جو حافظ هو. کيس بہ پٽ هئا: ميان يار محمد ۽ ميان فيض محمد. ميان يارمحمد کي هڪ پٽ ميان عبدالقادر هو، جنهن کي هڪ پٽ نالي ميان عبدالهادي آهي. ميان عبدالهادي جو پٽ حافظ عبدالستار هن وقت پير جي عربي مدرسي ۾ معلم آهي. ميان نور محمد وفات ڪري ويو آهي. ميان فيض محمد کي هڪ پٽ ميان جان محمد

آهي ۽ ميان جان محمد کي ٻه هڪ پٽ نالي حافظ نور محمد آهي جو ڏاڍو نيڪ ۽ مدرسي جي ڪم ۾ ڏاڍو سرگرم آهي.

مفتي محمد صاحب جو چوٿون فرزند احمد ڪيڏانهن نڪري ويو جو وري واپس نه آيو. روايت آهي ته مفتي صاحب کانئس ناراض هو. گڙهي ياسين جي آسپاس ڪوٽ يوسف ۾ هڪ قريشي صديقي خاندان جو چوڻ آهي ته اسين ٻه ڀير وارن قريشن مان مان آهيون ۽ مفتي محمد صاحب جي چوٿين نمبر پٽ جي اولاد مان آهيون. والله اعلم با لاصواب.

## خليفي محمد يعقوب همايوني جي درسگاهه

مولانا عبدالغفور صاحب همايوني جو والد بزرگوار خليفو محمد يعقوب صاحب اصل رياست قلات (بلوچستان) جو ويٺل هو. سندس والد جو نالو محمد مبارڪ هو، ۽ ذات جا پيچوها ابڙا هئا. روايت آهي ته هڪ دفعي محمد مبارڪ کي هڪ ڪامل درويش گڏيو، جنهن کيس خوشخبري ٻڌائي ته سندس سلسلي مان هڪ اهڙو ڪامل درويش پيدا ٿيندو، جيڪو علم خواه عمل جي لحاظ کان ممتاز مقام حاصل ڪندو. ان درويش جي ملاقات کان پوءِ جلد ئي محمد مبارڪ کي فرزند ڄائو، جنهن جو نالو محمد يعقوب رکيو ويو. سندس ولادت جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. تحصيل علم لاءِ کيس پاگنازي (رياست قلات) شهر ”ڪندي“ ۾ علامه عبدالحليم ڪندوي جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو، جتي فارغ التحصيل ٿيو.

قلات جي والي مير نصير خان جي وقت ۾ علامه عبدالحليم صاحب ۽ خليفي محمد يعقوب پاگنازي مان هجرت ڪري جيڪب آباد جي ويجهو ”آباد“ شهر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. ڪجهه وقت کان پوءِ غازي خان سومري ۽ مسو خان سڏايي جي استدعا تي ”همايون“ شهر ۾ آيا، جتي نئين مدرسي جو بنياد وڌائون.

١٢٥٤ھ ۾ علامہ عبدالحليم ڪنڊوي وفات ڪئي، جنهن کان پوء خليفو محمد يعقوب صدر مدرس ٿيو. خليفي صاحب ڪوشش وٺي ٿوري وقت اندر مدرسي کي وڏي اوج تي پهچايو. سنہ ١٢٥٣ھ ١٨٣٥ع ۾ همايون ۾ هڪ عظيم الشان مسجد بہ ٺهرايائين، جا اج تائين سندس يادگار آهي. ان مسجد جي تعمير جي تاريخ هن طرح لکي ويئي:

بهر تاريخ – بنائي پاس او
گفت حافظ، ثاني – بيت الحرام
١٢٥٣ھ

١٢٦١ھ ۾ کيس فرزند عطا ٿيو، جنهن جو نالو عبدالغفور رکيو ويو، جيڪو اڳتي هلي وڏو عالم ۽ بزرگ ٿيو. فرزند جي تعليم لاءِ مولانا سلطان محمود سيتاپوريءَ کي گهرايائين. سنہ ١٢٧٣ھ ۾ وفات ڪيائين، سندس وفات جي تاريخ "چراغ دوجهان" مان نڪري ٿي.

خليفي محمد يعقوب جي شاگردن مان ڪيترا ئي نالي وارا عالم پيدا ٿيا، جن مان مولانا محمد هاشم ياسينوي، مولانا حسن الله پاٽائي، مولانا عطا الله فيروز شاهي، مولانا عبدالقادر پنهواري، مولانا عبدالرحمان سکر وارو، مولوي عبدالستار رستم وارو ۽ مولوي عبدالغفار خانگڙهي جا نالا قابل ذڪر آهن.

## پير سيد محمد ياسين راشدي جهنڊي وارو

سيد محمد ياسين، سيد محمد راشد (روضي ڌڻي) جو ٻيو نمبر فرزند هو. اوائلي تعليم توڙي قادريہ ۽ راشديہ طريقي جي تڪميل پنهنجي والد وٽ ڪري وقت جي وڏن ڪامل عالمن جي درجي تي پهتو. والد جي وفات کان پوء وڏن ڀائرن سان اختلاف سبب پير جو ڳوٺ (ڪنگري) ڇڏي پهريائين رحمڏني ڪلهوڙي جي ڳوٺ ۾ اچي مقيم ٿيو، پر اتان وري وڏي ڀاءُ پاڳاري صبغة الله موٽائي آندو. پر ان کان پوء وري هجرت ڪيائين ۽ فريد آباد

لڳ ڏرڪري ۾ اچي مقيم ٿيو. ان کان پوءِ ٽلاه ۾ باقراڻي جي لڳ سڪونت ڪيائين. آخر ۾ ڳوٺ پير جهنڊو (تعلقو هالا) ۾ اچي مقيم ٿيو.

جدا جدا هنڌن تي سڪونت سبب ”پير سائين جاڻن وارو“ جي لقب سان مشهور آهي. ٻئي طرف وري پير سائين روضي ڌڻي کيس جهاد لاءِ هڪ جهنڊو عطا ڪيو، جنهنڪري ”پير سائين جهنڊي وارو“(۱) جي لقب سان به مشهور ٿيو. اهو جهنڊو اڄ تائين هن خاندان ۾ موجود آهي.

هي صاحب وڏو ترڪ ۽ توڪل جو مالڪ هو، رضا ۽ تسليم جو مجسمو هو. توڪل جي هيءَ حالت هئي جو فاقن تي فاقا ٿيندا هئا، پر ڪنهن کي به ڪڏهن سوال نه ڪيائين. جماعت کي ياد الاهي ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رکندو هو، نماز ۽ قادريه طريقي جي ذڪر جو سخت پابند هوندو هو. سندس چيل ”ڪافين“ ۾ تصوف ۽ عشق الاهي جون رمزون بيان ڪيل آهن(۲).

ٽالپرن جي راڄ جو خاتمو ٿي چڪو هو، ان وقت مير نور محمد خان اچا ڪنهن چڱي حالت ۾ هو. هن پير سائين کي جماعت جي گذران لاءِ هڪ جاگير جو پروانو لکي ڏنو، پر پاڻ ان کي قبول نه ڪيائين ۽ دستور موجب توڪل تي گذاريندو رهيو.

پاڻ لاڙ جي سفر ۾ هو ته ساڻس ٽي فرزند يعني پير رشيدالدين ”بيعت وارو“ ۽ پير سيد صديق رسول ۽ پير حاجي هدايت الله ٽلاهي به همسفر هئا. انهيءَ سفر ۾ ۱۵- رجب ۱۲۷۵ھ تي راڄي خاناڻي (تعلقي گوني) ۾ هڪ رات، جماعت ۽ فرزندن کان الوداع ڪري وفات ڪيائين. کيس اتي ئي دفن ڪيو ويو. هڪ سال گذرڻ کان بعد سندس وڏي فرزند پير فضل الله شهيد اتان لاش کڻائي ٽلاه شريف ۾ مسجد جي اتر پاسي کان دفن ڪرايو.

(۱) هي پير سائين صاحب العلم اول آهي.
(۲) سندن ملفوظات ۾ پيو ڪتاب ”صراط الطالبين“ سندن ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

## مخدوم محمد يوسف ڪنيارين واري جي درسگاهه

مخدوم محمد يوسف ڪنيارين (ضلعي نوابشاهه) واري ڀلاري بزرگ، عالم ۽ فقيه ڪي هڪ پاسي ظاهري علم مخدوم عبدالڪريم مٽيارن واري کان مليو ته ٻئي پاسي خليفي مخدوم محمد اسماعيل وسڻ واري کان باطني فيض جي خلافت ملي. مخدوم محمد يوسف جو ڏاڏو سعدالدين ٻلالي پڻ وڏو بزرگ عالم ۽ اهل الله ٿي گذريو، جيڪو مخدوم بلال ٽلٽي واري جو مريد ۽ خليفو هو. مرشد سان محبت ۽ عقيدت ڪري پاڻ کي ٻلالي سڏائيندو هو. انهيءَ بزرگ سعدالدين جي مزار ڪنياري کان ٻن ميلن پنڌ تي آهي. مخدوم محمد يوسف ١٢٤٦هه ۾ ڪنيارين ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ ١٢٦٥هه ۾ اتي هڪ درسگاهه ۽ مسجد جو بنياد وڌائين. سندس مدد لاءِ مخدوم فضل الله پاٽائي به هٿ ونڊائيندو هو. درس تدريس کان سواءِ شرعي فتوائون به ڏيندو هو. پنهنجي سڄي ڄمار دين اسلام ۽ خلق خدا جي خدمت ۾ گذاريائين. وٽانئس ڪيترائي طالب ۽ مريد فيض پرائي ويا، جن مان مخدوم فضل الله پاٽائي به سندس خاص مريد هو. مخدوم محمد يوسف ماه ربيع الاول ١٢٧٧هه/ ١٨٦٠ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار ڪنياريءَ ۾ عام خاص لاءِ زيارتگاهه آهي. سندس چار پٽ هئا: عبدالله، عبدالخالق، عبدالحي ۽ عبدالڪريم، جيڪي چار ئي وڏا فاضل ۽ عالم ٿي گذريا.

## فقير عثمان لاڙڪاڻي وارو

فقير عثمان، لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ سانگين ۾ هڪ هاري جي گهر سنه ١١٩٧هه/١٧٨٣ع ۾ ڄائو. ان وقت جي دستور موجب فارسي جي تعليم چڱي طرح حاصل ڪيائين، مگر پوءِ سنت ٿي نوشهري فيروز جي مشهور صوفي مخدوم عبدالحي نقشبندي جي بيعت ڪيائين. فقير خيرمحمد هيسباڻي جي صحبت سندس صوفياڻي رنگ تي وڏيڪ پختو بنايو، جنهن ڪري توحيد

جي جذبي جو اظهار سنڌي زبان ۾ بيتن ۽ ڪافين ذريعي ڪرڻ لڳو. هو گهڻو وقت مرشد وٽ ذڪر فڪر جا چلا پچائيندو رهيو ۽ ان کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ گذارڻ لڳو. سندس ڪافيون اڄ تائين عام مقبول آهن.

عثمان فقير، ٽالپرن جي حڪومت جو سمورو دور ڏٺو. سنه ١٢٧٩ هه/ ١٨٦٢ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وفات تي فقير خير محمد هسيباڻي شعر چيو آهي.

# باب ڏهون

## انگريزي دور جون اسلامي درسگاهون

سنڌ جو سرسبز ۽ شاداب علائقو ٽالپرن جي آخري دور ۾ پنهنجن جي بيوفائي ۽ غداري سبب غيرن جي چنبي ۾ اچي ويو. سنڌ جي آزاد ملڪ واري حيثيت ختم ٿي ويئي. ملڪ جي سونهن ۽ سوڀيا ڌارين جي اچڻ کان پوءِ گهٽجي ويئي. سنڌ جي آخرين آزاد حڪمران مير نصير خان ٽالپر ٢٨ فيبروري ١٨٤٣ع تي مياڻي واري لڙائي ۾ شڪست کاڌي ۽ سنڌ تي باقاعدي انگريزن جو راڄ شروع ٿيو.

انگريزن پاڻ سان گڏ مغربي تهذيب جي پرچار جو سامان به هن ملڪ ۾ آندو جنهن سنڌ جي صاف دلين ۽ سالم دماغن کي نهوڙي نابود ڪري ڇڏيو. جيئن ته مشرقي علوم جي شمع کي گل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي منصوبن کان ڪم ورتائون، ۽ گهڻي ڀاڱي ان ۾ ڪامياب به ٿيا. اهڙي ڏکئي دور ۾ اسلامي تعليم کي زنده رکڻ ڏاڍو مشڪل ڪم هو، ڇاڪاڻ ته ملڪ اندر انگريز حاڪم جا حواري به هئا، جيڪي انگريز جي عظمت، جلال، تعليم ۽ تهذيب تي لبيڪ چئي چڪا هئا. ان جي باوجود ڪي سنڌي عالم مجاهد بڻجي ميدان ۾ نڪري آيا ۽ بي سرو ساماني جي حالت ۾ به مسجدن، مڪتبن ۽ مدرسن جي ذريعي دين ۽ علم جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائون.

انگريزن جي تعليمي پاليسين جو مختصر جائزو هن ريت آهي: عيسائي مشنرين هتي اچي انگريزي اسڪول کوليا جن ۾ سندن تعليم ۽ عيسائي تبليغ شروع ٿي. چارلس گرانٽ، ولبرفورس

۾ لارڊ منٽو انگريزي پارليامينٽ تي زور آندو ته هندستان جي رعيت لاءِ به برطانوي نظام تعليم جو بندوبست ڪيو وڃي، جيئن هو عيسائيت کي به سمجهي سگهن ۽ بجاءِ مشرقي علوم جي انگريزي پڙهن. انگريزن جي انهي پاليسي جو موجد توڙي رائج ڪندڙن ۾ لارڊ ميڪالي سڀني کان پيش پيش هو. انگريزن جو اهو به مقصد هو ته هندستاني ماڻهن مان اهڙو طبقو تيار ڪجي، جيڪو مغربي تهذيب سان ثمتار هجي جيئن انهن جي مدد سان انگريزي ادب، تهذيب ۽ مذهب جي پرچار کي تقويت ملي. انهي ڪري ۱۸۳۵ع ۾ گورنر جنرل وليم بينٽڪ اهڙو ٺهراءُ پاس ڪيو، جنهن موجب مغربي تعليم کي رائج ڪرڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون، ساڳئي وقت سرڪاري زبان فارسي جي عيوض انگريزي مقرر ڪئي وئي. ۱۸۴۳ع ۾ گورنر جنرل لارڊ هارڊنج جي اعلان موجب سرڪاري نوڪرين ۾ رڳو انگريزي تعليم يافتن کي کنيو ويو. مسلمانن هڪ طرف کان انگريزن کان قطع تعلقات ڪري پاڻ کي انگريزي تعليم کان پاسي رکيو، جنهنڪري اهي سرڪاري نوڪرين کان محروم رهيا، ته ٻئي پاسي ۱۸۵۷ع جي جنگ آزادي ۾ حصو وٺي ڪري انگريزن جي انتقامي ڪارروائين جو شڪار ٿيڻ لڳا. تعليمي لحاظ کان سنڌ تي سر چارلس نيپئر جو دور ۱۸۴۳ع کان ۱۸۴۷ع تائين هڪ بدترين دور هو. ڇاڪاڻ ته هڪ طرف سرڪاري امداد سان خانگي اسڪول کولڻ جي اجازت ڏني وئي، ته ٻئي طرف عيسائيت کي فروغ ڏيڻ لاءِ مشنري اسڪول هلايا ويا. ساڳئي وقت برک خاندانن کي سرڪار طرفان جاگيرن ۽ لوازمات جي شڪل ۾ ملندڙ امداد بلڪل بند ڪئي وئي، جن جي مدد سان ڪئين مدرسا هلندڙ هئا، سي مالي امداد نه ملڻ سبب بند ٿيڻ لڳا.

سرڪاري زبان جي مسئلي بابت ڪلارڪس ۸۴۸ ع واري ٺهراءَ ڏانهن انتظاميه جو ڌيان ڇڪايو ته ”انتظامي مقصدن کي ڪارآمد بنائڻ لاءِ اسان کي سنڌ ۾ مقامي ٻولي (سنڌي) سرڪاري

لکپڙهه لاءِ رائج ڪرڻ گهرجي"(١). انهيءَ موضوع تي ڪيترن مباحثن کان پوءِ سنڌي ٻولي جي اديبن ۽ دانشورن، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ(٢) ۽ سر رچرڊ برٽن درميان دلچسپ ۽ ڪامياب مذاڪرا ٿيڻ لڳا(٣).

انهي دوران بمبئي ۾ (١٨٤٥ کان ١٨٤٨ع) انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ لکپڙهه ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ جي سوال تي چڪتاڻ رهي. آخرڪار سنڌ جي پرائمري اسڪولن ۾ مادري ٻولي (سنڌي) ۾ تعليم ڏيڻ جو فيصلو صادر ٿيو.

انگريز نڪي سنڌي ڳالهائيندا هئا ۽ نه وري فارسي زبان ۾ ڪاروبار هلائي سگهندا هئا. ترجمانن جو ٻئو سرشتو ضروري ٿي پيو، جنهنڪري سنڌي جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو ويندو هو ۽ فارسي جو وري انگريزي ۾ ترجمو ڪيو ويندو هو. ترجمي جي انهي سلسلي ڪري لکپڙهه جي اڪلاءَ ۾ دير ۽ خرچ جو اضافو ٿيڻ لڳو(٤). انهيءَ ڪري سنڌ جي دفتري طريقيڪار کي آسان بنائڻ لاءِ تبديلي آندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ انتظامي آفيسرن لاءِ سنڌي ٻولي جو سکڻ لازمي ڪيو ويو.

سنڌ ۾ حڪومت کي پنهنجي تعليمي پاليسي رائج ڪرڻ ۾ وقت لڳي ويو. مقامي تعليم جو طريقو جيترو ٿي سگهيو اوترو آسان ۽ بهتر نموني ڪيو ويو. معمولي ڦيرڦار سان ڳوٺن ۽ ننڍين شهرن ۾ ڳوٺاڻن ۽ مقامي ماڻهن جي مدد سان اسڪول کوليا ويا. باقي مدرسا ۽ درسگاهون ڏينهون ڏينهن وڌيا پوئتي پوندا چاڪاڻ

---

(1) Sir, Goorge Clarks, Minute, 24 April 1848. P.P. (H. C) 1854 Vol, XLIX Part, I, Para 68

(2) Captain Stack after having ramained Deputy Collector was put in charge of Jagira till his death in December 1853.

(3) Richard F. Burton Served as an officer in the Canal Department under Major W. S Scott.

(4) Anderson to Captain Young, 19 July 1848, Bombay Coneral Proceedings: 1849, R. 350, Vol, 25, P.P. 59-64

۽ اهي ادارا سرڪاري امداد تي هلندا هئا، جيڪا انگريزن بند ڪري ڇڏي. انهيءَ حالت تي تبصرو ڪندي برٽن رمارڪ ڏنو ته ”مون لاءِ وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ته انگريزي دور ۾ مالي امداد نه ملڻ سبب تعليم جا مرڪز تباهه ٿي چڪا آهن“(١). اهڙي ساڳي راءِ ايلس پڻ ڏني آهي(٢).

انگريزن جي اوائلي دور ۾ سنڌ ۾ اسڪولن جا ٽي قسم هئا: (١) مسلم پرائمري اسڪول، جتي قرآن شريف بنا معنيٰ جي پڙهايو ويندو هو، (٢) هندو سنڌي اسڪول، جتي خدا آبادي ۽ سنڌي جا ٻيا قسم سيکاريا ويندا هئا ۽ انهيءَ سان گڏ حساب ڪتاب جو ڪم پڻ سيکاريو ويندو هو، (٣) اهي اسڪول جتي عربي ۽ فارسي سيکاري ويندي هئي. انهي قسم جا اسڪول هندن ۽ مسلمانن پنهي قومن جون گڏيل ضرورتون پوريون ڪندا هئا. ايلس لکي ٿو ته ”عربي ۽ فارسي جا مڪتب دور دراز ڳوٺن ۽ ننڍين شهرن ۾ پکڙيا پيا آهن، جن ۾ استادن جي مهارت ۽ قابليت جي ناموري ڪري اوسي پاسي ۽ ڏورانهن هنڌن کان شاگرد وچي گڏ ٿيندا آهن. عادل پور ۾ هڪ بزرگ کي پنجاهه شاگرد پڙهائيندي ڏٺو ويو، جن مان اڪثر شاگرد پرانهين پنڌ کان وٽس آيل هئا. هي مڪتب گذريل پنجاهه سالن کان چهڪندو رهيو. پراڻن بيسوده تعليم جي طريقن تي وڏن شهرن ۾ ڪيترائي ادارا قائم ٿيا جن ۾ اهڙا استاد هئا جي پنهنجن وڏن کان وٺي درس تدريس جو شغل جاري رکندا آيا. اهڙو هيو اسڪول ٺٽي ۾ هو، جنهن ۾، ١٨٥٥ع ۾ هڪ سئو شاگرد هئا. انهيءَ اسڪول جي فارغ التحصيل شاگردن کي يڪدم سرڪاري ملازم ڪري رکيو ويندو هو.(٣)

(1) Burton, Memo of 2nd May 1848

(2) Ellis Report Para 13.

(3) The standard of teaching in these schools was very Low, Ellis says at one of the main Bania Schools: "The mode too in which the pupils are instructed is certainly not in

P.T.O.

استادن جي اُجرت مختلف هئي، جيڪا شاگرد ادا ڪندا هئا. ڪي شاگرد گهٽ ڏيندا هئا ته ڪي سرندي وارا وڌيڪ ڀريندا هئا. بلڪل غريب شاگرد مفت ۾ پڙهندا هئا. ايلس جي رپورٽ موجب سنڌ ۾ اهڙن اسڪولن جو تعداد صرف ٣٠٤ هو. ڪيترن اسڪولن جو خرچ پڪو زميندار ڀريندا هئا، جنهن ڪري انهن اسڪولن ۾ مفت تعليم ڏني ويندي هئي. ڪن ڳوٺن ۾ آخوند ۽ ميانجي اجرت ملڻ کان سواءِ پڙهائيندا هئا، پر هر فصل تي کين اَنَ جو مقرر حصو ملندو هو ۽ عيد براد يا خوشي جي موقعي تي کين سوکڙيون پاکڙيون ملنديون هيون.

ايلس پنهنجي ريمارڪ ۾ لکي ٿو ته اِها حيرت جي ڳالهه ڪانه هئي ته ڪو استادن جي ٿورائي هئي يا گهٽ تعليم يافته هئا، پر حقيقت اها آهي ته انهي دور ۾ سٺي تعليم ۽ ڄاڻ رکندڙ استادن جي ڪا به کوٽ نه هئي. هو ڪي چند مثال ڏئي ٿو، جيڪي دستوري استادن وانگر نظر نٿي آيا (١). سيد ميران علي شاهه پنهنجي چوڏهن شاگردن کي مفت پڙهائيندو به هو ته وري سندن کاڌي پيتي، رهڻ کهڻ ۽ پوشاڪ جو پڻ مفت بندوبست ڪندو هو. سونگ اپاوڙي ۾ هڪ موچيءَ جي گهر واري ٻن ڇوڪرن ۽ هڪ ڇوڪريءَ کي پنهنجي خرچ تي مفت تعليم ڏيندي هئي ۽ ٽانگا اپاوڙه ۾ هڪ نابينا عورت ٻن ڇوڪرن کي ساڳئي نموني مفت پڙهائيندي هئي. اهڙي سهوليت واري ۽ مفت قسم جي تعليم ڪا ورلي هوندي هئي. (٢)

accordance to any orthodox system of tutian, as may be inferred from the fact that the chief school of this description in Kurrachee is taught by a master who understands no written language, morely punishes while the boys teach one another." This school had seventy students, more than any other at Karachi.

(1) Illis Report, para 17. (2) Illis Report, Para 23.

انگريزن جي سنڌ ۾ سوپ ڪان پوءِ سمت ڏي برٽن هتي آيو، تنهن چاڙايو ته سنڌ ۾ سيوهڻ، ٻاٽ، کهڙا، متياري، موهر (عمرڪوٽ جي پرسان) ۽ چوٽياري ڪل ڇهه درسگاهون يا اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا مشهور مرڪز هئا، جن جو درجو يونيورسٽين جي برابر هو ۽ انهن کي ميرن طرفان سٺيون سڏي امداد ملندي هئي (١)، جيڪا ٽن هزارن کان وٺي پنجن هزارن تائين هر مهيني هوندي هئي (٢). حڪومتن جي ردبدل ڪري علمي سرمايو تباهه ٿي ويو هو ۽ درسگاهون اجڙ ٿي ويون هيون انهيءَ ڪري برٽن وڌيڪ معلومات حاصل ڪري نه سگهيو.

١٨٥٢ع ۾ اهڙين تعليمي ادارن جا انگ اکر ورتا ته کيس معلوم ٿيو ته سنڌ ۾ جملي ٦٤٨ اسڪول هئا ۽ انهن ۾ شاگردن جو تعداد ٧٤٤٣ هو، جن مان ٽائون حصو ڇوڪرين جو هو(٣). انهيءَ کان سواءِ شاگردن جو ڪافي تعداد گهرن ۾ تعليم وٺندو هو. قرآن شريف جي ابتدائي تعليم وارن اسڪولن جو تعداد ٢٧٨ هو ۽ انهن ۾ شاگردن جو انداز ١٩٠٦ هو. عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏيڻ وارا ٥٢ اسڪول هئا جن ۾ ٣٢١ شاگرد هئا. جملي اسڪولن مان ٦٠٩ اسڪولن ۾ ٦٤٧٩ شاگرد هئا، جن ۾ ۾ هندو ۽ مسلمان گڏجي فارسي سکندا هئا. سيني اسڪولن ۾ استاد گهڻو ڪري مسلمان هوندا هئا (٤). هندو سنڌي خدا آبادي سيکارڻ وارا ٢٣ اسڪول هئا جن ۾ ٨٠٣ شاگرد هئا (٥).

ٻار کي چئن يا پنجن سالن جي عمر جي درميان پڙهڻ لاءِ وهاريو ويندو هو ۽ صبح کان شام تائين پڙهائي هلندي هئي. ٻار آخري سيپاري جي اکرن سکڻ سان شروعات ڪندو هو ۽ کيس آيتون برزبان ياد ڪرايون وينديون هيون. ان کان پوءِ هو الف ب لکڻ به شروع ڪندو هو. اڌ قرآن شريف پڙهڻ کان پوءِ

(1) Burton Memo. Opcit. (2) Ibid. (3) Shousing the number of Schools in Sind in 1852, APP.A (4) Ellis Report Para 5 (5) Ibid Para 6.

سنڌي پاڙهي ويندي هئي. ان بعد شاگرد فارسيءَ جي سکيا وٺڻ شروع ڪندو هو. هو عربي، فارسي ۽ سنڌي-ڏُوايو، ٽِوايو ۽ چشم چراغ جا لفظ سکندو هو ۽ آخر ۾ گرامر جا گردان ۽ صيغا ياد ڪندو هو. تنهن کان پوءِ سعدي رحه جي ڪريما، گلستان، بوستان، بهار دانش ۽ سڪندرنامه پڙهايا ويندا هئا. شاگردن کي انشاء يا خطن جا قسم سيکاريا ويندا هئا. اهو نصاب انهي وقت ۾ سرڪاري نوڪريون هٿ ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو هو. هن نصاب پوري ڪرڻ کان پوءِ شاگرد ١٥ يا ١٦ سالن جي ڄمار ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ درسگاهن يا مدرسن ۾ ويندو هو. اهڙين درسگاهن ۾ شاگردن جو تعداد ٤٠ کان ٧٠ تائين هوندو هو. پڙهائي جي لحاظ کان شاگردن کي لازمي هاسٽل ۾ رهڻو پوندو هو، جيڪا درسگاهه سان متصل هوندي هئي. ڪورس پوري ٿيڻ کان پوءِ شاگردن کي سال ۾ هڪ کان ٻن مهينن تائين وڪيشن ملندي هئي. هرهڪ وڏي شاگرد کي پنهنجي هوشياري ۽ قابليت جي بنياد تي ١٥ کان ٢٠ رپين تائين ماهيانو وظيفو ملندو هو ۽ ننڍي ڪلاس وارن شاگردن مان هرهڪ کي ڇهه رپيا ماهوار ڏيندا هئا.

مدرسن ۾ لازمي مضمونن جي لحاظ سان صرف، نحو، فقه، قرآت ۽ تجويد نصاب ۾ شامل هئا، باقي طب، رمل، نجوم، جفر، تصوف، تعبير خواب، حڪمت ۽ فلسفي جا مضمون شاگرد پنهنجي پسند تي پڙهندا هئا.

باوجود ناساعد حالات جي، انگريزن جي دور حڪومت ۾ به عالمن ۽ استادن عربي، فارسي ۽ ديني علوم تي گهڻو توجه ڏنو. مدرسن کي جديد طرز تي هلايو ويو. شخصيتن جي سڃاڻپ سان درسگاهن جا نالا رکيا ويا، جنهن جو رواج اڳ ۾ نه هو. جنهن ڪري اميرن ۽ شاهوڪارن پنهنجون زمينون مدرسن لاءِ وقف طور ڏنيون. استادن جي همت افزائي ۽ وقار کي قائم رکڻ لاءِ سندن معقول پگهارون پڻ مقرر ڪيون ويون. شاگردن کي

رهائش، کاڌي پيتي ۽ ڪپڙي لتي جون سهوليتون مهيا ڪيون ويون، انهن سڀني اجتماعي ڪوششن جو نتيجو اهو نڪتو جو ان دور ۾ ڪيترن ئي قومي تحريڪن جنم ورتو. مثلاً آزادي واري تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ وغيره، جن ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ دانشورن نمايان حصو ورتو. ان کان سواءِ شڌي سنگهٽن، آريه سماج جهڙن خطرناڪ عزائم رکندڙ تحريڪن کي پڻ سنڌي عالمن پنهنجي علم ۽ فهم سان منهن ڏنو ۽ سنڌن تحريڪن کي ڪاپاري ڌڪ رسايو.

## مدرسه مظهرالعلوم العربيه واهيت (عمرڪوٽ)

هن درسگاهه جو سنگ بنياد مولانا محمد رحيم ساند ۱۲۲۰هه /۱۸۰۰ع ۾ رکيو. مولانا محمد رحيم جو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مڪتبهء فڪر سان تعلق هو. ڪانئس پوءِ مولانا مولوي ميان نصيرالدين ساند ۱۲۵۰هه ۾ مدرسي جو صدر ٿي رهيو. مولانا نصيرالدين جا هٿ اکر لکيل قلمي نسخا حديث ۾ اربعين حديث، فقه ۾ ڪبيري شرح، منيه المصلي ۽ ڪتاب الاوراد والوظائف سال ۱۲۶۶هه جا موجود آهن. ان کان پوءِ سندس تلميذ رشيد مولانا حافظ دودو نهڙي چاربلو راجستان ۱۲۷۹هه ۾ مدرس رهيو. جنهن کان پوءِ ميان نصيرالدين جو پٽ ميان مولانا حافظ حاجي عبدالرحيم ساند ۱۲۹۱هه ۾ صدر مدرس ۽ مهتمم ٿي رهيو، جيڪو وڏي فضيلت وارو، زاهد، فياض ۽ عالم بزرگ هو. سندس حياتي ۾ ئي مولانا مولوي عبدالحق سمي پنهنجن ٻن پاٽرن مولوي خير محمد ۽ مولوي لعل محمد کي وٺي اچي مدرسي کي زور وٺايو. اهي ٽيئي پاٽر (مولانا محمد عثمان قرائي جا شاگرد هئا). مولوي صاحب جي وقت ۾ مسافر شاگرد ۴۰–۵۰ رهندا هئا. ان بعد مولانا مولوي عبدالملڪ ساند ۱۳۰۲هه ۾ صدر مدرس ٿي رهيو. هن پڻ مولانا محمد عثمان قرآني کان تحصيل ڪئي هئي. هي وڏو متقي، ذڪي، ذهين ۽ مجاهد صفت انسان ۱۹۲۲ع ۾

وفات ڪري ويو. ان بعد ساڳئي ڳوٺ جي وڏيري عبدالستار صاحب جي ڪوشش سان مولوي عبدالرحمان زنگي ساڈوري وارو آندو ويو جيڪو وڏي محنت سان پڙهائيندو رهيو. مولوي عبدالسميع جو آخرين استاد مولوي غلام رسول چانڊيو به ڪجهه وقت مولوي عبدالمطلب صاحب وٽ ولهيٽ ۾ پڙهيو آهي. ان بعد مولوي عبدالڪريم صاحب (۳۸-۱۹۳۷ع) ۽ مولانا عزيزالله پٽي گڏوگڏ مدرسي جا مدرس ۽ خادم رهيا.

مولوي عبدالڪريم، مولانا محمد عثمان قرآني رحه ڪان سنڌس ڳوٺ عمر پنهيري ۾ تحصيل علم جي سند حاصل ڪئي. مولوي صاحب عالم، ذهين، فقيه، بزرگ ۽ پرهيزگار هو. مولوي عزيزالله پڻ عالم فاضل ذهين ذڪي مجاهد مبلغ ۽ وڏو داناء هو ۽ هميشه شرعي فيصلن ۾ سندس خادم ۽ امين هوندو هو. مولوي حاجي عبدالحق صاحب ساند راجستان وارو، ٻيو مولوي فضل الدين صاحب هوندي پلي جي ڳوٺ وارو (جنهن جو آخر ۾ پڙهايل ۽ ڪجهه وقت مولوي عبدالڪريم وٽ پڙهيل مولوي اصغر علي شاه صاحب ڪاروڙو سيد وارو)، ٽيون مولوي محمد يعقوب صاحب اصل هوندي پلي حال تنڊي محمد خان وارو، چوٿون مولوي ميرمحمد سمون ڪونجهيلي وارو، پنجون مولوي غلام نظيرالدين صاحب جو غلام رسول لغاري جمڙائو ۸۷ موري وارو، ڇهون مولوي ميان احمد صاحب پٽ پوٽو ميان نصيرالدين صاحب جو، ستون مولوي محمد علي پاءُ مولوي عبدالڪريم جو، اٺون مولوي حاجي الهه بخش صاحب اصل ٻاڙمير راجستان حال مهاجر چنيه ۽ ٻيا به ڪيترائي صاحب درس نظامي ختم ڪري دستاربند ٿي ويا.

مولوي عبدالڪريم صاحب ۱۳۶۹ھ ۾ وفات ڪئي. پيڙاڙيءَ تائين ڪيترين مشڪلاتن جي باوجود پڙهائيندو رهيو. ۱۳۶۸ھ/ ۱۹۴۸ع ۾ مولوي عبدالسميع صاحب (مولانا نصيرالدين جي پيڙهي وارن واسطيدارن مان) نئين سر مدرسي کي چالو رکيو. زوري تعليم سبب مڪتب رجسٽر ڪرايو ويو. مدرسي ولهيٽ کي به عربي

هلي رهيو آهي. شاگردن کي سڀ سهوليتون مفت ڏنيون وڃن ٿيون (١).

## پرمي ڳوٺ لڳ- شهدادڪوٽ واري درسگاهه

پرمي تعلقي شهدادڪوٽ واري اها درسگاهه مولوي محمد هاشم قائم ڪئي. مولانا محمد هاشم ١٢٥٩هه ۾ تولد ٿيو. هي بزرگ اصل شهدادڪوٽ جو رهاڪو هو ۽ انهي ڏي مولانا نور محمد شهدادڪوٽي وٽ علم ستن سالن جي قليل عرصي ۾ پڙهي پورو ڪيائين. پوءِ پاڻ شهدادڪوٽ جي لڳ پرمي ڳوٺ ۾ درسگاهه قائم ڪيائين ۽ نهايت جانفشاني سان شاگردن کي پڙهائيندو رهيو. بعض حالتن ۾ ٧٠ شاگردن کي به اڪيلي سر سبق پڙهائيندو هو. صبح صادق کان به اڳ درس شروع ڪندو هو ۽ عشاء جي نماز تائين مشغول رهندو هو. هن بزرگ اڳتي هلي ڳڙهي ياسين ۾ وڏي درسگاهه قائم ڪئي. انهن ٻنهي درسگاهن مان هنن عالمن فيض پرايو. (١) مولانا گل حسن ڪٿبار (٢) مولوي عبدالله رتائي، جنهن جا شاگرد مولانا خادم حسين ۽ ٻيا بزرگ ٿيا (٣) مولانا ڪريمداد نوڙهي تعلقو قنمبر (٤) مولانا غلام عمر ڏگهه وارو (٥) مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسين وارو، سندس فرزند (٦) مولانا تاج محمد بلوچستاني (٧) مولانا جمال الدين صحبت پوري (٨) مولانا حافظ نور محمد ڳڙهي ياسيني قاري (٩) مولانا فقير محمد (١٠) مولانا ڪمال الدين سيوهاڻي (١١) مخدوم غلام مصطفيٰ صاحب سجاده نشين محمد پور شريف (١٢) مولانا پير محمد صاحب واره وارو ۽ ٻيا، (١٣) مولانا عنايت الله آگرو (١٤) مولانا گل محمد واره وارو، (١٥) مولوي محمد حسن سجاده نشين درگاهه ڪٿبار (بلوچستان) وغيره.

هي بزرگ درسگاهه پرمي واري زماني ۾ بلوچستان جي امير اسد الله خان رئيساڻي جي استدعا تي محرم واري جاگير ۾ قاضي مقرر ٿيو، پر بلوچستان جي سخت گرمي ۽ پاڻي جي قلت

(١) سالانه روئداد مدرسه مظهرالعلوم عربيه واهوڙ، عمرڪوٽ، ص ص ٤-١١

سيبان ٻن سالن کان پوءِ اهو عهدو ڇڏي سنڌ ۾ واپس آيو. ڳڙهي ياسين جي امير الهه بخش خان بازڪزئي جي طلب تي خانن جي مسجد ۽ عيدگاهه جو متولي ٿيو ۽ مدرسو قائم ڪري تدريس جو ڪم جاري رکيائين.

هن بزرگ بيعت مولانا ميان تاج محمد ڪنبار کان ورتي هئي. ادبي علمن ۽ فقه ۾ وڏو ماهر هو. فتويٰ نويسيءَ تي وڏي دسترس حاصل هئي. پنهنجي همعصرن مان مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي سان هندستان جي دارالحرب يا دارالسلام هجڻ تي وڏا تحريري مناظرا ڪيائين. مولانا محمد هاشم جو رايو هو ته هندستان دارالسلام آهي پر مخدوم صاحب ان جي خلاف هو. ڳڙهي ياسين ۾ ذي ١٣٢٢ هه ۾ وفات ڪيائين، کيس ٽي فرزند ٿيا. (١) مولانا محمد ابراهيم (٢) مولانا حاجي محمد صالح ۽ (٣) مولانا محمد قاسم. مولانا محمد ابراهيم جي پير حسام الدين راشدي سان ڏاڍي دوستي هوندي هئي ۽ کيس هميشه فارسي ۾ منظوم خط لکندو هو.

## چوٽيارين جي درسگاهه (١٩ صدي جي وچ ڌاري)

جناب شيخ تاج الدين چوٽياري شريف جو باشندو هو. اهو ڳوٺ سانگهڙ جي آسپاس آهي. سندس ابا ڏاڏا اهل علم ۽ صالح هئا، ۽ پاڻ به الله پاڪ جي توفيق سان وڏن جي نقش قدم تي هلندو رهيو. طريقت جي تعليم پنهنجي والد کان ۽ درسي علم وقت جي عالمن کان پرايائين. صلاحيت، رياضت ۽ توڪل حد درجي جي رکندڙ هو. بدن ۾ نهايت ڪمزور ۽ ڏٻرو هو، پر قدرت ڏٿيءَ سان اٿڻ، ويهڻ، وظيفي پڙهڻ ۽ عبادت ڪرڻ ۾ سگهارو ۽ همت وارو هو. هن بزرگ ١٩٣٨ع ۾ وفات ڪئي(١). چوٽيارن جي عالمن جو فارغ التحصيل بزرگ عالم فاضل مولانا سيد محمد عثمان شاهه سنڌي ميرپوري به پنهنجي وقت جو چوٽي جو عالم ٿي گذريو آهي. هي بزرگ بخاري سادات مان هو.

(١) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي: ”الرحيم“ ١٩٦٥ع، ص ١٠٨

سنڌس وڏا هندستان مان لڏي ميرپور خاص جي پر ۾ اچي رهيا. مولانا سيد محمد عثمان شاهه طريقت جي تلقين خواجه عبدالرحمان رحه کان ورتي هئي. پوري استقامت سان ورد ۽ وظائف ۾ مشغول رهندو هو. قرآن شريف تجويد سان دائري شريف جي ساداتن کان پڙهيو هو. ڪيترا سنڌي ڪتاب خاص طرح سيد علي محمد شاهه دائري واري جو جوڙيل سنڌيءَ ۾ فقه جو ڪتاب چوٿياري جي عالمن کان پڙهيو هو ۽ ڪيس بر زبان ياد هو. صبر، رضا، توڪل ۽ سهڻن اخلاقن ۾ اڏول هو. دلائل خيرات ۽ ٻيا وظيفا روزانو پڙهندو هو ۽ ساري ڄمار ۾ سفر يا حذر ۾ اهي وظيفا نه ڇڏيائين. وقت جي ماڻهن ڪيس ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون پر آهي برداشت ڪندو رهيو. ايتري قدر جو پنجاب جي هڪ ماڻهوءَ پاڻ کي سيد سڏائي سنڌس نياڻي سان شادي ڪئي.

شاه صاحب وڏو زاهد، عالم ۽ پرهيزگار بزرگ هو. ماڻهن سان گهٽ ڳالهائيندو هو. ڪنهن مجلس ۾ رسمي ڳالهه ٻولهه ٻڌڻ جي بجاءِ پاڻ وظيفن ۾ لڳي ويندو هو. پنهنجي مسڪيني حال سبب سچي زندگي سادگيءَ ۾ گذاريائين. آخر عمر ۾ ڪيس ٻي شادي جو شوق پيدا ٿيو. انهي خيال کان ڪراچي وڃي رهيو پر اتي ڇئن پنجن ڏينهن جي سخت بخار سبب ميرپورخاص ۾ موٽي آيو ۽ آخر ۱۳۲۵ هه ۾ وفات ڪيائين.

چوٿيارن جي درسگاهه جي آخرين عالم ميين محمد جي زباني سنڌس فرزند ميان عبدالحڪيم تازو نواب حاجي نور احمد خان جي بنگلي هيرآباد، حيدرآباد ۾ راقم ۲ جولاءِ ۱۹۷۷ع تي تصديق سان ٻڌايو ته چوٿيارن جي درسگاهه جي نصاب مطابق ٻار کي پهريائين قرآن شريف روان پڙهايو ويندو هو. پوءِ سنڌي درسي ڪتاب پڙهايا ويندا هئا، جن ۾ مصلح المفتاح "دائري واري سنڌي" ۽ ٻيو هڪ ڪتاب نصاب ۾ شامل هئا. ان کان پوءِ فارسي ۽ آخر ۾ عربي پڙهائيندا هئا (۱).

(۱) مقدمه مصلح المفتاح، ص ۴۲ - ۴۳

سيد علي محمد شاهہ جو تصنيف ٿيل ڪتاب مصلح المفتاح جيڪو ”دائري واري سنڌي“ جي نالي سان مشهور آهي: نہ فقط ڇوڪرين جي درسگاهہ ۾ پر انهيءَ دور جي ڀين وڏين درسگاهن ۾ پڻ پڙهايو ويندو هو. هي ڪتاب نہ فقط ”نماز“ جي مسئلن بابت هڪ جامع ڪتاب آهي، پر علمي تحقيق ۽ فقهي جستجو جو هڪ نادر نمونو آهي. ان کان سواءِ سنڌي زبان جي هڪ آڳاٽي درسي ڪتاب جي لحاظ سان هي ڪتاب سنڌ جي تعليمي تاريخ ۾ پڻ هڪ خاص اهميت رکي ٿو (١).

## شهدادڪوٽ

شهدادڪوٽ، جنهن کي اڳ شهدادپور سڏيو ويندو هو(٢)، لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ زرخيز تعلقو آهي، جيڪو هجري تيرهين صدي ۽ چوڏهين جي اوائل ۾ وڏو علمي ۽ ادبي مرڪز رهيو آهي. هي شهر سنڌ جي ڇيڙي تي هئڻ ڪري سنڌ توڙي بلوچستان جي تهذيب جو ڇڻ نہ سنگم آهي. هن کان اتر ۾ ناڙيءَ جو علائقو آهي، جو بلوچستان ۾ داخل آهي، پر هتي جا سڀ رهاڪو سنڌي آهن، سنڌي ٻولي ڳالهائين ۽ سنڌن رهڻي ڪهڻي بہ سنڌين واري آهي.

ناڙيءَ علائقي جي ڀاڳ تنبو تحصيل ۽ تعلقي ۾ ”ڪنڊو“ نالي هڪ ننڍيو ڳوٺ آهي، جتي شهدادڪوٽ جي علمي مرڪز جي باني علامہ نورمحمد رحہ جي ١٢٠٦هہ ۾ ولادت ٿي، ۽ اتي ئي

(١) افسوس جو ڪوشش جي باوجود درسگاهہ جي قائم ٿيڻ جو سال ۽ وڌيڪ احوال ملي نہ سگهيو. مختلف ڪتابن موجب ڇوڪريون ميرن جي دور جو آباد ڪرايل شهر هو پر درسگاهہ جي لحاظ کان انگريزن جي اوائلي دور ۾ وڏي اوج تي هو.

(٢) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، تاريخ ٨ آگسٽ ١٩٧٠ع، ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد.

پنهنجي ويجهي عزيز علامه عبدالحليم ڪنڊوي ـــ جيڪو سيد عاقل شاهه
هالائي وارن جو شاگرد هو ۽ وڏو عالم هو، جنهن ساري عمر
مجرد رهي همايون، روهڙي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ علمي خدمت
ڪئي. سندس مزار به درياهه جي ڪپ تي روهڙي واري پل جي
پاسي ۾ هڪ جبل تي آهي، جنهن کي عام ماڻهو ”پڪي وارو پير“
سڏيندا آهن ـــ درس ڏيندو رهيو.

علامه نور محمد شروع ۾ پنهنجي ڳوٺڙي ”ڪنڊي“ ۾
پڙهائيندو رهيو. ڪيس تعليم سان گڏ فقهي تحريرن ۾ به وڏي
مهارت حاصل هئي. ان ڪري کيس خان قلات خداداد خان طرفان
رياست قلات جو قاضي القضاة مقرر ڪيو ويو. علامه نور محمد
پنهنجي عمر جو گهڻو ڀاڱو اتي گذاريو، اڳتي هلي ڪنهن شرعي
مسئلي تي قلات جي والي سان سندس اختلاف پيدا ٿي پيو،
ان ڪري ناڙيءَ کي هميشه لاءِ الوداع ڪري، سنڌ جو رخ
رکيائين ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي ميرو خان شهر ۾ اچي وارد ٿيو.
ان وقت ميرو خان ۾ هڪ وڏو روحاني رهبر حامد حضوري ڏونيه فقير
رهندو هو، تنهن علامه نورمحمد کي پاڻ وٽ مهمان رکيو. ٿورن
مهينن کان پوءِ شهدادڪوٽ جي هڪ وڏي امير ۽ کهاوڙ قوم
جي سردار خانبهادر پير بخش خان کي علامه نورمحمد جي ميروخان
۾ تشريف آوري جي سُڌ پيئي، تنهن ميان حامد حضوري جي خدمت
۾ پهچي علامه نورمحمد جي طلب ڪئي. جنهنڪري هن ميروخان
مان هلي اچي شهدادڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اهو ١٢٧٢هه
جو واقعو آهي ۽ انهيءَ سال ۾ شهدادڪوٽ ۾ هڪ وڏي ديني
درسگاهه قائم ڪيائين. علامه نورمحمد جيئن ته وڏي شهرت جو
مالڪ هو ان ڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سوين طالبعلم اتي
پهچي ويا. چوويهه سال لڳاتار اهو تدريسي سلسلو جاري رهيو،
جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ
۾ سندس شاگرد پهچي ويا. علامه نور محمد کان ٥٢ عالم فارغ
ٿي نڪتا، جن وري جدا جدا مرڪز قائم ڪيا. انهن مان حيدرآباد

۾ مائي خيري واري مسجد ۾ مولانا محمد حسن حيدرآبادي جو قائم ڪيل مدرسو، مولانا سيد عباس علي شاهه جو لواري ۾ مدرسو، مولانا مخدوم عبدالله جي پير (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ قائم ڪيل مدرسو، مولانا محمد حسن صاحب انڍڙ جي درسگاهه، مولانا قاضي نور محمد پٽي جو ميرپور ناڙي (قلات) وارو علمي مرڪز ۽ بيا قابل ذڪر آهن.

علامه نور محمد شهدادڪوٽي، شاهه عبدالعزيز دهلوي جو معاصر هو ۽ ٩٠ سالن جي ڄمار ۾ ١٢٩٦ هه ۾ وفات ڪيائين. شهدادڪوٽ ۾ سندس مزار، عام ۽ خاص ماڻهن لاءِ زيارتگاهه آهي.

علامه نور محمد کي ٽي فرزند هئا، جن مان مولانا گل محمد ۽ غلام صديق علمي دنيا ۾ وڏي شهرت رکن ٿا. والد جي وفات کان پوءِ هن علمي مرڪز جي سنڀال ۽ تدريسي خدمت مولانا گل محمد سنڀالي. هن بزرگ عالم به پنهنجي والد وانگر هن مرڪز کي ڏاڍو زور وٺايو، خود سندس ننڍو ڀاءُ مولانا غلام صديق به وٽس ئي فارغ ٿيو. ضلعي دادو جي فيروز شاهه ڳوٺ جو مشهور عالم مولانا عطاءالله فيروزشاهي به انهن ٻن عالم ڀائرن کان پڙهي فارغ ٿيو ۽ فيروز شاهه ۾ علمي مرڪز قائم ڪيو. لاڙ جو مشهور عالم مولانا حامدالله ٻيلي وارو وري فيروز شاهه مان پڙهي نڪتو، جنهن پنهنجي فيض سان لاڙ کي سيراب ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح پاٽ جو مشهور مفتي ۽ عالم حاجي حسن‌الله پاٽائي شهدادڪوٽ واري درسگاهه جو شاگرد هو، جيڪو پاٽ ۾ علمي مرڪز قائم ڪري سالن جا سال فيض ڏيندو رهيو. حاجي حسن‌الله پاٽائي جي فيض سان سونو جتوئي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مولانا غلام عمر مرحوم علمي مرڪز قائم ڪيو ۽ جوڻاڻي تعلقه واره ۾ مولانا پير محمد پاٽ مان پڙهي، علمي مرڪز جو بنياد وڌو. حاجي حسن‌الله پاٽائي، مٽيارين ۾ به گهڻو وقت درس ڏيندو رهيو. اهڙي طرح هن طرف جا ڪيترا ئي وڏا عالم به ان جا شاگرد آهن. اهو سڀ شهدادڪوٽ

قاسمي صاحب جي والد حافظ محمود صاحب به مولانا غلام صديق رحه وٽ قرآن شريف حفظ ڪيو هو.

مولانا گل محمد صاحب پنهنجي والد بزرگوار مولانا نور محمد صاحب رحه وٽ پڙهيو هو. خلافت تحريڪ جي مشهور بزرگ مولانا عبيدالله سنڌي جو چوڻ آهي ته اسان جڏهن سنه ١٣٠٨ هه ۾ امروٽ ۾ هڪ علمي مرڪز قائم ڪيو ته شروع ۾ اسان کي سنڌ مان پڙهڻ لاءِ ڪي به شاگرد نٿي مليا يا گهٽ ملي رهيا هئا. چو ته شهدادڪوٽ جي استادن جو ايڏو اثر وڌل هو، جو شاگرد انهن کان سواءِ ٻين وٽ پڙهڻ لاءِ تيار ئي نه هئا. شهدادڪوٽ اڄ به موجود آهي، پر زماني جي بدليل حالتن ڪري هاڻي اتي رڳو هڪ ننڍو مدرسو وڃي رهيو آهي.

## مولوي محمد علي "طالب"

هي بزرگ، بکر جي آسپاس ڪنهن ڳوٺ جو رهاڪو هو. سندس والد جو نالو محمد پناهه هو. سندس تخلص "طالب" آهي. روهڙيءَ ۾ وار مبارڪ بابت پنهنجي ڪتاب "ظهورنامه" ۾ شعر چيا اٿس. انهيءَ ڪتاب ۾ ٤٤٦ بيت آهن، جيڪو ١٢٧٤هه ۾ لکي پورو ڪيائين (١). هن احوال مان اهو پتو پئي ٿو ته روهڙي جي آسپاس سندن ڳوٺ ۾ ڪو علمي مرڪز هو جتي تدريس سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو به شغل جاري رکيو ايندو هو.

## قاضي سيف الله جي ٽنڊي قيصر واري درسگاهه

هن جو اصل نالو قُبل هو، ذات جو راڄپر، اصل رهندڙ نوابشاهه جي طرف جو آهي. سندس ڄمڻ جي تاريخ جي ڪا به پروڙ ناهي، باقي سندس وفات ١٢٨٠هه ۾ ٿي. هي بزرگ ميرن جي حڪومت جي اوائلي دور ۾ تولد ٿيو. ڪيس احمد خان نظاماڻي، نوابشاهه مان وڏي آڪهه سميت لڏائي ٽنڊي قيصر ۾ وٺي آيو ۽ اتي ان لاءِ مدرسو قائم ڪيو ويو. احمد خان نظاماڻي، مير مرادعلي

(١) مهراڻ رسالو، ٣، ٤، ١٩٥٧ع، ص ٥٥

خان ۽ مير نصير خان جي ڏينهن ۾ نوابشاهه جو مختيارڪار هو. قاضي سيف الله عربي جي تعليم مخدوم عبدالڪريم مٽيارن واري کان ورتي هئي. قاضي سيف الله تي اهو نالو ميرن صاحبن رکيو هو. جڏهن ڪو اهڙو مقدمو ميرن وٽ ايندو هو ته مير صاحب ڪيس گهرائيندا هئا، ڇاڪاڻ ته هي بزرگ بي رياڻي سان فيصلو ڪندو هو. مير صاحب سواري لاءِ وهٽ موڪليندا هئا ته ان تي نه چڙهندو هو، وٽس هڪ گڏهه هو ان تي چڙهي ويندو هو ۽ ماني پاڻ سان کڻيو ويندو هو.

ميان سيف الله کي ٻه پٽ هئا، هڪڙو ميان عبدالله ۽ ٻيو ميان فيض محمد ۽ اهي ٻئي به علم جا صاحب هئا. هن وقت سندن اولاد مان ڪو به علم وارو نه آهي. ميان عبدالله جي وفات جي ڪا به خبر نه آهي ته ڪڏهن وفات ڪيائين. باقي ميان فيض محمد ۱۹۱۷ع واري پليگ ۾ وفات ڪري ويو(۱).

## قاضي ميان محمد خانواهڻ واري جي درسگاهه

ساهتيءَ ۾ جيڪي عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، انهن مان قاضي ميان محمد خانواهڻ وارو هڪ وڏو عالم، بزرگ اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. قاضي صاحب درويش صفت، بزرگ صورت، بحر علم، مرد ڪامل، فيض جو درياءُ ۽ سر زمين سنڌ لاءِ فخر جو باعث آهي. قاضي ميان محمد بن قاضي محمد اشرف بن قاضي ميان ابوالمعالي بن قاضي ميان عبدالواحد بن قاضي ميان نظام الدين بن قاضي ميان عبدالمعالي خالدي قريشي نسب جو آهي. چيو وڃي ٿو ته سندس وڏا محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيا ۽ هتي ئي آباد ٿيا.

قاضي صاحب ۱۲۰۷هه ۾ ڄائو. پنهنجي والد وٽ ابتدائي سنڌي، فارسي ۽ عربي تعليم حاصل ڪئي. ٿوري عرصي ۾

(۱) راقم کي اهو احوال مهرباني طور ميان قاضي فتح رسول نظاماڻي ٽنڊي قيصر واري کان موصول ٿيو.

قرآن مجيد به حفظ ڪيائين. خانواهڻ پرسان محبت ديري سيال ۾ ميان محمد هاشم وٽ اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين، ۽ ان بعد درس ۽ تدريس جو مشغلو اختيار ڪيائين. قاضي صاحب ٩٠ سالن جي ڄمار ۾ ١٢٩٤ هه ۾ خانواهڻ ۾ وفات ڪري ويو. سندس تصنيفات مان "طب محمدي" (فارسي) مشهور آهي. ٻيو رسالو "ڪربلا جو قضيو" اٽڪل ٣٥ صفحن تي لکيل آهي. انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي عربي، فارسي ۽ سنڌي ڪتاب قلمي نسخن جي صورت ۾ سندس پوين وٽ خسته حالت ۾ موجود آهن. (١)

## قاضي ميان عبدالرحمان جي ڪوٽڙيءَ ۾ درسگاهه

قاضي ميان عبدالرحمان بن قاضي ميون حافظ حسين، ڪوٽڙيءَ جي مشهور قاضي خاندان مان وڏو فقيه عالم ٿي گذريو آهي. ڪوٽڙي جا اهي قاضي ذات جا سما آهن، جيڪي گهڻو اڳ لس ٻيلي ۾ قضا جي عهدي تي رهندا آيا آهن ۽ هن خاندان ۾ به هميشه هڪ ٻئي پويان عالم ٿيندا آيا. جڏهن ڄاموٽن جي، ٻيلي جي متاڪ خاندان جي ٻيبي ڇاڳلي سان جنگ لڳي ۽ ماڻي شڪست کائي ٿاڻي بولا خان ۾ سڪونت اختيار ڪئي ته اهي قاضي به ٻيبي ڇاڳلي سان گڏ لس کي ڇڏي ڪوٽڙي ۾ آيا. قاضي عبدالرحمان مٽيارن جي مشهور محدث مخدوم عبدالڪريم بن مخدوم محمد عثمان کان تعليم ورتي ۽ ڪوٽڙي ۾ هڪ جامع مسجد تعمير ڪرائي اتي عربي تعليم لاءِ درسگاهه قائم ڪئي. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ قاضي عبدالرحمان قضا جي منصب تي مقرر ٿيو.

ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ لڳا مخدوم عبدالڪريم مٽيارن وارو ڪوٽڙي ۾ قاضين وٽ اچي لٿو. قاضي سڳورا ڏاڍا متوڪل هئا،

(١) پروفيسر حامد علي قريشي خانواهٽي جي ذريعي معلوم ٿيو ته مولانا قاضي ميان محمد قريشي خانواهٽي سندس قريبي عزيز هو. ڪيس سچو مٿيون احوال پنهنجي وڏن کان ئي مليو. (الرحيم ١٩٦٨ع، ص ٥٠)

وٽن اهڙي بزرگ مهمان جي مهماني لاءِ پيسو نہ هو، قاضي عبدالرحمان جوار جي ماني کڻي اچي مخدوم جي اڳيو حاضر ڪئي. ان وقت سندس والد ميون حسين بہ زنده هو، تنهن اهو ڏسي پٽ کي دل مان دعا ڪئي تہ سندس اولاد ۾ گوشت ۽ ماني ڪڏهن بہ نہ کٽندي. ان ڪان پوءِ اج تائين هن خاندان جو دسترخوان وسيع رهندو آيو آهي. قاضي ميان عبدالرحمان ٢٦ محرم ١٢٨٩ هه/ ١٨٧٢ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مزار ڪوٽڙي ۾ ماڻهن لاءِ زيارتگاهہ آهي.

قاضي عبدالرحمان صاحب جو هڪ فرزند ميون عبدالباقي نالي وڏو عالم فاضل ٿي گذريو. هن بہ پنهنجي والد وانگر درس تدريس جو ڪم جاري رکيو. هن بزرگ ٢٣ صفر ١٣٠٢ هه ۾ وفات ڪئي. هن خاندان جو هڪ ٻيو بزرگ قاضي عبدالرحمان جو پاڻيو خليفو حاجي نور محمد ٿيو، جنهن رمضان ١٣٠١ هه ۾ وفات ڪئي، ان جي پٽ قاضي حاجي عبدالڪريم (وفات ٢٩ ذوالقعد ١٣٧٨ هه) مٿيارين ۾ تعليم ورتي ۽ خلافت تحريڪ ڪميٽي جو ناظم هو ۽ ڪوٽڙي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر بہ هو. هن خاندان جو هڪ ٻيو بزرگ قاضي يار محمد، پنجاهہ سال کن اڳ فوت ٿي ويو، اهو مئجسٽريٽيءَ جي عهدي تي فائز هو. هاڻوڪو قاضي يار محمد اسسٽنٽ پروفيسر سنڌ يونيورسٽي، انهيءَ مٿئين قاضي يار محمد جو پوٽو آهي (١).

# نورنگ واهہ

سنڌ جي انهن لاتعداد درسگاهن مان هڪ نورنگ واهہ آهي، جيڪو تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ نورنگ واهہ جي ڪپ تي آباد آهي. هن درسگاهہ جو باني علامہ مير محمد صاحب نورنگي

(١) بحوالہ پروفيسر قاضي يار محمد سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ.

هو. علامه مير محمد تعلقي قنبر جي ڳوٺ راضي ڳورڙ جو باشندو ۽ ذات جو جاگيراڻي بلوچ هو. سندس والد جو نالو ملان محمد هاشم هو، جيڪو وقت جو نهايت نيڪ سيرت ۽ مقامي مسجد جو پيش امام هو.

علامه مير محمد قرآن شريف جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان پرائي. ان کان پوءِ مولوي عبدالله ۽ مولوي فيض محمد (وينڻ ڳوٺ پير جو، تعلقو قنبر) کان فارسي جي تعليم پرائي. علم صرف و نحو جي تعليم، ڳوٺ ”ابڙا“ تعلقي قنبر ۾ عطا محمد اسماعيل ابڙائي کان حاصل ڪيائين. هي اهو جيد عالم هو جنهن سنڌ ۾ منطق ۽ فلسفي جي علمن جو رواج وڌو، نه ته ڪاڻس اڳ فقه ۽ ٻين ديني علمن تي زور هو. مولانا محمد اسماعيل سڌو سنئون مولانا خير آبادي جو شاگرد هو.

ان کان پوءِ ڪجهه وقت مولوي عبدالله ٻنگل ديرائي کان ۽ ڪجهه وقت مولانا غلام محمد آگري کان علم پرايائين. پويون بزرگ علامه حاجي عطاءُ الله فيروز شاهي جي خاص شاگردن مان هو. ان کان پوءِ پاڻ ٻني عاقل جي هڪ صوفي، متقي ۽ عالم مولانا قمرالدين انڌڙ کان حاشيه عبدالغفور ۽ منطق جا ڪي ڪتاب پڙهيائين. انهيءَ درس ۾ ساڻس وقت جو مشهور عالم مولانا عبدالوهاب ڪولاچي به شريڪ هو. ساڻس دور جو هڪ ٻيو وڏو بزرگ ۽ عالم مولانا حماد الله صاحب هاليجوي به مولانا قمرالدين صاحب جو شاگرد هو. ڪجهه وقت بعد جناب مولانا نظر محمد صاحب ڀنگ واري کان علمي فيض حاصل ڪيائين. مولانا نظر محمد، سنڌ، پنجاب ۽ سرحد جي ڪيترن ئي جيد عالمن جو استاد مڃيو ويندو هو. ان کان پوءِ پاڻ لاهور هليو ويو، جتي مولانا امام بخش بهاولپوري جي خدمت ۾ رهي ۱۳۱۲ هجري ۾ نصاب حديث حاصل ڪري وطن واپس موٽيو. الله تعاليٰ تي توڪل ڪري اچي تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. شاگردن کي پنهنجي اولاد جيان ڀائيندو هو ۽ تعليم کي ٻين سڀني عبادتن کان افضل

سمجهندو هو. علم حديث سان کيس خاص محبت هوندي هئي. پاڻ حنفي مسلڪ رکندو هو، پر ڪوشش ڪندو هو ته اهڙي طريقي تي عمل پيرا ٿجي جيئن اختلاف کان الڳ رهجي. سندس روحاني رابطو فقير فيض محمد لوڙهي واري سان هو.

علامه موصوف ١٣٢٥ هه ۾ حج بيت الله کان مشرف ٿيو ۽ ڇهه مهينا عرب جي عالمن ۽ بزرگن جي صحبت ۾ رهيو. زندگيءَ جا ٤٥ سال تعليم ۽ تدريس ۾ صرف ڪيائين. سندس شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن مان چند فارغ التحصيل عالمن جا نالا هي آهن: (١) مولانا شفيع محمد مسجدي تعلقو ميهڙ، هي صاحب صوفي، فقيه، اديب، شاعر، مفتي ۽ خطيب هو. مولانا شفيع محمد صاحب جا به ڪيترا ئي شاگرد ٿيا. فن تجويد جو جيد عالم مولانا قاري عبدالڪريم به سندس شاگردن مان هو، جنهن ميهڙ دادو ۾ عربي، فارسي کان سواءِ فن تجويد جو به مدرسو قائم ڪيو، جيڪو تاحال قائم آهي. مولانا قاري عبدالڪريم جو پاڻيٽيو مولانا قاري محمد هن وقت به مڪي مڪرم ۾ فن تجويد جو استاد آهي. (٢) مولانا مولوي محمد صالح بروهي ڪراچي وارو، هي هڪ وڏو محدث ۽ عمدو مقرر هو. (٣) مولانا غلام نبي بروهي، جيڪو تازو ١٩٧٧ع ۾ گذاري ويو. ڪراچي ۾ ابراهيم حيدري جنهن کي هاڻ ڪورنگي سڏيو وڃي ٿو، اتي سندس مدرسو هلندو هو. (٤) مولانا مولوي حافظ محمد ڪامل ڳوٺ سنهڙي جو نهايت ذهين ۽ جيد عالم هو. مولانا پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ تعليم ۽ تدريس ڏيندو هو. سنڌ جو مشهور عالم ۽ اديب مولانا علي محمد ڪاڪي پوٽو به سندس ابتدائي شاگردن مان هو. (٥) مولانا عبدالڪريم گهنهڙ (٦) مولانا قاضي گل محمد ترائي (٧) مولانا مولوي پير محمد تعلقو قنبر (٨) مولانا مولوي محمد امين تعلقو قنبر (٩) مولانا مولوي عبدالعزيز نورنگ واهي (١٠) مولانا مولوي خوش محمد ڳوٺ ميرو خان، پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائين ۽ اتي آخري دم تائين پڙهائيندو رهيو (١١) مولانا مولوي

عبدالڪريم ڪور سليمان، جنهن کي مولانا ڪورائي به سڏيو وڃي ٿو. موجوده وقت جو جيد عالم ۽ محقق مولانا غلام مصطفي قاسمي به سندس خاص شاگردن مان آهي. مولانا ڪورائي جو فرزند عبدالغفار هن وقت به ڳوٺ رتي ديري ۾ عربي مدرسو هلائي رهيو آهي (۱۲) مولانا ميرمحمد جو پاءُ مولانا عطا محمد نورنگ واهي (۱۳) مولانا مولوي غلام رسول چانڊيائي – پاڻ پهرين پيڙي چانڊيه ۾ تعليم ڏيندو هو ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ مدرسو کوليائين. لاڙڪاڻي جو مولانا جان محمد عباسي سندس فرزند آهي. مولانا غلام رسول جو پاءُ مولانا عبدالقادر به وڏن عالمن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن وقت پيڙي چانڊيه جو مدرسو سندس سرپرستي هيٺ هلي رهيو آهي. مولانا ميرمحمد جي وفات ۱۰ محرم ۱۳۶۱هه ۾ پنهنجي ڳوٺ نورنگ واهه ۾ ٿي. سندس وفات کان پوءِ ان مدرسي کي مولانا جي فرزند مولوي غلام محمد سنڀاليو. هن وقت نورنگ واهه تي رڳو اڳيان اهڃاڻ وڃي بچيا آهن.

## درسگاه ابڙا

ابڙا جي درسگاهه تعلقي قنبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ هئي، جنهن جو باني مولانا محمد اسماعيل هاليپوٽو هو. هن درسگاهه جو بنياد ۱۹ صدي عيسوي ۾ پيو. مولانا محمد اسماعيل محسوس ڪيو ته معاشري جي فڪر و نظر جي بگڙيل صحت جو علاج علم جي روشني سان ئي ٿي سگهي ٿو. باوجود مسڪيني جي، الله پاڪ سندس ڪوشش کي بار آور ڪيو. مدرسي جي قيام توڙي طالبن جي طعام جو بار سنڌ جي سخي مردن پاڻ تي هموار ڪيو. آخرڪار ابڙا درسگاهه جي مقبوليت انهيءَ مان آشڪار آهي جو ان مان پين ڪيترين ئي درسگاهن وجود ورتو. مولانا محمد اسماعيل جو استاد مولانا فضل الحق خيرآبادي هو، جيڪو هڪ جرائتمند عالم هو. هن ۱۸۵۷ع واري بلوي ۽ انگريزن خلاف جهاد جي فتوي ڏني، جنهن جي ڏوهه ۾ کيس ڪاري پاڻي موڪليو ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

مولانا محمد اسماعيل به پنهنجي استاد وانگر جرائتمند هو. ڪيس دين سان ايتري محبت هوندي هئي جو جيڪڏهن ڪو سلام نه ورائيندو هو ته اها ڳالهه به ڪيس ناگوار لڳندي هئي. هڪ دفعي هڪ ڪانئير کي اسلام عليڪم جي ادب کان غافل ڏسي هن سان ڀڪين پنجي ويو. ابڙا جي درسگاهه جي سند يافته علمائن مان مولانا عبدالله رتائي ۽ مولانا نظر محمد پنگائي قابل ذڪر آهن. مولانا نظر محمد شاگرد رشيد ثابت ٿيو، جنهن ڀُنگ (سنڌ ۽ بهاولپور وچ ۾ هڪ ڳوٺ) ۾ هڪ درسگاهه کولي. انهيءَ درسگاهه مان نه فقط سنڌ ۽ بهاولپور جي طالبن فيض حاصل ڪيو، پر سرحد ۽ پنجاب جا طالب علم پڻ علم جي زيور سان آراسته ٿيا.

## همايون

اتر سنڌ جي علمي ۽ ادبي درسگاهن مان ڳوٺ "همايون" واري درسگاه کي ڪافي مشهوري حاصل رهي آهي، جيڪا تيرهين صدي هجري ۾ قائم ٿي ۽ اٽڪل مني صدي ڏاڍين سنڌ اندر علم ادب جي روشني ڦهلائيندي رهي. سکر، جيڪب آباد ريلوي لائين تي "همايون" هڪ اسٽيشن ۽ چڱو خاصو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ درسگاهه جو پايو وجهندڙ علامه محمد يعقوب هو، جيڪو اصل رياست قلات (بلوچستان) جي شهر "جهٽ" جو ويٺل هو ۽ ڀاڳناڙي (بلوچستان) جي استاد عبدالحليم ڪنڊوي جو شاگرد هو. مولانا محمد يعقوب ۱۲۵۴ ھ ۾ همايون ۾ هڪ عظيم الشان مسجد تعمير ڪرائي، جيڪا اڄ سوڌي سندس يادگار طور موجود آهي. سندس شاگردن مان مولانا عبدالرحمان سکر وارو، مولانا محمد يعقوب سومرائن وارو، مولانا سلطان محمود سيتپور وارو ۽ مولانا محمد هاشم ڳڙهي ياسين وارو مشهور آهن. مولانا محمد يعقوب ۱۲۷۳ ھ ۾ وفات ڪئي. سندس وفات "چراغ دوجهان" مان نڪري ٿي. ڪانئس پوءِ سندس لائق فرزند ۽ مشهور عالم مولانا عبدالغفور همايوني سندس جاءِ نشين ٿيو.

مولانا عبدالغفور ۱۲۶۱ھ ۾ تولد ٿيو. هن پنهنجي والد وٽان علم حاصل ڪيو. والد جي وفات وقت شرح جامي جو حاشيو عبدالغفور پڙهندو هو. بعد ۾ باقي ڪتاب مولانا سلطان محمود سيتپوري جي زيرنگراني پورا ڪيائين. مولانا عبدالغفور همايوني جي سموري چمار درس تدريس ۽ فتوائن لکڻ ۾ گذري. ڪا به فتوي يا تحرير ڏيستائين قبوليت جي نظر سان نه ڏٺي ويندي هئي، جيستائين هن عالم جي مٿس صحيح نه هوندي هئي. پنهنجي همعصرن مان مولانا حاجي حسن الله صديقي پاٽائي، مولانا ارشاد حسين رامپوري ۽ مولانا پير سيد رشدالله صاحب العلم سان تحريري مناظرا ٿيندا رهندا هئس. هن بزرگ جي تحريرن جو مجموعو ”فتاوي همايوني“ جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي. انهي ڪتاب کي سندس حياتي ۾ ئي سندس شاگرد رشيد ۽ برک عالم مولانا محمد ابراهيم گڙهي ياسين واري بن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. مولانا همايوني تصوف، طب ۽ تاريخ جو به ماهر هو، شمالي سنڌ جا اڪثر امير سندس معتقد ۽ مريد هئا.

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو ته طالب علمي جي زماني ۾ مولانا همايوني سان منهنجون ڪيتريون ئي ملاقاتون رهيون. گوشه نشين رهندو هو، در تي دربان بيٺل هوندو هو، واري سان ملاقات لاءِ ويندا هئا، ڪنهن کي هٿ نه ڏيندو هو. قلم يا ڪتاب کي به چادر اندران هٿ ۾ جهلي پوءِ ڏسندو هو. تمام گهٽ ڳالهائيندو هو. سواءِ پڇڻ جي ڪو به جواب نه ڏيندو هو(۱).

مولانا عبدالغفور همايوني، سماع موتي ۽ قبرن وارن کان امداد وٺڻ جو قائل هو ۽ ان سلسلي ۾ عربي زبان جو هڪ رسالو ”الدرالمنشور في الاستعداد من اهل القبور“ به لکيو هئائين. طبي لغت ۾ سندس ”فرهنگ همايوني“ هڪ بي نظير رسالو آهي(۲).

مولانا همايوني قادرالڪلام شاعر پڻ هو. سنڌي ۽ فارسي

(۱) مولوي دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ص ۲۳۴
(۲) ايضاً، ۲۳۶

۾ شعر چيائين. سندس تخلص "مفتون" هو. سندس شعرن جا ٻه مجموعا آهن: (۱) ديوان مفتون سنڌي (۲) ديوان مفتون فارسي، جن مان پهريون ديوان مولانا محمد ابراهيم شيامسندر پريس شڪارپور مان ڇپايو هو، جنهن ۾ ۴۹ صفحا آهن ۽ ۱۱۸ ڪافيون درج آهن.

مولانا همايوني جي شاگردن مان مولانا محمد قاسم ۽ مولانا محمد ابراهيم گڙهي ياسين، ميان محمد مبارڪ ميان جي گوٺ وارو، مولوي عبدالرحيم شڪارپوري، مولوي محمد صادق بلوچستان، مولوي خدا بخش لهڙي، مولانا نبي بخش ڪولاچي، مولوي محمد اسماعيل شاهلي ۽ مولوي محمد يعقوب سبي، مشهور آهن.

مولانا عبدالغفور جي همعصرن مان مير علي نواز علوي ۽ بهادر علي شڪارپور وارا، مولانا تاج محمود امروٽي ۽ مخدوم الهه بخش "عاصي" کهڙن وارو مشهور بزرگ ٿي گذريا. مولانا همايوني جي رهڻي اهڙي ئي سوئي ۽ خلوت نشيني جي رنگ ۾ هئي، جو وقت جا وڏا وڏا عالم، بزرگ ۽ سجاده نشين به سندس فيض جا محتاج هئا. پير سيد محمد صالح شاهه راڻيپور وارو به سندس معتقد هو. پير پاڳارو سيد شاهه مردان شاهه سال بسال کيس دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرائيندو هو.

مولانا عبدالغفور همايوني ۱۱- رمضان المبارڪ ۱۳۳۶هه/ ۱۹۱۸ع جمعي جي ڏينهن وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس ڏوهٽو مولانا عبدالباقي مسند درس تي ويٺو، جنهن کي ٽي فرزند هئا، پر انهن مان ڪو به عالم ڪونه ٿيو. هن وقت ڪتبخانو ضايع ٿي چڪو آهي ۽ مدرسي جي وقعت به اها نه رهي آهي. خانقاهه وغيره قائم آهي.

## ٻـــاٽ

### مخدوم فضل الله ٻاڏائي جي ٻاٽ واري درسگاهه

مخدوم فضل الله سيوهڻ جي صديقي خاندان جو هڪ وڏو عالم ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريو آهي. هيءُ خاندان اصل ۾

ٻاٽ جو ٿي آهي ۽ مخدوم عبدالواحد ڪبير جو اولاد آهي. مخدوم فضل الله ٻاٽ ۾ اچي درسگاهه قائم ڪئي ۽ اتي سڪونت اختيار ڪرڻ ڪري ٻاٽائي مشهور ٿيو. هن بزرگ ڳوٺ ڪياري (ضلعو نوابشاه) جي مخدوم محمد يوسف کان پنهنجي علم جي تڪميل ڪئي ۽ ان کان ئي طريقت ۾ بيعت وٺي خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. مخدوم محمد يوسف وسين واري خليفي محمد اسماعيل جو مريد هو، ۽ اهو وري مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي مڏئي واري جو وڏو خليفو هو. مخدوم فضل الله فارسي جو وڏو شاعر هو. ڪياري مسجد جي بناء جي تاريخ سندس چيل آهي، پنهنجي مرشد ۽ استاد مخدوم محمد يوسف جي وفات تي پڻ گهڻا مرثيا ۽ ماده تاريخ وفات لکيا اٿس. مخدوم فضل الله هڪ وڏو فقيه ۽ مدرس پڻ هو. سندس شاگردن مان مخدوم قاضي شفيع محمد صديقي ٻاٽائي جو نالو قابل ذڪر آهي، جيڪو پڻ هڪ وڏو فقيه ۽ شاعر ٿي گذريو آهي.

مخدوم فضل الله ١٢٩٠ هه ۾ وفات ڪئي. ڪيس مخدوم نظام الدين نالي هڪ فرزند ٿيو، جنهن کي ڪو به نرينه اولاد نه ٿيو، رڳو نياڻيون ٿيس، جن مان هڪ مولانا حاجي حسن الله ٻاٽائي جي نڪاح ۾ آئي ۽ ٻي هڪ نياڻي جو فرزند ميان محمد صالح ٻاٽائي ٿيو. مخدوم نظام الدين جي وفات کان پوءِ مسند نشيني تي مولانا حسن الله ۽ ميان محمد صالح جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. هن جهڳڙي کي نبيرڻ لاءِ مخدوم محمد سيوهاڻي آيو، جنهن ميان محمد صالح جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ ان ڏينهن کان اهو خاندان مسند نشين ٿيندو آيو. ليڪن علم ۾ مخدوم فضل الله ۽ مخدوم نظام الدين جو مسند نشين حاجي حسن الله ثابت ٿيو، جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو متبحر فقيه عالم هو. جنهن علم جي دستار فضيلت شهدادڪوٽي عالمن وٽ ٻڌي هئي ۽ مولانا حاجي عطاالله فيروزشاهي جو وڏو معاصر ۽ رفيق هو. مولانا علامه عمر سوني جتوئي لڳ لاڙڪاڻي وارو جيڪو پوئين دور ۾ وڏو عالم ٿي گذريو، اهو پڻ

مولانا حاجي حسن الله پاٽائي جو شاگرد هو. اهڙي طرح مولوي محمد صديق سيتائي (ايڊيٽر مولانا عبدالغفور سيتائي جو ناٺو) پڻ حاجي حسن الله جو شاگرد هو ۽ مٽيارين جو مشهور فقيه عالم مولانا لعل محمد بہ سندس شاگرد هو. مخدوم فضل الله پاٽائي جي مختلف تحريرن جو مجموعو سنڌ جي قديم ڪتبخانن ۾ موجود آهي، جنهن کي جمع ڪرڻ سان چڱو فقهي ڪتاب جڙي سگهي ٿو.

مخدوم فضل الله جي تصنيفات مان "اصلاح المصباح المفتاح" (فارسي) وڏي شهرت رکي ٿو. هن ڪتاب جي مقدمي ۾ مخدوم صاحب لکيو آهي تہ "مخدوم فتح محمد سنڌي برهانپوري عبادات جي مسائل ۾ فارسي زبان اندر هڪ ڪتاب "مفتاح الصلواة" نالي لکيو هو، جيڪو نہ رڳو سنڌ ۾ پر پوري برصغير ۾ مقبول ٿيو. مخدوم محمد انور لاڙائي هتي جي ماڻهن جي آساني ۽ سهوليت لاءِ ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. ميان عبدالملڪ قوم پيپوٽو، جو هڪ نيڪ بخت ۽ عبادات جي مسائل کي سکڻ ۽ سيکارڻ جو ڏاڍو حريص ۽ شوقين هو، تنهن ان سنڌي ترجمي کي درس ۾ رکيو. پر جڏهن تہ ان ڪتاب ۾ مختلف روايتون موجود هيون، ان ڪري ان مان پوري طرح مطمئن نہ ٿي سگهيو. ان ڪري وقت جي وڏي عالم عمدة الاتقيا سيد علي محمد مهتمم مدرسہ حفاظ دائره شريف کي گذارش ڪيائين تہ مٿين ترجمي ۾ رڳو پروسي واريون اهي روايتون رکي جن تي فتويٰ آهي، ان طرح اختلاف نہ رهندو. سيد صاحب ان جو عرض اگهائيندي اڳين ۽ پوين عالمن جي تصنيفات ۽ سنڌ جي فقيهن جي تحريرن مان متداول ڪتابن جي روايتن کي آڻي ڪتاب مان اختلافي ڳالهين کي اڏائي ڇڏيو ۽ پنهنجي رسالي جو نالو "مصباح المفتاح" رکيائين. اهو ڪتاب هن ملڪ جي شاگردن لاءِ تہ هڪ ذخيرو ثابت ٿيو پر سنڌ کان ٻاهر جي ماڻهن کي هن مان ڪا بہ هڙ حاصل نہ ٿيندي. اتفاق اهڙو ٿيو جو اتر واري ملڪ جو رهاڪو ميان غلام حيدر جيڪو حرمين جي سفر جو ارادو ڪري گهران نڪتو هو، سو داڻي پاڻي

جي قيد ڪري پاٽ ۾ رهي پيو ۽ سڀني رستي تي بيٺل فقيرزاده ميان نظام الدين وٽ علم پرائي رهيو هو. تنهن جڏهن ان ڪتاب کي ڏٺو ته کيس ان ۾ چاهه پيدا ٿيو، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ هجڻ ڪري ان کي سمجهي نٿي سگهيو، ان ڪري مخدوم فضل الله کان فارسي ۾ ترجمي ڪرڻ جي طلب ڪيائين ته جيئن ان لاءِ سولائي پيدا ٿئي. نيٺ هي ڪتاب لکجي پورو ٿيو ۽ هن جو نالو ”اصلاح المصابح والمفتاح“ رکيو ويو. هتي هڪ جلد ۾ ڪتاب سنڌي پورو ٿيو مهني ربيع الاول، تاريخ ۲۵، ڏينهن سومر، سنه ۱۲۷۷هه“ ڪجهه سٽن کان پوءِ لکي ٿو ته ”جي حياتي وفا ڪئي ته ٻئي جلد کي به درست ڪندس“. سنڌي ۾ اهڙن فقه جي صحيح ۽ ضروري مسئلن ۾ هي بي نظير ڪتاب آهي(۱).

## مخدوم حسن الله پاٽائي صديقي

مخدوم حسن الله پاٽائي ولد وهب الله صديقي پاٽائي. ننڍپڻ ۾ پنهنجي چاچي مخدوم حاجي فضل الله وٽ تعليم ورتائين. ان کان پوءِ آخرين ڪتاب مولانا نورمحمد ۽ سندس فرزند مولانا گل محمد شهدادڪوٽي وٽ ختم ڪيائين. سندس همعصر ۽ همدرس علمائن مان مولوي محمد حسن حيدرآبادي ۽ مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسيني، مولوي عطا الله فيروزشاهي ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا علماء هئا.

مخدوم حسن الله سموري زندگي درس تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ گذاري. هن پنهنجي وڏن جي پاٽ ۾ قائم ڪيل مدرسي کي زور شور سان هلايو، جنهن مان ڪيترا شاگرد فائدو حاصل ڪري ويا. هي هڪ وڏو عالم، متڪلم، مناظر ۽ محقق فقيه هو. گهڻو ڪري پنهنجي خانداني عالمن جي فتويٰ ۽ راءِ تي هلندو هو. سندس ڏاڏي مخدوم عبدالواحد سيوستاني جي لکيل ”بياض واحدي“ جي قولن کي ترجيح ڏيندو هو. هندستان جي دارالحرب هجڻ جو قائل هو، تنهنڪري سندس مولوي محمد هاشم ڳڙهي ياسين واري

(۱) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، تيرهين صدي جا مشاهير سنڌ، مشاهير سنڌ نمبر، ۱۹٦۷ع، ص ۱۹۷

سان زبردست تحريري مناظرا رهيا، جو هو هندستان جي دارالسلام جو قائل هو. اهڙي طرح مولانا عطاالله فيروزشاهي سان به تحريري بحث جاري رهيا. نوشهره فيروز جي مشهور قاضي محمد عالم اهل حديث سان ۽ متيارين جي فقير محمد محدث سان به بعض مسئلن تي تحريري رد ڪد هلندا رهيا. هو تحصيل علم توڙي درس تدريس جي سانگي جدا جدا شهرن ۾ به رهيو جيئن ته درٻيلو ۽ متياريون. وٽانئس هيٺين نامور علمائن فيض حاصل ڪيو: (۱) مولوي محمد صديق ڀاٽائي سيتائي (۲) مولوي خيرمحمد جوٺيجو (۳) مخدوم بصرالدين صاحب سيوستاني (۴) مخدوم معين الدين سيوستاني (۵) مولانا علامه عمر جتوئي (۶) مولوي سيد شهاب الدين هالائي (۷) مخدوم محمد دائود درٻيلائي (۸) پيرزادو غلام مجدد مٽعلوي.

مخدوم حسن الله ٻه دفعا حج جو سفر ڪيو ۽ اتي عبدالحق مهاجر الهه آبادي ۽ ٻين وڏن عالمن سان سندس محبتون رهيون. حنفي مذهب جو پيرو هو. مثل بزرگن کان مدد وٺڻ جو قائل هو. آخر ظهر جي مسئلي تي تمام تشدد هوس ۽ ان بابت سندس مستقل رسالا لکيل آهن، جن مان هڪ رسالي جو جواب سيد محمد رشدالله جهنڊي واري لکيو آهي.

۱۳۲۶هه ۾ مولانا دين محمد وفائي کي مخدوم صاحب جي زيارت جو ٻهريون دفعو مدرسه دارالفيض ڳوٺ سونو جتوئي ۾ شرف حاصل ٿيو. غلام محمد جتوئي مخدوم صاحب جو شاگرد رشيد هو ۽ وٽس گهڻو ڪري اچي رهندو هو ۽ سندس استاد صاحب جي عظيم الشان ڪتبخاني مان ڪيترن فقهي مسئلن جي اچي تحقيق ڪندو هو.

۱۹۱۱ع ۾ ڪراچي مان مولوي عبدالڪريم درس جي ذريعي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي علم غيب جي مسئلي جو هڪ زبردست طوفان ڪڙو ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جا علماء ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا. دارالرشاد پير جهنڊو ۽ مظهرالعلوم کڏو ڪراچي جا علماء هن ڳالهه جا قائل هئا ته حضور جن صلي الله

عليہ وسلم کي ايتري ڄاڻ آهي جيترو الله تعاليٰ شريعت ۽ مخلوق جي هدايت لاءِ کين سمجهايو هو. پر مولوي درس ۽ ٻيا گهڻا علماء چئي رهيا هئا تہ حضور جن کي ڪلي جزي ۽ ماڪان ومايڪون (جيڪي ٿيو آهي ۽ جو ڪجهہ اڳيندي ٿيندو) تنهن سڀ جي ڄاڻ آهي. علامہ سيد اسدالله شاهہ ٽکڙائي بہ درس پارٽي سان شامل هو. پير حاجي غلام مجدد متعلوي جي استدعا تي مخدوم حسن الله، مدرسہ سوني جتوئي ۾ مولانا دين محمد وفائي جي موجودگيءَ ۾ انهي سوال تي هڪ رسالو لکيو، جنهن جو نالو ”نورالعينين في اثبات علم الغيب السيد الثقلين“ رکيو ويو، انهي کي درس پارٽي جي علمائن ڏاڍو پسند ڪيو.

ان کان پوءِ سنت ٺٽي قاضي هدايت الله متعلوي جي ڪتاب ”ڪواڪب السعادت“ تي جهڳڙو پيدا ٿيو، جنهن ۾ ان صاحب کي گتا گفتا استعمال ڪيا هئا. انهي رسالي جي رد ۾ حاجي احمد بن فضل محمد علوي ابڙي ”تحفة اولي الالباب في الرد علي طاعن الاصحاب“ لکيو، جيڪو ڪراچي مان شايع ٿيو. اهو رسالو بہ ڳوٺ سوني جتوئي ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جي حوالن سان لکيو ويو. مخدوم صاحب ڏاڍو تکو لکندڙ هو ۽ ڪنهن بہ سوال تي جيستائين متقدمين مان ڪو تائيدي حوالو نہ ملندو هوس تيستائين اڳتي نہ وڌندو هو. نقشبندي طريقي جا ذڪر اذڪار بہ جاري هئا تہ ”دلائل الخيرات“، ”قرآن شريف ورد“ ۽ ”قصيده برده“ بہ روزانو پڙهندو هو. گهڻو ڪري نماز ۾ پيش امام نہ ٿيندو هو. پنهنجي ڪنهن شاگرد جي پويان نماز پڙهندو هو. مدرسہ دارالفيوض سوني جتوئي ۾ مولانا دين محمد وفائي جي دستاربندي وقت اتي موجود هو ۽ کيس پنهنجي هٿن سان دستاربندي ڪرايائين. هن سال ١٣٣٩هہ ۾ وفات ڪئي.

## مولانا محمد شفيع صديقي پاٽائي

مولانا حافظ محمد شفيع صديقي پاٽائي ولد قاضي احمدي، دادو ضلعي جي پاٽ شهر ۾ ١٨٣٥ع ڌاري ڄائو. قاضي احمدي

ميرن طرفان پاڻ جو قاضي مقرر ٿيل هو. ڪيس ميرن وٽان ڪجهه جاگير مليل هئي. قاضي محمد شفيع اڃا ستن ورهين جو هو ته سندس والد قاضي احمدي وفات ڪري ويو. انگريزن جي اوائلي دور ۾ سندس جاگيرون رد ٿي ويون ۽ پاڻ مسڪين ٿي ويو. حافظ محمد شفيع ابتدائي تعليم مخدوم مولوي حاجي فضل الله سيوستاني وٽان حاصل ڪئي. پوءِ قلجي طرف ڪن عالمن وٽان وڏيڪ علم حاصل ڪيائين. پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ پاڻ دستاربند ٿي پنهنجي ڳوٺ آيو ۽ هڪ سال اندر قرآن شريف ياد ڪيائين. سندس حافظو تمام سٺو هو. ڪيترن مطالعه ڪيل ڪتابن جا حوالا ياد ڏيندو هو. سندس لکيل ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ سنسڪرت زبان مان چڱي پر واقف هو. پنهنجي ڳوٺ پاٽ ۾ درسگاهه قائم ڪري سڄي عمر درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. پاڻ عالم سان گڏ عامل پڻ هو. ”قصيده برده“ جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيائين.

درس تدريس جي شغل سان گڏ حڪمت جو به ڪم ڪندو هو. پاڻ هڪ وڏو مدبر ۽ يگانو شاعر پڻ هو. نثر ۽ نظم جا ڪافي ڪتاب لکيائين، جن مان گهڻا اڏوهي کائي ويئي يا گم ٿي ويا. سندس شعر جو نمونو شاهه جي شعر جهڙو آهي. پاڻ سنڌي کان سواءِ عربي، فارسي ۽ سرائڪي ۾ پڻ شعر چيا اٿس.

سندس وفات ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ ١٨٩٨ع ۾ ٿي. هن ٻه شاديون ڪيون هيون، جن مان کيس ٻه پٽ محمد احسان ۽ عبدالواحد هئا. انهن ٻن پٽن مان محمد احسان جو هڪ پٽ قريشي شفيع محمد، ايم - اي عربي جو پروفيسر رهي چڪو آهي.

## مخدوم صديقي پاٽائي جي درسگاه ”محموديه“

علامه محمود صديقي جي ولادت ۽ خانداني بزرگي بابت روايتون آهن ته مغل بادشاهن طرفان پاٽ ۽ سيوهڻ جا قاضي دهليءَ مان سنڌ ۾ موڪليا ويا هئا. علامه فضل الله رحه ۽ مولانا حاجي حسن الله سيوهڻ مان لڏي اچي پاٽ ۾ سڪونت پذير ٿيا.

حاجي فضل الله عارف بالله ۽ يگانو عالم هو. سندس صاحبزادو نظام الدين به درويش ۽ عالم هو. سندن سلسلو شيخ شهاب الدين سهروردي سان ملي ٿو. مولانا محمود جو والد ميان محمد صالح به عالم، مفتي ۽ صوفي هو. حضرت عنايت الله رامپوري جو خليفو هو. علامہ محمود کي مولانا نظام الدين جي گادي تي وهاريو ويو، ۽ اهو فيض سندس خاندان ۾ هميشہ رهيو.

ميان محمود ابتدائي ڪتاب حاجي حسن الله وٽ پڙهيو، پوءِ ٽونڪ ۾ مولانا حڪيم برڪات احمد وٽ پڙهڻ ويو. اتي ڪافي زمانو رهيو. ان بعد اجمير ۾ مولانا معين الدين وٽ به پڙهيو ۽ دستار بندي غالباً حڪيم صاحب وٽ ڪيائين. مولانا عبدالقادر لغاري جي روايت آهي ته صاحبزادو محمود ڪجهه وقت پير جهنڊي ۾ به مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان قاضي مبارڪ پڙهندو رهيو، ڪيس مولانا جي تعليم ڏاڍي پسند آهي. پر مولانا سنڌي ٻين ڪتابن کي ڇڏي رڳو قرآن، موطا ۽ حجت الله البالغه پڙهائڻ شروع ڪيا، ان ڪري مولانا محمود هليو ويو. معقول ۾ سندس بينظير مهارت هئي؛ فقه، حديث ۽ تفسير ۾ به قابل هو.

مولانا موصوف جو چوڻ آهي ته ”طالب علمي ۾ مونکي هي سوداءُ ٿيو ته ذهن ڪيئن وڌي؟ بلغمي ماڻهو ذهين نہ ٿيندو آهي. بلغم وڌندو آهي پاڻي پيئڻ سان، ۽ پاڻي پيئڻ جي ضرورت ٿيندي آهي ماني کائڻ سان، انهيءَ ڪري ماني ٿوري کائيندو هوس، پر ان هوندي به اڃ تہ ضرور لڳندي هئي، سو برابر ٽي سال پاڻي پيئڻ ڇڏي ڏنم ۽ پاڻي جي بجاءِ چانهہ پيئندو هوس“. (۱)

مولانا محمود دائم المريض هو. سندس غير معمولي قابليت جي ڪري فارغ التحصيل عالم به وٽس پڙهڻ ايندا هئا. مولانا عبدالحڪيم شاهل ستائي تعلقي شڪارپور وارو، جيڪو اتر سنڌ جي گهڻن عالمن جو استاد هو، اهو به پاٽ ۾ صاحبزاده محمود صاحب وٽ معقول جا ڪجهه ڪتاب پڙهيو. وٽس سارو نصاب

(۱) ماهي مهراڻ، شماره ۳ - ۴، ص ۱۲۵

باقاعدي ٻن پائرن پڙهيو. مولوي محمد اسماعيل لانگاه ۽ مولوي غلام محمد لانگاهه رتي ديري جا ويٺل. مولانا محمود صاحب يوناني حڪمت جو ماهر هو. صوفي صافي هو. مولانا اشرف علي ٿانوي جو به مريد هو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ، مولانا عنايت الله رامپوري وٽ ڇهه مهنا رهيو ۽ اتي ذڪر فڪر ڪري خلافت وٺي آيو.

سنڌس عربي درسگاهه "محموديه" ۾ مولانا دين محمد "اديب" وفائي "مهديه سعيديه" ۽ شرح هدايت الحڪمت خيرآبادي پڙهيا. پنهنجي فرزند کي درس نظامي جا سبق بند ڪرائي مولانا اشرف علي جا مواعظ پڙهايائين. چوندو هو ته ديوبند جي بزرگن جو علم "ڪالشمس في نصف النهار" (منجهند جي سج جهڙو) آهي. آخر عمر ۾ فقط مولانا ٿانوي جا مواعظ "التبليغ" ۽ "النور" گهرائيندو هو. پاڻ عربي ۽ فارسي جو اديب به هو. عربي ۾ شرح مولف موروڪام تي هڪ ڪتاب به لکيو اٿس. پنجاهه ورهين جي ڄمار ۾ آچر ڏينهن، ٢٩ جمادي الآخر ١٣٥١ هه ۾ وفات ڪيائين.

## مولوي محمد عثمان جي ڪاهي راهو واري درسگاهه

مولوي حاجي محمد عثمان ولد مولانا محمد شريف ولد حافظ محمد صادق انصار، سنڌس وڏا حجاز مان سنڌ ۾ آيل هئا. ميان محمد عثمان جو وڏو ڀاءُ مولانا حبيب الله نوشهري فيروز مان هجرت ڪري مڪي شريف وڃي رهيو، ته محمد عثمان به ساڻس گڏ هجرت ڪئي. پوءِ اتان نون ڏهن سالن جي عمر ۾ يمن وڃي علامه شوڪاني جو شاگرد ٿيو. تڪميل علم کان پوءِ، مولانا موصوف ٣٧ سالن جي عمر ۾ سنڌ ڏانهن واپس آيو. ڳوٺ "ڪاهي راهو" (نوشهري فيروز کان هڪ ميل پري) ۾ درسگاهه قائم ڪري درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. پير صاحب پاڳاري ۽ مير علي مراد خان سان علم دوستي جي ڪري سنڌس گهاٽا لاڳاپا هئا.

نوشهري فيروز جا قاضي محمد عالم، قاضي محمد اڪرم، قاضي محمد فاضل ۽ حافظ جان محمد سندس خاص شاگردن مان هئا. بالآخر انهن جي ڏي ڇوڻ تي باقي زندگي نوشهري فيروز ۾ گذاريائين. تقريباً ۱۸۷۵ع ڌاري وفات ڪيائين، ۽ نوشهري فيروز ۾ ”ميان عدر“ جي قبرستان ۾ دفنايل آهي (۱).

مولوي محمد عثمان جا پنج پٽ ٿيا: مولانا عبدالڪريم ۽ مولانا عبدالحميد هڪ گهر مان، حافظ عبدالله ٻئي گهر مان ۽ قاضي عبدالله ۽ عبدالحميد ٽئين گهر مان. مولانا عبدالڪريم ۽ مولانا عبدالحميد وقت جا سٺا عالم ٿي گذريا. سڄي عمر شادي نه ڪيائون. سندن هڪ وڏو ڪتبخانو موجود آهي. مولانا عبدالڪريم وفات وقت شرعي هدايتن موجب، ڪتبخاني جو ٽيون حصو پنهنجي هڪ سيد شاگرد خوش محمد شاهه ولد سيد امام بخش شاهه ڏاروشاهي جي سپرد ڪيو. باقي ٻه حصا سندس ٻن ڀائرن قاضي عبيدالله ۽ قاضي عبدالواحد کي ورهاست ۾ آيا.

قاضي عبيدالله (وفات ۱۹۳۹ع) کي چار فرزند هئا: تن مان ٻن وڏن ميان عبدالڪريم ۽ ميان نورالدين کي انگريزي پڙهائڻ لاءِ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ داخل ڪرايائين. سنڌ ۾ سڀ کان اول توحيد جي اشاعت مولانا محمد عثمان ڪئي. سندس تصنيف ٿيل تحريرون ۽ رسالا هئا، پر زماني جي دستبرد سبب ضايع ٿي ويا.

## مدرسو دارالفيوض سونو جتوئي

هي مدرسو سنڌ جي اعليٰ ۽ قديم مدرسن مان هڪ آهي. هن مدرسي جو بنياد مولانا غلام عمر ولد محب الله جتوئي ۱۸۹۸ع ۾ ڳوٺ سوني جتوئي تعلقي ڏوڪري ۾ رکيو. اوائل ۾ هن مدرسي ۾ سراسري طرح ۸۰ يا ۹۰ شاگرد هوندا هئا، جن کي

(۱) ميان عبدالرحمان عرف ”ميان عدر“ جو مقام نوشهري فيروز جي ريلوي اسٽيشن کان اوڀر طرف آهي (مهراڻ ۳ - ۴، ۱۹۵۷ع، ص ۱۸)

درس نظامي جي طرز تي تعليم ڏني ويندي هئي. عربي، فارسي، قرآن شريف، حديث، تفسير، فقه، اکڻ پڙهڻ ۽ حفظ وغيره پڙهايا ويندا هئا. مولانا غلام عمر وڏو فقيه هو. علمي فراغت حاجي حسن الله پاٽائي کان لڌائين. سندس وڏن شاگردن مان مولانا خير محمد لاشاري وينل ڇٽو جويو تعلقو ميرو خان، مولانا دين محمد وفائي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا تاج محمد آريجن وارو، مولوي محمد لاهوري ۽ ٻيا آهن.

مولانا غلام عمر جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مولوي فيض الله مدرسي جي نگراني ۽ درس تدريس ۾ زور شور سان بهرو ورتو، جنهن ١٩٥٧ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات کان پوءِ هي ڪم مولوي حافظ حاجي محمد قاسم جتوئي اڄ تائين سنڀاليندو اچي ٿو. جن مشهور عالمن هن مدرسي مان علم حاصل ڪيو، تن جو تفصيل هن ريت آهي: مولوي عبدالشڪور بروهي بلوچستان وارو؛ مولوي محمد رفيق بروهي، مولوي عبدالله خوشنويس، مولوي دوست محمد قاضي بلبل سنڌ، مولوي محمد ڪوڪر مدرس لاهوري. مدرسي کي پنهنجو وڏو ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ڪي قلمي ۽ نادر نسخا پڻ موجود آهن. هي مدرسو ڳوٺاڻن جي امداد سان هلي رهيو آهي، شاگردن جي کاڌي جي خوراڪ جو بندوبست پڻ ڳوٺاڻا ڪندا آهن(١).

## حڪيم تاج محمد "مشتاق" جو قائمي دواخانو ۽ درسگاهه

مولانا تاج محمد جي والد جو نالو حاجي خميسو، ذات افغان هو. ڊسمبر ١٨٩٩ع ۾ بدين شهر ۾ تولد ٿيو. پير پاون شاهه جيلاني جو مريد ۽ همعصر هو. عربي، فارسي ۽ اردو ۾ ڪلي مهارت هئس سان گڏ ڪيس انگريزي تي به دسترس هئي. مولوي صاحب طبابت جو ڪم به ڪندو هو. پير پاون شاهه جي وفات کان پوءِ

(١) راقم کي مٿيون احوال پنهنجي ايم. ايڊ جي شاگرد عبدالرؤف بلوچ کان مليو.

شهر راڃي خاناڻي ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ اتي وڏي پٽ جي نالي ”قائمي يوناني“ دواخانو کوليائين. ان سان گڏ ديني علوم ۽ اسلام جي تبليغ کي فروغ ڏيڻ لاءِ زور شور سان ڪم هلايائين. انهيءَ ڪري ٿر ۾ سندس چڱو نالو نڪتو ۽ سڃاڻپ جو دائرو وسيع تر ٿي ويس. هڪ طبي ماهوار رسالو ”پيام شفا“ جو پڻ ايڊيٽر هو. جيڪڏهن ڪنهن رسالي يا ڪتاب تان طبي نسخو ڏسي ڏاهيندو هو ته ان جو نالو، مصنف جو نالو، ڇپجڻ جو هنڌ ۽ صفحو باقاعدي لکندو هو. سندس طب جون تصنيفون هيٺ ڏجن ٿيون:
(۱) ڪتاب الحميات (۲) شرح قانونچه (۳) قرابادين مشتاقي المعروف به طب ساغر ساقي. ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي قلمي ڪتاب مذهبي وغيره پوين جي بيپرواهي ۽ علمي نا شناسيءَ ڪري گم ٿي ويل آهن. مولوي مرحوم ۵۵ سالن جي عمر ۾ دل جي عارضي سبب وفات ڪئي.

مولوي موصوف حڪيم هئڻ سان گڏ جيد عالم پڻ هو. شاعري به ڪيائين ۽ شعر ۾ سندس تخلص ”مشتاق“ هوندو هو. مير احسان علي ٽالپر ساڪن راڃو خاناڻي سندس شاگرد هو. سيد احمد شاهه ”خاڪي“ سان سندس خاص صحبت جو رستو هو. ڪيس ٽي پٽ هئا، جن مان وڏو پٽ محمد قائم ڪن سببن ڪري گهر ڇڏي جلاوطن ٿي ويو، وچون پٽ غلام علي عرف محمد سومار پسارڪي دڪان جو مالڪ ۽ دوا فروش آهي؛ باقي سندس ننڍو پٽ ڪمال الدين درزي آهي.

## مائي فاطمه لاڪير جي درسگاه

تعلقي ميهڙ ۾، ناري ڪئنال جي ڪپ تي، صفر لاڪير نالي هڪ ڳوٺ آهي ـ مائي فاطمه انهيءَ ڳوٺ جي رهاڪو هئي. هوءَ نهايت ڀلاري ۽ عابده عورت هئي. مسجد ۾ ٻارن کي قرآن شريف پڙهائيندي هئي. جن ٻارن کي جوانيءَ ۾ پڙهايائين، تن جي اولاد کي پيريءَ ۾ پڙهايائين. پاڻ مائي صاحبه ڪٽي ڪٽي

پڙهي، ۽ ڪيستائين تعليم ورتائين ۽ سندس استاد ڪير هو، اها خبر نہ پئجي سگهي آهي. باقي مائي صاحبہ جي علمي ڪمال جو ذڪر سندس شاگرد وقت بہ وقت ڪندا هئا. مولانا الاهي بخش بہ قرآن شريف وٽس پڙهيو هو. سندس قرآن شريف جي قراءہ جو لهجو حافظن جهڙو هو (١). هجري چوڏهين صدي جي پهرئين ڏهي ۾ وفات ڪيائين.

## مهيسرن جو مدرسو

هي مدرسو مهيسرن جي ڳوٺ تعلقي خيرپور ۾ اوائل کان هوندو هو. گهڻو ڪري قرآن شريف ياد ڪرايو ويندو هو. ان سان گڏ عربي ۽ فارسي پڙهائي ويندي هئي. هن مدرسي مان ميان نبي بخش مهيسر ۽ محمد اڪرم مهيسر فارسي جا چڱا اديب ۽ شاعر ٿي نڪتا (٢).

## قاضين جي درسگاهہ

هي مدرسو لقمان (لڳ خيرپور شهر) ۾ قاضي محمد حسين شروع ڪيو. قاضي محمد ڪامل، قاضي خدا بخش (مولانا قاضي محمد ابراهيم جو والد هو) ۽ قاضي محمد علي هن مدرسي مان فارسي جا وڏا اديب ۽ شاعر ٿي نڪتا (٣).

## پيرزادن جي درسگاهہ

هيءَ درسگاهہ گڏيجي شهر ۾ ميان عمر دراز پيرزادي شروع ڪئي. هتان سندس فرزند خان محمد پيرزادو ۽ الهہ رکيو ميربحر ناري وارو، فارسي جا سٺا شاگرد ۽ اديب ٿي نڪتا (٤).

(١) سماهي مهراڻ، ١٩٥٧ع، ص ٨٩

(٢) حافظ محمد اسلم مهيسر، ڳوٺ مهيسر.

(٣) قاضي محمد عاقل.

(٤) پروفيسر عطا محمد حامي.

## ڦلپوٽن جو مدرسو

هي مدرسو ميان عبدالواحد ڦلپوٽي پرڳڻن جي ڳوٺ ۾ کوليو. هتان ميان محمد چام هڪ وڏو اهل دل عالم ٿي نڪتو(١).

## مدرسہ عربي اسڪول، شڪارپور

هي مدرسو عربي اسڪول جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو اندازاً ١٩٠٠ع ڌاري ميونسپالٽي ماتحت هلندو هو. هي مدرسو شروع ۾ چانديہ محلہ ۾ مرحوم الاهي بخش چانڊيي جي جاءِ ۾ هوندو هو. پر سان پاڻي جي استعمال لاءِ هڪ کوهہ بہ هو، سو هن وقت پوريل آهي. مدرسي بابت مختلف معززين جي ملاقات مان، ۽ پير فضل محمد سرهندي کان چڱي معلومات ملي، ڇاڪاڻ تہ هي صاحب هن اسڪول جو شاگرد ٿي رهيو آهي. مولوي محمد فضل الله مرحوم مهتمم مدرسه اشرف العلوم بہ هن مدرسي جو شاگرد رهيو آهي.

١٩٠٠ع ۾ راڻي وڪٽوريا جي وفات تي ميونسپالٽي هال ۾ هڪ تعزيتي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ سڀني ميمبرن فيصلو ڪيو تہ شهر شڪارپور ۾ بہ مدرسا کولجن، هڪ هندن لاءِ ۽ ٻيو مسلمانن لاءِ. هندو پاٺشالا جو تہ ڪو بہ پتو نہ پيو، باقي عربي مدرسي جا شاگرد نظر آيا، جن وٽان، خصوصاً پير صاحب جي چوڻ موجب "وڪٽوريا عربي اسڪول" جي نالي سان مشهور آهي. مرحوم عطا حسين شاهہ موسوي صاحب بہ انهيءَ هند انگريزي اسڪول جو استاد ٿي رهيو. هتي فارسي پڙهڻ لاءِ (مدرسي ۾) ايندو هو.

مدرسي جي نصاب ۽ معلمن جو تفصيل هن ريت آهي:
(١) قرآن شريف جي تعليم (٢) فارسي: آمدنامي کان وٺي سڪندرنامي

(١) روايت استاد امام بخش ڦلپوٽو.
مهيسرن جو مدرسو، قاضن جي درسگاهہ پيرزادن جو مدرسو ۽ ڦلپوٽن جو مدرسو، اهي چارئي مدرسا انگريزن جي دور جا آهن ۽ چوڏهين صدي هجري جي اوائل ۾ قائم ٿيا.

۽ انوار سهيلي تائين (۳) عربي صرف نحو کان وٺي تفسير، منطق وغيره تائين. مدرسي جو پهريون معلم قاضي بهادر علي شاهه هو، جنهن کان پوءِ مولوي عبدالرحمان ميمڻ، قاضي عبدالسلام ۽ مولوي عبدالڪريم سومرو سلسليوار معلم ٿي رهيا. مولوي عبدالرحمان ۱۳۴۰هه/ ۱۹۲۰ع ۾ وفات ڪئي.

۱۹۳۴-۳۵ع ڌاري ميونسپالٽي وارن بهانو ڪيو ته بجيٽ گهٽ آهي ان ڪري اسڪول بند ڪيو وڃي. وڏڙن جي چوڻ موجب مدرسي ۾ ۵۰، ۶۰ جي لڳ ڀڳ شاگرد هئا. هن مدرسي ۾ چترمل ۽ گوڪل مل پنڊت به عربيءَ جا متيان ڪتاب پڙهندا هئا. ڪراچي جا مڪراني به هن مدرسي جا شاگرد هئا. انهن کان سواءِ (۱) مولوي عبدالحڪيم چشتي (۲) حافظ قادربخش لوهار (۳) حڪيم عبدالرحيم (۴) محمد صالح ۽ (۵) مولوي محمد موسيٰ مڪراني هن مدرسي جا مشهور شاگرد ٿيا.

## مدرسه مظهرالعلوم کڏه ڪراچي

هي مدرسو مظهرالعلوم عربيه جي نالي سان معروف آهي. ان جو بنياد مولانا حافظ محمد اسماعيل جي ڏاڏي مولانا عبدالله ۱۳۰۲ هجري ۾ رکيو ۽ ان کي خون جگر پياري زماني جون گرميون سرديون برداشت ڪري برصغير جي نامور عالم مولانا محمد صادق اوج تي آندو.

مدرسي ۾ دينيات جي مڪمل تعليم سان گڏوگڏ حساب، تواريخ، جاگرافي ۽ جديد دنيا جي مسائل کان شاگردن کي آگاهه ڪرڻ لاءِ نوان نوان منصوبا ۽ تجربا پيش ٿيندا رهيا. ڇو ته پراڻن مدرسن جا اهي ڪتاب جن جي پڙهڻ سان اچوڪي دور ۾ بصيرت، استعداد، اسلامي شعور ۽ دين جي حقيقي دعوت ۽ تبليغ ۾ ڪا خاص مدد نٿي ملي، انهن جي جاءِ موجوده زماني جي نئين تقاضا مطابق نصاب ۾ اهي ڪتاب داخل ڪجن جيڪي ملڪ ۽ ملت جي حقيقي ترجماني جو حق ادا ڪري سگهن. انهيءَ اعتبار سان هي پنهنجي نوعيت جو اڪيلو ادارو

آهي، جنهن ۾ اسلامي علوم جا سڀئي قديم، نادر ۽ ناياب ڪتاب ڏنا وڃن ٿا، جن سان طالب علمن کي تصنيف، تاليف، مضمون نويسي ۽ مقاله نگاري جو شوق جاڳي. اهڙي طرح شاگردن کي مختلف عنوانن ۽ موضوعن تي تقرير ۽ تحرير جي لاءِ گڏجاڻيون ڪيون وڃن ٿيون. ماهوار يا ٻن مهنن بعد مباحثي جي مجلس پڻ منعقد ٿئي ٿي. ڪامياب ۽ ذهين شاگردن جي حوصله افزائيءَ لاءِ انعام رکيل آهن. شاگردن جي مذاڪرن جي سموري ڪاروائي قلمبند ڪري اخبارن، رسالن ۽ ٻين ديني مدرسن جي شاگردن کي مهيا ڪري ڏني وڃي ٿي. انهيءَ سموري ڪارگذاري جو مڪمل دفتر اڄ به مدرسي ۾ محفوظ آهي.

شاگردن جي رياضت، ورزش ۽ جسماني صحت جي اصلاح لاءِ کين وچين جي نماز کان پوءِ مختلف رانديون ڪرايون وينديون آهن. انهن جي کاڌي پيتي، ڪپڙي لٽي، رهائش ۽ علاج معالجي جو سمورو بار مدرسي جي ذمي آهي.

مدرسي جي هڪڙي پراڻي ميمبر محمد بن المرزوق عرب جي طرفان مدرسي جي ئي هڪ حصي ۾ هڪڙي ڊسپينسري قائم آهي، جنهن ۾ مدرسي جي شاگردن جو مفت علاج ڪيو وڃي ٿو. پنجاهه سٺ سالن کان اداري جي آغوش ۾ فتويٰ ۽ قضا جو محڪمو آهي، جنهن ۾ فيصلا نڪاح، طلاق، ميراث وغيره جا شرعي اصولن مطابق ڪيا وڃن ٿا. مدرسي جي سڀني ڪلاسن ۾ تقريباً اڍائي سؤ شاگرد آهن. مدرسي جي جامع مسجد، لياري ڪوارٽرس جي وڏي ۾ وڏي مسجد آهي، جنهن جو انتظام ايسوسيئيشن جي ماتحت آهي. مدرسي کي ڏکڻ ۾ هڪ وڏو عيدگاهه آهي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ نماز پڙهي سگهن ٿا. مدرسي جي ڪتبخاني ۾ اڻ لپ عربي، فارسي ۽ سنڌي جا ڪتاب آهن، جن ۾ قلمي ڪتابن جو عجيب ذخيرو آهي. مولانا محمد صادق جي نالي سان هڪ عظيم الشان دارالمطالعه (پبلڪ لائبرري) آهي، جنهن ۾ اردو، سنڌي، انگريزي، فارسي، گجراتي، بلوچي ۽ بروهڪي

جون اخبارون ۽ رسالا موجود آهن. مدرسي جو مرڪز تبليغي خدمتن جي ڪري تاريخي حيثيت رکي ٿو، جيڪو اڄ به خاموشيءَ سان پنهنجي نصب العين مطابق ڪم ڪري رهيو آهي.

مدرسي جي ڪارڪردگي ۽ شاندار ڪاميابي تي ڪيترن ملڪي ۽ ٻاهرين علمائن، دانشورن پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي. مدرسي جو جن ماڻهن معائنو ڪيو ۽ وزيٽرس بوڪ تي پنهنجا رايا لکيا انهن مان ڪي هي آهن(١): شيخ الهند مولانا محمود الحسن، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا حسين احمد مدني، مفتي ڪفايت الله، مولانا شبير احمد عثماني، مولانا احمد علي لاهوري، محمد علي علوب پاشا (مصر جو اڳوڻو سفير)، عبدالوهاب (مصر جو سفير)، محمد عبدالحميد الخطيب (سعودي عرب جو اڳيون سفير)، محمد بشير ابراهيمي (الجزائر)، عبدالحميد هاشمي، مولانا شمس الحق افغاني، صالح اوز خان (ترڪي)، الحاج عبدالقادر گلونا (سفير نائيجريا)، مولانا محمد يوسف دائود (مفتي اعظم برما)، عثمان لطيف (سيڪريٽري جماعت المسلمين پرتگالي آفريڪا).

## درسگاهه دارالفيض ڪور سليمان، تعلقو قنبر

١٣٠٥ هه ۾ سنڌ جي عالمن جي استاد ميان گل محمد شهدادڪوٽي جي وفات کان پوءِ انهيءَ سال ڀاڳواري پٽي ڳوٺ تعلقي رتي ديري ۾ هڪ غريب ماڻهوءَ جي گهر ۾ ٻار ڄائو، جنهن جو شروع ۾ نالو ڪريم بخش رکيو ويو، جو اڳتي هلي علامه عبدالڪريم ۽ ڪور سليمان تعلقي قنبر ۾ درس ڏيڻ جي ڪري ڪورائي جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس ابتدائي تعليم قرآن شريف کان وٺي سڪندر نامه تائين پنهنجي ڳوٺ جي هڪ بزرگ مولانا محمد صالح قريشي وٽ ٿي. پوءِ ڳوٺ جي ويجهو بنگل ديري ۾ مولانا عبدالله کان صرف جا ڪتاب پڙهيو، جو وقت جو وڏو فقيه ۽ مدرس هو. اتان وري نورنگ واهه درسگاهه ۾

(١) روئداد مدرسه عربيه مظهرالعلوم کڏه ڪراچي، سنڌ ١٩٤٣-٤٧ع، ص ٨

پهتو، جتي مولانا ميرمحمد نورنگي وٽ ڏهه مهنا رهي عربي جا ابتدائي ڪتاب پڙهيو. مولانا نورنگي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي کي پڙهايو ته مولانا عبدالڪريم شروع ۾ هڪ ڪتاب شرح مائة ڪلان پڙهندي، ان تي جيڪي شرح جامي ۽ عبدالغفور جا حاشيه آهن تن کي پاڻ حل ڪري ويندو هو ۽ پاڻ تقرير ڪندو هو. مولانا عبدالڪريم، نورنگ مان اسري ان دور جي هڪ وڏي عالم مولانا محمد اسماعيل وٽ ڳوٺ ابڙا تعلقي قنبر ۾ پهتو. جنهن کان منطق ۽ فلسفي جا ڪتاب پڙهي، نحو ۽ فقه جي وڌيڪ تعليم لاءِ سومراڻي تعلقي شڪارپور ۾ پهتو. اتي جي درسگاهه خليفي محمد يعقوب همايوني جي وڏي شاگرد مولانا محمد يعقوب جي قائم ڪيل هئي، جنهن کي اُستاد جي ادب وچان عبدالله سڏيو ويندو هو. مولانا محمد يعقوب عرف عبدالله کي به فرزند هئا: هڪ مولانا عبدالقادر ۽ ٻيو مولانا عبدالستار هئا. مولانا عبدالڪريم انهن ٻنهي عالمن وٽ چار سال خدمت ۾ رهي پڙهندو رهيو. سندس علم ۽ ذڪاوت جي شهرت ايتري درجي تي پهتل هئي جو اتي پڙهڻ واري زماني ۾ به ڪيترن شاگردن کي پڙهائيندو رهيو. مولانا عبدالحڪيم شاهل سڏائي وارو ۽ ان جو وڏو ڀاءُ ان دور ۾ سومراڻي ۾ پڙهندا هئا ۽ سندن اسباق مولانا عبدالڪريم صاحب وٽ هوندا هئا(١).

مولانا عبدالڪريم کي منطق ۽ فلسفي جي اعليٰ ڪتابن جي سلسلي ۾ سومراڻي کي ڇڏي ديري غازي خان وڃڻو پيو ۽ اتي علامه فضل حق وٽ حاشيه عبدالغفور ۽ ٻيا ڪتاب پڙهي پوءِ ملتان آيو جتي مولانا عبدالحليم علم ميراث ۾ وڏي شهرت رکندڙ هو. ان جو ”علم ابيات ميراث“ نالي رسالو سنڌ ۽ پنجاب ۾ پڙهايو ويندو هو، ان کان درس وٺي واپس سنڌ ۾ آيو ۽ مولانا قمرالدين انڙ وٽ منطق ۽ فلسفي جا باقي ڪتاب پڙهي ١٣٢٩هه ۾ پڳ ٻڌائين. مولانا قمرالدين وٽ شاگردي دوران پين کي به

(١) مولانا عبدالڪريم جي خاص شاگرد مولانا قاسمي جي زباني.

پڙهائيندو هو، جن مان ڪي عالم هي آهن: مولوي غلام حيدر شاهه ڦلواري وارو، مولوي محمد عثمان چڪ وارو ۽ ان جو ڀاءُ محمد اسماعيل، مولوي عبدالغفور مهر، مولوي قائم الدين جيڪب آبادي ۽ ان جو ڀاءُ عبدالڪريم.

دستاربندي کان فارغ ٿيڻ بعد محراب پور (علائقو جهٽ پٽ ضلعو سبي) ۾ مير گوهر خان جمالي جي مدرسي ۾ صدر معلم مقرر ٿيو. ڪانئس اڳ اتي ياڳناڙي جو هڪ وڏو عالم غلام رسول شيخ پڙهائيندو هو. جيئن ته مولانا غلام رسول اتان ڇڏي پليڊنه آباد (ضلعي جيڪب آباد) ۾ اوستن جي درسگاهه ۾ هليو ويو هو، تنهنڪري گوهر خان جمالي جو مدرسو ويران ٿيڻ لڳو. تڏهن جمالي صاحب پنهنجو ماڻهو موڪلي مولانا عبدالڪريم کي آڇ ڪئي ۽ ڪانئس مدرسي ۾ اچڻ جو واعدو ورتو. مولانا صاحب جي انهي درسگاهه ۾ پهچڻ کان پوءِ شاگردن جو تعداد تمام گهڻو ٿي ويو. انهي ڪري مولانا صاحب ڏينهن رات ۾ فقط هڪ پهر سمهندو هو، ۽ باقي وقت پڙهائڻ ۾ صرف ڪندو هو. ان دور جي سندس شاگردن مان مولوي فضل محمد محراب پوري ۽ مولوي عبدالحڪيم ميرپور پٺو (لاڙڪاڻو) وڏيڪ مشهور آهن. ڪجهه وقت گذرڻ بعد پنهنجي استاد مولانا قمرالدين انڍڙ جي زور ڀرڻ تي محراب پور کي ڇڏي ماهه رجب ١٣٣٤هه ۾ گهوٽڪي ضلعي سکر جي جامع مسجد واري مدرسي ۾ صدر معلم مقرر ٿيو. سندس مشهور شاگردن جو تفصيل هن ريت آهي: مولوي محمد ابراهيم ڪارڙن وارو، مولوي برڪت علي چانڊيو، مولوي محمد اڪرم بختارپوري، مولوي حسن الله پٺاڻي، مولوي عبداللطيف مغيري، مولوي فقير محمد چانڊيو، مولوي شير محمد پٺو، مولوي غلام عمر گوپانگ، مولوي محمد دائود ٽونيو، مولوي حبيب الله چنگلاڻي، مولوي غلام صديق ذوناري، مولوي سيف الدين انڍڙ، حافظ محمود ميرپور ماٿيلو، مولوي عبدالڪريم پنوعاقل، مولوي صدرالدين سرڪي، مولوي ابوبڪر لاسي، مولوي عبدالغفور لاسي، مولوي فضل محمد

محرابپوري، مولوي عبدالحڪيم ويٺل پيربخش پٽو، مولوي عبدالڪريم ڏيگڙ، مولوي عبدالواحد چڪائي، مولوي محمود هالپائي، مولوي عبدالغفور مهر، مولوي غلام‌محمد محمدپوري، مولوي محمد مبارڪ ويٺل بدين ۾ پيا.

گهوٽڪيءَ ۾ مولانا صاحب کي بواسير جو عارضو ٿي پيو جنهنڪري ربيع‌الاول ١٣٣٥هه ۾ اتان ڇڏي وري محرابپور واپس آيو، جتي ١٣٣٩هه تائين رهيو. ١٣٣٨هه ۾ حج جي سعادت نصيب ٿيس. انهن سالن ۾ سنڌ اندر خلافت تحريڪ جو زور هو. مڪي جي والي شريف حسين جي سخت مخالفت هئي. اسلامي مدرسن جي اجراء جي تحريڪ هلندڙ هئي. سيد تراب علي شاهه راشدي قنبرعلي خان وارو جيڪو سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جو صدر به رهي چڪو هو، ان جي تحريڪ ۽ مولانا ميرمحمد نورنگي جي تائيد تي ڳوٺ ڪور سليمان تعلقي قنبر ۾ هڪ وڏو جلسو سڏايو ويو، جنهن ۾ ٿيل فيصلي موجب ڪور سليمان ۾ هڪ وڏو مدرسو دارالفيض نالي سان کوليو ويو ۽ ان لاءِ مولانا عبدالڪريم کي صدر معلم مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ ئي کيس علامه ڪورائي جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. مدرسي جو سمورو خرچ ڳوٺ وارن کنيو. حاجي محمدخان سومرو زميندار هن ڪم ۾ سڀ کان اڳرو هو. مولانا صاحب وٽ پري پري جا شاگرد پهچي ويا. سندس پڙهائي جو عروج اتي رهيو. مولانا غلام‌مصطفيٰ قاسمي به پنڌرهن سالن جي ڄمار ۾ علامه ڪورائي جي تربيت ۽ تعليم هيٺ پهچي ويو ۽ سارو درس نظامي وٽس پڙهيو.

## علي خان (قنبر) جو ارشاد العلوم

سيد تراب علي شاهه راشدي نه فقط تعلقي قنبر جي ڳوٺ ڪورسليمان ۾ مدرسي دارالفيض جو بنياد وڌو پر پنهنجي شهر ۾ به ارشادالعلوم نالي مدرسو قائم ڪيو. مولانا شمس‌القمر جنهن کي هاڻي مولانا شمس‌الحق افغاني سڏيو وڃي ٿو ان کي صدرمعلم

مقرر ڪيو ويو، جيڪو ان ڪان اڳ درسگاهه دارالرشاد پيرجهنڊو (ضلعو حيدرآباد) ۾ به پڙهائي چڪو هو. وڏي شهرت جو مالڪ هو، ان ڪري مدرسو سنت ئي شاگردن سان ڀرجي ويو. ڪور سليمان جي مدرسي مان مولوي دوست محمد جوهي وارو ۽ هڪ ٻه ٻيا شاگرد سنڌس ڏالو ٻڌي وٽس آيا، پر ٿورڙين ئي ڏينهن مولانا افغاني سان سنڌن اختلاف ٿي پيو ۽ اهي ڪور سليمان واپس وريا. مولانا قاسمي صاحب ٻڌايو ته استاد علامه عبدالڪريم ڪورائي وٽ هيڪر ڪنهن سمجهدار سبق پڙهيو ته پوءِ هو ٻئي هنڌ پڙهي نه سگهندو هو.

مولانا شمس الحق به اڳتي هلي ارشاد العلوم کي ڇڏي ويو، جنهن ڪري علامه ڪورائي جي شاگرد مولانا غلام صديق فاضل ديوبند کي آندو ويو. ڪيترن سالن بعد اهو به درس تدريس جو شغل ڇڏي وڃي حڪمت ۽ طب کي لڳو. تڏهن پير تراب علي شاهه، علامه ڪورائي کي ڪور سليمان مان لڏائي علي خان (قنبر) ۾ آندو جنهن ڪري ڪور سليمان وارو مدرسو ختم ٿي ويو. ان وقت ارشاد العلوم اوج تي هو، مولوي شاهه محمد هڪڙو، مولوي عبدالله چانڊيو ۽ مولانا قاسمي صاحب، ڪور سليمان ڪان پنهنجي استاد سان گڏ آيا هئا، جي پوءِ سنت ئي فارغ ٿيا ۽ اتي ئي پنهنجي استاد سان گڏ پڙهائڻ لڳا. علامه ڪورائي رڳو مولانا قاسمي، مولوي محمد صالح سومري ۽ پير تراب علي شاهه جي فرزند سيد عبدالقادر کي سبق ڏيندا هئا، ٻين سڀني شاگردن کي مولانا قاسمي پنهنجي استاد جي سامهون پڙهائيندو رهندو هو.

ڪجهه سالن ڪان پوءِ پير تراب علي شاهه وفات ڪري ويو. مدرسي جي اها سنڀال نه رهي، ان ڪري علامه ڪورائي، نواب نبي بخش خان ڀٽي جي طلب تي ڳوٺ پير بخش ڀٽو جنهن کي ميرپور ڀٽو به سڏيو ويندو آهي، هليا ويا. جنهن ڪري علي خان (قنبر) جي درسگاهه ارشاد العلوم ختم ٿي وئي.

## درسگاهه ھبرپور پٽو تعلقو رتوديرو

هن درسگاهه جو باني سنڌ جو مشهور مخير ۽ سخي مرد نواب نبي بخش خان پٽو آهي، جنهن علامه عبدالڪريم ڪورائي کي علي خان قنبر مان آڻي پاڻ وٽ رهايو ۽ هڪ وڏي عربي درسگاهه جو بنياد وڌو. مدرسي ۾ شاگردن لاءِ هڪ بهترين بنگلو مخصوص ڪيو ويو. اتي اڳ ۾ هڪ عاليشان مسجد هئي جتي بجلي وغيره جو انتظام نواب صاحب طرفان هوندو هو. شاگردن لاءِ بورچي مقرر هئا، سڄي گيهه جا ٽين پيرها پيا هوندا هئا. سڳداسي چانورن جون ڳوڻيون پيريون پيون هونديون هيون. شاگردن لاءِ گهڻو ڪري روزانو گوشت جو انتظام هوندو هو. نواب صاحب جو خيال هو ته شاگردن جي ذهني تربيت سان گڏ سندن صحت جو به خيال رکيو وڃي. رڳو اها پابندي هئي ته ذهين ۽ ڪم وارا شاگرد داخل ڪيا وڃن، اجائي پرتي نه هجي. مولانا قاسمي صاحب هتي به پنهنجي استاد علامه ڪورائي سان گڏ آيو پر رڳو چار پنج مهينا رهي پوءِ دارالعلوم ديوبند ڏانهن هليو ويو، جتي طب ۽ مشرقي علومن جا امتحان ڏنائين.

علامه ڪورائي آخري عمر ۾ گهڻو ڪري بيمار رهندو هو، ان ڪري سندس فرزند مولوي عبدالغفار جي تعليم اڃا ابتدائي مرحلي ۾ هئي جو پاڻ ۳ جمادي الاخر ۱۳۶۳هه وفات ڪيائين. پر پنهنجي فرزند جي تعليم جاري رکڻ لاءِ پنهنجي خاص شاگرد مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ لاءِ وصيت ڪري ويو. علامه ڪورائي جي وفات تي سندس هڪ شاگرد مولوي محمد ابراهيم ڪارڙن واري تاريخ لکي آهي ته:

فاضلِ ڪورِ سليمان صاحبِ خلقِ عظيم
اوستاد الکل علامه زمان عبدالڪريم
کرد چون رحلت ازين دنيا بملکِ جاودان
شد ندا در خلد مغفور اليه از باغبان
۱۳۶۳ هه

علامه ڪورائي جي وفات کان پوءِ سندس شاگرد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي اچي هن درسگاهه کي آباد ڪيو. ان کان اڳ پاڻ سنڌ جي مشهور درسگاهه دارالسعادت گورو پهوڙ تعلقي شڪارپور ۾ صدر مدرس هئو، جتي سندس نگراني هيٺ ست اٺ پيا ٻه استاد هئا ۽ سوين شاگرد فيض پرائيندا هئا. ان درسگاهه ۾ ٿي امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي شاگرد قاسمي صاحب وٽ برابر ٻارهن تيرهن ڏينهن رهي فيض ڏيندو رهيو.

مولانا قاسمي برابر ٽي سال هن درسگاهه ۾ پڙهايو. سندس شاگردن مان گهڻا هن وقت سنڌ جي مختلف درسگاهن ۾ فيض ڏيئي رهيا آهن. صوبي سنڌ جي هاري ڪاميٽيءَ جي هاڏوڪي صدر مولوي قاضي عزيزالله جروار به آتي مولانا قاسميءَ وٽ دستار ٻڌي. استاد جي وصيت تي عمل ڪندي پاڻ ان عظيم درسگاهه کي ڇڏي، اچي پنهنجي استاد جي گادي وساياڻين، جهڙي طرح مخدوم ابوالحسن سنڌي مدنيءَ جي وفات کان پوءِ ان جي شاگرد محمد حيات سنڌي ان جي درسگاهه کي آباد ڪيو هو.

مولانا قاسمي جي اچڻ بعد ميرپور واري درسگاهه شاهه ولي‌الله جي فلسفي ۽ فڪر جو مرڪز به ٿي پئي، ان ڪري ان جو نالو بيت‌الحڪمت مشهور ٿي ويو. اتي جن شاگردن سمورو درس نظامي پڙهيو انهن مان ڪن جا نالا هي آهن:
(١) مولوي عبدالغفار، علامه ڪورائي جو فرزند (٢) مولوي عبيدالله نصيرآبادي (فاضل ديوبند)، جيڪو مدرسي مظهرالعلوم کڏه ڪراچيءَ ۾ شيخ الحديث به رهي چڪو هو ۽ ٻه سال ٿيا جو ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو. (٣) مولوي محمد سليمان ٻگهيو (فاضل ديوبند) حال پروفيسر سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي (٤) مولوي حافظ عبدالمجيد ميان جو گوٺ (٥) مولوي عبدالڪريم مراد حال پروفيسر جامعه اسلاميه مدينه منوره (٦) مولوي عبدالڪريم قريشي، پير شريف دادو (٧) مولوي حافظ عبدالقادر ٽونيو ميرو خان (٨) مولوي حبيب الرحمان ابن ملان خوش محمد ميرو خان.

(٩) مولوي عبدالخالق جروار شهدادڪوٽ (١٠) مولوي فيض الله جروار شهدادڪوٽ (١١) مولوي محمد يوسف ڪوسو شهدادڪوٽ (١٢) مولوي عبدالرحمان شهدادڪوٽ (١٣) مولوي عبدالحق ڪوسو جيڪب آباد (١۴) مولوي عبدالخالق جاگيراڻي.

مولانا قاسمي صاحب جڏهن پنهنجي استاد جي پٽ مولوي عبدالغفار کي پڳ ٻڌائي، سندس والد جي مسند تي ويهاري، پاڻ موٽي قاسم العلوم گهوٽڪي صدر معلم ٿي ويو. اهڙي طرح ٽي سال سانده مدرسه مظهرالعلوم کڏه ڪراچيءَ ۾ به پڙهائيندو رهيو. مولوي محمد عمر ميمڻ روهڙيءَ وارو، مولوي حافظ قادر بخش لکي وارو ۽ مولوي عبدالحسين سنائي اتي ئي وٽس فارغ التحصيل ٿيا. ان بعد وري سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اسلاميات جو استاد مقرر ٿيو، جتي ڇهه هزار شاگردن ڪانئس فيض پرايو آهي. هن وقت شاه ولي الله اڪيڊميءَ ۾ به تصنيف ۽ تاليف سان گڏ تدريس جو شغل جاري رکندو اچي. مولوي احمد چانڊيو سڪرنڊ، مولوي محمد عثمان پٽي ۽ مولوي سيد خليل احمد شاه صدر مدرس گهوٽڪي، سڀ اڪيڊميءَ ۾ وٽس پڙهي فارغ ٿيا آهن.

## مخدوم ابو محمد عبدالله ولهاري جي ڪنڀري واري درسگاه

مولوي ولهاري جو نالو عبدالله ڪنيت ابو محمد، لقب حاجي اڪبري، قوم سما آهي. سندس والد جو نالو ميان محمد ابراهيم بن ميان عبدالله هو. سندس پيدائش جو سال ١٢۴١هه آهي. سندس سموري تعليم جي تڪميل پنهنجي والد وٽ ٿي. مولانا محمد عثمان درس هاڙهي وارو، سندس هم سبق، صحبتي ۽ معتقد هو. مخدوم ولهاري جو شاهي مدرسو ڦليليءَ پهرياڻين حيدرآباد شهر ۾ ٻائي خان جي چاڙهي تي هوندو هو. اڌ عمر ۾ اتان واپس اچي ڪنڀر شريف ۾ مدرسو جاري ڪيائين، جتان مولانا حاجي حبيب الله ريگستاني، مولوي محمد اسماعيل دل ۽ سيد گل حسن شاه جهڙا متبحر عالم

پيدا ٿيا. سندس تصنيفات جو پورو پتو پئجي نه سگهيو آهي، نه وري سندس ڪتبخانو محفوظ رهيو آهي. سنه ١٣٠٦ھ ۾ وفات ڪيائين. ڪيس ٻه پٽ هئا: ميون حاجي محمد ۽ ميون حاجي احمد. ميين حاجي محمد جي پٽ عبدالله ثاني، مولانا محمد عثمان "قيراني" جي مدرسي مان سند حاصل ڪري درس تدريس جو سلسلو جاري رکيو.

## پير سيد حزب الله شاه راشدي

سيد حزب الله شاهه ولد علي گوهر شاه اول ولد سيد صبغةالله شاهه ولد سيد محمد راشد "روضي ڌڻي" ١٣٥٥ھ ۾ تولد ٿيو. پاڻ ننڍي عمر جو هو، جو سندس والد وفات ڪئي. شروع ۾ آخوند محمد پيرڳوٺائي وٽ قرآن شريف جي ابتدائي تعليم پرايائين. ان بعد مخدوم عبدالڪريم مٽيارن واري جي شاگرد مولوي حاجي عيسيٰ مشهور محدث کي پاڻ وٽ رهائي ان کان فارسي ۽ عربي جو ابياس ڪيائين. مولوي حاجي عيسيٰ جو ڏاڍو ادب ۽ احترام ڪندو هو ۽ آخر ۾ پنهنجا وڏا فرزند به سندس ڏي حوالي ڪيائين. شعر شاعري سندس خاندان ۾ هلي آئي ٿي. هن فارسي شاعري ڏانهن گهڻو لاڙو رکيو. سندس تخلص "مسڪين" هو. مولوي بهاءالدين "بهائي" ۽ مولوي محمد عاقل "عاقلي" سندس ڪلام ڏسندا ۽ اصلاح ڪندا هئا.

جيتوڻيڪ پير حزب الله شاه ننڍپڻ ۾ سجاده نشين ٿيو پر ان سان گڏ مسند درس تي ويهي درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. نقاشي، ڪاشيگري، خوشخطي، حڪمت، طب، ڪيميا ۽ موسيقي جو پڻ وڏو ماهر هو. ڪتابن سان ڏاڍو شوق هوندو هوس. هندستان ۽ ايران مان ناياب ڪتاب سندس دربار ۾ فروخت لاءِ ايندا هئا. ڪيترائي سخن سنج هميشه وٽس موجود رهندا هئا، جن جي ڏاڍي قدرشناسي ڪندو هو. سواري ۽ تيراندازي جو به ڏاڍو شوقين هو. سندس سجادگي وارو دور راشدي خاندان جي جي اوج ۽ عروج جو زمانو هو. سندس ڏي وقت ۾ پير سيد

فضل‌الله جهنڊي واري ولد پير محمد ياسين ولد پير راشد شاهه روضي ڏڏي کي حرن سفر جي حالت ۾ شهيد ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري قانوني ڇڪتاڻ ٿي، پر پوءِ پير شهيد جي پاڻ پير سيد رشيدالدين مقدمي جي پيروي کان انڪار ڪيو ۽ معاملو رفع دفع ٿي ويو. پير صاحب درگاهه راشديه جي سجادگي ٤٥ سال ماڻي، ٥٠ سالن جي چمار ۾ ٤ محرم ١٣٠٨هه تي وفات ڪئي. پير صاحب کي ١٢ فرزند هئا. ڪانئس پوءِ سندس وڏو فرزند شمس‌العلماء پير علي‌گوهر شاهه گادي تي ويٺو، پر جلندر جي بيماري سبب ڏيڍ سال کان پوءِ وفات ڪيائين. ان کان پوءِ ٽيون نمبر فرزند شمس‌العلماء شاه مردان شاه ڪوٽ ڏڏي گادي تي ويٺو. گادي تان ٻن ڀائرن جو جهيڙو هليو، پروي ڪائونسل شاه مردان شاه جي حق ۾ فيصلو ڏنو.

## مولانا محمد حسن قريشي جو مسجد مائي خيري حيدرآباد وارو مدرسو

مولانا محمد حسن جي والد جو نالو مولوي حاجي محمد ۽ سندس ڏاڏي جو نالو محمد حسن هو. پشت به پشت عالم، ڪامل ۽ فياض ٿيندا آيا آهن. سندس خاندان قريشي صديقي هو. سندس ولادت جو هنڌ نوشهره فيروز ضلعو نواب شاهه هو. سندس والد ۽ چاچو محمد صالح، انگريزن جي شروعاتي دور ۾ هجرت ڪري اچي ڳوٺ ڪنڊي تعلقي دادو ۾ سڪونت‌پذير ٿيا ۽ اتي ئي سنڌن درسگاهه هئي. نير جي پوک ڪندا هئا. محمد حسن به انهيءَ ڪم ۾ مدد ڪرائيندو هون. ابتدا ۾ پنهنجي والد مولانا حاجي محمد وٽ تعليم ورتائين، جنهن کيس پوءِ شهدادڪوٽ ۾ مولوي نور محمد وٽ داخل ڪرايو. مولانا محمد حسن ديني علم توڙي باطني علمن ۾ ڪماليت حاصل ڪئي.

مولانا محمد حسن طالبعلمي جي زماني ۾ ڪڏهن به گهر ڏانهن عزيزن جي ملاقات لاءِ نه ويو ۽ نه وري هنن کي ڪو

خط لکيائين، پر جيڪي به ڳوٺاڻا خط ايندا هئس سي هڪ پراڻي مِٽ ۾ اڇلائيندو ويندو هو. دستاربندي ڪرڻ کان پوءِ اهي خط کولي ڏٺائين، جن ۾ ڪن عزيزن جي موت ۽ ڪن جي شادين جا احوال درج ٿيل هئا. مولانا پاڻ بيان ڪري ٿو ته جيڪڏهن اهي خط پڙهندو رهان ها ته علم جي طلب جي ڪيفيت ۾ يڪسوئي نه رهي ها(١).

علم جي تحصيل کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڪنڊيءَ ۾ مدرسو کولايائين، جتان ڳوٺ بقاپور تعلقي لاڙڪاڻي جي معزز زميندار ميان نورمحمد شاهه کيس وٺي اچي پنهنجي مدرسي ۾ معلم مقرر ڪيو. خواجه عبدالرحمان سرهندي، قاضي فيض محمد ساڪن "ٽپٽا" (تعلقو سيوهڻ)، جيڪو حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو، ۽ قاضي امام علي انصاري جي مشوري سان حيدرآباد شهر جي مائي خيري واري مسجد ۾ ديني درسگاهه قائم ڪري مولانا محمد حسن کي وٺي آيا، ۽ اتي ئي باقي زندگي درس تدريس ۾ گذاريائين. پاڻ پڇاڙي جو مائي خيري واري مسجد مان ڇڏي وڃي "ڪانگن ڪاڏي"(٢) جي مسجد ۾ مدرسو جاري ڪيائين.

مولانا محمد حسن وٽان هيٺ ڄاڻايل شاگرد مشهور عالم ٿيا: (١) مولانا غلام محمد ملڪاڻي، جنهن ١٣٠٢هه ۾ دستاربندي ڪئي (٢) مولانا حاجي محمد صادق ٿرڙي محبت وارو، سنڌ جي مشهور واعظ مولانا محمد سليمان جو استاد (٣) مولوي خليفو عبداللطيف هالائي (٤) مولوي ميان شاهه محمد مجاور هالائي (٥) مولوي عبداللطيف حيدرآبادي (٦) سيد فاضل شاهه حيدرآبادي، ۽ (٧) مولوي حسن الله پاٽائي. سندس همعصر ميان عطاالله فيروزشاهي، مولوي غلام صديق، ۽ مولوي گل محمد هئا.

(١) تذڪره مشاهير سنڌ، ص ٢٤٦

(٢) موجوده ٽلاءِ نمبر ٢ ۽ ٣ واري ايراضي کي "ڪانگن ڪاڏي" (ڍنڍ) سڏيندا هئا.

مولانا محمد حسن جي وفات ٦٠ سالن جي عمر ۾ ١٣٠٩ھ ۾ ٿي، انهيءَ حساب سان سندس جنم جو سال ١٢٤٩ھ ٿيندو. سندس فرزند قاضي حاجي محمد هن وقت دادو ۾ سڪونت پذير آهي.

## سيد ميران محمد شاهه اول جو ٽکڙ ۾ مدرسو

حافظ خواجه محمد حسن جان مجددي سيد ميران محمد شاهه کي هنن لفظن ۾ ياد ڪيو آهي: ”سيد موصوف شريف‌النسب عالم عامل، طبيب حاذق، شاعر، مدرس، عابد، زاهد، درفنون خوشنويسي و انگريزي خواني و لطيف‌گوئي لاثاني (تذڪره‌الصلحاء)“(١). سيد ميران محمد شاه ٽکڙائي، متعلوي ساداتن مان هو. ابتدائي تعليم ٽکڙ جي آخوندن کان ورتائين، علم طب ۾ تمام وڏي مهارت حاصل ڪيائين ۽ آخري چمار ۾ پنهنجي ذهانت سان انگريزي به قدري حاصل ڪئي هئائين. سندس فارسي ڪلام ان وقت جي شاعرن ۾ بيحد مقبول هو. سندس پيري مريدي جو سلسلو وسيع هو، انهيءَ ڪري پنهنجي طالبن، عقيدتمندن ۽ مريدن کي ديني تبليغ سان گڏ ديني علوم جو درس به ڏيندو رهندو هو.

انگريزن جي اوائلي راڄ ۾ سنڌي الفابيٽ جي مسئلي ۾ سيد ميران محمد شاهه جو وڏو حصو رهيو. ڪمشنر سنڌ جي استدعا تي نئين الفابيٽ ۾ ”سڌا طوري ۽ ڪڌا طوري“ جي ڪهاڻي لکيائين. ١٢٨٧ھ ۾ حرمين شريف جي زيارت لاءِ آهيو. حج تي وڃڻ کان اڳ ۾ پنهنجي شاگردن ۽ اولاد لاءِ طب جو هڪ رسالو يادگار طور ڇڏيائين، جيڪو اڃا تائين سندس پڙپوٽي سيد قمرالزمان شاه وٽ محفوظ آهي. سيد ميران محمد شاهه نقشبندي طريقي ۾ خواجه عبدالقيوم مجددي (وفات ١٢٧١ھ) کان بيعت ٿيل هو. سندس مرشد زاده خواجه عبدالرحمان مجددي (وفات ١٣١٥) سان عشق جي حد تائين دل هئس. خواجه عبدالرحمان صاحب جڏهن ١٢٩٧ھ ۾ قنڌار مان هجرت ڪري حرمين شريفين جي

(١) تذڪره مشاهير سنڌ، ص ٢٤٢

ارادي سان وطن مان روانو ٿيو، ۽ سيد ميران محمد شاه کي اها سڌ پهتي، تڏهن هن پنهنجي ڳوٺ ٽکڙ مان ٽي سؤ ميل پنڌ ڪري پاڳناڙي ۾ وڃي پنهنجي مرشد زادي جو استقبال ڪيو. سندس ئي ڪوشش سان خواجه عبدالرحمان مجددي حرمين کان واپس اچي ٽکڙ ۾ هميشه لاءِ سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي ئي وفات ڪئي(۱). سيد ميران محمد شاه سنه ۱۳۰۹هه ۾ وفات ڪئي.

## حافظ اسدالله شاهه ٽکڙائي

حافظ اسدالله شاهه ولد الهه بخش شاهه، ۱۵ شعبان ۱۲۸۵هه تي پراڻي ٽکڙ ۾ ڄائو. سندس پهريون استاد حافظ يوسف هو جنهن وٽ سنڌي، فارسي ۽ فقه پڙهڻ بعد، صرف نون مهنن جي قليل عرصي ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائين. ان بعد مڪتوبات امام رباني ۽ مڪتوبات خواجه محمد معصوم به پڙهڻ شروع ڪيائين. اتان فارغ ٿي حيدرآباد ۾ مولوي محمد حسن وٽ عربي جي تحصيل ڪيائين. پوءِ علم حديث پڙهڻ لاءِ مائٽن کي پڌائڻ کان سواءِ ديوبند هليو ويو، جتي مولانا محمودالحسن ديوبندي ڏانهس زياده توجه ڏيئي سندس پڙهائي ۾ ڪافي مدد ڪئي. اتي مهنن کان بعد پنهنجي خيريت جو احوال مائٽن کي لکيائين، جيڪي کيس ڳوٺ وٺي آيا. کيس پڙهائي سان گڏ ڪتابن گڏ ڪرڻ جو به ڏاڍو شوق هو. انهيءَ ڪري سندس ڪتبخاني ۾ ڇهن هزارن کان به وڌيڪ ڪتاب موجود هئا، جيڪي پوين جي بي پرواهي سبب اڌوهي جو کاڄ ٿي ويا.

سيد اسدالله شاهه تحريڪ خلافت ۾ مسلمانن سان ڪلهو ڪلهي سان ڏيئي سرگرم رهيو. کيس درس تدريس جو به ڏاڍو شوق هو، انهيءَ ڪري ٽکڙ جي درسگاهه ۾ طالبن کي درس ڏيندو رهندو هو. انهيءَ کان سواءِ ٽکڙ ۾ هڪ عاليشان دواخانو کوليائين، جتي مريضن جو علاج مفت ڪندو هو.

(۱) مولانا دين محمد وفائي: تذڪره مشاهير سنڌ، ص ۱۴۳، بحواله تذڪره الصلحاء.

حافظ اسدالله شاهه هڪ سٺو نثر نويس هو. سادي عبارت جي باوجود سندس مضمون ڪافي دلچسپ هوندو هو. ۱۹۰۶ع ۾ ٽکڙ مان هڪ رسالو "بهار اخلاق" شايع ڪيائين جنهن ۾ ان وقت جي شاعرن ۽ اديبن جا شعر ۽ مضمون هوندا هئا. "هدايه اسديه" ۱۳۳۱هه ۾ شايع ڪرايائين، جنهن ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي علم غيب واري مسئلي تي نهايت سهڻي ۽ عالمانه سمجهاڻي ڏنائين. هدايت الله "مشتاق" جي ڪتاب "ڪواڪب السادات في شرح مناقب السادات" تي مولوي احمد آبڙي واري جيڪي اعتراض اٿاريا هئا، تن جي جواب ۾ "الانتصار في جواب الاشتهار" لکيائين. سندس ڪتاب "فتح الهادي في رد گمنام حيدرآبادي" هڪڙي عيسائي جي اسلام تي ڪيل حملن جي رد ۾ آهي. حافظ اسدالله شاهه اٽڪل تيرهن چوڏهن سالن جي عمر ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو هو. سندس ڪلام تي عربي ۽ فارسي جو رنگ چڙهيل آهي(۱). سنه ۱۳۴۴هه ۾ ٽکڙ ۾ وفات ڪري ويو(۲).

## مولوي عبدالرحمان سکر واري جي درسگاهه

هي بزرگ شريعت جو پابند ۽ بي نفس درويش هو. نئين سکر جي آباد ٿيڻ وقت پنهنجي والد مولوي ڪمال الدين سان گڏجي بلوچستان مان اچي درياه بندر تي رهيو. مشهور عالم مولانا خليفي محمد يعقوب همايوني کان دستاربندي ڪيل هئس. نقشبندي طريقي ۾ خواجه عبدالقيوم مجددي قنڌاري جو بيعت ٿيل هو. مهمان نوازي جي ڪري سندس دسترخاني تي ڪئين مسافر هميشه موجود هوندا هئا. سندس هٿ تي ڪيترائي هندو مسلمان ٿيا. انهي سلسلي ۾ بعض حالتن ۾ مٿس مقدما به ٿيا. شروعات ۾ نئين سکر ۾ مدرسو قائم ڪري درس ڏيندو رهيو،

(۱) ٽماهي "مهراڻ"، شماره ۳ ۽ ۴، ۱۹۵۷ع، ص ۲۶

(۲) اسدالله "اسد"، تذڪره شعراء ٽکڙ، ۱۹۵۹ع، ص ۷۶

پر پوءِ فقط خلق خدا جي خدمت ۾ لڳو رهيو. ڪانئس پوءِ تبليغ جو اهو سلسلو مولانا تاج محمود امروٽي تائين پهتو.

مولانا عبدالرحمان جي پوٽي مولوي غلام محمد بيان ڪيو ته فقير قادر بخش "بيدل" به مولانا عبدالرحمان جو شاگرد هو. هڪ ڏينهن فقير قادر بخش "شرح جامي" جو درس وٺي رهيو هو ته "عشق" لفظ اچي ويو، جنهن تي فقير بيدل جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ مولانا کي چيائين ته عشق جو لفظ زمين آسمان کان به وڏو نظر اچي ٿو. مون کي اهو بس آهي.

مولانا عبدالرحمان جي عظمت جو اندازو هن مان ڪري سگهجي ٿو ته دارالعلوم ديوبند جو باني مولانا محمد قاسم نانوتوي ۽ مولانا رشيد احمد گنگوهي جهڙا عالم به وٽس ملڻ لاءِ آيا ۽ ٽي ڏينهن سندس مهمان رهيا. مولوي عبدالقادر قاسم پوري مان گهڻيون ملاقاتون رهيس (۱). پير حزب الله شاهه پاڳارو سندس گهڻو احترام ڪندو هو. اندازاً ۷۰ ورهين جي ڄمار ۾ طاعون وگهي ۲۳ شوال ۱۳۱۴هه ۾ وفات ڪيائين.

## مفتي صاحبداد: جامعه راشديه، پير جو ڳوٺ

هن مدرسي جو باني حضرت پير صاحب پاڳارو موجوده سجاده نشين آهي. مدرسي جو انتظام مولانا مفتي صاحبداد جي حوالي آهي. سندس والد جو نالو خميسو خان، جمالي بلوچ، ويٺل جهوڪ سيد قائم شاهه (تحصيل پاڳ، قلات) جو آهي. مفتي صاحبداد ۱۳۱۶هه ۾ لوڏي (ضلعي سبي) ۾ پيدا ٿيو. قرآن شريف خواجه محمد شاهه وٽ پڙهيو ۽ عربي ۽ فارسي جي تعليم مولانا محمد يوسف (رياست قلات) کان پڙهيو. پوءِ سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ درس نظامي جي تعليم حاصل ڪندي اچي "مدرسه قاسميه" ڳڙهي ياسين ۾ مفتي محمد قاسم کان درس ورتائين. ان کان بعد درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. سندس شاگردن مان پير عبدالجبار

(۱) بحواله مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.

رائيپوري، مولانا تاج محمد، مولانا عبدالحي ۽ مولانا فخرالدين قابل ذڪر آهن. سندن تصنيفات جو سلسلو تمام گهڻو آهي. ماهوار رسالو ”الهمايون“ ۽ ماهانہ ”الاسلام“ پڻ جاري ڪيائين. سندس تاليفات جو تفصيل هن ريت آهي: (١) البلاغ المبين (٢) الحق الصريح (٣) سيف الرحمان علي اعداء القرآن (٤) السيف المسلول علي اعداء آل الرسول (٥) اقامة البرهان (٦) الصارم الرباني علي ڪرشن القادياني (٧) فتاوي الهمايوني (٨) عشره عملہ (٩) مدلل فتوي جواز عرس و ميلاد (١٠) اخلاق النبي صلي الله عليہ وسلم (١١) سماع موتي جو مدلل بحث (١٢) وهابي شفاعت جا منڪر آهن (١٣) گستاخ وهابين جا جواب (١٤) التسول بہ سيد الرسل الخالق الڪل، اردو ۾ (١٥) ست پرڪاش، آرين جي ترديد ۾ (١٦) مطالبہ حق، آرين جي ترديد ۾ (١٧) اردو ۾ رسالو، اهم فتوي (١٨) تعمير مساجد ڪا اهم فتوي، ۽ (١٩) رسالہ تعداد ازواج

## ٺلاه شريف جي درسگاهہ

ٺلاه شريف ضلعي لاڙڪاڻي جو مدرسو جيتوڻيڪ اصلي حالت ۾ نہ رهيو آهي، پر انگريزن جي دور ۾ اهو وڏو مدرسو هو. ان جو باني ابوالبقا پير مظهرالدين ولد سيد هدايت الله شاهہ ولد پير محمد راشد روضي ڌڻي آهي. هي هڪ عالم، فاضل، حڪيم ۽ اعلي مدرس هو. سندس سؤٽ پير محمد راشدالله (صاحب العلم الرابع) سان تمام گهاٽي دوستي هيس. هنن ٻنهي بزرگن درميان علمي استعداد وڌائڻ جو مقابلو رهندو ايندو هو، جنهنڪري پير مظهرالدين وڏي علم جو مالڪ ٿي ويو. هن ٺلاهہ شريف ۾ هڪ ديني درسگاهہ کولي، جنهن ۾ بنا ڪنهن اجرت جي ٻين عالمن سان گڏ پاڻ بہ درس ڏيندو هو. هن هڪ ليٿو ڇاپخانو ٺلاهہ شريف ۾ قائم ڪيو، جنهن مان ”هداية الاخوان“ نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيائين. ان کان سواءِ ديني تعليم ۽ تبليغ لاءِ ٻيو مواد بہ ڇپيو رهيو. عربي، سنڌي ۽ فارسي ۾ سندس

ڪيترا ئي رسالا تصنيف ٿيل آهن، جي گھڻو ڪري مذهبي يا طبي آهن. جيئن ته:

(۱) تڪوير الامامة علي ان القلنسوة لا يڪره فيها الاقتداء و الامامة (۲) الفوائد الجماعة في احڪام العمامة (هن رسالي کي قدري بسط سان لکيو ويو آهي) (۳) القواعد المهمة اللفوائد الجمة (هن رسالي ۾ سندس همعصر مولوي محمد اسماعيل تي رد لکيل آهي، جنهن سندس پوئين رسالي تي اعتراض ڪيا هئا).

انهن رسالن ۾ هڪ ئي مسئلي جي صفائي ڪيل آهي ته ٽوپي ۾ جماعت جو امام ٿي نماز پڙهائڻ جائز آهي. هن رسالي جو سندس ڪنهن مريد منظوم سنڌي ترجمو به ڪيو آهي.

(۴) تحريرات مباحثه قراءت قرآن جهر در جماعت (۵) افحام الافحم بتائيد ابراء المتهم (۶) تحصيل الصحفة عن المقامة بما جاء في الفاصد والحجامة (۷) تحقيق الخبر في صلاه الجنازة علي القبر (۸) مجربات مظهرية يوناني (۹) رسالة در فن ڪيميا فارسي (۱۰) سنڌي ڪافين جو ڪتاب (۱).

پير مظهرالدين راشدي وڏي عمر ۾ ٿوري انگريزي سکي ۽ ان ۾ هڪ غزل به لکيو اٿس. چيو وڃي ٿو ته انگريزي لکي نه سگھندو هو، پر پڙهي ويندو هو(۲). پائيتاليهن سالن جي عمر ۾ ڏينهن اربعا، ۲۲ ربيع الثاني ۱۳۱۸ھ ۾ وفات ڪيائين ۽ پنهنجي خاندان جي مقبري ٽلاه شريف ۾ دفنايل آهي.

## مولانا عبدالوهاب بوبڪائي جو مدرسو

مولانا عبدالوهاب، مخدوم عبدالڪريم متعلوي مهاجر (مڪي) جي وڏن شاگردن مان هو. مولوي عبدالرؤف بختيارپوري روايت

(۱) مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ۱۹۷۹ع، ص ص ۲۴۸-۲۴۹

(۲) ڪتاب نمبر ۱، ۴، ۵ ۽ ۶ پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾، ۽ ڪجھه رسالا پير حسام الدين راشدي جي ذخيري ۾ موجود آهن.

ڪئي آهي ته هن ڪمس ٻڍاپڻ جي حالت ۾ ڏٺو، جو تقريباً ٩٠ سالن جي ڄمار ڪي پهتل هو. جواني ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جا پنهنجي دستخط سان نقل ورتا هئائين. جيئن ته (١) تحفة الاخيار حاشيه الدرالمختار مصنف ابراهيم الحلبي (٢) بياض مخدوم محمد هاشم (٣) بياض مخدوم عبدالحليم سيوستاني.

سندس قلم جا لکيل ڪتاب مولوي عبدالرؤف ڏنا هئا. ان کان سواء پيا به ڪيترا ناياب ڪتاب سندس ڪتبخاني ۾ موجود هئا. هن بزرگ پنهنجي شهر ۾ هڪ ذاتي مدرسو قائم ڪيو هو، جنهن ۾ خدا ڪارڻ تعليم ڏيندو هو ۽ تصنيف و تاليف جو شغل جاري رکيو آيو. هن سال ١٣٢٠ھ ۾ وفات ڪئي.

## سيتا جي صديقي درسگاهه

ضلعي دادو جي شهر سيتا جي هيءَ درسگاهه انگريزن جي دور ۾ قائم ٿي، جنهن جو باني مولانا محمد صديق سيوستاني هو. هو معقول ۽ منقول جو وڏو ماهر عالم، مناظر، متڪلم ۽ فقيه هو. هن وڏي ڄمار ۾ مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي وٽان علم جي تحصيل ڪئي ۽ خداداد قابليت سان وڏي شهرت حاصل ڪئي. علم طب ۾ مهارت سبب وقت جا خواص ۽ عام وٽس رجوع ڪندا رهندا هئا. سوين ساٿهو وٽانئس جسماني ۽ روحاني فيض حاصل ڪري ويا، جيئن ته: (١) حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (٢) مولوي عبدالعزيز ملڪاڻي (٣) مولوي عبدالرزاق بوبڪائي (٤) مولوي عبدالله سيتائي (٥) مولوي رحمة الله سيتائي (٦) مولوي عبدالقيوم بختيارپوري (٧) مولوي عبدالرحيم بختيارپوري. سنه ١٣٢١ھ ۾ وفات ڪيائين.

## حافظ محمد يوسف ٽکڙائيءَ جو ٽکڙ وارو مدرسو

حافظ محمد يوسف ولد حافظ محمد هارون ١٢٥٨ھ ۾ پراڻي ٽکڙ ۾ ڄائو هو. حافظ هارون وقت جو جيد عالم هو، جنهن کان حافظ محمد يوسف عربي، فارسي ۽ سنڌي تعليم حاصل ڪئي ۽

قرآن شريف پڻ حفظ ڪيائين. پنهنجي والد سان گڏ طلبا کي تعليم به ڏيندو هو ۽ والد جي وفات کان پوءِ پاڻ ئي مدرسي جو مهتمم ٿيو. ٽکڙ جي درياءَ برد ٿيڻ بعد حافظ محمد يوسف به ٻين وانگر موجوده ٽکڙ ۾ لڏي آيو ۽ اتي به مدرسو جاري رکيائين.

سندس محنت سان ٽکڙ مان ”مخلص“، ”فدا“، ”دلگير“ ۽ ”بسمل“ جهڙا شاعر پيدا ٿيا. پاڻ خواجه عبدالرحمان سرهندي جو مريد ٿيو. حافظ صاحب اعليٰ پايه جو خوشخط هو. شاعري کيس حافظ عاليءَ جي ورثي مان ملي. سندس ڪلام زماني جي خردبرد ڪري ناپيد آهي. کيس ٽي فرزند هئا، جن مان وڏو دلگير جي تخلص سان ۽ ننڍو بسمل جي تخلص سان ادبي دنيا ۾ مقبول ۽ شهرت يافته شاعر ٿيا. سنه ۱۳۲۲ه ۾ وفات ڪيائين.

## مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي جي درسگاهه ”نورمحمديه“

مولانا غلام صديق، مولانا نور محمد جو ننڍو فرزند هو. سندس ولادت ڪنڊي، تحصيل ڀاڳ، رياست قلات ۾ ۴ ربيع الاول ۱۲۶۰ه ۾ ٿي. مولانا غلام صديق ننڍي هوندي ئي پنهنجي ڀاءُ مولانا گل محمد سان گڏ شهدادڪوٽ ۾ اچي رهيو. آتي پنهنجي ڀاءُ مولانا گل محمد کان درسگاهه ”نور محمديه“ شهدادڪوٽ مان ۱۳ سالن جي عمر ۾ علم جي تحصيل ڪيائين. مولانا غلام صديق، مولانا غلام حيدر قادري ڪٽبارن واري جو مريد هو. چوڏهن سالن جي عمر ۾ کيس خلافت ملي ۽ سندس مشهور روحاني خليفا غلام محمد ڪمال ديراڻي خيرپور رياست، ميان علي شير چانڊيو ڏيرو غيبي خان، حافظ محمود چانڊيو ڳوٺ ڀنڀو خان ضلع لاڙڪاڻو ۽ ميان عمرالدين وغيره هئا.

علامه غلام صديق جا مکيه همعصر مولانا عبدالغفور همايوني، مولانا محمد هاشم ڳڙهي ياسيني ۽ مولانا عبدالرحمان سکر وارو هئا. وٽانئس فارغ التحصيل شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن مان علامه حسن الله پاٽائي، مولانا عطاالله فيروز شاهي، مولانا

غلام محمد مهيسر (ڳوٺ ڪمال ديرو، تعلقو گمبٽ) مشهور بزرگ آهن.

مولانا غلام صديق فارسي ۾ "علميات صديقي" (غير مطبوع) ڪتاب ڇڏيا آهن. مولانا غلام محمد ڪمال ديرائي ذڪر ڪندو هو ته سندس شرعي فتوائن جو مجموعو هڪ ضخيم جلد جي صورت ۾ موجود هو، جنهن کي "جُنگ" نالي سڏيندا هئا. ٢٣ ربيع الاول ١٣٢٣هه ۾ وفات ڪيائين ۽ شهدادڪوٽ ۾ دفنايل آهي (١).

## مولانا محمد آگري جي ڳوٺ واري درسگاهه

هي بزرگ ڳوٺ فيض محمد آگري تعلقي ميهڙ جو وياڪ هو. مولانا عطاءالله فيروز شاهي وٽ فارغ التحصيل ٿيڻ بعد پنهنجي ڳوٺ آگري ۾ درس تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين. سندس شاگردن مان مشهور هي آهن: (١) مولوي قادر بخش، ضلعو نواب شاهه (٢) مولانا گلاب الدين چنو فيروز شاهي (٣) مولوي محمد علي نواب شاهه (٤) مولوي فيض الڪريم ساند نارو شاهي (٥) مولوي بخش ضلعو نواب شاهه (٦) مولوي محمد دائود آگرو (٧) مولوي محمد اسماعيل، ضلعو نواب شاهه (٨) مولوي محمد پريل آگرو (٩) مولوي غلام نبي، سندس پاڻتيو (١٠) مولوي ڪريمداد نوڙهي، تعلقو قنبر (١١) مولوي محمد مختار جاگير وارو (١٢) حڪيم مولوي فضل محمد نوشهرو فيروز ۽ (١٣) حڪيم مولوي عنايت الله، سندس پاڻتيو.

مولانا آگري پنجاهه ورهين جي چمار ۾ ١٥ رجب ١٣٢٤هه ۾ وفات ڪئي (٢).

(١) سماهي مهراڻ، جلد ٣ ۽ ٤، ١٩٥٧ع، ص ٥١.

(٢) ايضاً، ص ٥٨.

## مولوي عبدالله ٽيپٽائي جي درسگاهه

مولوي عبدالله ٽيپٽائي ذات پنهور، هڪ وڏو عالم، مدرس هو، ۽ مخدوم عبدالڪريم متعلوي مهاجر مڪي جو شاگرد هو. فقه جي جزئيات ۽ مسئلن ۾ محققاڻہ راهه جو مالڪ هو. هن گهڻن سالن تائين پنهنجي ڳوٺ ٽيپٽ ۾ درس تدريس جو شغل جاري رکيو.

پنهنجي همعصر عالمن مان مولانا عبدالحي لکنوي (وفات ١٣٠٤ هه) ۽ حڪيم خليفي غلام محي‌الدين سيوستاني سان بعض مسئلن تي تحريري مناظرا رهيس. هو فقهي تحقيق ۾ ڪيترن اڳواڻ فقيهن سان اختلاف رکندي به پنهنجي راهه کي دليلن سان ثابت ڪندو هو. مولوي عبدالرؤف بختيارپوري روايت ڪئي تہ مولوي عبدالله جو (٢) "زڪوات جي نصاب تي هڪ مستقل رسالو آهي"، جنهن ۾ مولوي عبدالحي لکنوي تي رد ڪيو اٿس.

مولانا عبدالحي جي تحقيق آهي تہ موجوده انگريزي رپين جي حساب سان ٤٠ رپين تي زڪوات لاڳو ٿئي ٿي. پر مولوي عبدالله پوري تحقيق سان درم ۽ دينار جي جڳن ۾ ماشن سان تور ڪري ثابت ڪيو آهي تہ زڪوات جي نصاب لاءِ چالو انگريزي ٥٣ رپيا هئڻ گهرجن. (٢) هن بزرگ جو هڪ ٻيو رسالو بہ آهي، جنهن ۾ مئل ماڻهن جي نمازن ۽ روزن جي ڪيرائڻ لاءِ قرآن شريف بخشائڻ جي عدم جواز جي فتوي اٿس. وٽس هڪ وڏو ڪتبخانو هو، جنهن مان طالب علم ۽ عالم فائدو وٺندا هئا. تصوف ۾ نقشبندي طريقي موجب خواجہ عبدالرحمان مجددي سرهندي (وفات ١٣١٥هه) جو بيعت هو. آخر چمار ۾ نابينا ٿي رهيو ۽ انهيءَ حالت ۾ قريباً ١٣٢٥هه ڌاري وفات ڪيائين.

## درسگاهه فيروز شاهه

فيروز شاهه جي هن دارالعلوم جو باني مولانا عطاالله آهي.

(١) مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ص ٢٨٢.

اگ ۾ اتي هڪ معمولي مدرسو هو. علامه عطاالله فيروز شاهي (وفات ١٣٢٥هه) ڳوٺ فيروز شاهه تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ ڄاڻو هو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا خير محمد وٽ ورتائين. مولانا عبدالرؤف وٽ "شرح جامي" تائين پڙهيو، ۽ مولانا نورمحمد ۽ مولانا گل محمد شهدادڪوٽي وٽ دستاربندي ڪيائين. سندس هم درس مولانا حسن الله پاٽائي هو.

مولانا عطاالله ڏينهن جو پڙهائيندو هو ۽ رات جو عبادت ڪندو هو. سندس دستاربند شاگرد اٽڪل ٻه درجن آهن، جن مان پهريون مولانا حامدالله ۽ ٻيون مولانا محمد اسماعيل سومرو آهي. سندس شاگردن مان ميان محمد آگرو نهايت فياض ۽ مفتي هو. سماع سان گهڻي محبت هوندي هيس. مولوي محمد هاشم جامع مسجد نواب شاهه وارو وٽس پڙهيو هو. مولانا بهاءالله ١٦ رجب ١٣٢٥هه ۾ وفات ڪئي. اولاد مان صرف هڪ نياڻي هئس. سندس شاگردن مان (١) مولانا حاجي حامدالله ميمڻ، ڳوٺ پيلو سجاول (٢) مولوي احمد ڏاهري، ڳوٺ ڪرم پور سيوهڻ (٣) مولوي حزب الله هالائي وارو (۴) مولوي سرائي الله ڏنو، ٽنڊو شهبازي، سيوهڻ (٥) مولوي محمد آگرو، فيروز شاهي (٦) مولوي محمد پريل آگرو فيروز شاهه (٧) مولوي سيد قطب شاهه، فيروز شاهه (٨) مولوي محمد اسماعيل سومرو (٩) مولوي مسعود ڪوڪر (١٠) مولوي محمد لقمان، مورو (١١) مولوي محمد ادريس راڄپر مورو (١٢) حافظ محمد صادق ڪنهر، ٽرڙي محبت (١٣) مولوي الهه بخش، ڪنڊيارو (١۴) مولوي محمد صديق، ڳوٺ پنجو چنو، سيوهڻ (١٥) مولوي رضا محمد، دولتپور مورو (١٦) مولانا غلام محمد ملڪاڻي ۽ (١٧) مولوي محمد ملوڪ ميهڙ، مشهور ٿيا.

مولانا موصوف جي همعصرن مان مولانا حاجي حسن الله پاٽائي، مولانا پير محمد سعيد لواري وارو، مولوي شفيع محمد پاٽائي، ۽ مولانا عبدالغفور همايوني جا نالا قابل ذڪر آهن (١).

(١) ماهي مهراڻ، شماره ٣-۴، ١٩٥٧ع، ص ٦١.

## مدرسو ڪنزالعلوم ڳوٺ سوهراڻي، ضلعو سکر

هن مدرسي جو بنياد مولانا محمد يعقوب سنه ۱۲۲۹ هه/ ۱۹۱۳ع ۾ رکيو. مولانا يعقوب، خليفي محمد يعقوب همايوني جو شاگرد هو. هن مدرسي سنڌ ۾ وڏو فيض ڏنو. علامه عبدالڪريم ڪورائي ۽ مولانا عبدالحڪيم شاهل سڏائي وارو به اتي پڙهيا. ڪجهه وقت مدرسو هلڻ کان پوءِ بند ٿي ويو ۽ وري سنڌس پٽن مدرسي کي کولي زور شور سان هلايو. مدرسه ڪنزالعلوم ۾ درس نظامي جو ورد جاري آهي. ڪتبخاني ۾ هڪ هزار مطبوعه ۽ پنجاهه قلمي نسخا موجود آهن. هن وقت مدرسي جو مهتمم مولانا عبدالقيوم ۽ صدر مدرس حافظ عبدالمجيد آهي. ٻئي عالم دين جي تعليم ۽ تبليغ کي جاري رکندا اچن.

## مدرسو مدينة العلوم، پيندو

حيدرآباد سنڌ جي آسپاس ۾ جڏهن ديني علم جي شمع اجهامي رهي هئي، تڏهن تعلقي حيدرآباد جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ پيندي ۾ هڪ مرد قلندر مولانا احمد کي جذبو جاڳيو، جنهن دارالعلوم ديوبند جي نقش قدم تي ۱۳۳۰هه/۱۹۱۱ع ۾ مدرسه عربيه مدينة العلوم پيندي جو بنياد رکيو. لاڙ، لس، ريگستان، ڪوهستان، بلوچستان، افغانستان، ايران، خضدار، خاران، سرحد ۽ پنجاب مطلب ته هر طرف کان پروانه شمع علم جي روشني تي اچي ڪٺا ٿيا. قال الله و قال الرسول صلي الله عليه وسلم جي تنوار هڪ طرف ته سعدي و رومي جا فارسي بيت ٻئي طرف هئا.

مولانا احمد زندگي جا ڇيهه سال هن اداري جي بلا معاوضه خدمت سرانجام ڏني، ۱۵ رجب، بروز خميس، ۱۳۶۶هه ۾ وفات ڪئي. ان بعد سنڌس عزيز مولانا محمد عالم مدرسي جو مهتمم ۽ سرپرست ٿيو. مولانا محمد عالم هڪ خدا ترس بزرگ آهي. شب و روز تعليمي مصروفيت سان گڏ ان جي نظم و نسق ۽ تعمير کي به آخري مرحلن تائين پهچايو. هيءُ بزرگ به مدرسي جي بي لوث خدمت سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

مدرسي ۾ تعليمي انتظام حسب ذيل چئن شعبن تي قائم آهي:

(الف) علوم عربيه دينيه، دوره حديث شريف، تفسير، فقه، اصول فقه، عقائد، علم ڪلام، ادب ۽ ديگر علوم و جديد.

(ب) علم قراة و تجويد، حفظ القران و ناظران.

(ج) فارسي قديم و جديد مروج نصاب.

(د) سنڌي، اردو، حساب ڪتاب ۽ دينيات.

هرهڪ شعبي لاءِ الڳ الڳ قابل استاد مقرر آهن، جن مان مولانا محمد نور پنجابي، مولانا علي محمد سنڌي ديوبندي، مولانا مفتي رشيد احمد لڌيانوي فاضل ديوبند، مولانا عبدالهادي ٺٽوي ۽ مولانا محمد ابراهيم سجاولي خاص قابل ذڪر آهن.

**افتاء و قضا جو شعبو:** انهيءَ شعبي مان سالانه سوين فتوائن جا جواب تحرير ڪري سڄي پاڪستان ۾ سائلين کي موڪليا ويندا آهن. اهو ڪم مدرسي جو مهتمم مولانا محمد عالم ڪندو آهي.

**شعبه تبليغ:** هن شعبي جي ماتحت شاگردن ۾ قوت گويائي پيدا ڪرڻ لاءِ هر هفتي استادن جي زيرنگراني تقريري مقابلو ڪرايو ويندو آهي.

**ڪتبخانو:** هن ڪتبخاني ۾ مختلف علوم و فنون جا عربي، سنڌي، فارسي ۽ اردو جا ضروري ڪتاب موجود آهن. تفسير، حديث، اسماءالرجل، سيرت، عقائد، هيئيت، فقه، اصول فقه، تصوف، نحو، معاني، بيان، عروض، صرف، رياضي، منطق، تاريخ، فلسفي، ادب، مناظره ۽ ديگر موضوعن تي مشتمل تقريباً چار هزار درسي ۽ غير درسي ڪتابن جو ناياب ذخيرو موجود آهي. ڪيترا ئي جهونا نادر قلمي ڪتاب به آهن. انهيءَ سان گڏ دارالمطالعه حماديه به آهي، جنهن ۾ هر نموني جا رسالا ۽ اخبارون هونديون آهن.

**قيام گاهه:** شاگردن جي رهڻ لاءِ ٤٥ ڪمرن تي مشتمل بلڊنگ

آهي، جنهن ۾ مدرسي جي ناظم اعليٰ مولانا محمد عارف ۽ حاجي محمود پاتولي جو خاص هٿ آهي.

**وزيٽرس:** هن مدرسي ۾ وقت بوقت مقامي يا بيروني حضرات ايندا رهن ٿا، ۽ مدرسي جي سڀني شعبن جو معائنو ڪرڻ بعد وزيٽرس بوڪ ۾ پنهنجا تاثرات لکندا آهن. اهڙن چند ناميارن وزيٽرس جا نالا هيٺ ڏجن ٿا: شمس العلماء عمر بن محمد دائودپوٽو، ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو، مشتاق احمد گرماني، ڪيپٽن عثمان علي عيساڻي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا خليل محمد جامعه قادريه رحيم يار خان، مولانا سيد علي احمد شاهه درگاهه اڪبري سڪرنڊ، مولانا محمود هاليجوي ۽ مولانا پير احمدالدين.

## مدرسو مولوي جهان خان پٺاڻ، شڪارپور

مدرسو مولوي جهان خان پٺاڻ جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو اڳ دادوائي روڊ تي هوندو هو. ان وقت اتي باغ ۾ وڻڪار هوندي هئي. هن وقت ان جاءِ تي گهر ۽ واڙو اڏيل آهي. اندازاً ١٩٠٠ع ۾ يا سال به اڳ قائم ٿيو هو. مولوي جهان خان اٺ ڏهه سال هن مدرسي ۾ عربي ۽ فارسي چڱي نموني پڙهائي، ١٣٣١ھ/١٩١١ع وفات ڪئي. ان بعد ١٩٢٧ع ۾ مولوي اميد علي صاحب مدرس رهيو. ان وقت ڏهه ٻارهن شاگرد عربي ۽ فارسي وٽس پڙهندا هئا. ٻن ٽن سالن بعد وري مولوي سيد محمود شاهه مدرس رهيو. مولوي جهان خان کان پوءِ جان محمد سهتو مهتمم جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هو.

## پير هدايت الله راشدي ٺلاهي جو مدرسو

حاجي هدايت الله ولد پير محمد ياسين ”جانئين وارو“ ولد پير راشد روضي ڌڻي، قادري طريقي جو صوفي ۽ وچين درجي جو عالم هو. پنهنجي وڏن جي روايت موجب ”ٺلاهه“ جي درسگاهه ۾ طالبن ۽ مريدن کي درس ڏنائين. کيس ڪتابن جمع ڪرڻ جو بيحد شوق هو، جيڪي پوءِ پنهنجي حياتي ۾ ئي پنهنجن فرزندن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيائين.

هن بزرگ جي پنهنجي والد کان بيعت ٿيل هئي. پنهنجي والد جي ملفوظات سنڌي زبان ۾ جمع ڪيائين. پير محمد ياسين جو رسالو "ارشاد الطالبين" تحت لفظي سنڌي ترجمو ڪري ڇپارايائين، جنهن ۾ قادري طريقي جي سلوڪ جا سبق ڏنل آهن. بمبئي، ڪراچي ۽ بلوچستان ۾ سندس گهڻا مريد ۽ معتقد هئا، جن جي دعوتن تي سفر به ڪندو هو. ٦٣ سالن جي ڄمار ۾ ١٣٣٢هه ۾ وفات ڪيائين.

## مدرسه عاليه دارالرشاد پير جهنڊو (ضلعو حيدرآباد)

پير رشدالله صاحب العلم الرابع کي خيال آيو ته ناظره ۽ حفظ قرآن جو درس، جيڪو پير رشيدالدين بيعت ڏٺي جو شروع ڪرايل هو، ان جي ترويج لاءِ عربي مدرسو جاري ڪجي. انهي ڪري مولانا عبيدالله سنڌي کي امروٽ شريف مان گهرائي مدرسي بابت گفتگو ڪيائين. مولانا عبيدالله سنڌي کي خود به مسلمانن جي تعليم جو گهڻو اونو رهندو هو، تنهنڪري هن مدرسي جاري ڪرڻ ۽ ان جي سنڀال ۽ انتظام جو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو. ماهه رجب ١٣١٩هه/١٩٠١ع ۾ مدرسي جو افتتاح ٿيو ۽ نالو عربيه اسلاميه "دارالرشاد" رکيو ويو. مدرسي شروع ڪرڻ لاءِ پير صاحب جي خاندان جي مستورات پنهنجا سونا زيور ڏيئي مدرسي جي امداد ڪئي. ان وقت مدرسي ۾ هيٺيان معلم رکيا ويا:

١- مولانا عبيدالله سنڌي صدر مدرس ۽ مهتمم.
٢- مولانا محمد احمداڻي لغاري، ديري غازي خان وارو مدرس ثالث.
٣- مولانا نجم الدين دريالہ ضلعي جهلم وارو، مدرس ثاني.
٤- مولانا عبدالله لغاري سانگهڙ وارو، مدرس رابع.
٥- حافظ امين محمد مٽوو ڪڇي (١).

مولانا عبيدالله سنڌي، مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ مولانا محمد امير کي پنجاب مان گهرايو، پر هو اٺ ڏينهن رهي واپس هليو ويو.

(١) مولانا مفتي عبدالقادر لغاري، مدرسه دارالرشاد پير جهنڊو، الرحيم، ص ٨٢.

اٺن سالن جي جدوجهد هيٺ هي مدرسو پنهنجي تعليمي ۽ انتظامي بهتري ڪري ايترو مشهور ٿي ويو، جو وڏا وڏا عالم پري پري کان معائني لاءِ ايندا هئا. جيئن ته شيخ الهند مولانا محمودالحسن ديوبند، مولانا شرف علي ٿانوي ۽ مولانا حافظ محمد احمد مهتمم دارالعلوم ديوبند، وغيره.

ماهه شعبان ١٣٢٧هه/١٢ سيپٽمبر ١٩١٠ع تي طالبن جي دستاربندي لاءِ هڪ جلسو سڏايو ويو، جنهن جي صدارت ڀوپال جي قاضي مولانا الشيخ حسين بن محسن الانصار اليماني ڪئي، جيڪو نواب سيد صديق حسن خان قنوجي ڀوپالي جو استاد هو ۽ علامه قاضي شوڪاني اليماني جو شاگرد هو. هن کي فتح الباري شرح الصحيح البخاري جا چوڏهن ئي جلد برزبان ياد هئا. انهيءَ جلسي ۾ (١) پير ضياءالدين شاهه ولد سيد رشدالله شاهه (٢) مولانا محمد اڪرم انصاري هالائي (٣) مولانا محمد الياس جمالي ڪتورو تعلقو هالا (٤) مولانا احمد علي لاهوري (٥) مولوي ابوالحسن درس هوٿي مشائخ، ٽنڊوآدم (٦) مولوي جان محمد درس هوٿي مشائخ ٽنڊوآدم دستاربندي ڪئي.

١٣٢٧هه/١٩١٠ع کان پوءِ مدرسي ۾ هيٺيان مدرس مقرر ڪيا ويا: (١) مولانا عبيدالله سنڌي مهتمم مدرسه دارالرشاد (٢) مولانا محمد صدر مدرس (٣) مولوي خدا بخش، مصنف ارشاد الصرف (٤) مولوي محمد اڪرم (٥) مولانا احمد علي لاهوري (٦) مولوي محمد الياس جمالي (٧) حافظ امين محمد متوو ڪڇي (٨) ڊاڪٽر مولوي محمد علي شاهه.

مدرسي ۾ شاگردن جي پڙهڻ لاءِ عربي جا ابتدائي ڪتاب مولانا قاضي فتح محمد کان سنڌي ۾ ترجمو ڪرايا ويا، مثلاً: ارشاد الصرف، علم الصيغه، شافيه، نحومير، هداية النحو، ڪافيه مالا بد منه، اصول الشاشي.

مدرسي ۾ تبليغ ۽ اشاعت جو سلسلو به جاري هو. ننڍا ننڍا ديني ڪتاب ڇاپائي عام ماڻهن ۾ مفت ورهايا ويندا هئا ۽

پر پاسي وارن ڳوٺن ۾ جمع ڏينهن وعظ ۽ تبليغ لاءِ عالم موڪليا ويندا هئا. اهڙن ڪتابن مان ڪن جا نالا هي آهن: توحيدنامون، الاسماء الحسنيٰ (سنڌي ترجمي سان)، ارشاد المريدين، الفارقة بين اهل الله و اهل للمارقة، التنقيد المعقول في رد تسويد المجهول، زالن جو بيعت نامون ۽ مردن لاءِ بيعت نامون.

تبليغ ۽ اشاعت جي ڪم سان گڏ مدرسي ۾ فتويٰ جو شعبو پڻ کوليو ويو، جنهن جو نالو السواد الاعظم رکيو ويو. ان جا ميمبر هئا مولانا رشدالله شاهه مولانا قاضي فتح محمد نظاماڻي ۽ مولانا پير ضياءالدين. ان کان سواءِ مولانا محمد صادق کڏه ڪراچي ۽ مولوي محمد صديق (کڏه)، مولوي عبدالڪريم درس ڪراچي ۽ مولوي محمد عثمان نورنگزاد (مصنف تفسير تنوير الايمان) پڻ انهيءَ جا ميمبر هئا. اهي فتوائون هڪ مجموعي جي صورت ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن، شايد اهڙو ڪتاب اڃا تائين مدرسه مظهرالعلوم کڏه ڪراچي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

مدرسي ۾ تعليم جو طريقو ٽائيم ٽيبل مطابق هلندو هو ۽ جدا جدا ڪلاسن لاءِ الڳ الڳ استاد هوندا هئا. شاگردن جي حاضري ورتي ويندي هئي. امتحان جو طريقو سه ماهي آزمائش ۽ ششماهي ۽ ساليانو امتحانن جي نموني ٿيندو هو. استادن ۽ شاگردن کي شعبان مهني ۾ ساليانو موڪل ٿيندي هئي. سنه ۱۳۳۰ھ ۾ وري هيٺيان مدرس مقرر ٿيا: (۱) مولانا محمد احمداڻي لغاري صدر مدرس ۽ مهتمم (۲) مولانا خدابخش پنجابي مصنف ارشاد الصرف (۳) مولانا محمد اڪرم انصاري محشي ارشاد الصرف (۴) حافظ امين محمد متوو ڪڇي معلم القران. مولانا عبيدالله لغاري فارغ التحصيل ٿي سيد رشدالله صاحب کان قادريه طريقي جي بيعت به ڪئي هئي ۽ باقاعدي اذڪار به پورا ڪيا ۽ دستاربندي سان گڏ کيس خلافت به عنايت ٿي هئي. هي مرد مجاهد ظاهري ۽ باطني علم سان معمور ٿي پنهنجي وطن روانو ٿيو. مولانا محمد اسماعيل هن مدرسي جو فارغ التحصيل هو. جنهن کي پير رشدالله شاهه

حيدرآباد دکن ڏي ڪتابن نقل ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. مولانا محمد اسماعيل موتي اڇي مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ لڳو ۽ ساڳيا معلم مولانا محمد، مولوي محمد اڪرم، مولوي ولي محمد ۽ حافظ امين محمد به تعليم ڏيندا رهيا.

## مدرسو قاسم العلوم، گهوٽڪي

١٣٣٣هه/١٩١٤ع ۾ مولانا تاج محمود صاحب امروٽي مدرسي جو سنگ بنياد رکيو. مدرسي جو مهتمم مولانا سيد فخرالدين هو. هن وقت صدر مدرس مولانا عزيزالله ديوبندي ۽ ٻيا استاد مولانا ثناءالله، مولانا نور محمد ۽ قاري صاحبڏنو پڙهائين ٿا. مدرسي ۾ درس نظامي رائج آهي. ڪتبخاني ۾ پنج سو ڪتاب مختلف مضمونن ۾ موجود آهن.

هي مدرسو پاڪستان کان اڳ سنڌ جو اعليٰ درسگاهه هو، جتي مولانا اميد علي محدث ۽ ان جو شاگرد مولانا عبدالرزاق رياستي، مولانا نور محمد انڌڙ، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ مولانا قطب الدين انڌڙ صدر مدرس ٿي پڙهائيندا رهيا. پاڪستان کان پوءِ مولانا مظهرالدين انڌڙ ۽ مولوي عبدالهادي، مولوي عبدالحي فاضل ديوبند ۽ ٻيا صدر مدرس رهيا. مولوي عزيزالله رياستي جي ڇڏڻ کان پوءِ هن وقت مولانا سيد خليل احمد شاهه جيلاني، (جيڪو مولانا قاسمي وٽ حيدرآباد ۾ ٽي سال رهي درس نظاميءَ جو وڏو عالم ٿي نڪتو ۽ مشرقي امتحانن ۾ پڻ پهريون نمبر ايندو رهيو، تهران جي فارسي واري ڊپلوما ۾ به پهريون نمبر آيو). صدر مدرس طور ڪم ڪري رهيو آهي.

## مولانا حاجي محمد هالائي جو مدرسو محمديه

مولوي حاجي محمد بن آخوند محمد اسماعيل بن آخوند دين محمد، ساڪن هالا پراڻا، ضلعو حيدرآباد، تاريخ ٢٧ رمضان ١٢٧٦هه ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم ۽ صرف و نحو ڪتاب مولوي خليفي حاجي عبداللطيف ساڪن هالا نوان کان پڙهيائين،

پر پاٽ (ضلعي دادو) ۾ مولانا حسن الله پاٽائي وٽ ٻه ڪجهه وقت پڙهيو. ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ اچي مولانا محمد حسن ڪنبوي وٽ سمورو نصاب پڙهي فارغ ٿيو ۽ اتي ئي پنهنجي استاد جي ارشاد موجب ٻه ٽي سال درس ڏيندو رهيو. ان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ اچي درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. ربيع الاول ١٣٠٩هه ۾ حج بيت الله جو سفر اختيار ڪيائين ۽ اتي مسلسل ٻارهن مهينا رهيو. انهيءَ عرصي ۾ مولانا عبدالحق الله آبادي مهاجر کان اوليات احاديث پڙهي، حديث، فقه ۽ اصول فقه جي باقاعدي سند ۽ اجازت ورتائين. سندس درسگاهه "محمديه" اڄ تائين هالا ۾ موجود آهي.

حاجي محمد مجيل عالم ۽ مفتي هو. حديث، فقه ۽ تصوف تي درڪ حاصل هئس. مثنوي مولانا روم ۽ مڪتوبات امام رباني تي ڪيس گهڻو عبور حاصل هو. تصوف جي باريڪ نڪتن تي حافظ محمد حسن سان سندس بحث مباحثو ۽ خط و ڪتابت ٿيندي رهندي هئي. مسائل فقه ۾ وري مولانا عبدالغفور همايوني سان مباحثو رهندو هو. نقشبندي طريقي ڏانهن مائل هئڻ ڪري پهريائين مولانا شيخ ولي محمد بن شيخ محمد اسحاق ملا ڪاتيار واري جو مريد ٿيو، پر ان جي وفات بعد وري مولانا حاجي عبدالرحمان سرهندي ٽکڙائي جي بيعت ڪيائين. تاريخ ٢ ربيع الثاني ١٣٣٦هه تي فالج جي عارضي ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار شهر هالا پراڻا ۾ آهي.

مولانا حاجي محمد جون هيٺ ڄاڻايل مشهور تصنيفون آهن: (١) الفتاوي الحمديه في احكام الاحمديه (عربي ٻه جلد) (٢) فتاوي احمديه (سنڌي) (٣) خلاصة الآثار المحمديه و الاخبار الاحمديه (عربي) (٤) حقوق الزوجين (سنڌي) (٥) شرح ماه احاديث (سنڌي) (٦) مسائل اربعين في سنة سيد المرسلين (٧) رموز الفرقان (سنڌي) (٨) المسائل الخمسة في دفع توهمات الشيعة (سنڌي) (٩) تمام العناية ترجمة بداية الهداية (سنڌي) رساله در امور طبيه (١٠)

حل التركيب منطق (عربي) (۱۱) دوايه (عربي و سنڌي) (۱۲) قصه بيبي بلقيس (سنڌي) (۱۳) ڪشف الجان (سنڌي) (۱۴) خلاصة الاصول (۱۵) عشرين مسائل فارسي (۱٦) رموز الفرقان (سنڌي) (۱۷) فيض الصمد ترجمة "ايها الولد" (سنڌي) (۱۸) رساله در معرفة نبض و قاروره (۱).

مولانا جي همعصرن ۾ هيٺين بزرگن جا اسماءگرامي قابل ذڪر آهن: (۱) مولانا عبدالغفور همايوني "مفتون" (۲) مولوي حاجي لعل محمد متعلوي (۳) مولوي عبدالرزاق بوبڪائي (۴) مولوي مفتي محمد سعدالله خيرپوري (۵) مولوي عبدالرزاق بختيارپوري (٦) مولانا غلام محمد ملڪائي (۷) قاضي سيد اسدالله شاهه تڪڙائي (۸) قاضي علي محمد هالائي.

سندس چند ناميارن شاگردن جا نالا هي آهن: (۱) مولوي حاجي عبدالرحمان سموي، نصرپور (۲) مولوي جان محمد بختيارپوري (۳) مولوي حڪيم قاضي معين‌الدين هالائي (۴) مولوي خليفو حافظ محمد هالائي (۵) مولوي ميان احمد هالائي ۽ (٦) حڪيم مولوي عبدالله هالائي (۳).

## مدرسو محمديه، هالا پراڻا

هن مدرسي جو باني مولانا احمد (وفات ۱۳۷٦ھ) هالائي آهي. سندس پيءُ جو نالو مولوي محمد هالائي آهي. ۷ جمادي‌الثاني ۱۳۲۴ھ ۾ شهر هالا پراڻا ۾ ڄائو. پنهنجي والد وٽ قرآن شريف، فارسي ۽ عربي جو نصاب، ارڙهن سالن جي عمر ۾ ختم ڪري دستاربندي ڪيائين. دستاربندي بعد "مدرسه محمديه" ۾ درس ڏيڻ لڳو. سندس شاگردن مان مشهور هي آهن: مولوي محمد عرس ڏاهري ٽنڊوآدم، مولوي محمود سانوٽي هالائي، حڪيم شيخ حاجي عبدالواحد متعلوي ۽ مولوي محمد هالائي (سندس پٽ).

(۱) سماهي مهراڻ، نمبر ۲-۴، ص ۸۴.
(۲) ايضاً.
(۳) سماهي مهراڻ، شماره ۳-۴، ص ۸۸.

مولانا احمد به پنهنجي سڄي ڄمار درس و تدريس ۾ پراڻن هالن ۾ بسر ڪئي. سندس شاگردن مان مولانا محمد صادق کڏه ڪراچي، مرحوم دين محمد وفائي، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، مرحوم عبدالقيوم بختيارپوري، مولانا عبدالرؤف بختيارپوري، مولانا حاجي عبدالله ڪڀرائي ۽ مولانا محمد سليمان ٽرڙائي جن جا نالا قابل ذڪر آهن. ۱۵ محرم ۱۳۷۶ه ۾ هالا پراڻا ۾ وفات ڪيائين.

## مولانا محمد اسماعيل سومرو فيروزشاهي جي درسگاهه

مولانا محمد اسماعيل فيروزشاهه جي پرسان ڏيڍ ميل پنڌ تي ٽنيا ڳوٺ جو رهاڪو هو. اتي ئي ڄائو ۽ اتي ئي ۱۹ محرم ۱۳۳۶ه ۾ وفات ڪيائين. سندس والدين غربت جي حالت ۾ ڪيس مدرسي فيروزشاهي ۾ پڙهڻ وهاريو. اتي هن فارسي ۽ عربي ۾ مولانا عطاءالله کان درس ورتو ۽ ان جي مري وڃڻ جي ڪري دستاربندي جي رسم مولانا عبدالرحمان وٽ ڪئي.

فارغ التحصيل ٿيڻ بعد اول پياري ڳوٺ اسٽيشن جي پرسان درويشاڻن جي ڳوٺ ۾ پڙهائڻ ويٺو. اتي عربي جا تمام گهڻا شاگرد هئا. فراغت کان پوءِ فيروزشاهه جي نزديڪ سوڀي خان منگسي جي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي، درس تدريس جو ڪم جاري رکيائين. وٽس فارغ التحصيل شاگردن جو تفصيل هن طرح آهي: (۱) مولوي غلام حسين درويشاڻي پنهور (۲) مولوي محمد چنو ساڪن جيرجي، دادو (۳) مولوي محمد، ياڻ، دادو (۴) مولوي نور محمد ڪلهوڙو، دادو (۵) مولوي محمد قاسم پنهور، دادو (۶) مولوي محمد قاسم لانگاهه ۽ (۷) مولوي محمد هاشم لانگاهه واعظ (ٻئي ياڻر) ويٺل رڪ (۸) مولوي محمد يوسف ڳوٺ بخش لاکير، ميهڙ (۹) مولوي فيض محمد سيال، ويٺل ٽنڊو شهبازي، سيوهڻ (۱).

(۱) مولانا فيروزشاهي جو سومرو احوال قاضي ميان فتح رسول خان نظاماڻي موصول ٿيو.

## مولوي ميان پير محمد جو ٽنڊي قيصر وارو مدرسو

مولانا پير محمد جي ڄمڻ جي صحيح تاريخ معلوم نہ آهي، مگر خليفي محمود ڪڙڻي واري (وفات ۱۲۶۷هہ) جو همعصر هو. سندس والد جو نالو آخوند فقير محمد هو، ۽ ذات جو ٿيٻو هو. سندن اصل ڳوٺ مٽياري آهي جتي سندن وڏن جو ميان بچايي جو مقام مشهور آهي. هي بزرگ ميان محمد صالح مثنوي خوان جي اولاد مان آهي، جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي مثنوي پڙهي ٻڌائيندو هو.

ميان پير محمد، پير سيد رشيدالدين جهنڊي واري کان قادري ۽ نقشبندي جو ذڪر وٺي ان جو مريد ٿيو. سندس ڀاءُ حافظ محمد صلاح، شاهہ ڀٽائي جو راڳ ڏاڍي سوز سان ڳائيندو هو جو ٻڌندڙ ماڻهو بي‌اختيار روئندا هئا. ميان پير محمد قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي والد کان ورتي هئي. ان کان پوءِ عربي جي وڏيڪ تعليم قاضي سيف‌الله ٽنڊي قيصر واري کان ورتائين. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ ٽنڊي قيصر ۾ ٺَـي قيصراڻي مسجد ۾ درسگاهہ کوليائين، ڇاڪاڻ جو سندس پڙ ڏاڏي کي ٻہ قيصر خان نظاماڻي لڏائي پنهنجي ڳوٺ ٽنڊي قيصر ۾ آڻي وهاريو هو. هن بزرگ کي ٻہ پٽ ميان عبدالله ۽ ميان حاجي غلام محمد هئا، جيڪي پڻ اهل علم هئا. انهن مان فقط ميان حاجي غلام محمد کي هڪڙو فرزند آهي. ميان پير محمد جي وفات رجب ۱۳۳۷هہ ۾ ٿي (۱).

## مولانا حاجي الاهي بخش جي صفر لاکير واري درسگاهہ

مولانا حاجي الاهي بخش ولد ميان عبدالعليم بلوچ، ميهڙ کان ڇهہ ميل پري ڳوٺ "ٻانهي لاکير" ۾ ڄائو. ننڍپڻ ۾ ڳوٺ "صفر لاکير" ۾ مائي فاطمہ وٽ قرآن شريف پڙهيائين. ان بعد ماستر محمد اعظم وٽ پندرهن مهينا فارسي ۽ عربي پڙهي

(۱) ايضاً.

مدرسو کوليائين، جنهن ۾ وڏائنس هيٺيان شاگرد فارغ التحصيل ٿي ويا: مولانا عبدالڪريم ديروي ڏيرو؛ مولانا عبدالحليم بلوچ؛ مولوي نـور محمد؛ مولوي شفيع محمد ڳوٺ عرضي نـائچ؛ مولوي محمد ابراهيم جمالي؛ مولانا مير محمد قريشي ۽ مولوي دين محمد "اديب" فيروز شاهي.

مولانا صاحب جي هونئن تہ صحبت هر خاص عام ماڻهو سان هئي، پر مولوي محمد علي ڏيري، مولوي الهہ بخش مهيسر ڳوٺ ٻپري ۽ مولوي محمد سليمان ٽرڙي محبت واري سان سندس خاص صحبتون رهيون. رمضان ١٣٣٨هہ ۾ وفات ڪيائين، ان وقت سندس عمر پنجاهہ کن ورهيہ هئي (١).

## مدرسہ عربيہ احرارالاسلام، ڪراچي

هي مدرسو ڪراچي ۾ ريگسر لائين، لياري ڪوارٽرس ۾ هلندڙ آهي، جنهن جو آغاز ١٣٣٩هہ/١٩٢٠ع ۾ ٿيو. مدرسي جو باني مولانا محمد ڪريم هو. ڪانئس پوءِ مولانا مفتي الحاج محمد عثمان مدرسي جو اهتمام پنهنجي ذمي ڪيو. مدرسي ڪي ڪتبخانو ذاتي آهي، جنهن ۾ ٽي سؤ ڪتاب آهن. مدرسي جي جاءِ وقف آهي، جنهن ۾ ٽي ڪمرا، هڪ ورانڊو ۽ هڪ وڏو هال آهي. شاگردن جي رهائش پڻ انهن ڪمرن ۾ آهي. هن وقت مدرسي جو مهتمم مولانا محمد عمر بلوچ آهي. صدر مدرس مولانا محمد علي ۽ ٻيا استاد مولانا محمد فهيم ۽ مولوي محمد فهيم ۽ مولوي محمد صالح آهن. مدرسي جو انتظام انجمن جي نگراني هيٺ آهي. سنہ ١٩٤٩ع ۾ مدرسي ۾ درس نظامي جو نصاب هلندڙ آهي.

## مدرسہ عربيہ شمس العلوم دليل پـور، اسٽيشن انڙ واهہ جيڪب آباد

هن مدرسي جو بنياد حاجي دليل خان سنہ ١٣٣٩هہ/١٩٢٠ع ۾ پنهنجي ڳوٺ دليل پور ۾ رکيو. هن وقت مدرسي جو مهتمم

(١) سہ ماهي مهراڻ، ص ٩٠.

مولانا ڏنل بخش آهي، ۽ صدر مدرس مولوي محمد مراد آهي. هن مدرسي ۾ شروع شروع ۾ صرف قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم ڏني ويندي هئي. پوءِ وري عربي ۾ صرف جي تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو. هاڻي درس نظامي جي تعليم جو پورو بندوبست آهي. مدرسي کي پنهنجو ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ١٥٠ ڪتاب ۽ ڪي قلمي نسخا موجود آهن.

## مدرسه دارالفيوض هاشميه، سڄاول

لاڙ جي سرزمين تي قدرت جو نظر انتخاب سادات گهراڻي جي الحاج سيد عبدالرحيم شاهه تي وڃي پيو. شاهه صاحب پنهنجي مرحوم پيءُ سيد حاجي هاشم شاهه جي يادگار ۽ ايصال ثواب لاءِ ١٩ جماديالاول ١٣٣٩هه ۾ درسگاهه دارالفيوض هاشميه جو بنياد ٺٽي ضلعي جي شهر سڄاول ۾ وڌو. هن اداري جي سنگ بنياد رکڻ بعد هڪ وڏي رقم ۽ جائداد سڪني دڪان ۽ جاين جي صورت ۾ مدرسي لاءِ وقف ڪري ڇڏي، جنهن مان مدرسي کي گهربل سامان، معلم ۽ انهن جي رهائش جو خاطر خواهه انتظام رکيو ويو. مدرسي جو پهريون صدر مدرس مولانا محمد اڪرم هالائي مقرر ٿيو. مدرس ثاني مولوي فتح علي ۽ مدرس ثالث مولوي محمد عثمان مقرر ڪيو ويو. فارسي تعليم لاءِ مولوي محمد پارڻ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون ۽ قرآن شريف لاءِ حافظ محمد عمر ڪڇي مقرر ڪيو ويو. سنڌي پڙهائڻ، حساب سيکارڻ ۽ پنهنجي مادري ٻولي ۾ وڌيڪ پختگي پيدا ڪرڻ لاءِ ان وقت ميان محمد ڪريم کي استاد مقرر ڪيو ويو.

مدرسي جو اهو ابتدائي دور ١٣٣٩هه کان ١٣٤٥هه تائين ڪاميابيءَ سان هلي پورو ٿيو. انهيءَ عرصي ۾ سڄاول جي مشهور عالم دين مولانا محمد يعقوب ميمڻ جون خدمتون حاصل ڪيون ويون، عربي تدريس سندس ذمي ٿي. انهيءَ دور ۾ نه رڳو سنڌ جا طالب العلم پر پنجاب، بلوچستان، افغانستان، بلخ، بخارا ۽ ايران

جا شاگرد پڻ هن سرچشمي مان سيراب ٿي، وڃي پنهنجي وطن ۾ ديني علوم جي اشاعت ۾ مصروف ٿيا.

سنڌو درياء جي سيلاب درسگاه جي زرخيز زمين کي برباد ڪري ڇڏيو ۽ باقي اهي چند دڪان وڃي بچيا جيڪي مدرسي جي سهاري لاءِ ناڪافي هئا. عين انهيءَ وقت الحاج سيد عبدالحڪيم شاه ٻي زمين ”وقف رحيميه“ جي نالي سان مدرسي جي حوالي ڪئي، بعد وقت خساري جي حالت ۾ شاه صاحب تلافي ڪري ڇڏيندو هو.

مولانا محمد اڪرم کان پوءِ مولانا شمس الحق صدر مدرس ٿيو. جيتوڻيڪ مولانا شمس الحق جو ڇهن سالن جو مختصر دور هو، پر سندس خلوص ۽ هوشياري ڪري مدرسي جي عظمت ۽ هردلعزيزي جون حدون پري پري تائين پکڙجي ويون. انهيءَ دور ۾ سيد حاجي مهر علي شاه مدرسي جو انتظام سنڀاليندو رهيو. مولانا شمس الحق مختصر عرصي بعد دارالعلوم ديوبند هليو ويو. ڪانئس پوءِ مولانا محمد خليل مقرر ٿيو، جيڪو يگانهءِ روزگار محقق مولانا انورشاه ڪشميري جو شاگرد رشيد هو. مولانا محمد خليل سانده پنڌرهن سال مدرسي جي خدمت ڪندو رهيو. ان بعد هن ئي مدرسي جي لائق شاگرد مولوي نورمحمد ڪڇي ذميداريون سنڀاليون.

مدرسي ۾ رهندڙ شاگردن لاءِ اعليٰ قسم جو بورڊنگ هائوس آهي. جنهن جو انتظام باقاعدي هڪ ڪميٽي جي سپرد آهي، جيڪو ”مدرسه بورڊ وقف هاشميه سجاول“ جي نالي سان قائم آهي ۽ ان جو صدر سيد حاجي مهر علي شاه آهي. مولانا محمد يوسف بنوي، سيد شيرعلي شاه، سيد حاجي سرور شاه، حڪيم عبدالاحد عثماني، ارباب غلام دستگير ميمڻ ۽ مولوي حاجي عبدالله بورڊ جا ميمبر آهن. مدرسي جا سمورا استاد ۽ محافظ هن ئي مدرسي جا ساخته پرداخته آهن.

مدرسي جو عربي نصاب اٺن سالن جو آهي، جنهن ۾ شاگردن کي گرامر، منطق، فلسفو، فقه، حديث، تفسير، تاريخ، جاگرافي

۽ رياضي جي باقاعدي تعليم ڏني ويچي ٿي. شاگردن ۾ گويائي قوت پيدا ڪرڻ لاءِ هفتي ۾ هڪ ڀيرو تقرير ۽ مناظره جي تربيت ڏني ويچي ٿي. هن درسگاهه کي پنهنجو مستقل ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ قديم ۽ جديد ڪتابن جو خاصو ذخيرو موجود آهي. انهيءَ سان گڏ اخبارون ۽ رسالا پڻ عربي، اردو ۽ سنڌي زبانن ۾ مهيا ڪري ڏنا وڃن ٿا(۱).

## مولانا محمد ملوڪ جو مدرسو

مولوي محمد ملوڪ چانڊيو، اصل سهاڳ ڪمانگر تعلقي جوهي جو ويٺل هو. فيروزشاهه ۾ وڃي علامه حاجي عطاءالله فيروزشاهي کان تعليم حاصل ڪيائين. ڇهن سالن جي عرصي ۾ فارسي ۽ عربي جي تحصيل مڪمل ڪري دستاربندي ڪيائين ۽ فيروزشاهه جي مسجد ۾ درس ڏيڻ لڳو. هالن جا مولوي هدايت الله ۽ سندس والد مولوي محمد حسن سندس شاگرد هئا.

مولانا محمد ملوڪ، پياري ڳوٺ اسٽيشن (ضلعو دادو) جي ڀرسان پنهنجو ڳوٺ آباد ڪري مقيم ٿيو. اتي هڪ مدرسو به کوليائين، جنهن مان ڪيترا ئي شاگرد فيض پرائي نڪتا. تصنيف و تاليف سان به سندس شغل رهيو. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي چوڻ موجب سندس وفات ۱۹۲۰ع جي لڳ ڀڳ ٿي.

## مدرسو نورالهديٰ، ڳوٺ باگڙجي، ضلعو سکر

سنه ۱۳۴۰هه/۱۹۲۰ع ۾ الحاج مولانا جان محمد قريشي ۽ حاجي سومر هن مدرسي جو بنياد وڌو. مدرسي جي جڳهه ذاتي آهي ۽ ان ۾ اٺ ڪمرا ۽ هڪ هال آهي. مدرسي جي ڪتبخاني ۾ جملي درسي علوم و فنون عربي جا ڪتاب موجود آهن. مدرسي جو صدر مولانا عبدالعزيز قاسمي آهي ۽ مولانا قمرالدين، مولانا حبيب الله ۽ حافظ عبدالغني پڙهائي رهيا آهن. درسگاهه ۾ درس نظامي رائج آهي.

(۱) روئداد مدرسه دارالفيوض هاشميه سجاول ضلعو ٺٽو سنڌ، ص ص ۱۴-۱۴

## مدرسه قاسم العلوم، ڏريچاڏي سکر

آزادي جي تحريڪ واري دور ۾ مولانا تاج محمود، ڳوٺ چڪ ۾ مدرسي جو بنياد وڌو. ڪانئس پوءِ سندس شاگردن، خليفن ۽ معتقدن مدرسي کي هلايو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن مدرسي کي ڏريچاڏي ڏانهن منتقل ڪيو ويو. دارالڪتب ۾ سوين ڪتاب موجود آهن. هن مدرسي کي جاءِ پنهنجي آهي، جنهن ۾ ٽي ڪمرا ۽ هڪ ورانڊو آهي. مدرسي جو مهتمم مولانا محمد آهي. صدر مدرس و ناظم مولانا محمد هارون آهي. مدرسي جا ٻيا استاد مولانا عبدالرحمان، قاري عبدالحفيظ، مولانا درمحمد، مولانا محمدعثمان، مولانا محمد لقمان ۽ حافظ محمود آهن. مدرسي ۾ درس نظامي رائج آهي.

## مولانا عبدالرحمان ميمڻ جي شڪارپور ۾ درسگاهه

مولانا عبدالرحمان ميمڻ ولد خليفو محمدبچل ميمڻ شڪارپوري، ٢٣ ذوالحج ١٢٩٩هه ۾ شڪارپور ۾ تولد ٿيو، ۽ ٨ ربيع الاخر ١٣٤٠هه ۾ چاليهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سموري زندگي شڪارپور ۾ ئي گذاريائين. ٽيويهن سالن جي عمر ۾ تحصيل ڪري دستار فضيلت ٻڌائين. ان ڪان پوءِ سترهن سال درس تدريس ۾ مشغول رهيو. مولانا حافظ محمد حيات قريشي شڪارپور، مولانا هماءِ همايوني، علامه مفتي عبدالغفور همايوني سندس استاد هئا، ۽ سندس همعصر بزرگن ۾ هيٺيان قابل ذڪر آهن: (١) سيد قاضي بهادر علي شاهه چشتي، شڪارپوري (٢) مولوي عبدالرحيم قريشي، شڪارپور (٣) خليفو يارمحمد، شڪارپور (٤) مولانا غلام رسول چشتي، شڪارپور (٥) مولوي جهان خان، شڪارپور ۽ (٦) مير علي نواز شاهه علوي شڪارپور. مولانا عبدالرحمان کان جملي چوويهن طالبن دستار فضيلت ٻڌي جن مان چند قابل ذڪر هن طرح آهن: (١) مولوي عبدالڪريم چشتي، شڪارپور (٢) مولوي حاجي فضل الله سومرو، شڪارپور (٣) حاجي رحمةالله ميمڻ،

شڪارپور (٤) مولوي خدابخش ميمڻ، شڪارپور (٥) حافظ عبدالحميد ميمڻ، شڪارپور (٦) حافظ قادربخش لاڙڪ، شڪارپور (٧) پير حاجي فضل الله احمد سرهندي شڪارپور ۽ (٨) حافظ محمد موسيٰ خان مڪراني، بلوچستان.

سندس سنڌي، عربي ۽ فارسي ۾ هيٺيون تصنيفون مشهور آهن: (١) فضائل سيد المرسلين (سنڌي) (٢) فضائل خلفاء راشدين (٣) مجموع فتاويٰ (فارسي) (٤) مجموع رسائل (عربي). مولانا موصوف ١٣٤٠هه ۾ وفات ڪئي(١).

## مدرسه دارالفيوض، الله واري مسجد، لاڙڪاڻو

سنه ١٣٤١هه/ ١٩٢٢ع ۾ مولانا مير محمد نورنگي، مولانا غلام رسول ڪلهوڙي ۽ رئيس گل محمد ڳوٺ پيڙي چانڊيي ۾ مدرسي جو بنياد وڌو. مولانا غلام رسول، علامه ڪورائي کان پوء سنڌ جو متبحر عالم هو، جنهن وٽ سون عالمن فيض پرايو. مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو به ڪجهه وقت اتي پڙهيو. مولوي علي محمد ۽ مولوي ڪريمداد ناڙي وارا ان مدرسي جا خاص شاگرد هئا. مفتي صاحبداد به ڪجهه ابتدائي ڪتاب اتي پڙهيو. هن وقت لاڙڪاڻي واري مدرسي ۾ علامه ڪورائي جو خاص شاگرد مولانا شاهه محمد هڪڙو پڙهائي رهيو آهي.

١٩٤٩ع ۾ مدرسو لاڙڪاڻي منتقل ڪيو ويو. مدرسي ۾ درس نظامي رائج آهي ۽ ڪتبخاني ۾ ٻه سؤ ڪتاب موجود آهن. مدرسو الله واري مسجد سان لاڳو آهي. مدرسي جي جاء ذاتي آهي، جنهن ۾ چار ڪمرا، هڪ هال ۽ هڪ وڏو ورانڊو آهي. مدرسي جو مهتمم مولانا جان محمد عباسي آهي. مدرسي جو انتظام هڪ مجلس جي نگراني ۾ هلي رهيو آهي. صدر مدرس مولانا غلام رسول هن وقت وفات ڪري ويو آهي، باقي ٻيا استاد مولانا فدا، مولانا نظر محمد ۽ حافظ محمد صديق پڙهائيندا رهن ٿا.

(١) سماهي مهراڻ، نمبر ٣ ۽ ٤، ١٩٥٧ع، ص ١٠٢

آهي. سندس تصنيف مان هيٺيان ٽي ڪتاب قابل تعريف آهن:
(١) تحفه قاديان (٢) انوار احمديه در حالات مشائخ نقشبنديه
(٣) مجموعه نظم ديهاتي. سندس هٿ جا ڪيترا قلمي نسخا پوين وٽ
محفوظ آهن.

٩ جمادي الثاني ١٣٤٥هه ۾ ٤١ ورهين جي ڄمار ۾ وفات
ڪيائين. سندس مزار ڳوٺ ديهات جي قبرستان ۾ آهي(١).

## مولانا الهه بخش مهيسر جو پيپري ۾ مدرسو

مولوي الهه بخش ولد وڏيرو عمر، ڳوٺ پيپري تعلقي ميهڙ
ضلعي دادو جو بزرگ هو. سندس ولادت جي تاريخ جي خبر ناهي،
باقي سندس وفات غالباً ١٣٤٦هه ۾ اٽڪل چاليهن سالن جي ڄمار
۾ ٿي. ننڍي هوندي پنهنجي ڳوٺ پيپريءَ ۾ مولانا عبدالرحمان
فيروزشاهي کان علم حاصل ڪيائين. مسائل جي تحقيق ۽ ڪتابن
جي مشڪل مقامات جي حل ڪرڻ جي ولولي سان ڪيس مطالعي
جو بيحد شوق هو. ڪجهه وقت مولانا همايوني ۽ مولانا ميرمحمد
نورنگي کان به ڪجهه درس ورتائين. ان بعد پيپريءَ ۾ درسگاهه
قائم ڪيائين جنهن مان ڪيترا ئي شاگرد فيض پرائي ويا. سندس
همعصرن مان مولوي الاهي بخش جو نالو قابل ذڪر آهي ۽
مولوي محمد لاڙائي سندس ئي لائق شاگردن مان هڪ هو(٢).

## مولانا عبدالرحمان فيروزشاهي جو فيروزشاهه ۾ مدرسو

مولانا عبدالرحمان ولد خليفو خدابخش، فيروز شاهه تعلقي
ميهڙ ضلعي دادو جو ويٺل هو. ابتدائي تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ
مولانا گلاب الدين ۽ مولانا عطاءالله کان حاصل ڪيائين، پر سندس
طبيعت جي پياس پوري نه ٿي. ان ڪري وري شهدادڪوٽ،
همايون ۽ پوءِ گهوٽڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين وٽ وڌيڪ علم حاصل

(١) پروفيسر حامد علي قريشي خانواهڻ، الرحيم- شماره اول، ١٩٦٨ع ص - ٥٧
(٢) سماهي مهراڻ، ص - ١١٢

ڪيائين. مولانا عبدالرحمان پيري ۾ ٻه تعليم حاصل ڪئي، ۽ اتي مولانا عطاءالله جي وفات کان پوءِ اچي فيروزشاهه ۾ رهيو ۽ اتي درس تدريس جو شغل جاري رکيو.

فيروز شاهه جي عالمن مان هي آخري چراغ هو، جنهن ١٣٤٧ع ۾ وفات ڪئي. سندس شاگردن ۾ مولوي الهه بخش مهيسر (پيري، ميهڙ)، مولوي محمد قائم ولد مولوي محمد حمزو ڏيپر (پيري، ميهڙ)، مولوي محمد صادق موراڻي ۽ مولوي محمد چيچاپوري (تعلقو ڪڪڙ) ڪافي مشهور آهن(١).

## ڳڙهي ياسين جي درسگاهه

هن درسگاهه جو باني خان الهه بخش بارڪزئي هو ۽ ان مولانا محمد هاشم کي مدرس رکيو. مولانا محمد هاشم جي وفات کان پوءِ ان جي فرزند مولانا محمد قاسم ياسيني (وفات ١٣٤٩هه) درسگاهه کي سنڀاليو. مولانا محمد قاسم ١٦ ربيع الآخر ١٣٠٥هه ۾ ڄائو. ڇهن سالن جي تربيت کان پوءِ قرآن شريف ۽ فارسي جي ابتدائي تعليم واري زماني ۾ ڪيس هزارين فارسي شعر ياد هوندا هئا. عربي جا ٻه گهڻا ڪتاب پنهنجي والد وٽ پڙهي پورا ڪيائين، پر ميبذي، توضيح مع حاشيه تلويح، ۽ مطول شرح تلخيص الفتاح، مولانا عبدالغفور همايوني وٽ پورا ڪري دستاربندي ڪيائين. طالب علمي جي زماني ۾ ئي فارسي شاعري شروع ڪيائين، ۽ ڪيترا ئي قصيدا، قطعات ۽ غزل چيائين، جن تي پخته گو فارسي شاعرن کي ٻه داد ڏيڻو پوندو هو. مولانا دين محمد وفائي جون ساڻس نه فقط ملاقاتون ٿيون، پر وٽانئس طالب علمي جي زماني ۾ ”ڪافية النحو“ جا ٿورا سبق ٻه پڙهيا هئائين. عربي علم ادب ۾ سنڌ اندر سندس همعصر عالمن مان ڪوبه انهيءَ مرتبي جو ڪونه هو. فقه جي مسائل حل ڪرڻ ۽ فتويٰ نويسي ۾ گهڻي استعداد هئس. مولانا عبدالغفور همايوني جي وفات کان پوءِ بلوچستان ۽

(١) ايضاً، ص ١١٣

شمالي سنڌ جون فتوائون (١) ڪانئس ڏي ورتيون وينديون هيون. درس تدريس جو شغل به پنهنجي والد جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ جاري رکيائين. هن جي نقشبندي طريقي ۾ خواجه عبدالرحمان مجددي ٽکڙائي سان بيعت هئي. ٤٤ سالن جي ڄمار ۾ ٽپ محرقه جي وگهي ڳڙهي ياسين ۾ ١٣٤٩هه ۾ وفات ڪيائين. سندس والد واري قبرستان ۾ مدفون آهي. سندس شاگردن جو تفصيل هن ريت آهي: (١) مولانا محمد ابراهيم ياسيني (سندس ڀاءُ) (٢) مولانا صاحبداد سلطان ڪوٽي (٣) مولانا احمد، قاضي مڪران (٤) مولانا ولي محمد، قاضي منڙي بلوچستان (٥) مولوي عبدالحليم (٦) مولوي غلام صديق خجڪي (٧) مولانا محمد حسين، مدير ”الحنيف“ جيڪب آباد (٨) مولانا محمد حسن مڪراني (٩) مولانا صاحبڏنو قرني (١٠) مولانا عبدالرحمان بلوچستاني ثم جيڪب آبادي (١١) مولانا حافظ محمد هاشم اسحاق ديرائي (١٢) مولانا فضل محمد واعظ ياسيني (١٣) مولانا محمد عابد استوي (١٤) مولانا نصيرالدين شهدادڪوٽي (٢).

مولانا محمد قاسم کان پوءِ هن درسگاهه جو استاد ۽ سنڀاليندڙ مولانا حافظ محمد ابراهيم (تولد ١٣٠٧هه) ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا محمد هاشم وٽ ورتائين. باقي ٻيو سمورو علم پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا محمد قاسم وٽ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. سندس مدرسي مان مولوي يار محمد چنا، مولوي صدرالدين صحبتپوري، مولوي خليل الرحمان جوڻ پوري، مفتي محمد علي جيڪب آبادي، مولوي جان محمد شڪارپوري، حافظ خير محمد اوحدي، مولوي عبدالعزيز ديائي ۽ حافظ محمد موسيٰ الياسيني سندس شاگرد هئا. سندس تصنيفات قرآن شريف جي ڪن سيپارن جي ترجمي (مع تفسير)، ديوان فارسي، مجموعه تاريخ ۽ ديني رسالن تي مشتمل آهي،

(١) سندس فتوائن جو مجموعو ”فتاويٰ قاسميه“ (جلد اول) ڇپرايائين لاهور ۾ ۽ تازو قندار (افغانستان) ۾ ڇپيو آهي.
(٢) مولانا دين محمد وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ص ٢٨٦

جن مان هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن: (١) ترجمو مشڪواة شريف، ربع اول (٢) رسالو ازالة الاستياب، فارسي (٣) رسالہ حڪم فوٽوگرافي، عربي (٤) قوت ايمان، سنڌي (٥) مناسڪ حج، سنڌي (٦) رسالہ جماعت ثاني، فارسي (٧) لباس النبي، سنڌي (٨) تعليم المسلمين، سنڌي (٩) آداب رسول الله، منظوم فارسي (١٠) ما مريدان، منظوم فارسي ۽ (١١) هدايت العباد فيما يتعلق بالضاد (١).

## مولانا محمد ٻنوي، دارالفيوض هاشميہ سجاول

مولانا محمد ٻنوي جي والدہ کان سندس ڄمڻ جي روايت آهي تہ طوفان واري سال يعني ١٣٢٠هہ/١٩٠٢ع ۾ پيدا ٿيو. مولانا صاحب جو والد هارپو ڪندو هو. سندس اصل ڳوٺ ٻنو هو، پر ڇهن سالن جي ڄمار جو هو جو سندس والد گذاري ويو ۽ سندس والدہ ٻيو حق ڪري اچي بلڙي ۾ ويٺي، پر پوءِ اتان وري اباڻي ڳوٺ ٻني ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. سندس ڳوٺ ٻني ۾ مولانا حاجي محمد سليمان هڪ وڏو عالم، بزرگ، اديب ۽ شاعر هو ۽ ٻني ۾ سندس درسگاهہ هئي، جتي ديسي پرديسي شاگرد پڙهندا هئا. مولانا سليمان وڏن منتهي شاگردن کي صرف نحو، فقه ۽ اصول فقه، معقول ۽ منقول وغيرہ پڙهائيندو هو، سندس پٽ علي محمد قرآن شريف جي تعليم ڏيندو هو، تنهن کان مولانا محمد ٻنوي شروعاتي تعليم حاصل ڪئي. ان بعد مولانا محمد سليمان جي وڏي فرزند مولوي محمد يوسف کان سڪندرنامہ، يوسف زليخا ۽ مولانا جامي جي ڪتابن تائين درسي فارسي پڙهيائين. انهيءَ عرصي ۾ ٻيا ڪتاب بہ جهڙوڪ مثنوي مولانا روم، بهارستان، تحفة الاحرار، رسالہ عبدالواسع، رسالہ چهار گلزار، ديوان صائب، مامقيمان ۽ اعتقاد نامہ وغيرہ سندس زير مطالع رهيا. ان بعد مولانا محمد سليمان جي زير نگراني عربي تعليم شروع ڪيائين. شرح ملا جامي، هدايہ اولين، اخيرين، منطق ۽ مشڪواة شريف پڙهڻ

(١) سماهي مهراڻ، ص ٢٢٠

کان پوءِ استاد جي هدايت تي ٻين عربي درسگاهن ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. ان بعد دارالفيوض مدرسه هاشميه سجاول ۾ وچي عربي تعليم ڏنائين.

مولانا موصوف جون هيٺيون تصنيفات قلمي نسخن جي صورت ۾ سندس پوين وٽ موجود آهن: (۱) قصيده بـرده جو عربي شرح (۲) حفظ الايمان (۳) ترجمة المشائل (۴) تقريرات ترمذي (۵) بياض الشعر (۱).

مولانا محمد پنوي صاحب بہ سال ٿيا جو وفات ڪري ويو آهي. سندس هٿ اکرين ڪليات جو مجموعو ۽ ٻہ ٻيا ڪتاب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ موجود آهن(۲).

## جامعة دارالهديٰ، حبيب آباد (ٺيڙهي)

هيءَ درسگاهه ۱۹۱۱ع ۾ قائم ٿي. پهريائين هڪ مسجد ۾ مدرسو شروع ڪيو ويو ۽ اخراجات جي ذميداري ڳوٺ وارن کنئي. سنه ۱۹۲۲ع کان پوءِ اداري جي شهرت وڌي ۽ ٻاهران طالب علمن جي اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو جنهن ڪري ضرورتن ۾ اضافو ٿيو. انهي ڪري هڪ جدا عمارت ٺهرائي ويئي. ۱۹۳۷ع ۾ اها عمارت بہ ناڪافي محسوس ٿيڻ لڳي. ان ڪري عام ماڻهن جي تعاون سان هڪ عاليشان عمارت ٺهرائي ويئي. اهـا سموري ڪوشش شهر جي معزز شخص مولانا قاضي حبيب الله فاضل ديوبند ۽ سندس پاءُ مولوي قاضي عزيزالله جي هئي، ليڪن هن مدرسي جو اصل محرڪ ۽ باني مولانا تاج محمود امروٽي هو. مدرسي جي نظم نسق لاءِ ۱۹۳۷ع ۾ هڪ انتظامي مجلس قائم ڪئي ويئي. ۱۹۵۹ع ۾ دارالهديٰ ٺيڙهي جو مستقل دستور مرتب ڪيو ويو ۽ انتظامي ڪميٽي کي رجسٽر ڪرايو ويو. مدرسي جون

(۱) خود نوشته مولانا محمد پنوي، ۲۵ جمادي الآخر ۱۳۷۷ھ؛ الرحيم، شماره اول، ۱۹۶۸ع، ص ص ۷۶-۷۷.
(۲) بحوالہ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.

سرگرميون ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهن: (١) شعبه تعليم (٢) شعبه تبليغ (٣) شعبه افتاءَ.

جامعه دارالهديٰ ۾ ابتدائي درجن کان وٺي اعليٰ تعليم جو مڪمل انتظام آهي. شروع ۾ چار سال سنڌي، اردو ۽ قرآن مجيد جي تعليم ڏني ويندي آهي. ان کان پوءِ ٻه سال فارسي ۽ ٻين مقامي ٻولين ۾ ادب سان گڏ اسلامي تاريخ ۽ آسان شرعي مسائل به ياد ڪرايا وڃن ٿا. خوشنويسي به هڪ لازمي مضمون آهي.

ان کان پوءِ عربي تعليم شروع ٿئي ٿي، جنهن جو نصاب اٺن سالن ۾ پورو ٿئي ٿو، جنهن ۾ صرف، نحو ۽ معاني، تفسير، حديث، فقه قانون، اصول فقه، رياضي، تاريخ، اقتصاديات ۽ سياسيات جي تعليم ڏني وڃي ٿي. طالب علمن جي سهولت لاءِ هڪ لائبرري به آهي، جنهن ۾ مختلف علمي ۽ ادبي ڪتاب مهيا ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ رسالا ۽ اخبارون به باقاعدي گهرايا وڃن ٿا. اسلامي تعليمي ادارن مان هي واحد ادارو آهي جنهن ۾ اقتصاديات ۽ سياسيات جي باقاعدي تعليم ڏني وڃي ٿي.

تبليغ جو شعبو سڌي طرح صدر مدرس جي حوالي آهي، جنهن ۾ پنج مبلغ ڪم ڪن ٿا، جي ملڪ جي مختلف حصن ۾ تبليغ دين جو فرض بجا آڻين ٿا. انهي مقصد لاءِ مختلف درجن جي شاگردن کي گروپن ۾ ورهائي استادن جي نگراني هيٺ، تقريرن ۽ مباحثن جي مشق ڪرائي ويندي آهي. فتوائن جي شعبي جو نگران هڪ مفتي آهي، جنهن وٽ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان مسئلن متعلق سوال پهچن ٿا، جن جا جواب پوري تحقيق کان پوءِ موڪليا ويندا آهن.

جامع الهديٰ ۾ هر سال چڱي انداز ۾ پاڪستان کان علاوه ٻاهرين ملڪن کان به شاگرد ايندا رهندا آهن(١). هن وقت مدرسي جو مهتمم مولوي حمدالله آهي، پر اڳ ۾ مرحوم مولانا حبيب‌الله

(١) روئداد جامع دارالهديٰ ٺيڙهي، ص ١٨.

۽ مرحوم قاضي عزيزالله کان سواءِ ٻين هيٺين عالمن پڻ درس ڏنو آهي: مولانا حمادالله هاليجي وارو، مولانا محمد راڻيپوري، مولانا قطب الدين انڍهڙ، مولوي محمد شريف ڪشميري، مولوي قاري عزيز احمد، مولوي عبدالهادي، مولوي غلام قادر، مولوي مظهرالدين انڍهڙ، مولوي محمد بلال، مولوي محمد امين، مولوي صفي الله وغيره. هن وقت ١٩٧٧ع ۾ مولانا قاري عزيز احمد صدر مدرس آهي ۽ مولوي غلام قادر ۽ مولوي عبدالحي گهوٽو فاضل دارالعلوم ديوبند ۽ ٻيا مدرس پڙهائي رهيا آهن. حفظ القرآن لاءِ قاري محب الله ۽ قاري گل محمد مقرر ٿيل آهن. ناظره جا اڳواڻ ملا محمد سعيد ۽ علي نواز آهن. سنڌي پڙهائڻ لاءِ مولوي محمد لقمان آهي. ناظم ڪتب حافظ عبدالغني آهي ۽ ناظم ڪتبخانه هدايت الله آهي.

## قاضي فتح محمد نظاماڻي ۽ موري منگر جو مدرسو

قاضي فتح محمد ولد حاجي عبدالله خان نظاماڻي قيصراڻي ١٢٧٠هه ۾ ٽنڊي قيصر ۾ ڄائو. قرآن شريف جي بسم الله ۽ سوره فاتح سيد ميان خان محمد شاهه چرائو لڳ اڏيرو لعل واري کان پڙهيائين. ان بعد عربي ۽ فارسي جي ابتدائي تعليم ميان پير محمد ٽيبي ٽنڊي قيصر واري کان ورتائين ۽ اعليٰ تعليم قاضي عبدالغني کڏهر تعلقي سڪرنڊ واري کان حاصل ڪيائين. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ موري منگر تعلقي حيدرآباد ۾ شيخ محمد عاقل جي سڏ تي درسگاهه قائم ڪري درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين.

محمد عاقل شيخ، پير سيد رشيدالدين شاه (روضي ڌڻي جو پوٽو) جي وڏن مريدن مان هو. جڏهن پير صاحب ان جي دعوت تي آيو ته قاضي فتح محمد نظاماڻي کي پهريائين اتي ڏٺائين، ان بعد جڏهن ٽنڊي قيصر ۾ نظاماڻين جي دعوت تي ساڻس علمي ۽ ادبي گفتگو ڪيائين، تڏهن سندس پيءُ حاجي عبدالله خان کان هن جي ٻانهن گهريائين ته ڳوٺ پير جهنڊي ۾ هن جي پڙهن

پير رشدالله شاهه، پير حاجي امام الدين شاهه، پير ميان حسين شاهه، ۽ پين عزيزن پير مظهرالدين شاهه، پير ضياءالدين شاهه ۽ پير افضل شاهه کي پڙهائي.

ان کان سواءِ مخدوم ميان غلام محمد ۽ مخدوم ميان عبدالحسين (هالا نوان) ۽ خليفو ميان جان محمد شهيد چراڻو، ميان عبدالله مشاخ پوڻو تعلقو کپرو، ميان محمد حسين جمالي ڳوٺ ٻکر جمالي تعلقو هالا، ميان عبدالله ولد ميان پيرمحمد ٽنڊي قيصر وارو، سندس شاگرد هئا.

قاضي فتح محمد نظاماڻي جي تصنيفات جو تفصيل هن ريت آهي: (١) مفتاح رشدالله تفسير ڪلام سنڌي (ٻن جلدن ۾) اٽڪل ٻارهن سؤ صفحا ٿيندا. اهو ١٢٩٥هه ۾ تيار ٿيو، جيڪو بمبئي ۾ عمدي خط سان ڇپيو. هي ٻئي جلد سيپاري 'الم' جا آهن. (٢) (٢) مجمع الفيوضات جو ترجمو جامع البرڪات (سنڌي)، اهي ملفوظات حضرت روضي ڌڻي جا آهن، ۽ غير مطبوع آهن. (٣) صل الطالبين تصوف (سنڌي ۾ ترجمو، مطبوع) هاڻي ناياب آهي. (۴) تحفة المحبين في ملفوظات خير طب سين (سندس مرشد پير سيد رشد الدين جا ملفوظات) غير مطبوع آهي. (٥) ملا بدمنه جو سنڌي ترجمو، غير مطبوع، (٦) انعام الباري ترجمو صحيح بخاري (١٦ سيپاره ڪتاب الغازي تائين) سنڌي، غير مطبوع آهي. (٧) سنڌي گرامر ميزان صرف، ارشاد الصرف، علم الصيغه وغيره لکيائين، جيڪي اڄ تائين غير مطبوع آهن.

جڏهن پير رشدالله ١٣١٩هه ۾ ڳوٺ پير جهنڊي، تعلقي هالا ۾ مدرسو کوليو ته پوءِ مولانا موصوف گهڻو نه پڙهائيندو هو، ڪڏهن ڪو معلم مدرسي ۾ نه هوندو ته پوءِ پڙهائيندو هو، پر گهڻو وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ صرف ڪندو هو.

١٩١٩ع ۾ جڏهن ڪن مولوين هڪ ڪتاب لکي افغانستان ڏانهن هجرت ڪرڻ واري تحريڪ کي فرض ٺهرايو هو، تڏهن پير رشدالله شاهه جي استفسار تي قاضي فتح محمد ان ڪتاب کي

پڙهي هڪ ننڍي رسالي جي شڪل ۾ هجرت تحريڪ جو رد لکيو.
قاضي فتح محمد سنه ١٣٣٩هه / ١٩٢٠ع ۾ وفات ڪئي، سندس مزار ٽنڊي قيصر ۾ آهي.

## شڪارپور جي علوي درسگاهه

شڪارپور ۾ الحاج فقيرالله علوي ٻارهين صدي هجريءَ ۾ وڏو مدرسو قائم ڪيو، جيڪو پوءِ به سندس لائق فرزند هلائيندا رهيا. انگريزن جي دور ۾ ان جو مهتمم مير علينواز علوي هو.
مير علينواز علوي شڪارپوري (وفات ١٩٢٠ع) سنه ١٨٥١ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو فخرالدين هو، جو مير عليمراد خان ٽالپر جي عهد ۾ خيرپور ميرس جو وزير اعليٰ ٿي رهيو هو.
ميان علينواز علوي کي سنڌي سان گڏ عربي، فارسي ۽ سرائڪي ٻولين تي به ڪافي دسترس حاصل هئي. شعر شاعري ۽ طب سان سندس خاص دلچسپي هئي. طب تي ڪيترائي ڪتاب لکيا هئائين، پر انهن مان ڪوبه دستياب نه آهي. سندس تصنيفات مان ”البشارة لاهل الاشارة“ (عربي) ۽ ”ڪليات علوي“ مشهور ڪتاب آهن.
١٩١١ع ۾ شڪارپور ميونسپل جو وائيس چيئرمين چونڊيو ويو ۽ ١٩١٩ع ۾ بينچ ڪورٽ جو پهريون چيئرمين ٿيو هو. جنوري ١٩٢٠ع ۾ وفات ڪيائين.

## مخدوم الهه بخش کهڙوي

سندس نالو مخدوم عطامحمد هو، پر عام طور کيس مخدوم الهه بخش سڏيو ويندو هو. کهڙن جي عباسي خاندان مان هو، جن جو سلسلو مخدوم عبدالرحمان شهيد سان ملي ٿو: مخدوم عطامحمد بن مخدوم عاقل عرف مخدوم پير محمد بن مخدوم عبدالخالق بن مخدوم محمد عاقل بن مخدوم احمدي بن مخدوم عبدالرحمان شهيد.

قائم ڪيائين. درس تدريس جي ڪم سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو شغل به جاري رکيائين. سندس هٿ لکيل خواهه ڇاپي هيٺ آيل ڪتاب اڄ به سندس خانگي ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

سندس ڪن ڪتابن تي مخدوم محمد دائود آگري، نزد هالاڻي واري جون مهرون لڳل آهن. وڌيڪ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وقت جا خط پڻ هئا، جن جو ڪجهه حصو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ پهچي چڪو آهي. اهي ڪتاب ۽ خط فارسيءَ جي پيچيده خط ۾ لکيل آهن.

مولوي محمد صالح جو قاسمي خزانو هڪ وڏي صندوق ۾ بند ٿيل آهي. گمان آهي اهو ڪجهه وقت کان پوءِ اڏوهيءَ جي نذر ٿي ويندو. کيس پنج پٽ ۽ ٽي نياڻيون هيون. ٽي پٽ وفات ڪري ويا باقي به هرهڪ مولوي عبدالحليم آگرو (عمر ٧٠ ورهيه) ۽ احمد علي آگرو (عمر ٦٥ سال) حال حيات آهن. سندس همعصر ۽ ڪلاسي مولوي محمد عيسيٰ آگرو، مولوي غلام رسول آگرو ۽ مولوي محمد دائود آگرو آهن. اسي ورهين جي ڄمار ۾ ١٩٢٥ع ۾ وفات ڪيائين(١).

## پير شهاب الدين لکياري

سيد شهاب الدين شاهه لکياري هالاڻي جي تاريخي شهر ۾ ١٨٦٨ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو سيد فتح علي شاهه هو. ابتدا ۾ عربي ۽ فارسي جو مطالعو هالاڻي واري مولوي عبدالله وٽ ڪيائين، تنهن کان پوءِ ڪجهه وقت مولوي غلام محمد مهيسر (ڳوٺ ڪمال ديرو، گنبٽ) وٽ عربي ۽ فارسي جو ابياس ڪيائين، جنهن بعد مڪمل طور تي علم ۽ ادب پنهنجي استاد مرحوم مولانا غلام صديق (شهدادڪوٽ) وٽ سال ١٩٢٥ع ۾ حاصل ڪري دستاربندي ڪيائين. نون مهنن جي بيماري سبب انهيءَ ئي سال (١٩٢٥ع) ۾ وفات ڪري ويو.

(١) اهو سمورو احوال مرين کي پنهنجي شاگرد شرف الدين لاشاري ايم ايڊ، جي اسٽوڊنٽ کان موصول ٿيو.

## مولوي محمد علي ٽالپر

مولوي محمد علي پٽ حاجي ميرمحمد خان ٽالپر جو خاندان ڪيترن ئي پيڙهين کان علم ۽ فضل جو مرڪز هو. سندن وڏا ٽنڊي چام (تعلقي حيدرآباد) پرسان ٽالپرن جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. کيس چار پٽ هئا: (١) مولوي ميرمحمد خان ٽالپر (٢) حاجي محمد اسماعيل ٽالپر (٣) حاجي محمد اسحاق ٽالپر (۴) حڪيم محمد حسن خان ٽالپر.

مولوي محمد علي قرآن شريف جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي، ۽ ان بعد پينئي واري مدرسي (تعلقي حيدرآباد) ۾ مولوي عبداللطيف وٽ پڙهيو. وڌيڪ عربي تعليم مولوي پير محمد ٽيبي ٽنڊي قيصر واري کان حاصل ڪيائين. ان بعد علامه حمدالله وٽ مدرسي عالمڪوٽ (ميرپور بٺوري) ۾ پڙهيو. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوء حياتيءَ جو وڏو حصو تلهار جي ويجهو چانري (ڳوٺ احمد خان نظاماڻي) ۾ پنهنجي مدرسي ۾ درس تدريس ۾ گذاريائين، آخرڪار سنه ١٩٠١ع ۾ ديهه ٣٨ نصرت واهه (نوابشاهه) تي زمين ورتي، موري ٦٨ تي پنهنجو ڳوٺ ٻڌي آباد ٿيو. آخرين عمر ۾ پنهنجي عيال سميت حج جي سعادت به حاصل ڪيائين.

هن ٽنڊي سائينداد واري پير خواجه عبدالرحمان جان سرهندي کان بيعت ورتي ۽ ان جي وفات کان پوء سندس پٽ خواجه حاجي محمد حسن جان کي مرشد ورتائين.

مولوي صاحب جي ابتدائي دور ۾ مولانا غلام احمد ملڪاڻي (جيڪو وٽس ٽنڊي چام واري مدرسي ۾ پڙهيو)، مير يار محمد (ٽنڊو چام)، مولوي حاجي عبدالله جمالي، مولوي عبدالڪريم جمالي (نواب شاهه)، حاجي جانب جمالي، محمد اسماعيل جمالي، احمد فقير جمالي سندس مشهور شاگرد ٿيا، ۽ ديهه ٨٧، نصرت واري وقت ۾ حاجي ملا پٺاڻ ۽ حاجي غلام علي مغيري به وٽس ئي فارغ التحصيل ٿيا.

مولوي محمد علي ٽالپر جو فرزند مولوي حڪيم محمد حسن ٽالپر ۱۹۰۰ع ڌاري ڄائو ۽ پنهنجي والد وٽ ابتدائي تعليم حاصل ڪري، ان وقت جي ڳوٺ پنيري لڳ شادي پلي (ضلعي ٿرپارڪر) جي مشهور علامه محمد عثمان قرآني وٽ عربي جي تعليم مڪمل ڪيائين. نهايت ئي قابل حڪيم ۽ قومي درد رکندڙ هو. سندس ئي ڪوشش سان ٿر ۾ ڪيترا اسڪول کليا ۽ انهن جي مالي مدد ڪيائين. ڊي. سي. اسڪول نواب شاهه جي ڪلڻ ۾ به گهڻو بهرو ورتائين. هن ۱۸–۱۹ سالن جي ڄمار ۾ خلافت تحريڪ ۾ زور شور سان بهرو ورتو. خاص ڪري سندس چاچي مير دوست علي خان تحريڪ ۾ وڏو ڪم ڪيو ۽ سنڌ جي قومي رهنما جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي سان گڏ تحريڪ ۾ جيل ويو.

مسلمانن جي سماجي حالت سڌارڻ لاءِ مولوي محمد حسن ٽالپر ۱۹۳۸ع ۾ ”مسلمان ڪيئن سڌرندا“ جي نالي سان هڪ ڪتابڙو لکيو، جو ڏاڍو مقبول ويو. سندس لکل امداد سان غريب هارين جا ڪيترا ٻار تعليم وٺندا هئا. آخرڪار خالق خدا جي خدمت ڪندي ۱۹ مئي ۱۹۶۳ع ۾ وفات ڪيائين.

## مدرسو ملڪاڻي شريف (دادو)

هي مدرسو پنجاهه سال اڳ مولانا غلام محمد ملڪاڻي جي سرپرستي ۾ دادو شهر جي ڪنيرن جي پاڙي ۾ قائم ٿيو. مولانا غلام محمد ملڪاڻي عالم ۽ اهل الله ٿي گذريو آهي. سندس شفقت ۽ علم جي شهرت سبب هي مدرسو گهڻو مقبول ٿيو. هن وقت تائين مدرسي مان ڪافي عالم فاضل پيدا ٿيا. مولانا غلام محمد جو وڏو پٽ مولوي غلام مصطفيٰ ملڪاڻي به هن ئي مدرسي جو شاگرد هو، جيڪو پنهنجي پيءُ جي مسند تي ويهي ساڳئي مدرسي ۾ پڙهائيندو رهيو ۽ تازو وفات ڪري ويو. مدرسي ۾ عربي، فارسي، حفظ و ناظره قرآن جي تعليم هلندڙ آهي. هتي پرديسي شاگردن جي رهائش، ڪپڙي لٽي ۽ کاڌي پيتي جو بہ

مفت انتظام آهي. مولانا غلام محمد ملڪاڻي ۲۸-۱۹۲۷ع ڌاري وفات ڪئي.

## مولانا تاج محمود امروٽي ۽ سندس امروٽ شريف وارو مدرسو

هن مدرسي جو باني مولانا تاج محمود امروٽي هو، جنهن ۱۳۰۱هه ۾ مولانا عبيدالله سنڌي کي امروٽ ۾ آڻي اهو مدرسو قائم ڪيو. مولانا سيد تاج محمود امروٽي ولد سيد عبدالقادر عرف پورل شاهه، پريالوهه (خيرپور ميرس) جي پرسان ديواني نالي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ۱۲۷٦هه ڌاري ڄائو.

پاڻ قادري مسلڪ جو باڪمال بزرگ هو ۽ حافظ محمد صديق ڀرچونڊي واري جو خليفو هو. گفتار ۽ ڪردار، حال ۽ قال، ظاهر ۽ باطن، علم ۽ عمل، شريعت ۽ طريقت جو زنده مثال هو. سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ هزارن جي تعداد ۾ سندس مريد ۽ معتقد موجود آهن. سندس هٿ تي هزارن غير مسلمانن توحيد جو ڪلمو پڙهي اسلام قبوليو. انگريزي حڪومت جو سخت مخالف هو ۽ چوندو هو ته جيتوڻيڪ تمام نظرياتي حڪومتون اسلام ۽ مسلمانن جا دشمن آهن پر انهن ڪان زياده خراب دشمن انگريز آهي.

مولانا امروٽي آزادي ۽ حريت جو علمبردار هو. جهاد سندس زندگيءَ جو نصب العين هو. نهايت بي خوف ۽ دلير هو. مولانا عبدالڪريم چشتي مرحوم جي روايت آهي ته هڪ دفعو مولانا موصوف کان پڇيو ويو ته ايتري ٿوري عرصي ۾ ڪهڙي دعا ٿا گهرو؟ مولانا چيو ”اللهم اياڪ نعبد و اياڪ نستعين و صلي الله علي حبيب محمد و آله و اصحابه اجمعين (۱).“

سکر بئراج جي واهن اندر ايندڙ مسجدن جي تحفظ لاءِ زوردار ڪوشش ورتائين. انگريزي حڪومت جي ڏيڍيءَ جي

(۱) مولانا ابوالصدر فتح محمد سومرو- ”امروٽي اڪيڊمي“ سکر، ص ع.

پيش نظر ماڻهن انهن تي سمجهيو ته سندس زور آزمائي بيڪار وينديءَ، پر هن مرد مجاهد خدا جي فضل سان حاڪمن کي مجبور ڪري ورتو ۽ مسجدون بدستور قائم رهيون. انهن ڏينهن ۾ مولانا عبدالڪريم چشتي هفتيوار رسالو ”پيغام“ ڪڍندو هو، جنهن ۾ مسجدن جي تحفظ جي سرخي ڏيئي لکندو هو ته ”جيڪڏهن اسان جي زندگيءَ ۾ مسجدون ڍهرايون ويون ۽ اسين ماٺ ۾ رهياسين ته خدا تعاليٰ جا فرشتا، آسمان جا تارا، اسان تي لعنت موڪليندا. پوءِ اسين ڇو نه سنڌوندي ۾ ٻڏي مرون؟ مسلمانو! جيڪڏهن خدا ۽ ان جي رسول جو پيار دل ۾ رکو ٿا ته ٻڙاج وارين مسجدن جي حفاظت ۽ مرمت تي پنهنجو رت وهائي سرڪار کي جهڪڻ تي مجبور ڪري وجهو.“ اها به مولانا امروٽي جي ترغيب جو اثر هو. مولانا صاحب جهاد سان گڏ تبليغ جي فرض کان به خوب واقف هو. سندس جدوجهد جو اهو نتيجو نڪتو جو سڄي ملڪ ۾ شرڪ، بدعت ۽ جاهلانه ريتين رسمن خلاف هلچل شروع ٿي. سندس جهاد نه فقط غلامي جي خلاف هو پر جهالت جي خلاف پڻ جاري هو. هو سرڪاري ملا اسڪولن ۾ تعليم ڊپارٽ جي برخلاف هو. انهي ڪري ديني مدرسا کولائي انهن جي همت افزائي ڪندو هو. سنه ۱۳۴۸ هه/ ۱۹۲۹ع ۾ وفات ڪيائين. سندس صحبتين ۽ سائين مان چند نالا هن طرح آهن: عبيدالله سنڌي، مولانا نورنگي ۽ مولانا محمد صالح باڇوي، حافظ عبدالعزيز ڪالاباغ، مولانا دين محمد شاه شجرائي، مولانا هاليجوي، مولانا لاهوري، مولانا ڪهاڙو، مولانا ٽريچائي، مولوي دين محمد وفائي، مولانا نبي بخش غوري، مولانا محمد صادق، مولانا محمد هاشم رڪوي، مولانا محمد قاسم، مولانا حبيب الله، مولانا عبدالڪريم چشتي، مولانا اميد علي جيڪب آبادي، مولانا عبدالحڪيم شاهل سڌا، مرلانا رحيم بخش، مولانا در محمد نلامي، مولانا عبداللطيف وغيره.

## مدرسو دارالفيوض (عربيه) شڪارپور

شروع ۾ هي مدرسو ۱۹۳۰ع ڌاري ڪڙيي نواب خان ۾ کليو، جيڪو محلي جي هڪ غيرآباد مسجد کي آباد ڪرڻ سان قائم ٿيو. ڪڙيي نواب خان جي اها مسجد بلڪل غيرآباد هئي. جنهن ۾ آسپاس جا رولو جانور اچي وهندا هئا، چاڪاڻ ته پراڻي ۽ زبون حالت ۾ هئي. پر ۾ ڏکيي گاڏين ٻهارڻ جي پڙي هئي، جيڪا ان وقت ڪڙي نواب خان جي هڪ معزز فرد مرحوم حاجي باران خان پٺاڻ جي هٿ ۾ هئي. حاجي باران خان جي نظر جڏهن ان ويران مسجد تي پيئي، تڏهن ان جي مرمت ڪرائي، پهريائين پاڻ باقاعدي نماز ادا ڪرڻ لڳو، ۽ پوءِ جماعت گڏ ٿيڻ تي پاڻ نماز پڙهائيندو هو. انهن ڏينهن مولوي صاحبداد تازو ناڙي جي علائقي کان لڏي شڪارپور شهر ۾ اچي آباد ٿيو هو. حاجي باران خان ان کي پاڻ وٽ گهرائي پنهنجي محلي ڪڙيي نواب خان ۾ عيال سميت رهائش جو بندوبست ڪري ڏنو.

مولوي صاحبداد، الله تي ڀروسو رکي مسجد ۾ درس تدريس جو سلسلو جاري ڪيو، ۽ ٿوري ئي وقت ۾ مسجد جي سامهون واري پلاٽ تي ڪمرا حجرا ٺهرائي "دارالفيوض عربيه" جي نالي سان مدرسي جي توسيع ڪئي وئي. هن مدرسي جي شهرت اهڙي ته جو سنڌ کان ٻاهر جا شاگرد به اتي اچڻ لڳا.

هن مدرسي جو دارومدار فقط ٻن فردن حاجي باران خان ۽ مولوي صاحبداد تي هو، تنهنڪري انهن جي وفات کان پوءِ هي مدرسو وڌيڪ وقت قائم رهي نه سگهيو. وري ۱۹۶۶ع ۾ ڪن مردن جي ڪوشش سان هي مدرسو نئين سر آسريو، پر ٽن سالن کان پوءِ بند ٿي ويو. هينئر مسجد به آباد آهي ۽ مدرسي جي جڳهه به قائم آهي. لائبرري جا ڪتاب به مرحوم حاجي باران خان جي پوٽي نور محمد پٺاڻ وٽ محفوظ آهن.

## درسگاهه بڱلديرو

هن درسگاهه جو باني مولانا عبدالله بنگلديرائي هو، جيڪو ١٢٧٧هه ۾ ڄائو. ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان پنج درجا سنڌي پڙهڻ کان پوءِ عربي ۽ فارسي جي تحصيل لاءِ ڳوٺ مان نڪتو. ننڍپڻ ۾ پيءُ گذاري ويو هو، جنهن ڪري پوءِ ماءُ ۽ ننڍي ڀاءُ کي عزيزن جي حوالي ڪري پاڻ مولانا محمد اسماعيل ابڙن واري وٽ وڃي پڙهيو، جتي ١٣٠٢هه ۾ دستاربندي ڪيائين. ان کان پوءِ الله تعاليٰ تي توڪل ڪري ڳوٺ بنگلديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ درسگاهه قائم ڪيائين. شهر جي زميندار ميان يار محمد سومري ۽ ٻين نيڪ مردن جي ساڻس همدردي رهي. شاگردن جي کاڌي پيتي جي ڪفالت شهر جا رهاڪو ڪندا رهيا، جن جو تعداد بعض حالتن ۾ هڪ سؤ کي به وڃي پهچندو هو. انهي تعاون سان لاڳيتو چاليهه سال درس ڏيندو رهيو.

هن مدرسي مان اٽڪل پنجهه عالم فارغ التحصيل ٿي نڪتا، جن مان (١) مولانا مير محمد نورنگي (٢) مولوي عبدالڪريم ڪورائي (٣) مولوي غلام رسول لاشاري (٤) مولوي عبدالحليم پنبائي (٥) مولوي عطا محمد بلوچستاني مشهور عالم ٿي گذريا آهن. آخري عمر ۾ پيريءَ سبب پڙهائي کي گهٽ وقت ڏيندو هو، پر فتويٰ ۽ تصنيف جو سلسلو آخر عمر تائين جاري رکندو آيو. بعضي عامي مسئلن تي مولانا همايوني ۽ ڪن ٻين علمائن سان تحريري مناظرا به ٿيندا رهيس.

١٣٤٠هه/١٩٢٠ع ۾ خلافت تحريڪ ۾ هندن سان اتحاد ڪرڻ جو مخالف رهيو، پر جڏهن سکر ۾ ”جمعيت العلماء سنڌ“ جي ڪانفرنس ۾ ڪانئس پڇيو ويو تہ ”جڏهن قرآن شريف ۾ پيغمبرن پنهنجي ڪافر قوم کي ڀاءُ ڪري سڏيو آهي، تہ پوءِ هندن کي ڀاءُ سڏڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟“ تڏهن خاموش ٿيو ۽ قبول ڪيائين.

مولوي عبدالله صاحب، مولانا تاج محمود امروٽي جو ڏاڍو معتقد هوندو هو، خود امروٽ وارو بزرگ به سندس ڏاڍو احترام ڪندو هو. پاڻ نهايت سادي طبيعت جو، شب گذار، ۽ بلا ناغي قرآن شريف جي هڪ منزل تلاوت ڪندڙ هو. ٻه دفعا حج پڙهيائين. طب جو به وڏو ماهر هو. ”تحفة الحڪماء“ نالي طب اڪبر فارسي جو سنڌي ۾ ترجمو ڪري ڇپارايائين. مولانا دين محمد وفائي جي ساڻس ٻه دفعا ملاقات ٿي هئي، سو لکي ٿو ته: مولانا جو قد درميانو، حنائي ڏاڙهي ۽ سفيد پڳ سان هوندو هو.مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ٻڌايو ته ”هن بزرگ جو صغير جي طلاق بابت اتر سنڌ جي وڏن عالمن سان ڳوٺ عرضي پٺي (تعلقي ميرو خان) ۾ مناظرو ٿيو. جنهن ۾ مولانا محمد قاسم ڳڙهي وارو، مولانا خوش محمد ميروخاني ۽ ٻيا ڪيترا عالم آيل هئا. ساڻس مناظري لاءِ مولوي محمد عظيم صاحب سولنگي کي مقرر ڪيو ويو. سندس طرفدار رڳو هڪ سندس شاگرد مولوي لطف الله پنجوديري وارو هو، ايڏي مخالفت هوندي به مولانا بنگلائي صغير کان طلاق ڏياري ويو. آءٌ (مولانا قاسمي) ان مناظري ۾ ١٦ سالن جي ڄمار ۾ شريڪ ٿيو هوس.“

مولانا عبدالله ٢٠- اپريل ١٩٣٢ع/١٣٥٠ھ ۾ پنهنجي ڳوٺ بنگلديري ۾ وفات ڪئي.

## مولوي حاجي احمد

مولوي حاجي احمد بن فضل محمد ابڙو، اصل ويٺل ڳوٺ ملا ابڙو لڳ لاڙڪاڻو، موحد، محمد شاهي، فقيه، نقشبندي طريقي جو پير ۽ قرات جو وڏو ماهر هو. حيدرآباد ۾ مولوي محمد حسن وٽ مائي خيري جي مسجد واري مدرسي ۾ تحصيل ڪيائين ۽ پوءِ انهي ساڳئي مدرسي ۾ ورهين جا ورهيه مدرس به ٿي رهيو. وٽس قاضي عنايت الله ۽ سندس پاءُ قاضي هدايت الله متعلوي ۽ سيد اسدالله شاهه ٽکڙائي شاگرد ٿي رهيا. مولوي احمد

ست دفعا حج پڙهيو ۽ شيخ عبدالغني مجددي شاگرد شاهه محمد اسحاق دهلوي کان صحاح سته جي اجازت حاصل ڪئي. هڪ دفعو حرمين مان قاهره جو سفر پڻ ڪيائين، جتي هڪ ڪتب فروش سندس زباني اعتبار تي ڪيترا ڪتاب قرض طور فروخت ڪري ڏنا. حيدرآباد ڇڏڻ کان پوءِ گهڻو وقت بلوچستان ۾ وڃي رهيو. منڙي ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين ۽ ڪيترا ماڻهو سندس مريد به ٿيا. ان بعد وري پنهنجي وطن ۾ اچي رهيو ۽. اتي زمين جو ٽڪر آباد ڪري ان مان گذران ڪندو هو.

١٣٢٧هه ۾ قاضي هدايت الله متعلوي جو ڪتاب ”ڪواڪب السعادات“ ڇپجي حصن ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ جن علمائن تي اعتراض اٿاريا ويا هئا، تن ۾ مولانا احمد پيش پيش هو. ”تحفة اولي الباب في رد علي طاعن الاصحاب“ نالي مولانا احمد جو هڪ رسالو شايع ٿيو، جنهن ۾ وارد ٿيل اعتراضن جا جواب ڏنا ويا ۽ قاضي صاحب تي آخر ۾ تعزير جي لائق هجڻ جي فتوي ڏني ويئي. قاضي هدايت الله ان جو جواب ”رد الهفوات“ لکي پنهنجو بچاءُ ڪيو. اهو رڳڙو اڃان هليو تي ته قاضي صاحب فوت ٿي ويو.

سنه ١٣٣٩هه ۾ يورپ جي وڏي جنگ ختم ٿيڻ بعد ترڪي جي خلافت جو مسئلو ڇڙيو، جنهن ۾ سنڌ مان مولانا تاج محمود امروٽي جي سرڪردگي ۾ وڏو حصو ورتو ويو ۽ هن قومي تحريڪ کي پوري قوت سان هلايو ويو. مولوي احمد به پوري جوش ۽ ولولي سان هن ڪم ۾ بهرو ورتو.

آخر عمر ۾ پڙهائي وغيره جو شغل ڇڏي ڏنائين. پڪي موحد هئڻ ڪري مخالف کيس وهابي سڏيندا هئا. خلافت تحريڪ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪي سال سندس نالو ٻڌجڻ ۾ نه آيو. معلوم ٿيو ته سفر جي حالت ۾ هن بزرگ عالم شڪارپور جي لڳ ١٩٣٢ع ۾ وفات ڪئي(١).

(١) پروفيسر عبدالمجيد سنڌي، الرحيم، ١٩٧٢ع، ص ١٤

## پير ابراهيم شاهه جو مدرسو

هي مدرسو پير ابراهيم شاهه ولد سيد محمد شاهه اول بغدادي چوڏهين صدي هجري جي پڇاڙيءَ ۾ گنبٽ ۾ جاري ڪيو. سندس مزار پنهنجي والد محمد شاهه جي مزار جي پرسان آهي(١). پير محمد شاهه ثاني، سيد شمس الدين شاهه ۽ آخوند آگيڏني هن ئي مدرسي ۾ تعليم ورتي(٢).

## پير صالح شاهه جو مدرسو

هي مدرسو پير صالح شاهه اول بن احمد شاهه تيرهين صديءَ ۾ رانيپور ۾ جاري ڪيو. سيد ابو محمد شاهه ثاني ولد غلام محي الدين شاهه جيلاني (وفات ١٩٣٥ع) ۾ آخوند چٽي چانڊيو هن مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي(٣). مولانا محمد لغاري پڻ هن مدرسي ۾ پيرن جي صاحبزادن کي تعليم ڏني.

## مخدوم غلام احمد ملڪاڻي

ملڪاڻين جي درسگاهه جو باني مولانا غلام احمد ملڪاڻي بلوچ، ڳوٺ ملڪاڻي تعلقي دادو ۾ ١٤ رمضان المبارڪ ١٢٧٦هه ۾ ڄائو. والد سندس نالو ”غلام محمد“ ۽ والده ”غلام احمد“ تجويز ڪيو، پر عام طور مشهور غلام احمد ٿيو. ستن اٺن سالن جي ڄمار ۾ آخوند عبدالڪريم وٽ قرآن مجيد پڙهڻ لاءِ ويٺو. ان کان پوءِ سيالن جي ڳوٺ ۾ ”بهار دانش“ ۽ ”انوار سهيلي“ تائين فارسي پڙهيو. ساڳئي وقت دادو جي پرائمري اسڪول مان سنڌي فائنل (ڪاميٽي) امتحان پاس ڪيائين. فارسي سان گڏ عربي جي امتحان لاءِ تعليم پڻ پرائڻ لڳو(٤). ڪجهه وقت فيروز شاهه ۾ علامه عطاءالله

(١) بياض سيد اميرالدين، ص ١٦٢
(٢) الطاف اثيم رانيپوري، ساعت ساعت راهه نهاريان، ص ٨
(٣) بياض سيد اميرالدين شاهه: گنبٽ ۽ رانيپور جون ٻئي درگاهون مخدوم احمدي جي وقت ۾ سنه ١١٧١هه کان پوءِ محمد شاهه ۽ احمد شاهه جيلانين اچي قائم ڪيون.
(٤) سماهي مهراڻ، شماره نمبر ٣-٤، ١٩٥٧ع، ص ١٢٤

تعلقي قنبر ۾ جاري ڪيو. ميان الهه رکيو عرف مولانا ڪريمداد چانڊيو معروفاڻي ١٨٥١ع ڌاري ڳوٺ ڍگهه سومر چانڊيي، تعلقي قنبر ضلع لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم کان پوءِ سيتا ۽ روهڙي ۾ پڻ حصول علم لاءِ ڪهي ويو. ان بعد وڏيڪ فيض مولانا نظرمحمد (پنگ شريف) کان وجي پرايائين. سهارنپور ۽ ديوبند جا به سفر اختيار ڪيائين. سندس استادن مان چند جا نالا هي آهن: مولانا نظرمحمد پنگ وارو، مولانا سيتائي (دادو)، مولانا محمد قاسم نانوتوي، مولانا فضل الحق رامپوري (سهارنپور)، مولانا محمودالحسن ديوبند.

جن شاگردن وٽس دستاربندي ڪئي سي هي آهن: قاضي تاج محمد بروهي بلوچستان، مولانا ابوبڪر لاسي ٺٽو، مولانا ابوبڪر ساڪرو، مولانا محمد مختيار پرڏيهي، مولانا عبدالروف ابڙو، مولوي علي محمد ديرو غيبي خان، مولوي محمد افضل مورو، مولوي خير محمد منگسي سجاول، مولوي غلام رسول چانڊيو، مولوي محمد موسى مڪران، قاضي حبيب‌الله لاسي، مولوي محمد عمر منگسي سجاول، مولوي سعدالله، مولوي فضل‌الحق (سندس پٽ) ۽ مولوي عبدالحڪيم ڍگهه.

سندس همعصر علماءِ ڪرام: مولانا مير محمد نورنگي، مولانا عبدالڪريم ڪورائي، مولانا خوش محمد، مولانا عبدالرزاق گهوٽڪي، مولانا محمد نيڙهي، مولانا پير محمد جوڻائي لاڙڪاڻو، مولانا حسن‌الله پاٽائي، مولانا اميد علي جيڪب‌آباد، مولانا عبدالوهاب اوستو، مولانا خادم‌حسين رتوديرو، مولانا عبدالحڪيم شاهل سدايو.

مولانا ڪريمداد پنهنجي سڄي زندگي درس تدريس ۾ گذاري. فارغ التحصيل کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ديهه ڍگهه سومر چانڊيي ۽ پنگ شريف ۾ پڙهائڻ ۾ مشغول رهيو. تاريخ ١١ سيپٽمبر ١٩٣٧ع ۾ وفات ڪيائين(١).

(١) سماهي مهراڻ، ص ١٥٢

## مولوي بهاءالدين "بهائي" جي ڳوٺ نصير ڪوٽيءَ واري درسگاهه

ايران جو "بهائي" بهاءالدين عاملي هو، ته سنڌ جو "بهائي" وري مولانا بهاءالدين بن جلال الدين پتافي هو. مولانا پتافي، ڳوٺ نصير ڪوٽي لڳ گهوٽڪي (ڇه ميل ڏکڻ اولهه) ۾ سنه ١٢٣٩هه ۾ ڄائو. سندس ڳوٺ ۾ ٿي سيد علي اڪبر شاهه وٽ مدرسي جامع مسجد ۾ فارسي ۽ عربي جي تڪميل ڪيائين. ۽ گهڻو وقت ساڳئي مدرسي ۾ درس ڏنائين. مولوي صاحب ١١٤ سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ ٢٤ محرم ١٣٥٢هه ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي دفنايل آهي. ڪيس ڇهه پٽ ٿيا، جن وٽس ئي تعليم حاصل ڪئي: (١) مولوي محمد يوسف (٢) جلال الدين (٣) مولوي محمد بخش (٤) ماستر احمددين (٥) مولوي محمد اعظم ۽ (٦) مولوي عبدالرحمان.

**همعصر علماء:** (١) شمس العلماء سيد شاهه مردان شاهه اول (٢) مولوي عبدالرحمان سکر وارو (٣) مولانا عبدالغفور همايوني (٤) مولانا محمد ابراهيم سرهندي گهوٽڪي.

**سندس همعصر شعراء:** (١) سيد حزب الله شاهه "مسڪين" (٢) مولوي عبدالغفور همايوني "مفتون" (٣) غوث بخش "خاڪي" جيڪب آباد، جيڪو فارسي ۽ سرائڪي زبانن جو شاعر هو (٤) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ (٥) سردار گل محمد "زيب"

سندس تصنيفات جو تفصيل هن ريت آهي:

**فارسي ڪتاب:** (١) بدرالعروض (٢) تذڪرة القوافي (٣) مثنوي ياد خدا (٤) خورد و خواب، مثنوي (٥) مثنوي - ايضاً (٦) ديوان نعتيه: در نعت نبي صلعم (٧) ديوان بهائي (٨) سرمايه اخلاق حسين (٩) شهيدان (١٠) مناجات بقاضي الحاجات، رباعيات (١١) ڪريما بهائي (١٢) مراس العلوم يعني درمنظوم (١٣) مجمع القواعد: علم بديع ۽ معاني ۾ (١٤) داستانه عاشقانه (١٥) مراة الخيال (١٦) چهل احاديث منظوم (١٧) تنبيه نجدي.

**سنڌي ڪتاب:** (١) تنبيه الڪاهلين (٢) بلال نامه (٣) ڏاچي نامه (٤) خطن جو مجموعو. (١)

## علامه محمد عثمان "قراني" مدرسو "مجدديه"

علامه محمد عثمان ينيري جي ڪنيت "ابو سعيد" ۽ تخلص "قراني" هو. تاريخ ٢٧ بروز خميس، ماه صفر ١٢٩٦هه ۾ ڳوٺ ڏينگاڻ پرڳڻي (تعلقو جيمس آباد ضلعو ٿرپارڪر) ۾ ڄائو. ستن سالن جي ڄمار ۾ سندس والد مرحوم حافظ ڄام ڪيس ڳوٺ اميد علي خان رند ۾ سيد حاجي احمد شاه وٽ قرآن شريف جي تعليم لاءِ ڇڏيو. آتي ڇهن ستن مهنن جي قليل عرصي اندر قرآن شريف ۾ ڪافي رواني پيدا ڪيائين، باقي تعليم پنهنجي والد وٽ مڪمل ڪيائين. فارسي جي تعليم ميان محمد علي پٺاڻ (ڳوٺ لاکوشاه) وٽ حاصل ڪيائين، جتي استاد جي صحبت ۾ شعر پڻ چوڻ لڳو. ان بعد عربي تعليم مخدوم مولوي لعل محمد متعلوي وٽ ٽنڊي مير غلام علي ۾ شروع ڪيائين. صرف و نحو شرح ملا جامي تائين ۽ علم فقه ۾ "هدايه" پڙهيائين، علم منطق ۽ نحو مولوي خير محمد وٽ پڙهيائين. آخر ۾ دستاربندي مولانا لعل محمد متعلوي وٽ ڪيائين. تورو وقت سماع، حديث ۽ تفسير لاءِ مدرسه قاسميه دارالعلوم ديوبند ۾ به ويو. ان ڪان سواءِ پنجاب ۽ هندستان جي مختلف عالمن کان به فيض ورتائين. اتان فارغ ٿي سنه ١٣١٥هه ۾ پنهنجي ڳوٺ عمر ينيري لڳ استيشن شادي پلي ۾ "مدرسه مجدديه" جي نالي سان درسگاه قائم ڪيائين.

مولانا موصوف ڏاڍو ذهين، صريح الراءِ ۽ جفاڪش هو. وٽس هميشه علمي مجلس لڳي پئي هوندي هئي. سندس درسگاه جو نصاب بعينه دارالعلوم ديوبند وارو هو.

مولانا صاحب وٽان جيڪي فارغ التحصيل ٿيا، سي به وڏا عالم ٿيا، ۽ پنهنجا مدرسا کولي، درس ڏيڻ لڳا. سندس فيض

(١) سماهي مهراڻ، ١٩٥٧، ص ١٢٨

مان جاري ٿيل چند مدرسا ڏجن ٿا: (۱) مدرسه عربيه، چونره، تعلقو جيمس آباد (۲) مدرسه هاشميه قريه ڪلواري، تعلقو جيمس آباد (۳) مدرسه شير خان چانڊيو، تعلقو سامارو (۴) مدرسه مظهرالعلوم، ولهيٽ، تعلقو عمرڪوٽ، قائم ڪيل مولوي عبدالڪريم ساند جو (۵) مدرسه عربيه، ڳوٺ عالم پلي، قائم ڪيل مولوي محمد علي صدر جميعت العلماء ٿرپارڪر.

ڪيترن مخالفن سان مناظرا ڪيا. مثلاً غير مقلدن سان بدين ۾ ”قراة خلف الامام“ وغيره موضوعن تي؛ عيسائين جي پادرين سان ”حيات مسيح“ تي، وغيره. مولانا موصوف تصنيف تاليف به ڪندو رهيو. ڪن ڪتابن تي شرح ۽ حاشيا به لکيائين. سندس اشعار عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ موجود آهن. اهو سڄو قلمي ذخيرو سندس ڪتبخاني ۾ موجود آهي. مولانا کي ٽي پٽ آهن: مولوي عبدالحي، مولوي محمد سعيد ۽ ميان عبدالحق، جيڪي حال حيات آهن.

مولانا صاحب تاريخ ۱۵ رجب ڏينهن سومر، ۱۳۵۵هه تي صبح جو وفات ڪئي. سندس وصيت موجب ڪيس درسگاهه جي حاطي ۾ دفنايو ويو.

مولانا صاحب وٽان جن شاگردن دستاربندي ڪئي، تن جا نالا ترتيب وار هيٺ ڏجن ٿا:

**پهريون جٿو:** (۱) مولوي نورمحمد، مولانا قراني جو پاءُ (۲) مولوي محمد نوح (۳) مولوي عبدالحق.

**ٻيو جٿو:** (۱) مولوي دوست محمد لغاري (۲) مولوي احمد آرٻسر جوڻ پوري (۳) مولوي عبدالواحد دل (۴) مولوي عبدالحڪيم ميمڻ (۵) مولوي محمد صالح مولانا قراني جو پاءُ ۽ (۶) مولوي حاجي ابراهيم خاصخيلي.

**ٽيون جٿو:** (۱) مولوي حڪيم محمد، بروهي (۲) مولوي عبدالله ولهاري (۳) مولوي محمد قاسم (۴) مولوي محمد علي، صدر جميعت العلماء، ضلع ٿرپارڪر.

**چوٿون جڳو:** (١) مولوي جان محمد (٢) مولوي محمد حسن، رياست جوڌپور (٣) مولوي علي محمد، ريگستاني (٤) مولوي لعل محمد (٥) مولوي محمد عمر (٦) مولوي جان محمد پرڳڙي (٧) مولوي احمد قريشي.

**پنجون جڳو:** (١) مولوي عبدالرحمان، ريگستاني (٢) مولوي محمد سليمان، تخت آبادي (٣) مولوي محمد سليمان هاليپوٽو ريگستاني (٤) مولوي محمد دائود (٥) مولوي محمد اسحاق (٦) مولوي عبدالعليم (٧) مولوي عبدالرشيد ريگستاني ۽ (٨) مولوي نور محمد سمون.

**ڇهون جڳو:** (١) مولوي محمد صديق (٢) مولوي عبدالوهاب (٣) مولوي علي محمد پلي (٤) مولوي عبدالقادر هاليپوٽو (٥) مولوي قاضي نور محمد پلي.

**ستون جڳو:** (١) مولوي عبدالڪريم مفتي ولهيت (٢) مولوي عبدالرحمان زنگي (٣) مولوي عبدالرشيد ٽالهي ۽ (٤) مولوي نبي بخش لغاري.

**اٺون جڳو:** (١) مولوي مريد علي، جوڌپور (٢) مولوي محمد علي مشائخ پوٽو ۽ (٣) مولوي محمد اسحاق ناريجو.

**ناٺون جڳو:** (١) مولوي عبدالمطلب ساند (٢) مولوي ثناءالله آريسر (٣) مولوي عبدالاحد (٤) مولوي علي محمد ٺهڙي ۽ (٥) مولوي محمد عثمان.

**ڏهون جڳو:** (١) مولوي خدا بخش، رياست جوڌپور (٢) مولوي عبداللطيف ميمڻ (٣) مولوي علي محمد لس ٻيلو (٤) مولوي احسان علي لغاري (٥) مولوي محمد حسن ميمڻ (٦) مولوي محمد عمر ٽالهي.

**يارهون جڳو:** (١) مولوي عبدالهادي پنهور (٢) مولوي حاجي محمد ڪوسو، جيڪب آباد (٣) مولوي حاجي دين محمد خاصخيلي،

ڏينگاڻ پرڳڙي (٤) مولوي محمد صالح ريگستاني، (٥) مولوي عبدالله سال وارو.

**ٻارهون جٿو:** (١) مولوي يار محمد لغاري، ٽنڊو محمد خان (٢) مولوي هدايت‌الله ريگستاني.

**تيرهون جٿو:** (١) مولوي حافظ عبدالله (٢) مولوي رسول بخش (٣) مولوي عبدالرحمان درس، ڪڇ ۽ (٤) مولوي حافظ عبدالله نابينا لغاري.

**چوڏهون جٿو:** (١) مولوي عبدالحي، فرزند علامه قرآني (٢) مولوي سيد غلام علي شاهه، سونڊا (٣) مولوي ولي محمد، لاڙ، (٤) مولوي محمد ادريس درس (٥) مولوي محمد عثمان، لاڙ (٦) مولوي محمد اسماعيل لغاري، قريه مسن (٧) مولوي محمد يعقوب خاصخيلي، بدين (١).

## مدرسه اسلاميه عربيه احياء العلوم حماديه، ڪنڊڪوٽ، جيڪب آباد

مولانا فقير محمد سنه ١٣٥٧ھ/١٩٣٨ع ۾ ڪنڊڪوٽ ۾ مدرسي جو بنياد رکيو. دارالعلوم صرف هڪ ڪمري ۾ واقع آهي ۽ اتي شاگردن جي رهائش پڻ آهي. مدرسي جو مهتمم ۽ صدر مدرس مولانا فقيرمحمد آهي ۽ ٻيو مولانا صوفي محمد يعقوب به مدرسي ۾ پڙهائي ٿو. مدرسي جو انتظام مهتمم مدرسي جي ذاتي نگراني ۾ آهي. مدرسي کي پنهنجو ذاتي ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ١٥٠ ڪتاب موجود آهن. هتي درس نظامي رائج آهي.

## درگاهه شريف جو مدرسو

اگهه پير جهنڊي ۾ دارالرشاد نالي درسگاهه هو، جنهن جو باني پير رشدالله شاهه هو ۽ ان جو ٻهريون روح روان مولانا

(١) سه ماهي مهراڻ، شماره ٣-٤، ١٩٦٧ع ص ١٤٥ .

عبيدالله سنڌي هو. پير رشدالله جي وفات کان پوءِ سندن فرزندن پير سيد ضياءالدين ۽ پير احسان‌الله شاهه جي باهمي اختلاف ڪري جيئن گادي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويئي، تيئن مدرسو به ورهائجي ويو. اڳيون مدرسو ساڳئي ڪوٽ پير جهنڊي ۾ رهيو ۽ ٻيو مدرسو نئين ٻڌل ڳوٺ ”درگاهه شريف“ نالي ۾ قائم ڪيو ويو، جنهن جو باني پير احسان‌الله شاهه آهي.

پير احسان‌الله شاهه ولد پير رشدالله شاهه راشدي ۲۷ رجب ۱۳۱۳هه ۾ ڳوٺ پير جهنڊي تعلقي هالا ۾ پيدا ٿيو ۽ ۱۳۵۸هه ۾ وفات ڪيائين. تعليم پنهنجي والد جي قائم ڪيل درسگاهه ۾ حاصل ڪيائين. مولانا عبدالله سنڌي، مولانا محمد، مولوي الاهي بخش، مولانا احمد علي لاهوري، مولوي خدا بخش ۽ مولوي محمد اڪرم هالائي سندس اُستاد ٿي رهيا. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه وقت پنهنجي ڳوٺ درگاهه شريف ۾ درس تدريس جو سلسلو جاري رکيائين، پر پوءِ ٻين ٻي دنيوي ديني مشغولين ڪري تعليم ڏيڻ بند ڪري ڇڏيائين. سندس طريقو قادري هو.

پير صاحب جي تصنيفات: (۱) ”المقالة المحبوبه في الدعاء بعد صلواة المڪتوبه (۲) خيمه الزجاجة في شرح ابن ماجه (۳) سندس اردو تقرير: ڪتاب الله ۽ سنت رسول‌الله جي نشر و اشاعت. سندس ڪتبخانو ”دائره المعارف“ جي نالي سان مشهور آهي. تاريخ بغدادي ۽ تاريخ اصفهاني ڪتابن حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڏي خرچ ڪري، انهن جون فوٽو ڪاپيون پنهنجي ڪتبخاني ۾ رکايائين.

## مدرسو اشرف العلوم، محلہ دين پور، شڪارپور

هن مدرسي جو بنياد مولانا حڪيم محمد فضل‌الله سنه ۱۳۵۹هه/۱۹۴۰ع ۾ رکيو. مدرسي کي هڪ جامع مسجد اشرفيه جي نالي سان مشهور آهي، جيڪا تدريس واري جاءِ کان سوا سؤ قدمن تي آهي. شروعات ۾ ان مسجد جي ڏکڻ طرف مدرسي جا ٻه ڪمرا هئا، پر ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ ٻي جاءِ وٺي مدرسي

سان ملائي ويٺي مدرسي جي ابتدائي استادن ۾ مولانا عبدالحڪيم شاهل سڏائي وارو خاص ذڪر جي لائق آهي. هن مدرسي مان اڄ تائين اندازاً ١٥٠ شاگردن سند حاصل ڪئي آهي . مدرسي کي پنهنجو ڪتبخانو پڻ آهي، جنهن ۾ اٽڪل هڪ هزار ڪتاب آهن . هن وقت مدرسي ۾ مولوي شاه محمد جتوئي، عربي ۽ فارسي جو استاد آهي ۽ ٻيو قاري حافظ محمد عباس ڪلهوڙو تجويد قرآن ۽ قرات سيکاري ٿو. مدرسي جو **نصاب عربي:** فقه، حديث، صرف نحو، تفسير اصول فقه وغيره ۽ **نصاب فارسي:** پنج ڪتاب، گلستان، بوستان آهي.

## مدرسه انوارالقرآن، نوشهروفيروز، نواب شاهه

مولانا عبدالهادي سنه ١٣٥٩ه/١٩٤٠ع ۾ مدرسي جو بنياد رکيو. هن وقت مولانا حزب الله درس تدريس جي خدمت انجام ڏيئي رهيو آهي.

## مولوي غلام رسول ٽونيه

مولوي غلام رسول ولد علي بخش ٽونيه، ابڙا قوم جو هڪ فرد هو. سندس ولادت ٦- ربيع الاول ١٣١٩ه ۾ ڳوٺ بکر ٽونيه ۾ ٿي . اهو ڳوٺ ديهه ڏگاڻو مهيسر تعلقه ميرو خان ضلع لاڙڪاڻه ۾ هن وقت ويران آهي.

مولوي صاحب ابتدائي تعليم ڳوٺ فاضل خان مهيسر جي مدرسي ۾ ورتي. ان کان پوءِ سورت ۽ لاهور ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم مڪمل ڪئي. مولوي عطا محمد عباسي سندس استادن مان هو. مولوي احمد علي مهيسر ۽ مولوي قمرالدين مهيسر سندس شاگردن مان آهن . سندس ڪوشش سان شهدادڪوٽ ۾ هڪ مدرسو قائم ٿيو جو اڄ به قائم آهي . سندس ئي ڪوشش سان ڳوٺ بکر مهيسر ۽ ٻين هنڌن تي ديني مدرسا قائم ٿيا. سنه ١٣٥٩ه ۾ ڳوٺ بکر مهيسر ۾ وفات ڪيائين (١).

(١) ٽماهي مهراڻ، شماره ٣-٤، ١٩٥٧ع، ص ١٥٦.

## مولوي محمد اسماعيل ميمڻ

مولوي محمد اسماعيل ولد مولوي گل محمد جو جنم گچيري پراڻي، تعلقي موري، ضلعي نواب شاهه ۾ ٿيو. علم جي تلاش کيس گچيري ۽ دولتپور (تعلقي موري)، ٽرڙي محبت (تعلقي ميهڙ)، ببرڪ (تعلقو سيوهڻ) ۽ ڳوٺ ملڪاڻي (تعلقي دادو) ۾ وٺي ويئي. انهيءَ سلسلي ۾ جن استادن ۽ عالمن کان فيض حاصل ڪيائين، تن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن: (١) خليفو عبدالله ميمڻ، گچيرو (٢) مولوي محمد دائود، دائودپوٽو، دولتپور (٣) مولوي فيض محمد، ٽرڙي محبت (۴) مولوي عبدالرزاق، ببرڪ ۽ (۵) مولوي غلام محمد ملڪاڻي.

مولوي محمد اسماعيل جي شاگردن جو تعداد گهڻو آهي: (١) مولوي محمد حيات ٻگهيو، ساڪن ماڙي، تعلقو مورو (٢) مولوي محمد افضل ڏاهري، ڳوٺ مقيم ڏاهري، تعلقو مورو (٣) مولوي محمد صادق ولد مخدوم عبدالرؤف قاضي، ساڪن مورو (۴) مولوي محمد ايوب ڏاهري، ڳوٺ مقيم ڏاهري (۵) مولوي عبدالخالق پنهور، جهلائي، تعلقہ دادو (٦) مولوي محمد سليمان نوناري، ٽرڙي محبت.

سندس همعصرن ۾ مولوي پير محمد شاهه ذاڪري (تعلقو سڪرنڊ)، مولوي محمد صالح پاڻ پوٽو (ڳوٺ دودو ٻگهيو، تعلقو مورو)، مولوي فضل محمد صابوگر (نوشهرو فيروز) ۽ مولوي رضا محمد ڏاهري (ڳوٺ گاڄ چام ڏاهري، تعلقو مورو) جهڙا بزرگ شامل آهن. سندس سلسلہ طريقت نقشبندي هو، جو کيس ڪنيارين ۽ ملڪاڻي بزرگن کان مليو. کيس شعر و شاعري سان بيحد دلچسپي هئي ۽ ڪنهن زماني ۾ پاڻ بہ شعر چوندو هو. نهايت ئي خوش اخلاق هو ۽ حاضر جواب هو. سندس ڪابہ تصنيف ڇپيل ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي. البت وعظ ۽ فقه تي سندس عربي، فارسي ۽ سنڌي زبان ۾ چند قلمي نسخا موجود آهن. تاريخ

پهرين رجب سنه ١٣٦٠هه ۾ اسي سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين ۽ پنهنجي ڳوٺ ڪچيري ۾ مدفون آهي.

## علامه مير محمد نورنگي

ضلعي لاڙڪاڻي جي نورنگ واه واري درسگاه جو باني مولانا مير محمد ولد محمد هاشم جاگيراڻي بلوچ، ويٺل ڳوٺ راضي ڳورڙ تعلقي قنبر جو هو.

مولانا صاحب پهريائين قرآن شريف پنهنجي والد وٽ پڙهيو، ان بعد مولوي عبدالله ۽ مولوي فيض محمد (پير جو ڳوٺ، قنبر) کان فارسي جي تعليم ورتائين. صرف نحو مولوي محمد اسماعيل منطقي ابڙن واري کان پڙهيو. ان کان پوءِ مولوي عبدالله بنگل ديرائي، مولوي قمرالدين، مولوي نظر محمد (پنگ، ملتان) ۽ مولوي امام بخش محدث بهاولپوري جن جي خدمت ۾ رهي، نصاب حديث ١٣١٤هه ۾ مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. سندس ساري زندگي تعليم ۽ تدريس ۾ گذري. تاريخ ١٠- محرم ١٣٦١هه ۾ وفات ڪيائين (١). سندس فارغ التحصيل شاگردن جو تفصيل هن ريت آهي: (١) مولوي شفيع محمد مسجدي، ميهڙ (٢) مولوي محمد صالح بروهي، ڪراچي (٣) مولوي حبيب الله قاضي، لس بيلو (٤) مولوي حافظ محمد ڪامل، ڳوٺ سنهڙي (٥) مولوي عبدالڪريم گهنهڙ، (٦) مولوي گل محمد ترائي (٧) مولوي محمد امين، تعلقو قنبر، (٨) مولوي پير محمد، تعلقو قنبر (٩) مولوي عبدالڪريم، ڳوٺ راضي ڳورڙ، تعلقو قنبر (١٠) مولوي خوش محمد، ميرو خان (١١) مولوي عبدالڪريم، ڪور سليمان (١٢) مولوي عطا محمد، سندس پاءُ ۽ (١٣) مولوي غلام رسول، لاڙڪاڻو (١).

## مولانا خليفو يار محمد شڪارپوري

مولانا خليفي يار محمد پنهنجي سموري تعليم شڪارپور ۾ ورتي ۽ سڄي حياتي شڪارپور ۾ ئي گذاري. ابتدائي تعليم پنهنجي

(١) ماهي مهراڻ، شماره ٣-٤، ١٩٥٧ع، ص ١٥٨.

ڏاڏي خليفي حافظ الهرڪيي کان ورتائين. بعد ۾ ميان عبدالرحيم شڪارپوري ۽ مولانا حافظ محمد حيات شڪارپوري کان تعليم ورتي هئائين. سندس شاگردن ۾ حڪيم مولوي الاهي بخش اعوان شڪارپوري، پير فضل احمد سرهندي شڪارپوري، مولوي عبدالفتاح صديقي ۽ پير غلام مجدد سرهندي شڪارپوري جا نالا قابل ذڪر آهن.

سندس همعصرن ۾ مولوي عبدالرحمان ميمڻ شڪارپوري، قاضي بهادر علي شاهه شڪارپوري، مولانا غلام رسول چشتي شڪارپوري، مولوي جهان خان دراني نقشبندي شڪارپوري، حافظ محمد حيات قريشي شڪارپوري، اعوان عبدالحميد درپشاڻي پرنسپال خيرپورميرس، مولانا عبدالغفور همايوني ۽ مولانا تاج محمود امروٽي قابل ذڪر آهن.

مولانا يارمحمد جو طريقو چشتيه هو. هڪ مسجد ۾ درسگاهه قائم ڪري سڄي زندگي درس تدريس ۾ مصروف رهيو. تاريخ ٩- نومبر ١٩٤٣ع / ٢٩ شوال ١٣٦١هه، تي سومر ڏينهن وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفنايل آهي(١).

## مدرسو جامع هاشميه، ڳوٺ نورمحمد شجراهه، شڪارپور

سيد عبدالغني شاهه سنه ١٣٦١هه/١٩٤٢ع ۾ هن مدرسي جو بنياد رکيو. مدرسي کي پنهنجو ذاتي ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ هڪ هزار ڪتابن کان سواءِ ٽيهه قلمي نسخا به موجود آهن. مدرسي کي عمارت ذاتي آهي، جنهن ۾ ٩ ڪمرا ۽ انهن جي اڳيان هڪ وڏو ورانڊو آهي.

مدرسي جو انتظام هڪ مجلس جي نگراني ۾ آهي. مدرسي ۾ مولانا عبدالله مهر صدر مدرس، مولوي ڏٽي بخش، مولوي صوفي نيڪ محمد، حافظ نورمحمد ۽ حافظ عبدالخالق پڙهائيندا رهن ٿا. هن مدرسي ۾ نصاب درس نظامي رائج آهي.

(١) ايضاً، ص ١٢٦

## مدرسو دارالرشاد، ڳوٺ حاجي مريد خان ٽنگواڻي، جيڪب آباد

هن مدرسي جو بنياد مرحوم حاجي مريد خان سال ١٣٦٢هه/ ١٩٤٣ع ۾ پنهنجي ڳوٺ حاجي مريد خان ٽنگواڻي ۾ رکيو. مدرسي جو مهتمم مير صبح صادق خان کوسو آهي. هن مدرسي ۾ مولوي عبدالعزيز کوسو (صدر مدرس) ۽ مولوي نورمحمد کوسو پڙهائيندا رهن ٿا. مدرسي جو انتظام هڪ انجمن جي ماتحت آهي، ۽ هتي درس نظامي رائج آهي.

## مدرسو انوارالرحمان، دريا خان مري، نواب شاهه

مدرسي جو بنياد سنه ١٣٦٣هه/١٩٤٣ع ۾ مولانا عبدالرحمان رکيو. عمارت ذاتي آهي، جنهن ۾ پنج ڪمرا ۽ هڪ وڏو هال آهي. مدرسي جو مهتمم و صدر مدرس مولانا عبدالرحمان آهي. ۽ ٻيا استاد مولانا محمد عباس، مولانا گل محمد، مولانا غلام حيدر ۽ قاري عبدالخالق پڙهائيندا رهيا آهن.

## قاضي عبدالرؤف مورائي

قاضي عبدالرؤف ١٢٩٩هه ۾ موري ضلعي نواب شاهه ۾ ڄائو. مٿيارين جي قاضي عبدالڪريم ۽ عبدالرحيم ٺٽوي وٽ تعليم حاصل ڪيائين. سندس چند شاگردن جا نالا هي آهن: (١) حافظ ابراهيم ڏکڻ (نابينا)، اصل وينل دولتپور، پوءِ دودي ياڻ پوٽي ڳوٺ ۾ ويٺو (٢) مولوي عبدالڪريم ڏاهري، وينل سن (٣) قاضي خدابخش چينجن وارو (٤) حيدر شاهه، مير حسن علي جي ٽنڊي وارو (٥) سيد تاج محمود امروٽي.

قاضي عبدالرؤف فارسي زبان جو خاص طرح وڏو انشا پرداز هو. فارسي نظم ۾ ڪافي دسترس هيس. موري ۾ قاضين جي درسگاهه ۾ سالن جا سال پڙهائيندو رهيو. سندس ٻه تصنيفات معلوم ٿي سگهيون آهن: (١) اراءِ ارشاد الحق الي هواءِ افساد المشرڪ

(۲) تنزيه از تشبيه، فارسي نظم ۾. سنه ۱۳۶۳ﻫ ۾ وفات ڪيائين(۱).

## مدرسو شمس العلوم ڪرڙاهه

مدرسي شمس العلوم جو بنياد سنه ۱۲۶۳ﻫ ۾ شهر ڪرڙاهه (تعلقو ميرواه) ۾ پيو، جيڪو ضلعي خيرپور جي اسٽيشن محرابپور کان اٺن ميلن جي فاصلي تي ميرواهه جي ڪپ تي هڪ وسندڙ شهر آهي. مدرسي جي ابتدا شهر جي چند صالح ماڻهن حاجي علي اڪبر ڦل، حاجي حسن علي ڦل، الحاج رڪن الدين ڦل ۽ حافظ محمد بچل لوهر جي طرفان ڪئي ويئي. ڪرڙاهه جي زميندار حسين علي پنهنجي ذاتي لانڍي واري وسيع اوطاق مدرسي لاءِ وقف ڪري ڇڏي. شهر جو وڏو حصو جاهلن جو هو، جن عالمن ۽ طالبن کي طرحين طرحين تڪليفون ڏنيون، پر انهن جو مڙسي سان مقابلو ڪيو ويو. مدرسي جو خرچ مٿين صاحبن پنهنجي وسعت آهر پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو ۽ مسافر شاگردن جي کاڌي پيتي جو پڻ مفت انتظام ڪيو. مدرسي جي تعليمي ۽ تبليغي ڪارنامن کي ڏسي شهر جي آسپاس وارن ديندارن کي ڪافي احساس ٿيو، جن به آهستي آهستي پنهنجي امداد سان مدرسي جي ڪارڪنن جو ڀرپور ساٿ ڏنو. آخر ڇهن سالن جي مسلسل جاکوڙ ۽ ناڪافي وسائل کي محسوس ڪندي جماعت جي دعوت تي هڪ مخير مرد حاجي روشن دين پنهنجي سموري دنيوي ڪاروبار کي ڇڏي پاڻ کي مدرسي جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. سڀ کان اڳ ۾ مدرسي جي ڪنهن مناسب عمارت ڏانهن توجه ڏنائين. سخي مردن فراخ دلي سان ڀرپور امدادون ڪيون؛ جنهن ڪري مدرسي جي هڪ عاليشان عمارت ٺهي راس ٿي ۽ شاگرد ۽ استاد پنهنجي تعليمي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويا.

(۱) راقم کي مٿيون احوال پنهنجي ايم. ايڊ جي شاگرديائي قاضي شميم اختر کان (۱۹۷۵-۷۶ع) موصول ٿيو، جيڪا هن خاندان جي هڪ فرد آهي.

وقت ۾ انتظامي مجلس جي مدد سان هلي رهيو آهي. هن مدرسي ۾ پڙهائيندڙ عالمن جا نالا هي آهن: (١) صدر مدرس مولوي محمد صالح نقشبندي (٢) مولوي محمد يعقوب ۽ (٣) مولوي حاجي علي نواز. هن مدرسي ۾ ڪل ٨٠ شاگرد آهن، جن مان ٣٠ ڇوڪريون حفظ قرآن تجويد ۽ بيو ديني علم سکن پيون. هي مدرسو هن وقت مولوي يارمحمد جي سرپرستي ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري رهيو آهي.

## مولانا حاجي شفيع محمد "مسجدي"

مولانا شفيع محمد ولد ولي محمد "مسجدي"، ذات سوڍر، ڳوٺ سوڍاري ۾ پيدا ٿيو. قرآن شريف ۽ فارسي اشرف سوڍر جي ڳوٺ ۾ پڙهيو. انهيءَ ڳوٺ ۾ ٿي سوڍر پائڙ مولانا غلام محمد، مولانا غلام رسول ۽ مولانا غلام نبي عربي ۽ فارسي جا ماهر هئا. ان بعد مولانا مسجدي، حافظ عبدالله نابينا وٽ پيري (تعلقي ميهڙ) ۾ صرف نحو پڙهيو. ان کان پوءِ ميهڙ تعلقي ۾ منسين جي پرسان ڳوٺ فيض محمد آگري ۾ مولانا محمد پريل آگري وٽ منطق، فقه ۽ نحو پڙهيو. پوءِ وڌيڪ تحصيل لاءِ مولانا ميرمحمد نورنگي وٽ تعلقي قنبر ۾ نورنگ ڳوٺ ۾ آيو ۽ باقي ڪتاب پڙهي دستاربندي ڪيائين.

فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ درس تدريس ۾ مشغول رهيو. خاص ڪري هيٺ ذڪر ڪيل عالم وٽانئس دستاربند ٿيا: (١) مولانا حاجي الاهي بخش، ڳوٺ پانهو لاکو، ميهڙ (٢) مولانا محمد عالم سومرو، ويٺل پنيور، ميهڙ (٣) مولانا الاهي بخش بروهي، ساڪن ملڪ وال (٤) مولانا حبيب الله پيرزادو، ويٺل سيد جو ڳوٺ، ميهڙ (٥) مولانا عبدالرحمان تيوڻو، ڳوٺ باگو، ميهڙ (٦) مولوي غلام حسين، پانهي لاکير وارو (٧) مولانا عبدالواحد منگسي، ڳوٺ ساهڙ (٨) مولوي محمد محسن تيوڻو، ڳوٺ مرزا جو واهه، ميهڙ (٩) مولانا نظام الدين مرزائي بلوچ، ڳوٺ مرزا جو واهه، ميهڙ.

مولانا موصوف درس تدريس سان گڏ تحرير ۽ فتويٰ نويسي جو ڪم به ڪندو هو. خصوصاً ادب، منطق، حڪمت، فلسفي ۽ فقه ۾ ڪمال رکندو هو. عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ پختا شعر چوندو هو. کيس ٻه پٽ هئا: ميان محمد شافع ۽ ميان ولي محمد. مولانا صاحب ١٣ رمضان ١٣٦٤هه ۾ وفات ڪئي(١).

## مولانا عبيدالله سنڌي

مولانا عبيدالله سنڌي ١٢ محرم الحرام ١٢٨٩هه/١٠ مارچ ١٨٧٢ع تي ضلعي سيالڪوٽ (پنجاب) جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ چيانوالي ۾، هڪ سک خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ جو نالو رامسنگ، ڏاڏي جو نالو جسپتراءِ ۽ سندس پڙڏاڏي جو نالو گلاب راءِ هو. سکن جي دور ۾ گلاب راءِ پنهنجي ڳوٺ جو مختيارڪار هو. سندس خانداني پيشو سوناڪو هو، پر پوءِ سرڪاري نوڪري ۾ لڳي ويو، ۽ انهن ۾ ڪيترا شاهوڪار وياج تي پيسن ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندا هئا. مولانا جو پيءُ سندس جمڻ کان چار مهنا اڳ گذاري ويو. ٻن سالن کان پوءِ سندس ڏاڏو به مري ويو؛ جنهنڪري مولانا جي ماءُ پنهنجي يتيم ٻارڙن سميت پيڪي گهر اچي رهي.

مولانا جو مامو جامپور ضلعي ديري غازي خان ۾ تپيدار هو، تنهنڪري مولانا صاحب ١٨٧٨ع ۾ جامپور جي هڪ اردو مڊل اسڪول ۾ تعليم وٺڻ شروع ڪئي. سنه ١٨٨٤ع ۾ اسڪول جي هڪ آريہ سماجي شاگرد وٽ "تحفة الهند" ۽ "تقوية الايمان" ڪتاب ڏٺائين، جن جي مطالعي مان کيس اسلام جي صداقت تي يقين ٿيو. سنه ١٨٧٨ع ۾ جڏهن ستين درجي ۾ پڙهندو هو، تڏهن مسلمان ٿيڻ جي شوق ۾ پنهنجي گهر کان هميشه لاءِ ڌار ٿي ويو ۽ "تحفة الهند" جي مصنف جو نالو "عبيدالله" پاڻ تي رکيائين.

سنڌ ۾ پهرياڻين حافظ محمد صديق ڀرچونڊي واري بزرگ وٽ آيو، جنهن جي صحبت جو ڏڻ مٿس وڏو اثر ٿيو. هڪ ڏينهن

(١) ماهي مهراڻ، شماره ٣ ۽ ٤، ١٩٥٧ع ص ١٧٢

حافظ صاحب پيري مجلس ۾ چيو ته "عبيدالله، الله ڪارڻ پنهنجا مٽ مائٽ ۽ مذهب ڇڏيو آهي. هاڻي اسين سندس ديني ماءُ پيءُ آهيون." ان کان پوءِ حافظ صاحب کي پنهنجو ديني پيءُ ڪري سمجهڻ لڳو. اهو ئي سبب هو جو سنڌ کي مستقل طور پنهنجو وطن ڪري سمجهيائين. مولانا صاحب قادري ۽ راشدي طريقن جي بيعت حافظ صاحب وٽ ڪئي. ان بعد وڌيڪ تعليم لاءِ شيخ الهند محمود الحسن جي خدمت ۾ ديوبند پهتو، جتي ٿوري ئي عرصي ۾ سڄو درس نظامي پورو ڪيائين.

مولانا عبيدالله کي، شوال ۱۳۰۸هه ۾ مولانا تاج محمود امروٽ ۾ وني آيو، ۽ ڪيس اسلاميه اسڪول سکر جي مولوي محمد عظيم خان يوسف زئي جي ڌيءُ سان پرڻايائين. ان بعد مولانا عبيدالله سنڌي، ۱۳۱۵هه تائين اطمينان سان مولانا امروٽي جي ناياب ڪتبخاني جو مطالعو ڪندو رهيو.

ڳوٺ پير جهنڊي ۾ راشدي بزرگن وٽ ديني علم جو بي نظير ڪتبخانو هو. مولانا سنڌي مطالعي دوران اتي گهڻو ايندو ويندو هو. انهي دوران مولانا سنڌي جي نه فقط مطالعي ۾ اضافو ٿيو، پر پير رشيدالدين جي صحبت سان به مستفيض ٿيو، ۽ ذڪر "اسماءِ الحسني" به هن کان ئي ورتائين. ساڳئي وقت پير رشدالله صاحب سان به علمي صحبتون ڪيائين، جيڪو علم حديث جو وڏو عالم ۽ صاحب تصنيف هو. ان کان سواءِ قاضي فتح محمد نظاماڻي سان به علمي رهائيون ڪيائين.

مولانا سنڌي ۱۹۱۴ع ۾ دهلي ويو، جتي ڊاڪٽر انصاري ۽ حڪيم اجمل خان سان گڏجي، تحريڪ خلافت ۾ حصو ورتائين. سنه ۱۳۳۳هه/۱۹۱۵ع ۾ حضرت شيخ الهند جي حڪم موجب هندستان جي مسلمانن طرفان نمائندي جي حيثيت سان ڪابل روانو ٿيو. اتي پهچڻ تي کيس معلوم ٿيو ته شيخ الهند جنهن جماعت جو اڳواڻ هو، آن جي پنجاهه سالن جي محنت جو حاصل سنڌس اڳيان غيرمنظم شڪل ۾ موجود هو. انهيءَ حقيقت معلوم ڪرڻ

بعد پنهنجي هجرت ۽ شيخ الهند طرفان سنڌس انتخاب تي ڪيس وڏيتر خوشي ٿي.

مولانا سنڌي ست سال سانده ڪابل ۾ رهي هندستان جي آزادي لاءِ انقلابي ڪم ڪندو رهيو. سنہ ١٩١٦ع ۾ امير حبيب الله خان کيس هندستان جي سياسي جماعتن سان ملي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو، انهي ڪري انڊين نيشنل ڪانگريس سان رابطو پيدا ڪيائين. جيئن ته مولانا سنڌي تي ڪابل اچڻ کان اڳ انگريزي حڪومت طرفان گرفتاري جا حڪم جاري ٿيل هئا، تنهنڪري انگريزن ڪابل جي بادشاهہ امير حبيب الله کان سنڌس گهر ڪئي، پر بادشاهہ حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو. ان بعد امير امان الله جي هندستان تي حملي کان پوءِ مولانا سنڌي ماسڪو هليو ويو، ۽ اتي سوشلزم جو باقاعدي مطالعو ڪيائين. ان جو نتيجو اهو ٿيو، جو مولانا سنڌي پنهنجي مذهبي تحريڪ (جا شاهہ ولي الله دهلوي جي فلسفي تي مبني آهي) کي هن زماني جي لادينيت کان محفوظ رکڻ لاءِ تدبيرون سوچڻ لڳو.

سنہ ١٩٢٤ع ۾ مولانا سنڌي انقره ويو. ترڪي جي سفير ۽ ماسڪو جي وزارت خارجہ گڏجي سنڌس سفر جو رستو آسان ڪري ڏنو. پاڻ سانده ٽي سال ترڪي ۾ رهي، تحريڪ اتحاد اسلامي جو تاريخي مطالعو ڪندو رهيو. ان بعد يورپ مان ٿيندو، مڪہ معظمہ پهتو ۽ سانده ٻارهن سال اتي رهيو. حڪومت سان سنڌس ڪوبہ تعلق ڪونہ هو ۽ نہ وري سياست ۾ ڀاڱو وٺندو هو. پاڻ چوندو هو تہ "اسان خانہ ڪعبہ ۾ اچي امن ورتو آهي." اتي ڀوپال جي رباط ۾ رهندو هو ۽ دستور موجب توڪل واري زندگي بسر ڪندو هو. اسلامي دنيا جا ڪيترا ئي عالم ڪانئس قرآن حڪيم جو درس وٺندا هئا. مڪي معظم جي حرم جو پيش امام ۽ جامعه ازهر جا فارغ التحصيل بہ وٽس درس وٺندا هئا. روس جو عالم موسيٰ جارالله جڏهن مڪي ويو تہ مولانا سنڌي کان مسلسل درس وٺندو رهيو.

١٩٣٨ع جي شروعات ۾ مولانا سنڌي، سنڌ جي ليڊرن جي ڪوشش سان سنڌ ۾ موٽي آيو. جيتوڻيڪ مسلسل ٽيهن سالن جي سفر ۽ تڪليفن ڪري ضعف ٿي ويو هو پر سندس فڪر جوان ۽ همت عالي هئي. اهو ئي سبب هو جو پيريءَ ۾ پڻ هندستان جي قومي ۽ ذهني آزادي لاءِ عملي تدبيرون سوچيندو رهيو.

مولانا عبيدالله سنڌي جي سموري زندگي قوم لاءِ ڏکن ڏاکڙن ۾ گذري ۽ ديني اعتقاد کيس عمل لاءِ مجبور ڪيو. آخري وقت ۾ پنهنجي زندگيءَ جو ڏيو وسامندو ڏسي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته جيئن ڪي اهڙا نوجوان پيدا ٿين جيڪي پنهنجي ذهني بيداري ۽ حڪمت عملي سان قوم، ملڪ ۽ ملت جي خدمت ڪن ۽ هن برِ عظيم کي ڌارين جي غلاميءَ کان آزاد ڪرائين. انهي عرصي ۾ مولانا سنڌي، مدرسه مظهرالعلوم کڏه ۾ بيت‌الحڪمت جو بنياد وڌو ۽ تعلقي شهدادڪوٽ (ضلعي لاڙڪاڻي) ۾ شاهه ولي‌الله ٿيالوجيڪل ڪاليج جو بنياد وڌو. ان لاءِ افتتاحي خطبو به مرض موت واري حالت ۾ لکيائين. ان لاءِ مولوي غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ مولوي عزيزالله جروار کي ڪاليج جو نگران مقرر ڪيو ويو. آخرڪار ٢٢ آگسٽ ١٩٤٤ع ۾ هن انقلابي شخصيت وفات ڪئي.

## مدرسه عربيه تعليم‌القرآن، ڪاشي رام پل، جيڪب‌آباد

سنه ١٣٦٥هه/١٩٤٥ع ۾ مولانا عبدالحق ڪوسي هڪ مسجد ۾ مدرسي جو بنياد رکيو، جنهن جو مهتمم ۽ صدر مدرس پاڻ آهي. ازانسواءِ مولانا محمد سليمان ۽ مولانا عبدالغفور به سندس ساٿي آهن. مدرسي کي پنهنجو مختصر ڪتبخانو آهي جنهن ۾ هڪ سؤ ڇاپي ڪتاب ۽ ڏهه قلمي نسخا آهن. هتي نصاب درس نظامي رائج آهي.

## مدرسه ڪنزالعلوم، پيري، ميهڙ، ضلعو دادو

سنه ١٢٧٣ه/١٨٥٦ع ۾ مدرسي جو بنياد رکيو ويو. زماني جي گردش سبب ڇهه دفعا بند ٿيو. آخرڪار قيام پاڪستان کان اڳ ١٣٦٦ه/١٩٤٦ع ۾ نئين سر تدريس جو سلسلو شرع ٿيو. حاجي دوست محمد، حاجي نورمحمد مدرسي جي سرپرستن ۾ شامل آهن. مدرسي ۾ نصاب درس نظامي هلندڙ آهي. مولانا احمد عبدالصمد (صدر مدرس) ۽ مولانا محمد رمضان هتي مدرس آهن.

## مدرسه عربيه اسلاميه مجدديه، ڪنري

هي مدرسو ڳوٺ ڪنري، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ١٣٦٦ه/١٩٤٦ع ۾ قائم ٿيو آهي. مدرسي جا مهتمم پير حاجي محمد ابراهيم ۽ حاجي محمد اسحاق ميمڻ آهن ۽ مدرس مولانا محمد سليمان آهي. مدرسي جو نصاب درس نظامي آهي، پر انهي ۾ مختصر تبديلي ڪيل آهي. مدرسي کي عمارت پنهنجي آهي، جنهن ۾ چار ڪمرا ۽ ٻه ورانڊا آهن. اهي ڪمرا تدريس ۽ دارالاقامه پنهي لاءِ استعمال ٿين ٿا.

## مولانا محمد سليمان واعظ جي جهتيالن واري درسگاهه

مولانا محمد سليمان ڳوٺ ٽرڙي محبت تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حافظ محمد صادق وٽ حاصل ڪيائين. ان بعد رتي ديري ۾ مولانا عبدالله وٽ پڙهيو. تعليم ختم ڪرڻ بعد ميهڙ جي پيرسان ٽيپن زميندارن کي پڙهايائين، ۽ پڇاڙي واري عرصي ۾ ٽرڙي محبت جي پيرسان ”جهتيالن“ جي ڳوٺ ۾ ڪيترا ئي سال تعليم ڏنائين. مولانا صاحب پنهنجي دور جو پر اثر خطيب هو. چوندو هو ته کيس چار پنج سؤ حديثون ياد آهن. سنه ١٣٧٦ه جي شب برات ۾ وفات ڪيائين (١).

(١) سماهي مهراڻ، شماره ٣-٤، ١٩٥٧ع، ص ١٧٦.

## مدرسه عربيه اسلاميه جامع مسجد ٺٽو

هي مدرسو شروع ۾ جامع مسجد ٺٽي ۾ قائم هو، پر پوءِ مسجد زيرمرمت هئڻ ڪري پلنگ پاڙي جي جامع مسجد ۾ هلايو پيو وڃي. هن مدرسي جو مهتمم ۽ صدر مدرس مولانا مفتي محمد حسين هو، جيڪو شهر جو قاضي جامع مسجد ٺٽي جو خطيب هو. ان کان سواءِ پيا استاد حافظ عبدالباقي اجميري ۽ مهتمم مدرسه جي اهليه هئا. ناثين صدي هجري ۾ سيد ميراحمد شاهه شيرازي ٺٽي ۾ آيو ۽ هتي رشد و هدايت جو آغاز ڪيائين. موجوده مهتمم سندس ئي اولاد مان آهي. مدرسي کي پنهنجو ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ٢٣٢ مطبوعه ڪتاب ۽ ٢٢ قلمي نسخا موجود آهن.

## مدرسه دارالسلام جامع مسجد غربا اهل حديث آرٽيلري ميدان بندر روڊ ڪراچي

سنه ١٣٠٠هه/١٨٨٢ع ۾ مولانا عبدالوهاب دهلي ۾ مدرسي جو بنياد وڌو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس پٽ علامه عبدالستار ١٩٤٨ع ۾ ساڳئي نالي سان مدرسو ڪراچي ۾ قائم ڪيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين مدرسي جو مهتمم آهي. مدرسي جو نصاب درس نظامي آهي. مدرسي کي پنهنجو ڪتبخانو آهي، صدر مدرس مولانا عبدالجليل آهي. هن مدرسي ۾ هيٺيان علماء درس تدريس ڏيندا رهيا آهن: مولانا عبدالغفار، مولانا محمد يونس، مولانا حافظ عبدالقهار، مولانا عبدالرحمان، مولانا احمد ندوي، مولانا قاري عبدالجليل، قاري محمد شفيع ۽ حافظ عبداللطيف.

## مدرسه حفظ القرآن، خيرپور ميرس

هن مدرسي جو بنياد ١٣٦٧هه ۾ پيو، جنهن جو باني سرائي فتح علي خمسائي هو. مدرسي ۾ ٢٥٠ شاگرد آهن، جن مان ١٠٠ پرديسي آهن. استادن جو تعداد ست آهي. تعليم قرآن شريف جي ناظره ۽ حفظ جو جوڳو بندوبست ٿيل آهي. موجوده سنڀاليندڙ استاد حافظ الهڏنو مگريو آهي.

## مدرسه مفتاح العلوم، منگين جو ٽنڊو، ضلعو حيدرآباد

سنه ١٣٦٧هه/١٩٤٨ع ۾ حافظ محمد عمر مدرسي جو بنياد رکيو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين مدرسي جو مهتمم آهي. مدرسي کي عمارت ذاتي آهي، جنهن ۾ ڏهه ڪمرا، هڪ ورانڊو ۽ هڪ وڏو هال آهي. مدرسي کي پنهنجو ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ٤٠٠ ڪتاب موجود آهن. هتي درس نظامي جو نصاب رائج آهي. صدر مدرس مولانا حبيب الله آهي. ان کان علاوه مولانا محمد الطاف حسين ۽ مولوي محمد عيسيٰ درس تدريس جو شغل جاري رکندا اچن ٿا. مدرسي جو انتظام هڪ انجمن جي ماتحت آهي.

## مدرسه حليميه عربيه، ٽنڊو چام

مولوي عبدالحليم شيخ ولد احمد (فاضل) پير جهنڊو، پنهنجي گهر ۾ مدرسو هلائي رهيو آهي. هتي حديث، تجويد، قرائت ۽ ٻيا ديني علوم سيکاريا وڃن ٿا.

## مولانا علي محمد مهيري جو ٻجاري وارو مدرسو

مولانا علي محمد مهيري، قوم جو فرد هو. سندس والد جو نالو حافظ ڏڏي پرتو هو. ڳوٺ ٻجاري تعلقي ماتلي جو رهاڪو هو. اتان ڇهه ميل پري حافظ محمد نونداڻي رهندو هو، جيڪو رشتيداري سبب ٻجاري ۾ ايندو رهندو هو. انهي سڃاڻپ سان مولانا علي محمد مهيري قرآن شريف جي تعليم جي ابتدا وٽس ڪئي. ٻارهن سالن جي عمر ۾ فارسي جي تعليم لاءِ ڪورواهه ۾ مخدوم عبدالرئوف نورنگزاده ۽ حافظ احمد ميمڻ ڪورواهي جي حلقهِ تدريس ۾ داخل ٿيو. مخدوم عبدالرئوف جلد ئي وفات ڪري ويو ۽ حافظ احمد ميمڻ به ڪورواهه مان لڏي وڃي درملوڪ شاهه تعلقي ميرپور بٺوري ۾ ويٺو. مولانا مهيري به پنهنجي هڪ عزيز مولوي فتح محمد جي رفاقت ۾ حافظ احمد ميمڻ وٽ وڃي حاضر ٿيو ۽ اتي رهي فارسي جي تعليم ختم ڪيائين. ان بعد عربي تعليم جي ابتدا به اتي ئي ڪيائين ۽ پوءِ سڄاول ۾ وڃي مولانا

حامدالله وٽ پڙهيو. مولانا حامدالله جي حج وڃڻ کري وري ٽنبڙي حافظ شاهه ۾ مولانا سليمان وٽ پڙهڻ لڳو، جتي درس نظامي جي تڪميل ڪيائين. مولانا حامدالله جي حج تان موٽڻ کان پوءِ مولانا مهيري حديث جا ڪي ڪتاب وٽس پڙهي فارغ ٿيو.

تعليم کان فراغت بعد پنهنجي ڳوٺ بجاري ۾ اچي درس تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين. جيڪو چار پنج سال لاڳيتو رهيو. مولانا حامدالله جڏهن سجاول کي ڇڏي پنهنجي ڳوٺ پيلي ۾ اچي رهيو تڏهن مولانا علي محمد مهيري کي پاڻ وٽ گهرائي، شرعي فيصلن جو ڪم سندس حوالي ڪيو، جنهنڪري نه فقط لاڙ پر ٿر، ڪڇ، ڪاري ۽ ڪوهستان ۾ به سندس بصيرت جو چرچو ٿيڻ لڳو. مولانا مهيري جي حل ڪيل فقهي مسئلن وارو مواد ٽوڙي سندس ڏنل فتوائون، جدا جدا ضخيم قلمي مسودن جي صورت ۾ موجود آهن. مولانا مهيري کي پنج پٽ ۽ پنج نياڻيون هيون. سندس هڪڙو پٽ مولوي محمد عارف هڪ بهترين عالم فقيه ۽ اديب آهي.

مولانا علي محمد مهيري هڪ بهترين اديب ۽ شاعر پڻ هو. سندس اڪثر ڪلام مولودن، مداحن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي.

مولانا مهيري جون تصنيفون: (١) ديوان علي (٢) تفسير سوره انا فتحنا (٣) سوانح شيطان (٤) مجموعه فتويٰ (٥) ترجمو ناول شيخ شبلي (٦) ترجمو قصيده برده شريف. قصيده برده جو ترجمو تحت اللفظ ڪيو اٿس.

مولانا مهيري ٢١ شعبان ١٣٦٧هه ۾ وفات ڪئي. سندس مزار، تاريخي درگاهه ملا حسن جي اترئين پاسي آهي. اها درگاهه تعلقي گوني ۾ ڪورواهه کان بدين جي رستي لڳ ڏسڻ جهڙي جاءِ آهي.

## مدرسو باب مدينة العلوم، جنهاڻ سومرو

ڳوٺ جنهاڻ سومري تعلقي گوني ۾ مولانا عبدالرحمان سومري هن مدرسي جو بنياد ١٣٦٧هه ۾ وڌو. شروعات ۾ مولانا

صاحب عربي ۽ فارسي پاڻ اڪيلي سر پڙهائيندو هو، ۽ قرآن شريف لاءِ هڪ قاري رکيل هو. پر جڏهن مدرسي زور ورتو ۽ پري پري کان شاگرد اچڻ شروع ٿيا تڏهن ٻين جن استادن مدرسي ۾ خدمت سرانجام ڏني، تن مان مولانا عبدالصمد ٻڌوروي، مولانا خان محمد سومرو، مولانا محمد هاليجوي، مولانا محمد عارف مهيري ۽ مولانا محمود منگسي قابل ذڪر آهن.

مولانا عبدالرحمان ١٣٧٨هه ۾ مدرسي جو انتظام هڪ بزرگ ۽ مخلص حافظ مير محمد سومري جي سپرد ڪيو. ڪانئس اڳ مدرسي ۾ ڏيڍ سٺو کن شاگرد هئا، پر پوءِ سندس ڪوشش سان گهٽي تعداد ۾ طلباء داخل ٿيا، تڏهن مولوي حبيب الله راڄڙ کي مدرس مقرر ڪيو ويو. هن ٻه چار سال رهي سرجوشي سان فرض ادائي ڪئي. سنه ١٣٨٢هه ۾ هڪ ٻئي مولوي حافظ احمد ورياه کي مدرسي ۾ آندو ويو، ۽ ان بعد مولوي محمد اسماعيل فاضل مدرسه هاشميه سجاول وارو به مدرسي ۾ آندو ويو. اهڙيءَ طرح مولوي حافظ عبدالقيوم فاضل مدرسه نيوٽائون ڪراچي، ۽ مولوي محمود منگسي کي مدرسي ۾ آندو ويو. موجوده وقت ۾ هتي استادن جو ڪل تعداد ٩ آهي، ۽ شاگردن جو تعداد ٻه سئو پنجويهه آهي. پرديسي طلباء واسطي خوراڪ ۽ پوشاڪ، علاج، رهائش ۽ ڪتابن جو انتظام مدرسي طرفان آهي.

مدرسو پنهنجي ابتدائي دور ۾ ڳوٺ جي مسجد جي ٻن ٽن معمولي ڪمرن ۾ هو، جنهن ڪري پرديسي شاگردن جي رهائش جو وڏو مسئلو هو. نيٺ ڳوٺائن جي مدد سان سنه ١٣٨٠هه ۾ ڳوٺ کان ٻاهر زمين خريد ڪئي وئي. ان کان پوءِ جناب گل حسن طاهراڻي، تعميرات واسطي ٽي هزار رپيا ڏنا، ۽ حاجي عبدالخالق سومري، حاجي عبدالله عرف ٻڍي، حاجي نور محمد لاکي پڻ امدادون ڏنيون. سنه ١٣٨٢هه ۾ الحاج ابونصر ڪمشنر حيدرآباد مدرسي جي تعمير لاءِ اسي هزار رپيا ڏنا.

## مدرسو دارالعلوم امجديه، گاڏي کاتو، ڪراچي

سنه ١٣٦٨ھ/١٩٤٨ع ۾ مولانا ظفر علي هن مدرسي جو بنياد رکيو، ۽ پاڻ ئي ان جو مهتمم آهي. مدرسي کي ذاتي ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ٢٨٣ مطبوعه ڪتاب ۽ ٢٠ قلمي نسخا موجود آهن. مدرسي جو نصاب درس نظامي آهي. صدر مدرس مولانا غلام مصطفيٰ ازهري آهي ۽ مدرسي جي ٻين استادن مان مولانا شجاعت علي، قاري رضا مصطفيٰ، مولانا غلام ياسين ۽ مولانا محمد حسن حقاني جا نالا قابل ذڪر آهن.

## مولانا عبدالرحمان ڏامراهي واري ڏامراهن جي درسگاهه

ضلعي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ڏامراها واري درسگاهه جو باني مولانا عبدالرحمان آهي، جيڪا چوڏهين صدي هجري جي اوائل ۾ اوج تي هئي. مولانا عبدالرحمان جي والد جو نالو عنايت الله، ذات پنهور، پاڙه ڏامراهه آهي ۽ وطن ڳوٺ ڏامراها، تعلقي لاڙڪاڻي جو آهي. ان وقت جي مشهور مدرس مولانا عبدالله وٽ ڳوٺ بنگلديري (تعلقي رتي ديري) ۾ فارسي جي تعليم مڪمل ڪيائين. ان بعد عربي تعليم گهوٽڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين وٽ حاصل ڪيائين. آخرين طور ديني سند همايون شريف ۾ مولانا عبدالغفور وٽ حاصل ڪيائين. تنهن کان پوءِ درس تدريس جو ڪم پنهنجي ڳوٺ ڏامراهن ۾ شروع ڪيائين. جتي سوين شاگرد پڙهيا، جن مان مکيه هي آهن: مولانا محمد حسن جوهي وارو، مولوي محمد صالح دادو وارو، مولوي حاجي احمد يار لانگاهه ملا ڪاتيار، مولانا خوش محمد ميروخاني، مولانا فتح محمد ڏامراهن وارو. ديني فتوائن تي فارسي ۾ "فتاويٰ رحماني" نالي هڪ وڏو ڪتاب تصنيف ڪيائين، جيڪو سندس پوٽي عنايت الله ڏامراهي وٽ موجود آهي. سندس ڪتبخاني ۾ ڪيترا ئي ناياب ڪتاب موجود هئا. سنه ١٣٦٨ھ ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس اتي ئي دفنايو ويو (١).

---

(١) سماهي مهراڻ، شماره ٣-۴، ١٩٥٧ع، ص ١١۴

## دارالعلوم الاسلاميه اشرف آباد، ٽنڊوالهيار

سنه ۱۳۶۹هه/۱۹۵۰ع ۾ مدرسي جو بنياد ٽنڊي الهيار ۾ پيو. شهر کان ٻاهر مسواڙ جي جاءِ ۾ درس تدريس جو ڪم شروع ڪيو ويو. ٿوري وقت ۾ ئي مدرسي جي عاليشان عمارت ٺهي راس ٿي ۽ مدرسو انهيءَ ۾ منتقل ڪيو ويو، جتي اشرف آباد جي نالي سان هڪ بستي آباد آهي. مدرسي جي جاءِ ٽن بلاڪن ۾ ورهايل آهي. ٻه بلاڪ رهائش لاءِ آهن، جنهن ۾ ايڪيهه ڪمرا آهن. انهن ڪمرن جي الڳ بلاڪ ۾ دفتر، مهمان خانو ۽ پوسٽ آهي. ڪمرن جو ڪل تعداد ۳۵ آهي. مدرسي کي هڪ عاليشان جامع مسجد آهي. صدر دروازي وٽ لائبرري آهي، جنهن ۾ تفسير، حديث، فقه، اصول فقه، تاريخ، سيرت ۽ ادب وغيره جا ڪتاب عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ موجود آهن. ڪتابن جو تعداد چار هزار آهي. مدرسي ۾ مڪمل درس نظامي جو نصاب رائج آهي.

مدرسي جو مهتمم مولانا احتشام الحق ٿانوي آهي ۽ ناظم مولانا محمد مالڪ ڪانڌيلوي. استادن ۾ مولانا ظفر احمد عثماني (تازو وفات ڪري ويو)، مولانا محمد وجيه، مولانا محبوب الاهي ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن.

## مدرسة البنات، ڪڏهه ڪراچي

سنه ۱۳۷۰هه/۱۹۵۰ع ۾ مظهرالعلوم ٽرسٽ مدرسي جي شاخ کولي. تعليم ڪاتي جو منظور ٿيل نصاب پڙهايو وڃي ٿو. جاءِ ۾ چار ڪمرا آهن. جنهن جي سامهون هڪ ورانڊو ۽ وڏو ميدان آهي. مدرسي جو مهتمم مولانا حافظ فضل احمد آهي ۽ انتظام مدرسي مظهرالعلوم جي ائسوسيئيشن جي تحت آهي. صدر معلم محترمه خديجه بنت گل محمد صاحب آهي، باقي ٻيون معلمات هي آهن: محترمه صوفيه خاتون، محترمه زليخا، محترمه زليخا بنت محمد حسين ۽ محترمه حنيفه ٻائي آهن.

## بنات المسلمين، آرٽيلري ميدان ڪراچي

١٣٣٠ھ/١٩١١ع ۾ دهلي ۾ مولانا عبدالستار مدرسي جو بنياد رکيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مدرسي کي ڪراچي ۾ منتقل ڪيو ويو. پرائمري تعليم، قرآن شريف جو ترجمو ۽ عربي زبان پڙهائڻ لاءِ ڪافي بندوبست ٿيل آهي. مدرسي جي عمارت ذاتي آهي. مهتمم مولانا عبدالرحمان سلفي آهي، صدر معلم محترمه نزهت نسيم صاحبه آهي. ٻيون معلمات محترمه رقيه ۽ محترمه فاطمه بيبي آهن.

## دارالعلوم القرانيه الرحمانيه، فقير جو پڙ، حيدرآباد

سنه ١٣٧٠ھ/١٩٥٠ع ۾ مولانا محمد طفيل مدرسي جو بنياد وڌو. مدرسي جي پڙهائي جو ڪم مسجد جي ماڙي تي قائم آهي. مدرسي جي لائبرري ۾ هڪ سؤ کن ڪتاب موجود آهن. درس نظامي پڙهايو وڃي ٿو. مدرسي جو مهتمم مولانا قاري طفيل احمد هو. صدر مدرس مولانا قاري عبدالرحمان ملتاني آهي. ٻيا استاد قاري محمد رمضان ۽ مولوي محمد حنيف آهن.

## درسگاهه دينيات، جيل روڊ حيدرآباد

انجمن احباب ملت حيدرآباد سنه ١٣٧٠ھ/١٩٥٠ع ۾ هڪ متروڪه عمارت ۾ مدرسي جو بنياد رکيو. انهيءَ جاءِ ۾ ٻه وڏا ڪمرا ۽ هڪ ورانڊو آهي. مدرسي جي لئبرري ۾ دينيات ۽ تاريخ سان واسطو رکندڙ ڪتاب موجود آهن، جن جو تعداد پنج سؤ کن آهي. مدرسي جو مهتمم حاجي نورمحمد ۽ ناظم عبدالرشيد آهي. صدر مدرس قاري احمد احسن آهي ۽ مولوي ممتاز علي ۽ مولوي عزيز ٻيا استاد آهن.

## مدرسه دارالعلوم ڪراچي

دارالعلوم ڪراچي جون ٻه شاخون آهن: هڪ نانڪ واڙي ۾ ۽ ٻي ڪورنگي ۾. سنه ١٣٧١ھ/١٩٥٠ع ۾ مولانا محمد شفيع صاحب دارالعلوم جو بنياد رکيو. مدرسي کي نشر و اشاعت جو

شعبو پڻ آهي. مدرسي جي ڪتبخاني ۾ تفسير، اصول تفسير، حديث، اصول حديث، فقه، تاريخ، سيرت، مناظره ۽ تقابل اديان، تصوف، علم الڪلام، ادب، لغت وغيره تي ڇهه هزار ڪتاب ۽ نادر نسخا موجود آهن. مدرسي کي اٺ عمارتون آهن. پڙهائي ۽ رهائش لاءِ الڳ الڳ ڪوارٽر آهن. هڪ جامع مسجد پڻ آهي. مدرسي ۾ درس نظامي رائج آهي. مدرسي جو صدر مدرس مولانا مفتي محمد شفيع (هن سال وفات ڪري ويو) مهتمم مولانا نوراحمد ۽ نائب مهتمم مولانا مفتي محمد متين آهن. مدرسي ۾ وڌيڪ استاد هيٺئين تفصيل موجب آهن: مولانا منتخب الحق، مولانا قاري هدايت الله، مولانا سبحان محمود، مولانا بديع الزمان، مولانا زيارت گل، مولانا شمس الحق، مولانا حقيق سرهندي، مولانا رشيد احمد، مولانا سليم الله، مولانا اڪبر علي، مولانا خورشيد احمد، مولانا اشرف علي، مولانا مجيب الرحمان، مولانا محمد صابر، حافظ قاري سيف الله، حافظ ولي محمد، حافظ محمد بشير، حافظ محمد رفيق ۽ حافظ نواب الدين. مدرسي جو انتظام هڪ ڪميٽي جي حوالي آهي.

## مدرسه دارالعلوم مخزن عربيه بحرالعلوم، پرنس روڊ، ڪراچي

سنه ١٣٧١ھ/١٩٥١ع ۾ مولانا عمر نعيمي مدرسي جي تاسيس ڪئي، ۽ هن وقت صدر مدرس توڙي مهتمم خود آهي. ڪانئس علاوه مولانا عبدالباري ۽ مولانا عبدالله به پڙهائي جو ڪم سرانجام ڏيئي رهيا آهن. مدرسو هڪ متروڪه عمارت ۾ قائم آهي. نصاب درس نظامي آهي.

## مدرسه دارالعلوم احمديه، ٺل جيڪب آباد

هن مدرسي جو بنياد مولانا سيد احمد شاهه، ڳوٺ سيد عبدالغني شاهه تعلقي ٺل، ضلعي جيڪب آباد ۾ سنه ١٣٧١ھ/١٩٥١ع ۾ رکيو، ۽ هن وقت مدرسي جو مهتمم به پاڻ ئي آهي. مدرسي کي جاءِ ذاتي آهي، جنهن ۾ هڪ وڏو هال، ورانڊو ۽ به ڪمرا

آهن. شاگردن جي رهائش پڻ ڪمرن ۾ آهي. مولانا محمد يوسف ڪوسو صدر مدرس آهي ۽ مولانا محمد رحيم نائب مدرس آهي. مدرسي کي پنهنجو ڪتبخانو آهي.

## مدرسه احسن البرڪات نزد هوم اسٽيڊ هال، حيدرآباد

١٣٧٢هه/١٩٥٢ع ۾ سيد جعفر حسين شاهه هن مدرسي جو آغاز ڪيو، جيڪو هڪ متروڪ عمارت ۾ قائم آهي. لائبرري ۾ صرف نحو، فقه، تفسير، حديث، سيرت ۽ عام معلومات جا ڪتاب موجود آهن. هتي درس نظامي هلندڙ آهي. مدرسي جو مهتمم سيد جعفر حسين شاهه ۽ صدر مدرس مولانا خليل الرحمان آهي. انهن کان سواءِ مولوي قاري سيد منظور شاهه ۽ قاري عبداللطيف پڻ پڙهائي رهيا آهن.

## مدرسو خيرالعلوم، خيرپورناٿن شاهه

هن مدرسي جو بنياد سيد چتل شاهه لڪياري ١٩٥٢ع ۾ خيرپورناٿن شاهه، ضلعي دادو ۾ رکيو. هن وقت مدرسي ۾ درس ڏيندڙ استادن جو تفصيل هن ريت آهي: (١) سيد چتل شاهه لڪياري، مدرس عربي (٢) مولانا تاج محمد شاهه، مدرس عربي (٣) مولوي خليفو محمد عيسيٰ، فارسي استاد (٤) قاري محمد يوسف، حفظ قرآن ۽ تجويد. مدرسي ۾ شاگردن جو ڪل تعداد ١٢٥ آهي.

## مدرسه مفتاح العلوم، ڪاٽن مارڪيٽ، حيدرآباد

سنه ١٣٧٢هه/١٩٥٢ع ۾ مولانا عبيدالله درخواستي مدرسي جو بنياد وڌو. پهريائين مدرسي جي جاءِ مسواڙي هئي، پر هاڻي جاءِ ذاتي آهي. شاگردن لاءِ قيام ۽ طعام جو بندوبست پڻ آهي. مدرسي کي ڪتبخانو آهي جنهن ۾ پنج سؤ ڪتاب آهن. درس نظامي پڙهايو وڃي ٿو. مدرسي جو مهتمم شمس الدين ۽ صدر مدرس مولانا عبدالرؤف آهي. ٻيا استاد مولانا محمد سليمان، قادري عبدالقادر ۽ مولانا حافظ محمد رفيق آهن.

## مولانا عبدالڪريم ڏيرو

مولانا عبدالڪريم، ڳوٺ رضا محمد ڏيري تعلقي ڪڪڙ، ضلعي دادو ۾ سنه ۱۳۵۱ھ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو حاجي الهورايو هو. ابتدائي تعليم ۽ قرآن شريف، فارسي ۽ عربي جا اڪثر ڪتاب پنهنجي ڳوٺ ۾ مولوي محمد اسماعيل ڪنڊوي کان پڙهيائين. باقي تحصيل مولوي الاهي بخش، ساڪن ڳوٺ ٻانهي لاڪير تعلقي ميهڙ وٽ ڪيائين. دستاربندي کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائين. طريقت جي لحاظ کان هندستان جو سفر به ڪيائين ۽ نيٺ خواجه محمد عمر جان چشموي ڪوئٽيا بلوچستان کان بيعت ورتائين. قرآن شريف کي صحيح طرح پڙهڻ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندو هو، ان ڪري نه فقط سنڌيءَ ۾ قرائت جي فن تي ڪتاب لکيائين، پر پنهنجي شاگردن کي وڏن قارين وٽان قرآن ڪريم پڙهايائين. ايتري تائين جو سندس شاگرد عربستان به ويا. شاگردن کي اول ديني فرضن جي سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ تعليم ڏيندو هو. سندس ترديد جو ڍنگ نرالو هو. علماء سلف جون عبارتون لکي ان ۾ انهن جي ترديد ڪندو هو. جيئن ته لواري جي ڪن مريدن جي عقائد باطله جي ترديد، رسمي پيري مريدي جي ترديد، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جي مڪتوبات مان عبارتون چونڊي، ڪتاب "اعتقاد نامه امام رباني" لکيائين، "ڪتاب فضائل آل و اصحاب" لکي ان ۾ قوي دليلن سان مخالفين جي ترديد ڪيائين. سندس تصنيفات جو تفصيل هن ريت آهي: عربي ٻولي ۾ (۱) مقدمه تفسير قرآن (۲) المڪاتيب الجديده (۳) صفيعة الخشوع: ۽ (۴) راحة القلوب في لسان المحبوب.

فارسي ۽ سنڌي ۾: (۱) اخلاق نامه امام غزالي (۲) اعتقاد نامه امام رباني (۳) فوائد دينيه (۴) هدايت نامه امام رباني (۵) تعليم قرآن (۶) معلم القرائت (۷) فضائل آل و اصحاب (۸) قصو پير دستگير (۹) نصيحت نامه پير دستگير (۱۰) قصو امام رباني (۱۱) نصيحت نامه امام رباني (۱۲) ڪرامات اولياء الله (۱۳) نصيحت

نيڪ (١٤) نصيحت قرآن (١٥) نصيحت ذڪر (١٦) ضروري مسئلا (١٧) ديباچه فقه حنفي (١٨) ڪتاب الصلواة سنڌي (١٩) قواعد عربيه (٢٠) قواعد فارسي (٢١) دلائل و جواب التجويد (٢٢) معجزن جو ڪتاب (٢٣) مولودن جو ڪتاب (٢٤) عريضه اضعف العباد في مسئله الضاد ۽ (٢٥) اعلام العباد في مسئله الضاد.

مولانا عبدالڪريم ڀرياڻين پنهنجي ڳوٺ رضا محمد ڏيري ۾ مدرسو کوليو. ۽ ڪيترا سال اتي تعليم ڏنائين، پر ١٣٤١ھ ۾ خواجه محمد حسن سرهندي (ٽنڊو سائينداد) جي ڪوشش سان، هڪ مدرسو ڳاهي مهيسر لڳ ميهڙ ۾ قائم ٿيو، جنهن ۾ ١٣٤٩ھ تائين تعليم ڏيندو رهيو. ان بعد سيد علي اڪبر شاهه جي مشوري سان ميهڙ ۾ عربي مدرسو کوليائين، جو ”دارالقرآن“ جي نالي سان جاري آهي. سندس شاگردن مان ڪي نالا هي آهن: (١) مولانا عبدالغفور بهاولپور، ضلعو دادو (٢) مولانا محمد يوسف ڏيپر، ڪوٽڙي (٣) مولانا قاري احمد چارڻ، مدرسو اسلاميه مولهن، لڳ ٿارو شاهه (٤) مولانا دين محمد ”اديب“ فيروزشاهي (٥) مولانا عرض محمد سانگي (٦) مولانا در محمد پنهور (٧) مولانا علي محمد گلال (٨) مولانا عبدالڪريم ڊڪڻ، مورو (٩) حڪيم قطب الدين، ڳوٺ پٽڙل، تعلقو ميهڙ ۽ (١٠) قاري محمد ڏيرو ميهڙ.

سندس وفات ٽيهٺ ورهين جي ڄمار ۾ ١٣٧٣ھ تي ٿي.

## مدرسه تفهيم القرآن، جامع مسجد نواب شاهه

سنه ١٣٧٣ھ/١٩٥٣ع حڪيم محمد معاذ مدرسي جو بنياد رکيو. مدرسو جامع مسجد جي وقف عمارت ۾ قائم آهي، جنهن ۾ هڪ هال ۽ ٻه ڪمرا آهن. هن وقت صدر مدرس مولانا نور محمد آهي ۽ ٻيا استاد مولانا محمد عبدالاسلام، قاري اصغرعلي شاهه آهن. مدرسي ۾ درس نظامي رائج آهي.

## مدرسه محمديه، فريدآباد، ميهڙ، دادو

سنه ١٣٧٣ھ/١٩٥٤ع ۾ الحاج رسول بخش خان مدرسي جو

بنياد رکيو، ۽ مهتمم به پاڻ ئي آهي. مدرسي کي عمارت ذاتي آهي جنهن ۾ ڇهه ڪمرا آهن. نصاب درس نظامي رائج آهي. مدرسي جو مهتمم الحاج رسول‌بخش خان آهي. ٻيا استاد حافظ اميدعلي مولانا محمد بچل آهن.

## دارالعلوم قوت الاسلام، غريب‌آباد حيدرآباد

سنه ١٣٧٣هه/١٩٥٤ع ۾ مولانا عبدالقدوس مدرسي جو بنياد رکيو ۽ مهتمم به پاڻ ئي آهي. مدرسي جي عمارت ستن ڪمرن تي مشتمل آهي. مدرسي ۾ درس تدريس لاءِ هاڻوڪو درس نظامي جو نصاب رائج آهي. مدرسي جي ڪتبخاني ۾ تقريباً ڇهه سؤ ڪتاب آهن، جن ۾ تفسير، حديث، فقه ۽ منطق وغيره جا مضمون شامل آهن. هن وقت صدر مدرس مولانا عبدالمالڪ آهي، ان کان سواءِ مولانا عبدالرحمان، مولانا عبدالرحمان پشاوري، حافظ قاري انعام‌الله به پڙهائيندا رهن ٿا.

## مدرسه جامع العلوم سعوديه، آسن مل اوجها روڊ، ڪراچي

سنه ١٣٧٤هه/١٩٥٤ع ۾ جميعت اهل حديث ڪراچي هڪ متروڪه عمارت ۾ مدرسي جو بنياد رکيو، جنهن ۾ پنج ڪمرا ۽ ٻه ورانڊا آهن. مدرسي ۾ درس نظامي رائج آهي. مدرسي جو مهتمم شيخ عبدالخالق تاجر ادويه آهي. صدر مدرس مولانا حاڪم علي آهي. انهيءَ کان‌سواءِ مولانا عبدالجبار، مولانا عبدالمالڪ ۽ قاري محمد بشير درس تدريس ۾ مشغول آهن.

## مدرسه عربيه دارالقرآن، ميهڙ

هن مدرسي جو بنياد ١٩٥٤ع ۾ پيو، جنهن مان ڪيترائي عالم دستاربندي ڪري ويا. هن وقت هيٺيان استاد ڪم ڪري رهيا آهن. (١) مولوي درمحمد پنهور، مدرس عربي (٢) مولوي محمد علي پنهور، مدرس عربي (٣) حافظ ابوبڪر، فارسي ۽ قرائت (٤) قاري عبدالله، تجويد ۽ قرائت (٥) حافظ ڪامل مهيسر، حفظ قرآن. مدرسي ۾ ڪل شاگردن جو تعداد ٤٥ آهي.

## دارالعلوم قاسميه هاء اسڪول نصرپور

هن مدرسي جو بنياد مولانا حڪيم محمد صالح ميرپوري سنه ١٣٧٤ﻫ/١٩٥٤ع ۾ رکيو، ۽ مهتمم به پاڻ رهيو. صدر مدرس مولانا عبدالحق رباني (فاضل ديوبند) هو ۽ مولوي محمد چنڊ، مولوي فيض‌الله ۽ قاري حافظ احمد به پڙهائيندا رهيا. اسڪول جي تعليم سان گڏوگڏ درس نظامي رائج هو. مدرسي جي عمارت نون ڪمرن تي اڏيل هئي. رهڻ لاءِ پنج ڪمرا مخصوص ڪيا ويا هئا. هن وقت اهو مدرسو هاء اسڪول جي صورت ۾ حڪومت جي تحويل ۾ آهي.

## مدرسو گل محمد ٽونيه، ڏوڪري

هي مدرسو ڳوٺ گل محمد ٽونيه تعلقي ڏوڪري ۾ آهي، جيڪو سنه ١٩٥٠ع ۾ حاجي حافظ امام‌بخش سومري قائم ڪيو. ٥٠ کان ٦٠ شاگرد هر وقت مدرسي ۾ حاضر هوندا هئا. حافظ امام‌بخش قرآن مجيد حفظ ڪرائيندو هو. هر سال ١٠ يا ١٢ شاگرد حافظ قرآن ٿي نڪرندا هئا. سال ١٩٦٩ع ۾ هڪ حادثي ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس مدرسي پرسان دفنايو ويو. سندس کل ٩٩٩ حافظ دستاربند ٿيل آهن. هي مدرسو اڃان به هلندو اچي ٿو ۽ هر سال حافظ امام‌بخش جي ٻارهين تي (ماه جمادالثاني) حافظن جي دستاربندي ٿيندي آهي. حافظ امام بخش کي ٻه پٽ آهن، جيڪي مدرسو هلائي رهيا آهن، انهن مان حافظ محمد عثمان گادي نشين آهي ۽ حافظ عبدالرحيم وڏو عالم آهي. هينئر مدرسي ۾ ٧٠ — ٨٠ شاگرد آهن، جن کي عربي، فارسي، حديث، تفسير جي تعليم ڏني وڃي ٿي. رهائش ۽ کاڌي خوراڪ جو بندوبست حافظ پاڻ ڪندا آهن، جن مان حافظ محمد ڪامل جتوئي ۽ حافظ محمد دايو ٻاقراڻي مشهور آهن.

## مولانا عبدالعزيز ٽريچاڙي جو مدرسو

مولانا عبدالعزيز مولوي محمدحيات جو پٽ هو ۽ ڳوٺ

ٽريچاڻي، تعلقي پني عاقل، ضلعي سکر جو ويٺل هو. سندس خاندان "قريشي" هئڻ جي باوجود "شيخ" جي نالي سان مشهور آهي. شروعاتي تعليم پنهنجي والد وٽ ورتائين. ان بعد ڳوٺ "پنهواري" تعلقي پني‌عاقل جي مدرسي ۾ مولانا عبدالقادر انڍڙ وٽ پڙهڻ لاءِ ويو، ۽ ان جي صحبت ۾ ئي طريقت ڏانهن لاڙو ٿيس. ان وقت ۾ مولانا تاج محمود امروٽي جي ڏاڍي عقيدت هئي، تنهنڪري تعليم جي تڪميل کان اڳ ۾ ئي امروٽ هليو ويو. ان وقت مولانا عبيدالله سنڌي به ديوبند کان موٽي امروٽ‌شريف ۾ هڪ ديني مدرسو ۽ هڪ اسلامي اشاعت گهر کوليو هو. مولانا عبدالعزيز انهيءَ مدرسي ۾ مولانا سنڌي کان شاهه ولي‌الله جو فلسفو پڙهيو ۽ اشاعت گهر ۾ ڪافي دلچسپي ورتائين. مولانا امروٽي کان "قادري طريقت" ۽ خلافت پڻ هٿ ڪيائين. سندس همعصرن ۾ مولانا حمادالله هاليجوي، مولانا احمد علي لاهوري، مولانا عبدالڪريم چشتي ۽ مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو قابل ذڪر آهن.

ڪيس صوفي مولوي محمد، مولوي محمدحسين، مولوي محمد يحيٰ، ۽ مولوي محمد هارون پٽ ٿيا، جيڪي هن وقت به اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ ۾ همه‌تن مصروف آهن. سنڌ جي هن عالم ۽ صوفي ٦ آگسٽ ١٩٥٠ع، آچر جي ڏينهن وفات ڪئي. (١)

## مولوي دين محمد وفائي

مولوي دين‌محمد وفائي تعلقي ڳڙهي ياسين جي هڪ ننڍي ڳوٺ نبي‌آباد ۾ ماهه رمضان ١٣١١هه ۾ تولد ٿيو. سندس والد جو نالو حڪيم مولوي گل‌محمد هو. نون سالن جي عمر ۾ والد جو سايو سر تان لهي ويس. فارسي جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ڳڙهي ياسين ۾ علامه محمد قاسم وٽ عربي جي تحصيل لاءِ آيو. پوءِ منطق، فلسفي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ اوستي پليڏني‌آباد ۾ مشهور عالم مولانا خادم‌حسين جتوئي جي

(١) ايضاً، ص - ١٨٥

خدمت ۾ پهتو. ان بعد حاجي حسن‌الله پاٽائي جي خاص شاگرد مولانا غلام عمر سوني جتوئي واري وٽ پهچي نصاب سيالڪوٽي جي سند حاصل ڪيائين.

ان ڪان پوء رائيپور جي جيلاني پيرن ڪيس پنهنجن صاحبزادن جي تعليم لاء پاڻ وٽ رکيو. اهڙي طرح ٺلاهه جي راشدي پيرن وٽ به رهيو، جتي سندس لاڳاپو سيد رشد الله شاهه جهنڊي واري سان ٿيو، جنهن ڪري ڪيس پير جهنڊي واري ڪتبخاني ۾ رکيل ناياب ڪتابن مان فيض حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. ان وچ ۾ آريه سماج طرفان سنڌ جي سنجوڳي شيخن کي شڌي بنائڻ جي تحريڪ شروع ٿي. ان کي منهن ڏيڻ لاء مولانا وفائي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ جو دورو ڪري مخالفن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيء ۾ ملائي ڇڏيو. هن ڪم ۾ مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا محمد صادق کڏي واري ۽ شيخ عبدالمجيد جو سانڌس ڀرپور تعاون رهيو. سال ١٩١٩ع کان ١٩٤٦ع تائين روزنامه الوحيد سان منسلڪ رهيو ۽ سڄا سارا ڀاويهه سال ان جو ايڊيٽر ٿي رهيو. ان سان گڏ "توحيد" علمي، ديني ۽ تبليغي پندرهن روزه ۽ ماهوار رسالو پڻ ڪيندو رهيو. ان کان اڳ ٺلاهه جي سڪونت واري زماني ۾ "الڪاشف" نالي هڪ سنڌي رسالو به ڪڍيو هئائين، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن تي معياري مضمون شايع ٿيا. ١٩٢٦ع ۾ "الحزب" نالي هڪ هفتيوار اخبار ڪڍيائين ۽ روزاني "آزاد" جو به ايڊيٽر ٿي رهيو. مطلب ته سندس عمر جو وڏو حصو صحافت ۾ گذريو. سندس محنت جو هي عالم هو جو پنهنجي پويان ٥٠-٦٠ تصنيفون ڇڏي ويو. جن مان ڪي مشهور هي آهن:

(١) العام‌الباري، تجريد البخاري جو چئن جلدن ۾ سنڌي ترجمو (٢) محمد عربي (٣) صديق اڪبر (٤) فاروق اعظم (٥) سيدنا عثمان (٦) حيدر ڪرار (٧) غوث اعظم (٨) خاتون جنت (٩) نومسلم هندو رائيون (١٠) زندگي جو مقصد (١١) قراني صداقت، آريه سماج جي رد ۾ (١٢) هندو ڌرم ۽ قرباني (١٣) ياد جانان،

مرحوم جان محمد جوڻيجي جو تذڪرو (١٤) لطف اللطيف (١٥) شاهه جو مطالعو (١٦) تذڪره مشاهير سنڌ ۽ ٻيا.
مولانا وفاتي تاريخ ١٨- اپريل ١٩٥٠ع ۾ وفات ڪئي.

## سيد الحاج اميرمحمد شاهه حسيني

هي بزرگ پنهنجي وقت جو اهل دل، صوفي ۽ عالم ٿي گذريو آهي. سڄي عمر تعليم وٺڻ ۽ ڏيڻ ۾ گذاريائين. سڄي سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر سندس شاگرد موجود آهن. تدريس سان گڏ فتويٰ جي ڪم ۾ ڪيس وڏو تجربو حاصل هو، جنهنڪري پري پري کان فتوائن لاءِ مسئلا وٺس ايندا هئا.

سندس والد سيد سوڀل شاهه ۽ سندس ڏاڏو ويڙل شاهه، اصلي ڳوٺ اميناڻي تعلقي دادو جا رهاڪو هئا، جتي اميرمحمد شاهه جي ولادت ١٠-٩-١٣٠٩ھ ۾ ٿي.
قرآن شريف جي ابتدائي تعليم اميناڻين جي آخوند ميان الهندي ٿنيي کان ورتائين. ان بعد پرهياڙن جي ڳوٺ (ٻانن ۽ بوبڪن جي وچ تي) ۾ مولوي محمد عارف وٽ فارسي جي تعليم مڪمل ڪيائين. پوءِ عربي جي تعليم لاءِ دُري ديري پرسان مولوي عبدالواحد جلباڻي وٽ آيو، پر ڪن سببن ڪري اتي گهڻو وقت رهي نه سگهيو. آخرڪار هامون اسٽيشن پرسان ڳوٺ ”ميان جي پٽ“ ۾ مولوي محمد هاشم انصاري قلجي واري وٽ تعليم جو سلسلو شروع ڪيائين. مولانا محمد هاشم دادو ۾ اچي رهيو ته اميرمحمد شاهه به دادو ۾ جيوڻ شاهه واري مسجد ۾ سمورو نصاب پڙهي، دستاربندي ڪري، پنهنجي ڳوٺ اميناڻين ۾ مدرسو قائم ڪيو، جتان ڪيترا ئي شاگرد عالم ۽ فاضل ٿي نڪتا.

اميرمحمد شاهه ستر ورهين جي ڄمار ۾ ٢٩ شوال ١٣٧٩ھ، ٢٦- اپريل ١٩٦٠ع ۾ وفات ڪئي. سندس هيٺيان شاگرد مشهور آهن: (١) مولوي فيض محمد پرڳڙي، ويڙل ٽلهو لڳ سيتا. هجرت ڪري مديني هليو ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. (٢) مولوي

محمد امين جلباڻي، ونئل پارو جو ڳوٺ لڳ خدا آباد (۳) مولوي محمد صادق گلال، وينل پارو لڳ خدا آباد (۴) حافظ نور محمد ٻوڪ، وينل ٻوڪ تعلقو دادو (۵) مولوي حاجي محمد اکٽڙائي، وينل اکٽڙا لڳ ٻوڪ، خلافت تحريڪ جو مشهور ڪارڪن (۶) مولوي علي گوهر قاضي، وينل للياڻ، حال مورو، (۷) مولوي عبدالله شاهه ملتاني (۸) مولوي حاجي محمد موسيٰ ڇڄڙو، ڳوٺ ڄهلو، تعلقو دادو (۹) سيد علي گوهر شاهه اميناڻي، سندس پاڻ (۱۰) مولوي حاجي محمد قاسم پيرزادو، وينل ڳوٺ مڏ، تعلقو دادو (۱۱) مولوي محمد علي برهماڻي، وينل پانڌي، تعلقو جوهي. (۱۲) مولوي محمد عثمان ڇڄڙو، وينل ڄهلو، تعلقو دادو (۱۳) مولوي حاجي محمد دائود ٻگهيو پاٽ پوٺو، تعلقو مورو (۱۴) حافظ عبدالقيوم راڄپر، نوشهرو فيروز (۱۵) مولوي محمد رمضان شهاڻي، ڪاڇي (جوهي) جو وينل (۱۶) مولوي عبدالڪريم حيدرآبادي (۱۷) مولوي ميان عزيزالله ٻهر، دادو (۱۸) مولوي حاجي محمد عابد ٻگهيو، وينل لڳ پاٽ، تعلقو سيوهڻ (۱۹) مولوي محمد ابراهيم بختيارپوري (۲۰) مولوي محمد صديق گلال، جوهي، حال مقيم مدينه منوره (۲۱) مولوي نورمحمد دودناڻي، ڪاڇي جي طرف جو (۲۲) مولوي احمد دودناڻي، ڪاڇي جي طرف جو (۲۳) مولوي محمود ٻگهيو، تعلقو مورو (۲۴) مولوي عبدالباقي، تعلقو سيوهڻ (۲۵) مولوي محمد رفيق خوشنويس، لاڙڪاڻي جي طرف جو (۲۶) مولوي محمد رحيم سومرو، ٽري (۲۷) مولوي فيض محمد سيٺڙ، تعلقو مورو (۲۸). مولوي حاجي محمد عثمان ميمڻ، اصل وينل گجيرو پراڻو، حال مورو (۲۹) مولوي محمد موسيٰ ٻگهيو، تعلقو سيوهڻ (۳۰) مولوي محمد دائود، ڳوٺ حاجي خان، تعلقو جوهي (۳۱) مولوي عبدالغفور ٻگهيو، لڳ پاٽ، تعلقو سيوهڻ (۳۲) مولوي محمد اسماعيل بروهي، ڪوئيٽا جي طرف جو (۳۳) مولوي عبدالله بروهي، ڏگهه بالا، تعلقو جوهي (۳۴) مولوي تاج محمد ٻگهيو، تعلقو مورو (۳۵) پير غلام نبي جان سرهندي، ٽنڊو سائينداد

(٣٦) مولوي حافظ محمد بلوچ، دادو (٣٧) مولوي غلام رسول چچڙو، تعلقو دادو (٣٨) مولوي ميان محمد پگهيو، تعلقو دادو (٣٩) مولوي ميان حمزو پگهيو، تعلقو مورو (٤٠) سيد چٽل شاهه، حال خيرپور ناٿن شاهه، تعلقو دادو (٤١) مولوي ڪريم بخش آگرو، راڏڻ (٤٢) مولوي محمد سهراب چارڻ، دادو (٤٣) قاضي نور احمد ديهاتي، حال ڪراچي (٤٤) مولوي درمحمد بلوچ، مورو (٤٥) مولوي محمد بخش عمراڻي، تعلقو سيوهڻ (٤٦) مولوي محمد حسن پنهور، تعلقو دادو (٤٧) مولوي نجم الدين چچڙو، تعلقو دادو (٤٨) مولوي الهه بچايو ڪوسو جوهي (٤٩) مولوي محمد الياس پنهور، تعلقو دادو، حال عربي ٽيچر سانگهڙ (٥٠) مولوي محمد الياس بروهي (٥١) مولوي امان الله، ٿلجي جي طرف جو.

## دارالعلوم جامعه حسينيه رضويه، خير محمد عاريجا ڏوڪري

هي مدرسو گهڻي وقت کان هلندڙ آهي. شروعات ۾ مولوي غلام حسين تعليم ڏيندو هو، جيڪو پاٽ واري مولانا محمد حسن پاٽائي جو شاگرد هو، ڪانئس پوءِ مولوي عبدالله تعليم ڏيڻ لڳو. هتي ابتداء ۾ فقط قرآن شريف حفظ ڪرايو ويندو هو، پر ١٣٨٠ هه ۾ مولوي هدايت الله جي توجه سان تدريسي نصاب ۾ اضافو آندو ويو. هن وقت مدرسي ۾ ٧٠-٨٠ شاگرد فقط ٻاهريان آهن. مدرسي ۾ عربي درس نظامي مطابق تعليم ڏني وڃي ٿي. ازانسواءِ مشرقي علوم جا امتحان پڻ ڏياريا وڃن ٿا. اڄ ڏينهن تائين هن مدرسي مان هيٺيان مشهور شاگرد تعليم حاصل ڪري فارغ ٿيا آهن: مولوي محمد اسماعيل، حافظ قاري گل محمد، مولوي قاضي علي حسن چنو (عربي ٽيچر ميروخان)، مولوي محمد ادريس (عربي ٽيچر قنبرعلي خان)، مولوي محمد دائم (عربي ٽيچر ڪراچي)، حافظ نورمحمد (مدرس "احسن البرڪات" حيدرآباد).

مدرسي ۾ شاگردن جي کاڌ خوراڪ توڙي مدرسي جو سمورو انتظام شهر وارن جي تعاون سان ٿيندو آهي. عربي، فارسي توڙي حفظ ۽ تجويد لاءِ جدا جدا استاد مقرر آهن، جن کي ماهوار

پگهار ٻه ڏنو ويندو آهي. مدرسي جي جاءِ ٥ ڪمرن تي مشتمل آهي. هر جمعي تي شاگردن جو پاڻ ۾ مذاڪرو ۽ بحث مباحثو ٿيندو آهي.

## مدرسو انوارالعلوم، نوراني مسجد، دادو

هي مدرسو پير غلام مجدد سرهندي جي سرپرستي ۾ ١٩٥٠ع ڌاري قائم ٿيو هو، جنهن ۾ ان وقت هڪ عالم مولانا جمال الدين درس ڏيندو هو. هن مدرسي ۾ ٻه فارسي ۽ عربي ٻولين جو نصاب رائج آهي. قرآن مجيد جي حفظ ۽ تجويد جو ٻن انتظام آهي. مولانا جمال الدين وٽان ڪيترن ئي شاگردن علمي فراغت لڌي، جن ۾ (١) مولوي محمد اڪبر، پيش امام مدينه مسجد دادو (٢) مولوي عبدالرحمان، پيش امام قاضين جي مسجد، دادو- مشهور آهن.

سنه ١٩٦٠ع ۾ مولانا جمال الدين جي وفات بعد وري ٻه پير غلام مجدد سرهندي جي ڪوشش سان ٻين عالمن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون، جنهن ڪري اڄ تائين اهو مدرسو ملڪ ۽ قوم جي ديني خدمت ڪري رهيو آهي. هن وقت هن مدرسي جو منتظم مولانا محمد عالم قريشي آهي.

## مدرسو شمس العلوم بٺ محلو، دادو

هي مدرسو سيد امير محمد شاهه اميناڻي جي زير سرپرستي ١٩٥٥ع ۾ قائم ٿيو، ۽ ان جو انتظام مولانا محمد سهراب چارڻ جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو اڪيلي سر سڄي مدرسي کي هلائيندو رهيو. هن مدرسي ۾ اٽڪل ١٥ کان ٢٠ طالب علم پڙهندا هئا، جن کي قرآن شريف، حديث، فقه، اصول، منطق ۽ حفظ قرآن جي تعليم ملندي هئي. فارسي ۽ عربي خود مولانا محمد سهراب پاڻ ڏيندو هو. مولانا محمد سهراب علم ۽ دانائي جي ڪري فياض ۽ قابل استاد هو.

١٩٥٦ع ۾ سخت جدوجهد ۽ بهتر ڪارڪردگي کان پوءِ مدرسي کي سرڪاري طور منظور ڪرايو ويو. ان بعد قرآن ۽

حديث جي تعليم سان گڏ پرائمري تعليم جو به انتظام ڪيو ويو. هن مدرسي پنهنجي اياماڪاري ۾ ڪيترائي عالم دين پيدا ڪيا، جن مان مولوي احمد ڪوهستاني (پيش امام جامع مسجد سرهاري)، مولوي عطا محمد شاهاڻي بلوچ (پيش امام مسجد اقصيٰ دادو)، مولوي علي حيدر شاهاڻي بلوچ (پيش امام مسجد سول اسپتال دادو) ۽ مولوي قادر بخش شيخ قابل ذڪر آهن. مولانا محمد سهراب چارڻ سنه ١٩٧٤ع ۾ وفات ڪئي، پر تڏهن به مدرسو هلي رهيو آهي.

## مدرسو عربيه حماديه، محلہ لطيف آباد، شڪارپور

هن مدرسي جو بنياد ١٩٥٣ع ۾ رکيو ويو. مدرسي لاءِ زمين قاضي عبدالرحمان اڳ ۾ ئي وقف ڪري ڇڏي هئي، پر قريب مسجد نه هئڻ ڪري شيخ سڪندرعلي وڪيل پهريائين مسجد ٺهرائي، ان بعد مدرسي جي اڏاوت ٿي. هن وقت مدرسي جو ناظم سيد عبدالغفور شاهه ايراني آهي. مدرسي کي ڇهه ڪمرا آهن ۽ اڳيان وڏو ميدان آهي. مدرسي ۾ هيٺيان استاد پڙهائين ٿا: مولوي عبدالمالڪ مغيري بلوچ (عربي فقه، حديث، اصول، منطق، صرف، نحو)، حافظ عبدالشڪور پيٽي (ناظره ۽ حفظ قرآن مجيد).

## مدرسه عربيه دارالقرآن، موريا ڏي محلو، شڪارپور

هن مدرسي جو بنياد مولانا محمد اسماعيل ١٣٧٣هه/١٩٥٤ع ۾ رکيو. تدريسي ابتداء حفظ و ناظره قرآن سان هڪ مسجد ۾ ڪئي وئي، ليڪن ٽن چئن سالن کان پوءِ باقاعدي درس نظامي شروع ڪيو ويو. اندازاً ٣٥٠ شاگرد قرآن مجيد حفظ ڪري چڪا آهن. هن وقت مدرسي جا مختلف هنڌن تي ڏهه ڪمرا آهن. معلمن ۾ حافظ محمد آزاد، حافظ قاري مولانا نثار احمد، مولوي نصرالله فاضل دارالهديٰ ٺيڙهي ۽ قاري حافظ عبدالمجيد قابل ذڪر آهن.

## مولانا حاجي عمرالدين چنو

مولانا حاجي عمرالدين چنو هڪ باا ثر عالم هو، ۽ اصل ڳوٺ ابراهيم چني، تعلقي ڪڪڙ، ضلعي دادو جو ويٺل هو. سنه ١٢٨٨ھ ۾ فيروزشاهه ۾ مولانا خير محمد وٽ ۽ پوءِ ان جي فرزند مولانا عطاالله ۽ ان جي شاگرد مولوي محمد آگري وٽ تعليم ورتائين. آخر ۾ گهوٽڪي ۾ مولانا قمرالدين وٽ ١٣١٧ھ ۾ دستاربندي ڪيائين. ان بعد لاڙ، تعلقي عمرڪوٽ ۽ رتيڪوٽ (تعلقي ڪپري) جي مدرسن ۾ پڙهايائين. سندس ڪن مشهور شاگردن جو تعداد هن طرح آهي: مولوي محمد آڙهوتو، ڳوٺ احمد شاهه گرهوڙي (ڪپرو)، مولوي محمد يعقوب هڱورجو، ويٺل رتوڪوٽ (ڪپرو)، مولوي عبدالحڪيم پنهور، ويٺل ورند جا پاڻ (ميهڙ)، مولوي محمد علي لانبر (سانگهڙ)، مولوي غلام محمد ٻبر، ڳوٺ لڏاڻ (تعلقو ڪڪڙ)، مولوي نجم الدين مهر ريگستاني (ٿرپارڪر) ۽ مولوي عبيدالله.

مولانا عمرالدين چنو، رتيڪوٽ ۾ زندگي جو ڪافي عرصو پنهنجو مدرسو قائم ڪري پڙهائيندو رهيو ۽ انهيءَ سان گڏ عام طالبن کي هر جمعي تي وعظ ۽ نصيحت به ڪندو هو. آخر دم تائين ديني تعليم ۽ تبليغ کي جاري رکندو آيو. تاريخ ١٦ ربيع الاول ١٣٧٤ھ/ ١٣- نومبر ١٩٥٩ع ۾ وفات ڪيائين(١).

## ٻاقراڻي مدرسو

هي مدرسو ڦهرياڻين ٻراڻي آباد ڳوٺ تعلقي ڏوڪري ۾ قائم هو، جتي قرآن شريف جي تعليم ڏني ويندي هئي. هن مدرسي مان اٽڪل ١٠ يا ١٥ حافظ فارغ ٿيا. ان کان پوءِ ١٩٥٤-٥٥ع ۾ مولوي نورمحمد دادي هي مدرسو ٻاقراڻي ڳوٺ ۾ قائم ڪيو، ۽ سال ١٩٦٧-٦٨ع ۾ وفات ڪري ويو، ان کان پوءِ سندس پٽ حافظ محمد جاءِ سنڀالي. هن وقت مدرسي ۾ ٤٠-٥٠ شاگرد

(١) ماهي مهراڻ، ص ١٩٤

آهن، جن مان پرديسي شاگردن جي کاڌي جو انتظام ڳوٺ وارا ڪندا آهن. هن مدرسي جي شاگردن مان مولوي قمرالدين، قاسميه مسجد لاڙڪاڻي وارو، مولوي عرض محمد، مولوي محمد هاشم محبت ڏرڙي وارو، مولوي خان محمد پيرزادو قابل ذڪر آهن.

## مولانا محمد يوسف عباسي

مولانا محمد يوسف عباسي، ضلعي دادو ۾ ڪڪڙ جي پرسان "جگ شينهن" نالي هڪ ڳوٺ جو ويٺل هو. قرآن شريف پنهنجي ڳوٺ ۾ آخوند شير محمد وٽ پڙهيو. فارسي ۽ عربي جي ڪجهه صرف نحو مولانا محمد صديق ڪلهوڙي وٽ پڙهيو. ان کان پوءِ هيٺين مشهور استادن جي شاگردي ۾ رهيو: (١) مولانا شفيع محمد مسجدي (٢) مولانا مير محمد نورنگي (٣) مولانا عبدالوهاب (٤) مولانا محمد، جنهن پير جهنڊي ڳوٺ ۾ گهڻو وقت پڙهايو (٥) مولانا حاجي حامدالله، ويٺل پيلو، تعلقو سجاول. آخر ۾ مولانا خير محمد منگسي، ٽنڊي محمد خان واري وٽ فارغ التحصيل ٿي دستاربندي ڪيائين.

مولانا محمد يوسف کي گهڻا ڪتاب برزبان هئا. جيئن ته "فصول اڪبري"، "ڪافيه"، "ايساغوجي"، "تهذيب المنطق"، "سلم العلوم" ۽ "منارمتن نورالانوار". منطق ۽ صرف ۾ ڪيس گهڻي مهارت هئي. اوائل ۾ جهرڪن ۾ پير فريد جان سرهندي وٽ، جمڙائو جي پرسان حاجي قادر بخش لغاري وٽ، ملير ۾ پير ضياء الدين احمد وٽ پڙهائيندو رهيو، پر آخر ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ عربي جو استاد مقرر ٿيو، ۽ اتي ئي سنه ١٩٥٨ع ۾ وفات ڪيائين (١). عربي ۽ فارسي ۾ شعر پڻ چوندو هو. "معلم الصرف" نالي عربي ۾ ۽ سنڌي زبان ۾ "قواعد فارسي" نالي ڪتاب تاليف ڪيائين.

(١) راقم، مولانا محمد يوسف عباسي وٽ نور محمد هاءِ اسڪول ۾ ١٩٤٨ع کان ١٩٥٠ع سيڪنڊري درجن ۾ عربي جو شاگرد ٿي رهيو. ان بعد سنڌ ڪاليج ۾ پڻ انٽر ۽ بي. اي ۾ عربي جا اعزازي ڪلاس وٺندو هو.

## مدرسه تعليم القرآن، مسجد قاضي سلطان، ڪنري

هن مدرسي جو بنياد ١٩٦٠ع ۾ مرحوم قاضي سلطان وڌو. قاضي سلطان هڪ سٺي مسجد ٺهرائي، جنهن جي پرسان ڪجهه جاءِ ڇڏيل هئي، جنهن تي بعد ۾ پير عبدالمالڪ نقشبندي جي ڪوشش سان چندو ڪري مدرسي جا ڇهه ڪمرا ٺهرايا ويا. شروع ڪان وٺي مدرسي ۾ ٻه استاد پڙهائي رهيا آهن. هميشه ١٠-١٢ پرديسي شاگرد مدرسي ۾ قيام پذير آهن، جن جي ماني ٽڪي لاءِ مدرسي طرفان هڪ بورچي رکيل آهي. ازانسواءِ شاگردن جي ڪتابن وغيره جو خرچ به مدرسو برداشت ڪري ٿو، جيڪو آسپاس جا مخير زميندار ادا ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ ٻيا به ننڍا مدرسا آهن: جيئن ته جامع مسجد وارو مدرسو ۽ مدرسو بخاري مسجد.

## مدرسو مظهرالحق، ٺل، جيڪب آباد

هن مدرسي جو بنياد مولانا محمد زڪريا سنه ١٣٧٥هه/ ١٩٥٥ع ۾ رکيو. مدرسي کي پنهنجي جاءِ آهي، جنهن ۾ هڪ هال، ٻه ڪمرا ۽ هڪ ورانڊو آهي. شاگردن جي رهائش جو پڻ بندوبست آهي. مدرسي کي پنهنجو ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ ٥٠ ڪتاب آهن. مدرسي جو مهتمم مولانا گل محمد ۽ صدر مدرس مولانا محمد زڪريا آهي ۽ ٻيا استاد مولوي محمد ابراهيم ۽ مولوي شفيع محمد شيخ آهن.

## مدرسو اسلاميه، بخاري پاڙو، ميرپورخاص

هن مدرسي کي مولانا حڪيم حافظ صديق الله خان شعبان ١٣٧٥هه/مارچ ١٩٥٥ع ۾ قائم ڪيو. مدرسي جو مهتمم حاجي حافظ محمد رحمة الله خان آهي. مدرسي ۾ ٻيا استاد مولوي قاري محمد اسماعيل ۽ مولوي حافظ محمد عظمت الله خان درس تدريس جو شغل جاري رکندا اچن ٿا.

## مدرسه اشرفيه، ڪئينس روڊ، ڪراچي

سنه ١٣٧٦هه/١٩٥٥ع ۾ مولانا محمد احمد ٿانوي مدرسي

جو بنياد رکيو، جيڪو مدرسي جو مهتمم به آهي. هتي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم جو جدا جدا بندوبست آهي. مدرسو هڪ متروڪ جاءِ ۾ قائم آهي، جنهن کي ڇهه ڪمرا ۽ ٻه ورانڊا آهن. مدرسي جي ڪتبخاني ۾ ڪتابن جو تعداد ٻه هزار کن آهي. نصاب درس نظامي رائج آهي. صدر مدرس مولانا عبدالعليم جالندري، مولانا عبدالغفار جالندري، مولانا قاري ابوالحسن، حافظ محمد حسين ۽ حافظ محمد ياسين مدرسي ۾ پڙهائي رهيا آهن.

## مدرسه دارالعلوم اسلاميه اشاعت القرآن، ڏگهڙي

هن مدرسي جو بنياد مولانا حافظ محمد شفيع جالندري سنه ١٣٧٥ھ/١٩٥٥ع ۾ يوسف آباد ڏگهڙي ۾ رکيو. صدر مدرس مولانا محمد رباني فاضل ديوبند آهي. مدرسي جي ٻين استادن جا نالا هي آهن: مولانا محمد حيات علي ڪشميري ۽ مولانا محمد شفيع. حفظ ناظره، ابتدائي اردو ۽ درس نظامي کان سواءِ مولوي عالم ۽ مولوي فاضل جي تدريس جو پڻ اهتمام آهي. شاگردن کي خياطي (درزڪو ڪم) سيکارڻ جو پڻ انتظام آهي. مدرسي کي ذاتي لائبرري آهي، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي ٽي سؤ پندرهن ڪتاب آهن، ازانسواءِ مختلف رسالا به گهرايا وڃن ٿا. مدرسي جي عمارت ستن ڪمرن تي مشتمل آهي. شاگردن جي رهائش ۽ خوراڪ جو مفت انتظام آهي.

## مدرسه عربيه اسلاميه، نيوٽائون، ڪلفٽن روڊ، ڪراچي

سنه ١٣٧٤ھ/١٩٥٥ع ۾ مولانا محمد يوسف بنوري مدرسي جو سنگ بنياد رکيو. هتي مصري استاد به پڙهائيندا آهن. درس نظامي رائج آهي. مدرسي کي هڪ ڪتبخانو آهي، جنهن ۾ مصري ۽ سعودي حڪومتن طرفان عطيه طور مليل ڪتاب به موجود آهن. هن مدرسي کي پنهنجي جاءِ آهي، جيڪا جامع مسجد نيوٽائون سان ملحق آهي. شاگردن جي رهائش جو پڻ جوڳو بندوبست آهي. مدرسي جو مهتمم ۽ صدر مدرس مولانا محمد يوسف

بنوري فاضل ديوبند هو. ٻين استادن ۾ مولانا فضل محمد، مولانا محمد ادريس، مولانا ولي حسن، مولانا لطف الله، مولانا عبدالرشيد، مولانا محمد حامد، مولانا قاري عبدالحق، مولانا عبدالحليم، مولانا عبدالجليل، مولانا عبيدالرحمان ۽ مولانا محمد جا نالا قابل ذڪر آهن.

## دارالعلوم فيض محمدي، ڳوٺ حاجي بخش، شهدادڪوٽ

سنه ١٣٧٦هه/١٩٥٦ع ۾ مولانا محمد رفيق بلوچ مدرسي جو بنياد رکيو. مدرسي جي جاءِ نجي آهي، جنهن ۾ ٻه ڪمرا ۽ هڪ ڪتبخانو موجود آهي. مدرسي ۾ نصاب درس نظامي رائج آهي. مولانا محمد رفيق صاحب سان گڏ مولانا الهه بخش به درس تدريس ۾ مشغول آهي.

## جامع غوثيه رضويه، فريئر روڊ، سکر

سنه ١٣٧٧هه/١٩٥٧ع ۾ فريئر روڊ تي هڪ متروڪ جاءِ ۾ مدرسي جو قيام عمل ۾ آيو. نصاب درس نظامي آهي. مدرسي جي ڪتبخاني ۾ ٢٥٠ ڪتاب موجود آهن. مدرسي جي جاءِ ۾ چار ڪمرا آهن. ٽن ڪمرن ۾ قيام پڻ ڪيو ويچي ٿو. مدرسي جو مهتمم ۽ صدر مدرس مولانا محمد حسين رضوي آهي. هن مدرسي ۾ مولانا محمد اسحاق ۽ حافظ حبيب احمد پڙهائڻ ۾ مصروف آهن.

## مدرسه انوارالعلوم، ميرپور ماٿيلو

سنه ١٣٧٨هه/١٩٥٨ع ۾ هڪ مسواڙي جاءِ ۾ مدرسو کوليو ويو. عمارت ۾ هڪ هال ۽ ٽي ڪمرا آهن. مدرسي جو انتظام هڪ انجمن جي نگراني ۾ هلي رهيو آهي. مولانا الحاج محمد ابراهيم (مهتمم ۽ صدر مدرس) ۽ مولانا عبدالمجيد درس و تدريس ۾ رڌل آهن. مدرسي ۾ نصاب درس نظامي رائج آهي.

## مدرسه عربيه دارالفيوض، ڪنڊڪوٽ

٢٠ جمادي الآخر ١٣٧٨هه/١٩٥٨ع ۾ مير صبح صادق خان

ڪوسي، شهر ڪنڌڪوٽ ۾ مدرسي جو سنگ بنياد رکيو، جنهن جو مهتمم به پاڻ آهي. مدرسي کي اٺ ڪمرا آهن، جن مان پنجن ڪمرن ۾ شاگردن جي رهائش آهي. صدرمدرس مولانا محمد عبدالهادي عباسي، مولانا محمد عمرالدين ڪوسو، مولانا نظرمحمد، مولانا محمد معين ۽ قاري حافظ محمد قاسم مدرسي جا جفاڪش معلم آهن.

## مدرسة الواعظين (جامع امامية) ناظم آباد، ڪراچي

سنه ١٣٧٨هه/١٩٥٨ع ۾ مولانا محمد بشير مدرسي جو بنياد وڌو. مدرسي جو نصاب درس نظامي آهي. مدرسي جي ڪتبخاني ۾ هڪ هزار مطبوعه ڪتاب ۽ ڏهه قلمي نسخا موجود آهن. مدرسي کي عمارت ذاتي آهي، جنهن ۾ ١٦ ڪمرا ۽ ٢ ورانڊا آهن. مدرسي جو مهتمم مولانا سيد ظفر حسين نقوي ۽ صدر مدرس مولانا محمد مصطفیٰ آهن. ٻيا استاد سيد ڪرار حسين ۽ سيد حامد حسين آهن.

## مدرسو قاسم العلوم، نوراني (جهڙيل شاهه) مسجد، دادو

هي مدرسو مولوي عبيدالله مشوري، جامع مسجد نوراني ۾ ١٩٨٥ع ڌاري قائم ڪيو. پهرياڻين هي مدرسو قاضي مسجد ۾ قائم هو جيڪو بعد ۾ نوراني مسجد ڏانهن منتقل ڪيو ويو. مدرسي ۾ عربي ۽ فارسي جو رائج نصاب پڙهايو وڃي ٿو، جنهن ۾ قرآن شريف (حفظ و تجويد)، حديث، صرف، نحو ۽ فقه مکيه مضمون آهن. درس تدريس جو ڪم مولوي عبيدالله مشوري ڪندو آهي. ميراث ۽ ٻين مسئلن ۾ فتوائون سندس علمي چاڻ جي ساک ڏين ٿيون. دادو شهر جي مسجدن جا پيش امام تقريباً سندس ئي شاگرد آهن.

## مدرسه عربيه حماديه بدرالعلوم، خيرپور ميرس

مدرسي جو باني حاجي احمد بخش قلپوٽو، خيرپور ميرس جو ويٺل هو. مدرسي ۾ ١٨ سالن کان تبليغ ۽ تعليم جو شغل جاري آهي. مدرسو ذاتي خرچ تي هلندڙ آهي. مدرسي جي اصل

جڳهه مسجد سان متصل هئي پر هاڻي هڪ ڪشادي عمارت ٺهرائي مدرسي کي اتي منتقل ڪيو ويو آهي. مدرسي ۾ عربي، فارسي ۽ درس نظامي جي مڪمل تعليم ڏني وڃي ٿي.

## مولانا دين محمد ٻڍائي ۽ سندس "مدرسه دينيه"

مولانا دين محمد ماهه رجب سنه ١٣٠٨ھ ۾ ڳوٺ پٽ گل محمد لغاري تعلقي جوهي ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. سندس شجرو هن ريت آهي: دين محمد ولد محمد خان ولد قيصر خان ثاني ولد ٻاگو خان ولد قيصر خان اول ولد سونو خان ولد يوسف خان ولد ٻڍو خان رند بلوچ.

سندس وڏا اصل سبي جا رهاڪو هئا، پر سندس پڙ ڏاڏو ٻڍو خان اتان لڏي، ان وقت جي مشهور صوفي ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي ٻاڙي ۾ ڳوٺ ڳاڙهي تعلقي ڪڪڙ ضلعي دادو ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو هو.

مولانا دين محمد ڏهن سالن جي عمر ۾ ڳوٺ جي خليفي محمد ڏيپر وٽ قرآن شريف پڙهڻ لاءِ ويٺو، پر ڏڪر پوڻ سبب سندس مائٽ روزگار سانگي ڏامراهه تعلقي ميهڙ ڏانهن روانا ٿيا، تنهنڪري ٻن ٽن سالن تائين تعليم کان محروم رهيو، ان بعد ١٣٢٢ھ ۾ ساڳئي ڳوٺ ۾ موٽي اچڻ تي ڇهن مهينن ۾ قرآن ڪريم پڙهي پورو ڪيائين. ان بعد فارسي جي تعليم لاءِ مولانا غلام عمر سومري وٽ ڳوٺ ٻپر تعلقي ميهڙ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتي دوايه کان پندنامي تائين تعليم ورتائين. ان بعد هڪ طالبعلم محمد هاشم ملاح جي رفاقت سان ڏڳهه بالا تعلقي جوهي ڏانهن مولانا محمد حسن وٽ آيو، جيڪو وڏي مرتبي جو عالم ۽ استاد العلماء ٿي گذريو آهي. مولانا محمد حسن ڪن ذاتي سببن ڪري ٻارهن مهينا ڪن مدرسو بند ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري مولانا دين محمد ٻين مدرسن ۾ تعليم ورتي، جيئن ته مدرسو گاهي مهيسر تعلقو ميهڙ ۽ رهڙو شريف وغيره. معلوم ٿيو آهي ته لاڙ جي

مدرسن جهڙوڪ مٽياري، هالا، حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ٽنڊي الهيار جي مدرسن ۾ به تعليم حاصل ڪيائين.

آخرڪار سنه ١٣٢٩هه ڌاري مولانا محمد حسن پيهر مدرسو ڪوليو، ۽ مولانا دين محمد به اتي موٽي آيو. اهڙي طرح ١٣٣٠هه ڌاري فارغ التحصيل ٿي پنهنجي ڳوٺ آيو، ۽ اتي "مدرسه دينيه" جاري ڪيائين. سندس مدرسي مان ڪيترن ئي شاگردن تعليم ورتي، پر قاضي دوست محمد ولد علي بخش وگهيي کي پنهنجي خرچ سان ديوبند ڏانهن حديث جي تحصيل لاءِ موڪليائين. پنهنجي ڳوٺ وارو مدرسو برابر ويهه سال جاري رکيائين، ان بعد سردار حاجي غلام محمد خان ٻرڙي جي اصرار تي ڳوٺ پٽ گل محمد لغاري کان لڏي ڳوٺ ٻرڙا تعلقي ڪڪڙ ۾ آيو ۽ اتي به "مدرسو دينيه" نالي قائم ڪيائين. انهي مدرسي ۾ به اٽڪل ويهه ورهيه تعليم ڏنائين، جنهن مان قابل ذڪر فارغ التحصيل شاگردن جا نالا هي آهن: (١) وڏيرو عبدالقيوم خان ولد سردار حاجي غلام محمد خان ٻرڙو (٢) مولوي حاجي امير بخش خان ٻرڙو (٣) مولوي احمد علي جوکيو، ساڪن بيگو ديرو تعلقو ڪڪڙ (٤) مولوي محمد دلاور بلوچ (٥) مولوي عبدالهادي ڪونهارو، ساڪن سنگهڙ تعلقو ڪڪڙ.

آخر عمر ۾ ضعيفي ۽ پيري سبب پڙهائي ڇڏي تصوف ڏانهن مائل ٿيو ۽ انهيءَ ڏس ۾ لواري واري بزرگ خواجه احمدزمان جي بيعت ڪري ذڪر اذڪار ۾ مشغول ٿيو. سنه ١٣٤٢هه ۾ پهريون حج ڪيائين، ۽ ٻيو حج ١٣٤٥هه ۾ ادا ڪيائين، جنهن جو احوال "مختصر سفر حج" جي عنوان سان فارسي ۾ قلم بند ڪيائين.

مولانا دين محمد کي چاليهن سالن کان پوءِ پنهنجي نياڻي کي قرآن پڙهائيندي خود حفظ ڪرڻ جو خيال ٿيو. جو ايڪيهن مهنن جي عرصي ۾ ياد ڪري ورتائين، هن احوال بابت "سوانح حفظ القرآن" لکيائين پاڻ شاعر ۽ اديب به هو، سندس تخلص

”پٽائي“ آهي. سندس سمورو ڪلام مداحن مولودن، خطبن، غزلن ۽ ڪافين تي مشتمل آهي، جيڪو سنڌي، فارسي، سرائڪي ۽ اردو ٻولين ۾ ڇپيل اٿس. سندس تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب قابل ذڪر آهن:

(١) نشان نبوت (نظم): ”ماثر النبوة“ فارسي، تاليف شيخ عبدالحق محدث دهلوي جو منظوم سنڌي ترجمو. (٢) آئينه معراج، سنڌي. (٣) تصديق الخلفاء، سنڌي: خلافت راشده تي اعتراضن جا جواب (٤) ڪتاب الاعجاز، سنڌي: پنجونجاه معجزا صحيح روايت سان (٥) استاد صرف فارسي مع مقدمه استاد صرف (٦) اصول عشره شيعا مع تقرير دلپذير (٧) سوانح حفظ القرآن مع فضائل قرآن (٨) قاعده ابواب قرآن (٩) ميزان القران، منظوم سنڌي (١٠) احراق القلوب.

مولانا دين محمد ١٧ – شوال ١٣٧٩هه/١٣ – اپريل ١٣٦٠ع ۾ وفات ڪئي. سندس وصيت موجب کيس ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. (١)

## مدرسه دارالعلوم ڪبير عثمانيه، دادو

هي مدرسو ١٩٦٠ع ڊاري ڊاڪٽر حبيب احمد شاهه زيدي جي زير سرپرستي ۾ قائم ٿيو، جنهن ۾ عربي، فارسي کان سواءِ حفظ و ناظره قرآن جو پڻ اهتمام ڪيو ويو آهي. ٻاهرين شاگردن جي رهائش، کاڌ خوراڪ، ۽ ڪپڙي لٽي جو مفت انتظام ڪيل آهي. هي مدرسو پهريائين مڪه مسجد شاهي بزار دادو ۾ هلندڙ هو، پوءِ محلي غريب آباد ۾ سرڪاري زمين خريد ڪري اتي قائم ڪيو ويو. هن مدرسي مان هر سال مذهبي ڏينهن تي خاص نقشا ۽ چارٽ ڇپرائي تقسيم ڪيا ويندا آهن، مثلاً مسائل عيدالفطر

(١) مسٽر الهه بخش ايم - اي: مولانا دين محمد پٽائي، الرحيم سنڌي، شماره ٢، ١٩٦٦ع، ص - ص - ٢٦ - ٣٠

و عيدالاضحيٰ، فضائل محرم الحرام وغيره، هن وقت مدرسي ۾ مولوي محمد بشير معلم آهي.

## مولانا محمد هاشم انصاري

مولانا محمد هاشم انصاري تاريخ ١٢- ربيع الاول ١٣٠٥ه، ۾ قلجي تعلقي جوهي، ضلعي دادو ۾ ڄائو. سندس وڏو ڏاڏو خواجه ڪرم الله مدينه منوره ۾ رهندو هو ۽ اتي جي انصارن مان هو.

سندس سلسلو نسب هن طرح ملي ٿو: محمد هاشم بن ملا محمد بن حافظ الهڏنو بن حاجي احمد بن مولوي عبدالصمد بن خواجه ڪرم الله مدني انصاري (جنهن جو اولاد سندس وفات کان پوءِ قلجي ۾ رهڻ لڳو. ملا محمد کي چار پٽ هئا: (١) مولانا محمد هاشم (٢) ميان محمد حسن (٣) مولوي عبدالله، ۽ (٤) ميان محمد اسماعيل.

مولوي عبدالله پنهنجي ڀاءُ مولانا محمد هاشم جو شاگرد آهي، ۽ ماتلي ۾ رهندڙ آهي. فارسي ۽ عربي جو وڏو اديب آهي، سندس تصنيفات مان شاهه ولي الله جي ڪتاب ”حجة الله البالغه“ جو عربي حاشيو مشهور آهي، جيڪو قلمي صورت ۾ وٽس موجود آهي. پاڻ سنڌي ۽ فارسي زبانن جو سٺو شاعر آهي، سندس مولود، ڪافيون ۽ غزل عام مقبول آهن.

مولانا محمد هاشم ابتداء ۾ قرآن شريف ۽ فارسي جي تعليم قلجي ۾ حاصل ڪئي. ان بعد جوهي جي مشهور عالم ۽ مدرس مولانا محمد حسن ڪوسي وٽ مدرسي ”ڊگهه بالا“ ۾ عربي پڙهڻ ويٺو. ان بعد سنڌ جي ٻين عالمن کان به استفادو ڪيائين، جيئن ته مولانا عطاء الله فيروز شاهي وغيره؛ پر آخر ۾ وري به اچي مولانا محمد حسن وٽ پڙهڻ لڳو ۽ اتي ئي نصاب جي تڪميل ڪيائين.

مولانا محمد هاشم دستاربندي کان پوءِ دادو ۾ اچي قاضين جي مسجد ۾ درس تدريس جو سلسلو شروع ڪيو. ڪجهه وقت بعد وري به دادو شهر ۾ ئي ميان جيوڻ شاهه جي مسجد ۾ درس ڏيڻ لڳو. اتان وري وڃي ڳوٺ ”ميان جو پٽ“ لڳ اسٽيشن

همايون ۾ رهڻ لڳو. اهڙي طرح شڪارپور شهر، کهڙا (خيرپور رياست)، قاضي جي ڪنڊي لڳ اسٽيشن ڦلجي، ڪاهي ڪنڊا لڳ نوشهرو فيروز وغيره هنڌن تي پڻ مدرسن ۾ وچي تعلم ڏنائين.

مولانا محمد هاشم جو پهريون فارغ تحصيل شاگرد مولوي ميان ولي محمد برهمائي هو ۽ ٻيو سيد امير محمد شاه حسيني هو. ان بعد سندس شاگردن مان (۱) مخدوم امير احمد، کهڙن وارو (۲) مولوي ميان عبدالله، سندس ڀاءُ (۳) پير غلام مجدد سرهندي، شڪارپوري (۴) مولوي محمد عظيم شڪارپوري (۵) مولوي محمد صالح جمالي ڳڙهي خيري وارو، مشهور ٿيا. سندس ٻين شاگردن مان به ڪيترا ئي قابل ذڪر آهن، جيئن ته: مولوي ڪمال الدين خواجه کهڙا، مولوي عبدالعزيز آديو، مولوي محمد عثمان جمالي، سيد غلام شاهه دريشائي، مولوي ابوبڪر لسيبلي وارو، مولوي امام الدين لغاري ڏندو (بدين)، مولوي محمد قاسم پنهور، ڦلجي، قاضي حاجي محمد بن مولوي ميان محمد حسن ڪنڊوي.

مولانا محمد هاشم جڏهن ۱۳۴۱هه ۾ پهرئين حج تي ويو ته ان وقت ۾ مولانا عبدالباقي انصاري، جيڪو اصل ۾ فرنگي محلي لکنو مان لڏي وڃي مديني ۾ رهيو هو، ۽ اتي حرم نبوي ۾ حديث جو درس ڏيندو هو، انهيءَ عالم جي خدمت ۾ رهي حديث جي سند حاصل ڪيائين. انهيءَ وقت ۾ حجاز مقدس تي شريف حسين جي حڪومت هئي. وري ٻيو دفعو نجدي حڪومت جي قائم ٿيڻ کان پوءِ حج ڪرڻ ويو. اهڙي ريت جملي ٻارهن حج ڪيائين.

پڇاڙي ۾ ۱۹۳۶ع کان نوابشاهه ۾ رهڻ لڳو ۽ اتي جي جامع مسجد ۾ پيش امام مقرر ٿيو. انهيءَ وقت ۾ قرآن شريف پڻ حفظ ڪيائين. آخرڪار نوابشاهه ۾ تاريخ ۱۲ صفر ۱۳۸۲هه، ۱۴ جولاءِ ۱۹۶۲ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس جامع مسجد جي احاطه اندر دفنايو ويو(۱).

(۱) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، الرحيم، شماره اول، ۱۹۶۸ع، ص ۴۴

## مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو

ڳڙهي ياسين جي ڀر ۾ رتي ديري کان ويندڙ شاهراهه تي ڪاڪيپوٽن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ پاڪستان کان پندرهن سال کن اڳ هڪ مدرسو وجود ۾ آيو، جنهن جو باني مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو هو.

مولانا علي محمد قرآن شريف ۽ فارسي جي ابتدائي تعليم پنهنجي چاچي آخوند ميان غلام رسول کان حاصل ڪئي، جيڪو سنڌي ۽ فارسي جو جيد عالم هو. وڏا وڏا امير ۽ سردار کيس پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مقرر ڪندا هئا. جيئن ته مير هزار خان کوسي پنهنجي پٽ راجا رحيم لاءِ، ميان نظام الدين قريشي پنهنجي پٽ شهاب الدين لاءِ کيس معلم مقرر ڪيو. ميان نظام الدين قريشي جو ڳوٺ دودو، تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هو. مولانا علي محمد ان وقت ننڍو نينگر هو سو پنهنجي چاچي سان گڏ ڳوٺ دودي ۾ آيو، جتي آخوند صاحب کيس ڳوٺ سنهڙي ۾ حافظ محمد ڪامل وٽ ابتدائي عربي تعليم لاءِ ڇڏيو. جتان وري مولانا غلام رسول وٽ ڳوٺ ٻيڙي چانڊيه ۾ شرح جامي ۽ ٻين ڪتابن پڙهڻ لاءِ ويئو. ٻيڙي چانڊيي جي مدرسي ۾ مولانا ڪاڪيپوٽي گهڻو ڪجهه پرايو، پر سندس علمي پياس اڃا اجهڻ واري نه هئي، تنهنڪري علامه عبدالڪريم ڪورائي کان فيض پرائڻ لاءِ ڪورسليمان تعلقي قنبر ۾ پهچي ويو.

مولانا علي محمد، علامه ڪورائي جهڙي جيد ۽ محقق عالم کان سالن جا سال فيض پرايو. ان وچ ۾ علامه ڪورائي ٿوري وقت لاءِ ڪور سليمان کي ڇڏي وڃي آباد انڙ جي مدرسي ۾ صدر مدرس ٿيو. اتي به مولانا علي محمد پنهنجي استاد سان گڏ آيو. علامه ڪورائي جلدي ڪورسليمان واپس هليو آيو ۽ مولانا علي محمد سميت سمورا شاگرد به ساڻس گڏ آيا. اتان وري مولوي عبدالڪريم قريشي ٽونين وارو، مولانا خوش محمد ميروخاني سان ميروخان ويو، جتي انهيءَ دور ۾ مولانا غلام مصطفى قاسمي پڻ ميرو خان ۾

پڙهندو هو ۽ سندس ڪتاب ابتدائي، ماءِ تہ عامل نحو مير وغيره هئا. علامہ حافظ محمد ڪامل سنهڙي وارو، مولانا خوش محمد ميروخاني جو همعصر ۽ ڪلاسي هو، ان ڪري پاڻ ميروخان ۾ ۾ گهڻو ايندو هو. هڪ ڀيري مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ڪي مولانا خوش محمد ميرو خاني کان سبق پڙهندي پڌائين، ۽ جڏهن سنهڙي واپس آيو تہ پنهنجي شاگرد مولانا عبدالله قريشي دودي واري کي چيائين تہ: غلام مصطفيٰ (قاسمي)، استاد العلماء مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي جون سڪون ٿو لاهي. اتان پوءِ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجو وطن ڇڏي علامہ ڪورائي جي خدمت ۾ ڪورسليمان وڃي پهتو ۽ هن کان ٻارهن سال لڳاتار درس نظامي جا سمورا ڪتاب پڙهيائين.

مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو، ڪورسليمان ۾ گهڻو عرصو رهي وڏو ملڪو حاصل ڪيو. ان بعد سنڌ ڇڏي پنجاب هليو ويو، جتي رياست بهاولپور ۾ ڪوٽ جنيءَ ۾ مولانا حبيب الله وٽ بہ رهيو، پر هن جيڪي ڪور سليمان ۾ پراڻو هو، سو پنجاب ۾ ڪٿي بہ حاصل ڪري نہ سگهيو. نيٺ سڄو سال ائين ڦرندو وڃي دارالعلوم ديوبند پهتو. اتي رهي عربي ادب ۽ منقول جي وڏن ڪتابن جي تعليم حاصل ڪري، دورو حديث جو شيخ العرب و العجم مولانا حسين احمد مدني وٽ پڙهيو. دارالعلوم ديوبند جو مشهور منطقي عالم مولانا محمد ابراهيم ۽ شيخ الادب مولانا اعزاز علي ٻئي استاد، مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽي کي هڪ وڏو ذهين شاگرد چوڻي ڪيس گهڻو ڀائيندا هئا. ديوبند مان فارغ ٿي ڪجهہ وقت پنهنجي ڳوٺ ڪاڪيپوٽي لڳ ڳڙهي ياسين ۾ درس شروع ڪيائين، پر اوچتو ڪيس طب ۽ ٻين امتحانن جو شوق جاڳيو، سو وري دهلي هليو ويو. اتي استاد الاطباء حڪيم جميل الدين دهلوي کان طب جو دورو پڙهيائين ۽ مشرقي علوم جي امتحانن لاءِ اورينٽل ڪاليج فتح پوري ۾ داخل ٿي مولوي فاضل ۽ منشي فاضل امتيازي نمبرن سان پاس ڪيائين، جنهنڪري ڪيس

پنجاب يونيورسٽي طرفان اسڪالرشپ ڏيئي اورينٽل ڪاليج لاهور ۾ فيلو ڪري ڪنيو ويو. سنڌ جو هي پهريون نوجوان عالم هو جنهن اهو اعزاز حاصل ڪيو. ان کان پوءِ علامه ڪورائي جي پٽي شاگرد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي به ساڳي دهلي مان اهو امتحان پاس ڪيو ۽ ساري دهلي مان اول آيو.

مولانا علي محمد، لاهور جي قيام واري زماني ۾ ڊاڪٽر سر محمد اقبال جو استاد پڻ بڻيو. ڊاڪٽر اقبال کي قديم فلسفي تي يورپ ۾ ڪو ليڪچر ڏيڻو هو، ان جي معلومات لاءِ مولانا محمد شفيع پرنسپال اورينٽل ڪاليج لاهور کي ڪنهن جيد عالم لاءِ لکيائين. ڪاليج طرفان مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽي کي موڪليو ويو. علامه اقبال پهرين ته مولانا ڪاڪيپوٽي کان اهو امتحان ورتو جو ڪيس شمس بازغه جي عبارت جي ترجمي لاءِ چيو. مولانا موصوف اتي جو اتي ڪيس ترجمو ڪري ڏيکاريو، جو ڪيس ڏاڍو پسند آيو، پوءِ روزانو مولانا علي محمد، ڊاڪٽر اقبال ڏانهن ويندو رهندو هو ۽ ڊاڪٽر اقبال استفادہ کان پوءِ مولانا علي محمد کي پنهنجي طرفان اهڙو سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو. ان کان پوءِ مولانا علي محمد پنهنجي وطن وريو. ان وچ ۾ لاڙڪاڻي مدرسي ۾ عربي استاد جي جاءِ خالي ٿي، جنهن لاءِ ڪافي اميدوارن درخواستون ڪيون. مولانا علي محمد به درخواست موڪلي. ان وقت لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ نواب نبي بخش خان ڀٽو هو، جنهن مولانا علي محمد جي درخواست سان ڊاڪٽر محمد اقبال جو سرٽيفڪيٽ ڏسي، هڪدم اها درخواست قبول ڪئي. ان کان پوءِ هو باقاعدگي سان تدريسي ماحول ۾ سمائجي ويو. سنڌ جي مختلف مدرسن ۾ صدر مدرس ۽ شيخ الحديث جي مسند تي سالها سال فائز رهيو. دارالسعادت گورو پهوڙ، ڪنڌڪوٽ، شڪارپور، مدرسه مظهرالعلوم کڏه، مدرسه مظهرالحق نصرپور، علي شاهه ڳوٺ ۽ شاهه ولي الله اورينٽل ڪاليج منصوره وغيره ۾ تدريس جي ذريعي پنهنجو فيض پهچائيندو رهيو.

مدرسه مظهرالعلوم ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جي علحدگي کان، مولانا محمد صادق کڏه واري حي نظر مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽي تي پيئي، جيڪو ڪجھ وقت مدرسه مظهرالعلوم ۾ حديث جي خدمت ڪندو رهيو. اتان وري هڪ سيد جي استدعا تي شڪارپور ۾ هليو آيو. پوئين وقت ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ حڪمت سان گڏ تعليم جو ڪم به ڪندو هو. آخرڪار ٣- مارچ ١٩٦٧ع ۾ وفات ڪيائين.

## مدرسه عربيه مصطفائيه تعليم القرآن، شڪارپور

هن مدرسي جو بنياد ١٩٦٦ع ۾ مولانا احمدالدين خليفي هاليجوي رکيو ۽ پاڻ ئي مدرسي جو مهتمم ٿي رهيو. هن وقت مهتمم مولوي غلام رسول بلوچ آهي. مدرسي کي چار ڪمرا هيٺ ۽ مٿي هڪ صفو آهي. ڪتبخاني ۾ نصاب جا ٣٠٠ ڪتاب آهن.

## مولانا عبدالڪريم چشتي جو ”چشتيه مدرسو“ شڪارپور

شڪارپور جو مشهور قومي اڳواڻ مولانا عبدالڪريم چشتي سنه ١٨٩٨ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. خليفي حاجي عبدالغفور وٽ قرآن شريف جي تعليم پوري ڪري ١٩١٠ع تائين سنڌي ۾ تعليم وٺندو رهيو. جنهن کان پوءِ عربي ۽ فارسي ۾ سيالڪوٽي نصاب جي تحصيل ڪيائين. مولانا غلام رسول چشتي، صرف نحو ۽ نصاب جا ابتدائي مرحلا کيس طي ڪرايا. پوءِ مولانا عبدالرحمان ميمڻ (صدر معلم ”وڪٽوريه عربي اسڪول“) وٽ فقه، اصول، حديث، تفسير، ادب ۽ منطق پڙهي ختم ڪيائين. سنه ١٩١٧ع ۾ سندس والد وفات ڪري ويو، پر پاڻ اهو صدمو سهي به تعليم کي لڳو رهيو. ان سان گڏ طب جو علم به حاصل ڪري پنهنجو مطب کوليائين. سنه ١٩١٧ع ۾ ڊاڪٽر اينيبيسنٽ جي ”انڊين هوم رول ليگ“ ۾ شامل ٿيو، ۽ ملڪ جي آزادي واري تحريڪ ۾ قدم رکيائين. سنه ١٩١٨ع جي آخر ۾ ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو. ساڳئي وقت پنهنجي استاد مولانا عبدالرحمان جي مشوري سان

”انجمن مجاهدين اسلام“ برپا ڪيائين، جنهن جو مقصد هو ته وڏن ڏينهن تي اسلام جي برگزيده شخصيتن کي ياد ڪيو وڃي. سنه ١٩١٩ع ۾ خلافت ڪاميٽي جو ميمبر ٿيو. ”قطع تعلقات“ جي هاچل ۾ ٽي ڀيرا جيل ويو: پهريون ڀيرو بنا اجازت جلوس ڪڍڻ جي ڏوهه ۾ جيڪب آباد مان هڪ مهنو جيل؛ ٻيو ڀيرو ١٤٤ قلم جي ڀڃڪڙي سبب مهڙ مان چار مهنا جيل؛ ۽ ٽيون ڀيرو بغاوت جي ڏوهه هيٺ نصيرآباد مان ٻارهن مهنا جيل جي سزا سڻائين. سنه ١٩٢١ع ۾ ”مدرسه محموديه“ جو بنياد وڌائين، جيڪو پورا ڇهه ورهيه قائم رهيو. سنه ١٩٢٣ع ۾ ٻي سزا جي دوران سندس پهرين گهرواري ۽ فرزند برڪات احمد وفات ڪري ويا. ٻي شادي ١٩٢٨ع ۾ ڪيائين. ۽ ان جي گذاري وڃڻ تي وري ٽين شادي ١٩٤٨ع ۾ ڪيائين، ٻنهي گهر مان ٻه ڌيئرون ۽ هڪ پٽ اولاد ٿيس.

١٩٢٤ع ۾ ”انجمن اشاعت اسلام“ جو شڪارپور ۾ بنياد وڌائين ۽ آخر تائين پوري جوش سان انجمن کي هلائيندو رهيو. مولانا چشتي ”مڪمل آزادي“ جو حامي هو، تنهنڪري ڪيترو وقت سموري سنڌ ۾ سوراج، سوديشي ۽ هندو-مسلم ايڪتا جو پرچار ڪندو رهيو. هڪ طرف سندس حب وطن جو پرچار، ته ٻئي طرف تبليغ، تجارت ۽ اصلاح رسوم تي وعظ ڪندو رهيو. خصوصاً ١٩٢٤ع کان وٺي تعليم ۽ تبليغ ۾ سنئي تنظيم جو مظاهرو ڪيائين. ١٩٢٧ع ۾ آرين جي مقابلي ۾ قلم ۽ زبان سان جيڪو جهاد ڪيائين سو هميشه ياد رهندو.

آگسٽ ١٩٢٧ع ۾ جيڪب آباد مان ”صداقت“ اخبار جاري ڪيائين، جا پنجن مهنن کان پوءِ مسٽر تانوري (ايڊيٽر الحنيف) جي حوالي ڪيائين. وري ١٩٢٩ع ۾ شڪارپور مان ”پيغام“ اخبار جاري ڪيائين، پر ڪم فرصتي ۽ ڪوٽ سبب ڇهن مهنن کان پوءِ ان جي اشاعت جاري نه رهي سگهي.

۱۹۲۶ع ۾ مولانا چشتي حج تي ويو. سنڌ خلافت ڪاميٽي جي وفد، اتي رهڻ واري وقت ۾ ''خدام الحجاج'' جو ڪيس پريزيڊنٽ مقرر ڪيو. هن ويندي، ايندي ۽ حجاز ۾ ڪل ۳۹۶ بيمار ماڻهن جي مفت دوا ڪئي، ۽ مديني پاڪ ۾ خلافت ڪاميٽي طرفان قريباً ويهه هزار رپيا تقسيم ڪيا، جنهن ڪري اتان جي عرب بادشاهه، گورنرن ۽ معزز ماڻهن سندس ڏاڍي مرحبا ڪئي ۽ دعوتون ڪيون. ان بعد ۱۹۳۲ع، ۱۹۳۳ع ۽ ۱۹۳۴ع ۾ لاڳيتا حج ڪيائين.

مولانا چشتي تحرير توڙي تقرير ۾ يگانو هو. اجمير، ملتان، خانپور، لاهور، دهلي ۽ لکنؤ وغيره ۾ سندس تقريرون ڏاڍيون پسند ڪيون ويون. ''سنڌ مسلم ائسوسيئيشن'' جو به ميمبر هو. تنهن کان سواءِ ڪيترا سال ''سنڌ خدمت ڪاميٽي'' (ڪراچي) جو نائب صدر ۽ ''آزاد قومي پارٽي'' جو نائب ناظم ٿي رهيو. ان کان سواءِ هفتيوار ''پيغام'' شڪارپور، هفتيوار ''صداقت'' جيڪب آباد، هفتيوار ''جمهوريه'' شڪارپور، روزاني ''الوحيد'' ڪراچي، روزاني ''آزاد'' ڪراچي، روزاني ''قرباني'' ڪراچي، روزاني ''مجاهد'' ڪراچي ۽ هفتيوار ''پاڪستان'' لاڙڪاڻي جو ايڊيٽر ٿي رهيو.

نومبر ۱۹۵۰ع ۾ يارهين ''سنڌ ادبي ڪانفرنس'' ۾ بالاتفاق کيس ''سحبانِ سنڌ'' جو خطاب ڏنو ويو. ٿي سال شڪارپور ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ چار مهنا پريزيڊنٽ ٿي رهيو. ان کان سواءِ سنڌ ۽ هند ۾ ڪابه اهڙي ملڪي ۽ اسلامي تحريڪ نه هئي، جنهن ۾ حصو نه ورتو هجيس. سندس دوستن جو شمار بيان ٻاهر آهي. تاهم خاص خاص نالا هي آهن: مولانا الحاج محمد صادق کڏه، مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي، مولانا محمد سليمان، ٽرڙي محبت ضلعو دادو، مولانا محمد هاشم رڪ. ضلعو سکر، مولانا قمرالدين ڪوٽ

منگي لڳ مديجي ضلعو سکر، محمد بخش واصف، حيدرآباد، ۽ محمد هاشم مخلص، ميرپورخاص. سندس آبائي طريقو چشتي آهي ۽ هن بيعت پنهنجي پيءُ آخوند ميان عبدالله جي هٿ تي ڪئي هئي. سندس خاندان ۾ پشت به پشت بيعت هلندي اچي ٿي. پاڻ ميونسپل ميمبر، جي - پي، شڪارپور، نيو ايرا هاءِ اسڪول جو صدر، ”جميعت علماء اسلام“ شڪارپور جو صدر، ”انجمن اهل سنت“ شڪارپور جو صدر، ”انجمن اطباء“ شڪارپور جو نائب صدر ۽ ”دارالهديٰ“ ٺيڙهي جو نائب صدر رهيو.

مولانا عبدالڪريم چشتي پنهنجي وقت جو مشهور اديب هو. هن ڪل پنجونجاهه ڪتاب لکيا، جن مان ٤٨ سنڌي ۽ ٧ فارسي آهن. سندس ڪتابن ايتري ته مقبوليت حاصل ڪئي، جو بار بار ڇپبا رهيا. سندس تصنيفات جو تفصيل هن طرح آهي:

**سنڌي:** (١) هدايت محمدي (٢) انوار محمدي (٣) حالات محمدي (٤) ڪمالات محمدي (٥) احسانات محمدي (٦) وصال محمدي (٧) حبيب خدا (٨) آئينه حق (٩) تلوار حق (١٠) آفتاب حق صراط المستقيم (١٢) برهان رباني (١٣) حجت حقاني (١٤) اهليت المومنين (١٥) شهيد ڪربلا (١٦) قضيه ڪربلا (١٧) امام اعظم (١٨) امام شافعي (١٩) محبوب سبحاني (٢٠) امام رباني (٢١) سلطان الهند (٢٢) بيان المعراج (٢٣) نور خدا (٢٤) جواهرات (٢٥) تعليم الاسلام (٢٦) مجاهد اسلام (٢٧) اولياء اسلام (٢٨) رهبر حج (٢٩) علامات قيامت (٣٠) امير معاويه (٣١) تقديس الرسول (٣٢) پيغام محبت (٣٣) جواب لاجواب (٣٤) عملن جو انجام (٣٥) مجموع وظائف (٣٦) ڪتاب النڪاح (٣٧) هدايت المسلمين (٣٨) ميلاد نبي (٣٩) باطل نبوت (٤٠) طاهرات (٤١) قرآني دعائون (٤٢) پيغمبري دعائون (٤٣) مجربات چشتيه (٤٤) پنج سوره مترجم (٤٥) شفاء الاسقام (٤٦) عبدالڪريم ۽ (٤٧) معجزات محمدي.

**فارسي:** (١) قرب قيامت (٢) معامله باغ فدڪ (٣) القول المقبول (٤) القول الاظهر (٥) التلقين والهدايه (٦) ڪشف الغطاء ۽ (٧) رافع الحجب(١).

## مدرسه نورالسلام، ڪنڊيارو

هن مدرسي جي شروعات جولاءِ ١٩٦٨ع ۾ ٿي، جنهن جو سرپرست آغا عبدالله جان شاه سرهندي فاروقي هو. هن وقت مدرسي جو مهتمم عبدالعزيز اچڙ آهي. مدرسي سان گڏ مسجد به آهي. هن وقت مولوي صاحب خان لغاري پڙهائي رهيو آهي. مدرسي ۾ پڙهائي جا شعبا عربي، فارسي، حفظ و تجويد قرآن ۽ ناظران قرآن آهن. مدرسي ۾ شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو مفت انتظام ٿيل آهي.

## مدرسه احياء العلوم قادريه، شڪارپور

١٣٨٨ھ/١٩٦٨ع ۾ هي مدرسو مسجد نور (ڪاليج روڊ) ۾ قائم ڪيو ويو. مدرسي جي عمارت پهرين فيبروري ١٩٦٩ع ۾ ٺهي راس ٿي، جنهنڪري مدرسو ان ۾ منتقل ڪيو ويو. مدرسي کي ڪل اٺ ڪمرا آهن. مدرسي کي پنهنجو دارالڪتب آهي، جنهن ۾ چار سؤ ڪتاب موجود آهن. هن مدرسي ۾ هيٺيان استاد درس تدريس جي ڪم تي مامور آهن: معلم قرآن مجيد ناظره و حفظ: حافظ الهه بخش پنهور، معلم عربي و فارسي. تنهن کان سواءِ ٻيا هي استاد آهن: (١) مولوي غلام‌قادر پنهور، عربي (٢) مولوي حضورالدين بروهي، عربي (٣) مولوي عبدالوهاب، عربي و فارسي.

## مولانا فيض محمد "واعظ" ذوڪري وارو

مولانا فيض محمد ذوڪريءَ جو رهاڪو هو. تعليم مولانا عبدالرزاق کان ورتائين، جيڪو خيرپور ناٿن شاهه جي ڀرسان ونجهي نالي ڳوٺ جو رهاڪو هو، ۽ ڳوٺ جان محمد لاکير ۾ سندس

(١) شهاب الدين چشتي، سماهي مهراڻ، ص ٢٤٣

مدرسو هو. دستاربندي بعد ڏوڪري ۾ پڙهائيندو رهيو. حڪيم مولوي قادر بخش ميرپورخاص وارو جڏهن ڏوڪري جي اسڪول ۾ بدلي ٿي ويو، تڏهن اتي مولوي فيض محمد وٽ عربي پڙهي فارغ التحصيل ٿيو؛ ۽ فارسي وري خيرپور ناٿن شاهه ۾ ماستر ميان محمد اعظم وٽ پڙهيائين.

مولانا فيض محمد ۽ مولانا محمد سليمان گڏجي واعظ ڪندا هئا. خلافت جي تحريڪ ۾ ڪابل ڏانهن هليو ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. ان بعد اُنان سندس ٻار موٽي آيا. ڪيس ٽي پٽ آهن: محمد ادريس، غلام نبي ۽ ٽئين پٽ جو احوال معلوم ناهي. محمد ادريس ٻارن سميت وڃي مديني شريف ۾ مقيم ٿيو(١).

## مولانا دين محمد ”اديب“ فيروزشاهي

مولانا دين محمد، تخلص ”اديب“، ڳوٺ فيروز شاه تعلقي ميهڙ ۾ ١٥ شوال ١٣١٤ھ/ ٢١- مارچ ١٨٩٧ع ۾ تولد ٿيو. سندس تاريخي نالو ”منظور حسن“ آهي. سندس نسبي تعلق مخدوم بهاءالدين زڪريا ملتاني جي خليفي مخدوم عبدالله عرف پيروج آچ واري سان لڳي ٿو. پيروج کي ٽي پٽ مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم احمد ۽ مخدوم اسحاق هئا. پيروج ٻاڻ، مخدوم محمد عثمان دربيلوي وٽ علم جي تحصيل ڪئي هئي. سندس اولاد ۾ به وڏا وڏا عالم ۽ درويش پيدا ٿيا. جيئن ته مخدوم عبدالمجيد، جنهن مخدوم محمد عثمان شهيد متعلوي وٽان علم حاصل ڪيو هو. مخدوم خيرمحمد بن مخدوم عبدالمجيد: مخدوم ميان خيرمحمد جو فرزند مولانا عطاءالله فيروزشاهي هو، جو پنهنجي وقت جي علماء ڪرام ۾ هڪ جيد عالم مڃيو ويو آهي. سندس استادن ۾ مولانا عبدالرئوف موراڻي ۽ مولانا گل محمد شهدادڪوٽي مشهور آهن.

(١) راقم کي هيءُ احوال سندس شاگرد سردار احمد سيال، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر کان مليو.

مولانا دين محمد "اديب"، مولانا عطاءالله جي مدرسي مان ابتدائي تعليم ۽ فارسي شروع ڪئي. سندس وفات کان پوءِ مدرسي جي ٻئي عالم مولانا عبدالرحمان وٽ "پندنامه" ۽ "تحفة نصائح" تائين پڙهي، پوءِ مولانا الاهي بخش وٽ ڳوٺ ٻانهي لاکير (تعلقي ميهڙ) جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. مولانا عبدالڪريم ديروي، سيد حاجي علي اڪبر شاهه به انهي مدرسي ۾ پڙهيا هئا.

مولانا اديب نهايت ئي ذهين هو، تنهنڪري نصابي فارسي ڪتابن کي مطالب ۽ معاني، بديع ۽ بلاغت سميت تقريرن ۽ تشريحن سان پڙهي وڏو استعداد حاصل ڪيائين. ان بعد عربي جو مروج نصاب شروع ڪري، شوال ١٣٣٤هه ۾ پنجن سالن جي مسلسل محنت کان پوءِ دستاربندي تائين پهتو. ١٣٣٠هه ۾ فارسي سان گڏ سنڌي شاعري به شروع ڪيائين. مولانا اديب اڪثر نعتيه ڪلام چوندو هو، پر اصلاحي، قومي، اخلاقي ۽ تاريخي ڪلام پڻ چوندو هو، جيڪو ان وقت جي سنڌي رسالن ۽ اخبارن "آفتاب"، "الحق"، "الامين"، "السلام" ۽ "الڪاشف" ۾ شايع ٿيندو رهيو. سندس فارسي ڪلام سنڌ يونيورسٽي ۾ محفوظ رکيو ويو آهي.

مولانا اديب، شعر و شاعري، درس و تدريس، اوراد ۽ اشغال، سلوڪ ۽ طريقت سان گڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به خاموش نموني ڪندو رهيو. سندس تصنيف زياده تر مولانا ٿانوي جي ترجمي تي مشتمل آهي. سندس ڪتابن جو مختصر تعارف هن طرح آهي: (١) جزاء العمال — مولانا ٿانوي جي رسالي "اصلاح الاحوال" جو ترجمو. (٢) بهشتي ڪوثر — مولانا ٿانوي جي "بهشتي زيور" جي ڇهين حصي جو ترجمو. (٣) علاج القحط والوبا — مولانا ٿانوي جي اصلاحي رسالي جو ترجمو (٤) زاد السعين — في الصلواة علي النبي الوحيد جو ترجمو (٥) نورٌ اعلي نور — مولانا مفتي شفيع محمد ديوبندي جي رسالي "خاتم الانبياء" جو

مختصر ترجمو (٦) علم الاخلاق عرف اسلامي اخلاق- امام غزالي جي ”اربعين“ مان پوين ٽيهن فصلن جو شستہ ترجمو (٧) چهره ڪشاي مثنوي- مولانا رومي جي ”رونمائي مثنوي“ جي ديباچي وارن چاليهن بيتن جو منظوم ترجمو (٨) اختتام مثنوي- مثنوي جي ڇهين دفتر جو تتمہ مولانا الاهي بخش ڪانڌيلوي، مولانا رومي جي منامي ارشاد موجب ١٢١٦هه ۾ لکيو، ان جو منظوم ترجمو مولانا اديب ڪيو. (٩) حيات المسلمين- مولانا ٿانوي جي رسالي جو ترجمو (١٠) منع الانا معن وضع الايدي علي الاقدام- فارسي ۾ (١١) مجموعة الاشعار (فارسي)، مولانا دين محمد جي تاليف (١٢) بهشت جي ڪنجي (١٣) معلم الاسلام- چار حصا، عقائد ۽ ارڪان اسلام ۾ (١٤) چاليهن دعائن جو ترجمو (١٥) ڪليات اديب، نظم (١٦) صبح ۽ شام جون دعائون (١٧) خلفاء راشدين (١٨) ڪشف المحجوب جو ترجمو (١٩) اخلاق النبي (٢٠) اشرف العلوم- منظوم ترجمو مثنوي مولانا روم، ڇهہ دفتر.

مولانا اديب جي ڪلام ۾ بيتن جو تعداد ايڪيهن هزارن کان بہ زياده آهي. چوڏهن هزار چارسؤ سٺ بيت ”مثنوي“ جي ترجمي جا، ٻارهن سؤ اختتام ”مثنوي“ جا، ڏيڍ هزار سنڌي ۾ مختلف نظمن جا، هڪ سؤ بيت عربي جا، ڏيڍ سؤ بيت اردو جا، هڪ سؤ ايڪهہ بيت ”چهره ڪشاي مثنوي“ جا، ۽ ڏيڍ هزار فارسي بيت،

مولانا ”اديب“ کي نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد جي باني مرحوم نور محمد وڪيل، شاگردن کي نماز پڙهائڻ ۽ قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ لاءِ دينيات، عربي، فارسي ۽ سنڌي جو استاد مقرر ڪيو هو، جو سچي زندگي انهي فرض ادائي ۾ بسر ڪيائين. راقم (ريسرچر) پڻ بہ ٽي سال ساڳئي اسڪول ۾ سندس شاگرد ٿي رهيو. آخرڪار پنهنجي جوان پٽ منير (وڪيل) جي اوچتي وفات جي سخت دلي صدمي ڪري وڃي بستري داخل

# ڪتب درس نظامي

مرتب ڪندڙ: ملا نظام الدين شهيد سهالوي — سنہ ۱۱۶۱هه/۱۷۴۷ع

| نمبر شمار | فن | ڪتاب جو نالو | مصنف | سنہ تصنيفات يا سنہ وفات |
|---|---|---|---|---|
| ۱ | صرف | ميزان | مولوي سراج الدين الاددهي(۱) | |
| ۲ | | منشعب | " " " " | |
| ۳ | | پنج گنج | " " " " | |
| ۴ | | صرف مير | مير سيد شريف جرجاني عرف مير سيد سند | ۸۱۶هه/۱۴۱۳ع |
| ۵ | | علم الصيغه | حضرت مولانا مفتي عنايت احمد | ۱۲۷۷هه/۱۸۶۰ع |
| ۶ | | فصول اڪبري | مولانا مفتي عنايت احمد | ۱۲۷۷هه/۱۸۶۰ع |
| ۷ | | نحو مير | مير سيد شريف جرجاني | ۸۱۶هه/۱۴۱۳ع |
| ۸ | | شرح مائة عامل | ملا محمد صادق(۲) | ۱۱۹۰هه/۱۷۷۶ع |
| ۹ | | هدايت النحو | ابو حيان نحوي | |

(۱) هسٽري آف سنڌ جي مصنف مسٽر برٽن ميزان الصرف جي مصنف جو نالو مخدوم لال شهباز قلندر (متوفي ۶۷۲هه) لکيو آهي ۽ مولانا عبدالحي لکنوي محمد بن مصطفيٰ بن الحاج حسن (متوفي ۹۱۱هه) بيان ڪيو آهي.

(۲) ڪن مصنفن هي ڪتاب مولانا شيخ عبدالرحمان بن احمد جامي ڏانهن منسوب ڪيو آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ۱۰ | نحو | ڪافيه | امام جمال الدين ابو عمر و عثمان(۱) بن عمر المعروف ابن حاجب | ۶۲۰ھ/۱۲۲۳ع تقريباً |
| ۱۱ | | شرح جامي | مولانا شيخ عبدالرحمان بن احمد جامي | ۸۵۰ھ/۱۴۴۶ع تقريباً |
| ۱۲ | نحو | بحث فعل ابن عقيل | امام عبدالله بن احمد المعروف ابن عقيل | ۷۹۹ھ/۱۳۹۶ع |
| ۱۳ | معاني و بيان | تخليص المفتاح | علامہ جلال الدين محمد بن عبدالرحمان قزويني(۲) | ۷۳۹ھ/۱۳۳۸ع |
| ۱۴ | معاني | مختصر المعاني | علامہ سعدالدين مسعود بن عمر تفتازاني | ۷۴۵ھ/۱۳۴۴ع تقريباً |
| ۱۵ | ” | مطول | ” ” ” | ” ” |
| ۱۶ | عروض | عروض المفتاح | ابو يعقوب يوسف بن ابي بڪر محمد سڪاڪي | رجب ۶۲۶ھ/ مئي ۱۲۲۸ع |
| ۱۷ | ” | ڪبري | مير سيد شريف جرجاني عرف مير سيد سند | ۸۱۶ھ/۱۴۱۳ع |
| ۱۸ | ” | ايساغوجي | مولانا اثيرالدين مفضل بن عمر ابهري | قبل ۶۶۰ھ/۱۲۶۱ع |

(۱) ”ڪافيہ“ علامہ زمخشري جي ڪتاب ”المفصل“ مان ماخوذ آهي.

(۲) اهو ڪتاب مفتاح العلوم مصنف ابو يعقوب يوسف سڪاڪي مان ماخوذ آهي.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | قاضي زاده | |
| ٢٠ | منطق | شرح تهذيب | علام عبدالله يزدي (١) | |
| ٢١ | " | سلم العلوم | مولوي محب الله بن عبدالشڪور بهاري | ١١١٩ﮪ/١٧٠٧ع |
| ٢٢ | " | شرح ملا حسن | ملا محمد حسن بن قاضي غلام مصطفي لکنوي | ١٢٠٩ﮪ/١٧٩٤ع |
| ٢٣ | " | تصديقات | حمدالله سنديلي (٢) | ١٢٠٠ﮪ/١٧٨٥ع |
| ٢٤ | " | تصورات شرح مسلم | قاضي مبارڪ بن محمد دائم گوپاموي (٢) | ١١٤٣ﮪ/١٧٣٠ع |
| ٢٥ | " | رسالہ مير زاهد | مير محمد زاهد بن قاضي اسلم هروي (٣) | ١١٠١ﮪ/١٦٨٩ع |
| ٢٦ | " | قطبي | محمد بن محمد قطب الدين رازي (٤) | ٧٦٦ﮪ/١٣٦٤ع |
| ٢٧ | فلسفہ | ميبذي | قاضي ڪمال الدين حسين ابن معين الدين ميبذي (٥) | ق٩٠٦ﮪ/١٥٠٠ع |

(١) علامہ سعدالدين تفتازاني (٧٤٥ﮪ) جي "رسالہ تهذيب" جي شرح.

(٢) "سلم العلوم" جي شرح.　　(٣) رسالہ قطبيہ جو حاشيہ.

(٤) علامہ نجم الدين بن عمر بن علي قزويني جي رسالہ شمسيہ جي شرح.

(٥) علامہ اثيرالدين مفضل بن عمر ابهري (٦٦٠ﮪ) جي "هدايت الحڪمة" جي شرح.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٢٨ | فلسفه | صدرا | علامه محمد بن ابراهيم صدرالدين شيرازي (١) | ٨۴١ھ/١۴٣٧ع |
| ٢٩ | ,, | شمس بازغه | ملا محمود بن محمد فاروقي جونپوري (٢) | ١٠٦٢ھ/١۴٣٧ع |
| ٣٠ | عربي ادب | مفيد الطالبين | مولانا محمد احسن نانوتوي | |
| ٣١ | ,, | نفحة اليمن | شيخ احمد بن محمد انصاري يمني | ١٨١٣ع |
| ٣٢ | ,, | نفحه العرب | مولانا اعزاز علي | ١٣٧٥ھ/١٩٥٥ع |
| ٣٣ | ,, | مقامات حريري | علامه ابومحمد قاسم بن علي الحريري | ٥١٦ھ/١١٢٠ع |
| ٣۴ | ,, | ديوان متنبي | احمد بن حسين الكندي المعروف ابن الطيب متني | ۴٠٠ھ/١٠٠٩ع |
| ٣٥ | ,, | ديوان حماسه | ابو تمام حبيب بن اوس طائي | ٢٣٢ھ/٨۴٦ع |
| ٣٦ | ادب | سبعه معلقه | امريءالقيس، عمرو بن عبدلبيد، عمرو بن مكتوم، حارث، عنتره بن شداد، زهير بن ابي سلمي حمادالراده (٣) | |

(١) علامه اثيرالدين ابهري جي "هدايت الحكمة" جي شرح.

(٢) الحكمة البالغه (مصنف خود) جي شرح.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٣٧ | منطق | امور عامه | سر سيد شريف جرجاني(١) | ٨٠٦هه/١٤٠٤ع |
| ٣٨ | ” | شرح عقائد جلالي | علامه جلال‌الدين محمد بن اسعد دراني (٢) | ٩٠٨هه/١٥٠٢ع |
| ٣٩ | ” | شرح عقائد نسفي | علامه سعيدالدين مسعود بن عمر تفتازاني (٣) | ٧٦٨هه/١٣٦٦ع |
| ٤٠ | ” | خيالي | علامه شمس‌الدين احمد بن موسيٰ الشهير بخيالي | ٨٧٠هه/١٤٦٥ع |
| ٤١ | علم ڪلام | مسامره | ڪمال الدين ابوالعالي محمد بن ناصرالدين عرف ابن الشريف | ٩٠٥هه/١٤٩٩ع |
| ٤٢ | سيرت و تاريخ | دروس التاريخ اسلامي | شيخ محي‌الدين الخياط (٤) | |
| ٤٣ | تاريخ | تاريخ ابوالفداء | اسماعيل ابوالفدا حموري | ٧٤٦هه/١٣٤٥ع |
| ٤٤ | طب | موجز | ابن‌النفيس علامه ابوالحسن علاؤالدين علي ابي‌معزم قرشي | ٦٨٧هه/١٢٨٨ع |
| ٤٥ | ” | قانونچه | علامه محمد بن عمر چغميني خوارزمي | ١٠٣٧ع |

(١) مواقف ـ مصنف عضدالدين جي مشهور ڪتاب ”مواقف“ جي شرح جو هڪ بحث.
(٢) عقائد عضديه جي شرح.
(٣) نجم‌الملت والدين نسفي جي ”مختصر في‌العقائد“ جي شرح.
(٤) مصنف جي وفات بعد سنڌس شاگرد محمد الباقر ڪتاب جو پنجون حصو مرتب ڪيو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ۴۶ | طب | حيات قانون | بوعلي سينا (۱) | ۴۲۷ه/۱۰۲۵ع |
| ۴۷ | ” | شرح اسباب | برهان الدين نفيس بن عوض کرماني (۲) | ۸۲۷ه/۱۴۲۳ع |
| ۴۸ | هيئت | تصريح | مولانا امام الدين بن لطف الله لاهوري | |
| ۴۹ | ” | شرح چغميني | علامه موسى بن محمود عرف قاضي زاده رومي (۳) | ۸۱۴ه/۱۴۸۸ع |
| ۵۰ | هندسه | بست باب اقليدس | علامه نصيرالدين محقق طوسي (۴) | ۶۷۲ه/۱۲۷۴ع |
| | | | ابوالحسن ثابت بن قره (۵) | ۲۸۹ه/۹۲۴ع |
| ۵۱ | مناظره | رشيديه | شمش الحق شيخ عبدالرشيد بن شيخ مصطفى (۶) | ۱۰۸۳ه/۱۶۷۲ع |
| ۵۲ | فقه | نور الايضاح | حسن بن علي الشرنبلالي | ۱۱۶۹ه/۱۷۵۵ع |
| ۵۳ | ” | قدوري | امام ابوالحسن احمد بن محمد المعروف قدري | ۴۲۸ه/۱۰۳۶ع |

(۱) ”قانون“ (بوعلي سينا) جو بخار سان تعلق رکندڙ حصو.
(۲) ابو زيد بن اسحاق بغدادي جي فصول بقراط جي شرح.
(۳) محمود ابن محمد چغميني جي ”ملخص ابن الهيثم“ جي شرح.
(۴) يوناني مان عربي ۾ ترجمو: پندرهن مقالا ۽ ۴۶۸ شڪلين تي مشتمل.
(۵) يوناني مان عربي ۾ ترجمو: حسن بن اسحاق جي ترجمي کان هن ۾ ڏه شڪليون وڌيڪ آهن.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٥٤ | فقه | ڪنزالدقائق | ابوالبرڪات عبدالله بن احمد عرف حافظ الدين نسفي | ٧١٠هه |
| ٥٥ | ,, | شرح وقايه | شيخ عبدالله بن مسعود عرف صدرالشريع ثاني(١) | ٥٤٣هه/١١٤٨ع |
| ٥٦ | ,, | هدايه اولين | علامه برهان‌الدين علي بن ابي‌بڪر مرغياني | ٥٤٣/٥٩٣ع |
| | ,, | الهدايه في الفروع | — | ٥٩٣هه/١١٩٧ع |
| ٥٧ | ,, | هدايه آخرين | علامه برهان الدين علي بن ابي‌بڪر مرغيناني | ١١٣٥هه/١١٩٧ع |
| ٥٨ | اصول فقه | اصول الشاشي | نظام‌الدين الشاشي | ٧٥٤هه/١٣٥٣ع |
| ٥٩ | ,, | نورالانور | شيخ احمد عرف ملا جيون بن شيخ ابي‌سعيد جونپوري(٢) | ١١٠٥هه/١٦٩٣ع |
| ٦٠ | اصول فقه | حامي | حسام‌الدين محمد بن محمد بن عمر | ٦٤٤هه/١٢٤٦ع |
| ٦١ | ,, | توضيح | صدرالشريعه شيخ عبدالله بن مسعود(٣) | ٧٣٥هه/١٣٣٤ع |

(١) محمود بن عبيدالله صدرالشريعه الاڪبر جي ”مختصر الوقايه“ جي شرح.

(٢) عبيدالله بن احمد نسفي (٧٠١هه) جي ”شرح منار“ جي شرح.

(٣) خود مصنف جي ”تنقيح“ جي شرح.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٦٢ | اصول فقه | تلويح | علام سعدالدين تفتازاني(١) | ٧٥٨ھ/١٣٥٦ع |
| ٦٣ | ” | مسلم الثبوت | مولوي محب‌الله بن عبدالشڪور بهاري | ١٢٠٠ھ/١٧٨٥ع |
| ٦٤ | فرائض | سراجي | سراج الدين ابوطاهر محمد بن عبدالرشيد سجاوندي | ٧٠٠ھ/١٣٠٠ع وفات ڇهين صدي هجري جي آخر ۾ يا ستين صدي هجري جي وچ ڌاري |
| ٦٥ | اصول حديث | نخبة الفڪر | علام ابن حجر عسقلاني | ذوالحج ٨٥٢ھ/ جنوري ١٤٤٩ع |
| ٦٦ | حديث | مشڪواة المصابيح | ابومحمد حسين بغوي | ٥١٦ھ/١١١٢ع |
| ٦٧ | ” | صحيح البخاري | امام محمد ابوعبدالله بن اسماعيل بخاري | ٢٥٦ھ/٨٦٩ع |
| ٦٨ | ” | صحيح المسلم | ابوالحسين امام مسلم بن حجاج | ٢٦١ھ/٨٧٤ع |
| ٦٩ | ” | جامع ترمذي | امام ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي | ٢٧٩ھ/٨٩٢ع |

(١) خود مصنف جي ڪتاب ”توضيح“ جي شرح.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٧١ | ,, | سنن نسائي | امام عبدالرحمان احمد بن شعيب نسائي | ٣٠٦ھ/٩١٨ع |
| ٧٢ | ,, | شمائل ترمذي | امام ابوعيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي | ٢٧٩ھ/٨٩٢ع |
| ٧٣ | ,, | طحاوي | ابوجعفر احمد طحاوي | ٣٢١ھ/٩٣٢ع |
| ٧٤ | ,, | سنن ابن ماجہ | امام ابوعبدالله محمد بن ماجہ | ٢٧٣ھ/٨٩٢ع |
| ٧٥ | ,, | موطا امام مالڪ | امام مالڪ | ١٧٩ھ/٧٩٥ع |
| ٧٦ | اصول تفسير | فوزالڪبير في اصول التفسير | شاه وليالله محدث دهلوي | ١١٧٦ھ/١٧٦٢ع |
| ٧٧ | التفسير | جلالين | جلال‌الدين سيوطي | ٩١١ھ/١٥٠٥ع |
| ٧٨ | ,, | انوارالتنزيل تفسير بيضاوي | امام عبدالله بن عمر بيضاوي | ٧١٦ھ/١٣١٦ع |
| ٧٩ | ,, | تفسير ابن ڪثير | امام ابن ڪثير | ٧٧٤ھ/١٣٧١ع |

## درس نظامی جي درسي ڪتابن جو تعداد

| نمبر شمار | فن (مضمون) | ڪل ڪتاب | جملي صفحا | قديم ترين ڪتاب | جديد ترين ڪتاب |
|---|---|---|---|---|---|
| ١ | صرف | ١ | ٢٨٧ | ٨١٦ھ/١٤١٣ع | ١٢٧٧ھ/١٨٦٠ع |
| ٢ | نحو | ٧ | ٦٣٦ | ٦٢٠ھ/١٢٢٣ع | ١١٩٠ھ/١٧٧٦ع |
| ٣ | معاني و بيان | ٣ | ٥٥٢ | ٧٣٩ھ/١٣٣٨ع | ٧٤٥ ھ/١٣٤٤ع |
| ٤ | عروض | ١ | ٦٤ | ٦٢٦ھ/١٢٢٨ع | ٦٢٦ ھ/١٢٢٨ع |
| ٥ | منطق | ١٢ | ١٣١٣ | ٦٦٠ھ/١٢٦١ع | ١٢٤٤ھ/١٨٢٨ع |
| ٦ | فلسفه | ٣ | ٥٦٣ | ٨٤١ھ/١٤٣٧ع | ١٣٧٠ھ/١٩٥١ع |
| ٧ | عربي ادب | ٢٠ | ١٥٥٢ | ٢٣٢ھ/٨٤٦ع | ١٣٧٥ھ/١٩٥٥ع |
| ٨ | علم ڪتاب | ٤ | ٤٢٨ | ٧٦٨ھ/١٣٦٦ع | ٩٠٥ ھ/١٤٩٩ع |
| ٩ | تاريخ و سِيَر | ٦ | ٥٠٠ | ٧٤١ھ/١٣٤٥ع | — — |
| ١٠ | طب | ٤ | ٧٨٦ | ٤٢٧ھ/١٠٣٥ع | ١٠٣٧ھ/١٦٢٧ع |
| ١١ | هئيت | ٢ | ١٨٨ | ٨١٤ھ/١٤٨٨ع | — — |
| ١٢ | هندسه | ١ | — | ٦٧٢ھ/١٢٧٤ع | — — |

| نمبر شمار | فن (مضمون) | ڪل ڪتاب | جملي صفحا | قديم ترين ڪتاب | جديد ترين ڪتاب |
|---|---|---|---|---|---|
| ١٤ | فقه | ٦ | ٢٠٥١ | ٤٢٨ھ/١٠٣٦ع | ١١٦٩ھ/١٧٥٥ع |
| ١٥ | اصول فقه | ٦ | ٥٢٩ | ٦٤٤ھ/١٢٤٦ع | ١١٠٥ھ/١٦٩٣ع |
| ١٦ | فرائض | ١ | ٦٦ | ٦٠٠ھ/١٣٠٠ع جي آخر ڌاري | — — |
| ١٧ | اصول حديث | ١ | ٩٣ | ٨٥٢ھ/١٤٤٨ع | — — |
| ١٨ | حديث | ١٠ | ٦٣٣٧ | ١٧٩ھ/٧٩٥ع | ٥١٦ھ/١١٢٢ع |
| ١٩ | اصول تفسير | ١ | ٥٠ | ١١٧٦ھ/١٧٦٢ع | — — |
| ٢٠ | تفسير | ٣ | ١٨٨٦ | ٧١٦ھ/١٣١٦ع | ٩١١ھ/١٥٠٥ع |

نوٽ: علم نحو ۾ "شرح ماه عامل" جو مصنف جيڪڏهن ملا محمد صادق آهي ته قديم ترين ڪتاب سنه ١١٩٠ھ مطابق ١٧٧٦ع جو هوندو.

# درس نظامي مروج مدارس عربيه

## درجي وار ڪتابن جي تقسيم

| جماعت ۾ سال | صرف نحو | معاني بيان عروض | منطق فلسفه | ادب | سيرت النبي و تاريخ | علم ڪلام عقائد | فقه اصول فقه | مناظره | هيئت هندسه | تفسير اصول تفسير | حديث اصول حديث | طب |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سال پهريون | ميزان منشعب پنج گنج صرف مير علم الصيغه نحو مير شرح مائة عامل هدايت | — | ڪبري ايسا غوجي مرقات | | | | | | | | | |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سال پیو | النحو مفيد الطالبين فصول اكبري كافية شرح جامي بحث فعل بن عقيل | شرح تهذيب قطبي تصديقات مع مير | | الفتحة اليمن نفحة العرب | رساله سيرة مولانا عماد الدين | | نور الا يضاح قدوري | |
| ثيون سال | شرح جامي بحث اسم | المفتاح عروض المفتاح | العلوم ملا حسن | مقامات حريري | دروس التاريخ اسلامي (اول ثاني) | | كنزالا قائق اصول الشاشي | |
| چوتون | | مختصر | ميبذي | | دروس | شرح | نور الا | رشيديه |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | رسالہ میر زاهد ملا جلال | اسلامي (ثالث و رابع) | النسفي مع خيال | شرح وقايہ | | | | |
| پنجون سال | | تاريخ ابي الفداء (صرف مطالع) | مسامره شرح عقائد نسفي | حسامي هدايہ اولين | | جلالين فوز الكبير | مشكوه شريف نخبت المفكر | |
| چهون سال | | ديوان متنبي مع معلق ديوان حماسہ<br>تاريخ ابي الفداء (صرف مطالع) | | توضيح تلويح مسلم الثبوت هدايہ آخرين سراجي | تصريح شرح چغميني بست باب اقليدس | | | |
| ستون سال | مطول امور عامہ رحمة | تاريخ ابي الفداء | شرح عقائد جلالي | | | بيضاوي سوره بقره | | موجز، قانونچه نفيسي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| الله<br>قاضي<br>مبارک<br>صدر<br>الشمس<br>بازغ<br>صرف نحو معاني بيان عروض | (صرف<br>مطالع) | | حميات<br>شرح اسباب<br>جلد اول |

اٺون سال: صرف حديث جو دور ٿئي ٿو (بخاري، ترمذي، مسلم، ابو دائود، نسائي، شمائل ترمذي، طحاوي، ابن ماجه، موطا امام مالک، ۽ موطا امام محمد)

نائون سال: صرف قرآن شريف جو تفسير پڙهايو وڃي ٿو. (۱) ابن ڪثير، ثاث اول ۽ ثاني (۲) بيضاوي شريف (آل عمران) ثلث اول ثاني، ثالث قرات پاره عم جي مشق. مشق قرات عشره ربع اول پاره آلم. رسالہ فوائد مکيه. خلاصه البيان، جزوه شاطبيه الدرة البهيه وغيره ڪتب وڏيک قراة کالسواء.

## سنڌ ۾ عربي مدرسن جو قيام ۽ درجي بدرجي ترقي

| ضلعو | قبل پاڪستان | ١٩٥٠ع ۾ | ١٩٦٠ع ۾ | ١٩٧٢ع ۾ | جن مدرسن کي ايڊ نٿا ملن | جملي مدرسا |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪراچي | ٢ | ٣ | ٦ | ٩ | ١١ | ٢٠ |
| ٿرپارڪر | ٢ | ٢ | ٣ | ٤ | ٤ | ٨ |
| ٺٽو | ١ | ١ | ١ | ١ | ١ | ٢ |
| جيڪب آباد | ٢ | ٢ | ٤ | ٨ | ٦ | ١٤ |
| حيدرآباد | ١ | ٤ | ٩ | ١٣ | ٧ | ٢٠ |
| خيرپور | — | ١ | ٢ | ٢ | — | ٢ |
| دادو | ٣ | ٣ | ٣ | ٥ | ٢ | ٧ |
| سانگهڙ | — | — | — | ٣ | — | ٣ |
| سکر | ٥ | ٥ | ٩ | ١٥ | ١٥ | ٣٨ |
| لاڙڪاڻو | ٢ | ٣ | ٤ | ٨ | — | ٨ |
| نوابشاهه | ١ | ١ | ٣ | ٤ | ٢ | ٦ |
| ميزان سنڌ | ١٩ | ٢٥ | ٤٤ | ٧٢ | ٤٨ | ١٢٠ |

| ضلعو | سنڌ جي عربي مدرسن جا استاد | | | | | سنڌ جي لحاظ کان عربي مدرسا | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | مستند دارالعلوم | مستند مدرسا | سرڪاري مستند | بنان سند | حنفي ديوبندي | حنفي بريلوي | اهل حديث | شيعا | بنان تحصيل مسلڪ | جنجي ڪوائف نه آهي | ڪل مدرسا |
| ڪراچي | ٨٧ | ١٤ | ١٩ | — | ٤ | ٤ | — | ١ | ٣ | ١١ | ٢٠ |
| ٿرپارڪر | ١٣ | ١ | — | — | ٢ | ١ | — | — | ١ | ٤ | ٨ |
| ٺٽو | ٢ | ٦ | — | ٤ | ١ | — | — | — | — | ٢ | ٢ |
| جيڪب آباد | ٢٣ | — | ٥ | — | ٤ | ١ | — | — | ٣ | ٦ | ١٤ |
| حيدرآباد | ٦١ | ٥ | ٢٣ | — | ٦ | ٣ | — | — | ٤ | ٧ | ٢٠ |
| خيرپور | ١١ | ٣ | ٤ | — | — | ٢ | — | — | — | — | ٢ |
| دادو | ١٥ | ١ | ١ | — | ١ | ١ | — | — | ٣ | ٢ | ٧ |
| سانگهڙ | ٨ | — | ٣ | — | — | ٣ | — | — | — | — | ٣ |
| سکر | ٥٢ | ٨ | ٥ | — | ٩ | ٢ | — | — | ٤ | ١٥ | ٣٠ |
| لاڙڪاڻو | ٣٢ | ١٥ | ٩ | — | ٤ | ١ | — | — | ٣ | — | ٨ |
| نوابشاهه | ١٤ | ٤ | ٥ | — | ٢ | ٢ | — | — | — | ٢ | ٦ |
| ميزان سنڌ | ٣١٨ | ٥٧ | ٧٤ | ٤ | ٣٣ | ١٨ | — | ١ | ٢٠ | ٤٨ | ١٢٠ |

## سنڌ ۾ مضمون جي لحاظ سان عربي مدرسن جا شاگرد

| ضلعو | ڪل تعداد | | مضمون جي لحاظ سان شاگرد | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | ۱۹۶۰ع ء | ۱۹۷۲ع ء | تفسير | حديث | وسطاني | ابتدائي | فارسي | تجويد و قرات |
| ڪراچي | ۲۷۷۴ | ۱۱۷۲ | ۲۹ | ۳۹ | ۳۳۰ | ۲۰۴ | ۱۲۲ | ۴۲۳ |
| ٿرپارڪر | ۴۹۷ | ۱۵۷ | — | — | ۴ | ۱۵ | ۱۴ | ۲۲ |
| ٺٽو | ۲۷۸ | ۴۷۰ | — | — | ۱۵ | ۲۰ | ۲۵ | ۳۵ |
| جيڪب آباد | ۴۸۱ | ۲۷۳ | ۴ | ۴ | ۳۱ | ۵۶ | ۴۴ | ۴۲ |
| حيدرآباد | ۶۶۱ | ۱۰۷۱ | ۳۰ | ۴۲ | ۱۱۲ | ۱۵۲ | ۱۴۹ | ۱۹۵ |
| خيرپور | ۱۲۳ | ۱۲۳ | ۲۹ | ۱۴ | ۴۸ | ۸۰ | ۸۰ | ۴۱ |
| دادو | ۳۱۵ | ۲۳۶ | ۱۰ | ۱۰ | ۲۳ | ۳۲ | ۳۰ | ۵۳ |
| سانگهڙ | — | ۵۴ | ۸ | ۸ | ۱۰ | ۱۵ | ۱۱ | ۲۸ |
| سکر | ۷۴۷ | ۹۵۹ | ۴۴ | ۴۵ | ۱۲۵ | ۱۸۴ | ۱۲۹ | ۲۶۶ |
| لاڙڪاڻو | ۹۰ | ۵۰۳ | ۶۶ | ۴۵ | ۴۳ | ۹۹ | ۶۴ | ۱۰۰ |
| نوابشاهه | ۲۵۱ | ۳۲۳ | ۱ | ۱ | ۳۸ | ۶۵ | ۵۷ | ۱۶۱ |

| ضلعو | ڪل طلبا | مقامي | بيروني | غير ملڪي | مڊل | ميٽرڪ | ايف - اي بي - اي | السنه |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪراچي | ١١۷٢ | ٢٠٦ | ٣٢٨ | ٨۷ | ٢١ | ١۴ | ۴ | ٩ |
| ٿرپارڪر | ١٥۷ | ۴٦۴٦ | ٥١ | — | ٢ | ٥ | ١ | ٥ |
| ٺٽو | ۴۷٠ | ٣٨٠ | ٩٠ | — | — | — | — | — |
| جيڪب آباد | ٢۷٣ | ١١٦ | ١۴۴ | — | ٩ | — | — | ١١ |
| حيدرآباد | ١٠۷١ | ٣۷۴ | ٣۴٢ | ٢٢ | ٦٣ | ٨ | ٨ | — |
| خيرپور | ٣١٢ | ٥٠ | ٣٠ | — | — | — | — | — |
| دادو | ٢٣٦ | ٨۴ | ١٥١ | — | — | — | — | — |
| سانگهڙ | ٥۴ | ٩ | ۴٣ | — | ١۴ | — | — | — |
| سکر | ٩٥٩ | ۴۴٦ | ٣۴٦ | — | ٣٣ | ١۴ | — | — |
| لاڙڪاڻو | ٥٠٣ | ٢٠١ | ٢٢٥ | — | ۷ | ١٣ | ۴١ | — |
| نواب شاهه | ٣٢٣ | ١٦٦ | ١٥۷ | — | ۷ | — | — | — |
| ميزان سنڌ | ٥۴٣١ | ٢٠۷٨ | ١٩٠۷ | ١٠٩ | ١٥٦ | ٣٩ | ٥٢ | ١١ |

## سنڌ جي عربي مدرسن جا دارالڪتب، نصاب ۽ رهائش

| ضلعو | دارالڪتب: ڪتب | دارالڪتب: قلمي | دارالڪتب: جرائد | نصاب: درس نظامي | نصاب: السنه | نصاب: سرڪاري | رهائش: مقيم شاگرد | رهائش: اخراجات پيسا | رهائش: اخراجات روپيا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪراچي | ٤٥٠٠١ | ١١٦ | ٩٤ | ٧ | ٢ | ١ | ٨٨٧ | ٢٣ | ١٤٩٣٨٧ |
| ٿرپارڪر | ٦٣٠٠ | ١٤ | ٢٩ | ٣ | ١ | — | ٧٦ | — | ١١٦٠٠ |
| ٺٽو | ٢٧٦٠ | ٥ | ٨ | ١ | — | — | ٩٠ | — | ٢٠٠٠٠ |
| جيڪب آباد | ١٩٨٠ | — | ٢٧ | ٦ | ٣ | ١ | ١٣٤ | — | ٣٧٣٠٠ |
| حيدرآباد | ١١٤٧٧ | ١٣ | ٢٧ | ١١ | ٥ | ١ | ٣٠٩ | ١٣ | ٩٥٠٢٨ |
| خيرپور | ٢٥١٩ | — | ١٠ | ٢ | ١ | — | — | — | — |
| دادو | ٣٢٠ | — | ١ | ٣ | ١ | — | — | — | — |
| سانگهڙ | ١٢٠٠ | ١٥ | ١٨ | ٣ | ٣ | — | ٤٣ | — | ٧٨١٠ |
| سکر | ٧٥٨٥ | ٢٠ | ٣١ | ١١ | ٣ | ١ | ٣١٤ | — | ٢٠٠٠٠ |
| لاڙڪاڻو | ٨٦٨١ | ١٥ | ١٢ | ٨ | ٣ | ٢ | ٢٠٥ | — | ١٤٢٥٠ |
| نواب شاهه | ٤١١٠ | — | ١٦ | ٤ | ٢ | — | ١٨٦ | — | ٩٥٠٠ |

# سنڌ جي عربي مدرسن جي آمدني ۽ خرچ

| ضلعو | آمدني | | خرچ | |
|---|---|---|---|---|
| | پيسا | رپيا | پيسا | رپيا |
| ڪراچي | ٠٨ | ٦٥٧٨٧٧ | ٩٤ | ٦٢٦٧٣٤ |
| ٿرپارڪر | — | ٣٢٥٠٠ | — | ٣٢٦٠٠ |
| ٺٽو | — | ٥٠٠٠٠ | — | ٥٠٠٠٠ |
| جيڪب آباد | ٦٩ | ٥٧٥٤٧ | ٥٦ | ٦٥٧٢٠ |
| حيدرآباد | ٧٩ | ٣١٠٢٣٢ | ٠٧ | ٣٠٠٢١٢ |
| خيرپور | — | ٣٧٨١٥ | — | ٣١٦١٥ |
| دادو | ٢٥ | ٦٩٦٣ | — | ٧١٣٠ |
| سانگهڙ | — | ٢٧٠٠٠ | — | ٣٠٣١٠ |
| سکر | ٤١ | ١١٩٤٧٥ | ٦٧ | ١١٤٠٠٤ |
| لاڙڪاڻو | ٥٠ | ٤٢٣٧٤ | ٤٢ | ٥٠٧٨٥ |
| نوابشاهه | ٧٤ | ٣٩٠٢٢ | ٥١ | ٣٦٩٤٧ |
| ميزان سنڌ | ٤٦ | ١٣٨٠٨٠٨ | ١٧ | ١٣٤٦٠٦٠ |

# ببلوگرافي


١- زکريا بن محمد بن محمود قزويني- آثار البلاد و اخبار العباد ليدن، ١٩٠٦ع
٢- شمس الدين ابو عبدالله محمد بن احمد بشاري مقدسي- احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم- ليدن، ١٩٠٦ع
٣- ابن خرد ازبه- المسالک و الممالک- ليدن، ١٨٨٩ع
٤- ابوالحسن علي بن حسين بن علي مسعودي- مروج الذهب و معادن الجوهر- امپيريل پريس، پئرس.
٥- سيد سليمان ندوي- ارض القرآن (جلد اول)- دار المصنفين، اعظم گڙه، ١٣٢٢ ھ
٦- شهاب الدين ابو عبدالله ياقوت بن عبدالله حموي- معجم البلدان- مطبع مصر، ١٣٣٢ ھ
٧- شبلي نعماني- سيرت النبي (جلد اول) - دار المصنفين، اعظم گڙه، ١٣٣٢ ھ
٨- ابو حنيفه احمد بن دائود دينوري- اخبار الطوال- ليدن، ١٨٨٨ع
٩- شبلي نعماني- الفاروق- دار المصنفين، اعظم گڙه
١٠- ابو العباس احمد بن يحيٰ بن جابر بلاذري- فتوح البدان- ليدن، ١٨٩٤ع
١١- عبدالغني عبدالله- تاريخ سنڌ- سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، ١٩٣٩ع
١٢- خانبهادر مولوي محمد حسين- عجائب الاسفار. (ترجمو) جلد ١ — ٢، دهلي.
١٣- علامه عزالدين علي بن محمد بن اثير الجزري- الڪامل في التاريخ- جلد ١ — ٤، ليدن، ١٨٦٦ع

۱۴- سید ابو ظفر ندوي - مختصر تاریخ هند - دار المعارف - اعظم گڑهه ، ۱۹۳۸ع
۱۵- شمس العلماء مولوي محمد ذکاءُ الله دهلوي - تاریخ هندستان - عليگڑهه ، ۱۹۱۵ع
۱۶- رضا قلي خان هدایت - مجمع الفصحاء - تهران ، ۱۲۹۱ هـ
۱۷- ابوالقاسم محمد بن حوقل - المسالک و الممالک - آکسفورڈ
۱۸- عماد الدين اسماعيل بن ملک افضل نور الدين (ابو الفداء) - تقويم البلدان - پئرس ، ۱۸۴۰ع
۱۹- سليمان تاجر - سفرنامه - پئرس ، ۱۸۴۵ع
۲۰- شمس الدين احمد ابن خلکان - الخطط و الاثاروفيات الاعيان و ابناء الزمان - مطبوع قاهره ، مصر ۱۲۹۹ هـ
۲۱- خانبهادر خدا داد خان - لب تاريخ - رياض الهند پريس - امرتسر ، ۱۹۰۱ع
۲۲- تاريخ ابن واضح يعقوبي ، جلد ۱ --- ۲ ، ليدن
۲۳- جاحظ - رساله فخر السودان علي البيضان ، مصر ، ۱۳۲۴ هـ
۲۴- ابوالفضل بيهقي - تاريخ مسعودي - کلکتو ، ۱۸۶۲ع
۲۵- مولوي حکيم نجم الدين نجم الغني رامپوري - تذکره سلوک - نولکشور ، لکنو.
۲۶- نور الدين محمد عوفي - لباب الالباب - جلد ۱ - ۲ ، ليدن ، ۱۹۰۰ع
۲۷- قاضي اکرم جمال الدين القفطي - تاريخ الحکماء - ليپزگ ۱۹۰۳ع
۲۸- ابو العباس احمد بن ابي صبيح - عيون الابنافي طبقات الاطباء ، جلد ۱ - ۳ ، مصر ، ۱۳۰۰ هـ
۲۹- حاجي خليفه مصطفي بن عبد الله چلپي - کشف الظنون - ۱۸۳۵ع
۳۰- مولوي سيد حسن برني - البيروني - انجمن ترقي اردو ،

اورنگ آباد ، دکن
٣١- مير علي آزاد بلگرامي- خزانه عامره- لکنو، ١٨٧١ع
٣٢- شبلي نعماني- شعر العجم (جلد ٽيون)- لاهور
٣٣- امين محمد رازي- هفت اقليم (قلمي)-
٣٤- ملا نظام الدين احمد بخشي - طبقات اڪبري - ڪلڪتو ، ١٢٩٢ هه
٣٥- حڪيم محمد قاسم فرشته- تاريخ فرشته (اردو ترجمه) - نولڪشور ، لکنو
٣٦- قاضي منهاج الدين السراج جرجاني - طبقات ناصري- ڪلڪتو، ١٨٦٤ع
٣٧- شيخ غلام محمد- مرات محمدي- مصطفائي پريس ، بمبئي ، ١٣٢٤ هه
٣٨- پروفيسر عباسي- سيرت المتاخرين- جلد اول ، لاهور
٣٩- سيد محمد ضامن ڪنتوري- عبرت ڪده سنڌ- مطبع شمسي، حيدرآباد دکن، ١٩٠٣ع
٤٠- شبلي نعماني- المامون- دار المعارف اعظم ڳڙه.
٤١- حافظ محمد اسلم جيراجپوري- تاريخ الامت- جلد - ٤ ، دهلي
٤٢- پروفيسر محمد عزيز - تاريخ دولت عثمانيه - جلد اول ، دارالمعارف، اعظم ڳڙه
٤٣- شيخ عبدالقادر بدايوني- منتخب التواريخ - ڪلڪتو
٤٤- سيد سليمان ندوي- خلافت هندستان- دارالمعارف اعظم ڳڙه ، ١٣٤٠ هه
٤٥- مير حسن علي خان "حسن"- شاهنامه سنڌ عرف ڪلهوڙن جي هار- سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد سنڌ ١٩٣٨ع
٤٦- شمس العلماء مرزا قليچ بيگ- تاريخ خيرپور- ١٩٢٤ع
٤٧- مترجمه لاله سوامي ديال- منوشاستر -

٤٨- عبدالرحمان جلال الدين سيوطي- تاريخ الخلفاء- ڪلڪتو
٤٩- جرجي زيدان مترجم محمد اسلم جيراجپوري- العلوم العرب- جلد - ٢
٥٠- محمد بن سعد واقدي- الطبقات الڪبير- ليدن، ١٣٢٢هه
٥١- ابوالفضل احمد بن علي بن محمد المعروف به ابن حجر عسقلاني- تهذيب التهذيب- المعارف، حيدرآباد دکن
٥٢ عمر بن محمد دائودپوٽو- چچنامه- مطبع لطوفي، دهلي ١٩٣٩ع
٥٣- محمد بن اسحاق الوراق ، المعروف به ابن النديم- ڪتاب الفهرست- مصر، ١٣٠٣ ه.
٥٤- اڪبر شاه- آئينه حقيقت نما- لکنو
٥٥- مولوي غلام سرور- خزينة الاصفياء- جلد - ٢، لاهور
٥٦- مولانا عبدالماجد- تصوف اسلام- اعظم ڳڙه
٥٧- شهزاده محمد دار الشڪوه- سفينة الاولياء- لکنو ١٩٠٠ع
٥٨- مير خوند محمد بن خاوند شاه هروي- روضة الصفاء- ليدن، ١٨٣٢ع
٥٩- علامه شمس الدين شهر زوري- نزهة الارواح و حديقة الافراح- ( قلمي )
٦٠- سيد الطاف علي بريلوي- تعليمي مسائل
٦١- مولوي معين العين افضل ڳڙهي- علم و عمل
٦٢- محمد امين زبيري- مسلم خواتين ڪي تعليم- ڪراچي، ١٩٦١ع
٦٣- مخدوم محمد جعفر بوبڪائي- حاصل النهج (فارسي)- پير جهنڊو
٦٤- سيد يعقوب شاه- سنڌ جا عربي درسگاه- ( ايم- اي لاءِ مقالو)، سنڌ يونيورسٽي
٦٥- قادر بخش پٽي- سنڌ ۾ سرهندي سڳورن جون سماجي، ثقافتي ۽ ادبي سرگرميون- (ايم- اي لاءِ مقالو)، سنڌ يونيورسٽي
٦٦- شمس العلماء عمر بن محمد دائود پوٽو - آتم ڪهاڻي
٦٧- ابو القاسم محمد بن حوقل- صورت الارض
٦٨ مخدوم محمد عاقل- آئين جهان نما (فارسي)- کهڙا لائبريري

٦٩- شيخ اظهر تتوي- تحفة الطاهرين-
٧٠- مولوي الهه بخش ابوجهو- سنڌ جو شاهنامو
٧١- محمد ابراهيم جويو- ايميلي عرف تعليم- ٽريننگ ڪاليج فار مين ، حيدرآباد
٧٢- مولانا دين محمد وفائي- تذڪره مشاهير سنڌ- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ، ١٩٧٤ع
٧٣- ڊاڪٽر گستاولي بان مترجم سيد علي بلگرامي- تمدن عرب اردو ترجمو، حيدرآباد دکن.
٧٤- سراج الحق ميمڻ- سنڌي ٻولي- عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ ، ١٩٦٤ع
٧٥- ڀيرومل مهر چند آڏواڻي - قديم سنڌ- سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ١٩٦٠ع
٧٦- هيمون ٽسانگ - سفر نامه (جلد - ٢)
٧٧- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ- حيدرآباد، ١٩٦٢ع
٧٨- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جامع سنڌي لغات- سنڌي ادبي بورڊ ، حيدرآباد ١٩٦١ع
٧٩- ڊاڪٽر هوت چند مولچند گربخشاڻي- مقدمو: شاهه جو رسالو- جلد اول، ١٩٢٤ع
٨٠- رگ ويد
٨١- منشي محمد سعيد احمد مارهروي- آمراءِ هنود- اورنگ آباد دکن، ١٩٣٢ع
٨٢- سيد سليمان ندوي- عرب و هند ڪي تعلقات
٨٣- عبدالواسع علي بن چلپي- انوار سهيلي- (ترجمو ترڪي زبان)
٨٤- ابراهيم علي بيجاپوري- همايون نامه- (اردو ترجمو) - مدراس ١٨٢٤ع
٨٥- فقير محمد گويا لکنوي- بستان حڪمت- (اردو ترجمو)
٨٦- علامه ابو الفضل- عيار دانش- (نگار دانش)- نول ڪشور

٨٧- مولوي حفيظ الدين "خرد افروز"- (اردو ترجمو)، دهلي
٨٨- محمد بخش واصف- انوار سهيلي- (سنڌي ترجمو) مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد
٨٩- ابن صاعد اندلسي- طبقات الامم
٩٠- امام بخاري- ادب المفرد باب بيع الخاد- مصر
٩١- البيروني- ڪتاب الهند و السند-
٩٢- محمد الخوارزمي- مفاتيح العلوم- ليدن، ١٨٣١ع
٩٣- جاحظ- ڪتاب البيان و التبين- جلد اول، مصري
٩٤- قاضي محمد سليمان منصورپوري- رحمة اللعالمين- جلد اول، لاهور
٩٥- ابراهيم رفعت- مراة الحرمين- جلد اول، مصر، ١٩٢٥ع
٩٦- سيرت ابن هشام
٩٧- ڪي- علي، ايم- اي- مسلم تهذيب جي مختصر تاريخ- ڍاڪا، ١٩٦٥ع
٩٨- مخدوم محمد جعفر بوبڪائي سنڌي- المتانة في مرسة الخزانة سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
٩٩- امام مالڪ بن انس- موطا-
١٠٠- محدث ابو دائود- سنن ابي دائود-
١٠١- ابو عيسى الترمذي- سنن ترمذي-
١٠٢- ابو عبدالرحمان النسائي- سنن نسائي-
١٠٣- ابوعبدالله محمد بن يزيد الماجه- سنن ماجه-
١٠٤- تاريخ ملت عربي
١٠٥- لال نوري- تهذيب النساء
١٠٦- گوئن جن، ١٨٤٢ع – ١٨٤٧ع
١٠٧- علام سمعاني- ڪتاب الانساب- ليدن، ١٩١٢ع
١٠٨- رحيمداد مولائي شيدائي- تاريخ تمدن سنڌ- سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، ١٩٥٩ع
١٠٩- ڊاڪٽر شيخ محمد اڪرم- آب ڪوثر

١١٠- ڊاڪٽر شيخ محمد اڪرم- موج ڪوثر-
١١١- ڊاڪٽر شيخ محمد اڪرم- رود ڪوثر-
١١٢- ڊاڪٽر شيخ محمد اڪرم- چشمه ڪوثر-
١١٣- رحيمداد مولائي شيدائي - تاريخ جنت السند- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٥٧ع
١١٤- عبدالرحمان جلال الدين سيوطي- حسن المحاضره- جلد اول، مصري ڇاپو.
١١٥- علامه سيد عبدالحي چشتي- نزهة الخواطر- جلد اول، ڇاپو حيدرآباد دکن.
١١٦- مخدوم امير احمد- تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو)- سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، ١٩٥٣ع.
١١٧- مير علي شير قانع ٺٽوي- تحفة الڪرام- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٧ع
١١٨- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مقدمه فتح نامه سنڌ المعروف چچنامه- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٦٦ع
١١٩- اصطخري- ڪتاب المسالڪ و الممالڪ-
١٢٠- ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ- المنصوره جي عرب رياست- سنڌ يونيورسٽي.
١٢١- بزرگ بن شهريار- "عجائب الهند"- ايڊن
١٢٢- تاريخ التشريع الاسلامي للخضري- مصري ڇاپو
١٢٣- شجره سادات رضويه نصرپور (اڻ ڇپيل)
١٢٤- هينري پاٽنجر- بلوچستان جو سفر (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ
١٢٥- مرزا قليچ بيگ- قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو- سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٦ع
١٢٦- فيروز شاهي برني- جلد- ٢، مطبوعه ڪلڪته، ١٨٦٢ع
١٢٧- مير معين جهونسپوري- ڪتاب منبع النساب-
١٢٨- تذڪره گلزار ابرار-

۱۲۹- مولانا عبدالرشيد نعماني- "مقدمة التعليم" (امام مسعود بن سنڌي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۶۵ع
۱۳۰- فصيح الدين- قاضي هرات فصيح، فاضل، عادل علاوالملڪ خراساني (فارسي ترجمو)
۱۳۱- عبدالحميد فڪري- العتيق العتيق (جلد اول)- ۱۹۷۱ع
۱۳۲- ابن مهلهل- بحوالہ سيرالبلاد و اقليم-
۱۳۳- مولانا احمد فريدي- تذڪره بهاء الحق زڪريا ملتاني- قصر الادب جگو والا، ملتان.
۱۳۴- ابن بطوط- سفرنامہ- نفيس اڪيڊمي، ڪراچي ۱۹۶۱ع
۱۳۵- مولوي سيد ابوالحسن- آئينہ اوڌ- مطبع نامي، ڪانپور
۱۳۶- مولوي نجم الغني رامپوري- مذاهب اسلام-
۱۳۷- جمالي دهلوي- سيرالعارفين- اردو ادب، علي ڳڙهہ
۱۳۸- سيد مطيع الله راشد برهانپوري- برهانپور ڪي سنڌي اولياء- سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۷۷ع
۱۳۹- حبيب الله سيوستاني- قلمي مسودات-
۱۴۰- منهاج العابدين الي الجنة- مطبوعہ ۱۲۸۸-۱۲۰۵-۱۳۲۳ هہ
۱۴۱- ابو حامد محمد- حجة الاسلام-
۱۴۲ تاريخ بدايوني
۱۴۳- اڪبرنامہ
۱۴۴- پير حسام الدين راشدي- مرزا غازي ترخان اور اسڪي بزم ادب-
۱۴۵- پير حسام الدين راشدي- مڪلي نامہ- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
۱۴۶- پير حسام الدين راشدي- تذڪره اميرخاني- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
۱۴۷- مير منشي ملا ابوالفتح- آداب عالمگيري- جلد ۱-۲، لاهور، ۱۹۷۱ع

١٤٨- پير حسام الدين راشدي - مقالات الشعراء- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ
١٤٩- بياض مخدوم محمد هاشم- جلد چوٿون (قلمي نسخو)
١٥٠- علامہ سيوطي- جمع الجوامع-
١٥١- اعجازالحق قدوسي - تذڪره صوفياء سنڌ- اردو اڪيڊمي، ڪراچي
١٥٢- مڪتوبات حاجي فقيرالله علوي رحہ شڪارپوري، مڪتوب دوم
١٥٣- مير جمال الدين علوي- بياض مع شجره حاجي فقيرالله شاهہ علوي
١٥٤- الحاج فقيرالله علوي شڪارپوري- قطب الارشاد-
١٥٥- خاندان علويان دامغان ڪا ايک مختصر تاريخي جائزه
١٥٦- فتوحات الغيبيه في شرح عقائد الصوفيه
١٥٧- تذڪره لطيفي، لطف الله بدوي
١٥٨- تذڪره علماء لاهور
١٥٩- مخدوم معين ٺٽوي- دراسات اللبيب في الاسوة الحسنه بالحبيب (مقدمه)
١٦٠- بيان العارفين
١٦١- ميمڻ عبدالمجيد- ڪريم جو ڪلام-
١٦٢- پروفيسر محبوب علي چنا- مهراڻ سالگره نمبر ٢٢ نومبر ١٩٥٩ع
١٦٣- محمد صديق ميمڻ- سنڌي ادب جي تاريخ- سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد ١٩٥١ع
١٦٤- غلام رسول مهر- تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا)- سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
١٦٥- تذڪ جهانگير- جلد اول، عليگڙهہ
١٦٦- شاهنواز خان- مآثر الامراء- جلد - ١
١٦٧- مقالات شبلي
١٦٨- محمد حسين آزاد- دربار اڪبري- مطبع لاهور

١٦٩– مولوي حڪيم عبدالحي- ياد ايام-
١٧٠– مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽوي- تڪلمه مقالات الشعراء-
سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، ١٩٥٨ع
١٧١– مولوي عبدالوهاب ملتاني- حاشيه صحيح مسلم-
١٧٢– شاه ولي الله دهلوي - انسان العين مشائخ الحرمين- مطبع
احمدي دهلي
١٧٣– والجبرتي- جلد اول
١٧٤– مخدوم عبداللطيف- ذب ذبابات الدراسات- (قلمي نسخو، ڪڏو)
١٧٥– شيخ غلام علي آزاد بلگرامي سبحة المرجان في آثار هندوستان-
١٧٦– غلام محمد شهوائي - شاه جو رسالو- مقدمه حيدرآباد،
١٩٥٠ع
١٧٧– نواب صديق حسن خان ڀوپالي- حجج الڪرام (فارسي)-
١٧٨– " " ابجد العلوم (عربي)-
١٧٩– ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- سنڌيون-
١٨٠– مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- بذل القوة في حوادث سني النبوه-
مقدمه مخدوم امير احمد عباسي
١٨١– علامه ابوالحسن صغير سنڌي - بهجة النظر شرح، شرح
نخبة الفڪر-
١٨٢– ذخيره الخوانين، جلد اول
١٨٣– ڪتاب النور السافر في اخبار القران العاشر
١٨٤– مرزا قليچ بيگ- تاريخ قديم سنڌ- حيدرآباد، ١٩٢١ع
١٨٥– شاه عبدالحق محدث دهلوي- اخبار الاخيار-
١٨٦– خلاصة الاثر في اعيان القرن الحادي عشر
١٨٧– "خيرپورنامه" ڪراچي، ١٨٩٤ع
١٨٨– عمدة المقامات
١٨٩– مخدوم عبدالواحد سيوستاني- بياض واحدي-
١٩٠– لائبرري مخدوم محمد مراد سيوستاني- فتح الفضل-
١٩١– حافظ ابن حاجر عسقلاني- فتح الباري شرح صحيح البخاري-

١٩٢- سيد علي محمد شاه، دائره شريف - بياض سيدي-
١٩٣- پير صاحب جهنڊو لائبرري- شرح منتخب مشڪواه-
١٩٤- قاضي محمد اڪرم- امڪان النظر شرح شرح نخبه الفڪر
١٩٥- مخدوم غلام محمد بگائي- مولود ۽ معجزا- (بگائي جي سنڌي)
١٩٦- مولانا محمد عاقل ثاني- تذڪره مخاديم کهڙا (قلمي نسخو)
١٩٧- ملفوظات سيد صبغة الله شاه، قلمي نسخو، لائبرري سنڌي ادبي بورڊ
١٩٨- مير غلام رسول مهر- تواريخ عجيبيه- ڪتاب منزل، لاهور
١٩٩- اليانع الجنسي، "عرب کان لواري جو سفر"
٢٠٠- مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي- منهنجي علي ڏائري-
٢٠١- خواجه نظام الدين مجددي شڪارپوري- "مخمص ڪريما".
٢٠٢- الاجازة للطريقة النقشبنديه-
٢٠٣- مولانا محمد قاسم ياسيني- بحواله عمدة الاثار في تذڪار اخبار الڪبار (فارسي)
٢٠٤- مولوي حڪيم محمد صادق رانيپوري- سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام- سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٩ع
٢٠٥- شاه عبدالرحمان- وحدة الوجود-
٢٠٦- مولانا عبدالغني ڪڍهري جا علمي رسالا ۽ تحريرون، سنڌس پوٽي مولانا عبدالله ڪڍهر واري جي معرفت
٢٠٧- مولانا محمد ملوڪ چانڊيو- سراج العاشقين-
٢٠٨- خليفو گل محمد هالائي- ملفوظات ڪنوزالمعرفت-
٢٠٩- علامه مفتي محمد پيرائي- مخزن الروايات-
٢١٠- ملفوظات پير سيد محمد ياسين راشدي جهنڊي وارو- صراط الطالبين-
٢١١- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- مصلح المفتاح (دائري وارن جي سنڌي) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٧٠ع
٢١٢- حبيب الله صديقي- پاٽ جا صديقي شجرو، ١٩٣٢ع

٢١٣- عبدالرؤف بلوچ- مدرسو دارالفيوض سونو جتوئي - تعلقو ڏوڪري.
٢١٤- سيد اسدالله شاه ٽڪڙائي- تذڪره شعراء ٽڪڙ- ١٩٥٩ع
٢١٥- مولوي محمد قاسم ڪڙهي ياسيني- مجموعه فتاوي قاسميه.
٢١٦- خود نوشته مولانا محمد بنوي، ٢٥ جمادي‌الاخر ١٣٧٧ه.
٢١٧- مولانا ابوالصدر فتح محمد سومرو- امروٽي اڪيڊمي- سکر
٢١٨- بياض سيد اميرالدين شاه، گمبٽ.
٢١٩- الطاف اثيم راڻيپوري- ساعت ساعت راه نهاريان.
٢٢٠- مسٽر الهه بخش (ايم. اي لاءِ لکيل مونوگراف)- مولانا دين محمد وفائي- پاتائي
٢٢١- حافظ نذر احمد- مغربي پاڪستان جي مدرسن جو جائزو- لاهور ١٩٧٢ع
٢٢٢- مولانا محمد يوسف ڪاندهيلوي- حيات صحابه (عڪسي)- اداره اشاعت دينيات
٢٢٣- مولانا سعيد انصاري- سيرالصحابيات - مطبع معارف اعظم‌ڳڙهه
٢٢٤- محمد حسين هيڪل (ترجمه حبيب اشعر)- حضرت عمر فاروق رضه - مڪتبه جديد لاهور، ١٩٥٩ع
٢٢٥- مولانا اشرف علي ٿانوري - تربيت السالڪ - مطبع احمدي لکنو، ١٩١٤ع
٢٢٦- پير محمد حسن- خزينة المعارف (ترجمه ابريز)- علمي ڪتب خانه لاهور.
٢٢٧- انتخاب علامه ضياءالدين عمر مصري- زبده البخاري (ترجمه)- نفيس اڪيڊمي ڪراچي، ١٩٦٥ع
٢٢٨- اڪبر شاهه نجيب‌آبادي- تاريخ الاسلام- لاهور، ١٣٤٣ ه
٢٢٩- رياست علي ندوي- اسلامي نظام تعليم- معارف اعظم‌ڳڙهه ١٩٤٨ع
٢٣٠- شاهه معين‌الدين احمد ندوي- خلافت عباسيه.

٢٣١- قاضي اطهر مبارڪپوري- عرب و هند عهد رسالت ۾- ندوه المصنفين جامع مسجد دهلي، ١٩٦٥ع
٢٣٢- سيد صباح الدين- تذڪره اولياءِ ڪرام- ادبستان لاهور، ١٩٤٨ع
٢٣٣- سيد رشيد احمد ”ارشد“- خلافت عباسيه-
٢٣٤- امام محمد بن اسماعيل البخاري- الجامع السند صحيح بخاري- مطبع الخيريه المصر ١٣٠٤هه
٢٣٥- امام مسلم بن الحاج نيشاپوري- صحيح مسلم- مطبع مجتبائي دهلي، ١٣١٩هه
٢٣٦- امام الغزالي- ڪتاب الحڪمه- مصر، ١٣٢١هه
٢٣٧- امام الغزالي- منهاج العابدين- مصر، ١٢٩١هه
٢٣٨- امام الغزالي- سراج السالڪين- نولڪشور پريس، ١٣١٨هه
٢٣٩- امام الغزالي- منهاج احياءِ العلوم- نولڪشور پريس، ١٢٩٠هه
٢٤٠- شاهه ولي الله- انفاس العارفين- دهلي
٢٤١- مولانا عبيد الله سنڌي- الهام الرحمان في تفسير القرآن- خادم وطن پريس، حيدرآباد، ١٩٦٦ع
٢٤٢- مولوي دين محمد وفائي- انتخاب صحيح بخاري- ڊيپلائي پريس، حيدرآباد ١٩٥٣ع
٢٤٣- مولانا قاضي محمد عثمان- شمائل ترمذي (ترجمه)- حڪيم عبدالحق، سکر ١٩٦٣ع
٢٤٤- مولوي عبدالڪريم قريشي- فضائل النبي ترجمه شمائل ترمذي- حاجي نظام الدين لال بزار سکر، ١٩٦٣ع
٢٤٥- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- قوت العاشقين- ١٩١٥ع
٢٤٦- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- بناءِ الاسلام- بمبئي، ١٩١٥ع
٢٤٧- صوفي آغا غلام نبي- سچل سرمست جو رسالو- ١٩٣٣ع
٢٤٨- احسان احمد ندوي- مذهبي علم- آر. ايچ. احمد برادرس حيدرآباد، ١٩٥٥ع

٢٤٩- مولوي حاجي احمد ملاح- فتح لواري- احمديه دارالاشاعت بدين، ١٩٥٨ع
٢٥٠- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي- حيات‌النبي- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٥٣ع
٢٥١- حاجي شاهنواز پيرزادو - الاهي آواز جـو آلاپ- چندن اليڪٽرڪ پريس، حيدرآباد ١٩٤٧ع
٢٥٢- حافظ محمد احسن چنه- قصص الانبياء - آر. ايچ. احمد ۽ برادرس حيدرآباد، ١٩٦١ع
٢٥٣- مولوي در محمد خاڪ- خزانة العارفين- مدينه پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو، ١٩٦٢ع
٢٥٤- مخدوم غلام حيدر- اسلامي تصوف- سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد ١٩٥٣ع
٢٥٥- شيخ قمرالدين- اصحاب صفه- انجمن اتحاد الشيوخ مٽياري، ١٩٥٧ع
٢٥٦- مولانا قاضي عبدالرزاق- اسلامي جي مشهور هستين جو احوال- ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي.
٢٥٧- آڏواڻي ڀيرومل- سنڌي ٻولي جي تاريخ - سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٥٦ع
٢٥٨- ايس. پي. ڇٻلاڻي- سنڌ جي اقتصادي تاريخ - سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٥٨ع
٢٥٩- ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي- لواري جا لال- ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ١٩٣٤ع
٢٦٠- مير محمد نظاماڻي- رسالو شاه ڪريم آر. ايچ. ايم. فتح برادرس حيدرآباد، ١٩٦١ع
٢٦١- غلام حسين دائو (مترجم) مقولات تصوف ۽ ملفوظات خواجه محمد زمان لواري وارو- انتظاميه درگاهه لواري، ١٩٧٢ع
٢٦٢- مخدوم عبدالله نري وارو- غزوات ۽ خلفاء الراشدين- بمبئي، ١٨٧٢ع

روئداد مدرسه مظهرالعلوم ولهيٽ- روئداد درسگاه دارالفيوض
ڪنور سليمان- روئداد مدرسه عربيه احرارالاسلام ڪراچي-
مخزن مدرسه عربيه شمس العلوم انڙ واه- روئداد دارالفيوض
هاشميه سجاول- روئداد مدرسه عربيه مظهرالعلوم کڏهه ڪراچي-
ڪئٽالاگ دارالعلوم اسلاميه پشاور-

٢٨١- سروري مخزن هالا، ٥١-١٩٥٢ع

٢٨٢- سروش (فارسي) ڪراچي، مارچ ١٩٥٨ع

٢٨٣- ستاره سنڌ، هفتيوار سکر، آگسٽ ١٩٣٤ع

٢٨٤- عرفان لطيف، حيدرآباد، جنوري ١٩٤٩ع

٢٨٥- ملا مخزن، حيدرآباد، جولاء ١٩٥٣ع

٢٨٦- مهراڻ روزنامه ڪراچي، سالگره نمبر ١٩٥٩ع ۽ ١٩٦٢ع

٢٨٧- مهراڻ سماهي، ١٩٥٥ع، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٦٠ع

٢٨٨- نئين زندگي ماهنامه، ڪراچي، جنوري ١٩٤٩ع، مئي ١٩٥٤ع، مئي ١٩٥٨ع، فبروري ١٩٦٠ع، مارچ ١٩١ع، آگسٽ ١٩٦٣ع

٢٨٩- قرآن شريف (مترجم)، مولانا محمد مدني ۽ مولانا غلام مصطفى قاسمي: سوره آل عمران ١٢٣، سوره انفعال ٤٢، سوره احزاب، سوره بني اسرائيل (پاره ١٥)، سوره العلق (پاره عم)، سوره بقره (پاره ١) ۽ پاره ٢٥، سوره ٤٢- پاره ١٢، سوره ١٢.

1. Garden Childe: V: The Most Ancient East, London, 1929.
2. Kemondy J – The Early Commerce of Babylon with India, 1898.
3. Weber A: The History of Indian Literature, London, 1882:
4. Oldenbery H: Religion D E S Veda, Berlin, 1894.
5. Bunbury E. H: "A History Ancient Geography, Vol II, London 1879

6. Sir John Marshall: A Marvellous culture, Surpassing in many respects. The splendour of Egypt and Mesopotamia.
7. "Sind Observer", Karachi, Wednesday The 27th October, 1937.
8. Cunigham; "Journal of the Asiatic Society", Calcutta 1881
9. Kohli. Sita Ram, "The Indus Civilization", 1934
10. Debells Gall, "History of Ancient Sanskrit Literature".
11. Max Muller, "India - what can it teach us? 2 Lecture V
12. Gazatteer of the Province of Sind, Karachi, Vol. I - 1907
13. Grierson, J. R. A. S. 1904 - Wackernagel, J. Altindische, Grammatik, Vol, I
14. V. A. Smith, "Early History of India", Oxford 1914
15, R. L. Mitra: "Indo - Aryans", Vol II
16: Elliot, H (Dowson), "History of India," Vol I & II, London 1934.
17. Marashman. J. C: "Abridgement of the History of India", London 1873.
18. The Cambridge History of India, Vol I
19. Cousens, Antiquities of Sind, Archaeological Survey of India".
20. M. A. Stein, SIR; Memoir on the Ancient Geography of Kashmir," Calcutta, 1899.
21. D. D. P. Sanjana: The Pahlvi Vendidad", Bombay, 1895
22. Marzban: The Paris in India, Vol. I, Bombay
23. U. T. Thakur, "Sindhi Culture", University of Bombay, 1959.
24. Journal of Royal Asiatic Society Research, Vol, II, 1898
25, Professor K. Ali,: "History of Muslim Culture", 1968
26. Maulana Muhammed Ali, "Religion of Islam".
27. Rev. J. M. Rodwell: "The Koran", London, 1918.
28. A. M. A: Shustery;, "Outlines of Islamic Culture".

29. Al-Jahidh, Al-Bayan wa al - Tabyin
30. Ibin al - Athir
31. Richmond, Moslem Architecture
32. K. A. C: Creswell, "Early Muslim Architecture".
33. P. K. Hitti, "History of the Arabs".
34. Ibn Khaldun, "Dinawari".
35. Khuda Bux, "Islamic Civilization".
36. Professor K. Ali, "Education under the Abbasides".
37. Syed M. Saeed, "History of Abbasides", 1974
38. Syed Amir Ali, "The Spirit of Islam".
39. Anrold, "Legacy of Islam".
40. Encyclopedia Britannica, Vol. XVI, XXV, London, 1950.
41. T. W. Arnold. "The Proceedings of Islam", Aligarh, 1915.
42. R. Hughes - Buller: Imperial Gazetteer of India, Vol, Baluchistan.
43. Journal of Sind Historical Society, Vol. III, December 1936 "The Legends of old Sind," Karachi.
44. Haig M. R: The Indus Delta Country.
45 Encyclopedia of Islam, Essay Samah
46. Selections from Records of Bombay Government No. XVII Shikarpur
47. J Douglas: Bombay and western India," 1893, London
48. Burton, Sir R. H: Sindh or un happy valley, London.
49. The Indian Year Book 1941 - 42, Vol, XXVIII, Archealogy Bombay.
50. Bernier's Travels, Vol. I
51. Alexander Burns, "Voyage to Bukhara".
52. Sarkar, J: History of Aurangzeb, Vol. I
53. Smith J. W. Gazatteer of the Province of Sind, Vol. I, XI, 1911.
54. Sir George Clarks, Minute: 24 April 1848-1854. Vol. XLIX
55. R. K. Pringle to Collectors, May 1848-1854, Vol. Bombay General Proceedings 1948, Vol. 25. 49.

56. Anderson to Captain Young, 19 July, 1848, Bombay General Proceedings.

57. Falkland, Minute of 28 July, 1849, Progs 5967

58. Burton, Memo, of 2nd May 1849

59. S. H. Illis, Report of Education in Sind, 1854 to 55

60. M. B. Pithwala: The lower Indus Basin, Karachi, 1936

61. Amir Ali, Syed: History of the Saracens, London, 1951

62. U. M. Daudpota Dr: The Influence of Arabic Poetry on the development of Persian Poetry, Bombay, 1934

63. Journal, Sind Historical Society, January, 1941, Karachi.

64. J. Abbot: Sind A re-interpretation of the unhapply valley, Karachi, 1907.

65. W. H. Moreland: From Akbar to Aurangzeb, 1923.

66. H. T. Sorely: Shah Abdul Lalif of Bhit, London, 1940.

67. Dr: U.M.Daudpota - A survey of Mass Education in India.

68. Mrs. A. R. M. Nilam - Education of Muslim Girls.

69. Syed Nurullah G. P. Naik: History of Education in India, Bombay, 1951.

70. Educational Reports and Records of I. S. & D. P. I. Province of Bombay (N. M. H. S.)

71. A History of Freedom Movement, Part II, Vol. II, Pakistan Historical Society, Karachi, 1961.

72. Libraries in Pakistan - A Guide to Institutiona Public and Special Libraries.

73: Dr. A. Ghafoor - Caligraphers of Thatta (with 37 plates)

74. Professor K. Ali - New History of Hind Pakistan - Muslim Conquest of Sind to the Present time.

75. Professor Hamiddin Khan - History of Muslim Education (India to Pakistan.)

76. Peter Mayne - The Saints of Sind.

77. Dr. Hamida Khuro-Language and Education in Sind. (Ph. D. Theseis)